سنڌي پھاڪا:
لسانياتي ۽ سماجي- ثقافتي اڀياس

مصنف

ڈاڪٽر روي پرڪاش ٽيڪچنداڻي

عربي- سنڌي لپيءَ ۾ آڻيندڙ:

ڦلومل ميگھواڙ

نظرثاني

ڈاڪٽر فھميده حسين

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

حيدرآباد، سنڌ

2010ع

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو ڪتاب نمبر (150)

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

سنڌي پھاڪا: لسانياتي ۽ سماجي- ثقافتي اڀياس

مصنف:	ڈاڪٽر روي پرڪاش ٽيڪچنداڻي
عربي- سنڌي لپيءَ ۾ آڻيندڙ:	ڦلومل ميگھواڙ
تصحيح:	وليرام ولڀ
نظرثاني:	ڈاڪٽر فھميده حسين
چاپو:	2010ع (عربي- سنڌي لپيءَ ۾ پھريون چاپو)
تعداد:	1000
قيمت:	250/= روپيا

Catalogue Reference
Tekchandani, Dr. Ravi Parkash
Sindhi Proverbs: A Linguistic and
Socio- Cultural Study
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN: 978-969-9098-52-9

Sindhi Proverbs: A Linguistic and Socio- Cultural Study

Authored by:	Dr. Ravi Parkash Tekchandani
Transliteration:	Phuloomal Meghwar
Edited by:	Valiram Valabh
Revised by:	Dr. Fahmida Hussain
Edition:	First 2010 (In Arabic- Sindhi Script)
Quantity:	1000
Price:	250/-
Composed by:	Hussain Ahmed Memon & Ahsan Laghari
Title:	Asadullah Bhutto
Published by:	Taj Joyo, Secretary, Sindhi Language Authority Hyderabad, National Highway, Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan.
Tel:	022-9240050-53
Fax:	022-9240051
E-mail:	sindhila@yahoo.com
Website:	www.sindhila.org
Printer:	Pakeeza Printers, Hyderabad

هيءُ ڪتاب، تاج جويي، سيڪريٽري، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، ميشرس پاڪيزه پرنٽرس حيدرآباد مان ڇپرائي، اداري جي آفيس، نيشنل هاءِ وي، حيدرآباد، سنڌ مان پڌرو ڪيو.

فهرست

ناشر پاران	ڈاڪٽر فهميده حسين	7
دعا جا ٻہ ٻول	مُرليڈر جيٹلي	9
شُڪرگذاري	روي پرڪاش ٽيڪچنداڻي	13
تعارف	روي پرڪاش ٽيڪچنداڻي	16
پنهنجي پاران	ڏلومل ميگهواڙ	26

1. سنڌي ٻولي، ثقافت ۽ پھاڪا 29
1.1 سنڌي ٻولي 29
1.2 سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا ۽ خصوصيتون 32
1.3 سنڌي ٻوليءَ جا لهجا 36
1.4 آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ جي حالت 38
1.5 سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ 40
1.6 سنڌي لوڪ سنسڪرتي/ ثقافت 41
1.7 سنڌي لوڪ ثقافت جون مکيہ خاصيتون 47

2. پھاڪن جي بيهڪ ۽ وصف 52
2.1 پھاڪن جي اهميت 52
2.2 پھاڪن جا اشتقاق 57
2.3 ٻين ٻولين ۾ پھاڪن جا هم معنيٰ لفظ 63
2.4 پھاڪي جي وصف ۽ خاصيتون 68
2.5 پھاڪن جي سچائي ۽ ڪِن پھاڪن ۾ نظر ايندڙ تضاد 81
2.6 پھاڪا ۽ ٻيا سُخن 83
2.7 پھاڪو ۽ محاورو يا اصطلاح 85
2.8 محاورو ۽ ورجيس 85
2.9 پھاڪي، محاوري ۽ ورجيس ۾ فرق 87

3. پھاڪن جو جنم، اوسر ۽ ورهاست 90
3.1 پھاڪن جو جنم 90
3.2 پھاڪن جي جنم جي ترتيب 91
3.3 پھاڪن جي پيدائش جا مکيہ آڌار 93
3.4 پھاڪن جي ارتقا 102
3.5 پھاڪن جي ورهاست جا اصول 108

4. سنڌي پھاڪن جو لسانياتي اڀياس 115
4.1.1 ٻوليءَ جي سرشتي ۾ پھاڪا 115
4.1.2 سُوتر پريوگن (قاعدي موجب مقرر ڪيل استعمال) جا قسم 118
4.1.3 پھاڪن جي لساني بيهڪ ۾ فرق 122
4.1.4 پھاڪن جي عبارت 122
4.2 پھاڪن جي لساني تخليق 123
4.2.1 پھاڪن ۾ لفظن جي ترتيب 124
4.2.2 پد لوپ (لفظن جو حذف ڪرڻ) 127
4.2.3 حالتن جون پُراٽيون شڪليون 133
4.2.4 فعلن ۽ ڪردتن جا پراٽا روپ 137
4.2.5 اَوياڪرٽي (غير وياڪرٽي) جملا ناهڻ 139
4.2.6 پھاڪن ۾ جملن جا جُدا جُدا قسم 140
4.2.7 شعرن يا بيتن ۾ پھاڪا 144
4.2.8 پھاڪن ۾ ماٹھن جا نالا 145
4.2.9 پھاڪن ۾ انگن جو استعمال 148
4.2.10 پھاڪن ۾ پراٹن لفظن جو ذخيرو 152
4.2.11 سنڌيءَ جي لهجن جا پھاڪا 170
4.2.12 سنڌيءَ ۾ آڳاٽين ٻولين جا پھاڪا 175
4.2.13 سنڌيءَ ۾ ٻين ٻولين جا پھاڪا 179
4.2.14 سنڌي پھاڪن جو تقابلي اڀياس 182

4.3 سنڌي پھاڪن جو شاعريءَ جي علم موجب اڀياس 202

4.3.1 سنڌي پھاڪن ۾ شبد شڪتي (لفظن جي سگھ) 202

4.3.2 سنڌي پھاڪا ۽ النڪار (صنايع بدايع) 208

4.3.3 سنڌي پھاڪن ۾ ٽُڪ 216

4.3.4 سنڌي پھاڪا ۽ چند رچنا 223

5. سنڌي پھاڪن جو سماجي ۽ ثقافتي اڀياس 230

5.1 سنڌ جا تاريخي پھاڪا 230

5.2 قدرتي ماحول ۽ جاگرافيءَ متعلق پھاڪا 265

آبھوا ۽ موسم، مينھن جي موسم، اوپڙ، شھرن ۽ جاين متعلق پھاڪا، سنڌ بابت پھاڪا، سنڌ کان ٻاھر جي علائقن متعلق پھاڪا

5.3 جانور، پکي ۽ جيت جڙيا 281

جانورن، پکين ۽ جيتن سان تعلق رکندڙ عام پھاڪا: کير ڏيندڙ جانور، ڪم ايندڙ جانور، ننڍا جانور، جھنگلي جانور، گھرو جانور، پاڙيءَ جا جانور، پکي، ٻيا جيت جڙيا ۽ نانگ بلائون، جانورن، پکين ۽ جيتن سان تعلق رکندڙ عام پھاڪا

5.4 کيتي ٻاڙيءَ، پوک ۽ اناج متعلق پھاڪا 333

کيتيءَ جي اھميت، کيتيءَ جو طريقو، زمين جا قسم، ھاري، کيتيءَ ۾ مددگار جانور، کيتيءَ ۾ مددگار اوزار، کيتيءَ ۾ مددگار ٻيون شيون، فصل ۽ اناج

5.5 سماجي سرشتي ۽ حالتن متعلق پھاڪا 347

ذرم موجب ذاتين تي ٻڌل پھاڪا، ذات پات جي سرشتي موجب مختلف ذاتين تي ٻڌل پھاڪا، ڏنڊي ۽ پيشيوَر جاتين تي ٻڌل پھاڪا، جسماني اوڙائيءَ يا وِڏ متعلق پھاڪا، تقابلي پھاڪا، سرڪاري عملدار، گڏيل ڪٽنب ۽ رشتيدارن متعلق

پھاڪا، ناري جاتي (عورت ذات) متعلق پھاڪا، پاڙو ۽ پاڙيسري

5.6 ذرم ۽ زندگيءَ متعلق پھاڪا 386

ايشور يا ڏڻي سائينءَ متعلق پھاڪا، قسمت يا ڀاڳ ۾ ويساھ، دنيا چئن ڏينھن جو ڇُڻڪو، ڌن دولت جي اھميت، لوڪ ۾ وھنوار ۽ اخلاقي قول

5.7 ٻين موضوعن تي چوندِ پھاڪا 392

ٻولي ۽ سِکيا، صحت يا تندرستي، جوتش يا علم نجوم ۾ يقين، ھندن جي اخلاقيات ۽ ريتون، اڳڪٿيون، کل مذاق ۽ چيڙائڻ

5.8 ادبي چوٽيون 396

پيچاڙي 398

چوندِ مددي ڪتاب 400

سنڌي، ھندي، اردو، مراٹي، گجراتي

✡

ناشر پاران

ڪجھ سال اڳ جڏھن آءٌ شاھ عبداللطيف يٽائي چيئر ۾ ھئس تہ اسان ھڪ بين الاقوامي ڪانفرنس "سنڌ- ماضي، حال ۽ مستقبل" جي عنوان تي گھرائي ھئي، جنھن ۾ پارت مان سڏايل عالمن اديبن کي تہ ويزا ڪونہ مليا، پر ھڪ پارتي اديب جيڪو پنھنجي ذاتي دوري تي سنڌ آيل ھو، ان جي موجودگيءَ کي غنيمت ڄاڻي ڪانئس ھڪ مقالو پڙھايوسين- اھو ڊاڪٽر روي پرڪاش ٽيڪچنداڻي ھو. انھيءَ ملاقات دوران پاڻ ٻڌايائين تہ "مون دھلي يونيورسٽيءَ مان 'سنڌي پھاڪن جي لسانياتي ۽ سماجي- ثقافتي اڀياس' واري موضوع تي پي ايڇ. ڊي ڪئي آھي ۽ منھنجو گائيڊ شري مرليڌر جيٽلي ھو." جيٽلي صاحب جي علميت ۽ قابليت کان اسين سڀ واقف آھيون. روي پرڪاش پنھنجي ٿيسز تي مشتمل ڪتاب مون کي پيش ڪيو. مون ڏٺو تہ ڪتاب ديوناگري لپيءَ ۾ ھو، جيئن تہ مونکي ديوناگري لپي پڙھڻ اچي ٿي، ان ڪري اتي بينڊي بينڊي ٻہ ٽي صفحا اٽلائي ڏسڻ سان مون کي ڪتاب جي اھميت جو اندازو ٿيو، پر الائجي ڇو مون کي ان ڳالھ جو افسوس ٿيو تہ ھاڻي پارت ۾ عربي- سنڌيءَ بدران ديوناگري- سنڌيءَ ڏانھن لاڑو وڌي رھيو آھي... ۽ ڪو وقت ايندو جو نہ ھو اسان جا ڪتاب پڙھي سگھندا ۽ نہ ئي اسين سندن ڪتابن مان ڪو لاپ پرائي سگھنداسين. مون ان موضوع تي ساڻس ڊگھو بحث ڪيو. سندس چوڻ ھو تہ "جيڪڏھن اسين لپي نٽا بدلايون تہ مرڳو سنڌي ٻوليءَ کان ئي محروم ٿا رھجي وڃون. اسان جو نئون نسل ھڪ نئين صورتخطي سکڻ بدران اڳ ڄاتل صورتخطيءَ ۾ سنڌي پڙھڻ کي ترجيح ڏو ڏي. ٻي صورت ۾ ھو ٻوليءَ کان ئي بيزار ٿي سگھن ٿا. اسان کي لپيءَ کان وڌيڪ ٻوليءَ جو جياپو پيارو آھي."

بھرحال ھن پنھنجي خواھش ظاھر ڪئي تہ ڪاش ھيءُ ڪتاب ھتي سنڌ ۾ بہ پڙھيو وڃي، پوءِ ھن مون کي اھڙو الٹو (Transliteration) ڪرڻ جي لاءِ گذارش ڪئي. منھنجي لاءِ ان ڪم لاءِ وقت ڪيڏ ڏکيو ھو، ان ڪري صرف ايترو چيومانس تہ 'ڪوشش ڪنديس.' پوءِ

آھستي آھستي ڪري مون ان ڪتاب کي پڙھڻ شروع ڪيو. ھن ڪتاب کي پڙھڻ سان ٻہ ڳالھيون محسوس ڪيم، ھڪ تہ لپي مختلف ھئي، پر ٻي اوکي ڳالھ ھئي ان جي ٻولي، جيڪا سنسڪرت لفظن سان پري پئي ھئي. ھن ڪتاب کي صرف الٹو ڪرڻ جي نہ پر ترجمو ڪرڻ جي ٻہ ضرورت ھئي، جنھن لاءِ ڊڪشنري گڏ رکي ويھڻو ٿي پيو... ويھارو کن صفحا الٹو ۽ ترجمو ڪرڻ کانپوءِ مون ڪٽي بان ڪئي. تن ڏينھن ۾ منھنجو ھڪ شاگرد ڊلومل ميگھواڙ ايم. اي جو مونوگراف منھنجي نگرانيءَ ۾ لکي رھيو ھو، انھيءَ جو اھو ڪتاب ڏنو تہ پڙھڻ لاءِ گھريائين. مون کي اھو ڄاڻي خوشي ٿي تہ ھن کي ديوناگري لپي اچي ٿي. پوءِ مون کيس اھو پڙھڻ لاءِ ڏنو ۽ چيومانس تہ ان کي ٿورو ٿورو ڪري لپي بدلائي ۽ ترجمو ڪري ڏيکاري. انھن ئي ڏينھن ۾ مون کي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ۾ مقرريءَ جو آرڊر مليو ۽ ھتي اچي ڪم ڪار ھلائيندي ھڪ ڏينھن انھيءَ ساڳئي ڪتاب جي يادگيري آيم. اصل ڪتاب ۽ ان جا عربي- سنڌي لپيءَ ۾ ڪيل ڪي صفحا گھرائي پبليڪيشن ڪميٽيءَ اڳيان رکيا ويا، جنھن ان موضوع جي اھميت کي ڏسندي، ان جي اصولي منظوري ڏني ۽ ائين اھو ڪم باقاعدي ڊلومل ميگھواڙ کي ڏنو ويو. ھن صاحب ھن ڪتاب تي تمام گھڻي محنت ڪئي، پر ضروري سمجھيوسين تہ ان کي ٻنھي ٻولين جي ماھر سائين وليرام ولپ کان بہ ايڊٽ ڪرائجي ۽ پوءِ ائين ئي ڪيوسين. ان مرحلي کانپوءِ بہ جڏھن مون ڪتاب کي آخري پڙھڻي ڏني تہ لسانياتي حوالي سان لفظن توڙي وياڪرڻ جي اصطلاحن وغيره جي نظرثاني ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪيم... ائين آخر ۾ مون پاڻ بہ ھن ڪتاب جي نظرثاني ڪئي. اھڙيءَ ريت ھيءُ ڪتاب ڇڻ ڇٽن جي ھٽن مان نڪري اوھان تائين پھتو آھي. موضوع جي اھميت کي ڏسندي، مون کي اميد آھي تہ پڙھندڙن، خاص ڪري ٻوليءَ جي ماھرن توڙي شاگردن کي ھن مان گھڻو فائدو ٿيندو.

اميد ٿي ڪريان تہ ھيءُ ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ ھڪ اھم واڌارو ثابت ٿيندو.

25- مئي 2010ع

ڊاڪٽر فھميده حسين

حيدرآباد، سنڌ
چيئرپرسن
سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

دُعا جا ٻہ بول

روي پرڪاش ٽيڪچنداڻيءَ جو هيءُ تحقيقي مقالو "سنڌي پھاڪا: لسانياتي ۽ سماجي- ثقافتي اڀياس" شايع ٿيڻ تي مون کي تمام گھڻي خوشي محسوس ٿي رهي آهي. منهنجي نگراني ۽ رهنمائيءَ ۾ ڪيل هِن تحقيقي ڪم تي دهلي يونيورسٽيءَ روي پرڪاش کي 2003ع ۾ پي ايچ. ڊي جي ڊگري عطا ڪئي آهي.

هيءُ هڪ اهڙو موضوع آهي، جنهن تي تفصيل سان تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس ڪرڻ لاءِ مون گھڻن ئي شاگردن کي پئي چيو، پر سنجيدگي ۽ تفصيل کي ڏسي اُهي اڪثر اڌ‌ڪچي وک وڌائڻ جي همٿ نہ ڪندا هئا. اِن موضوع تي گھرو اڀياس ڪرڻ لاءِ مون وقت بوقت پنهنجين لکڻين ذريعي سنڌي عالمن جو ٻہ ڏيان پئي ڇڪايو. 1993ع ۾ 'سنڌي پھاڪا ۽ محاورا' نالي مون هڪ وڏي لغت مرتب ڪئي. اُن ۾ آنجهاڻي بزرگ عالم سنتداس پُنهون مل ڪشناڻي 'سنتل' ۽ منهنجا گڏ ڪيل اٽڪل ٻارنهن هزار سنڌي پھاڪا ۽ محاورا سمجهاڻيءَ سان گڏ داخل ڪيل آهن. اِن ڪتاب ۾ سؤ ڪن صفحن جو مقدمو ٻہ لکيم، جنهن ۾ سنڌي پھاڪن ۽ محاورن جي لسانياتي، سماجي ۽ ثقافتي اڀياس جي اهميت ٿوري ۾ سمجهائي ويئي آهي. اُها اختصار ۾ لکيل تمهيد پوءِ سنڌي عالمن ۾ ايتري تہ پسند پيئي، جو پارت ۾ اُها اُن ساڻئي سال ۾ جُدا ڪتابي صورت ۾ "سنڌي پھاڪا ۽ محاورا (هڪ اڀياس)" جي عنوان سان شايع ڪئي ويئي. پارت ۾ عربي- سنڌي لپيءَ کان غيرواقف طبقي خاص طور نوجوان پيڙهيءَ جي سنڌي پڙهندڙن ۽ شاگردن لاءِ انهيءَ ڪتاب جو ديوناگري- سنڌي لپيءَ جي شڪل ۾ روي پرڪاش ٽيڪچنداڻي اُن جو ٻيو ڇاپو 1998ع ۾ دهليءَ مان شايع ڪرايو.

'سنڌي پھاڪا ۽ محاورا: (هڪ اڀياس)' ڪتاب جون ڪجھ ڪاپيون مون سنڌ ٻہ موڪليون آهن. اُتي پڻ عالمن ان جو جوڳو قدر ڪيو آهي. انهيءَ موضوع جي نرالي اهميت کي سمجهندي، پوءِ روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو (سنڌ) طرفان، اِن ڪتاب جو نئون ڇاپو

سنڌيءَ ۾ بہ شايع ڪيو ويو. اُن کي پڙھي سنڌيءَ جي ڪن عالمن اِن موضوع تي وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ، مون سان لکپڑھ بہ شروع ڪئي آھي.

اِن موضوع تي انھيءَ کان اڳ سنڌي عالمن جو ڏيان بلڪل نہ ويو ھو. اُٽويھين صديءَ ۾ سنڌ ۾ انگريزن ننڍا ننڍا مجموعا تيار ڪري شايع ڪرڻ جي شروعات ڪئي ھئي. ڪِن عالمن پھاڪن ۽ اصطلاحن جي بنياد کي بہ سمجھائڻ جي ڪوشش ڪئي آھي، پر ڪنھن بہ انھن جي لساني بيھڪ، اھميت ۽ خاصيتن تي تفصيل سان بحث نہ ڪيو آھي. انھن ننڍن ننڍن مجموعن ۾ اسان جي سماجي، ثقافتي، تاريخي، جاگرافيائي علم جون گھٹيئي تصويرون سمايل آھن، جن ۾ اسان کي پنھنجي گذريل دؤر جا گھٹيئي لِڪيل پھلو ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اِنھيءَ حقيقت طرف سنڌي عالمن جو ڏيان تمام گھٽ ويو آھي.

"سنڌي پھاڪا ۽ محاورا: (ھڪ اڀياس)" نالي پنھنجي ڪتاب ۾ مون انھن ننڍن ننڍن پھاڪن ۾ بولين جي استعمال جي اھميت جي فقط ھڪ جھلڪ ڏني آھي. حقيقت ۾ انھيءَ جو مقصد اِھو ھو تہ انھيءَ مان اُتساھ حاصل ڪري بيا کي عالم اِن موضوع جو گھرائيءَ ۽ تفصيل سان اڀياس ڪن. اھا تمام گھٹي خوشيءَ جي ڳالھ آھي جو روي پرڪاش اِن ڏُکئي رستي تي اڳتي وک وڌائي آھي. ھُن پنھنجي لکيل تحقيقي مقالي ۾ سنڌي پھاڪن ۽ چوٽين جو تفصيلوار تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس پيش ڪيو آھي، جنھن لاءِ ھُن کيرون لھٹيون. روي پرڪاش انھيءَ موضوع جو تحقيقي اڀياس ڪرڻ لاءِ زباني روايتن مان بہ وڌيڪ پھاڪا گڏ ڪيا آھن. ان سان گڏوگڏ ھُن اِنھيءَ موضوع تي ھندي، اردو ۽ انگريزي وغيره بولين ۾ ڪيل تحقيقي ڪم جو تنقيدي نظر سان اڀياس بہ ڪيو آھي. انھن ڪتابن جا حوالا ھُن پنھنجي مقالي ۾ گھربل ھنڌن تي ڏنا آھن.

ھن مقالي ۾ سنڌي پھاڪن جي لسانياتي اڀياس وارو باب ھڪ سؤ صفحن کان بہ وڌيڪ آھي. انھيءَ ۾ پھاڪن جي لسانياتي تخليق انھن ۾ لغت، سينگارن ۽ چندن وغيره تي چگّي تفصيل سان بحث ڪيل آھي. سنڌي پھاڪن جي سماجي ۽ ثقافتي اڀياس تي بہ ڏيڍ سؤ

ڪن پھاڪن ۾ چگّي تفصيل سان چنڊچاڑ ڪيل آھي. ھن مقالي جا پھريان ٽي باب، پھاڪن جي خاصيتن تي، اصولن جي لحاظ کان، چنڊچاڑ پيش ڪن ٿا.

ھرھڪ بوليءَ ۾ پھاڪا ۽ چوٽيون، اصطلاح ۽ ورجيسون اھڙا ننڍڙا پريوگ آھن، جيڪي صدين کان ونڊي ان بوليءَ ۾ ھڪ مقرر شڪل ۾ استعمال ٿيا آھن. اُن بوليءَ جو ڪوبہ ڳالھائيندڙ، پنھنجي مرضيءَ موجب انھن جي لسانياتي بيھڪ ۾ ڪابہ قيرگھير نہ ٿو ڪري سگھي، جيڪڏھن ڪنھن اھڙي تبديلي ڪئي تہ پوءِ اُھي فقرا اُن بدليل شڪل ۾ بولين جي رواج موجب درست نہ ليکيا ويندا، يا ڪن حالتن ۾ اُھي بيان ۾ پنھنجي گھربل مطلب جو اظھار نہ ڪري سگھندا. مثال طور: "انڌن ۾ ڪاڻو راجا" پھاڪي ۾ جيڪڏھن اسين ساڳيءَ معنيٰ وارا ٻيا لفظ ڪتب آڻي چئون تہ "سورداسن ۾ ڪاڻو راجا" يا "نابينن ۾ ھڪ اکيو سلطان" تہ چاھي انھن پھاڪن جي معنيٰ ۾ ڪو فرق ڪونہ ٿو اچي، پر ھن بدليل شڪلين ۾ اھي پھاڪا سنڌيءَ ۾ قبول نہ پوندا. "گونگي گانءِ ھئڻ" (خاموش سياڻ وارو يا نھنو ھئڻ) اصطلاح کي بدلائي جيڪڏھن اسين چئون تہ "گونگي ڍڳي ھئڻ" تہ گھربل مطلب ئي ضايع ٿي ويندو. "پاڻي- پاڻي ٿيڻ" (لڄي ٿيڻ، شرمسار ٿيڻ) اصطلاح کي بدلائي جيڪڏھن چئون "جل جل ٿيڻ"، "آب آب ٿيڻ" يا "نير نير ٿيڻ" تہ اِھو محاورو نہ فقط پنھنجي گھربل معنيٰ وڃائي ڇڏيندو، پر اُن بدليل شڪل ۾ اھو سنڌيءَ ۾ مُروَج بہ نہ ليکيو ويندو. بولين ۾ انھيءَ قسم جي ننڍن فقرن کي مون "سوتر پريوگ" (Formula expressions) نالو ڏنو آھي. انھن جي استعمال سان، بولين جي نہ فقط ڳالھ بولھ واري فطري شڪل قائم رھي ٿي، پر اھا سھٹي ۽ اثرائتي بہ بڻجي پوي ٿي.

پھاڪن وانگر محاورن جو بہ بولين، سماج جي تھذيب ۽ ثقافت سان گھرو ناتو آھي. جيئن تہ گھوڑا ڙي گھوڙا (مصيبت پوڻ، دانھون ڪرڻ)، ڄڃ تي بيھڻ (اڏنگا خرچ ڪرڻ)، ٽاندو ٽوپي بند ڪرڻ (برادريءَ مان ڪڍڻ)، پير ۾ چنڇر ھئڻ (ٻڌڪڻ، رلڻ)، تيرھن تالو ھئڻ (چالاڪ ھئڻ، نخرا ڪرڻ)، گورو ئي گنگا تي ھئڻ (سڀ ڪجھ ناس ٿي

وجڻ)، اٽ چٽاڪو هئڻ (دشمني هئڻ)، چولو متائڻ (گذاري وجڻ)، وغيره گھڻيئي سنڌي محاورا آهن، جن جو بنياد سنڌ جي سيپتا ۽ ثقافت تي ٻڌل آهي. انهن جو ب وضاحت سان تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس ڪرڻ جڳائي. اميد آهي ت روي پرڪاش هاڻي انهيءَ موضوع تي ب تحقيقي ڪم شروع ڪندو.

مون کي ياد آهي ت 1988ع ۾ جڏهن مان پنهنجي احترام لائق بابا جن پنڊت ڪرشن چندر جيٽلي ۽ ننڍي پاڻ پرمود سان گڏ ايوڊيا (پارت جو شهر، جتي راجا رام چندر جي راج گدي هئي) جي تيرٿ ياترا تي ويو هوس، تڏهن پهريون پيرو روي پرڪاش، سندس وڏي پاڻ گيان پرڪاش 'سرل' ۽ ايوڊيا جي ٻين ساٿين سان ملاقات تي هئي. اُن وقت روي پرڪاش جي من ۾ سنڌيت جي سڪ جو جيڪو سلو ايريو هو، اُهو هاڻي آهستي آهستي وڌي وڻ ٿيو آهي. اُن زماني ۾ هو لکنؤ يونيورسٽيءَ ۾ ڪامرس جو شاگرد هو. سال ٻن اندر اهو ڪورس پورو ڪري، سنڌيءَ ۾ ايم. اي ۽ پي ايچ. ڊي ڪرڻ لاءِ دهلي يونيورسٽيءَ ۾ مون وٽ آيو هو. 1967ع ۾ جاول ۽ هندي ماحول ۾ پلجي وڏو ٿيل هڪ ٻالڪ، جيڪو پنهنجي سچي لگن، اٽڪ محنت ۽ اورچائيءَ سان سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جو اڀياس ڪري، سنڌيءَ ۾ پي ايچ. ڊيءَ جي ڊگري حاصل ڪري ٿو، روي پرڪاش اُن جو هڪ انوکو ۽ معتبر مثال آهي. اسان کي هُن ۾ گھڻيئي آسون، اُميدون آهن. شال هُو سنڌي ادب جا گھڻا پريندو رهي ۽ زندگيءَ ۾ وڌيڪ ترقي ڪندو رهي.

روي پرڪاش جي هن نيڪ ڪم مان جيڪڏهن ٻين ب ڪِن سنڌيءَ جي پريمين کي پنهنجي مادري ٻوليءَ ۽ ادب، سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت تي کوجنا ڪرڻ جو اُتساھ مليو، ت پوءِ هيءُ تحقيقي اڀياس پنهنجي مقصد ۾ سڦل ليکيو ويندو.

127 -D، ووڊيڪ وِهار،
دهلي، 100095
مئي 7، 2005ع

مرليڌرجيٽلي

شڪرگذاري

شڪرگذاريءَ جو جذبو دل ۾ اُٽندڙ احساس ۽ دلي خلوص مان پيدا ٿيندو آهي. خواهشن ۽ دلي همدردين ۾ مِٺ، محبت، پيار، دلار، عزت احترام ۽ عقيدت جو امرت سمايل هوندو آهي. مان سمجهان ٿو ت خواهش ۽ دلي سچائيءَ جو جذبو گھڻو ڪري سائنس جي اصول (Simple Harmonic Motion) تي ٻڌل هوندو آهي. يعني، جيتري سڪ ۽ محبت ڏٻي، موٽ ۾ پڻ اوتري ئي محبت ۽ آسيس حاصل ٿيندي.

بيحد احترام ۽ محبت جي لائق، جنهن کي علي الصبح ياد ڪجي، مانواري اُستاد ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي وٽان جيڪو پيار، عزت ۽ دعائون مون کي حاصل ٿيون آهن، تن لاءِ شڪرگذاريءَ جا فقط ب لفظ ڇئي انهن جو مُلهه گھٽ ڪرڻ نه ٿو چاهيان. هي اهڙا قيمتي احساس آهن، جن کي مان زندگيءَ ۾ پاڻ وٽ سانڍي رکڻ چاهيان ٿو. مون کي ياد آهي ت سائين جيٽلي صاحب جن پاڻ هڪ پيري پنهنجي سنڊوءَ ۽ ڊاڪٽر سُوريه ڪانت پاليءَ کي منهنجو تعارف ڪرائيندي چيو هو ت روي پرڪاش منهنجو ننڍو پٽ آهي، ت چا مان رڳو شڪريو ادا ڪري انهن امُلهه احساسن جي قيمت ڏيئي ڇڏيان؟ مان پنهنجي اُستاد جي قدمن ۾ بار بار ڪنڌ جهڪائي سلام ڪريان ٿو. سندن رهنمائيءَ کان سواءِ هي تحقيقي مقالو پورو نه ٿي سگھي ها.

محبت ۽ تعريف جي لائق گروماتا شريمتي سرلا جيٽلي جو ب مان ٿورائتو آهيان، جنهن ڪڏهن ب آسيس ڏيڻ ۾ ڪنجوسيءَ کان ڪم نه ورتو آهي. سندس سِڪ، پنهنجائپ ۽ شفقت پرئي سنيهه کي مان ڪڏهن ب وساري نه سگھندس. ادا سُڌير جيٽلي ۽ پاپي ريڻو ب مون کي هيءُ تحقيقي مقالو جلد پورو ڪرڻ ۾ وقت ب وقت اُتساهيندي پئي رهي آهي، جنهن لاءِ مان سندن ب ٿورائتو آهيان.

عزت لائق ماتا شريمتي سيتا ديوئ ۽ عزت لائق بابا سائين ڊاڪٽر ڪرم ويرِ ٽيڪچنداڻيءَ وٽان ب مون کي لڳاتار گھٽو اُتساھ ملندو رھيو آھي. پاڻ ھر روز منھنجي ۽ منھنجي تحقيقي ڪم جي واڌاري جي سنيار، فيض آباد مان ٽيلي فون رستي ڪندا رھندا آھن. سچ پچ تہ ھي مقالو مڪمل ڪرڻ ۾ سندن شفقت، احساس ۽ دعا جو گھٽو ھَٿُ آھي. مان گھڻي عقيدت ۽ محبت سان ھيءُ تحقيقي ڪتاب ڪين ارپيان ٿو. اسين پاڻ ۾ ڇھ پائر آھيون ۽ اسان جون ب پينرون آھن. مون کي اُنھن سيني وٽان ھن ڪم کي پوري ڪرڻ ۾ جيڪو سھڪار ملندو رھيو آھي، تنھن کي مان ڪڏھن ب وساري نہ سگھندس. پينرون ھرھڪ ديانتي ۽ شڪنتلا، ۽ منھنجا پائر گيان پرڪاش، جئ پرڪاش، پريم پرڪاش، وِشوَ پرڪاش، ۽ اَمر پرڪاش اُوکي سوکيءَ مون سان ڀانھن ٻيلي ٿي ٻينا ۽ ھميشہ ھيءُ تحقيقي ڪم جلد پورو ڪرڻ ۾ مون کي ھمٿائيندا رھيا. مان تھ دل سان سندن شڪرگذار آھيان.

اسان سيني کي ڄاڻ آھي تہ ماڻھوءَ جي زندگيءَ ۾ جيڪا پھرين نئين ڳالھ ٽيندي آھي، اُن کي گھڻي اھميت ھوندي آھي. پنھنجي زندگيءَ ۾ مون سي کان اول سنڌي پڙھڻ جو ڪم ڊاڪٽر ڪنھيالال ليکواڻيءَ جي نگرانيءَ ۾ پوني ۾ شروع ڪيو. انھيءَ ميدان ۾ ڊاڪٽر ليکواڻي نہ فقط منھنجو رھنما آھي، پر منھنجو اُستاد پڻ آھي. ھن جي ھمٿائڻ سان ئي مان پڙھائڻ جي ميدان ۾ ھيترو اڳتي وڌي سگھيو آھيان. ڊاڪٽر ليکواڻي پنھنجي ھر خط ۾ مون کي ٽيسز جلد پوري ڪرڻ لاءِ تاڪيد ڪندو رھندو ھو. اڄ اھو ڪم پورو ٽيڻ تي مان سندس اڳيان وري وري ڪنڌ جُھڪايان ٿو.

ممبئي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي شعبي جي چيئرمين ڊاڪٽر ٻلديو متلاڻيءَ جي شڪر ادائيءَ مان ڪھڙن لفظن ۾ ظاھر ڪريان؟ ھو جڏھن ب مون سان ملندو آھي تہ سندس پھريون سوال اِھو ھوندو آھي تہ "روي، ٽيسز ڪڏھن ٿو پوري ڪرين؟ اھو تحقيقي ڪم جلدي پورو ڪر تہ پوءِ ٻيا ڪم ھٿ ۾ کڻي سگھين." ھن وٽان لڳاتار جيڪو مون کي اُتساھ ملندو رھيو آھي، تنھن لاءِ مان سندس ٿورائتو آھيان.

دھلي يونيورسٽيءَ ۾ وڏي ۾ وڏي لائبرري آھي، "سينٽرل-ريفرنس لائبرري." اُن جي ھڪ ريسرچ روم ۾ مون کي تحقيقي ڪم ڪرڻ جي سھوليت حاصل ٿي. ان لائبرريءَ جي اھلڪارن جي سھڪار کي مان ڪڏھن ب وساري نہ سگھندس. ڪيترائي اٽلي ڪتاب اُتي مون کي پڙھڻ لاءِ آساني سان ملي سگھيا. اِن ڏس ۾ ڊاڪٽر جيٽلي ب پنھنجي شخصي لائبريريءَ مان گھٽيئي نايابَ ڪتاب اڀياس لاءِ مون کي ڏنا، جيڪي يونيورسٽيءَ جي لائبريريءَ ۾ توڙي ٻين ھنڌن موجود نہ آھن.

پي ايچ. ڊيءَ لاءِ ھيءُ تحقيقي مقالو لکڻ واري زماني ۾ ھڪ دؤر اھڙو ب ھو، جڏھن مان بي روزگار ھوس. اُن وقت فقط پنھنجن مائٽن وٽان ئي گذران لاءِ مون کي گھربل مالي مدد ملندي ھئي. اھڙي وقت ۾ مون کي دھلي سنڌي اڪيڈمي ۽ پوءِ انڊس ايڊ فائونڊيشن وٽان انھيءَ تحقيقي ڪم لاءِ فيلو شُپ جي روپ ۾ مالي مدد حاصل ٿي، جنھن ڪري منھنجون گھٽيون مشڪلاتون دُور ٿي ويون. ان لاءِ مان انھن ٻنھي ادارن جو نھايت ئي شڪرگذار آھيان.

آخر ۾، مان پنھنجي زندگيءَ جي ساٿي اندرا ۽ پياري پٽ اڪشر (شال وڏي ڄمار ماڻي) جو ب گھٽو ٿورائتو آھيان، جن جي سھڪار سان منھنجو ھيءُ نيڪ ڪم جلد پورو ٿي سگھيو آھي.

رڪشا ٻنڌن،
گرُوار 22 آگسٽ 2002ع

روي پرڪاش ٽيڪچنداڻي

تعارف

پارت ۾ جاول نوجوان پيڑھيءَ جا سنڌي ٻار اڪثر پنھنجي ٻوليءَ جي، ادبي ۽ ثقافتي وراثت کان ڏينھون ڏينھن ڪٽيا پيا وڃن. اِھو ڏسي من ۾ گھڻي پيڙا محسوس ڪندو آھيان. مان ٻہ اُنھن نوجوان سنڌين مان ھڪ آھيان، پر منھنجي حالت ڪي قدر نرالي آھي. منھنجو جنم 1967ع ۾ اُتر پرديش جي فيض آباد نالي شھر ۾ ٿيو. دستوري طريقي سان اسڪول ۾ پنھنجي مادري زبان سنڌيءَ جو اڀياس ڪري نہ سگھيس. شھر ۾ آس پاس جو ماحول، ھندي ٻوليءَ جو ھو، جنھن جو گھٽو اثر پوڻ لازمي ھو، پر اھڙي ماحول ۾ رھندي ٻہ پنھنجي گھر ۾ سنڌي ٻولي ۽ ثقافت سلامت ھئي. ماءُ پيءُ ۽ ڪٽنب جي وڏن پاتين نندي ھوندي کان ونيِ جيڪا سنڌيت جي سُٽي اسان ٻارن کي پياري، تنھن اسان ۾ پنھنجي مادري ٻوليءَ، تھذيب ۽ ثقافت سان چاھ رکڻ جو جذبو ۽ اُمنگ قائم رکيو. مون کي اَڄ ٻہ ياد آھي تہ فيض آباد شھر ۾ رھندڙ سنڌي ماستر شري رامچندر مون کي نندپڻ ۾ عربي- سنڌي اکر سيکاريا ۽ دعا ڪيائين تہ مون جيڪا ڪُني چاڑھي آھي، تنھن جو ڏَڪُ تون لاھيندين. تنھن وقت مان اِھا ڳالھہ سمجھي ڪونہ سگھيو ھوس. ماستر صاحب وٽ سنڌي پڑھڻ لاءِ موڪلڻ جو شرف منھنجي صوفي صفت بابا ڈاڪٽر ڪرم ويرِ ٽيڪچنداڻي جن کي آھي. ھو پڻ سکر ۾ اُنھيءَ ماستر وٽ پڑھيو ھو. اِن ريت خوش قسمتيءَ سان مان پنھنجي بابا سائينءَ جو اُستاد- پائي پٽ ٿي ويس. شھر جي سنڌي پنچائت ٻہ وڏن ڏڻ - وارن ۽ تھوارن تي پروگرام رکي سنڌيت کي زندھہ رکندي آئي ھئي. اِنھن ڳالھين منھنجي من ۾ پنھنجي ٻوليءَ جي وڏيڪ اڀياس ڪرڻ جو جذبو پيدا ڪيو، تہ اُن سان گڏ پنھنجيءَ ثقافتي روايت کي سمجھڻ ۽ سجاڻڻ لاءِ جستجو ٻہ جاڳائي.

ننديِ ھوندي کان ونيِ گھر ۾ ماءُ پيءُ ۽ ٻين کان پھاڪا ۽ چوٽيون اڪثر ٻڌندو رھندو ھوس. گفتگوءَ جي حوالي ۾ اُنھن جو مطلب سمجھہ ۾ اچي ويندو ھو. جيڪڏھن ڪو پھاڪو سمجھہ ۾ نہ آيو تہ اُن جو مطلب پڇڻ ۾ پنتي نہ پوندو ھوس. اِن طرح ٻوليءَ جي اِنھن ننڍين ننڍين عام فقرن طرف منھنجو خاص ڌيان ويو ۽ اُنھن جو وڏيڪ اڀياس ڪرڻ جو چاھہ پيدا ٿيو. ايم. اي (سنڌي) جي اڀياس دوران ٻہ سنڌي پھاڪن، چوٽين ۽ محاورن جي پيڙھہ ۽ اُنھن ۾ لڪل سماجي حالتن کي سمجھڻ طرف وڏيڪ ڌيان ڏينڊو ھوس. سنڌيءَ ۾ جيڪي پھاڪن ۽ محاورن جا مجموعا ھئا، اُھي سڀ پاڻ وَٽ گڏ ڪري، اُنھن جو اڀياس ڪيم. 1993ع ۾ جڏھن "سنڌي پھاڪا ۽ محاورا" جي عنوان سان سنتداس پنھون مل ڪِشِناڻي ۽ ڈاڪٽر مرليڌر جيٽلي جو وڏو ڪوش ڇپيو تہ اُھو ٻہ خريد ڪري اُن جو اڀياس ڪيم. اُن جي تنقيدي تمھيد مانُ واري ڈاڪٽر جيٽلي جي لکيل ھئي، جنھن منھنجو ڈاڻھس ڌيان ڇڪايو. اُن جي پڑھڻ سان جڏ تہ مون کي نئون دڳ ملي ويو. فطري طور من ۾ سوال پيدا ٿيو تہ ڇا اِن موضوع جو ايجا ٻہ وڏيڪ تفصيل سان اڀياس ڪري سگھجي ٿو؟ عقيدت ۽ عزت لائق پنھنجي اُستاد ڈاڪٽر جيٽلي صاحب کان پڇيم. جن ھڪدم وراڻيو تہ اِھا تمھيد تہ فقط ھڪ روپ ريکا يا خاڪو آھي، اِن جو گھڻي تفصيل سان اڀياس ڪرڻ گھرجي. اِن تي پوءِ مون کي جڏ تہ نئين روشني ملي ويئي. دل ۾ پڪو فيصلو ڪيم تہ اِنھيءَ موضوع تي مان ايجا ٻہ وڏيڪ تحقيق ڪندس. سنڌي پھاڪا ۽ محاورا ڪوش جي اڀياس سان گڏ ٻين سنڌي پھاڪن کي گڏ ڪرڻ جي ٻہ شروعات ڪري ڇڏيم، جيڪي اُنھيءَ ڪوش ۾ داخل ٿيل نہ ھئا.

تحقيقي اڀياس لاءِ مواد

ھن تحقيقي مقالي جي لاءِ جيڪي سنڌي پھاڪن ۽ محاورن جا سنڌ ۽ ھند ۾ ڇپيل سڀ ننڍا وڏا مجموعا مون پاڻ وٽ گڏ ڪيا آھن،

اُنھن ۾ وڏي ۾ وڏو ڪوش آھي "سنڌي پھاڪا ۽ محاورا"، جنھن ۾ اٽڪل ڇھ ھزار ڪن پھاڪا داخل ڪيل آھن.

اِنھن کان سواءِ 'جامع سنڌي لغات' (مرتب: ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ڇپائيندڙ سنڌي ادبي بورڊ، جامشورو/ حيدرآباد، سنڌ)، 'سنڌي لوڪ ادب' (ڇپائيندڙ سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، سنڌ) ۽ سنڌي ادب جي ٻين ڪتابن مان ٻہ سنڌي پھاڪا ۽ چوٽيون توڙي محاورا چونڊي گڏ ڪيا آھن.

اجمير، پوني، پنپري، اُلھاس نگر، بيراڳڑھ، سَتنا، ڪَٽني، لکنؤ، فيض آباد، آگري ۽ دھليءَ ۾ رھندڙ سنڌين سان ملاقاتون ڪندي ٻہ گھٽيئي اھڙا پھاڪا ٻڌم، جيڪي اڳين مجموعن ۾ داخل ٿيل نہ ھُئا ۽ نہ ڪو مون وٽ درج ٿيل ھئا. اِن ريت مون وٽ اٽڪل ڏھ ھزار سنڌي چوٽيون ۽ پھاڪا گڏ ٿي ويا. ھن تحقيقي اڀياس جو مکيہ آڌار منھنجو اِھو گڏ ڪيل مواد آھي.

ھن تحقيقي اڀياس جو دائرو

ھن کان اڳ سنڌيءَ ۾ پھاڪن ۽ چوٽين جو تحقيقي اڀياس گھٽي ياڳي نہ ڪيو ويو آھي. پيرومل مھرچند آڏواڻي ۽ عبدالڪريم سنديلي ڪن چونڊ سنڌي پھاڪن جي بنياد تي روشني وجھندي ننڍڙا ڪتاب سنڌيءَ ۾ لکي ڇپايا آھن، پر اُنھن ۾ سنڌي سماج، ثقافت وغيرہ جي ملندڙ عڪس جي اُپٽار ڪيل نہ آھي. منھنجي نظر ۾ فقط ھڪ ئي ڪتاب آيو آھي، جيڪو آھي 'سنڌي پھاڪا ۽ محاورا (ھڪ اڀياس)'. اِھو حقيقت ۾ ڈاڪٽر مرليڌر جيٹلي 'سنڌي پھاڪا ۽ محاورا ڪوش' (گڏ ڪندڙ: سنتداس پنھون مل ڪشناڻي، ڇپائيندڙ: پي. وي. ڪشناڻي ٽرسٽ، پوني، 1993ع) مرتب ڪندي اُن ۾ تمھيد جي شڪل ۾ لکيو ھو. پوءِ اِھو جدا ڪتاب جي روپ ۾ ٻہ شايع ڪيو ويو. اِن جي اھميت کي سجاڻي، اِن جو مون ديوناگري لپيءَ ۾ اُلٿو (Transliteration) ڪري 1998ع ۾ ٻيو ڇاپو ڇپائي پڌرو ڪيو. اِن جو مقصد ھو تہ نوجوان سنڌين کي پنھنجي اِنھيءَ ٻوليءَ جي وراثت کان واقف ڪرائجي.

جيئن اڳ ۾ ذڪر ڪيو ويو آھي تہ اِنھيءَ ڪتاب ۾ تحقيقي اڀياس جو فقط ھڪ خاڪو ڈنل آھي. اُن ۾ جدا جدا موضوعن جي تفصيلوار چنڊچاڻ ۽ اُپٽار ڪيل نہ آھي. اِنھيءَ ڪري سنڌي پھاڪن جي جدا جدا پھلوئن جو تفصيل سان اڀياس ڪرڻ لاءِ مون ھيءُ موضوع چونڊيو.

ھن تحقيقي مقالي ۾ سنڌي ٻولي ۽ ثقافت جي مختصر واقفيت ڈيئي پوءِ پھاڪن جي اصولن جي پھلوئن (پھاڪن جي بيھڪ، وصف، اھميت وغيرہ) تي بحث ڪيو ويو آھي. ھڪ جدا باب ۾ پھاڪن جي لسانياتي ۽ ادبي خصوصيتن جو تفصيل سان اڀياس ڪيو ويو آھي. سيني کان وڌيڪ اھميت پريو پھلو آھي، پھاڪن جو سماجي ۽ ثقافتي لحاظ کان اڀياس ڪرڻ. انھيءَ تي گھٽي تفصيل سان بحث ڪيل آھي ۽ ڪيترن ھنڌن تي ٻين ٻولين جي پھاڪن سان ٻہ پيٽ ڪيل آھي. اِنھيءَ لحاظ کان ڈسبو تہ ھن تحقيقي مقالي ۾ انھيءَ موضوع تي شايع ٿيل اڳئين اڀياس جي پيٽ ۾ گھٽيئي نيون ڳالھيون ملنديون.

سنڌي پھاڪن جا مجموعا:

زباني روايت ۾ تہ سنڌي پھاڪن جو استعمال تڏھن کان ونيِ ٿيڻ لڳو، جڏھن کان ونيِ سنڌي ٻولي ڈھين عيسوي صديءَ جي آس پاس اپيرنش ۽ ٻين پاڙيسري ٻولين کان الڳ ٿي پنھنجو نرالو روپ ظاھر ڪيو. سنڌ جي مشھور صوفي سنتن ۽ شاعرن جي شعر جون ڪجھ سٽون ٻہ سندن ئي دؤر ۾ يا ڪانئن ٽورو عرصو پوءِ مشھور ٿي پھاڪن جي پد تي پھچي ويون. جيئن تہ:

- آسر ۾ لاھيج، سڄڻ ٻاجھيندڙ گھٽو. (شاھ لطيف)
- تتي ٿڏيءَ ڪاھ، ڪانھي ويل ويھڻ جي. (شاھ لطيف)
- مُڻ پيڙيائي پلي، جي اُپتيءَ تہ واءُ. (شاھ ڪريم)
- جي پُڇٽا، سي نہ منجھٽا، جي پڇن سي ويڑ. (شاھ ڪريم)

سنڌ ۾ 1843ع ۾ انگريزن جي حڪومت برپا ٿيڻ کان اڳ جيڪو سنڌي ادب اسان کي لکيل شڪل ۾ ھٿ آيو آھي، اُن ۾ ٻہ اسان

کي پهاڪن جو استعمال نظر اچي ٿو. مثال طور: عبدالرحيم گرهوڑي (1778- 1738) جي ڪلام ۾ ڪي سنڌي چوٽيون قلمبند ٿيل ملن ٿيون.[1]

- رزق ڪنهن پر اچي، جيئن مينهنڑو وسي.
- ٽُڪُ ڏنگڑي هلي، ڪڑا پاسِڑي جهلي.
- ڪافر ڪُفر کان اُڪار، ڪارو گڏهه ڏوئي اُجار.

ٽالپرن جي دؤر جي خليفي محمود نظاماڻيءَ جي هڪ تصنيف ۾ به هڪ چوٽي ملي ٿي:

- ڏڏو ڪجي، ڏيکر ڪجي، هُو نه ڀجي ته پاڻ اُٿي ڀڄجي.[2]

پر اِن ۾ شڪ نه آهي ته سنڌي پهاڪن ۽ چوٽين کي گڏ ڪري ڪتابي شڪل ۾ ڇپائڻ جي شروعات انگريزن جي حڪومت سنڌ ۾ برپا ٿيڻ کان پوءِ ٿي. انهيءَ ڏِس ۾ پهاڪن جو پهريون مجموعو جيڪو هٿ آيو آهي، اُهو آهي، 'گل شڪر'. جنهن جو لکندڙ آهي ڪيول رام سلامت راءِ آڏواڻي. هو ٽالپرن جو ملازم هو. پوءِ جڏهن انگريزن سنڌ فتح ڪئي، ته انهن وٽ مختيارڪار جي عهدي تي مقرر ٿيو. سنه 1864ع ۾ ڪنهن سردار جي چوٽ تي سنڌي پهاڪا گڏ ڪرڻ شروع ڪيائين. هن 27 آڪٽوبر 1869ع تي اربع جي ڏينهن اهو مجموعو لکي پورو ڪيو. 'گل شڪر' ۾ ڪُل 570 سنڌي پهاڪا گڏ ڪيل آهن. اُنهن جي معنيٰ سمجهائيندي ليڪڪ هم- معنيٰ فارسي، هندي ۽ پنجابي پهاڪا به ڏنا آهن. 'گل شڪر' سنڌي نثر جي عبارت جي اڀياس کان هڪ عمدو ڪتاب آهي. آڏواڻيءَ اِهو ڪتاب پنهنجن ٻين ڪتابن 'گل' ۽ 'سوکڙيءَ' سان گڏ سرڪار جي تعليم کاتي کي ڏنو هو، پر اُهو ڪيترا ئي سال سرڪاري ڪٻٽن ۾ بند پيو هو. نيٺ ڪنهن سرڪاري عملدار جي نظر اُنهن تخليقن تي پيئي ۽ هُن ٽيئي ڪتاب سنه 1905ع ۾ ڇپائي پڌرا ڪيا.

[1] الانا، غلام علي، سنڌي نثر جي تاريخ، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد سنڌ (ٻيو ڇاپو) 1978، صفحو 9.

[2] الانا، غلام علي، سنڌي نثر جي تاريخ، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، سنڌ (ٻيو ڇاپو) 1978، صفحو 9.

اٺويهين صديءَ ۾ ڇپائيءَ جي لحاظ کان ڏسجي ته سنڌي پهاڪن جو پهريون مجموعو ڪتابي شڪل ۾ شايع ڪرڻ جو شرف ديوان ڪوڙي مل چندن مل ڪلناڻيءَ (1916- 1844) کي آهي. هو سرڪار جي تعليم کاتي ۾ عملدار هو ۽ ٻارن جي لاءِ گهٽيئي درسي ڪتاب لکيائين. سال 1889ع ۾ 'سنڌي پهاڪا' نالي سان ننڍو مجموعو ڇپائي پڌرو ڪيائين. اِن ۾ لڳ ڀڳ 1200 سنڌي پهاڪا گڏ ڪري الف- بي وار ڏنا ويا آهن. اُنهن جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي هن کانه ڏني آهي. اِنهيءَ باري ۾ هُو لکي ٿو ته: "اصل هرهڪ پهاڪو ڪيئن چوڻ ۾ آيو ۽ ڪهڑي وقت ۾ ڪيئن ڪم آڻجي، اِنهن جي بيان ڏيڻ جو اِرادو هوم... پر اِئين ڪجي ها ته غريب غربو يا چوکر ٻاکر وڻي نه سگهن ها." اِن مان ظاهر آهي ته وٽس وڏو ذخيرو موجود هو، پر ڪتاب جي قيمت وڌي وڃڻ جي ڊپ کان پهاڪن جي اُپتار ڪرڻ کان ڪنارو ڪيائين.

اٺويهين صديءَ ۾ روچي رام گجومل ڪرپالاڻي به سنڌي پهاڪن جو هڪ ڪتاب انگريزي معنيٰ ۽ هم- معنيٰ انگريزي پهاڪن سان گڏ 1892ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. اُن جو نالو آهي: A Hand book of Sindhi Proverbs ڪتاب ۾ 800 کن پهاڪا ڏنل آهن. هن ڪتاب جا پنج کن ڇاپا شايع ٿيا آهن.

سنڌي ٻوليءَ جي مشهور اديب مرزا قليچ بيگ 1925ع ۾ "پهاڪن جي حڪمت" نالي ننڍو ڪتاب ڇپايو. اِن ۾ جدا جدا ٻولين جا چونڊ پهاڪا ڏنل آهن. هڪ باب ۾ اٽڪل سنڌيءَ جا 800 کن پهاڪا الف- بي وار گڏ ڪري رکيا ويا آهن، پر انهن جي سمجهاڻي ڏنل نه آهي.

انهيءَ جي آس پاس سنڌيءَ جي ٻئي مشهور اديب پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ "پهاڪن جي پيڙهه" نالي هڪ مجموعو ڇپرائي پڌرو ڪيو. اُن ۾ هڪ سؤ ٻائيتاليهه پهاڪا ڏنل آهن. هرهڪ پهاڪي جي بنياد ۾ جيڪا ڪهاڻي يا واردات آهي، اُها به سمجهائي ويئي آهي. پيرومل هڪ ٻيو ڪتاب 'گلقند' نالي سان به سال 1928ع ۾ ڇپايو، جيڪو ٻن ڀاڱن ۾ آهي. پهرئين ڀاڱي ۾ 912 سنڌي پهاڪا الف- بي جي

ترتيب ۾ ڏنل آهن ۽ ٻئي پاڳي ۾ 1450 سنڌي اصطلاح معنيٰ سان گڏ ڏنل آهن. پهاڪن واري پاڳي جي مکيه خاصيت اِها آهي ته ليکڪ ڪيترن هنڌن تي ساڳي مطلب وارا پهاڪا هڪ هنڌ تي رکيا آهن، جن ۾ پهريون پهاڪو الف- بي وار ڏنل آهي. پيرومل هن مجموعي ۾ هندي ۽ فارسي پهاڪا به ڪِن ڪِن هنڌن تي ڏنا آهن.

'گلقند' ڪتاب جا سنڌ ۽ هند ۾ ٻيا ڇاپا به ڇپيا آهن. پارت ۾ انهيءَ جو ديوناگري لپيءَ ۾ به هڪ ڇاپو دهلي يونيورسٽيءَ طرفان 1962ع ۾ شايع ڪيو ويو. جيئن ته اهو ڇاپو ناياب ٿي ويو، ان ڪري 1985ع ڌاري انهيءَ ڪتاب جو ٻيو ڇاپو نوبل پرنٽرس، پوني طرفان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. پيرومل جو لکيل هي ڪتاب گهڻن ئي امتحانن ۾ درسي ڪتاب طور مقرر ڪيو ويو آهي.

ورهاڳي کان پوءِ سنڌ ۾ لوڪ ادب جي مشهور محقق ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي سنڌي پهاڪن جي اڀياس طرف گهڻو ڌيان ڏنو. هن جي لاڙو هرهڪ پهاڪي جي بڻ بنياد جي ڳولڻ طرف وڌيڪ هو. سال 1966ع ۾ سنديلي صاحب "پهاڪن جي پاڙ" نالي سان هڪ تحقيقي ڪتاب لکي شايع ڪيو. اُن ۾ هن اٽڪل هڪ سؤ سنڌي پهاڪن جي پاڙ سمجهائي آهي. سنديلي صاحب جي هن ڪتاب جو اڀياس ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته هن ڪجهه محاورا به شامل ڪري ڇڏيا آهن. جيئن ته:

- تيسمار خان هڻڻ.
- پيٽ ۾ ڪوئا.
- پيسا ئي پاٽيءَ ۾.
- چاندیا مگسي.
- رام ڪهاڻي.

سنديلي پوءِ 1987ع ۾ 'اصطلاحن جي اصليت' نالي سان جدا ڪتاب به لکي ڇپايو.

هند ۾ به ڪن عالمن سنڌي پهاڪن کي گڏ ڪرڻ ۽ انهن کي سمجهائڻ طرف ڌيان ڏنو آهي. 'پهاڪن جي پاڙهه' نالي سان سنڌي

پهاڪن جو هڪ ڪوش تيرٿ داس پيسومل هاتيراماڻيءَ ممبئي مان سن 1973ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. اِن ۾ اٽڪل ادائي هزار سنڌي پهاڪا معنيٰ سان گڏ ڏنل آهن.

ستارام داس جُڙيا سنگهاڻي 'ساحل' 'دُرِن جي دٻلي' نالي سان ٻن پاڳن ۾ سنڌي پهاڪن جو مجموعو سن 1982ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. انهيءَ ۾ ڪل 2771 سنڌي پهاڪا الف- ب موجب ڏنل آهن ۽ انهن جي معنيٰ به سمجهايل آهي. جئپور جي هڪ سنڌي عالم دادا مُورومل 'پهاڪن جي سوغات' عنوان سان هڪ سنڌي پهاڪن جو مجموعو ڇپايو آهي، جنهن ۾ اٽڪل 4500 سنڌي پهاڪا ڏنل آهن. هند ۽ سنڌ ۾ گذريل 50 سالن ۾ شاگردن جي ڏانوَ جا ننڍا ننڍا سنڌي پهاڪن جا مجموعا گهڙيئي ڇپايا آهن. انهن جي هتي اپٽار نه ڪئي وئي آهي.

وِشَوَناٿ دِنَڪر نروَڻي نالي مهاراشٽر جي هڪ عالم 'پارتيه ڪهاوت' جي عنوان سان ٽن پاڳن ۾ پارت جي ٻولين جي ڪهاوتن جو هڪ وڏو مجموعو ڇپائي پڌرو ڪيو، جنهن جو پهريون پاڳو 1978ع ۾ ٻيو پاڳو 1979ع ۾ ٽيون پاڳو 1983ع ۾ شايع ٿيو. انهيءَ جي پهرين ٻن پاڳن ۾ موضوع موجب انهن پارت جي ٻولين جا پهاڪا ڏنا ويا آهن، جيڪي ٻوليون اُن وقت پارت جي جوڙجڪ ۾ تسليم ٿيل هيون. ٽئين پاڳي ۾ هرهڪ ٻوليءَ جا چونڊ پهاڪا ڏنا ويا آهن، هن مجموعي ۾ اٽڪل 2000 سنڌي پهاڪا به شامل ڪيا ويا آهن، جيڪي ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي هندي ۽ انگريزي عنوانن سان گڏ لکي تيار ڪيا آهن. پارت جي ٻولين جي پهاڪن جو تقابلي (comparative) اڀياس ڪرڻ جي لحاظ کان هيءُ ڪتاب مددگار ثابت ٿيندو.

سنڌي پهاڪن جو وڏي ۾ وڏو ڪوش شايع ڪرڻ جو جس هند کي آهي. خبر نه آهي ته سنڌ ۾ اِن قسم جي لغات اجا تائين تيار ڪري چونه ڇپائي ويئي آهي؟ پوني جي عالم سنتداس پيسومل ڪشناڻي پنجويهن، ٽيهن سالن کان سنڌي پهاڪا ۽ اصطلاح پئي گڏ ڪيا. اِن قسم جي ساڳي رٿا تي ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي به تحقيق جاري رکي هئي. ٻئي عالم ساڳئي شهر ۾ هئا ۽ هڪ ٻئي جا دوست هئا. پنهنجن

گڏ ڪيل سنڌي پھاڪن ۽ محاورن جا دستخط ڀيٽيائون ۽ اُھي گڏ ڪري سنڌي 'پھاڪا ۽ محاورا' نالي سان وڏو ڪوش پوني مان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. ڇپائيءَ جو ڪم ھلي رھيو ھو تہ بزرگ عالم سنتداس لاڏاڻو ڪري ويو، پر سندس ساٿي ڊاڪٽر جيٺلي اُن رٿا کي عملي جامو پھرايو ۽ اُن ڪوش جي تڪميل جي جوابداري نيائي.

منھنجي ھن تحقيقي مقالي جو مکيہ آڌار اِھو ڪوش آھي، اِن کان سواءِ اٽڪل 4000 ڪن ٻيا سنڌي پھاڪا ٻہ مون پنھنجي ليکي گڏ ڪيا آھن، جيڪي ھن ڪوش ۾ داخل ڪيل نہ آھن. اِن مان ظاھر آھي تہ اٽڪل 10000 سنڌي پھاڪن جي آڌار تي مون ھن موضوع جو تحقيقي اڀياس ڪيو آھي.

ھن تحقيقي مقالي جي رٿا:

ھن تحقيقي مقالي ۾ سنڌي پھاڪن جو اڀياس پنجن بابن ۾ ورھائي پيش ڪيو ويو آھي:

پھرئين باب ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي ارتقا، لساني خصوصيتن، سنڌيءَ جي لھجن جي مختصر جاڻ ڏنل آھي. آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ جي ڳالھائيندڙن جو تعداد ۽ سنڌيءَ ۾ ٿيندڙ لساني تبديليءَ جو ٿورو بيان ڪيل آھي. پھاڪا ۽ چوَٽيون سنڌي ثقافت جو ھڪ حصو آھن. اِن ڪري ھن باب جي آخر ۾ سنڌي لوڪ ثقافت جي شڪل ۽ اُن جي خوبين جي چنڊچاڻ ڪيل آھي.

ٻئي باب ۾ پھاڪن جي وصف، اشتقاقن ۽ خصوصيتن جو بيان ڪندي انھن جي ٻيٺ ٻوليءَ جي ٻين ڪن فقرن سان ڪئي ويئي آھي. انھن ۾ خاص طور پھاڪي، چوٽيءَ، محاوري ۽ ورجيس جي وچ ۾ تفاوت سمجھايل آھي.

ٽئين باب ۾ پھاڪن جي جنم، ارتقا ۽ انھن جي ويڪرڻ جي جدا جدا اصولن تي بحث ڪيل آھي.

چوٿين باب ۾ لسانيات جي اصولن جي آڌار تي پھاڪن جي ٻوليءَ جي ٻيھڪ يا تخليق تي ويچار ڪيل آھي، پھاڪن ۾ گھٽو

ڪري ٻوليءَ جا اھڙا لفظ ۽ ويڪرڻي فقرا محفوظ ٿيل آھن، جيڪي اڃڪلھ ٻوليءَ جي ٻئي واھپي ۾ نہ ٿا اچن. اِن ڪري ٻوليءَ جي قديمي شڪل کي سمجھڻ لاءِ پھاڪن جو اڀياس گھڻي اھميت رکي ٿو. ھن باب ۾ شاعريءَ جي مکيہ اصولن جي آڌار تي پھاڪن جي ھيئت تي ٻہ بحث ڪيل آھي. اِن ۾ لفظ جي معنيٰ، سينگار، ٽُڪ، لئ ۽ چند رچنا مکيہ آھن.

پنجون باب پھاڪن جي سماجي ۽ ثقافتي اڀياس سان واسطو رکي ٿو. حقيقت ۾ ڏسجي تہ 'ثقافت' لفظ ۾ ڪنھن لساني سماج جا اندروني توڙي ٻاھريان سڀ پھلو شامل آھن. اِن ڪري انھن کي جدا جدا موضوعن ھيٺ ورھائي، پھاڪن جي چنڊچاڻ ڪئي ويئي آھي. اِن موجب ھن باب جا مکيہ موضوع ھيٺين ريت آھن:

(1) سنڌ جي تاريخ
(2) سنڌ جي جاگرافي
(3) وڻ پکي ۽ جيت جڻيا
(4) زراعت ۽ کاڌا پيتا.
(5) سماجي سرشتو ۽ حالتون.
(6) عام لوڪن جي زندگي.

انھن کان سواءِ ٻين ٻہ ڪن متفرقہ موضوعن تي چوند پھاڪا ڏنل آھن. پھاڪن جي دنيا جون ڪي ٻہ مقرر حدون نہ آھن. پھاڪا سماج، تھذيب ۽ ثقافت ۾ عام ماڻھن جي سوچ ويچار جي جدا جدا پھلوئن سان واسطو رکن ٿا. انھن جو اسين چاھي ڪيترو ٻہ تفصيل سان اڀياس چونہ ڪريون، اُن ھوندي ٻہ ڪي نہ ڪي ڳالھيون رھجي ويندیون.

ھن تحقيقي مقالي ۾ ڪوشش ڪري سيني اھم موضوعن تي مشتمل پھاڪا گڏ ڪري اُنھن جي چنڊچاڻ ڪئي ويئي آھي. اميد آھي تہ منھنجي ھي تحقيقي ڪوشش عالمن ۾ قبول پوندي.

روي پرڪاش ٽيڪچنداڻي

مترجم پاران

شاھ عبداللطيف ڀٽائي ڇيڙ ۾ "انسائيڪلوپيڊيا آف شاھ عبداللطيف ڀٽائي" تي ھلندڙ پروجيڪٽ جي ھفتيوار گڏجاڻيءَ دوران پروفيسر ڊاڪٽر فھميده حسين صاحبہ اسان سيني ريسرچرز جي رھنمائي ڪندي، ڳالھ ۾ ڳالھ ڪندي پنھنجي تمام گھڻين مصروفيتن جو ذڪر ڪندي چيو تہ "تمام گھڻا ڪم آھن، ڪيترو بہ ڪجي، پُڄي نٿي سگھان." تنھن جو مثال ڊاڪٽر روي پرڪاش ٽيڪچنداڻي جو ڪتاب ڏيکاري چيو تہ: "ھيءُ ڪتاب ديوناگري مان سنڌيءَ ۾ اُلٿو (Transliteration) ڪرڻ لاءِ مليو آھي، ڪيترائي ڏينھن گذري ويا آھن، وقت نہ ملڻ سبب مشڪل سان ڪي ڏھ ڪن صفحا ڪري سگھي آھيان" ۽ اچانڪ مون کان پڇيائين تہ "بابا! توھان کي ھندي پڙھڻ اچي!؟" ھندي تہ مون ننڍپڻ ۾ ڪجھ قدر پڙھي ھئي، مون کي خبر نہ ھئي تہ اُھا ننڍپڻ جي پڙھيل شيءِ جيڪا ائين ئي شغل ۽ مزي طور پڙھي ھئم، انھيءَ جي اچانڪ ڪا ائين ضرورت پوندي. ھڪو ٻڪو ٿي پيس ۽ ڪجھ قدر گھبرائجي جواب ڏنم تہ "مئبم! ٿوري گھڻي." اھا ڳالھ ائين گذري وئي پر منھنجي ذھن ۾ انھيءَ ننڍپڻ جي سکيل علم جي اھميت جو ڏس ڏيئي وئي. گھر اچي ھندي سکڻ جا ڪتابڙا ڏنم، انھيءَ خيال سان تہ ڪٿي وسري تہ نہ وئي آھي. ٿورو ذھن تي زور ڏيڻ سان پڙھڻ ۾ ڪامياب ويم. انھيءَ کان پوءِ ائين سوچيم تہ ڊاڪٽر صاحبہ کي ٽائيم ناھي ۽ آئون واندو وينو آھيان، ڇو نہ اھو ڪتاب مئبم کان وٺي آئون ئي ترجمو ڪريان. سو گذارش ڪرڻ کان اڳ ۾ ڏيڍ ٻہ مھينا کن ھندیءَ جا ڪتابڙا پڙھندو رھيس ۽ پنھنجو پاڻ کي انھيءَ ڪم لاءِ تيار ڪيم. اجا انھيءَ مرحلي ۾ ئي ھئس جو مئبم سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي چيئرپرسن جي حيثيت سان حيدرآباد ھلي

وئي. ھاڻ تہ عرض اجا بہ ٻيٽو سمجھيم، تہ، نہ صرف ڪتاب ڏيڻ فرمائين بلڪ اٿارٽيءَ پاران شايع پڻ ڪن. سو درخواست ڪيم ۽ اُھا قبول پئي. اٿارٽيءَ جا وڏا وڻ، اھو منھنجي لاءِ ھڪ وڏو اعزاز آھي.

ڊاڪٽر روي پرڪاش ٽيڪچنداڻي جي پي ايڇ. ڊي واري تحقيقي مقالي جي ديوناگري لپيءَ مان عربي- سنڌيءَ ۾ اُلٿو (Transliteration) ڪرڻ کان پوءِ ھڪ ڳالھ جو اندازو ٿيو تہ اسان وٽ (سنڌ ۾) ٿيندڙ تحقيق ۽ سرحد پار ٿيندڙ تحقيق ۾ وڏو فرق آھي. اسان وٽ ٿيندڙ تحقيق سمنڊ وانگر صرف گھرائي رکي ٿي، جنھن جي اونھائي ۾ معنيٰ جا موتي آھن ئي، پر ھند ۾ ٿيندڙ تحقيق درياءُ وانگر آھي، جنھن ۾ تازگي ۽ مٺاس آھي ۽ وڏي ڳالھ تہ وھکرو آھي، جيڪو اونھائين طرف وڃي ٿو. انھيءَ ۾ ڊاڪٽر روي پرڪاش جي محنت، محبت ۽ تپشيا جو ڪمال تہ آھي ئي، پر سندس رھنما پروفيسر مُرليڌر جيٽلي جي علم ۽ عقل سان گڏ سچائي، سنجيدگي ۽ مستقل مزاجيءَ جي پروڙ پوي ٿي. خشڪ ۽ ظاھري طور تي ھڪ اھڙو موضوع، جنھن تي ڪيترائي ائين چئي سگھن ٿا تہ "پھاڪا، پھاڪا ٿيندا آھن، انھن تي وري ڪھڙي پي ايڇ. ڊي، پر اھڙي خشڪ موضوع تي ڪمال جي اونھائيءَ ۾ ٿيل تحقيق کان پوءِ ڊاڪٽر صاحب کي دلي طرح داد ڏيڻ کان سواءِ رھي نٿو سگھجي، آئون صرف ايترو چوندس تہ جيڪڏھن ڪنھن کي 'تحقيق' کي سائنس ثابت ڪرڻ لاءِ دليل ڪپي تہ ڊاڪٽر روي پرڪاش جي انھيءَ مقالي جو مثال ڏيئي ڇڏي.

ٻوليءَ ۾ پھاڪا، ٻوليءَ جو روح ھوندا آھن ۽ زماني جي سچ، عقل ۽ دانائيءَ جو نچوڙ ھوندا آھن، انھيءَ ڳالھ جي پڪ اِھو ڪتاب اُلٿو ڪندي ٿي.

انھيءَ ڪم کي توڙ تائين پُڄائڻ ۾ منھنجي مدد ننڍڙي پيٽ خوشحالي ٻائي، ننڍڙن پائرن لڇپت راءِ، ڪيمچند راءِ، تيرٿداس، پرمانند راءِ ۽ مڪيش ڪمار ڪئي، جن جو ٿورائتو آھيان. آئون پنھنجي استاد محترم ڊاڪٽر لؤنگ اميراٽي (آغا خان يونيورسٽي) ۽ استاد ۽ مانيٽي

دوست ڊاڪٽر موهن ديوراج ٿونٽيا جو تمام گهڻو ٿورائتو آهيان، جن کن لفظن، لکڻين ۽ معنائن ۾ مدد ڪئي.

آخر ۾ آئون پروفيسر ڊاڪٽر فهميده حسين صاحبہ جو تمام گهڻو ٿورائتو آهيان، جنهن نہ صرف هيءُ اهم ڪم منهنجي حوالي ڪيو، بلڪ هر مونجهاري واري گهڙيءَ ۾ استاد بڻجي رهنمائي ڪئي ۽ انهن سپني استادن جو پڻ تهہ دل سان شڪرگذار آهيان، جن نہ صرف پرائمري کان وٺي هيستائين پنهنجي علم سان روشن آگر جهلائي علم ۽ ادب جي ميدان ۾ هلڻ سيکاريو، پر زندگيءَ جي ذاتي مسئلن ۾ پڻ مددگار رهيا ۽ همٿائيندا رهيا. آئون پنهنجي دل سان پنهنجو اهو علمي پورهيو کين منسوب ڪريان ٿو. الله کين صحت ۽ وڏي عمر بخشي. (آمين).

"ٿورا مَ ٿورا، مون تي ماروئڙن جا."

قلومل ميگهواڙ

1

سنڌي ٻولي، ثقافت ۽ ٻهاڪا

1.1 سنڌي ٻولي

سنڌي ٻولي، ٻارت جي آريائي ٻولين جي ڪٽنب مان هڪ ٻولي آهي.• اها هند پاڪ اُپکنڊ جي هاڻوڪين ٻولين ۾ مکيہ جاءِ والاري ٿي. ٻوليءَ جي ماهرن هاڻوڪين ٻارت جي آريائي ٻولين جي ارتقا جنهن ريت سمجهائي آهي، اُن موجب سنڌي ٻوليءَ جو جنم اُنهيءَ اوائلي پراڪرت ٻوليءَ مان ٿيو آهي، جيڪا ويدن واري زماني ۾ يا اُن کان ٻہ ڪجهہ صديون اڳ، هاڻوڪي سنڌ واري ايراضيءَ ۾ ۽ اُن جي آس پاس ڳالهائي ويندي هئي. اُنهيءَ جي جهلڪ اسان کي ڪي قدر رِگ وید جي منترن جي ٻوليءَ ۾ ملي ٿي. رگ وید جي ٻولي اُن دؤر جي اُتر- اولهہ هندستان جي ٻولچال وارين اوائلي پراڪرت ٻولين جي ادبي شڪل آهي.

ٻوليءَ جي ماهرن هند- آريائي ٻولين جي ارتقا کي ٽن دؤرن ۾ ورهايو آهي. اُهي هن ريت آهن:

(1) هند جي آريائي ٻولين جو قديم دؤر
(2) هند جي آريائي ٻولين جو وچيون دؤر
(3) هند جي آريائي ٻولين جو نئون دؤر

انهن ٽنهي دؤرن ۾ هندستان جي آريائي ٻولين جي ارتقا کي هيٺين ريت سمجهائي سگهجي ٿو:

(1) هندستان جي آريائي ٻولين جو قديم دؤر:

هيءُ دؤر رگ وید جي ٻوليءَ کان وٺي عيسوي سن کان اٽڪل 600 سال اڳ تائين آهي. هن دؤر ۾ اوائلي پراڪرت ٻوليون، ويدڪ سنسڪرت يا چندسَ ۽ لوڪ سنسڪرت ٻولي شامل آهن. عيسوي سن

• ان نظريي سان کي سنڌي ۽ غيرملکي متفق ڪونہ آهن (ادارو)

کان اڳ 600 ساڳ اڳ پاڻيني مُني پنهنجي مشهور وياکرڻ جي کتاب اشٹا ڏايايءَ (اٺن بابن وارو) ۾ عوامي ٻول چال واري سنسکرت (ٻوليءَ) جي شڪل تفصيل سان سمجهائي آهي. اِها ٻولي اُن وقت هندستان جي جدا جدا حصن ۾ سماج جي اوچي طبقي جا ماڻهو ڳالهائيندا هئا. رامائڻ، مهاڀارت، سنسکرت جا ٻيا شعري کتاب ۽ ناٽک وغيره اِنهيءَ سنسکرت ٻوليءَ ۾ لکيل آهن. پاڻِيني مُنيءَ جي وياکرڻ جي کتاب 'اشٹا ڏايايءَ' جي رچنا کان پوءِ سنسکرت ٻولي جي ويکارڻي شڪل ۾ تبديلي ٿيڻ گهٽو ڪري بند ٿي ويئي هُئي. انهيءَ جو ٻيو مکيہ ڪارڻ اِهو ٻہ آهي جو سنسکرت جو واهپو روزمرهہ جي زندگيءَ جي ٻول چال واري ٻوليءَ جي شڪل ۾ گهڻي قدر گهٽجي ويو هو. اُها پوءِ زندگيءَ ۾ گهڻي ياگُي ادبي ٻولي جي شڪل ۾ استعمال ٿيڻ لڳي. هن دؤر ۾ سنسکرت سان واسطو رکندڙ ٻولين کي گڏي "آڪاڻي هندستان جون آريائي ٻولين" جو نالو ڏنو ويو آهي.

(2) **هندستان جي آريائي ٻولين جو وچون دؤر:**

هيءُ دؤر هندستان جي ٻولين جي ارتقا جو اهو دؤر آهي، جيکو پاڻيني مُنيءَ جي زماني (عيسوي سن کان اڳ 600 سال) کان ونڊي 1000 عيسوي سن جي لڳ ڀڳ تائين آهي. انهيءَ دؤر جي آريائي ٻولين کي گڏي "وچئين دؤر جون هند آريائي ٻوليون" نالو ڏنو ويو آهي. هن دؤر جي ٻولين جي جاڻ اسان کي ان زماني جي لکيتن مان ملي ٿي. اُهي مکيہ طور هن ريت آهن:

(الف) پالي ۽ اشوڪ جا شِلالیک:

(600 سال عيسوي سن کان اڳ واري زماني کان ونڊي عيسوي سن جي شروعات تائين).

اُهي اوائلي پراکرت ٻوليون، جن مان ويدن جي سنسکرت جو ارتقا ٿيو، انهن جي ٻول- چال واري شڪل ۾ ڦيرگهير ٿيندي پئي رهي. پاڻيني مُنيءَ جي زماني ۾ ئي اوپر هندستان وارن ڪن علائقن ۾ رهندڙ آريا لوڪن جي ٻولين ۾ وياکرڻ ۽ اُچارن جي لحاظ کان چگي تبديلي اچي وئي هئي. اها پوءِ هندستان جي ٻين حصن جي آريائي

ٻولين ۾ ٻہ نظر اچڻ لڳي. اهڙيءَ طرح هندستان جي آريائي ٻولين جي ارتقا جو وچيون دؤر شروع ٿيو.

وچين دؤر ۾ هندستان جي آريائي ٻولي جي شڪل ۾ جيکا تبديلي آئي، اُن جي جاڻ اسان کي پاليءَ ٻوليءَ ۾ لکيل ٻُڌ ڌرم جي ساهت ۽ اشوڪ جي پٽر تي لکيل ليکن جي ٻوليءَ مان ملي ٿي. اُن زماني ۾ هندستان جي آريائي ٻوليءَ جي ٻول- چال واري شڪل ۾ گهڻ ۾ گهڻ ٽِن لهجن جا روپ ظاهر ٿي ٻينا، جيکي هئا، اوپر، اولهہ ۽ اُتر- اولهہ وارا روپ.

(ب) ادبي پراکرت ٻوليون:

عيسوي سن جي شروعات ڌاري هندستان جي جدا جدا ايراضين ۾ اوائلي پراکرت ٻولين مان ڪن ٻولين جي ايتري تہ ارتقا ٿي جو انهن ۾ ٻہ لکيل شڪل ۾ ادب سرجڻ لڳو. اهڙين ادبي ٻولين جا پوءِ وياکرڻ لکيا ويا، تہ انهن جو ٻہ روپ مقرر ٿي ويو. هن دؤر ۾ سنسکرت ۽ پالي ٻولين سان گڏ جيکي ٻيون ٻوليون ادب سرجڻ لاءِ استعمال ٿيڻ لڳيون، انهن کي "پراکرت" نالو ڏنو ويو. هن دؤر جون مکيہ پراکرت ٻوليون هن ريت آهن:

- شورسيني (اولهہ پارت جي ادبي پراکرت)
- ماگڌي (مگڌ يا ڏکڻ ٻِهار جي ادبي پراکرت)
- ارڌ ماگڌي (ڪاشي ۽ ڪوشل علائقن جي ادبي پراکرت)
- مهاراشٽي (هاڻوڪي مهاراشٽر ۽ اُن جي پروارين ايراضين جي ادبي پراکرت)
- پئشاچي (اُتر- اولهہ پارت جي ادبي پراکرت)

(ج) اَپيرنش:

جڏهن پراکرت ٻولين جو ادب ۾ استعمال ٿي رهيو هو، تڏهن انهن جي ٻول- چال واري شڪل ۾ لڳاتار تبديلي ايندي پئي رهي. پراکرت وياکرڻ لکندڙن انهن ڳالهائڻ ۾ ڪتب ايندڙ ٻولين کي "اَپيرنش" (بگڙيل، ڪِريل) ڪري سڏيو. عيسوي پنجين صديءَ جي لڳ ڀڳ انهن اپيرنش ٻولين ۾ ٻہ ادب تخليق ٿيڻ شروع ٿيو. ادبي

سطح تي پهچڻ کان پوءِ وياکرڻ جي اُستادن انهن جي شڪل سمجهائڻ لاءِ اپيرنش جا وياکرڻ لکيا. انهن مان معلوم ٿئي ٿو ته اپيرنش جا مکيه طور تي جيڪي علائقائي روپ هئا، اُهي هن ريت آهن:

- ناگر اپيرنش (مالوا، پوربي، راجستان ۽ گجرات جي ٻولي)
- وراچڊ (ملتان، سنڌ ۽ ان جي پر وارن علائقن جي ٻولي)
- اُ ناگر (اولهه راجستان جي ٻولي)

انهن ٽنهي مان ناگر اپيرنش ۾ ئي گهڻو لکيل اپيرنش ادب ملي ٿو. حقيقت ۾ ڏسجي ته جدا جدا ايراضين ۾ اپيرنش جون ٻول چال ۾ گهڻي ئي شڪليون هيون، جن جي ڄاڻ اسان کي لکيل ادب مان ڪانه ٿي ملي. مارڪٽڊيئَ نالي هڪ وياکرڻ جي عالم اپيرنش جون ستاويهه شڪليون ڄاڻايون آهن.

(3) **هندستان آريائي ٻولين جو نئون دؤر:**

جڏهن اپيرنش جي ڪن ٻولين ادبي درجو حاصل ڪيو، تڏهن اُنهن جي ادبي شڪل وياکرڻ جي اصولن ۾ جڪڙجي هڪ هنڌ بيهي ويئي، پر ٻئي طرف اپيرنش جي ٻول چال وارين شڪلين ۾ لڳاتار تبديلي ايندي رهي. اهڙي طرح جدا جدا ايراضين ۾ اپيرنش ٻولين ڏهين عيسوي صديءَ جي آسپاس بدلجي هاڻوڪين ٻولين جي شڪل اختيار ڪرڻ شروع ڪئي. 13 - 14 هين عيسوي صديءَ تائين جن ٻولين ۾ آڪاڻيون لکتون مليون آهن، انهن جي اڀياس مان خبر پوي ٿي ته نئين دؤر ۾ داخل ٿيڻ وقت انهن ۾ اپيرنش جي شڪلين سان گڏوگڏ نيون وياکرڻي خاصيتون به ملن ٿيون. اُهي پوءِ آهستي آهستي وڏنديون ٿيون وڃن. اهڙيءَ طرح هاڻوڪين پارتي آريائي ٻولين (سنڌي، هندي، پنجابي، گجراتي، مراٹي، راجستاني، برج، اَوَڌي، پوڄپوري، بنگلا، اَسامي، اُڙيا وغيره) ارتقا جو قديم ۽ وچيون دؤر پار ڪري ڏهين عيسوي صديءَ جي لڳ ڀڳ پنهنجو نرالي شڪل اختيار ڪئي آهي.

1.2 سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا ۽ خصوصيتون:

اسان جي سنڌي ٻوليءَ ٻه پارت جي آريائي ٻولين جي ارتقا ۾ آڪاڻو ۽ وچيون دؤر پار ڪري ڏهين عيسوي صديءَ جي لڳ ڀڳ

پنهنجي نرالي شڪل کي ظاهر ڪيو آهي. پندرهين عيسوي صديءَ جي آخر تائين اسان کي سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل ادب ايترو گهڻو نه ملي سگهيو آهي، جو ان جو اڀياس ڪري اسين تفصيل سان اُن دؤر جي سنڌيءَ جي وياکرڻي شڪل سمجهي سگهون، پر اسان کي ڪجهه اهڙا حوالا ضرور ملن ٿا، جن جي آڌار تي سنڌي ٻوليءَ جون مکيه لساني خاصيتون ڄاڻي سگهون ٿا. انهيءَ جا ڪجهه مثال هتي ڏجن ٿا:

(1) پرت مُني (اٺڪل ٻين عيسوي صدي) پنهنجي مشهور سنسڪرت ڪتاب "ناٽيه شاستر" ۾ ناٽڪاڪارن کي هدايت لکي ٿو ته:

"هِمَوَتُ- سنڌُ- سؤ ويرانُ يي جناهه سَپيا شرِتا:
اُڪار بَهُلان تجگيه: تيشو پاشان پريوج جييت..."

مطلب ته هماليه ٻولين، سنڌ ۽ سؤوير علائقن ۾ جيڪي ماڻهو رهندا آهن، تن جي ٻولين ۾ ناٽڪ نويسن کي "اُ" سُر (آواز) جو گهڻو استعمال ڪرڻ گهرجي.

هيءُ هدايت پرت منيءَ انهيءَ ڪري ڏني آهي، ڇاڪاڻ ته هن پاڻ هماليه، سنڌ سؤوير جي رهاڪن جي ٻول چال واري ٻوليءَ ۾ 'اُڪار' (الف جنهن مٿان پيش هجي) جو واهپو ٿيندو ٻڌو آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ اِها خاصيت اڄ تائين موجود آهي. جيئن ته: پيءُ، ماءُ، پاءُ، سَسُ، ڪنُ، هٿُ، واتُ، لکُ، پڙهنُ، اُٺُ، لِکُ، وجُ، گهُمُ وغيره.

(2) انين عيسوي صديءَ ۾ جڏهن محمد بن قاسم جي اڳواٽيءَ هيٺ عربن سنڌ تي ڪاهه ڪري ان جو ڪُڇ حصو پنهنجي قبضي ۾ ڪيو، تڏهن سنڌ جي ٻولي "اپيرنش سنڌي" هئي. اُن کي 'جهوني سنڌي' به چئي سگهجي ٿو، اُن دؤر جي سنڌيءَ ۾ اَپيرنش جي خاصيتن سان گڏ سنڌيءَ جون پنهنجون گهڻيئي نراليون وصفون به اوسر پائي رهيون هيون. اُڪار (الف تي پيش) جو گهڻو استعمال اپيرنش جي به خاصيت آهي، جيڪا سنڌيءَ ۾ پراڪرت دؤر کان وٺي نظر اچي ٿي. سنڌ ۾ عربن جي حڪومت برپا ٿيڻ کان پوءِ سنڌيءَ تي عربي ٻوليءَ جو اثر پوڻ لڳو. اِنهيءَ ڪري گهڻيئي عربي لفظ سنڌي ٻوليءَ جي تاجي- پيٽي ۾ شامل ٿي ويا. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو سنڌي ٻوليءَ جي آوازي تند جي سرشتي ۾ چار عربي

آواز ۾ جذب ٿي ويا. اُهي آهن: خ، غ، ز، ف. اِنهن جا اُچار عربي- فارسي ڄاڻندڙ سنڌي عالم ڳالهائڻ ۾ عام طور ڪندا آهن. ٻئي طرف ڏسجي ته ڪجهه عربي حرف فقط عربي سنڌي صورتخطيءَ ۾ ڪتب اچن ٿا، پر اُنهن جو اُچار ڪوبه سنڌي ٻول چال ۾ نه ڪندو آهي. اِهي حرف آهن:

ق، ط، ظ، ض، ذ، ث، ص، ح، ع.

(3) آوازي تند جي لحاظ کان سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻي مکيه خاصيت جيڪا پراکرت دؤر کان وٺي پيدا ٿي آهي، اها آهي چار چوُسٽا آوازي تت (گ، ج، ڈ، ب) ۽ گ، ج/ نوناسڪ (نڪوان) وينجن. انهن جو جيڪڏهن سنڌيءَ ۾ صحيح اُچار نه ڪبو ته گهربل معنيٰ نه ملندي. مثال طور: لفظن جا هيٺ ڏنل جوڙا ڏسو:

گ - گِلا- گَلا؛ گارو- گارو

ب- بارُ- بارَ؛ بِلو- بِلو

ج - جارو- جارو؛ جام- جام

ڈ- ڈائِي، ڈائِي، دائي؛ پَڈُ- پڈُ- پڈُ- مگ- مج- مڙ- من- مم.

(4) سنڌي ٻوليءَ سنسڪرت، پالي، پراکرت، اپيرنش جا ڪجهه وياڪرڻ وارا روپ پاڻ وٽ سنياليِ رکيا آهن، جيڪي ٻين هاڻوڪين هند آريائي ٻولين مان گهڙو ڪري گهر ٿي ويا آهن:

(الف) سنجوگي وِيَڪِتيوُن: (ڳنڊيل ٽڪرا)

گهر = (گهرُ+ اِ)، (سنسڪرت- گرهي)

هٿان (هَتُ + آن) (سنسڪرت: هَستات)

(ب) ڪرمڻي (فعل) ياوي ڪلام جا روپ:

پڑهجي (پڑهـ+ اِ ج + اي) (سنسڪرت: پَنَويَتي)

جيئجي (جيـ+ اِج + اِي) (سنسڪرت: جيوَيَتي)

(ٻ) ڪرمڻي پوت ڪردنت (فعل ماضي) جا آڳاٽا روپ:

سنڌي	پراکرت	سنسڪرت
ٿَتو	ٿَتَ	ٿَپت
لڏو	لڏ	لَبڈ

گنو	گٹ	گهرشٹ
ڀگو	ڀگ	ڀَگنَ
ٹُنو	ٹُٹَ	ٹُشٹَ

(5) سنڌي ٻوليءَ ۾ ضميري پيڇاڙين جو به استعمال اسم، فعل سان گڏ ڪري سگهجي ٿو. اِها خاصيت هاڻي فقط سنڌيءَ ۽ ڪن ٻين هند آريائي ٻولين ۾ نظر اچي ٿي. مثال طور:

پُٹُس (پُٹُ + سِ) — هُن جو پُٹُ

کيس (کي+ سِ) — هُن کي

کين (کي + نِ) — هُنن کي

لکِيَائينس (لِکيو + آئين+ سِ) — هُن هُن کي لکيو

لکيو مانءِ (لکيو + مان+ اِ) — مون توکي لکيو.

(6) لفظي خزاني جي لحاظ کان به سنڌي ٻوليءَ ۾ گهڙيئي خاصيتون آهن. مثال طور سنڌي گهڙيئي جهونا لفظ پاڻ وٽ سانڍي رکيا آهن، جن جو مکيه بنياد هند آريائي ٻولين جي اوائلي ۽ وچئين دؤر جي ٻولين ۾ ملي ٿو. جيئن ته:

سنڌي	سنسڪرت
اٹاسو	اناسَهه
جُهورُ	جُوريهَ
جُوءِ	يوُتِ
آڳارو	انگارڪوارهه
آچرُ	آدِتيهَ وارهه
وَلَهو	ولپ
ڄڃ	جَنيهَ

مٿي مائٽي ڈيڪارڻ لاءِ جڏهن هندي ۽ ٻيون هاڻوڪيون آريائي ٻوليون ٻه يا ٻن کان وڌيڪ لفظ ڪم آڻين ٿيون، تڏهن سنڌي ٻولي هڪ ئي لفظ ذريعي انهن جو اظهار ڪري ٿي. مثال طور:

سنڌي	هندي	سنڌي	هندي
سؤٽُ	چچيرا پائي	نراٽوٽُ	ننڍکا لڑکا
سؤٽِ	چچيري بَهِن	نراٽوٽِ	نند کي بيٽي
ماروٽُ	ممیرا پائي	سيٽوٽُ	سمڌي کا بيٽا
ماروٽِ	ممیري بهن	سيٽوٽِ	سمڌي کي بيٽي
پُڦاٽُ	ڦفيرا پائي	ڏيروٽُ	ديورَ کا بيٽا
پُڦاٽِ	ڦفيري بهن	ڏيروٽِ	ديور کي بيٽي

اِن طرح جانور، پکي، جيت، جڙيا، جڙيُون ٻوٽيُون وغيره. گھٽيئي شيون آهن، جن جا جدا جدا نالا، سنڌيءَ ۾ ملن ٿا. اِن کري چئي سگھجي ٿو ته لفظي خزاني (vocabulary) جي لحاظ کان سنڌي تمام شاهوکار ٻولي آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي اهڙين لساني خاصيتن کي ڏسي، کي سنڌي عالم سنڌي ٻوليءَ جو بنياد دراوڙي يا ٻين غير آريائي ٻولين ۾ ڳولڻ جي کوشش کن ٿا، پر لساني اصولن جي خيال کان اها ڳالھ درست نہ آهي. سنڌي ٻولي لفظي خزاني توڙي وياکرڻي بيھک جي لحاظ کان اٽکل 75 سيکڙو ٻين هاڻوکين هندستان جي آريائي ٻولين سان هکجھڙائي ڏيکاري ٿي. اِن کري اين جو جنم ۽ ارتقا ٻہ ٻين هند آريائي ٻولين وانگر سمجھڻ گھرجي.

1.3 سنڌي ٻوليءَ جا لھجا:

پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ پنھنجي کتاب "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" ۾ گريئرسن جي مشهور کتاب "لِنگوسٽک سروي آف انديا" (جلد-8، پاگو 01) جي آڌار تي سنڌي ٻوليءَ جا مکيہ اهم لھجا هن ريت جاڻايا آهن.

(1) **سِريلي:** اُتر سنڌ ۾ نصرپور کان ونې اباوڙي تائين ۽ سيوهڻ - دادوءَ کان ونې کشمير تائين جيکا ايراضي آهي، تنهن کي 'سِرو' چئجي ٿو. اُن ايراضيءَ جي ٻوليءَ کي 'سِريلي' چوندا آهن.

(2) **وچولي:** سنڌ جي وچ واري حصي جي ٻولي. اِهو علائقو کنڊياري ۽ دادو جي اتر واري پاگي کان ونې ڏکڻ ۾ کوٽڙيءَ تائين

آهي. وچولي سنڌيءَ کي تعليم ۽ لکيل ادب ۾ کتب آندو وجي ٿو. اهو سنڌ جو معياري ۽ ادبي لھجو آهي.

(3) **لاڙي:** سنڌ جو ڏاکڻو پاگو، جيکو وچولي جي هينان آهي ۽ وجي سمنڊ سان لڳو آهي، اُن کي 'لاڙ' چئجي ٿو ۽ اُن علائقي جي ٻولي 'لاڙي' آهي.

(5) **لاسي:** اهو لس ٻيلي واري ايراضيءَ جو لھجو آهي، جيکو کراچيءَ جي اولھ ۾ بلوچستان واري ايراضي آهي.

(6) **کچي:** کچ واري علائقي جي لھجي کي "کچي" سڏجي ٿو. کچ جو علائقو پارت جي گجرات صوبي جو هک ضلعو آهي ۽ ڏکڻ سنڌ سان وجي ملي ٿو.

مٿي سنڌيءَ جا جيکي پنج لھجا جاڻايا ويا آهن، اهي مکيہ ليکجن ٿا. سنڌيءَ ۾ چوٽي آهي ته "ٻارهين کوهين ٻولي ٻي". اِن کري جيکڏهن باريکيءَ سان جاچبو ته سنڌي ٻوليءَ جا ننڍا ننڍا علائقائي فرق اجا بہ وڌيک ملي ويندا، ان کي خيال ۾ رکي حيدرآباد سنڌ ۾ برپا کيل سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري طرفان سنڌيءَ جي اڀياس جي رِٿا هٿ ۾ کنئي ويئي. گذريل ڏهن ٻارهن سالن ۾ ان باري ۾ نئين معلومات ڏينڊڙ کجھ کتاب پڻ ڇپائي پڌرا کيا ويا آهن. جيئن ته "سبيءَ جي ٻولي"، "ماٿيلي- اوٻاوڙي جي ٻولي"، "اُترادي ٻولي"، "شکارپور جي ٻولي"، "ماجر، ککرالي ۽ کاري جي ٻولي"، "ٽر جي ٻولي" وغيره. اِهي ته سنڌي ٻوليءَ جا علائقائي تفاوت آهن. پر ٻيا پيد فرق کمن، ڏنڏن ۽ ذاتين جي لحاظ کان بہ آهن. اِنهن جي بہ باريکبينيءَ سان چنڊچاڻ کرڻ ضروري آهي. مثال طور، پيلن، ميگھواڙن جي ٻولي. مھاڙن ۽ ماڇين جي ٻولي، ميمڻن جي ٻولي، اوڏن، سوڊن جي ٻولي وغيره.

پارت ۾ رهندڙ سنڌي هندن جي ٻولي هاڻي گھڻو قدر وچولي معياري سنڌيءَ جو روپ ونې چکي آهي. اُن مان علائقائي فرق گھڻو کري گم ٿي چکا آهن. پارت ۾ اُهي کالونيون ۽ شهر جتي سنڌ جي جدا جدا حصن مان آيل سنڌي هک هنڌ رهن ٿا، اتي سنڌي ٻوليءَ جي لهجن جو تفاوتُ وڌيءَ عُمِر وارن سنڌين ۾ اجا تائين نظر اچي ٿو.

1.4 آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ جي حالت:

سن 1947ع ۾ جڏهن هندستان کي انگريزن جي غلاميءَ مان آزادي ملي تہ ان سان گڏ اسان کي ملڪ جي آزاديءَ لاءِ وڏي قيمت ادا ڪرڻي پيئي. اهو هو ملڪ جو ورهاڱو. هند واسين جي قوتُ جو فائدو ونڊي انگريزن هندستان کي ٻن حصن ۾ ورهائي ويا. اُهي آهن پارت ۽ پاڪستان. هيءُ ورهاڱو مذهب جي آڌار تي ڪيو ويو ۽ مسلمانن کي جدا اسلامي ملڪ 'پاڪستان' ناهي ڏنو ويو. 1947ع ۾ پاڪستان کي پارت جي ٻن طرف اوپر ۽ اولهہ پاسي جا علائقا ڏنا ويا، جِن کي 'اوپر پاڪستان' ۽ 'اولهہ پاڪستان' سڏيو ويو، پر 1971ع ۾ ڪن سياسي ڪارڻن جي ڪري 'اوپر پاڪستان' جو علائقو 'بنگلاديش' جي نالي سان جدا ملڪ بڻجي ويو. هاڻي پاڪستان ۽ بنگلاديش، ٻئي اسلامي ملڪ آهن. جاگرافيائي نظر سان پارت انهن ٻنهيءَ جي وچ ۾ آهي. آزاديءَ کان پوءِ پارت پنهنجي نظريي ۾ هن ملڪ کي 'سِڪيولر اسٽيٽ' اعلان ڪيو ۽ هِن ملڪ ۾ سيني مذهبن جي ماڻهن کي هڪجهڙائي وارا حق ڏنا ويا.

ملڪ جي ورهاڱي جو گهڻي ۾ گهڻو خراب اثر سنڌين تي پيو آهي. پنجابي ۽ بنگلا ٻوليون ڳالهائيندڙن کي پنهنجي ٻوليءَ جي ايراضيءَ جا حصا آزاد پارت ۾ ٻہ حاصل ٿيا، جتي پڻ سندن ٻولي، ادب ۽ ثقافت جي ارتقا ٿي رهي آهي. پر ٻئي طرف پاڪستان نهڻ وقت سجو سنڌ صوبو پاڪستان ۾ ئي شامل ٿيو، ڇاڪاڻ تہ ان علائقي جي رهاڪن ۾ مسلمانن جي گهڻائي هئي. اِن جو نتيجو اهو نڪتو جو اٽڪل ٻارهن لک سنڌي هندو حالتن کان مجبور ٿي، پنهنجا اباڻا ڇنا ڇڏي، پنهنجي جنم ڀوميءَ کي ڇڏي، پارت ۾ لڏي آيا. سنڌ مان لڏي هو آزاد پارت جي ڪنڊڪڙ ۾ ڦهلجي ويا. سنڌي بي وطن بڻجي هن ملڪ ۾ آيا، پر پنهنجي ڪوج ۽ محنت سان هُو نئين سر پارت ۾ پنهنجي نئين زندگي شروع ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا. گذريل پنجاهہ سالن ۾ سنڌي ڳالهائيندڙ پارت ۾ ڇڳيءَ طرح وسي ويا آهن. سنڌي پارت ۾ هاڻي گهڻيئي فلاحي ڪم ٻہ ڪري رهيا آهن. اڄ ڪلهہ پارت جي ارتقا ۾ سنڌين جو ڪافي وڏو ڪردار آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي لحاظ کان ڏسجي تہ اُن کي پارت سرڪار 10 اپريل 1967ع جي ڏينهن تي "سنوڌان" ۾ شامل ڪيو. اِن ڪري پارت سرڪار طرفان ملڪ جي مکيہ ادبي ارتقا جا جيڪي ترقيءَ جا منصوبا عمل ۾ آيا آهن، اهي سنڌي ٻوليءَ سان ٻہ لاڳو ٿين ٿا. پارت ۾ مرڪزي سرڪار، سنسڪرت، اردو ۽ سنڌيءَ جي ترقيءَ جي ذميداري پاڻ ڪنئي آهي. ٻين ٻولين جي ترقيءَ جو ڪم انهن جدا جدا صوبن جون سرڪارون ڪري رهيون آهن، جتي اهي ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. سنسڪرت زبان پارتي تهذيب ۽ ثقافت جو سرچشمو آهي، اِها سيني آريائي ٻولين جي بنياد ۾ آهي. اِن ڪري ان جي حالت نرالي آهي. اردو ٻولي پڻ هنديءَ وانگر سڄي پارت ۾ ڦهليل آهي، پر ان جي حالت سنڌيءَ کان بهتر آهي. اُها جمون - ڪشمير صوبي جي سرڪاري ٻولي آهي. دهلي، اتر پرديش ۽ بهار ۾ اُن کي ٻي سرڪاري ٻولي هئڻ جو درجو حاصل آهي. اِن کان سواءِ مرڪزي سرڪار توڙي ٻيون ڪجهہ صوبائي سرڪارن ۽ ادارا اردوءَ جي واڌاري لاءِ لکين ڪروڙين رپيا خرچ ڪري رهيا آهن.

هاڻي جيڪڏهن اسين پارت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي حالت تي ويچار ڪريون تہ هن ملڪ جي هاڻوڪين ٻولين ۾ فقط سنڌي ٻولي ئي آهي، جنهن کي پنهنجو ڪوبہ لساني ميدان يا علائقو نہ آهي. اِها ڪنهن بہ صوبي ۾ سرڪار طرفان تسليم ٿيل سرڪاري ٻولي نہ آهي. اِن ڪري سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري ۾ گهڻيئي مشڪلاتون پيدا ٿي ويون آهن. گذريل 50 سالن جو جيڪڏهن جائزو ونبو تہ معلوم ٿيندو تہ تعليم جي ڪيتر ۾ سنڌي ٻولي ڏينهون ڏينهن پٺتي پوندي ويئي آهي. پارت ۾ هن وقت فقط گجرات، مهاراشٽر، راجستان، مڌيہ پرديش، اتر پرديش ۽ دهليءَ ۾ دستوري تعليم ۾ سنڌي پڙهائي وجي ٿي. ٻين صوبن جي اسڪولن ۾ سنڌي ٻوليءَ کي تعليمي ادارن ۾ ڪابہ جاءِ نہ ڏني ويئي آهي. اِن ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ جن شهرن ۾ سنڌي گهڻي تعداد ۾ رهن ٿا، اُتي سنڌي ادارن طرفان سنڌي ٻولي سيکارڻ جي لاءِ ڪن ڪن هنڌن تي بندوبست ڪيو ويو آهي، پر انهيءَ جو دائرو تمام محدود آهي. سڪيا جي ميدان ۾ سنڌيءَ جو استعمال گهٽ هئڻ ڪري

سنڌيءَ ۾ ساهت سِرجڻ ۽ اُن جي ڦھلاءَ تي بہ گھڻو اثر پيو آھي. اِن ڪري نوجوان سنڌي گھڻي قدر پنھنجي ادبي ورثي کان ڪٽجي ويا آھن. انھن جي ٻوليءَ تي بہ ھندي ۽ ٻين ڪن مڪاني ٻولين جو گھڻو اثر پيو پوي، جيڪو ڏينھون ڏينھن وڌندڙ آھي.

1.5 سنڌي ٻولي ڳالھائيندڙ:

تاريخي لحاظ کان ڏسجي تہ سنڌي ٻوليءَ جي ترقي، جنھن ايراضيءَ ۾ ٿي آھي، اھا ھاڻوڪي سنڌ آھي. پارت جي آزاديءَ کان پوءِ اُھو سمورو حصو پاڪستان ۾ شامل ڪيو ويو. اِن ڪري گھڻي ۾ گھڻا سنڌي ٻولي ڳالھائيندڙ پاڪستان ۾ رھن ٿا. پاڪستان جي آدمشماري جي رپورٽ سال 1981ع موجب ان ملڪ ۾ ڏيڍ ڪروڙ (15 ملين) رھواسي سنڌي مادري زبان طور ڳالھائيندڙ آھن. انھن ۾ گھڻا مسلمان آھن.

ھن وقت سنڌ ۾ رھندڙ سنڌي ھندُن جو تعداد اٽڪل ڏھ لک کن آھي. ٻئي طرف ڏسجي تہ گھڻا سنڌي ھندو ملڪ جي ورھاڱي وقت ۽ ان کان پوءِ پارت ۾ لڏي آيا. اُھي ھاڻي پارت جي جدا جدا صوبن ۾ رھن ٿا. سال 1991ع جي پارت جي آدمشماري رپورٽ موجب پارت ۾ 21,22,848 (ايڪويھ لک ٻاويھ ھزار اٺ سؤ انيتاليھ) ماڻھن جي مادري زبان سنڌي آھي. انھن جا انگ اکر ھن ريت آھن:

صوبو	سنڌي ٻولي ڳالھائيندڙ
گجرات	7,04,088
مھاراشٽر	6,18,696
راجستان	3,36,523
مڌيہ پرديش	3,22,074
اُترپرديش	52,168
دھلي	37,381
آندراپرديش	12,919
ڪرناٽڪ	13,930

انھن کي ڇڏي ٻين جن صوبن ۾ سنڌي ٻولي ڳالھائيندڙ رھن ٿا، انھن جو تعداد ھرھڪ صوبي ۾ ڏھن ھزارن کان گھٽ آھي. M.

Vijayamuni, Census of India 1991 رپورٽ مطابق پارت جي ڪل آدمشماريءَ ۾ سنڌي ڳالھائيندڙن جو تعداد رڳو 0.31 سيڪڙو آھي. ھن رپورٽ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اندر ان جي لھجي ڪچيءَ کي بہ شامل ڪيو ويو آھي. اِھو بہ ڄاڻايل آھي تہ مٿي ڏنل انگ اکرن ۾ 5,66,199 ماڻھن پنھنجي مادري ٻولي ڪچي لکائي آھي.

راجستان ۽ گجرات جون حدون جيڪي سنڌ (پاڪستان) جي سرحدن سان لڳن ٿيون، اُتي جا رھاڪو گھڻا مسلمان بہ سنڌيءَ جا لھجا ڳالھائين ٿا، پر آزاديءَ کان پوءِ جيڪي سنڌي، سنڌ مان لڏي پارت ۾ اچي رھيا آھن، انھن جو سماجي وھنوار جي لحاظ کان ڪچين ۽ سرحد تي رھندڙ سنڌي ٻولي وارن مسلمانن سان ڪوبہ تعلق نہ رھيو آھي.

پارت جي رپورٽ ۾ ڄاڻايل سنڌي ڳالھائيندڙن جو تعداد گھڻو گھٽ ٿو نظر اچي. اِن جو مکيہ ڪارڻ اھو ٿو لڳي تہ سنڌين پنھنجي مادري ٻولي سنڌي داخل ڪرائڻ طرف گھڻو ڌيان نہ ڏنو آھي. پارت ۽ پاڪستان کان سواءِ ٻين ملڪن ۾ بہ سنڌي ڳالھائيندڙ (ھندو ۽ مسلمان) دائمي طور تي رھن ٿا. انھن جي آدمشماريءَ جا انگ اکر اجا خاطريءَ جوڳا گڏ نہ ڪيا ويا آھن. ٿلھي ليکي تخمينو ڪيو ويو آھي تہ ٻين ملڪن ۾ رھندڙ سنڌي ڳالھائيندڙن جو تعداد بہ اٽڪل ٽيھ لک کن آھي. اِن حساب مان ظاھر آھي تہ سيني ملڪن ۾ رھندڙ سنڌي ڳالھائيندڙن جو تعداد ٻن ڪروڙن کان گھٽ ناھي.

1.6 سنڌي لوڪ سنسڪرتي/ ثقافت:

پھاڪا لوڪ سنسڪرتي يا ثقافت جو حصو آھن. اِنھيءَ ڪري ھتي ٿوري ۾ اِن موضوع تي روشني وجھجي ٿي. سنسڪرتي لفظ جي لياقت تي جيڪڏھن اسين ويچار ڪريون تہ انھيءَ جي معنيٰ کي سمجھڻ ۾ گھڻي مدد ملي سگھندي. ھي لفظ اصل ۾ سنسڪرت ٻوليءَ جو آھي، جيڪو 'ڪر' ڌاتوءَ ۾ اُپسرگ 'سَمُ' ۽ 'تِ' پڇاڙي لڳائڻ سان نھيو آھي. اِن جي لفظي معنيٰ آھي سنسڪار ڪرڻ يا اھم رسم ادا ڪرڻ يا ڪنھن شيءِ کي سنسڪرت (سڌريل) شڪل ڏيڻ جي ريت يا خواھش، صاف ڪرڻ سجائڻ، سينگارڻ. انگريزيءَ ۾ انھيءَ جو ھم معنيٰ لفظ

آهي 'ڪلچر' (Culture). انهيءَ جي لفظي معنيٰ آهي "زمين کي سڌاري، سنواري، صاف ڪري کيتيءَ جوڳو بڻائڻ". پر سماجي علم (Sociology) ۾ سنسڪرتيءَ يا ڪلچر لفظ جو مطلب "ڪنهن سماج جون اُهي سڀ ڳالهيون، جن مان معلوم ٿئي ته، اُن سماج، شروع کان وٺي اڄ ڏينهن تائين ڪهڙن خاص ميدانن ۾ ڪيتري ترقي ڪئي آهي." سنسڪرتيءَ جي ويجهو ٻيو لفظ آهي 'سيويتا'، جنهن کي انگريزيءَ ۾ Civilization يا تهذيب چوندا آهن. سماجيات جي عالمن انهن بنهي لفظن ۾ باريڪ فرق ڄاڻايو آهي. اِنهن جي ويچار موجب 'سيويتا' مڪيه طور اقتصادي، سياسي، ۽ سماجي حالتن سان واسطو رکي ٿي، پر ٻئي طرف سنسڪرتيءَ (ثقافت)، روحاني، عقلي ۽ ذهني حالتن سان لاڳاپو رکي ٿي. سنسڪرتيءَ (ثقافت) فنُونءِ لطيفه، هنر ۾ ترقي، سماجي رهڻي ڪرڻي ۽ روايتن موجب حاصل ڪيل لياقتن ۽ خاصيتن جي آڏار تي ڪَٺي ويندي آهي. سيويتا انسان جي ٻاهرين ۽ مادي حاصلاتن جو ماپو آهي، ته سنسڪرتيءَ (ثقافت) سماجي اندروني ۽ ذهني ترقيءَ جو ماپو آهي. عام طور سماجيات جا ماهر سنسڪرتيءَ يا ثقافت لفظ جو استعمال ان جي وسيع معنيٰ ۾ ڪندا آهن، جن ۾ سيويتا جي معنيٰ به شامل ٿي ويندي آهي. اِن طرح 'ٽيلر' نالي هڪ سماجيات جي ماهر سنسڪرتيءَ يا ثقافت يا ڪلچر جي معنيٰ سمجهائيندي لکيو آهي ته:

"هي اهڙو هڪ پورو مُرڪب آهي، جنهن ۾ گيان (ڄاڻ) وشواس (يقين)، ڪلا (فن)، نيتي (رسم)، قانون، ريتيون، رسمون ۽ ٻيون اُهي لياقتون ۽ عادتون سمايل آهن، جيڪي انسان سماج جي هڪ فرد هئڻ جي حيثيت ۾ حاصل ڪيون آهن."

"Culture and Civilization is that complex hole, which includes knowledge, belief, art, morals, law, customs and any other capabilities and habits, acquired by man as a member of society."

(Kroeber A.L., Anthropology, Harcourt, Brace and World, Inc. New York, (New Edition, revised, 1948, page # 252.)

هن حوالي مان ظاهر آهي ته سنسڪرتي يا سيويتا جو سماج سان گهرو تعلق آهي. انسان هڪ سماجڪ ساهوارو آهي، ڪيس سماج ۾

رهڻ ڪري سنسڪرتيءَ (ثقافت) جو گڻ حاصل ٿيو آهي. هو قديم رسم موجب پنهنجن ابن ڏاڏن کان پيڙهي در پيڙهي سنسڪرتي يا ڪلچر جون خاصيتون حاصل ڪندو رهي ٿو. وقت گذرندي اِنهن ۾ ٿورو گهڻو ڦيرو ۽ ايندو رهي ٿو، پر ٿلهي ليکي اُن جي بنيادي شڪل ۾ گهڻي تبديلي نٿي ٿئي.

ثقافت جي تخليق سماج جي بناوت سان واسطو رکي ٿي. انهن بنهي تي وري قدرتي ماحول، طبعي حالتن جو به گهڻو اثر پوي ٿو. ٻاهريان اثر به تهذيب ۽ ثقافت جي رچڻ ۾ گهڻي مدد ڪن ٿا. اِن ڪري ڏسبو ته چاهي سڄي پارت ملڪ جي تهذيب - ثقافت هڪ آهي. ان هوندي به علائقائي ماحول جاگرافي ۽ الڳ الڳ اثر ڪري پارت جي جدا جدا حصن مان ثقافت جي ڪيترن ئي پهلوئن ۾ تفاوت نظر اچي ٿو. اِن ڪري هڪ ئي پارتي ثقافت جي اندر گهڻيئي نندیون ثقافتون جنم وٺن ٿيون. ٻولي يا زبان به سنسڪرتيءَ (ثقافت) جي حصن مان هڪ مڪيه حصو آهي. ٻوليءَ به ثقافت جي اڳڻ مان هڪ مڪيه حصو آهي. ٻوليءَ جي ذات هڪ اهڙو گڻ آهي، جنهن ڪري انسان ٻين سيني ساهوارن کان جلد ارتقا ڪري ويو آهي. ان ڪري 'اشرف المخلوقات' يعني الله جي اپايل سيني ساهوارن ۾ اعليٰ ترين، اعليٰ جانور هئڻ جو درجو حاصل ٿيو آهي. ٻوليءَ جي ذات ڪري ئي انسان پنهنجي امنگن ۽ ويچارن جو اظهار جدا وسيلن سان ڪري سگهيو آهي. انهن ۾ هو ٻوليءَ وسيلي ادب جو سرجڻ ڪري ٿو.

جدا جدا علائقن ۾ رهندڙ ماڻهن جي ثقافت ۾ قديم رسم يا روايتن ذريعي جن خاص گڻن يا پهلوئن جو ارتقا ٿيو آهي، اُهي اُن ٻوليءَ جي سماج جي ثقافت جا خاص حصا بڻجن ٿا. 'لوڪ' اڪر انگريزيءَ ۾ 'فوڪ' (Folk) لفظ جو هم معنيٰ لفظ آهي. عام طور ڪيترائي عالم لوڪ جو مطلب ڳوٺاڻا، دهقاني، اٽپڙهيل ڳنوار ڪن ٿا، پر ان لفظ جي صحيح ٽُڙ معنيٰ آهي "اهي عام ماڻهو جن جو پنهنجي ورثي ۾ حاصل ڪيل ثقافت جي جدا جدا پهلوئن ۾ پورو پورو ويساهه آهي ۽ هُو ان مطابق پنهنجي روزاني زندگي به گذارين ٿا."

ڊاڪٽر مُرليڌر جيٽلي لوڪ ثقافت جا اُهي مکيہ عنصر جن مان انهيءَ لوڪ ثقافت جي رچنا ٿئي ٿي، اُهي هن ريت سمجهايا آهن:

لوڪ ثقافت جا مکيہ جُزا:

هڪ سنسڪرتي يعني عوامي تهذيب- تمدن جا مکيہ کهڙا پاڳا آهن، اُنهن ۾ لوڪ سنسڪرتيءَ (ثقافت) جي کهڙي جاءِ آهي ۽ لوڪ ادب ۾ پهاڪن محاورن جي جڳهہ کٽي آهي، انهن ٻنهي سوالن کي اڳتي ڏنل چارٽ ذريعي سمجهايو ويو آهي.

لوڪ سنسڪرتيءَ (ثقافت) جا مکيہ ٻہ پاڳا آهن:

(1) لوڪ جيون يعني ماڻهن جي زندگيءَ جا طريقا.

(2) ماڻهن جي جذبات ۽ ويچارن جي اظهار جا طريقا.

(1) ماڻهن جي زندگيءَ جا طريقا:

(الف) لوڪ ويساهہ يا عقيدو:

سنسار جي پيدائش، خلقڻهار جي هستي، وڻ ٽڻ، جانور- پکي، ديوي، پريون، جن- پوت، جادو، ٽوٽا، جهاڙ، ڦوڪ، پير، فقير، لوڪ، پرلوڪ وغيره موضوعن بابت عوام يا لوڪن جا عقيدا ۽ ويساهہ هن پاڳي هيٺ اچن ٿا:

(ب) لوڪ ريتيون:

زمين جي کيڙي شروع ڪرڻ وقت زمين جي پوڄا، سمنڊ جي سفر تي اُسهڻ وقت پاڻيءَ جي پوڄا، قدرت جي عناصرن جي عبادت، مذهبي ڏڻ- وار ملهائڻ، انسان جي جنم کان وٺي مرڻ تائين جدا جدا موقعن تي ريتيون رسمون ۽ سنسڪار (اُهي رسمون جيڪي زندگيءَ جي خاص موقعن تي ادا ڪجن، جيئن شادي وغيره، درگاهن، عبادتگاهن ۽ مندرن ۾ وڃي دُعائون گهرڻ ۽ سُکائون ڪرڻ، اوجهن ۽ پوپن کان جهاڙ ڦوڪ ذريعي بيمارين جو علاج ڪرائڻ وغيره لوڪ ريتين جا ڪجهہ مثال آهن.

(ج) **لوڪ وندر:**

ميلا، ملاکڙا، ملهہ، ڪُشتيون، ڪُکڙن، سانن ۽ تترن جي لڙائي؛ ڏِڻ- وارن تي راندين ۽ شُغل، بازيگرن جا کيل، ڪوناٽيون

ڪڇهريون، ڪنڀُتلين جا ناچ، ڏاندن، انن ۽ گهوڙن جي ڊوڙ وغيره عوام جي وندر جا ڪجهہ مثال آهن.

(د) لوڪ رهڻي ڪرڻي:

سماج ۾ لوڪ پنچائتي سرشتو، گڏيل ڪٽنب جو سرشتو، روايتي ويس وڳا (اجرڪ، سنڌي ٽوپي، ميراٽي ٽوپي، شڪارپوري پگڙي، پرت جا هنر وغيره) روايتي نموني جا زيور (نٿ، ٻُولو، ڏانوٽي وغيره)، ڪاڌي پيتي جا نرالا ڍنگ ۽ شيون، اِهي سڀ لوڪ رهڻي ڪرڻيءَ جا ڪجهہ مثال آهن.

(2) لوڪ اظهار جا طريقا:

لوڪ پنهنجن اُمنگن ۽ ويچارن جو اظهار جدا جدا نموني سان ڪن ٿا. اُنهن جا مکيہ ٻہ قسم آهن: ٻولي ذريعي اظهار ۽ ٻوليءَ کان سواءِ ٻين طريقن سان اظهار. اظهار جي ٻئي قسم هيٺ لوڪ ڪلائون ۽ لوڪن جا هنر، ڏنڏا وغيره اچي وجن ٿا. اِنهن ٻنهي طريقن جي اظهار تي لوڪن ۽ لوڪ روايتن جي ڇاپ هوندي آهي. ڪنهن هڪ ڪلاڪار جي رچنا عوام ۾ مشهور ٿي وڃڻ کان پوءِ سموري لوڪ سماج جي تخليق بڻجي ويندي آهي. وقت گذرندي اِها خبر نہ پوندي آهي تہ انهيءَ جو اصل رچيندڙ ڪير هو. سادگي، فطرت ۽ غيرمصنوعي سونهن توڙي نزاڪت، اِهي لوڪ اظهار جون مکيہ خاصيتون آهن.

ٻوليءَ کان سواءِ ٻين طريقن سان اُمنگن جي اظهار جي وسيلن کي مکيہ طور هيٺ ڏنل پاڳن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

(الف) لوڪ فنون:

لوڪ فنون جا مثال آهن، عمارت سازي، مجسمي سازي، مصوري، ناچ يا نرتيہ جي ڪلا ۽ سنگيت ڪلا.

(ب) لوڪن جا هُنر ۽ ڏنڏا:

لوڪن جا اهڙا هنر ۽ ڏنڏا، جيڪي پيڙهي در پيڙهي هلندا پيا اچن، انهن جا ڪجهہ مثال هن ريت آهن: وڻي جو ڪم، سوناري جو زيورن تي مينا ڪاريءَ جو ڪم، ڪنير جو متيءَ جا برتن ۽ راندڪا

ناھڻ جو ڪم، لوھار جو برتن ۽ اوزار ناھڻ جو ڪم ۽ زالن جو پرت پرڻ، سبڻ جو ھنر وغيره.

ٻوليءَ جي ذريعي اظھار:

ٻوليءَ جي ذريعي جڏھن ماڻھو پنھنجن اُمنگن ۽ ويچارن جو اظھار ڪن ٿا، تڏھن لوڪ ادب جو سرجڻ ٿئي ٿو. لوڪ ادب جا مکيه قسم هيٺين ريت آھن:

(الف) لوڪ شاعري:

اِنھيءَ ۾ شعر جا سڀ قسم اچي وڃن ٿا. اِنھن مِڙني جي مکيه وصف اِھا آھي ته اِنھن کي سُر، تال ۽ لئ ۾ ڳائي سگھجي ٿو. اِن جي لاءِ نظم جي بحر وزن وغيره جي پابندي لازمي نه آھي. لوڪ شاعريءَ جا مکيه ٻه پاڳا آھن:

(1) لوڪ گيت: لوڪ گيتن ۾ ڪنھن ڳالھ يا قصي جو بيان نه ھوندو آھي، فقط نفيس جذبن جو سھڻي نموني اظھار ھوندو آھي.

(2) نظم ۾ بياني قصا ۽ داستان، اِنھن ۾ شعر ۾ ڳاتل قصن ۽ داستانن جو سلسليوار بيان ھوندو آھي.

(ب) لوڪ آکاڻيون ۽ ڪھاڻيون:

اِن ۾ گھڻن ئي قسمن جون آکاڻيون اچن ٿيون. جيئن ته ديون-پرين، بادشاھن، شھزادين، جانورن، پکين، ننڍن، چورن ۽ ٻارن جون وندر ۽ نصيحت واريون ڪھاڻيون وغيره.

(ج) لوڪ ناٽڪ:

اِن جا ڪجھ مثال آھن- ڳوناڻي ڪڇھريءَ ۾ مسخرن جا چرچا، تماشا، سانگ، رام ليلا، ڪرشن ليلا وغيره.

(د) سھڻا سخن، ننڍا گفتا ۽ ٻول: (Minor folk utterances):

پھاڪا، چوٽيون، محاورا، پرووليون، جھاڙ، ڦوڪ ۾ ڪتب ايندڙ منتر، ٻاراڻا ٻول جيڪي ٻارن جي راندين ۾ چيا ويندا آھن، ننڍڙا لطيفا، گاريون ۽ فحش گفتا وغيره ھن قسم جا ڪجھ مثال آھن.

جڏھن اسين سنڌي لوڪ ثقافت جي باري ۾ ويچار ڪريون ٿا، تڏھن اسان جو مطلب سنڌين جي اُن لوڪ ثقافت جي پھلوئن سان آھي، جيڪي ٻيون ٻوليون ڳالھائيندڙن جي سماج ۾ نه ٿا ملن. سنڌين جي ثقافت پارتي ثقافت جو ھڪ حصو آھي، جيڪو بنيادي طور ھندن جي ڌرمي ڪتابن (ويد، رامائڻ، مھاپارت، پُراڻ ۽ ڌرم گرنٿ) تي ٻڌل آھي. اِن ھوندي پڻ سنڌي لوڪن جي ثقافت جون اھڙيون خاصيتون آھن، جيڪي ٻيون ٻوليون ڳالھائيندڙن جي ثقافت ۾ گھڻو ڪري نظر نه ٿيون اچن يا جيڪڏھن آھن ته به تمام ورلي ملن ٿيون. ھتي ٿوري ۾ سنڌي ثقافت جي مکيه خاصيتن تي ويچار ڪنداسين.

1.7 سنڌي لوڪ ثقافت جون مکيه خاصيتون:

سنڌ صوبي جي طبعي ۽ تاريخي حالتن، سنڌي ثقافت جي اڏڻ ۾ گھڻو ڪردار ادا ڪيو آھي. جاگرافيءَ جي لحاظ کان ھاڻوڪو سنڌ صوبو پارت جي ٻين حصن کان گھڻو الڳ ۽ پري آھي. اوير ۾ ٿر جو ريگستان، اوير- ڏکڻ ۾ ڪڇ جو رڻ پٽ، ڪوري ڪاري ۽ ڏُٻڻ وارو علائقو، اولھ ۾ بلوچستان جو پھاڙي ۽ غيرآباد علائقو، اِھي سڀ اھڙيون قدرتي حدون آھن، جن جي ڪري سنڌ ۽ ٻين علائقن جي وچ ۾ ماڻھن جي عام جام آمدرفت ۾ گھٽيئي رڪاوٽون پيدا ٿي پيون آھن. سنڌ ۾ فقط اُتر- اوير طرف ھن علائقي جو پنجاب سان گھڻو تعلق قائم رھيو آھي. ان طرف وڏا ميدان آھن، جن مان سنڌوندي پنجاب مان وھي ڪشمور (جيڪب آباد) وٽان سنڌ ۾ داخل ٿئي ٿي. قديم زماني ۾ سنڌ صوبي ۾ ماڻھن جي اچ وڃ گھڻو ڪري پنجاب واري طرف کان ٿيندي ھئي.

رگ ويد واري زماني کان وٺي سنڌوندي، سنڌ جي ماڻھن جي لاءِ جياپي جو مکيه وسيلو ثابت ٿي آھي. اڄ تائين فقط اِھا ھڪ ندي آھي، جيڪا سنڌ ۾ ٻارنھن مھينا وھندي رھي ٿي. ان جي پاڻيءَ سان ھيءُ صوبو سرسبز ۽ آباد آھي. آڳاٽي زماني ۾ سرسوَتي نديءَ جو ھڪ وھکرو به سنڌ صوبي مان وھندو ھو، جيڪو مھاپارت واري زماني ۾ سُڪي ويو. اُن کان پوءِ سنڌوندي ئي ھن علائقي لاءِ جيون جو مکيه

وسيلو بڻي. اِن ڪري اُن جي ڪناري تي سنڌ سپيتا جي اوسر ۽ ارتقا ٿي. ويدن جي زماني ڪان وٺي سنڌ جا رهواسي 'جل جي ديوتا (ورڻ)' جي پوڄا ڪندا پيا اچن. ڏهين عيسوي صديءَ ۾ ۽ ان ڪان پوءِ 'جهولي لال' يا 'اُڊيري لال' جي پوڄا جي ارتقا ٿي، جنهن کي پڻ سنڌي 'ورڻ ديو' جو اوتار ليکين ٿا. ان جو ڦهلاءُ پوءِ اُتر ۾ ملتان تائين ۽ ڏکڻ ۾ ڪڇ، شوراشٽر (گجرات) ٿي ويو.

تاريخ جي لحاظ ڪان ڏسجي تہ عيسوي سن ڪان اڳ واري زماني ڪان وٺي سنڌ صوبي تي ڏارين جا حملا ٿيندا رهيا آهن. پارت ۾ هيءَ پهريون صوبو هو، جنهن تي انين عيسوي صديءَ ۾ محمد بن قاسم جي اڳواڻيءَ ۾ عربن حملو ڪيو. هُنن 712ع ۾ آخري هندو مهاراجا ڏاهرسين کي جيتي، سنڌ جي وڏي حصي تي قبضو ڪري اسلامي حڪومت جو پايو وڌو. اِن ڪري گهڻا مسلم مؤرخ سنڌ کي "باب السلام" (اسلام جو دروازو) ڪري سڏيندا آهن. سنڌ ۾ عربن جي حڪومت شروع ٿيڻ سان اُتي جي مڪاني رهاڪن تي گهڻو اثر ٿيو. اُهي گهڻو ڪري ويدن واري آڪاڻي عقيدي ويدڪ سناتن ڌرم جا مجيندڙ هئا. ڇڪا سنڌي بُڌ مت جا بہ پوئلڳ هئا. سنڌ ۾ اسلام جي اچڻ سان ڪِن سنڌين پنهنجي خوشيءَ سان اِسلام مذهب اختيار ڪيو تہ ڪي سنگت جي اثر هيٺ مسلمان ٿيا. ملڪ جي مسلمان حاڪمن پنهنجي مذهب جي ڦهلائڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن زور زبردستيءَ ڪان بہ ڪم ورتو. اِن جي ڪري ڇڪي تعداد ۾ سنڌي هندو پنهنجي اباڻي ڌرتي ڇڏي پروارن هندو علائقن ۾ وڃي رهيا. ايڏي لڏپلاڻ جا حوالا اسان کي تاريخ جي ورقن ۾ ملن ٿا. ڪجهہ هندو اهڙا بہ هئا جيڪي پنهنجي عقيدي تي اٽل رهيا ۽ سنڌ کان ٻاهر نہ ويا. اُنهن غير مسلمانن تي حاڪمن جزيو وڌو. اِن طرح سنڌ جتي انين عيسوي صديءَ کان اڳ فقط هندو، بڌ ڌرم، ۽ ڪجهہ جين مت وارا رهندا هئا، اُتي 1947ع ۾ ملڪ جي آزاديءَ وقت هندون جي سکيا جو تعداد ڪُل آدمشماريءَ جو فقط پنجويهہ سيڪڙو ڪن وڃي بچي.

سنڌ ۾ اسلام سان گڏوگڏ صوفي درويش ۽ اسماعيلي مت جا مبلغ پير بہ آيا. اُهي ڪٽر مذهبي نہ هئا. هنن جي ويچار ڪان متاثر ٿي، چگڻ سنڌي هندن سندن مذهب اپنايو. اِن ڪري سنڌ ۾ رهندڙ مسلمانن جو گهڻو تعداد اُهو آهي، جيڪي پنهنجو اصلوڪو ڌرم ڇڏي پوءِ مسلمان ٿيا هئا. اُنهن اسلام ۾ داخل ٿيڻ ڪان پوءِ پڻ پنهنجيون اصلوڪيون ريتيون رسمون ۽ لوڪ عقيدن کي گهڻي قدر پاڻ وٽ جيئن جو تيئن قائم رکيو.

هتي جيڪي طبعي ۽ تاريخي حالتون ڄاڻايون ويون آهن، انهن جي ڪري سنڌي بولي ڳالهائيندڙ سماج ۾ چگڻين ئي خاصيتن جي ارتقا ٿي آهي، جن ۾ مکيہ هن ريت آهن:

(1) سنڌي سماج ۾ ڪٽرپڻو نہ آهي، نہ ڪو ذات پات جو پيد ۽ چوت- ڇات ۾ ويساهہ ڪن ٿا. (سيني مذهن کي برابريءَ سان ڏسڻ) عالمي پائيچارو سنڌي ماڻهوءَ جي عام وصف آهي. صوفي مت ۽ سنت مت جي اثر ڪري سنڌين جو نرگڻ (بي گڻ) نراڪار (بي شڪل) ۽ هڪ خالق ۾ گهڻو وشواس آهي. ان هوندي پڻ هو جدا جدا (فرقن) ۽ ڌرمي نظرين کي عزت جي نظر سان ڏسن ٿا. سنڌي هندو صوفي درويشن جي درگاهن تي وڃن ٿا تہ سنڌي مسلمان بہ هندُن جي ڪيترن ڌرمي عقيدن کي مانُ ڏين ٿا.

(2) انتهاپسند مسلمان حاڪمن جي دؤر ۾ بہ گهڻا ئي هندو پنهنجي ڌرم تي اٽل رهيا. اِن مان هُنن جي جاتيءَ اندروني قوت ۽ ڌرم ۾ وشواس جي ساڪ ملي ٿي.

(3) واپار سانگي ڏورانهن ملڪن ۾ وڃي پنهنجي محنت ۽ هوشياريءَ سان دولت ڪمائڻ، اُن سان سماجي فلاح جا ڪم ڪرڻ سنڌي هندُن جو عام گُڻ آهي. اِن جي ڪري ساهت سِرجڻ، فنونِ لطيفہ وغيره ۾ مهارت حاصل ڪرڻ جي پيٽ ۾ هنن جو ڏيان واپار ۽ ناٽي ڪمائڻ طرف بہ وڌيڪ رهيو آهي.

(4) سنڌي هندو سماج جي ٻي مکيہ خاصيت اِها آهي تہ اُن ۾ چوٽون ورڻ (شوُدر) نہ آهي. سنڌي هندو سڀ سون آهن، جن ۾

ڪتري ۽ وئش ذاتين جي وچ ۾ تفاوت نہ رھيو آھي. برھمڻ ورڻ جا گھر بہ ڪتري ورڻ جي پيٽ ۾ تمام گھٽ آھن.

سنڌي ڪتري ۽ وئش گھٽو ڪري پاڻ کي لوھاٽا (سوريہ ونشي) رامچندر جي نسل جا سڏائيندا آھن. اُھي گھٽي ياڳي گذريل ٽِن صدين ۾ پنجاب، راجستان ۽ گجرات جي ڪِن علائقن مان لڏي اچي سنڌ ۾ رھيا. اُھي لوھاٽا جيڪي انين عيسوي صديءَ ۾ عربن جي ڪاھ وقت سنڌ ۾ رھندا ھئا، انھن مان گھٽا يا تہ مسلمان بڻجي ويا يا سنڌ مان لڏي پروارن ھندو راجائن جي علائقن ۾ ھليا ويا.

سنڌ جا ھندو مغلن جي حڪومت واري دؤر کان ونہ ڏنڏي جي لحاظ کان ٻن مکيہ گروھن ۾ ورھائجي ويا. اُھي آھن: عامل ۽ پائيبند. عامل اُھي آھن جيڪي مسلمان حاڪمن جا عملدار ھئا. سنڌ ۾ انگريزن جي حڪومت اچڻ کان پوءِ پڻ عامل طبقو گھٽو ڪري سرڪاري نوڪرين ۾ داخل ٿيو. ٻئي طرف پائيبند اُنھن کي سڏيو ويو جيڪي ڏنڏي- واپار ۾ گھڙيا. سنڌ ورڪي پائيبند اُھي ھئا جن گذريل ٽن ڪن صدين ۾ الڳ الڳ ملڪن ۾ وڃي واپار ڪيو.

عاملن ۽ پائيبندن جون پنچائتون سنڌ ۾ الڳ الڳ ھيون. ملڪ جي آزاديءَ تائين پنچائي سرشتي جو تمام گھٽو زور ھو، جيڪو پارت ۾ لڏي اچڻ کان پوءِ گھٽي قدر ڍِلو ۽ ڪمزور ٿي ويو. سنڌ جي علائقي ۾ پيد ياوَ جي لحاظ کان عاملن توڙي پائيبندن ۾ پيدياءُ ھوندو ھو (جيئن تہ ساھتيءَ وارا، لاڙا ئي، اُتراڊي، ساڪرو، شڪارپوري، لسٻيلائي، ٿري، وغيرہ). انھيءَ موجب پنچائتون بہ الڳ الڳ ٿھيون. اُھي ملڪ جي آزاديءَ کان پوءِ پارت ۾ پڻ قائم آھن. خاص طور شادي مرادي يا سگاٻندي ڪرڻ وقت عامل، پائيبند ۽ علائقائي فرق جو اجاتائين گھٽو خيال رکيو وڃي ٿو.

(5) پارت ۾ لڏي اچڻ کان پوءِ سنڌين جي سماجي ڍانچي ۾ مکيہ تفاوت اھو ٿو نظر اچي تہ ھتي سنڌين ۾ مسلمان طبقو بلڪل ختم ٿي ويو آھي. (ڪچ، راجستان جي سرحدي علائقن ۾ جيڪي سنڌي ڳالھائيندڙ مسلمان رھن ٿا، اُھي آزاديءَ کان

پوءِ پارت ۾ لڏي آيل سنڌي ھندن جي سماج جو حصو بڻجي نہ سگھيا آھن.) اِن ھوندي بہ تصوف واري ويچار ڌارا جو اثر پارتي سنڌين ۾ صاف نظر اچي ٿو.

سنڌي لوڪ ثقافت جا جدا جدا طبقا جن جو ھن کان پھرين ذڪر ڪيو ويو آھي، اُنھن مان لوڪ ادب وارو حصو تہ پارت جي سنڌي ھِندُن گھٽي قدر پاڻ وٽ سنياليو رکيو آھي. پر نئين زماني جي ماحول سببان پارت ۾ لوڪ جيوت جي طريقن، لوڪ ڪلائن (فنون) ۽ روايتن کان حاصل ٿيل ھُنرن ۽ لوڪ ھُنرن مان گھٽن حصن جو پارت ۾ خاتمو ٿي چڪو آھي. ھتي جي علائقائي ثقافتن جي اڪثر ڪري پارتي سنڌي نوان نوان رُوپ (جيئن تہ: گُجراتي گربا ناچ، ماھاراشٽر ۽ گجرات ۾ گٽيش پوجا، پڳت جي روايت ۾ سينيما جي گانن ۽ طرزن جو استعمال ڪري ڊِسڪو ڊانس پيش ڪرڻ، وغيرہ) اختيار ڪري رھيا آھن.

سنڌي پھاڪا ۽ چوَٽيون جيڪي سنڌي ثقافت جو ھڪ اھم حصو آھن، اُنھن ۾ بہ تبديلي اچي رھي آھي. سنڌ جي جاگرافيءَ اندر سنڌي مسلمانن جي ريتين رسمن تي بدّل پھاڪا پارت جي نوجوان نسل جي ٻوليءَ مان لڳ ڀڳ گم ٿي چُڪا آھن. اِنھيءَ کان سواءِ، ھندي، اردو ۽ ٻين ڪِن مکاني ٻولين جون چوٽيون سنڌي ٻوليءَ ۾ داخل ٿي رھيون آھن. انھيءَ تبديليءَ جي چندياڻ اڳتي ھلي ڪئي ويئي آھي.

✡

2

پهاڪن جي بيهڪ ۽ وصف

2.1 پهاڪن جي اهميت:

"ايڪهه شبدهَ سُپرِيُڪتَ، سميَگَ گياتَ، سَوَگي لوڪي چه ڪام- ڏُگيوَتِ." (پتنجلي مهاياشيه)

'سُپريُڪَت شبد' اڪيلو ئي هِن لوڪ هن دنيا ۽ پرلوڪ (هُن دنيا) ۾نهي ۾ گهربل قل ڏيندڙ آهي.

هن ڪٿ جي پنيرائي هيٺ ڏنل هڪ پراڻي سلوڪ مان ٿئي ٿي.

سلوڪ:

يَستُو پريُدبُوُكَتي كُشلو وشيشي،
شَبَدانُ يَتاوَد وَيَوَهاركالي،
سو اننتماپنوتي جين پَرَتَر،
واگيو گوِود دُشيتِ چاپشبدئي هـ

جيڪي وهنواري شخص ڪنهن خاص وقت تي 'سپريُڪت شبدن' (واڪيانش، ڪنڊ واڪيه، مها واڪيه، وغيره) جو نيڪ استعمال ڪندو آهي، اُنهيءَ کي بيحد عزت ملندي آهي. اِنهيءَ جي اُبتڙ سُپريڪت لفظن 'اشٽ پريوگن' پهاڪن جو ڄاڻو جيڪڏهن فحش لفظن يا گٽن لفظن جو استعمال ڪري تو تہ هو پاپ جو پاڪيدار ٿئي ٿو.

اِنهيءَ 'سُپريُڪت' لفظ کي هِن شلوڪ ۾ ويدن جي رِشين'، 'واگيوگ' (يعني آواز جا خاص فقرا يا پهاڪا) جو نالو ڏيئي ڪري، اِنهن جي استعمال سان ڪهڙا فائدا آهن ۽ وري انهن جي جاءِ تي گٽن لفظن يا فحش لفظن جي استعمال سان ڪهڙا نقصان ٿين ٿا، اُنهن کي چٽو ڪري پهاڪن جي اهميت ۾ چار چند لڳائي چڏيا آهن.

سچل سرمست جي چوٽي "ڪُٽ مُلان جي نوڙهه، قاضيءَ وارو مُصلو" يا وري ڪبيرداس جي چوٽي "پٽر پُوجي هرِي ملي تو مين

پوجون پهاڙ" عملي ميدان ۾ جيتري ڪمائتي يا سجائي آهي، بوليءَ جي ميدان ۾ اوتري ئي معنيٰ واري ۽ اهميت رکندڙ آهي.

اصل ۾ پهاڪن ۾ هڪ قسم جي سنجيوني (زندهه ڪندڙ) قوت ٿئي ٿي، جيڪا گهٽ مطلب کي اعليٰ ۽ اعليٰ معنيٰ کي اعليٰ تر بڻائي ٿي.

سُنن وهنواري شخصن، پهاڪن کي بوليءَ جو ساهه يا اُنهيءَ جو روح ڪوئيو آهي. پهاڪا ڏسڻ ۾ تہ سادا سُودا لڳندا آهن، پر اِنهن ۾ لڪل آزمودا ماڻهن کي هميشہ سکيا يا تربيت ڏيندا رهندا آهن. ڏِسُو:

1- بيوقوفُ کي بازار ۾ وڻي نہ وڃجي ساڻُ،
پهرين کُٽائي پاڻ، پوءِ سار لهي سنگتيءَ جي.

2- سياڻو ڪانءُ ٻٽنگو ڦاسي.

اصل سچ ۾ پهاڪا لوڪ ادب جو حصو آهن. اِهي انهن جي استعمال ڪرڻ وارا گُوناڻن کان ئي نہ، بلڪ، اُن جي معيار وارن عالمن کان بہ وڌيڪ گُنپير ٿيندا آهن. پهاڪن ۾ هڪ پاسي بجليءَ جي روشنيءَ وانگر ڪنهن گَالهه کي چؤطرف ڦهلائڻ جي سگهه آهي، اُتي ئي ٻئي پاسي قديم علم کي سُهڻي ۽ سپاٽ لفظن ۾ سنيالي رکڻ جي قوت بہ آهي. پهاڪن ۾ جُگن کان سمايل اهڙيون سچيون گَالهيون مِلن ٿيون، جيڪي اُنهيءَ وقت جي ماڻهن لاءِ تہ جڏ پٽ تي لکيل هڪ سَنَدَ يا مثال هيون. اهڙيون ئي سچيون گَالهيون عام ماڻهن ۾ مشهوري ماڻي پهاڪي جي شڪل اختيار ڪري وڻنديون آهن. ڏسو:

- مون جڏيو مانءِ پُٽ ڪري، پر تي پئين تون ڏيءَ.

هن سٽ ۾ ڪيڏي نہ طنز پريل آهي. چنيسر پنهنجي ماءُ جي واتان هيءُ مهڻو ٻڌي قسم کنيو تہ اِن جو ويرِ دودي کان ضرور وڻندس.

محمد غوريءَ جي جيل ۾ جڏهن پِرٿويراج چوهاڻ کي چندبردائيءَ چيو:

- چار بانس چوويس گز، انگُل اشٽ پرماڻ،
تا اُوپر سلطان هي، مَت چُوُکي چوهاڻ.

تہ هيءُ جملو "مت چُوُکي چوهاڻ" محمد غوريءَ جي موت جو سبب بڻيو.

آزمودن سان پريل، سکيائن سان پريل، سنتن صوفين جي وچنن سان پريل هي گُفتا سچ پچ بجليءَ جي طاقت وارا هوندا آهن. اِهي هڪ پاسي پريم، پيار سان پريل مِنا لڳن ٿا تہ ٻئي پاسي زهر کان بہ وڌيڪ زهريلا ۽ ائٽمي بمن کان بہ وڌيڪ خطرناڪ ڊيڇاريندڙ هجن ٿا. مثال طور:

- مينهن پنهنجي ڪارنهن ڏسي ڪانِ، ڳئون کي چوي تہ هلُ ڙي پُچ ڪاري.
- ڪُتي جو پَچُ ٻارهن مهينا نڙ ۾ وجهہ تہ بہ ڏنگو جو ڏنگو.
- جِتي اُٺ ترندو، اُتي پُچُ بہ تري وِيندو.
- گهٽين زالين گهر نہ هلي، گهٽين مردين هرُ نہ هلي.

انساني شڪل ۾ پيدا ٿيڻ وارو اِنسان جڏهن کان ٻڌيو، تڏهن کان ئي کيس زندگيءَ جي لاهين چاڑهين، ڏکن ڏولائن، غمن خوشين ۾ رهندي وهنواري زندگيءَ جا سڀ ۽ خراب آزمودا ٿيڻ لڳا. اِنهن آزمودن مان اُنهن جيڪي پرايو، اُهو سڃوئي ننڍڙن ٽُڪتن جي شڪل ۾ نئين ٿهيءَ کي ڏنو. وري نوجوان پيڙهيءَ کي ڪجهہ نوان آزمودا ٿيا. هنن بہ اُهي پنهنجي اڳ واري پيڙهيءَ کي ڏنا. ائين پيڙهي در پيڙهي اِهي آزمودا هڪ پيڙهيءَ کان ٻي پيڙهيءَ وٽ پهچندا ويا ۽ جڏهن ساڳيا آزمودا، جيڪي وڏن بزرگن پنهنجن ننڍن کي ٻڌايا هئا، سي ننڍن کي پنهنجي زندگيءَ ۾ ٿيڻ لڳا تہ اِنهن جي واتان پُراڻن آزمودن جي پُنيرائي ٿيڻ لڳي ۽ اهي آزمودا اڄڪلهي هلي ٻوليءَ، ٻوليءَ جي استعمال، قانون يا فارمولي جي شڪل ۾ سامهون آيا. آهستي آهستي اِهي فارمولا پنهنجي هڪ شڪل اختيار ڪري ڀينا ۽ ٻولي ۽ لوڪ ادب ۾ پهاڪن جي روپ ۾ ڪتب اڳ لڳا. ڏسو:

"اُتم کيتي وڏندڙ واپار،
نيچ نوڪري، پنڊ بيڪار."

هن پهاڪي ۾ زندگيءَ جي سچائي سمايل آهي. ڪنهن وقت ڪنهن شخص کي نوڪري محنت کان پوءِ بہ نہ ملي هوندي يا وري نوڪري ملي هوندس تہ پنهنجي قابليت جي نہ ۽ وري پگهار گهٽ،

يعني هُن گهٽيئي مشڪلاتون ڏٺيون هونديون. اِنهيءَ آزمودي مان هُن شخص اِها ڳالهہ چئي ڇڏي هوندي. اُنهيءَ آزمودي وانگر جڏهن ٻين کي بہ ساڳيا تجربا ٿيڻ لڳا تہ انهيءَ ڳالهہ استعمال آهر آهستي آهستي عام ماڻهن ۾ مشهور ٿي پهاڪي جي شڪل وٺي ويني.

پهاڪي جي روايت ڏاڍي پُراڻي آهي. سيني پراڻين ثقافتن جي ماڻهن جا شخصي تجربا پهاڪن جو روپ وٺي ڪري، اُنهن جي زندگيءَ ۾ ڄاڻيل آهن. اِهوئي سبب آهي جو پراڻو ادب پهاڪن سان پُر آهي. ويدن واري زماني جي ثقافت ۽ لوڪ سنسڪرت جو ادب بہ پهاڪن سان پريل آهي. جيئن تہ:

- اَتِ سروَتر ورجييت
- اُديوگمُ پُرش لکشٹمُ
- وِناشڪالي وِپريت بُدّ
- مؤنن سروارث ساڌنمُ
- ڪشما ويرسَيہ پوُشٹمُ

اِنهي روايت ۾ اڄڪلهي پالي، پراڪرت، اَپيرنش دؤران مان گذرندي اسان جي سنڌي ٻولي بہ پهاڪن جي پنڌار سان پُر ٿي آهي.

سنسڪرت ادب سان گڏوگڏ ٻين ٻولين جي ادب ۽ ٻوليءَ ۾ بہ پهاڪن جو استعمال جهجهي تعداد ۾ ٿيندو رهيو آهي. پهاڪن جي ادب ۽ ٻوليءَ ۾ خاص جڳهہ آهي. اِنهن جي استعمال سان ٻوليءَ جي سونهن وڌي ٿي. پهاڪا سياڻپ جو آئينو آهن، اِنهن ۾ سماج جي رهڻي ڪهڻيءَ جي جيئري تصوير ملي ٿي.

وهنواري زندگيءَ ۾ ڏسجي تہ جنهن جي ٻوليءَ ۾ شيريني آهي، ڳالهائڻ، ٻولهائڻ ۾ هوشياري آهي، سو ٻڌندڙ جي دل کي بہ ڇڪي وٺي ٿي. "زبان شيرين، مُلڪ گيري". ٻوليءَ ۾ ميناڄُ پيدا ڪري ڪيس دلڪش ۽ اثرائتو بڻائڻ ۾ پهاڪا پنهنجو مٽ پاڻ آهن. اِهي ٻوليءَ جي سونهن آهن.

ادب سماج جو آئينو آهي، تہ پهاڪو ادب ۽ ٻوليءَ جو سينگار آهي. پهاڪي جي استعمال سان ٻولي سُپڪُ ۽ ادب جو اوُچي معيار

واري بڌجي ٿيو ۽ اُوچي ادب سان سماج جو مهذب بڌجي ٿو. پهاڪا بوليءَ جو سينگار آهن، اِنهن جي استعمال سان بوليءَ ۾ نواڻ ۽ خوبصورتيءَ جو سنچار ٿئي ٿو. ناول ۽ ڪهاڻين ۾ ته پهاڪن جو استعمال ضروري ليکبو آهي. پروفيسر رام پنجواڻي پنهنجي ناول "آهي نه آهي" ۾ جهجهي تعداد ۾ پهاڪن ۽ چوٽين جو استعمال ڪيو آهي.

- سائين جِن سان ساڻ، تن کي لهِ نه لوڏو (شاهه)
- اِيشور آهي ايڪو، اسين آهيون بُڙِيون.
- دليلن سان دلبر ملي ها ته هرڪو وڪيل پُهتل پير هُجي ها.

پهاڪا لسانيات جي عالمن لاءِ هڪ خاص ۽ اهم جاءِ والارين ٿا. بولي ۽ ادب ۾ ايندڙ ڪيترا لفظ آهستي آهستي واهپي کان باهر ٿيندا وڃن ٿا، پر "پهاڪي" جي ڳوٽريءَ ۾ ايا تائين آڪاڻا لفظ محفوظ آهن. جيئن ته:

- هُنن جا پاڻ ۾ ڏٽر سنوان نه آهن.
- وُنو ته ٽر، نه ته بر.

اِنهن ۾ هاڻي "ڏٽر" ۽ "وُنو" لفظ چال مان نڪري ويا آهن.

ڊاڪٽر واسديو شرڻ اگروال موجب "پهاڪا قديم علم جا محافظ ٿيندا آهن." ڪِرستانن جي قديم مذهبي ڪتاب "اولڊ ٽيسٽامينٽ" (Old Testament) ۾ "پراورب" (Proverbs) نالي هڪڙو باب آهي. هِن باب ۾ گڏ ڪيل پهاڪن تي مصر جي قديم ڪتاب جو اثر آهي. هڪڙي يهودي دعائن جي ڪتاب ۾ قانون جي پنڊتن پاران چيل ٽيهڻ جاڻ پريا گفتا گڏ ٽيل آهن، جن جو وجود حضرت عيسيٰ جي جنم کان ٽي سال اڳ جو آهي. اِسلام جي اوائلي ڪتاب، "قرآن شريف" ۾ به مثال جي روپ ۾ پهاڪا ڏنل آهن. ويدن ۾ اَڻاهه پهاڪا ۽ چوٽيون ملن ٿيون.

يورپ ۽ ٻين ملڪن ۾ ته ٻارن کي تعليم ڏيڻ وقت پهاڪن جو خاص استعمال ٿيندو آهي. جاپان ۾ رڳو تعليم ۾ بلڪ راندين ۾ به پهاڪن جو استعمال ڪيو ويندو آهي. جاپان جي پروفيسر ڪوچي دوئي پنهنجي مقالي Introduction to the Proverbs ۾ لکيو آهي ته ٻالپڻي ۾ تاش جي راند ۾ جيڪي ٻاونجاهه پتا هُو ڪتب آڻيندا هئا، اُنهن ۾

هرهڪ ڪارڊ تي پهاڪو لکيل هوندو هو. هڪ چوڪرو ڪوبه هڪ پهاڪو پڙهندو هو ۽ اسان اُنهيءَ کي ورجائيندا هئاسون. اُنهن ڪارڊن تي چپيل پهاڪن ۾ هڪ پهاڪو ڏسو:

"Three men together are as wise as Munjusri"

جدا جدا بولين جي ادب ۾ پهاڪن جي اهميت تي چيل ڪجهه سُخن هن ريت آهن:

- پهاڪا عوام جو آواز هئڻ ڪري، الله جو فرمان آهن. (اردو)
- جنهن پهاڪي جو مطلب سمجهيو، اُنهي ويد جو جوهر ڄاتو. (ڪنڙ)
- هن سنسار ۾ ٽي رتن آهن: پاڻي، اَناج، ۽ سهڻا سخن يعني پهاڪا. خبر نه آهي ته پوءِ هي ماڻهو پٿر جي نڪرن کي "رتن" چوڻا چون. (سنسڪرت)
- موت ۽ پهاڪي کي اِختصار سان محبت آهي. (جرمن بولي)
- جهڙيءَ طرح ڪاڏي ۾ لوڻ آهي، تهڙيءَ طرح بوليءَ ۾ پهاڪا آهن. (عربي)
- پهاڪا ڄاڻ جو مڪمل خزانو آهن. (آمريڪا)
- پهاڪن جو جنم ڄاڻ مان، ته ڄاڻ جو جنم پهاڪن مان ٿيو آهي. (روسي)
- پهاڪي سان وقت تي چور جي ويچارن ۾ به قيرو اچيو وڃي.
- جيڪڏهن پهاڪي کي ڪو ڪوڙو ثابت ڪري، ته پوءِ چئبو ته ڪير جو سواد به ڪٽو ٿيندو آهي. (ملايالم)

آخر ۾ مان رڳو ايترو چوندس ته پهاڪي جي اهميت دنيا جي هرملڪ ۾ هر شخص سجاتي آهي ۽ اِنهيءَ کان وڌيڪ بولي ۽ ادب ۾ ته پهاڪن جي واڪاڻ جا جنسي ڏُڪ پريا ويا آهن.

2.2 پهاڪن جا اشتقاق:

سنڌي بوليءَ جا هيستائين ڪابه سَئڊي يا پروسي جوڳي اشتقاقن جي لغت شايع نه ٿي آهي. اِن ڏس ۾ ڪجهه شروعاتي ڪوششون ڪن عالمن ڪيون آهن؛ جيئن ته:

1- اکر ڏاتو (1866ع): پادري شرت جو لکيل.
2- ويُتپتي ڪوش (1885ع): جھمٽمل نارُومل وسڻاڻي.
3- تحقيق لغات سنڌي (1957ع): عبدالڪريم سنديلو.
4- جامع سنڌي لغات (پنجن جلدن ۾)، پبلشر سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، سنڌ. هن ۾ ڪجھ لفظن جا اشتقاق آھن.

پھاڪي لفظ جي اشتقاق (ويُتپتي) بابت سڀ يڪراءِ نہ آھن. اُنھن جي ويچار ۾ تفاوت آھي. پھاڪي جي ويُتپتي (اشتقاق) بابت جيڪي رايا ڏنا اُھي ھن ريت آھن:

1- عبدالڪريم سنديلي 'تحقيق لغات سنڌيءَ' ۾ پھاڪي لفظ جو اشتقاق ھن ريت ڏنو آھي: پھاڪو (سنسڪرت = پٽ + ڪو پچاڙي) نصيحت آميز چوٽي، ضربُ المِثل.
2- 'جامع لغات سنڌي' (جلد ٻيون) جنھن جي ايڊيٽرن ۾ عبدالڪريم سنديلو پڻ شامل آھي، اُنھيءَ ۾ ٻہ 'پھاڪو' لفظ جو ساڳيو اشتقاق ڏنل آھي.
3- مرزا قليچ بيگ 'سنڌي لغات قديمي' توڙي 'لغات لطيفيءَ' ۾ 'پھاڪو' لفظ جي ھڪ معنيٰ 'وات، رستو، پھو' پڻ ڏني آھي. اِنھيءَ معنيٰ ۾ 'پھاڪو' يا 'پَھو' لفظ جو مول سنسڪرت 'پَٹ' ۾ ڄاڻايل بلڪُل درست آھي. اِنھيءَ معنيٰ جي لاءِ ھُن شاھ جي ڪلام ۾ آيل ھيٺين سِٽ جو حوالو ڏنو آھي:
"آتڻُ وِجھي آگ ۾، پُڇنديسِ پوءِ پھاڪو."
4- مشھور لسانياتي ماھر ڊاڪٽر مرليڊر جيٺلي 'پھاڪي' لفظ جي اشتقاق بابت ھيٺيان ويچار ڏنا آھن: سنڌيءَ ۾ ھڪ مصدر آھي 'پھڻُ'. اُن جون مکيہ معنائون آھن، خيال ڪرڻ، فيصلو ڪرڻ، صلاح ونڻ يا ڏيڻ، سِرجڻ، غور ڪرڻ، جاچڻ. مثال طور:
- تڏھن ويھي سات وارن، پاڻ ۾ پَھِيو پريِاڻا. (مخدوم غلام محمد بگائي)
- پتنگن 'پھ' ڪيو، مِڙيا مٿي مَچَ. (شاھ عبداللطيف ڀٽائي).

'پھ' ڏاتوءَ ۾ 'آڪو' پچاڙي ڳڏڻ سان لفظ نھيو آھي 'پھاڪو'. اِن ريت فعل- ڏاتو ۾ 'آڪو' يا 'ڪو' پچاڙي جوڙڻ سان سنڌيءَ ۾ ٻيا بہ اِسم ناھبا آھن. جيئن تہ: ميڙ (ميڙڻ)- ميڙاڪو؛ چُڱ (چُڱڻُ)- چُڱاڪو؛ لُڇڻُ- لُڇڪو؛ چَٻڻُ- چٻڪو؛ چِلڻُ- چِلڪو. اِنھيءَ ڪري 'پھاڪو' لفظ جي آخري معنيٰ آھي. "اُھو ٽُڪتو يا گفتو، جنھن ۾ ڪو اُونھو خيال يا ويچار سمايل آھي." عام ماڻھن جي روزاني زندگيءَ ۾ اِھو گفتو، صلاح يا ھدايت طور ڪتب آڻجي ٿو، جنھن مان ٻين کي اَڪثر صحيح واٽ تي ملڻ لاءِ اشارو ملي ٿو.

'پَھَڻُ' مصدر مان نھيل ٻين ڪِن لفظن يا اصطلاحن جا مثال ھيٺين ريت آھن:

- پَھُ- پوُرُ خيال، اُونھو ويچار، غور، صلاح، رِٽ، تجويز، منصوبو.
- پھ پارڻُ- خيال ڪرڻ، ارادو ڪرڻ، رِٽ ڪرڻ.
- پھ پچار- صلاح مصلحت، خيال جو اظھار.
- پھُ پچائڻُ- خيال ڪرڻ، فيصلو ڪرڻ، منصوبو ڪرڻ.
- پھُ ڪرڻُ- نھراءُ ڪرڻ.
- پھ پوڻُ- پور پوڻُ، خيال اچڻ.
- پھڪار- صلاحڪار

انھن مثالن مان بہ اِن ڳالھہ جي پنيرائي ٿئي ٿي تہ پھاڪو اُھو گفتو آھي، جنھن ۾ گنيير ويچار يا صلاح سمايل آھي.

ھاڻي اچو ڏسون تہ 'پھ' ڏاتوءَ جي تاريخي اوسرِ ڪيئن ٿي آھي. سنسڪرت ۾ ھڪ ڏاتو آھي. 'درش'، جنھن جي گردان ۾ شڪل ٿئي ٿي، 'پَشيہ' اِن مان سنڌيءَ ۾ ڏِسڻُ، پَسڻُ، فعلن جي اوسر ٿي آھي. 'پَشيہ' جون سنسڪرت ۾ معنائون آھن: ڏسڻ، نھارڻ، ويچارُ ڪرڻ، غور ڪرڻ، جاچڻ، سمجھڻ، اندر جي آواز سان ڄاڻڻ، فيصلو ڪرڻ.

سنسڪرت جا ڪجھ لفظ جڏھن بدلجي سنڌي روپ اختيار ڪن ٿا، تڏھن اُنھيءَ جي 'ش' يا 'ش' آواز جي تبديلي ڪڏھن ڪڏھن 'ھ' ۾ بہ ٿي وڃي ٿي. مثال طور:

پشوُ- پهون (بَکري، رِڍَ، جانور)؛ مَنُشيہ- ماڻهو؛ پاش- ڦاهي.

ساڳيءَ طرح، سنسڪرت ڏاتو 'پشيہ' بدلجي سنڌيءَ ۾ شڪل ورتي آهي 'پهہ'، ۽ انهيءَ جون ڪيتريون معنائون ساڳيون قائم رهيون آهن.

مرانيءَ جو فعلُ 'پاهِٽي' بہ سنسڪرت 'پشيہ' مان نڪتل آهي ۽ اُن جي معنيٰ بہ ساڳي آهي 'ڏسڻ'. گجراتيءَ ۾ هڪ مرڪب لفظ آهي: 'پهاڻي پترڪ' يعني جاچ رپورٽ. هتي پِڙ 'پهاڻي' لفظ جو مول سنسڪرت 'پشيہ' ڪم ۾ آهي.

'پَهَڻُ' فعل جو ارتقا سنسڪرت ڪريا (ڪم) 'پُر+ اِيڪش' مان بہ ممڪن آهي، جيڪو پراڪرت ۾ 'پيهہ' ۽ سنڌيءَ ۾ 'پَهہ' شڪل ۾ ملي ٿو ۽ معنائون اٽس: جاچڻ، غور ڪرڻ، ڏيان سان ڏسڻ، جائزو وٺڻ، ويچار ڪرڻ.

پر+ اِيڪش- پيهہ- پَهہ؛ پريڪشڻ- پيهَڻَ- پَهَڻُ.

سنڌيءَ ۾ 'پهاڪي' جي معنيٰ ۾ ڪُجهہ ٻيا لفظ بہ ڪتب ايندا آهن. جيئن تہ: ڪَهاوَتَ، ڪَهاڻَ يا ڪَهَتَ.

'ڪهاوت' لفظ جي ويتپتي (اشتقاق) بابت عالمن جا مختلف رايا آهن، جيڪي هيٺ ڏجن ٿا:

(1) هنومان پرساد پوڊار پنهنجي ڪهاوت موضوع تي لکيل هڪ مضمون ۾ ٻڌايو آهي تہ ڪهاوت جي لفظ ڪَهہ+ آوَتَ نموني نهيو آهي، يعني اُهو سُخن يا گُفتو جنهن کي عام ماڻهو نسل در نسل چوندا ۽ ٻُڌندا پيا اچن.

(2) اَچاريہ ڪيشَوَ (عالم) پرساد مِشر 'ڪَهہ' ڏاتوءَ ۾ عربي پڇاڙي 'آوَت' لڳائڻ سان هِن لفظ جي رَچنا سمجهائي آهي: ڪهہ+ آوَ+ ت = ڪهاوت.

(3) مشهور لسانياتي ماهر ڊاڪٽر سِٽيشورَ ورما جي راءِ ۾ 'ڪهاوت' لفظ جي رچنا هن ريت آهي: ڪهاوت= ڪَهہ + آوَ (جيئن سُجهاوَ)+ اَت.

(4) ڊاڪٽر واسود شرڻ اگروال پراڪرت 'ڪهاپُ' ڏاتوءَ

پڇاڙي ۾ 'ت' جوڙڻ سان 'ڪهاپَتُ- ڪهاوت' لفظ جي رچنا سمجهائي آهي.

(5) ڊاڪٽر يولانات تِواريءَ پنهنجي 'وِرهَدَ هندي لوڪوڪِتِ ڪوش' ۾ لکيو آهي تہ، هندءَ جي لهجي پوجپُوري ۾ ڪهاوت کي 'ڪهن اُت' بہ چئبو آهي، جيڪو شايد ڪٽن+ وَتَ سان واسطو رکندڙ آهي. اِنهيءَ آڌار تي مان پهرين 'ڪهہ' ڏاتوءَ سان 'آوَت' پڇاڙي جوڙي 'ڪهاوت' مجيندو هئس. پر هاڻي مون کي لڳي ٿو تہ هندءَ جو 'ڪهہ' ڏاتوءَ ۾ هِن کي جوڙڻُ نيڪ نہ آهي. بنيادي طور هِن لفظ جو واسطو 'ڪٿا' (ڪهاڻيءَ) مان ٺهيل ڪنهن لفظ سان ٿيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ گهٽن ٻولين، ٻاشائن ۾ 'ڪهاوت' لاءِ جيڪي لفظ ڪتب اچن ٿا، تِن ۾ بنيادي شڪل ۾ ڪٿا (ڪهاڻي) يا لڳهُ ڪٿا (ننڍي ڪهاڻيءَ) جو تاثر هُجي ٿو. اِنهيءَ لاءِ 'ڪهاوت' جو تعلق سنسڪرت جي ڪٿاوَت 'ڪٿا وارتا' يا 'ڪٿا ورت' سان هئڻ گهرجي.

(6) پنڊت رامدهن مِشر جي ويچار ۾ 'ڪهاوت' جي بنيادي شڪل 'ڪٿاوت' آهي. پراڪرت جي اصولن مطابق، 'ٿ' جي تبديل 'هـ' ۾ ٿيڻ عام آهي. ڪهاوت جو آڌار اڪثر ڪي آڪاڻيون وغيره ٿيندڙيون آهن. ڪهاوتون پڻ ڪٿائن وانگر عوام ۾ مشهور ٿي وڃن ٿيون. اِن ڪري انهيءَ لفظ جو بنيادي اشتقاق 'ڪٿا' ۾ هئڻ گهرجي.

(7) پلاٽس نالي عالم بہ 'ڪهاوت' لفظ جو اشتقاق سنسڪرت جي 'ڪٿاوَت' مان ٻڌايو آهي. يعني ڪهاوت اُن کي چئجي ٿو، جنهن جي بنياد ۾ ڪا ڪٿا هجي.

(8) ٽرنر جي راءِ موجب هن لفظ جو بنياد ممڪن آهي تہ 'ڪٿا وارتا' هجي. هاڻي اِنهيءَ جي معنيٰ ۾ اصل لفظن جي معنيٰ کان تبديلي اچي ويئي آهي.

(9) مشهور عالم مُنِ جِن وجيه ۽ مهاپنڌت راهُل سڪرتيائن به 'ڪٿا وارتا' کي ئي ڪهاوت جي بنيادي شڪل ۾ مڃين ٿا.

(10) ڪهاوت ۾ 'وت' اصل ۾ 'بات' جي بگڙيل شڪل آهي. اِن ڪري اِنهيءَ جو مطلب آهي 'ڪهي هوئي بات' يعني چيل ڳالهه. گوسوامي ٽُلسيداس اِن معنيٰ ۾ 'بَتڪَهي' لفظ جو استعمال ڪيو آهي. ڏسو:

ڪرت بَتَڪهي اَنُجَ سَن، مَن سِيَہ روپ لُيان،
مُک سَروج مکرند چَوي، کَرتَ مَڈُپَ اِوَ پان.

راجستاني۽ ۾ به 'کَهبَتَ' لفظ 'ڪهاوت' جي معنيٰ ۾ ملي ٿو.

(11) مولانا ابوالڪلام آزاد ڪهاوت کي کَهَ+ باتَ مان ڪيڙ کي قبول نه ٿو ڪري. سندس ويچار ۾ ڪهاوت جي 'وَتَ' يا 'بَتَ' جي معنيٰ 'بات' نه آهي. مولانا جي ويچار ۾ جيئن 'ڪهنا' (فعل) مان 'ڪهاني' لفظ ٺهيو آهي، جيڪي ڪٿا، آکاڻيءَ جي مطلب ۾ مُروج ٿي ويو آهي، تيئن ڪهاوت جو بنيادُ پڻ 'ڪهنا' فعل آهي؛ پر اِهو لفظ پهاڪي يا چوٽيءَ جي مطلب ۾ زماني کان ونڍي واهپي ۾ هلندو پيو اچي.

(12) ڪهاوت لفظ جي بنياد بابت لسانيات جي علم جي مشهور عالم ڊاڪٽر سُنيتي ڪمار چيٽرجيءَ جو رايو آهي:

"The origin of word Kahawat would appear to be old Indo Aryan + Early M.I.A causative or denominative affix (satr)- ant Kathapayanta Kadhavayanta Kahawarta Kahawat."

مٿي ڏنل عالمن جا رايا 'ڪهاوت' لفظ جي اشتقاق بابت مختلف ويچار پيش ڪن ٿا، پر ائين نه ٿا چئي سگهون ته 'ڪهاوت' جي اشتقاق بابت رايا پورا ٿيا. اسان ڏٺوسين ته ڪجهه عالمن هن لفظ ۾ عربي- فارسيءَ جي پچاڑين جي مدد ورتي آهي ته ٻئي پاسي هن ڪي هندي- سنسڪرت جي پچاڑين مان نڪتل ڄاڻايو آهي. سچُ آهي ته ڪهاوت لفظ جي اشتقاق بابت پختائيءَ سان ڪُجهه چوڻ سولو نه آهي.

پر تڏهن به نتيجي ۾ چئي سگهون ٿا ته 'ڪٿا وارتا' جو پراڪرت روپ آهي. 'ڪهاوتا' جيڪو آوازن جي تبديلي توڙي معنيٰ جي لحاظ کان ڪهاوت لفظ جي گهٽو ويجهو آهي. ٻئي طرف ڏسجي ته جيڪي عالم هن لفظ جي رچنا ۾ عربي 'آوت' پچاڑي ڄاڻائين ٿا، اُها به ناممڪن نه آهي. لِکاوٽ، سَجاوٽ، بناوٽ وغيره لفظن جي طرز تي 'ڪهاوٽ' ۽ پوءِ 'ڪهاوت' لفظ جو ارتقا آسانيءَ سان ٿي سگهي ٿو. 'ڪهات' ۽ 'ڪهت' لفظ 'ڪهاوت' جي بگڙيل لفظ ۽ ننڍا روپ ئي آهن.

سنڌيءَ ۾ پهاڪي لاءِ ٻيو لفظ 'چوٽي' به عام جام ٻوليءَ ۾ ڪتب ايندو آهي. اِهو 'چوڻ' فعل مان ٺهيل اسم ذات لفظ آهي، مطلب ته چيل گفتو يا ڳالهه. اِن لاءِ هنديءَ ۾ 'اُڪِت' ۽ انگريزيءَ ۾ 'Saying' مترادف لفظ آهن.

2.3 ٻين ٻولين ۾ پهاڪن جا هم معنيٰ لفظ:

(1) **ٻين ملڪن جي ٻولين ۾ ڪتب ايندڙ لفظ:**

پهاڪو ٻوليءَ جو هڪ سينگار آهي ۽ سينگار ان سبب ادب جو هڪ خاص جزو آهي. دنيا جي سيني ملڪن جي ٻولين ۾ پهاڪي جو پڻ استعمال جهجهي انداز ۾ ٿئي ٿو. اَڄو ته پارت- پاڪ ننڍي کنڊ کان سواءِ ٻين ملڪن جي ڪن ٻولين ۾ پهاڪي لاءِ ڪتب ايندڙ هم معنيٰ لفظن جي چنڊياڻ ڪريون، جيئن هن لفظ جي پيدائش ۽ معنيٰ تي وڌيڪ روشني پئجي سگهي.

يوناني (Greek) ٻوليءَ ۾ پهاڪي لاءِ لفظ آهي 'Paramecia'، جنهن جو ناتو اهڙي عام چوٽي يا اهڙي عام سِٽ سان آهي، جيڪا گهٽي وقت کان ماڻهن جي زبان تي قائم رهي آهي ۽ جنهن کي يونان جو هرهڪ شخص سڃاڻي ٿو. اِٽالين ۽ لئٽن ۾ پهاڪي لاءِ 'Proverbio' لفظ ڪتب ايندو آهي. ٽسڪن ٻوليءَ جو لفظ آهي Dettato؛ اِنهن جو لاڳاپو اهڙي سِٽ يا چوٽيءَ سان آهي جنهن جو هر هر يا وري وري دُهراڻ ٿيندو رهي ٿو. اِن طرح پهاڪو هڪ پيڙهيءَ طرفان پنهنجي اڳ واري پيڙهيءَ کي ٻڌائجي ٿو، جنهن سان اُهو ذهن ۾ هميشه لاءِ رهجي

وجي ٿو. اسپين جي ٻوليءَ ۾ پهاڪي جو هم- معنيٰ لفظ آهي 'Refran' جنهن جي معنيٰ آهي اُها ڳالهه يا اُها سِٽ جنهن جو ڏُهراؤ وري وري ٿيندو آهي. اسپين جي ٻوليءَ ۾ Proverbio پهاڪي لاءِ نه، پر (سنن لفظن) لاءِ ڪتب ايندو آهي. ترڪي ٻوليءَ ۾ پهاڪي لاءِ 'Atalar sozu' لفظ جو استعمال ٿيندو آهي، جنهن جي معنيٰ وڏنِ اَبنِ- ڏاڏن جون چوٽيون يا آزمودن سان پريل سِٽون. چين جي ادبي ٻوليءَ ۾ پهاڪي لاءِ 'Yen' يا 'yen yu' عام فهم لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي 'سنسڪرت يا سِڌ (سُڌريل) لفظ'. ڳالهائڻ ٻولهائڻ واري ٻوليءَ ۾ 'su-hua' يا 'su-ya' جو استعمال ٿيندو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي عام ڳالهه يا مُروج سِٽ (چوٽي). عربي ٻوليءَ ۾ 'Mathal' يا 'Tamthal' پهاڪي ۽ تشبيهه جي معنيٰ ۾ ڪتب ايندڙ لفظ آهن، جيڪي اشتقاق جي لحاظ کان ٻه ساڳي چوٽيءَ جي معنيٰ رکن ٿا.

روس ۽ بلغاريا جي ٻوليءَ ۾ 'Poslovista' پهاڪي لاءِ ڪتب ايندڙ لفظ آهي. چيڪو سلوواڪيا جي ٻوليءَ ۾ اِنهي معنيٰ جو اظهار ڪندڙ لفظ آهي 'Prisolvi'. اِسٽونيا جي لفظ 'Vanasona' جي معنيٰ آهي 'پراڻا لفظ'. فِنليند جي ٻوليءَ ۾ پهاڪي جو هم- معنيٰ لفظ آهي 'Sanalasku' جنهن جو بنيادي مطلب آهي، ڪنهن لفظ جو ڪِري پوڻ. جارجيا ۾ پهاڪي لاءِ ڪتب ايندڙ لفظ آهي 'انداز'، جنهن جديد ادب ۾ پنهنجي پاڙ جمائي ورتي آهي. اِهو لفظ فارسيءَ جي 'مثال' يا 'بناوٽ' جي معنيٰ ۾ هلندڙ آهي. قديم زماني ۾ جارجين لفظ 'Igavi' پهاڪي ۽ اخلاقي ڪهاڻي ٻنهي معنائن ۾ استعمال ٿيندو هو.

هيبريو يا عبراني ٻوليءَ جو 'Mashal' لفظ پهاڪي، تشبيهه يا هڪ روپتا جي معنيٰ ۾ ڪتب ايندو آهي. جاپاني جي 'Kota –waga' جو اشتقاق موجب مطلب آهي، اهڙا لفظ جيڪي هلندڙ آهن. فارسي ٻوليءَ ۾ پهاڪن لاءِ 'Amsal' لفظ جو استعمال ٿيندو آهي، جيڪو عربي لفظ 'Masal' جو جمع آهي. مصدر جي معنيٰ جي لحاظ کان 'Masal' اُها سِٽ آهي، جيڪا ڪنهن ٻه شيءِ ڪي ياداشت جي رستي تي وڃي ايندو آهي.

پولينڊ جي ٻوليءَ جو 'Przyslowil' لفظ يوناني ٻوليءَ جي 'Paroemia' جي معنيٰ جي صحيح پنيرائي ڪري ٿو. سيام ۾ پهاڪي لاءِ 'Suphasit' جو استعمال ٿيندو آهي. اِهو لفظ پاليءَ جي 'سُياسِتو' مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي سريشٽ اُڪِت (سڀني کان سڻي چوٽي). جرمن ٻوليءَ ۾ چوٽيءَ (لوڪوڪت) لاءِ 'Sprich-worter' استعمال ٿيندو آهي. هن جي هڪ ڪڙي sparch جي معنيٰ آهي 'ٻولي' ۽ 'Wort' جي معنيٰ آهي 'لفظ'. پهاڪي لاءِ جئبي لفظ آهي 'Da le kpa'؛ تيتي ڪٽا جي معنيٰ ۾ ٻه اِهوئي لفظ ڪتب ايندو آهي. ويتيتي يا پيدائش جي خيال کان هن لفظ جي معنيٰ ٽئي ٽي "پراٽيُن ڳالهين کي ونڊ ۾ اُنهيءَ کي نئين دؤر ۾ ڪم آڻڻ". 'Proverbs' لفظ ته سموري اَٽيپي ڳالهه جي معنيٰ ۾ ڪتب اچي ٿو پر پهاڪي جي معنيٰ ۾ مشترڪ لئٽن (لاطيني) جو Proverbium لفظ سينگار جي چوٽيءَ جي معنيٰ ڏئي ٿو. لئٽن (لاطيني) ٻوليءَ ۾ پهاڪي جو هم معنيٰ لفظ آهي. 'Sakamvards' جنهن جي معنيٰ آهي بيان جي لائق ورجاءُ جوگو لفظ. مليه ٻوليءَ ۾ پهاڪي لاءِ 'Umpaman' يا 'Per- Umpam-an' لفظ هلندڙ آهن. اِهي لفظ سنسڪرت 'اُپما' مان نڪتل آهن، جنهنجي معنيٰ آهي 'ساڳيائي، هڪجهڙائي، ساڳي شڪل واري. يا مثال. اِنهيءَ ڪري 'Umpama-an' جي معنيٰ ٿي: پهاڪو، اخلاقي ڪهاڻيون، شڪلي استعمال يا ڪنهن ٻه ڳالهه جي پنيرائيءَ لاءِ مثال. مليه ٻوليءَ ۾ جڏهن پهاڪن کي ڪٽي ٻه لکبو آهي ته 'Saperti Kata arif' يعني 'عالم ائين چوندا آهن' سٽ جو استعمال ڪبو آهي.

پارت جي ٻولين ۾ ڪتب ايندڙ پهاڪن جا هم معنيٰ لفظ:

سنسڪرت ۾ پهاڪي لاءِ آپاٽڪ، پرواد، لوڪوڪِت، لوڪ پرواد لوڪ- ڪي گاٿا، پرايو واد وغيره لفظن جو استعمال ٿيندو آهي. سنسڪرت ٻولي جي رسالي 'مججوُشا' ۾ پهاڪن کي خوبصورت عنوان جي هيٺ گڏ ڪري ظاهر ڪيو ويو آهي. هن رسالي جو ايڊيٽر شري ڪشتيشچندر چَتوپاڌيايه آهي. والميڪي رامائڻ ۾ پهاڪي لاءِ پرواد، لوڪ پرواد ۽ لوڪِڪي گاٿا لفظن جو استعمال ٿيل آهي. مثال ڏسو:

(1) پرواد: سَتيہ ايوايم توان پرتِ پرايَشو نرپ،
پَتِورتانان ناڪسما تپنتيہ شرُوڻِ پوُتلي.

يعني، راوڻ جي مارجي وڃڻ کان پوءِ سندس زال مندودري راوڻ کي پنھنجي سوچ ۾ رکي چوي ٿي، "هي راجن، هن ڌرتيءَ تي پتي ورتائن (باوفا عورتن) جا گوڙھا اُمالڪ ئي نہ ڪِرندا آھن". اِھو 'پرواد' (چوٽي) توھان جي حمايت ۾ آھي.

(2) لوڪ پرواد: ستَيو اين پنڌتئھ سَمُدا ھرت ھ.
اَڪالي دُرليو مرتويھَ اِستريا وا پُروشسيہ وا.

اشوڪ واڪا (راوڻ جي لنڪا جو اھو باغ جتي سيتا قيد ھئي) ۾ وينل ڏکويل سيتا جي چوٽي آھي، "عالمن پاران چيل ھي 'لوڪ پرواد' سچ آھي تہ چاھي عورت ھجي چاھي مردُ، ڪنھن جي بہ منحوس وقت ۾ موت اٽنر ٿيندو آھي."

(3) ڪلياڻي بَتَ گاٿين لوڪِڪِي پرتِيِاتِ مي،
ايتِ جيونتمانندو نرن ورششتادِ پ.

پرت ھنوُمان کي چوي ٿو، "اھا لوڪڪي ٻولي مون کي فائديمند لڳي ٿي تہ جيڪڏھن اِنسان جيئرو رھيو تہ چاھي ھڪ سؤ سال گذري وڃن، ھُن کي ڪڏھن نہ ڪڏھن سُکُ ضرور ملندو آھي."

"ڪادمبري" ڪتاب ۾ باڻ پٽ بہ پھاڪي لاءِ ھم معنيٰ لفظ 'لوڪ پرواد' ڪتب آندو آھي:

"ستيوين لوڪپروادو يتُ وِپدُ وِپدن سنپتسن پد منُبڌناتِ

يعني اِھو 'لوڪ پرواد'سچو آھي تہ مصيبت پُڻيان مصيبت ۽ ڏن پڻيان ڏن ايندو آھي.

نقاد ڪاشي ناٿ پانڊرُنگ پاران مرتب ڪيل "ڪادمبري" (باڻ پٽ ۽ پوشڻ پٽ) جي ستين ڇاپي جي صفحي 146 تي لکيل آھي:

"لوڪ پروادو جنانان چرنتنو وچنوَيا پارھ"

معنيٰ 'لوڪ پرواد' ماڻھن جو قائم ڪيل وچن واپار آھي.

اِنھيءَ ريت "ڪٿا سَرت ساگر" ۾ بہ 'پرواد' جو استعمال ڏسو:

"ستيَھَ پروادو يد چِدريشوَ نرٿا يانتِ پُورِتام."

معنيٰ، 'اھو پرواد سچ آھي تہ مصيبت پڻيان مصيبتون ايندیون آھن.

پاليءَ ۾ پھاڪي لاءِ 'ياسِتو' لفظ جو استعمال ٿيندو آھي، جنھن جو مطلب آھي، اُھا ڳالھ جيڪا عام ماڻھن جي رواج ۾ مشھور آھي. 'پاڻ سَدد مھاڻوو' ۾ پھاڪي جي ھم معنيٰ لفظ جي شڪل ۾ 'آھاڻ' ۽ 'آھاڻيہ' لفظن کي ڪتب آندو ويو آھي.

'سُر سُندري چرِئن' جيڪا شري مڌنيشوَرِ مُنيشور پاران جوڙيل آھي، اُن ۾ پھاڪي لاءِ 'آھاڻ' ۽ 'ڪَنوَدَنتي' سان گڏوگڏ 'آھيڻ' لفظ جو استعمال ٿيل آھي. مثال طور:

اَھ پَڻِہ پُھاءِ- ناھو اِيسن ھُسي اُڻ، ديو تن سچن.
آھيڻن سنجاين جن سمئہ ايٽ لوگامي...

يعني پرٿوي ناٿ ڪِلي چوي ٿو تہ ھِن لوڪ ۾ ھلندڙ اِھا ڳالھ سچ آھي.

'سيتا رام چوُپائي' جيڪا ڪويوَر سميہ سُندر پاران لکيل انتخاب آھي، اُن ۾ بہ ڪھاوت/ پھاڪي لاءِ ھڪ ھنڌ تي 'آھيڻ' لفظ جو استعمال ٿيل آھي:

اُنڌتڻِہ وِچاڻُ لاڏُ، آھِيڻہ دوڪانڻُ بي
مُنگنہ چاڻل مانھِ گھي گھڻئہ پريساڻُئي.

يعني: اُباسي ڏينڊڙ کي ھنڌ ملي ويو، مُگنِ ۾، چانورن ۾، ججھي انداز ۾ گھُہ پرچيو وِيو. 'ڪاٽيم، رتنَ شيکر سوريءَ (وءڪرمي سنبت 1416) جي 'سِربال ڪھا' ۾ پھاڪي لاءِ لفظ ڪتب آيل آھي:

اَھَوا نُروَر ٿُمئي اِيئُن اَڪاٽاين ڪَين سَچمَ
پائوُڻ پاٽين پَچا پُچجئي گيھن.

يعني: اي نرور! اھو پھاڪو تو سچ ڪري ڏيکاريو؛ پاٽي پي ڪري وري گھر بابت پچين ٿو.

اَپيرنش ۾ 'اَھاڻئہ (آياڻڪَ) لفظ پھاڪي جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو آھي.

جديد پارتي ٻولين ۾ پھاڪي جي ھم معنيٰ لفظ ھينين ريت آھن:

-	پولي	هم ـ معنيٰ لفظ
-	هندي	کهاوت، کهناوت، کهاڻت، کهتوت، اُپکانَ، پَکانا، لوکوڪِت.
	اُردو	ضربُ، المِثل
-	سنڌي	پهاڪو، کهاوت، چوٽي
-	راجستاني	اَوکاڻو، کَهَبَتَ، کئيوُت، کُواوَت.
-	مراٹي	مهڻ، مَهڻٽي، آٹا، آهٹا، نيايَ، لوکوکِتَ، لوک سَنپردايہ.
-	بنگالي	پرواد، وچن، پروچن، لوکوکِت، پرچلِت واکيہ
-	گجراتي	کهيوَت، کَهيڻي، کَهيتي، کتن، اُکاڻُن.
	لهندي	آکاڻ
-	گڊوالي	پَکاٹا
	آسامي	لنبير، لنبرِم
-	مالوي	کيوات
-	ٹَاملِ	Pazamoil (old saying)
-	تيلُگُو	Sameta (proverb)
-	ملايالم	Pazam chol
-	اُڙيا	ڊاگا، پهلِ
-	پنجابي	کَهوتَ
-	ڪشميري	ميسالان
-	ڪنڑ	گود
-	نيپالي	کهاأت
-	ڪونڪڻي	مهڻَ

2.4 پهاڪي جي وصف ۽ خاصيتون:

پهاڪو ٻوليءَ جو اَلنڪار (سينگار) آهي. رڳو اَلنڪار ئي نہ، بلڪ اَلنڪار کان بہ وڌيڪ، عام ماڻهن جي ڄاڻ سان پريل گُفتو،

آزمودي ۽ تصور جي تَرَکَشَ مان نڪتل تير آهي، جنهن جو استعمال سياڻا ۽ اَياڻا، پڙهيل ۽ اَٽپڙهيل سيئي ڪن ٿا.

وصف:

پهاڪي جون گهڻيئي وصفون مِلن ٿيون، پر اُنهن مان هڪ بہ وصف اهڙي ڪانہ ٿي ملي، جنهن کي سيني عالمن پوري ريت قبول ڪيو هُجي. سيني وصفن ۾ ڪانہ ڪا اوٽائي نظر اچي ٿي.

ڪيترن ئي عالمن پهاڪن جون ننڍيون ننڍيون گهڻيئي وصفون ڏنيون آهن. اُهي گهڻو ڪري سُهِڻن لفظن سان پرويل ته آهن، پر پهاڪن جي سيني خاصيتن کي ظاهر نہ ٿيون ڪري سگهن. جيئن ته انگريزي ٻوليءَ ۾ پهاڪي جي هڪ وصف هن طرح ڏنل آهي: A proverb is a saying without an author سچ آهي ته گهڻن ئي پهاڪن جا رچيندڙ اهڙا آهن، جن جي باري ۾ ڪابہ معلومات حاصل نہ ٿي سگهي آهي. پر شاهہ سچل، سامي ڪبير، ٹُلسي، شيخ ايار، وغيره جي ڪوِتائن جون گهڻي ئي سِٹون اڄ پهاڪي جي روپ ۾ عام ماڻهن ۾ مشهور آهن ۽ اُنهن جي اسان کي ڄاڻ بہ آهي. هاڻي اِهو سوال ٿو اُٿي ته اهڙن سُخنن کي پهاڪو چئجي يا نہ؟ چا رڳو اُهو گفتو ئي پهاڪو آهي، جنهن جي رچيندڙ جي اسان کي خبر نہ آهي؟

اچو ته انهن سوالن جا جواب عالمن پاران ڏنل ڪن پهاڪن جي وصفن مان ڳولهي لهون:

(1) پهاڪو اُهو آهي، جنهن ۾ گهڻن ويچارن کي ڪاڙهي اُنهن جو عرق ڪڍي، ٿورن لفظن ۾ رکيو ويو آهي.

A proverb is much matter decocted in few words. (Wor- thies of England, ch. 2, Thomes Fuller, Racial proverbs. P.3)

(2) پهاڪا پنجن گنُ لفظن وارا هيرا آهن، جيڪي زماني جي اِشارو ڪندڙ ڏَسٽي آگر تي هميشہ چمڪندا پيا رهن.

Jewels five words long, that on the stretched forefinger of time, sparkle for ever. (Tennyson).

(3) ڪنهن بہ قوم جي اعليٰ درجي جي سمجهہ، ڏاهپ ۽ روح جي سجاٹپ انهيءَ جي پهاڪن مان ٿئي ٿي.

The genius, wit and spirit of a nation are discovered in its proverbs. (Francis Bacon)

(4) پهاڪا اُهي ننڍڙا گفتا آهن، جيڪي گهڻي آزمودي يا تجربي مان نِڪتا آهن.

Proverbs are short sentences drawn from long experience. (Don Quixote: Cervantes)

(5) پهاڪو هڪ اهڙو ننڍڙو جملو آهي، جيڪو سُوتر (قاعدي) جي شڪل وارو ۽ سچو آهي. اُهو ڊگهي عرصي کان ونڊ عام ماڻهن ۾ قبوليو ويو آهي.

A proverb is a short sentence, sententious and true, long since accepted by common consent (Capriano De Valera)

(6) پهاڪو هڪ اهڙو ننڍڙو گفتو آهي، جيڪو ٻول چال ۾ مُروَج آهي ۽ عوام ۾ تسليم ٿيل آهي. اُهو هڪ سوتر (قاعدي) جي شڪل وارو جملو آهي. اُنهيءَ ۾ گهڻو ڪري ڪا ڳجهي پيٽ يا تجنيس حرفي (اَنُپراس) هوندي آهي. اُنهيءَ ۾ اهڙي ڪنهن سچائيءَ جو اظهار هوندو آهي، جنهن جي تصديق يا پرک، تجربي يا جاچ جوچ وسيلي ڪيل هوندي آهي ۽ سينيءَ ۾ جاتل سڃاتل هوندي آهي.

Proverb... A short pithy saying in common and recognized use; a concise sentence, often metaphorical or alliterative in form, which is held to express some truth ascertained by experience or observation and familiar to all. (Encyclopedia Britannica. P 642).

(7) پهاڪا اهڙا آڳاٽا بچيل جزا آهن، جيڪي پنهنجي ننڍڙي شڪل ۽ صحيح معنيٰ سببان قديم فلسفي جي ڪنڊر مان سالم صورت ۾ کوٽي هٿ ڪيا ويا آهن.

Remnants which, on account of their shortness and correctness have been saved out of the wreck and ruin of ancient philosophy. (Aristotle).

(8) پهاڪو ڪنهن هڪ شخص جو ڏاهپ ڀريو گفتو آهي، جنهن ۾ گهڻن ئي ماڻهن جي سياڻپ سمايل آهي.

A proverbs is a wit of one and wisdom of many. (Lord John Russell).

(9) پهاڪو سياڻپ جو عرق آهي.

Proverbs may be said to be the abridgement of wisdom. (Joubert)

(10) پهاڪو، ننڍڙو ۽ نصيحت آميز هڪ اهڙو گفتو آهي، جيڪو روايت کان ونڊ مروج آهي.

A proverb is a terse didactic statement that is current in tradition. (Archer Tayler).

(11) پهاڪا اُهي ننڍڙا جملا آهن، جن ۾ قديم زماني جي عالمن، نِيمن وانگر، زندگيءَ کي مختلف روپ ۾ سجائي سينگاري رکيو آهي.

Short sentences into which, as in rules, the ancient have compressed the life. (John Agricola)

(12) پهاڪو سياڻن جي سُخنن جي سمجهاڻي آهي.

A proverb is the interpretation of the word of the wise. (Erasmus)

(13) پهاڪا سياڻپ جا اُهي ننڍڙا ٻول آهن، جيڪي آڳاٽي زماني ۾ اخلاق يا نيتي جي اڻ لکيل نيمن (اصولن) وانگر ڪتب ايندا هئا.

These fragments of wisdom, the proverbs in the earliest ages served as the un-written laws of morality. (Disraeli)

(14) ڪوبہ سُخن يا گفتو، پهاڪي جي درجي کي حاصل ڪري، اُنهيءَ لاءِ لازمي آهي تہ اُنهيءَ جو جنم عام ماڻهن مان ٿيو هُجي، يا اُهو هڪ سچائيءَ جي روپ ۾ عوام ذريعي تسليم ڪيو ويو هجي. مطلب تہ پهاڪي جو عوام ۾ مروج هئڻ لازمي آهي.

To attain the rank of a proverb, a saying must either spring from the masses or be accepted by the people as true. In a profound sense it must be vox populi. (Encyclopedia of Religion and Ethics - Hastings vol. x, p. 412)

(15) پهاڪا، تحريري صورت ۾ قلمبند ٿيڻ کان گهڻو اڳي، زباني روايتن ذريعي اسان تائين پهتا آهن. اُهي اهڙي سياڻپ جا هوبهو ننڍڙا روپ آهن، جنهن جو جنم شخصي تجربي ۽ جاچ مان ٿيو آهي.

Proverbial utterances, transmitted by oral tradition long before they were put on paper, were concrete fragments of wisdom, the result of observation. (Smith and Heseltine, Oxford Dictionary of English Proverbs, 1952 Introduction.)

(16) پهاڪا روزمرهه جي زندگيءَ ۾ حاصل ڪيل تجربي جون ڏيئر آهن.

Proverbs are the daughters of daily experience.

(17) پهاڪا، بوليءَ جا اُهي تيز هٿيار آهن، جيڪي وهنوار ۽ ڪمن ڪارن جي ڳنڍين کي ڪپي اندر گهڙي ٿا وڃن.

Edge tools of speech, which cut and penetrate the knots of business and affairs. (Bacon)

(18) پهاڪو ڪنهن قوم جو اهڙو فارمولو آهي، جيڪو گهڻي عرصي کان وڻي اجا تائين عام واهپي ۾ هلندو پيو اچي. اُهو اهڙي صلاح يا نصيحت ٿو ڏئي، جيڪا لازمي طور عام ماڻهن لاءِ آهي ۽ النڪارن (سينگارن) سان سينگاريل آهي، جنهن ۾ ڪا ڳجهي پيٽ يا تمثيل سمايل آهي.

A proverb is a racial aphorism which has been or still is in common use, conveying advice or council unwarily common flagged figuratively disguised in metaphor or allegory (Racial Proverbs, Introduction P.X.V).

(19) پهاڪا ماڻهن جي سياوَ ۽ وهنوار جي سِڪي جي شڪل ۾ هلندڙ آهن ۽ نئين ٿهيءَ کي اَبن ڏاڏن کان ورثي جي شڪل ۾ حاصل ٿيل آهن. (ڊاڪٽر ڪنهيا لال سهل)

(20) پهاڪا رڳو اڌ سچ ٿين ٿا.

Proverbs are usually but half truths and seldom contain the principle of the action they teach (T.T. Munger).

(21) هي ننڍا گُفتا وڏن آزمودن مان نڪتل آهن.

Short sentences drawn from long experiences.

(22) پهاڪو عقلمند شخص جي بولن جي سمجهاڻي آهي.

A proverb is the interpretation of the hard of the wise. (Bible)

(23) ڪسي پي پاشا کي شبداولي (اکرپٽي) اُس پاشا کي جنتا کي سينڪڙو ورشون کي اَپگياتا کا سمپُنٽ هئ. يہ اَپگياتا جيون کي سب وياپارون کي آڌار پر هوتي هئ. (سُنيتي ڪمار چٹرجي)

اِن طرح دنيا جي گونا گون بولين جي عالمن جدا جدا پهاڪن جو اڀياس ڪري مٿي لکيل جيڪي پهاڪن بابت وصفون ڏنيون آهن، اُنهن وصفن جي چندڃاڻ ڪرڻ سان مکيہ طور هيٺيون خاصيتون نظر اچن ٿيون:

(1) پهاڪن ۾ ٿورن ئي لفظن ۾ گهڻن خيالن جو عرق هجي ٿو.

(2) پهاڪن ۾ گهڻو ڪري ڪنهن قوم يا ذات جي اعليٰ درجي جي سمجهه ملي ٿي.

(3) پهاڪن ۾ زندگيءَ جا تجربا لِکيل آهن.

(4) پهاڪا ڊگهي عرصي کان وڻي عام ماڻهن ۾ قبول ٿيل آهن.

(5) پهاڪو هڪ فارمولي جي شڪل ۾ مقرر لفظن تي ٻڌل جملو آهي، بول چال ۾ مروج آهي، ۽ هِن ۾ سچائيءَ جو اظهار هوندو آهي.

(6) پهاڪن ۾ قديم فيلسوفيءَ جو عرق سمايل هوندو آهي.

(7) پهاڪن ۾ گهڻن ماڻهن جي سياڻپ سمايل آهي.

(8) پهاڪا تجربي جون ڏيئر آهن.

(9) پهاڪن ۾ ڳُجهي پيٽ يا تمثيل سمايل هجي ٿي.

هيسٽنگس نالي هڪ عالم پهاڪن جي گهرائيءَ سان اوڪ-دروڪ ڪري، اُنهن ۾ چئن وصفن جو هئڻ لازمي ڄاڻايو آهي.

Four qualities are necessary to constitute a proverb, brevity (or, as some prefer to put it, conciseness) sense, piquancy or salt (Trench) and popularity (Encyclopedia of Religion and Ethics, Hastings, Vol. X, P-412)

مطلب تہ ڪوبہ سخن پھاڪي جو درجو حاصل ڪري، انھيءَ لاءِ اُن ۾ ڇئن خاصيتن جو ھڻڻ ضروري آھي. اُھي آھن:

- ٿور- اکرائي يا نندي شڪل
- خيالن جي گھرائي
- سلوُڻائي، ظرافت يا اظھار جي نزاڪت
- لوڪ يعني عوام ۾ انھيءَ جو پرچار

اِن طرح پھاڪن جي ڪيترين ئي وصفن جي چنڊچاڻ ڪرڻ بعد اھي پھاڪن جي ڪسوَٽيءَ تي ڪيئن طرح ثابت ٿين ٿيون يا نہ؟ اچو تہ ڏسون:

(1) **ٿور ـ اکرائي يا نندي شڪل:**

پھاڪي ۾ جن ڇئن خاصيتن جو ھڻڻ ضروري ڇيو ويو آھي، اُنھن ۾ ٿور- اکرائي يا نندي شڪل پھاڪن جي پھرين ۽ ضروري وصف آھي. پھاڪا گھڻو ڪري نندا ٿين يا اُنھن ۾ گھڻو ڪري ويچارن جي گھرائي ٿورن ئي اکرن ۾ سمايل ھوندي آھي. انگريزي ادب جي مشھور عالم شيڪسپيئر چيو آھي تہ: Brevity is the soul of wit. شيڪسپيئر جي اِھا ڪَٿ پھاڪن لاءِ بہ پوري طرح ٺھڪي اچي ٿي.

پھاڪو ڪنھن بہ ٻوليءَ جو استعمال جو فارمولو آھي. جيئن آلجبرا جي سوالن کي سلڻ واسطي فارمولن کي ياد رکڻو پوي ٿو، انھيءَ طرح ٻوليءَ کي سندر ۽ اثرائتو بڻائڻ لاءِ پھاڪن کي ياد رکڻو ٿو پوي. پھاڪن کي ياد ڪرڻ لاءِ اِھو ضروري آھي تہ پھاڪا نندا ھجن، جيڪڏھن پھاڪا وڏا ھوندا، تہ مقررشڪل ۾ ياد نہ ٽيندا. اِن سبب ڪري اُنھن جي ڦھلجڻ ۾ رُڪاوٽ پوندي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي نندا پھاڪا ملن ٿا. اُنھن ۾ ڪجھ پھاڪا اھڙا بہ آھن جن ۾ رڳو بہ يا ٻي لفظ ئي استعمال ٽيل آھن. جيئن تہ:

- قرضُ مرضُ. پنھنجي سھِنجي. ٻسياري خواري، لاڙُ ساڙُ.
- پاليتو نہ ماليتو. عقل کائي غم. ڇئہ گھوٻاٽو. پنج گنج.

اِن طرح ٻيا بہ ڪيترائي پھاڪا آھن، جن جي ذريعي پھاڪن جي نندي شڪل تي روشني وجھي سگھجي ٿي، پر ٿور- اکرائي

نسبتي لفظ آھي. ڪھڙي پھاڪي کي نندڙو ڇئجي ۽ ڪھڙي کي نہ؟ مثال طور:

- ٻال ھڻُ، زال ھڻُ، راجا ھڻُ، جوڳي ھڻُ - اِھي جي ھڻ تي ڇڙھن تہ ھيٺِ نہ لھن.
- پُلاھ جھڙي پدمِڻي، جي ھَڪي حاضر ھوءِ تہ بوسي وِجھ پيٺ ۾، مرُ پيٺُ ڦاٽي پوءِ.
- ڇٽيءَ سُٺُ پُسايو، واڻِئي وِڌيس وٽي، ڇٽيءَ ليکي واڻيو مُنو، واڻيي ليکي ڇٽي، مُني سائي ڇٽي، مُني سائي ڇٽي.

اِھي ڪجھ مشھور پھاڪا آھن، جن کي وڌيڪ نندو ڪري نہ ٿو سگھجي. اِن حالت ۾ سوال اُٺي ٿو تہ ٿور- اکرائي جو مطلب ڇا ڪڍجي؟ اِنھيءَ جو مطلب آھي تہ پھاڪن ۾ گھربل معنيٰ جو اثرائتو اظھار ڪرڻ لاءِ جيترن لفظن جي ضرورت آھي، اُنھيءَ کان وڌيڪ لفظ اُن ۾ نہ ھڻڻ ڪپن. اِنھيءَ کي ئي ٿور- اکرائي، اختصارُ يا نندي شڪل چئجي ٿو.

ھڪ ٻي ڳالھہ تہ وڌن پھاڪن ۾ اظھار جو انوکو زنگ، تکبندي ھجي ٿي. اِن ڪري اُھي پڻ ياد ٿي وجن ٿا ۽ زباني روايت ذريعي سماج ۾ مشھور ٿي وجن ٿا.

(2) **ويچارن جي گھرائي:**

جي گھرائي پھاڪن جي ٻي ضروري وصف آھي. عام طور پھاڪا مطلب پريا، سارُپريا ھجن ٿا ۽ اِھو ئي سبب آھي تہ ھوُ ايتري وقت تائين عوام ۾ چالو رھن ٿا. پھاڪا عام ماڻھن جا اُھي دوست آھن، جيڪي ھر وقت سُک ۾، دُک ۾، خوشيءَ، غم ۽ پريشانيءَ وقت ھميشہ مدد ڪرڻ لاءِ تيار ھجن ٿا. پھاڪن ۾ لِڪل گھري ڄاڻ کي اسين جيڪڏھن ڏيان سان ڏسون تہ ھو ھميشہ سُھٽي تربيت ڏيڻ لاءِ تيار ھجن ٿا. اسين ڪيئن تندرست رھون، ڪيئن پنھنجي زندگيءَ ۾ ڪاميابي حاصل ڪريون، وغيرہ ڳالھين جو اشارو اسان کي پھاڪن ۾ سولائيءَ سان ملي ٿو. مثال طور:

بيوقوف دوست کي بازار ۾ وڻي نہ وڃجي ساڻ،
پهرين ڪُٽائي پاڻ، پوءِ سار لهي سنگتيءَ جي.

اِن پهاڪي ۾ ڪهڙي نہ سُڻي سگيا آهي. اِهو سچ آهي تہ پهاڪن ۾ اُها طاقت آهي، جنهن جي مدد سان هرڪو شخص ڏُکيائين ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهي ٿو. زندگيءَ جو علم، عام ماڻهن جا آزمودا، خيالن جي گهرائي پهاڪن جا مکيہ گڻ آهن. ڏسو:

زندگيءَ ۾ ناڻي جي اهميت ڏسي ڪنهن بزرگ واتان نڪري ويو:
"اُٺ بہ ناڻو، ويهہ بہ ناڻو، ناڻي بنا نرُ ويڳاڻو."

روزاني جيوت ۾ پئسي کي وڏي طاقت آهي. جنهن وٽان بدقسمتيءَ جي ڪري دولت هلي ٿي وڃي، تہ پوءِ سندس دوست يار، مٽ مائٽ، بہ ڪانئس ڪنارو ڪري ٿا وڃن. پوءِ اَوڪي ويل ڪوبہ اُن شخص جو ساڻ نہ ٿو ڏئي ۽ جيڪڏهن هُو ڪنهن دولتمند کان اُوڏر بہ ونڊ چاهي تہ "شاهوڪار جا ٽِڪ بہ ڪستوري" چوڻو ٿو پوي. يعني اُن کي دولتمند جي ڪنهن بہ خراب ڳالهہ کي مڃي سندس پُڻِيرائي ڪرڻي ٿي پوي.

ڏاڄ ڏيڻ رسم اسان جي سماج جي هڪ پراڻي بيماري آهي. اُنهيءَ رسم ڪيترن جي سوچ خراب ڪئي آهي، جنهن ڪري سيني ڇوڪرين جي پيئرن کي پنهنجي ڏيءَ جي شاديءَ ۾ ڪيس ڏاڄ ڏيڻ لاءِ گهٽي محنت سان دولت گڏ ڪرڻي ٿي پوي. اِهو ڏسي ڪنهن چيو تہ:

- اَبو گسي ڏيءَ وسي.

ماءُ جي پنهنجي ٻار لاءِ مَمتا ازل کان مشهور آهي. ماءُ جي برابري سڃي دنيا ۾ ٻيو ڪو بہ نہ ٿو ڪري سگهي. ماءُ جي پيٽ يعني ٻار جي ماسي بہ اُن ٻار جي ماءُ جهڙي نہ ٿي ٿي سگهي، ڪٽي هو هُن ٻار لاءِ ڪيترو بہ قرباني ڇونہ ڪري. اِن تي چوٽي مشهور آهي.

- ماءُ ساماءُ، ٻيو سڀ دنيا جو واءُ،
ماسي نہ ٿئي ماءُ، توڙي ڪيڏي ڏئي ساهہ.

اِنهن مثالن مان ظاهر آهي تہ پهاڪا سياڻپ جا اهڙا سُخن آهن، جن ۾ واهنواري زندگيءَ مان حاصل ڪيل ڏاهپ سمايل آهي پر ساڳئي

وقت پهاڪن جا اهڙا مثال بہ ملن ٿا، جن ۾ ڪو اَونهون ويچار نظر نہ ٿو اچي. جيئن تہ:

- ڇڄ چريا چي مست آيَئہ.
- شيرو ٻِلو شاهہ جو، نہ پيءُ جو نہ ماءُ جو.
- گنجي جي متي ۾ نہ ڪا جُون نہ ڪا ليک.
- ڪوڙيءَ کي ئي گهمرو آهي.
- ڏياريءَ جو ڏيئو ڏٺو، ننڍو وڏو ڇيڙ مِٽو.

اِنهيءَ هوندي بہ اِهي پهاڪا سماج ۾ پنهنجي خاص جاءِ رکن ٿا ۽ وهنواري زندگيءَ ۾ ماڻهو اِنهن جو استعمال ڪن ٿا.

(3) **سلوُڻائي، ظرافت يا اظهار جو نرالو ڍنگ**

پهاڪي جي ٽئين ضروري وصف آهي سلوڻائي يا اظهار جو نرالو انداز. هرهڪ ٻوليءَ جو پهاڪن ۾ اِهو انداز ملي ٿو. سنڌيءَ ۾ بہ ظرافت سان پريل جهجهي تعداد ۾ پهاڪا ملن ٿا، جيڪي سلوڻائي، ڏاهپ پرئي انوکي اظهار ۽ اثردار عبارت سببان ٻڌندڙ جي دل ۽ دماغ تي هڪدم اثر ڪن ٿا. اهڙا پهاڪا عوام ۾ جلد ئي مشهور ٿي ويندا آهن. مثال ڏسو:

- اٽو ڪاڏو ڪوئي، مار پئي گابي تي.
- آهوجا ڪائين، پاهوجا پيٽ سور مرن.
- سياڻو ڪانءُ بہ ٽنگو ڦاسي.
- ماءُ موري، پيءُ تنبورو، پٽ وڄائڻ ۾ پورو.
- ٻرِي تيل، ڪامي وٽِ، واهہ ڙي ڏيئا واهہ!

پر ٻئي طرف ڪجهہ اهڙا بہ پهاڪا آهن، جن ۾ سلوڻائيءَ جي وصف گهٽ نظر ٿي اچي. جيئن:

- پنهنجي سنهِنجي
- انُ آهي تہ ايمان آهي.
- ايڪ پنڻ، دو ڪاج.
- جتي ٻاهہ ٻري، اتي سيڪ اچي.

اهي پهاڪا رڳو سِڌو سنواٽو ڪنهن ڳالهه جو بيان ڪن ٿا، پر اِنهن ۾ اظهار جي ڪابه انوکائي نظر نه ٿي اچي.

(4) **لوڪ پسندي**

پهاڪي جي اها چوٽين ۽ سيني کان اهم وصف آهي. ڪوبه جملو يا قول تيستائين پهاڪو ٿي قطار ۾ نه ايندو، جيستائين اهو عوام ۾، عام ماڻهن ۾ مشهور نه ٿي وڃي.

ڪنهن شخص جي نِجي آزمودن مان نڪتل ڳالهه يا نُڪتو اِن ۾ ٿور- اڪرائي، خيالن جي گهرائي، اظهار جي نزاڪت چونه هجي، پر جيستائين ٻين ماڻهن کي يا عوام کي پسند نه پوندو، تيستائين اهو سُخن پهاڪي جو درجو حاصل نه ڪري سگهندو. مثال طور: هڪ شخص کي روزمره جي زندگيءَ مان اِهو تجربو ٿيو ته ماڻيجي ماءُ سچو پيار سچي ممتا نه ڏيندي آهي. انڊو چاڪاڻ ته ڏسي نه سگهندو آهي، انهيءَ لاءِ ڪٽي ٻه ٽُڪ ڪندو آهي، جنهن ڪري ٻين کي تڪليف ٿيندي آهي. ٻيو ته برسات پوڻ کان پوءِ جيڪا اُس نڪرندي آهي، اها ڏاڍي تنگ ڪندي آهي. انهن آزمودن جي ڪري ڪنهن شخص هڪ گفتو بيان ڪيو ته "جُهڙ جي اُس، انڊي جي ٽڪ ۽ ماڻيجي ماءُ جي مُک، جتي لڳن اُتي سُک." اهو گفتو ٻين کي ٻه وٽيو. چاڪاڻ ته اُنهن کي ٻه ساڳيوئي آزمودو ٿيو هو. آهستي آهستي اهو جملو عام لوڪن ۾ پسند پيو ۽ پهاڪو بڻجي ويو.

پر ٻئي پاسي هاويل جو هيءُ گفتو "گهمندِ اهڙو ڪُل آهي، جيڪو دئيتن جي باغيچي ۾ ٽڙي ٿو." پهاڪي جون ٻيون ٽي وصفون هڻڻ بعد ٻه پهاڪي جو درجو حاصل نه ڪري سگهيون. چاڪاڻ ته اهو عام ماڻهن ۾ عام نه ٿي سگهيو.

سترهين صديءَ ۾ يورپ ۾ جيمس هاويل نالي هڪ مشهور ليکڪ هو. هُن پنج سؤ ڪن ننڍڙا نصيحت ۽ سِکيا سان پريل گفتا گڏ لکي تيار ڪيا هئا. اُنهن جو مجموعو هُن چپائي پڌرو ڪيو. انهن ۾ مٽي ڏنل جملو ٻه شامل هو، پر هاويل جا اهڙي قسم جا سُخن پهاڪا

بڻجي نه سگهيا آهن، چاڪاڻ ته انهن کي عوام ۾ مشهوري حاصل نه ٿي سگهي آهي. عوام انهن کي پنهنجو نه بڻايو آهي ۽ روزاني زندگيءَ ۾ اُنهن کي استعمال نه ڪيو آهي. اِنهيءَ مان ثابت آهي ته عوام ۾ عام ٽيڻ يا ماڻهن کي پسند اچڻ هرهڪ پهاڪي جي لاءِ لازمي وصف آهي، پر انهيءَ ۾ ٻه شڪ نه آهي ته سني پهاڪي لاءِ لوڪ پسنديءَ سان گڏ ٻين ٽن وصفن جو هئڻ پڻ لازمي آهي. انهيءَ حقيقت کي پاڻ هاويل ٻه قبول ڪيو آهي. هو چوي ٿو ته:

The people's voice, the voice of God we call,
And what are proverbs, but the people's voice,
Coined first and current made by common choice,
Then sure they must have weight and truth withal.

مطلب ته "پهاڪا عوام جو آواز آهن، اِنهيءَ ڪري اسان اُنهيءَ کي الله جو آواز سڏيون ٿا. شڪ نه آهي ته اُهي عام ماڻهن جي آواز کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه آهن. ڪوبه پهاڪو چاهي اول ڪنهن هڪ شخص ناهيو هو، اُهو ٻين ۾ قبول پوڻ ٽي سماج ۾ مشهور ٽي ويو آهي، انهيءَ ڪري هرهڪ پهاڪي ۾ وزن ۽ سچائيءَ جو هئڻ ضروري آهي."

ڪجهه لوڪ پسند پهاڪا ڏسو:

- جاءِ چوي جوڙائي ڏس، شادي چوي ڪري ڏس.
- ماءُ ڏِسي پيٽ، زال ڏسي ڪيسا.
- ڪاٽيءَ جي وِهڻءَ ۾ سَنڪٽ گهٽا.
- ڪير جو ڪانيلُ، جهٽ ڦوڪي پئي.

انهن پهاڪن جا رچيندڙ ڪير هئا، اها ڪنهن کي به خبر نه آهي، پر اهڙا پهاڪا هاڻي عام لوڪن ۾ قبول ٽي سڄي سماج جي گڏيل ملڪيت بڻجي پيا آهن.

شاعرن جا ڪلام گُوڙهي جاڻ سان پُر هجن ٿا، پر اُنهن مان ڪجهه سِٽون ائين پهاڪي جي پد تي رسن ٽيون. چاڪاڻ ته اُنهن کي عام ماڻهو پسند ڪن ٿا ۽ ٻين کي نه. شاهه لطيف جي ڪلام جون ڪجهه عام ماڻهن ۾ پسند ڪيل ٽُڪون ڏسو:

- ديسي سيڙ ڪجن، پرديسي ڪهڙا پرين؟
- ڇاجي ڏنگا ڏير، منهنجو ڏينهن ڏنگو نه ٽئي.
- لکيو منجهه للاٽ، قلم ڪياڙيءَ نه وهي.

ٻئي طرف شاهه جي ڪلام مان ئي هيٺ ڏنل ڪجهه ٻيون سِٽون ڏسو جيڪي عام ماڻهن جي سمجهه کان ٻاهر آهن ۽ پهاڪي جو درجو حاصل نه ڪري سگهيون آهن:

- پيهي جا پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
  نڪو ڏونگر ڏيهه ۾، نڪا ڪيچين کاڻ،
  پنهون ٽيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.
- ايڪ قصر در لک، ڪوڙين ڪٽس ڳڙڪيون،
  جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون.

اِن طرح پهاڪن جي شڪل بابت هيسيتائين ڪيل ويچار ۽ وصفن جي چنڊچاڻ ڪرڻ سان مليل پهاڪن جون خاصيتون (ننڍو روپ، سلوٽائي، اونهي ويچار ۽ لوڪ پسندي) ڏسي انهن جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو ته اِهي وصفون سڄ پڄ پهاڪن جون ڪسوٽيون آهن. ڪنهن به سني پهاڪي ۾ انهن چئني جو هئڻ ضروري آهي. اِنهن چئني ۾ مڪيه ڪسوٽي آهي لوڪ پسندي يا عوام ۾ مروج هئڻ. جيڪڏهن ڪنهن گُفتي ۾ اِها وصف نه آهي ته پوءِ ان کي پهاڪو نه چئبو.

ڊاڪٽر مُرليڌر جيٽلي پنهنجي ڪتاب 'سنڌي پهاڪا ۽ محاورا- هڪ اڀياس' ۾ پهاڪن ۽ چوٽين جو تفصيل سان اڀياس ڪري، اُنهن جي وصف هن ريت ڏني آهي:

"اُهو سوتر پريوگ (قاعدي موجب استعمال)، جيڪو ٻن يا ٻن کان وڌيڪ لفظن مان نهيل جملو يا جملن جو اهڙو ايڪو آهي، جنهن ۾ وهنواري زندگيءَ جي آزمودن مان حاصل ڪيل ڄاڻ پريو پيو آهي ۽ جيڪو گهٽو ڪري لفظي معنيٰ بدران ٻوليءَ جي رواج موجب ٻيءَ معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو آهي، تنهن کي پهاڪو چئبو آهي. لفظي معنيٰ ۾ ڪتب ايندڙ پهاڪي کي سنڌيءَ ۾ چوٽي به سڏيو ويو آهي."

2.5 پهاڪن جي سچائي ۽ ڪِن پهاڪن ۾ نظر اَيندڙ تضاد:

ڪڏهن ڪڏهن ڪن پهاڪن جي ويچار ۾ تضاد نظر ايندو آهي، يعني اُنهن ۾ هڪٻئي جي خلاف بيان محسوس ٿيندا آهن. اهڙيءَ حالت ۾ سوال ٿو پيدا ٿئي ته پهاڪن جي خيالن ۾ ڪيتري قدر وزن آهي؟ ڇا اُنهن جي بيان جي سچائي هرهڪ حالت ۾ لاڳو ٿي سگهي ٿي؟ سنڌيءَ ۾ اهڙن ڪُجهه پهاڪن جا مثال هن ريت آهن:

(1) ڪِن سان ڪِن ڪونه ڏوپندو. (جيڪڏهن ڪو بُرائي ڪري ٿو يا خراب هلت ڪري ٿو، ته ساڻس ساڳي هلت ڪرڻ سان هوُ ستري نه سگهندو.)

ٻئي طرف اِن جي اُبتڙ ويچارن وارا پهاڪا به ملن ٿا. جيئن ته: جهڙي سان ٺجي تهڙو يا لُڇ سان لُڇ ٿي ملجي. (يعني جيڪڏهن ڪو ڏنگو ٿو هلي ته توهان به ساڻس اُنهيءَ طرح هلت ڪري ڪيس سبق سيکاريو.)

(2) پُڇڻا نه مُنجهڻا. (مطلب ته ٻين کان پُڇي ڪري ڪم ڪبو ته مونجهارو نه ٿيندو.)

جيترو پڇندين، اوترو منجهندين. (هيءُ پهاڪو ماڻهوءَ کي اشارو ڏئي ٿو ته هُن کي پنهنجي سمجهه سان ڪم ڪرڻ گهرجي. هو جيترو ٻين کان صلاح ونڊندو اوترو ئي منجهي پوندو. ڇاڪاڻ ته سڀ کو هُن کي پنهنجي پنهنجي عقل موجب صلاح ڏيندو ۽ ڪم ۾ مونجهه پوندي.)

بُڌجي سڀ ڪنهن جي، ڪجي پنهنجي. (سڀ ڪنهن کان راءِ ونڻ گهرجي، پر پوءِ پنهنجي عقل سان سوچجي ته ڪهڙي وات صحيح آهي ۽ اُن موجب هلت ڪجي.)

(3) جيڪي ڇُلهه تي، سي دل تي. (جيڪي پاڻ ۾ گڏ رهن ٿا اُهي هميشه ياد رهن ٿا ۽ انهن ۾ سڪ ۽ پريت سدائين قائم رهي ٿي.)

دورباش، خوش باش (گڏ رهڻ سان هميشه جهڳڙي ٿيڻ جو امڪان هوندو آهي، ان ڪري هڪ ٻئي کان پري رهجي، ته اُنهيءَ ۾ خير ۽ امن قائم رهي ٿو.)

(4) به پائر ٽيون ليکو. (واپار ۾ سيني کي پنهنجو حساب کتاب صاف رکڻ گهرجي.)

شريڪت ۾ مريڪت چاجي؟ (مطلب ته پائيواري يا ڏنڌي واپار جي وهنوار ۾ لحاظ چاجي لاءِ ڪجي؟) پر انهيءَ جي اُبتڙ ٻي چوٽي آهي- پائرن ڪهڙا ليکا؟ (يعني پنهنجپائيءَ ۾ ڏي- وٺ يا حساب کتاب رکڻ جي ضرورت نه آهي.)

(5) مهمان اچن وڏ ياڳين گهر يا مهمان آهن ڀگوان جو روپ. پر ٻئي طرف چوٽي آهي؛ اَويلو مهمان پَٽائي پاڻ.

اِن طرح انهن مثالن مان ظاهر آهي ته پهاڪن ۾ ڪڏهن ڪڏهن هڪ ٻئي جي خلاف ويچار نظر اچن ٿا. اِنهيءَ حالت ۾ سوال ٿو اُٿي ته پهاڪن ۾ ڪيتري قدر سچائي آهي.

حقيقت ۾ ڏنو وجي ته پهاڪا زندگيءَ جي آزمودن تي ٻڌل آهن. زندگيءَ جي راهه ته تضادن ۽ الڳ الڳ تجربن سان پريل آهي. ڪڏهن انسان ڏسي ٿو ته زندگيءَ ۾ آخرڪار سچائيءَ جي جيت ٿئي ٿي. ان تي هو چوي ٿو ته سچ ته بينو نچ، پر ٻئي طرف هُو اهڙا به مثال ڏسي ٿو، جتي سچائيءَ جي راهه تي هلندڙ ماڻهن کي مصيبت جو منهن ڏسڻو ٿو پوي. اهڙيءَ حالت کي محسوس ڪري چوي ٿو ته، اڪرُ نه ڪٽي، مڪرُ ڪٽي.

اِنهيءَ مان ثابت آهي ته پهاڪن جي سچائي کا عالمگير سچائي نه آهي، جيڪا هر وقت، هر ملڪ ۾ ۽ هر حالت ۾ لاڳو ٿي سگهي. هڪ ئي حقيقت جو عڪس جدا جدا ڪُنڊن تان الڳ الڳ نظر اچي ٿو. ساڳيءَ طرح پهاڪن ۾ بيان ڪيل سچائي پوريءَ حقيقت جو ڪو هڪ خاص پهلو پيش ڪري ٿي. انهيءَ ڪري پهاڪن جو سچ اخلاقي نقطِ نگاهه کان صحيح آهي. اُهو ترڪ تي ٻڌل مڪمل سچ نه آهي. جيون جي حقيقتن جا ماپا ۽ ماڻ اسين ڪُٽپ جي اصولن مطابق مقرر نه ٿا ڪري سگهون. اهي ته جدا جدا حالتن ۾، الڳ الڳ زمان ۽ مڪان جي لحاظ بدلجندا ٿا رهن. اِن ڪري پهاڪن جي بيان ۾ جيڪڏهن ڪٽي ڪٽي تضاد يا الڳ الڳ رايو ملي ٿو ته اُهو سُياويڪ آهي.

2.6 پهاڪا ۽ ٻيا سُخن

هتي پهاڪن ۽ اُنهن سان مشابهت رکندڙ ٻين سُخنن جي وچ ۾ فرق ڏيکارجي ٿو:

(1) **پهاڪو ۽ حوالو:**

وڏن شاعرن جي شعر جون ڪجهه ٽُڪون ۽ ليڪڪن جون ڪجهه سِٽون اڪثر بيان ۾ حوالي طور ڪتب آڻجن ٿيون، جيئن ته:

- وحدت تان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪُل،

—

حق حقيقي هيڪڙو، ٻولي ٻيءَ مَ پُل. (شاهه)

—

- پڙاڏو سو سڏُ، ورُ وائيءَ جو جي لهين. (شاهه)

شاهه لطيف جي ڪلام مان اهڙيون سِٽون جيڪڏهن بيان ۾ ڪتب آڻبيون ته اُهي حوالا چئبا، جيڪي پنهنجي ڳالهه جي پُنيرائيءَ لاءِ استعمال ڪيا ويا آهن. اِهي پهاڪن کان اِن ڳالهه ۾ الڳ آهن ته انهن جي رچيندڙن جي جاڻ آهي، پر ٻئي طرف پهاڪو اصل ۾ ڪنهن سِرجيو آهي، اهو گهڻو ڪري معلوم نه هوندو آهي. ٻيو ته اِهي سِٽون پهاڪن وانگر روزاني زندگيءَ جي شخصيءَ آزمودن تي ٻيڻل نه آهن. اِنهن ۾ اونهي فلاسافي سمايل آهي، جيڪا عام طور پهاڪن ۾ نه هوندي آهي. ٽيون ته عام ماڻهن ۾ ڦهلاءُ جيڪو هرهڪ پهاڪي جي لازمي وصف آهي، اُها پڻ اِنهن ۾ نه ٿي ملي. اِنهيءَ ۾ شڪ نه آهي ته شاهه جي ڪلام جون ٻيون ڪيتريون ئي سٽون عوام ۾ عام هٿ جي ڪري پهاڪي جو درجو حاصل ڪري چڪيون آهن. مثال طور:

- ڏُک سُکن جي سونهن، گهوريا سُک ڏُکن ري،

—

- تتيءَ ٽڏيءَ ڪاهه، ڪانهي ويل وِهڻ جي.

—

- ذات نه آهي ذات تي، جو وَهي سو لَهي.

(2) **پهاڪو ۽ سڌانت سؤتر (فڪري/ عقلي سُخن):**

سنتن مهاتمائن جون نصيحتون ۽ ڏاهپ پريا نُڪتا پڻ پهاڪن کان الڳ آهن. جيئن تہ:

- علم اِنسان جي ٽين اک آهي.
- خلقٽهار سچ ۽ سنسار ڪوڙ يا وهم آهي.
- روح لافاني آهي ۽ جسم فاني آهي.

اهڙا بول چاهي لوڪ ۾ مشهور بہ ٿي وڃن، تہ بہ اُنهن جو واسطو ڄاڻ ۽ دماغي ورزش سان آهي. اِهي عام لوڪن جي اُپج نہ آهن ۽ نہ ڪي روزاني زندگيءَ ۾ شخصي آزمودن تي بينل آهن. اِن ڪري اهڙا اصولي قاعدا سُخن ۽ بول پهاڪا نہ ليکبا آهن.

(3) **پهاڪو ۽ ٽوٽڪو يا لطيفو:**

پرمانند ميوارام جي ڪتاب "دلبهار" ۽ ڪيول رام سلامت راءِ جي ڪتاب "گل شڪر" ۾ گهڻيئي ٽوٽڪا ۽ لطيفا گڏ ڪري ڏنا ويا آهن، چاهي ڪو ٽوٽڪو بن يا ٽن سِٽن جو چونہ هجي، پر اهو پهاڪو نہ ٿو لکجي، ڇاڪاڻ تہ اُن ۾ ايڪائي وصف نہ آهي. يعني اهو ڪنهن هڪ مقرر شڪل ۾ عوام ۾ نٿو ڏُهرايو وڃي. ٻيو تہ اهڙن لطيفن ۽ ٽوٽڪن جو مکيہ مقصد چرچو گهبو ڪرڻ ۽ وندر سان گڏ نصيحت ڏيڻ هوندو آهي.

(4) **پهاڪو ۽ پرولي:**

پهاڪن وانگر پرولين بہ عوام ۾ مشهور ۽ ننڍڙي شڪل ۾ واريون ٽيندين آهن، پر بنهيءَ جي مقصد جي وچ ۾ گهڻو فرق آهي. پهاڪا عام ماڻهن جي روزاني زندگيءَ ۾ حاصل ڪيل آزمودن جو اظهار آهن. پرولين ۾ پڻ اِها وصف ملي ٿي، پر اُنهن جو مقصد ٻئي جي سهج فطري ڄاڻ جي پرک لاءِ دماغ کان ڪم ونڊو پوندو آهي. روزاني زندگيءَ ۾ جڏهن پهاڪا پنهنجي ڳالهہ جي پُنيرائي وغيره لاءِ ڪتب آڻجن تا، تڏهن پرولين بين کي سلڻ لاءِ ڏجن ٽين. پرولين جا ڪجهہ مثال هن ريت آهن:

- سوڙهي گهٽيءَ مان نانگُ لنگهائي ڏئي (اُبداڙي ۾ اڇُ)
- ماءُ ڄائي نہ آهي تہ پُٽُ ڪونہ ٿو ٽپي (باهہ کان اڳ ڏُونهون نڪرڻ)

- جيئن ڇڪ تيئن نندي ٽئي (ٻيڙي)
- هيڏڙي، تِر جيڏڙي، وڏن جا ٽي پٽڪا لاهي. (جُونئن)
- مڙس ٽنگيو پيو آهي زال پئي گهُمي. (ڪُلف ۽ ڪنجي)

2.7 پهاڪو ۽ محاورو يا اصطلاح:

'محاورو' ۽ 'اصطلاح' ٻئي عربي ٻوليءَ جا لفظ آهن، جيڪي فارسيءَ ۾ بہ ڪتب ايندا آهن. اِهي لفظ پوءِ اُردو، هندي، سنڌي، پنجابي، ڪشميري ۽ ٻين ڪيترين ئي ٻولين ۾ عام ٿي ويا آهن. 'محاورو' لفظ جو عربيءَ ۾ اُچار آهي، 'محاورت'. اِهو 'حاور' يا 'حوَر' فعل مان نڪتو آهي، جنهن جو مطلب آهي-موٽائڻ، ورندي ڏيڻ. پوءِ اِنهيءَ جي معنيٰ ۾ تفصيل ٿي ويو آهي. پلاٽس اِنهيءَ لفظ جون اُردو-هندي ڊڪشنري ۾ معنائون ڏنيون آهن: (1) گفتگو، ڳالهہ- ٻولهہ (2) اصطلاح، لفظي ميڙ، عام بول- چال جو طريقو (3) ٻوليءَ ۾ استعمال، (4) روايت، پرمپرا، عادت.

جامع سنڌي لغات ۾ 'محاوري' لفظ جون معنائون هن ريت ڏنل آهن: محاورو= جمع 'محاورا' (مذڪر) = هُن ورائي چيو- (عربيءَ ۾ بنياد - حور). گفتگو= ٻول - چال، ڳالهہ- ٻولهہ، سوال جواب. علم نَحوَ جُملو نهڻ موجب اهو جملو، جنهن جي لفظي معنيٰ هڪڙي هجي تہ ڪنايتاً (لاڪشٽِڪ) معنيٰ ٻي هجي. جيئن تہ: اکيون پورڻ = بي شرم ٿيڻ، مرڻ، وغيره. اصطلاح = ورجيس.

پهاڪو ۽ محاورو ٻئي بيان ۾ اکري معنيٰ بدران ٻئي گهربل معنيٰ ۾ ڪتب ايندا آهن. پر بنهي ۾ فرق اهو آهي تہ پهاڪو پورو جملو هوندو آهي ۽ محاورو جملي جو هڪ حصو هوندو آهي. محاورو جملي ۾ جدا جدا زمان موجب پنهنجي صورت بدلائي ڪتب ايندو آهي. پر پهاڪي جي رچنا ۾ ڪابہ تبديل نہ ٿيندي آهي. اهو بيان ۾ هڪ الڳ جملو يا واڪيہ وانگر استعمال ڪيو آهي.

2.8 محاورو ۽ ورجيس:

محاورو يا اصطلاح معنيٰ جي لحاظ کان ورجيس کان الڳ آهي.

حقيقت ۾ ورجيس اھڙو استعمال آھي، جيڪو لفظي معنيٰ ۾ ئي ڪتب ايندو آھي، پر اھو ڪنھن خاص شڪل ۾ مروج ٿي ويندو آھي، جنھنڪري ٻين سُوٽر پريوگن (مقرر بيھڪ استعمال ڪرڻ جي قاعدي) وانگر اُن کي ب ايڪائي وصف حاصل ٿي ويندي آھي. مطلب تہ اُن جي شڪل ۾ اسين پنھنجي مرضيءَ مطابق ڦيرگھير نٿا ڪري سگھون. اردوءَ جي عالمن اھڙن استعمالن کي "روزمرھ" يا "بول چال" جو نالو ڏنو آھي. مثال طور: 'ائين ڀڳو، جيئن ڪاريءَ ھينان ڪانءُ' ھڪ ورجيس آھي، جيڪا لفظي معنيٰ ۾ ئي ڪتب ايندي آھي. ھوُ اھڙو ڪُڇي، جھڙي ٻت، ب ھڪ ورجيس آھي. محاوري وانگر ورجيس جملي جو ھڪ حصو آھي، پر اِھا لفظي معنيٰ ۾ ڪتب ايندي آھي. ٻئي طرف محاورو بيان ۾ لفظي معنيٰ ڇڏي ٻوليءَ جي رواج موجب ٻي معنيٰ ڏيندو آھي. اُھا ٻي معنيٰ لکشڻا يا وينجنا ذريعي ملندي آھي. اُھائي بيان ۾ گھربل معنيٰ ھوندي آھي.

'ورجيس' لفظ جا سنڌيءَ ۾ ٻيا اُچار آھن- وَرَجَس، وَرَجَ. 'جامع سنڌيءَ لغت' ۾ اِنھن جون معنائون ڏنل آھن-

- ورج= رسم رواج، دستور، ھلت، رھڻي- ڪرڻي، ريت، پرويز، پر، ھِلي- چلي، مرجاتا، وتيرو، حالت، عادت، ھير، ورد، محاورو، اِصطلاح وغيره.

'ورجيس' جون پڻ ساڳيون ئي معنائون ڏنل آھن. ورجيس جو سنسڪرت ۾ بنياد آھي. وَرت يا ورِت ڏاتو. اُن جون معنائون گھڻيئي آھن جن مان ڪجھ ھن ريت آھن- ھُئڻ، ٿيڻ، ڪرڻ، موٽڻ، (پيٽو سنڌي فعل ورجائڻ) گذر ڪرڻ، رواج ۾ ھئڻ. اِن مان اِسم نھيل آھي- 'وَرت' جيڪو لفظن جي خاص استعمال يا طاقت لاءِ ب استعمال ڪبو آھي. وَرج - وَرَجَس- ورجيس پڻ اھو استعمال آھي جيڪو ڪنھن ٻوليءَ جي رواج ۾ مشھور آھي ۽ بار بار ساڳئي نموني ڏُھرايو وڃي ٿو.

انگريزيءَ ۾ محاوري ۽ ورجيس کي گڏي Idiom سڏبو آھي. اُن جون ٻيون ب گھڻيئي معنائون آھن.

سنسڪرت ۾ محاوري يا اصطلاح لاءِ ڪو خاص الڳ ھم- معنيٰ ٿيڪنيڪي لفظ اجا ڪونہ ٿو ملي. انھيءَ جو ڪارڻ اھو آھي تہ ان ٻوليءَ

جي محاورن اھڙن استعمالن کي شبد- شڪتي (لفظن جي طاقت) جي اندر سمجھايو آھي. انھيءَ ڪري ھنديءَ ۾ توڙي ٻين ڪِن ٻولين ۾ ماھرن محاوري، اصطلاح ۽ ورجيس جي معنيٰ ظاھر ڪرڻ لاءِ ڪي خاص ٿيڪنيڪي لفظ گھڙيا آھن. جيئن تہ: واڪ پد ڏَتِ واڪ ريتِ، واڪ وھنوار، واڪ سپردايہ، واگ ريتِ، واگڌارا وغيره. پر اھڙن لفظن جو گھڻو ڦھلاءُ ٿي نہ سگھيو آھي، ھنديءَ ۾ عام طور 'محاورا' لفظ ئي اھڙن 'سُوٽر پريوگن' (مقرر ڪيل قاعدي موجب استعمال) لاءِ ڪتب ايندو آھي.

2.9 پھاڪي، محاوري ۽ ورجيس ۾ فرق:

پھاڪي ۽ محاوري جي شڪل ۽ خاصيتن تي اجا تائين جيڪو ويچار ڪيو ويو آھي، انھيءَ مان ظاھر آھي تہ پھاڪو ۽ محاورو ٻئي ٻوليءَ جا اھڙا 'سُوٽر پريوگ' (مقرر ڪيل قاعدن موجب استعمال) آھن، جيڪي لفظي معنيٰ بدران ٻوليءَ جي رواج موجب ٻيءَ گھربل معنيٰ ڏيندا آھن. اِنھن ٻنھي جي استعمال ڪرڻ سان ٻولي دلڪش، نزاڪت پري ۽ اثرائتي بڻجي پوي ٿي، پر ٻنھيءَ جي وچ ۾ ڪيترين ئي ڳالھين ۾ فرق آھي، جيڪو ٽوري ۾ ھيٺ ڄاڻائجي ٿو:

(1) پھاڪو ھڪ الڳ پورو جملو يا جملن جو ايڪو ھوندو آھي، پر محاورو ھميشہ ڪنھن جملي جو جزو ھوندو آھي، جيئن تہ "انڌن ۾ ڪاڻو راجا"، "مينھن پنھنجي ڪارنھن ڏسي ڪانہ، ڳئون کي چوي، ھَل ڇي پُڇ ڪاري" پھاڪا آھن. پھرئين پھاڪي ۾ ھڪ جملو آھي، ۽ ٻئين پھاڪي ۾ ٿي جملا آھن. ڪجھ ٻيا مثال ھن ريت آھن:

- ساھڙين جي واتان اھا ڳالھ ٻُڌي ڪملا پاڻي پاڻي ٿي ويئي.
- رام داس اٿيئي ٻگھُلو ٻڱت ڪانئس خبردار رھجانءِ.

انھن مثالن ۾ 'پاڻي پاڻي ٿي ويئي' ۽ 'ٻگھلو ٻڱت' محاورا آھن، جيڪي جملن جو ئي ھڪ حصو آھن.

(2) پھاڪي ۾ گھڻ ۾ گھڻ ب لفظ ھوندا آھن، جيئن تہ: قرض مرض، پر محاورو ھڪ لفظ وارو ب ٿي سگھي ٿو. جيئن

تہ ڪنھن چوڪريءَ کي چئجي: "گڏھ! ھيڏانھن ڏيان ڏي." تہ ھن جملي ۾ 'گڏھ' لفظ محاورو آھي، جيڪو پنھنجي لفظي معنيٰ بدران ٻي معنيٰ ۾ ڪتب آيو آھي. ساڳيءَ طرح: "ھُو ريشما تي مئو تہ اڳرُ نگرُ مٽس لُٽائي ڇڏيائين". انھيءَ مثال ۾ 'مرڻ' فعل جو مطلب آھي. فدا ٿيڻ، موھِتُ ٿيڻ. اِن ڪري اھو ٻہ ھڪ محاوري جو استعمال آھي.

(3) پھاڪو نثري جملي، گفتگو، سوال جواب، بيت وغيره جي صورت ۾ ٻہ ٽي سگھي ٿو، پر محاورو پنھنجي اصلي شڪل ۾ گھٽو ڪري مصدر ۾ ختم ٿيندو آھي. جيئن تہ:

- پيءُ سندس پيھوُن کُٽيون، ڏاڏي سندس ڏاٽا،
  اڳي پڇيائون ٽي ذات پات، ھاٽي پچن ٿا ناٽا.
- 'گڏُ'! چي 'جيءُ سڏِ'.

پر 'وات ۾ مُگ پوڻ'، 'ٻانھون ڏگھيون ھئڻ' محاورا آھن، جيڪي جملي ۾ ڪتب اڇڻ کان اڳ پنھنجي اصلوڪي شڪل ۾ مصدر ۾ ختم ٿي وڃن ٿا.

(4) بيان ۾ پھاڪو ڪنھن ڳالھ جي پنيرائي يا رد لاءِ ھڪ مثال وانگر جدا ايڪي جي شڪل ۾ استعمال ٿيندو آھي. پر ٻئي طرف محاورو جملي جي ٻيھڪ ۾ جدا جدا شڪلين ۾ ڪتب ايندو آھي. جيئن تہ:

پھاڪو: انگريز ھندستان ۾ آيا واپاري بڻجي، پر ھندستانين جي ڦوٽ جو فائدو وٺي ھتي حاڪم بڻجي وينا. "آئي ٽانڊي کي، بورچياڻي ٿي ويٺي."

محاورو: پيٽ تي لت ڏيڻ (روزگار کسڻ، ڪمائي کسڻ). اِھو محاورو جڏھن ڪنھن جملي ۾ استعمال ڪبو تہ اِھو جدا جدا روپ اختيار ڪري سگھي ٿو. جيئن تہ:

- پيٽ تي لت ڏنائينس.
- ھِن جي پيٽ تي لت نہ ڏي.

- ھوُ تنھنجي پيٽ تي لت ڏيندو.
- ڪنھن غريب جي پيٽ تي لت چوٽا ڏيو؟

(5) پھاڪا، بيان ۾ ڪتب نہ اچڻ تي ٻہ پنھنجي ليکي پوري معنيٰ جو اظھار ڪندا آھن. ٻئي طرف، محاورا گھٽو ڪري بيان ۾ استعمال ٿيڻ بعد پنھنجي گھربل معنيٰ ظاھر ڪن ٿا. جيئن تہ: گڏھُ (بيوقوف، مورک)، مرڻ (فدا ٿيڻ) وغيره جڏھن بيان ۾ ڪتب آڻبا، تڏھن اُنھيءَ جي حوالي سان ٻڌائي سگھبو تہ اِھي لفظ لفظي معنيٰ ۾ آھن يا اُنھن جي اصطلاحي معنيٰ گھربل آھي.

(6) پھاڪا گھٽو ڪري سياڻپ جا سُخن ۽ نصيحت پريا گُفتا آھن، جيڪي اِنسان جي زندگيءَ جي رھنمائي ڪن ٿا. ٻئي طرف، محاورا فقط ڪنھن ڪم جي ھئڻ، ٿيڻ وغيره جو نرالي ۽ اثرائتي نموني بيان ڪن ٿا. اُنھن جو گھٽو واسطو ٻوليءَ جي عبارت سان آھي.

(7) ورجيس ٻہ محاوري وانگر جملي جو ھڪ جزو ھوندو آھي، پر اُھا لفظي معنيٰ ۾ ڪتب ايندي آھي. جيئن تہ: ماستر موھن کان سوال پڇيو تہ ھو اھڙو ڪُڇي جھڙو پٽ. ورجيس چوٽيءَ جي وڌيڪ نزديڪ آھي، پر اُھا لفظي معنيٰ ۾ ڪتب ايندي آھي. مثال طور: سوڪ جي ڪري ستايل ماڻھن کي مدد ڪرڻي اٽيئي تہ اُن ۾ دير نہ وجھ. "ترت دان، مھا پُجُ".* ھتي 'ترت..... پُجُ' ھڪ چوٽي آھي.

(8) سنڌي ٻوليءَ ۾ عام طور پھاڪي ۽ چوٽيءَ جي وچ ۾ تفاوت نہ لکيو ويندو آھي، پر باريڪ نظر سان ڏسجي تہ چاھي ٻئي پورا جملا آھن، پر پھاڪو اکري لفظي معنيٰ ۾ ئي ڪتب ايندو آھي.

✡

* وڏي خير جو ڪم.

3

پهاڪن جو جنم، اوسر ۽ ورهاست

3.1 پهاڪن جو جنم:

ڪنهن ٻوليءَ جا پهاڪا اُن جي قديم ادب کان ٻه آڳاٽا ٿين ٿا. ٻوليءَ جي پيدائش جي تاريخ تي لکي سگهون ٿا، پر پهاڪا ڪڏهن ۽ ڪيئن نهيا، اِهو چوڻ سولو نه آهي. سچُ پچُ پهاڪن جي تاريخ اوتري ئي پراڻي آهي، جيتري 'واڻي' يا ٻوليءَ جي تاريخ "چاندوگيه اُپنشد" ۾ برهم رشي سنت ڪمار چيو آهي ته: "انسان جي زندگيءَ ۾ واڻيءَ جي اُهائي اهميت آهي، جيڪا خود اُپائڻهار جي ايترو ئي واڻيءَ جي تاريخ ٻه اُپائڻهار وانگر ازل کان آهي." اِنهيءَ ريت، پهاڪا ٻه ازل کان وجود ۾ آهن. ٻوليءَ جي آسمان ۾ پهاڪا نڪتن ۽ گرهن جيان، سوين سالن کان پنهنجي روشنيءَ کي ڦهلائي پنهنجي نرالي ۽ انوکي هستي قائم رکندا آيا آهن.

پهاڪن جي پيدائش جي جاڻ گهڻو ڪري نه ٿي رهي. پهاڪا ڪنهن خاص واقعي يا زندگيءَ ۾ ٿيڻ وارن آموزدن تي ٻڌل ڪنهن شخص جا نجي سخن هجن ٿا، جيڪي سهڻي اظهار جي ڪري وقت گذرندي عام ماڻهن ۾ قبول ٿين ٿا. اهڙا سُخن عام ماڻهن ۾ مشهور ٿي پهاڪي جي شڪل اختيار ڪري ماڻهن جي ملڪيت بڻجي پون ٿا. اِنهيءَ سان هڪ ڳالهه چئي ٿئي ٿي ته ڪوبه سُخن، گفتو يا ڪٿ پنهنجي رچيندڙ جي ڪري نه، لوڪ پسندي سببان پهاڪي جو روپ ونيٿي. پهاڪي نهڙ جي طريقي/ قدرت ۾ اُن جي رچيندڙ جي ڪابه افاديت نظر نه ٿي اچي. جنهن ڪري پهاڪن جي پيدائش جي پوري جاڻ نه هوندي آهي. ڊاڪٽر ششي شيکر تِواري پهاڪي جي پيدائش واسطي ٻن ڳالهين جو هڻڻ ضروري ٻڌايو آهي. "(1) پهاڪي جو ڪنهن شخص جي خيال جي شڪل ۾ وجود ۾ اچڻ، (2) هن جو عام ماڻهن پاران قبول ٿيڻ."*

* تِواري، ششي شيکر، پوجپُري لوڪوڪِتيان، بِهار راشٽر پاشا پريشد، پٽنا، 1970ع، ص، 9.

3.2 پهاڪن جي جنم جي ترتيب:

پهاڪا ڪنهن هڪ شخص، سماج يا ملڪ جي ملڪيت نه آهن. اِهي ته سڄي دنيا جي انسانن جي گهڙيل ملڪيت آهي. پهاڪن جي پيدائس جي ترتيب ۾ سيني پنهنجي زندگيءَ جي آزمودن جي آڌار تي مدد ڪئي آهي. هرهڪ ٻوليءَ جي پهاڪن ۾ انساني ذاتين، رهني ڪهڻي، عقيدن، يقين ۽ تصور جي گهري ڇاپ ملي ٿي.

ڊاڪٽر ڪنهيا لال ساحل جي ويچار ۾، "ڪوبه پهاڪو ڪنهن ريت جنم ونندو هوندو، اِن بابت اسان ڪجهه تصور ڪري سگهون ٿا." سيني پهاڪن جي پنيان ڪونه ڪو واقعو هڻڻ ضروري نه آهي. يا ڪو واقعو هوندو به، ته اِنهيءَ ڳالهه جو رُڳو تصور ئي ڪري سگهجي ٿو. ڪنهن پهاڪي جي پنيان رُڳي هڪ ئي گهٽنا يا واقعو هوندو، اِهو پڪيءَ طرح نه ٿو چئي سگهجي. اِن ويچار کي سمجهڻ لاءِ ڪجهه مثال هن ريت آهن:

- غريب جي جوءِ، جڳ جي ياجائي.
- غريب جو پيٽويو ڪونه ٿئي، شاهوڪار جا سالا به گهٽا.
- غريب جو واهي الله.
- غريب چوي مان چا ڪان، شاهوڪار چوي مان چا سان ڪان؟

مٿي ڏنل پهاڪا زندگيءَ جي سچائي ۽ غريبيءَ جي مسئلي تي ٻڌل آهن. غريبي هڪ اهڙو سماجي مسئلو آهي جنهن سان اڪثر هرڪو شخص ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ روبرو ٿئي ٿو. جڏهن ڪان ماڻهو مهذب ٿيو آهي ۽ هُن پئسي جي اهميت کي سجاتو آهي، تڏهن ڪان غريبي ۽ اميريءَ جو تجربو ماڻهوءَ کي ٿيندو رهيو آهي، جيڪو اَڄ تائين قائم آهي. سماج ۾ اميري ۽ غريبيءَ جي ڪاهي ڏاڍي پراڻي ۽ وڏي آهي. شاهوڪار کي سماج ۾ مانُ ۽ عزت ملي ٿي. چاهي هوُ ڪيترو به خراب ماڻهو چونه هجي. پر ٻئي طرف غريب چاهي ڪيترو ئي سچو ۽ ايماندار چونه هجي، اُن کي سماج ۾ ايتري عزت نه ٿي ملي. جڏهن به ڪنهن شاهوڪار کي ڪوبه ڪم پوي ٿو ته هوُ چوي ٿو، "فلاڻي (غريب) جي جوءِ کي گهُرائي ونجو. هوءَ اچي ڪم ۾ هٿ

ونائيندي ۽ پورو ڪندي." ويچاري غريب جي جوءِ آهي، جهٽِ اَڇڻ لاءِ تيار ٻه ٽي ويندي، پر جيڪڏهن اُن ئي ڪم لاءِ ڪنهن شاهوڪار جي جوءِ ڪي چئجي ته ڇا هوءَ تيار ٿيندي؟ نه، ڪڏهن ٻه نه. ڇاڪاڻ ته شاهوڪار جي جوءِ ڪي پئسو هڻڻ ڪري اُنهن حالتن جو منهن نه ٿو ڏسڻو پوي جن حالتن ۾ غريب ماڻهو پنهنجي زندگي گذارين ٿا.

عام ماڻهن جي اهڙن آزمودن جي آڌار تي سُڻڻن ۽ گُفتن جو بنياد پوي ٿو، جيڪي آهستي آهستي عام ماڻهن ۾ عام ٽي پھاڪن جي شڪل اختيار ڪن ٿا. اِن جو هڪ ٻيو مثال هن ريت آهي:

شروعات کان اِنسانن جو واسطو الڳ الڳ جانورن سان ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ رهيو آهي. تاريخي روايتن موجب، اِنسان ڪنهن زماني ۾ پاڻ ٻه جانورن مثال هوندو هو. اِنهيءَ ڪري جانورن جي رهٽي ڪهٽي، رنگ- روپ ۽ ڪائڻ پيئڻ جي ڍنگ کي ڏسي انسانن کي جيڪي آزمودا ٿيا، اُنهن مان ڪجھ پھاڪا نھي ويا، جن مان ڪجھ هن ريت آهن:

- هرٽي اڳيئي نچٽي، ويتر پيس گھنڊٽي.
- ڪوُئي لڏي هئڊ ڳڙي، چي مان ٻه پساري.
- سھي ٽنگون ٽي، چوٽين نھي ئي ڪان.
- ناڙو ڏجي آکرو، گيھ چو ونجي ٻاکرو.
- ڪاتري نه ڪڙڪاءِ، نوريئڙو جاڳئي ٿو.

مٿي ڏنل پھاڪن مان آخري پھاڪو هڪ آکاڻيءَ تي ٻڌل آهي، جنهن موجب هڪ ڏائڻ هڪ نوريئڙي کي شام جي وقت ريجھائي پنهنجو پاڻيجو ٻڌائي پاڻ سان گڏ پنهنجي گھر وٺي آئي. ڏائڻ جو ارادو هو ته رات جو نوريئڙي کي ماري کائي ڇڏي. نوريئڙو ڏائڻ جي ڳالهين ۾ اچي ته ويو، پر جڏهن هو ڏائڻ جي گھر پهتو ته ڪيس ڏائڻ جي مقصد جي معلومات ٿي ويئي. سڃي رات نوريئڙي ننڊ نه ڪئي ۽ جاڳندو رهيو. ڏائڻ رات جو ٽي دفعا اُٿي ۽ ڪاتي تيز ڪرڻ لڳي، پر نوريئڙي هر وقت چتاءُ پئي ڪيس، "ڪاتري نه ڪڙڪاءِ، نوريئڙو جاڳئي ٿو." ٻئي صبح جو اُهو نوريئڙو صحيح سلامت ڏائڻ جي گھر مان ٻچي نڪتو.

هيءَ چوٽي اهڙي وقت ڪم ايندي آهي جڏهن هڪ ڏُر پنهنجي دشمن ڏانُ ڪي آگاهه ڪندي رهندي آهي ته اوهين پلي تياري ڪندا رهو پر اسين ٻه پهري تي سجاڳ آهيون. يا وقتي مائٽ ڪنهن ننڍي ٻار کي گھر ۾ سمُهاري پاڻ ٻاهر ويندا آهن، پر جي ٻار سجاڳ هوندو ته مائٽن جي پٺيان چنبڙي پوندو، اُتي پڻ چوندا آهن ته، "ڪاتري نه ڪڙڪاءِ، نوريئڙو جاڳئي ٿو." مطلب ته ٻار جاڳيل آهي ۽ ان کان پاسو ڪري نڪري وڃڻ ڏکيو آهي.

اِنهن مثالن مان ظاهر آهي ته پھاڪن جي پيدائش جو عمل ندي‌ءَ جي پاڻيءَ مثل هلندڙ عمل آهي. جيڪو عام ماڻهن جي شخصي آزمودن تي، آکاڻين تي، واقعن وغيره تي ٻڌل آهي. اهو عمل جيستائين انسان جي تصور ڪرڻ جي قوت قائم آهي، تيستائين هلندو رهندو. اِن جي شروعات ڪنهن هڪ واقعي سان ٿئي ٿي. پر پوءِ اُها عام ماڻهن ۾ پسند پوڻ ڪري سڃي سماج جي گڏيل ملڪيت بڻجي پوي ٿي.

3.3 پھاڪن جي پيدائش جا مکيہ آڌار:

پھاڪن جي سرجڻ جا ڪجھ نه ڪجھ آڌار آهن. جيس اي. ڪيلسو نالي هڪ عالم پھاڪن جي جنم جا ٽي سرچشما ٻڌايا آهن، جيڪي هن ريت آهن:

- واقعا
- پرولين
- لوڪ ڪھاڻيون

پر ڊاڪٽر شَشي شيکر تِواريءَ ۽ جيمس اي. ڪيلسو جي ويچارن سان شامل راءِ ٿيندي چيو آهي ته ڪيلسو صاحب هڪ خاص چوٽون سرچشمو پُلجي ويو آهي، سو آهي- مشهور سگھڙن جا ٻول. ڊاڪٽر شيشي شيکر تِواريءَ اڳتي هلي وري واقعن کي 'عام' ۽ 'سياسي' ٻن پاڳن ۾ ورهايو آهي. انهيءَ ڏس ۾ راجستاني چوَٽين جي اوڪِ ڏوک ڪرڻ واري مشهور عالم ڊاڪٽر ڪنهيا لال 'سھل' پھاڪن جي پيدائش جا ٽي مکيہ بنياد ٻڌايا آهن، جيڪي هن ريت آهن:

- لوڪ ڪٿائون
- سياسي واقعا
- پراڳيہ وچن (سياڻن جا قول يا ٻول)

اردو ادب جي عالم ڈاڪٽر يونس اگاسڪر هن موضوع جو ايا ٻ وڌيڪ خلاصو ڪندي، پھاڪن جي جنم جا هيٺ ڏنل مکيہ آڌار ڄاڻايا آهن:

- سماجي زندگي
- نفسياتي ردِ عمل (منو وگيانڪ پرڪريا)
- انساني تجربا
- فلسفياڻا خيال
- نصيحت
- تواريخي واقعا
- لوڪ ڪهاڻيون
- ڪل پوڳ
- نفرت ۽ انتقام

سنڌي ادب جي ميدان جي مشهور لسانيات جي ماهر ڈاڪٽر مرليڈر جيٽلي پڻ پھاڪن جي جنم جا اڳتي ڏنل بنياد ٻڌايا آهن:

- لوڪ ڪٿائون
- تاريخي شخصيتون، واقعا ۽ حالتون
- سياڻن جا سُخن ۽ نصيحت آميز نُڪتا
- اِنساني جذبن جو ردِ عمل.
- پرولبون ۽ ٻول
- جدا جدا ٻولين جو هڪ ٻئي تي اثر.

پھاڪن جي جنم جا عالمن پاران مٿي ڏنل جيڪي سبب آهن، اُنهن سيني ۾ گھٽي قدر هڪجھڙائي ملي ٿي. ڪن عالمن ننڍين شاخن کي گڏي هڪ وڏي وڻ جي شڪل ۾ پيش ڪيو آهي ٽ وري ڪن ٻين عالمن انهن ئي شاخن کي هڪ باغيچي ۾ ٽڙندڙ الڳ الڳ قسمن جي گلن جي شڪل ۾ پيش ڪيو آهي. ان طرح چئي سگھجي ٿو ٽ سيني عالمن پاران ڏنل پھاڪن جي پيدائش جي بنياد ۾ مشابهت آهي.

جيتوڻيڪ مان مٿي ڄاڻايل عالمن جي راين سان شامل راءِ آهيان، تنهن هوندي ٻ منهنجي ويچار ۾ پھاڪن جي جنم جا مکيہ ٻ آڌار آهن. (1) ماحولياتي بنياد يا ڪنهن لساني علائقي جو قدرتي ماحول، (2) ثقافتي آڌار. ڪنهن ٻ ثقافت جي ابتدا ۽ ارتقا ۾ قدرتي حالتن جو وڏو هٿ هوندو آهي. ثقافت جي اندر اُنهيءَ سماج جون سڀ خاصيتون سمايل هونديون آهن.

(1) **ماحولياتي آڌار:**

هرهڪ ٻوليءَ ۾ گھٽن ئي پھاڪن جو جنم، ان ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن جي آسپاس واري ماحول ۽ وايومنڈل جي بنياد تي هوندو آهي. هن کي ايا ٻ چٽو ڪي چئجي ٽ جاگرافيائي حالتون، رسم و رواج، پاڻي، هوا، موسم، خاص جڳھ، سنگت وغيره جي ڪري ٻ ڪيترن ئي پھاڪن جو جنم ٿيندو آهي. بنگلا، اُڙيا، ملايالم ٻولي ڳالهائيندڙن جا علائقا سمنڊ جي پاسي ۾ هئڻ ڪري اُهي ماڻهو پنهنجي روزاني زندگيءَ ۾ ڪاڌي پيتي لاءِ مڇيءَ جو استعمال گھٽي تعداد ۾ ڪندا آهن. انهيءَ ڪري 'مڇي' لفظ جو استعمال هن ٻوليءَ جي پھاڪن ۾ گھٽو ملي ٿو. جيئن ٽ بنگالي ٻوليءَ جي چوٽي هن ريت آهي:

- اَرانڈ نير هاتي پڙي ڪئي ماڇ ڪاندي،
  نا جاني رانڌني موري ڪيمن ڪ ري رانڌي؟

يعني اناڑي بورچيءَ جي هٿ ۾ وڃي روهُو مڇي روئي ٿي ٽ الائجي هيءُ بورچي مون کي ڪيئن رڌيندو؟

ساڳيءَ طرح سنڌ ۾ اُنن جو تعداد وڌيڪ هئڻ جي ڪري سنڌي پھاڪن جي پيدائش تي انن جي عادت، انهن جي ڪائڻ جي ڍنگ، هلت چلت، وغيره جو چگو اثر پيو آهي. جيئن ٽ:

- اُٺ جو نخرو ڪجائي جو زيانُ.
- اُٺ آهي بيابان جو ٻيڙو.
- اُٺ پنهنجي مُٽ ۾ پيو تِرکي.
- اُٺ پوڙهو ٿيو ٽ ٻ مُٽڻ نہ سکيو.
- اُٺ هميشہ مَکي ڏانهن وَري.

جيتوڻيڪ اهي پھاڪا اُنن بابت آهن، پر اِنهن ۾ لڪيل ۽ ڳُجھي معنيٰ انسان جي وهنوار طرف ۾ اشارو ڪري ٿي.

جتي اسين رهون ٿا، اُن علائقي جي تهذيب جو اسان جي ذهن تي اثر هئڻ لازمي آهي، پر انسان رڳو ايتري ۾ خوش نه آهي. ان کي ٻين جي رهائشگاهن ۾ مين- ميڪ ڪيڙ ۾ مزو ايندو آهي. هُو اُهُر جيتري ننڍي ننڍي ڳالھ کي ۾ جبل جيان ناهي، ٻين هنڌن جي پنهنجي ڳوٺ سان مشابهت ڏيکاريندي. اُنهن کي گھٽ ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ٻين صوبن يا علائقن جا ماڻھو سندس اڳيان هميشہ خسيس لڳندا آهن. اِنهيءَ پنهنجي رهڻ واري هنڌ لاءِ پنهنجپائيءَ جي احساس جي بنياد تي ۾ ڪجھ پھاڪن جو جنم ٿيو آهي. جيئن ته تامل ٻولي ڳالھائيندڙ اُتر پارت ۾ رهندڙ لاءِ چا ٿا سوچين:

- تڑ ڪشِتيانئِيُم وِيِٽ وِليئيُم ننبل آگاڈُ (تمِل)

(يعني): اُتر وارا ۽ پيٽ جي سُور، ٻنهيءَ تي پروسو نه ڪجي)

انهيءَ طرح سنسڪرت ٻوليءَ جي هيءَ طنز ڏسو:

- ٻالو اَپي چورھ، ستُورو اَپي چورھ:
سما گتھ پِراڈُ ٹِڪو اَپي چورھ:
دلي پرديش، مَٹُرا پرديش،
چورن وِنا نہ پِرَسَوَنتي پاريا.

(يعني: دهلي ۽ متُرا ۾ ٻار ۾ چور ٿيندا آهن ۽ ٻُڌا ۾ چور ٿيندا آهن. مهمان ۾ چور آهن. دهلي ۽ متُرا جي علائقن ۾ مائرون چورن کان سواءِ ٻيو ڪنهن کي ۾ جنم نه ڏيندیون آهن) دهلي ۽ متُرا جي رهاڪن جي ڪردار تي هيءُ ڪيڏو نه وڏو حملو آهي. هندي ٻوليءَ ۾ متُرا جي باري ۾ هڪ ٻي چوٽي ۾ مشهور آهي:

- متُرا کي پيڙي جو کائي وو پچتائي،
جو نه کائي وو پي پچتائي.

انهيءَ طرح ڪاشيءَ جي باري ۾ هڪ چوٽي مشهور آهي:

- راند ساند سِيڙي سنياسي،
اِن سي بچي تو سيوي ڪاشي.

(ڪاشيءَ جي شهر ۾ وئشيائون گھٹي تعداد ۾ آهن. ساڳيءَ طرح اُتي سوڙهين گھٹين ۾ سانَ، ڍڳا وغيره گھمندا رهن ٿا. ڪاشيءَ ۽ گنگا جي گھاٽن تي گھٹي ئي ڏاڪا آهن، جن تان پير ترڪي وڃڻ جو امڪان هوندو آهي. ساڳيءَ طرح گھاٽن تي ساڌو سنياسي ۾ گھٹي تعداد ۾ آهن، جيڪي اڪثر زيارتين کي ڦُرينداَ آهن يا اُنهن کان خيرات گھُري کين پريشان ڪندا آهن. اِنهن کان جيڪو بچي هلي اهو ئي ڪاشيءَ ۾ رهڻ جو مزو ماڻي سگھندو.)

سنڌيءَ ۾ ۽ انهيءَ قسم جا گھٹائي مثال ملن ٿا، جن ۾ جدا جدا علائقن جي رهاڪن تي ٽوڪبازي ڪيل آهي يا اُتي جي علائقائي خاصيتن طرف اشارو آهي. جيئن ته:

- شڪارپوري، نيت بُري؛ ٻولن ٻاجھري، ڏين بُري.
- سيوهاڻي چريا پتر ڍوئين گھر ڏي.
- ڪچُ ڦُريو جوڳين، سنڌ ڦُري نوڳين.
- پنجابي ايڪ ته ڏُون ڪر ڏيک.
پنجابي ايڪ ته، ڏون ته جُھڳائي جُھون.
- لاڙ جو پڙھيو، سِري جو ڍڳو.

(2) **ثقافتي آڌار:**

پھاڪي جي جنم جو ٻيو مکيہ بنياد آهي ثقافت ۽ سيٽا. انهيءَ ۾ سماجي سرشتو، ذات پات، انڌو اعتقاد، اقتصادي حالتون، سماج ۾ جدا جدا فرقا، ڪاڌو پيتو، ريتيون رسمون، جيون درشن، وغيره سڀ شامل آهن. مثال طور:

- جٹھو نه وِسھو، وِسھو ته مُسھو.
(يعني جٹُ تي ويساھ نه ڪجي، جيڪڏهن ڪبو ته ڦاسبو.)
- شينهن نه ڏيکيا، ڏيک ٻلاڙا،
چور نه ڏيکيا، ڏيک سونارا. (مطلب ته سونارو سون چورائڻ کان ڪڏهن نه ٽرندو)
- واڻيو آهي اَڻي جو ڏيئو،
اندر کائينس کوئا، ٻاهر کائينس کانوَ.

- ڏياريءَ جو ڏيئو ڏنو،
ننڍو وڏو چيڙ منو.
- آهي ته عيد نه ته روزو.
- سيد ۽ سپاهي، تن کان رکج يا اِلاهي.
- اَڌ کي چڏي جو سڄي ڏي ڊوڙي تنهن جو اڌ بہ وڃي.
- انسان خطا جو گهر آهي.

ثقافتي بنياد تي جيڪي پهاڪا نهيا آهن، اُنهن جو دائرو تمام وسيع آهي. اُن ۾ ڪنهن ڪنهن لساني سماج جو سمورو جيون ۽ سوچ ويچار سمايل آهي. اِن ڪري اهڙن پهاڪن کي ننڍن ننڍن گروهن ۾ موضوع مطابق ورهائي سمجهايو ويندو آهي. موضوع موجب پهاڪن جي جنم جا ٻيا مکيہ بنياد هن ريت آهن:

- لوڪ ڪهاڻيون
- ٻارن جون آکاڻيون
- تاريخي شخصيتون، وارداتون ۽ حالتون
- سياڻن جا سخن ۽ قول
- انساني جذبات جو ردِعمل
- پرولين ۽ ٻول
- لساني وراثت
- ٻولين جو هڪ ٻئي تي اثر ۽ ڏي وٺ.

(1) **لوڪ ڪهاڻيون:**

گهڻيئي پهاڪا لوڪ ڪهاڻين تي نهيل هوندا آهن. سنڌيءَ جي مشهور لوڪ ڪهاڻين تي بہ گهڻيئي پهاڪا ملن ٿا. جيئن ته:

- ميهار مينهن کان نڪتو، ته وڇُن ڪهڙي پارت.

(هيءُ پهاڪو سُهڻي ميهار جي لوڪ ڪهاڻيءَ تي ٻيڻل آهي. اِن جو مطلب آهي ته ميهار جيڪڏهن مينهن تان هٽ ڪنيو ته پوءِ انهن جي وڇڻ جي سنيال لاءِ ڪنهن کي پارت ڇو ڪندو؟)

- عمر وڻي وڻي مارئي وڻندو، ٿر ته ڪونہ ٽيلينڊو.

(هيءُ پهاڪو عمر مارئيءَ جي لوڪ ڪهاڻيءَ تي ٻيڻل آهي. اِن جو مطلب آهي ته عمر جيڪڏهن مارئي تي موهت ٿيو ته هو ڪيس پڄائي ڪٽي ويندو، ان لاءِ هو سڄي ٿر علائقي کي ناس نہ ڪندو.)

- واڪا ڪرڙ مون وسُ، ٻُڌڙ ڪم ٻروچ جو.

(هي پهاڪو سسئي پنهون جي لوڪ ڪهاڻيءَ تي ٻڌل آهي. اِن جو مطلب آهي ته اِنسان پنهنجي ڪوشش ڪندو رهندو. اُن جو ڦل ڪيس ملندو يا نہ، تنهن جي خاطري نہ آهي.)

(2) **ٻارن جون آکاڻيون:**

- گدڙ ڏاڪ نہ پُڄي، آکي ٿُو ڪتا.

(هيءُ پهاڪو مشهور آکاڻيءَ تي ٻيڻل آهي، جنهن ۾ گدڙ ڏاڪ جي مُنهن مان ڏاڪ چني نہ سگهيو، ته پوءِ چوڙ لڳو ته مون کي اها ڏاڪ نہ ڪپي چاکاڻ ته اِها ڪٽي آهي.)

- اُها ڪڪڑِ ئي مري ويئي، جيڪا سونا آنا ڏيندي هئي.

(هيءُ پهاڪو اُن آکاڻيءَ تي آهي، جنهن ۾ هڪ ٻُڌي مائيءَ وٽ هڪ ڪُڪڑِ هوندي هئي، جيڪا ڪيس هر روز هڪ سونو آنو ڏيندي هئي. هڪ ڏينهن اُن مائيءَ جي من ۾ لالچ پيدا ٿي ته مان ڪڪڑِ کي ماري سڀ آنا هڪ ئي ڏينهن هٿ ڪريان. پوءِ هُن ڪاتيءَ ڪٽي ڪُڪڑِ کي ڪُنو ته منجهانئس ڪيس هڪ بہ آنو حاصل نہ ٿيو. اِن تي هوءَ گهٽو پچتائڻ لڳي ته مون ناحق لالچ ڪري هن ڪڪِڑ کي ماريو.)

(3) **تاريخي شخصيتون، وارداتون ۽ حالتون:**

سنڌيءَ ۾ اهڙا بہ ڇگا پهاڪا ملن ٿا، جن جو بنياد کي خاص تاريخي شخصيتون يا واقعا آهن. مثال طور:

- ڪنن جي ڳالهين ميرُ بجار مارايو.

(هن پهاڪي جو مطلب آهي ته لِڪيُچُپ ۾ سُس پُس ڪرڙ مان خراب نتيجا نڪرن ٿا. هن پهاڪي جو بنياد ارڙهين صديءَ جي هڪ واردات آهي، جنهن ۾ مير بجار خان ٽالپر کي بن راجپوتن قتل ڪيو هو.)

- پارسي گهوڙي چاڙسي.

يا

- پڙهي پارسي وِڪٽي ڪڙُ تيل، ڏسو هي قسمت جو ڪيل.

(هي ٻئي پهاڪا سنڌ جي تاريخ ۾ اُنهيءَ دؤر ڏانهن اشارو ڪن ٿا، جڏهن پارسي ٻوليءَ جو بول بولا هو. ماڻهو پارسي پڙهي وڏن سرڪاري عهدن تي پهچندا هئا.)

(4) **سياڻن جا سُخن ۽ قول:**

سياڻن ۽ عالمن جا چيل سُخن ۽ نصيحت ڀريا قول ۽ گهڻن پهاڪن ڪي جنم ڏين ٿا. جيئن ته:

- ڏڪ هڻ ڏيءُ ڪي ته سِکي نوُنهن.
- ننهن سان ڇڇي ته ڪاتي ڇو وجهجي؟
- سنگ تاري، ڪُسنگ ٻوڙي.
- گهڻن هٿين ڇپر ڪجي.
- انسان خطا جو گهر آهي.

(5) **اِنساني جذبن جو ردِعمل:**

انسان هڪ سماجي جناور آهي. سماج ۾ رهندي هو ٻين سان لهه وچڑ ۾ اچي ٿو. هُن جي من ۾ سڪ، پريم، نفرت، دشمني، ڪل مذاق، ٺوڪ بازي، وغيره جا جذبا الڳ الڳ وقتن تي پيدا ٿين ٿا. اِنهن جي آڏار تي ٻه گهڻن ئي پهاڪن جو جنم ٿيو آهي. جيئن ته:

- شيرو ٻلو شاهه جو، نه پيءُ جو نه ماءُ جو.
- بندرو شيطانُ.
- ٻٽيهه منڊ منڊي ۾، اَسي ۾ ڪاٽو.
- جڏهن گنجو ساماڻو ته سيني ڪٽي ماڻ ڪئي.
- ڪر چگائي ڇٽ سان، ته ڦيري هٽي پٽ سان.
- ديوارن جو دُم، دمڙيءَ جي دال تي.
- لوُلي چُٽي ڪتڻ ڪان، نچڻ لڳيسِ ٻار.

(6) **پرولين ۽ ٻول:**

سنڌيءَ ۾ گهڻيئي پهاڪا ۽ چوٽيون آهن، جن جو جنم پرولين ۽ سُگهڙن جي ٻولن مان ٿيو آهي. مثال طور: ڪنهن سگهڙ جو هيٺ ڏنل ٻول ڏسو:

- ڳئون ۽ مينهن وينِي ڏُيي، بينِي ڏيي اُٺ،
  چاري اٽي ڏجي سج، ڳئون اٽي مُٺ،
  جهڙو لڳي واءُ، تهڙي ڏجي پُٺ.

هن ٻول جي آخري ست سنڌيءَ ۾ پهاڪي جي شڪل ۾ مشهور آهي. ساڳيءَ طرح هيٺ ڏنل سِٽون ٻه سگهڙن جا ٻول آهن، جن کي ٻوليءَ ۾ پهاڪن جو درجو مليو آهي.

- انڊو ۽ اَٺسوُنهون ٻئي هڪ آچار.
- حاڪم، باهه ۽ پاڻي، اهي ٽيئي گهٽ نه ڄاڻ.
- هڪ انڊو، ٻيو پوڙهو، ٽيون ٻوڙو، چوٽون ٻار،
  پنجون بيمار، اهي پنجئي بيمار.
- ڪاچ ڪٽورو، گيهه گهڙو، موتي ۽ من، پڳا وري نه نهن.

(7) **لساني وراثت:**

اسان جي سنڌي ٻولي سنسڪرت، پالي، پراڪرت ۽ اَپڀرش منزلون طئ ڪري پنهنجون هاڻوڪي شڪل اختيار ڪئي آهي. اِن ڪري سياويڪ آهي ته اُنهن آڪاٽين ٻولين مان ورثي ۾ گهڻيئي پهاڪا ۽ چوٽيون حاصل ڪيون هجن. اِها ڳالهه سيني هاڻوڪين پارت جي آريائي ٻولين سان لاڳو ٿئي ٿي. هتي ڪجهه مثال ڏجن ٿا:

- ٻٽا راجا تٽا پرجا.

(هيءَ سنسڪرت جي لوڪو ڪِت (پهاڪو) ساڳئي روپ ۾ سنڌيءَ ۾ مشهور آهي. (جهڙو راجا تهڙي پرجا•))

- لڙن سپاهي، نالو ٿئي سردار جو.

(اِن سان ڀيٽيو مهاپارت جي هيءُ لوڪوڪِت- سيناپتؤ تِشو گنتا، نه تُ يوڌان ڪٽنچنَ. يعني: جُس سپهه سالار کي ملندو آهي ۽ نه ڪو لڙندڙ سپاهين کي.)

- هٿ جي ڪنگڻ کي آرسيءَ جو ڪهڙو ضرور؟

اِها ساڳي چوٽي اسان کي ساڃ شيکر جي ڪتاب 'ڪرپُور

• پرجا: رعيت، عوام.

منجريءَ ۾ به ملي ٿي- هٿ ڪنڪٽي ڪن ڏپٽوڙ ٽيڪ ڪِي. (1/18)

(8) **پولين جو هڪ ٻئي تي اثر ۽ ڏي وٺ:**

جدا جدا ٻولين جو هڪ ٻئي تي اثر پوڙ سُياوڪ آهي. اِن ڪري هرهڪ ٻوليءَ ۾ ٻين ٻولين جا پهاڪا ساڳي شڪل ۾ يا ترجمي جي صورت ۾ مشهور ٿي وڃن ٿا. سنڌيءَ ۾ اهڙن پهاڪن جا مثال هن ريت آهن:

- ايڪ پنٿ دوڪاج. (هندي)
- بڙا ڪهاوڙ بڙا دڪ پاوڙ، چوٽي کا دڪ دور.
- آج هَمان، ڪل ٽَمان. (راجستاني)
- يڪ تندرستي، هزار نعمت (پارسي ۽ اردو)
- تڪڙ ڪم شيطان جو.

(اِها سنڌي چوٽي عربيءَ جي هن چوٽيءَ جو ترجمو آهي: التعزيل فعل الشيطان)

(هيءَ چوٽي فارسيءَ جي چوٽيءَ جو ترجمو آهي: دو برادر، سوم حساب.)

3.4 پهاڪن جي ارتقا:

پهاڪن جو استعمال روزاني زندگيءَ ۾ ڳالهائڙ ٻولهائڙ ۾ ٿيندو آهي. هڪ شخص کان ٻئي شخص، هڪ نسل کان ٻئي نسل ۽ هڪ ٻوليءَ کان ٻي ٻوليءَ ۾ سفر ڪندي پهاڪا ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي لفظي بيهڪ توڙي معنيٰ ۾ ٻه ڪي قدر تبديلي ڪري ڇڏين ٿا. پهاڪن جي بيهڪ ۾ اهڙي ڦيرگهير کي پهاڪن جو ارتقا چئجي ٿو.

پهاڪن جي ارتقا کي مکيه طور ٻن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو، جيڪي هن ريت آهن:

- پهاڪن جي شڪل ۾ ارتقا
- پهاڪن جي معنيٰ ۾ ارتقا

(1) **پهاڪن جي شڪل ۾ ارتقا:**

انهيءَ جو مطلب آهي ته پهاڪي جي روپ يعني اُن جي لفظن جي بيهڪ ۾ تبديلي اچڻ، جيڪا هينئين نموني نظر اچي ٿي:

(الف) **ڪنهن هڪ لفظ جي تبديلي:**

- ڪسيري جي ڪُتي، ٽڪي جا ڪائي ٽُڪر (يا نان).
- ڪاٽيءَ جي وهانءَ ۾ سنڪٽ (يا نِڪٽ) گهٽا.
- ٻڌيءَ ٻيڙيءَ جون هريڙون(يا لوهه) پليون.

(ب) **هڪ ڪان وڌيڪ لفظن ۾ ڦيرگهير:**

- لَڪيا لوهارن کي ٽِپرَ تي ٽاندا.

(لِڪيون لوهارن کي چڌن ۾ چِٽنگون)

- بن ٻيڙيُن ۾ جيڪو چڙهي، تنهن جون تنگون ڦاٽن.

(بن ٻيڙين ۾ جيڪو چڙهي، تنهن جا چڌا چيرجن.)

(ج) **جملن يا لفظي ميڙن ۾ تبديلي:**

- بخشيش سؤ سؤ، حساب جؤ جؤ.

(حساب جؤ جؤ، بخشيش سؤ سؤ)

- ٻيو سيُ رهندو هِت، نيڪي نيندين پاڻ سين.

(نيڪي نيندين پاڻ سين، ٻيو سي رهندو هِت)

(د) **پهاڪي جي روپ جو تفصيل:**

- ڏاڍي جي لٽِ کي ٻه مٽا.

(ڏاڍي جي لٽ کي ٻه مٽا، جيڏانهن ڦيرائي تيڏانهن صحيح.)

- اُپ ۾ ٽُڪ اُڇلائي، سو منهن ۾ پائي.

(جو اُپ ۾ ٽڪ اڇلائي، سو مُنهن ۾ پائي.

جيڪو هٿ ڪٽي وڏن ڏي، تنهن سان ههڙي ٿئي هاءِ.)

- واڻيو آهي اٽي جو ڏيئو.

(واڻيو آهي اٽي جو ڏيئو، اندر ڪائينس ڪُوئا ته ٻاهر ڪائينس ڪانوَ.)

- اڌ کي چڌي سڃيءَ پنيان ڏُکي، تَنهن جو اڌ ٻه وڃي.

(اڌ کي چڌي سڃيءَ پُنيان ڏُکي، تنهن کي سڃيءَ ته نه ملي، پر اڌ ڪاڻ ٻه سِکي.)

- پائر ڪوٽ جا ڪَنگر، پُٽ گهرجي سونهون.

(پائرُ ڪوت جا ڪَنگر، پَٽَ گهرجي سُونهون،
وينا ڪَن وِرونهن، ڏَجَڻُ ڏَوُران ئي ڏَري.)

(آخري مثال بابت اِن طرح بہ سمجهاڻي ڏيئي سگهجي ٿي تہ ڪڏهن سڄو بيت تہ ڪڏهن اُن جو فقط ڪو حصو پهاڪي جي روپ ۾ مشهور ٿي ويندو آهي.)

(2) **پهاڪن جي معنيٰ ۾ ارتقا:**

وهنواري زندگيءَ جي جدا جدا حالتن ۾ استعمال ڪرڻ تي ڪجهہ پهاڪا هڪ کان بہ وڌيڪ معنائون ظاهر ڪن ٿا. مثال طور: "ڪيتي سِرسيتي" يعني اُها ڪيتي سڻي پيدائش ڏيندي، جيڪا هاري پنهنجي سِر يا پاڻ محنت ڪري اُپائي ٿو. مطلب تہ جيڪڏهن اَن جي پوک جو ڪم بين کي ڏنو ويو، تہ پوءِ ممڪن آهي تہ انهن جي لاپرواهيءَ سببان فصل سُنو نہ ٿئي. جيڪڏهن ڪيتيءَ ڪندي، اِهي لفظ هڪ هاري ٻئي کي چيا آهن تہ پوءِ اُتي هِن پهاڪي جي لفظي معنيٰ لاڳو ٿيندي، پر جيڪڏهن ڏنڏي واپار ۾ ڪو شخص پنهنجي فرض ادائي پوري طرح نڀو ڪري ۽ پنهنجو ڪم ٻئي کي ڏيئي ۽ پاڻ لاپرواهہ ٿي وڃي ٿو تہ اُن وقت ڪيس طنز ڪندي جيڪڏهن ڪنهن اِهي لفظ چيا آهن تہ پوءِ اتي ڪيتيءَ جو مطلب ڪوبہ ڪم ڏنڏو يا واپار ڪٽبو. اِن حالت ۾ پهاڪي جو حاصل مطلب ٿيندو تہ ڪوبہ ڪم سڻي نموني پورو تڏهن ٿيندو، جڏهن ماڻهو پاڻ ڏيان سان اهو ڪم ڪندو.

ساڳيءَ طرح "جهڙو وڻ، تهڙو ڦُر" جي لفظي معنيٰ آهي تہ جيڪڏهن وڻ سڻي جنس جو هوندو تہ اُن مان ڦل بہ سڻو ملندو، پر جيڪڏهن اُن وڻ جي جنس ئي خراب آهي تہ اُن مان سڻو ڦل حاصل ڪرڻ جي اميد رکڻ اجائي ڳالهہ آهي. وهنوار ۾ اِن جو اهو مطلب بہ نڪري ٿو تہ جنهن جو جهڙو ٻُڌ بنياد يا خاندان هوندو، تهڙوئي سندس سُڀاءُ ٿيندو.

هرهڪ ٻوليءَ ۾ ڏنو ويو آهي تہ ڪيترائي پهاڪا هڪ کان وڌيڪ مطلب ظاهر ڪن ٿا. اهڙيءَ حالت ۾ جيڪڏهن بڏندڙ ڪنهن پهاڪي جو صحيح مطلب نہ ٿو سمجهي تہ پوءِ هوُ اُن پهاڪي جو ٻيءَ معنيٰ ۾ استعمال ڪري ٿو ۽ وقت گذرندي اُن پهاڪي جو اصل مطلب بدلجي

وڃي ٿو. مثال طور "آپ نہ مريئي سُرڳ نہ جائيئي". پهاڪي جي لفظي معنيٰ ڪٽي، روچيرام گجوُمل اُن جي سمجهاڻي لکي آهي. 'پاڻ' (آپ، آپو، خودي) مارڻ کان سواءِ، ماڻهو جنت ۾ وڃي نہ سگهندو.

Without the annihilation of self, one cannot go to heaven (A Hand Book of Sindhi Proverbs, 4th edition, 1935, p.2)

سترام داس 'سائل' بہ پنهنجي ڪتاب 'ڏُرن جي ڏبليءَ' ۾ اِن پهاڪي جي معنيٰ ساڳئي نموني سمجهائي آهي. "جيسين آپو يا خودي جو انت نہ آڻبو، تيسين سچو آنند يا سُرڳ (جنت) وارو سُک نصيب نہ ٿيندو."

پر رواجي استعمال ۾ اِن پهاڪي جو ٻيو مطلب نڪري ٿو تہ جيستائين پنهنجو پاڻ تڪليفون سهي پنهنجو ڪم نہ ڪندو، تيستائين اُهو ڪم صحيح نموني پورو نہ ٿيندو ۽ هو اُن جو صحيح آنند ماڻي نہ سگهندو. هندي ۽ ٻين ڪن ٻولين ۾ بہ اِنهيءَ معنيٰ کي ڏيان ۾ رکي ساڳئي طرح جو پهاڪو ملي ٿو. ٻولاناٿ تِواريءَ "هندي ڪهاوت ڪوش" ۾ ٻڌ اِن پهاڪي جو مطلب ڏيندي لکيو آهي. "آپ مري بنان سوَرڳ نهي مِلتا". (اپني ڪِئي بنان ڪوئي ڪام نهين هوتا.) (برهت هندي لوڪوڪِت ڪوش. ص 123).

ڪڏهن ڪڏهن پهاڪي جي شڪل تبديل ٿيڻ ڪري، انهن جي معنيٰ ۾ ڦيرو اچي ويندو آهي. جيئن تہ:

- چريو تہ بہ گهر ڏي وريو.
- ڪو چريو، تہ بہ پٽر اُجلي گهر ڏي.
- سيوهاڻو چريو، پٽر ڏوئي گهر ڏي.

انهن پهاڪن تي ويچار ڪندي، موتي لال بٽاڻيءَ لکيو آهي تہ، اِنهن پهاڪن جي صحيح صورت آهي:

- سيوهاڻي چريو، پٽر ڏوئي گهر ڏي.
- (يا سيوهاڻي چريو، تہ بہ پٽر اُجلي گهر ڏي.)

مطلب تہ سيوهڻ سنڌ جا رهاڪو سنجر صرفي وارا آهن. هو زندگيءَ ۾ چاهي ڪيتري بہ ترقي ڪن تہ بہ ڪفايت کان ڪنارو نہ ڪندا آهن. رستي ويندي جيڪڏهن پٽر بہ ڏسندا، تہ پنهنجي گهر وڃي

رکندا، جيئن وقت تي اُهي سندن ڪم اچي سگهن.

اِنهن مثالن مان ظاهر آهي ته نه فقط پهاڪي جي صورت ۾، پر اُنهيءَ جي معنيٰ ۾ به تبديلي اچي ويندي آهي. "گُل شَڪر" نالي سنڌي پهاڪن جي آڪاٽي مجموعيءَ ۾ اُنهيءَ جي ليکڪ ڪيولرام سلامتراءِ آڏواٽي هرهڪ پهاڪي جي معنيٰ به سمجهائي آهي. ڪيترن پهاڪن جو مطلب سمجهائيندي هو اڪثر اُنهن ۾ ڪي نه ڪي روحاني راز ۽ نصيحت آميز نڪتا بيان ڪري ٿو، پر اُن ۾ ڪيترائي پهاڪا اڻڳا آهن جن جي مطلب جو روحاني رازن سان ڪوبه واسطو نه آهي. مثال طور:

"به گدرا هڪ ئي مُٺ ۾ نه ماپن" جو رواجي مطلب آهي ته انسان هڪ ئي وقت ٻه يا ٻن کان وڌيڪ مشڪل ڪم ڪري نه سگهندو آهي، پر ڪيولرام سلامتراءِ اِن پهاڪي کي سمجهائيندي لکيو آهي ته "مطلب هي آهي ته جو ماڻهو ڏٽيءَ کي ڳولي، سو جڏهن دنيا جي ڏنڊن کان پاڻ کي آجو رکي، تڏهن ڏٽيءَ ڏي مُهاڻ ٿئيس." يعني دنيا جو ڏنڊو ۽ ڏٽيءَ جي يادگيري، ٻه ڪم گڏ پورا ٿيڻ اٽانگو ڪم آهي.

"آهاري، وهنواري، ٽيون گهوٽ مُهاري، لڄا ڪري ته هاري". اِن پهاڪي جو رواجي مطلب ايتروئي آهي ته کاڌي- پيتي ۽ وهنوار ۾ ماڻهوءَ کي لڄ شرم نه ڪرڻ گهرجي. ساڳيءَ طرح، مهاري يعني شاديءَ بعد گهوٽ ڪنوار جي سمهڻ واري ڪمري ۾ به گهوٽ کي لڄ حياءُ ڪرڻ نه ڪپي. اِنهن ٽنهي ڳالهين ۾ يا ڇڏجي ته ڏنڊي واپار ۽ وهنوار ۾ جيڪو ماڻهو حجاب ڪري ٿو، اهو نيٺ پاڻ کي ئي نقصان رسائيندو. پر ڪيولرام انهيءَ نصيحت کي ڇڪي روحاني مطلب سمجهائيندي لکي ٿو ته، "مطلب هيءُ آهي جو سياڻا چوندا آهن ته لڄ ڇگي آهي، پر اِنهن ٽنهي ڪمن ۾ لڄ ڪرڻ مورڳو گهاٽو آهي. تهڙيءَ ريت جيڪڏهن ڏٽيءَ جو ڳولهو پڻ سنسار جا حجاب نه مڃيندو، ته ڏٽيءَ کي حاصل نه ٿيندو."

هِتي اِنهيءَ ڳالهه جو ڏيان رکڻ گهرجي، ته ارتقا جي سلسلي ۾ جڏهن ڪنهن پهاڪي جي روپ يا معنيٰ ۾ تبديلي اچي وڃي ٿي ته اُنهيءَ بدليل شڪل ۾ اُن پهاڪي کي غلط چوڻ نيڪ نه آهي. اهڙيءَ حالت ۾ اِهو فيصلو ڏيڻ نيڪ ٿيندو، ته اُهو ٻن يا وڌيڪ شڪلين يا

معنائن ۾ عام آهي. اِها ڳالهه به ممڪن آهي ته هڪ ئي پهاڪو الڳ الڳ علائقن ۾ ٽوري ڦير گهير سان واهپي ۾ اچي ٿو. اوسر جي دوران اڪثر اهو به نظر اچي ٿو ته ڪي پهاڪا وقت گذرندي، حالتن جي ڦيرڦار سببان يا ٻين ڪن ڪارڻن جي ڪري واهپي ۾ گهٽجندا وڃن ٿا. اُهي پوءِ فقط ٻوليءَ جي عجائب گهر ۾ جاءِ والارين ٿا ۽ وهنواري زندگيءَ ۾ اُنهن جو ايترو استعمال نٿو ٿئي. جيئن ته پارت ۾ رهندڙ سنڌين ۾ اهڙن پهاڪن جو استعمال گهٽ ٿي ويو آهي، جن جو واسطو سنڌ جي ماحول، جاگرافيءَ ۽ آڪاٽين حالتن سان آهي. جيئن ته:

- وُنو ته ٽر، نه ته بر.
- گوُني سدا اونهي.
- لاڙ آهي ساڙ.

ٻوليءَ ۾ جيڪڏهن ڪي پهاڪا واهپي ۾ گهٽجي، نيٺ عام واهپي کان ٻاهر ٿي ٿا وڃن، ته ٻئي طرف موجوده حالتن مطابق، سرڪاري پاليسيءَ موجب جوڙيل نعرا "هم دو، هماري دو"، "ڇوٽا پريوار، سُکي پريوار"، "جئ جوان، جئ ڪسان". وغيره سنڌي ۽ ٻين ڪيترين ئي ٻولين ۾ ساڳيءَ ريت ۾ داخل ٿي چوٽين جو درجو حاصل ڪري چُڪا آهن. اِهو به نظر اچي ٿو ته هندي، اُردو ۽ ٻين علائقائي ٻولين جي اثر هيٺ ڪي نوان پهاڪا به سنڌي ٻوليءَ ۾ استعمال پيا ٿين.

نون پهاڪن کي جنم ڏيندڙ اڪثر اُهي شخص آهن، جيڪي ٻين ٻولين جا پهاڪا ساڳي شڪل ۾ يا ترجمي جي صورت ۾ پنهنجين لکٽين ۾ ڪم آڻين ٿا، جيئن ته ستارام داس 'سائل' جي تيار ڪيل پهاڪن جي مجموعي "ڏُرن جي دَبِليءَ" ۾ هيٺ ڏنل پهاڪا ملن ٿا، جيڪي هندي ٻوليءَ جي پهاڪن مان ترجمو ڪري سنڌيءَ ۾ لکيا ويا آهن.

- جتي نه پهچي روِي، اُتي پهچي ڪَوِي.
(هندي: جِهان نه پهنچي رَوِي، وهان پهنچي ڪَوِي)
- جنهن جي لٺ، تنهن جي مينهن.
(هندي: جس ڪِي لاٺي، اُس ڪِي ڀينس).

- جو پُوئجي ويو، سو موتي ٿيو.
(هندي: جو ٻڌ گيا، سو موتي).
- دُوِڌا ۾ ٻئي ويا، نہ دنيا ملي نہ رام.
(هندي: دُوِڌا ۾ دونون گئي، نہ مايا ملي نہ رام).

پيرومل مهرچند پڻ 'گلقند' نالي پهاڪن ۽ محاورن جي مجموعي ۾ اِن طرح هنديءَ ۾ ٻين ٻولين جا پهاڪا اصل شڪل ۾ يا اُنهن جو ترجمو ڪري شامل ڪيا آهن:

- ڇڙيءَ جو صرفو ڪريو تہ ٻار گريو. (ص 14)
(انگريزي Spare the rod and spoil the child)
- دُم سگ راست نشُد. (فارسي، ص 35)
(هٿان پيئي نانڪا، در در ڌِڪا کائي. (پنجابي، ص 55)
- بجا کهي جِسي عالم، اُسي بجا سمجهو.
آوازِ خلق کو فرمانِ خدا سمجهو (اردو، ص 58)
- جِسَ کا کام اُسي کو ساجي. (هندي، ص 65)

اهڙيءَ طرح، سنڌيءَ ۾ زباني روايتن وسيلي يا وڏن ليڪڪن جي لکڻين ذريعي، ٻين ٻولين جا چگا ئي پهاڪا پنهنجي اصلي شڪل ۾ يا ترجمي جي صورت ۾ داخل ٿي ويا آهن. اُنهن ۾ جيڪي عوام ۾ عام نہ ٿا ٿين، سي وقت گذرندي پاڻمرادو مري ٿا وڃن، پر جن پهاڪن کي عام ماڻهن اپنايو ٿي، اُهي وڏي حياتي ماڻين ٿا. حقيقت ۾ جِن پهاڪن ۾ ڪنهن عالمي سچائيءَ کي گهڻي نموني پيش ڪجي ٿو، اُهي پهاڪا ٻوليءَ ۾ هيري مثل چمڪدار رهن ٿا.*

3.5 پهاڪن جي ورهاست جا اصول:

سنڌيءَ ۾ جدا جدا موضوعن تي چگي تعداد ۾ پهاڪا ملن ٿا. اُنهن جي سهڻي نموني چنڊاڻ ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ پهاڪن کي گڏ ڪجي ۽ انهيءَ کي جدا جدا حصن ۾ ورهائي اُنهن جو تنقيدي لحاظ کان اڀياس ڪجي.

* جيٹلي مرليڌر، سنڌي پهاڪا ۽ محاورا (هڪ اڀياس)، پونو، 1993، باب ڇهون جي آڌار موجب بحث ڪيل.

جيسيتائين گڏ ڪرڻ جو سوال آهي تہ سنڌيءَ ۾ پهاڪن جا گهڻيئي نندا وڏا مجموعا ملن ٿا. مثال طور:

(1) گل شڪر: ڪيولرام سلامتراءِ آڏواڻي.
(2) گلقند: پيرومل مهرچند آڏواڻي.
(3) ڊُرن جي ڊَبلي: سترام داس جُڙياسِنگهاڻي 'سائل'.

انهن مجموعن ۾ الف- ب وار يا چئجي تہ ورڻمالا موجب پهاڪن جي ترتيب ڏنل آهي. پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ پنهنجي ڪتاب 'گلقند' ۾ انهيءَ کان ٿورو اڳتي وڌي پهاڪن سان گڏ ڪيترن هنڌن تي پيٽ ڪندي ساڳئي مطلب وارا پهاڪا هڪ هنڌ ٻہ ڏنا آهن.

سنڌ ۽ هندستان ۾ سنڌي پهاڪن ۽ محاورن جو وڏي ۾ وڏو ڪوش آهي. 'سنڌي پهاڪا ۽ محاورا'. اِن ڪوش جو سهيڙيندڙ آهي: سنتداس پُنهومل ڪشناڻي ۽ اِن جو ايڊيٽر ڊاڪٽر مرليڌر جيٹلي آهي. اِهو ڪوش 1993ع ۾ پوني مان شايع ٿيو آهي. اِن ۾ اٽڪل ٻارنهن هزار پهاڪا ۽ محاورا انهن جي مطلب سان گڏ ڏنل آهن. منهنجيءَ نظر ۾ هيءُ ڪوش هيل تائين سنڌيءَ ۾ شايع ٿيل مجموعن ۾ تمام وڏو ۽ ڪي قدر نرالو ڪوش آهي. ڊاڪٽر جيٹلي گهڻي محنت سان هن 'لغت' جي شروعات ۾ اٽڪل هڪ سؤ ڏهن صفحن ۾ پهاڪن ۽ محاورن تي تنقيدي نظر کان ويچار ڪيو آهي. اَڄ تائين اهڙي قسم جي چنڊاڻ ڪنهن ٻہ ٻئي سنڌي پهاڪن ۽ محاورن جي مجموعي ۾ ڏنل نہ آهي. ورڻ مالا موجب پهاڪن جي گڏ ڪرڻ ۾ مکيہ مسئلو اهو آهي تہ ڪن حالتن ۾ هڪ ئي پهاڪو جدا جدا لفظن سان شروع ٿيندو آهي. اُن حالت ۾ اُنکي مجموعي ۾ ڳولهڻ وقت مشڪلات ٿي سگهي ٿي. جيئن تہ:

- جيڪي لکيو منجهہ اَزل، تنهن کي ڪير وجهي جهل.

هن پهاڪي جو ٻيو روپ ٻہ مشهور آهي، جيڪو 'لکيو' لفظ سان شروع ٿئي ٿو.

پهاڪن کي ڪن هنڌن تي ورڻ مالا (الف- ب) موجب گڏ ڪرڻ

ته تمام سولو ڪم آهي، پر پهاڪن جي ورهاست ڪهڙي آڌار تي، ڪهڙي نظريي تي ڪجي، اِهو تمام اوکو ڪم آهي. هڪ ئي پهاڪي کي الڳ الڳ ماڻهو الڳ الڳ نظر سان ڏسندا آهن. اِن ڪري هڪ ئي پهاڪي جي باري ۾ يا اُن جي مطلب جي باري ۾ سڀني جي راين ۾ تفاوت اچي وجي ٿو. مثال طور: 'آئي ٽاندي کي، بورچياڻي تي ويني'. پهاڪي جو لفظ مطلب آهي ته آئي هُئي ٽاندو ڪٽڻ، پر موقعو ڏسي اُتي ئي پنهنجي ماني پچائڻ لڳي، پر ٻئي پاسي اِنهيءَ جو مطلب نڪري ٿو ته ڪنهن کي گهرجائو سمجهي پنهنجي گهر ۾ بن ڏينهن لاءِ آسرو ڏنو، پر هاڻي گهٽيئي ڏينهن نڪري ويا آهن، پر هو شخص وڃڻ جو نالو ئي نه ٿو ونې.

اهڙن پهاڪن کي ڏسي ۽ سمجهي اهو مطلب اُتي ٿو ته اِن قسم جي پهاڪن کي ڪهڙي گروهه ۾ رکجي؟ اِنهيءَ پهاڪي جا ٻي الڳ الڳ گروهه هن ريت ٿي سگهن ٿا: لفظي معنيٰ جو گروهه، لفظي معنيٰ کان الڳ بي معنيٰ وارو گروهه ۽ پهاڪي ۾ ڪتب آيل لفظ 'ٽاندو' يا 'بورچاڻي' وارو گروهه.

هتي هڪ ڳالهه چوڻ جوڳي آهي ته پهاڪن جو هڪڙو ساڳيو گروهه مقرر ڪرڻ ڏکيو ڪم آهي. ڇاڪاڻ ته پهاڪن جا الڳ الڳ موضوع ٿين ٿا ۽ اُنهن کي ڪنهن هڪ حد يا دائري ۾ ٻڌي نه ٿو رکي سگهجي، پر تڏهن به گروهه ۾ ورهائڻ جي اصول بابت عالمن ڪجهه اصول مقرر ڪيا آهن. اچو ته اُنهن تي ويچار ڪريون.

'بِهار پراوَربس' (Bihar Proverbs) جي سهيڙيندڙ جان ڪرشچين پهاڪن کي هيٺ ڏنل اصولن موجب ورهايو آهي:

- ماڻهن جي هار، اوڻاين ۽ غلطين بابت.
- دنياداري اُٺ ويهه، چالاڪين ۽ سڪيا بابت.
- ذاتين جي خصوصيتن ۽ خاصيتن بابت.
- سماجي ۽ اخلاقي موضوعن ۽ مذهبي ريتين رسمن ۽ لوڪ اعتقادن بابت.
- ٻني ٻاري ۽ موسم بابت.

- پُسن (جانورن) پکين ۽ جيت جنين بابت.

انهيءَ طرح مئنوارنگ پنهنجي 'مَراٹي پراوربس' (Marathi Proverbs) نالي ڪتاب ۾ پهاڪن کي هيٺ ڏنل چوڏهن گروهن ۾ ورهايو آهي:

- ڪيتي
- جيت جڻيا
- انگ ۽ پرتينگ
- ڪاڏو
- نيتي
- طبيعت ۽ بيماريون
- گهرُ
- پئسو
- ناموس
- ڪائنات
- رشتيداري (سنٻنڌ)
- ڏرم ۽ مذهب
- واپار
- ٻين الڳ الڳ موضوعن تي

ڊاڪٽر ڪنهيالال سهل پهاڪن جي (Classification) جا مکيه ٻه نظريا ٻڌايا آهن، جيڪي هيٺين ريت آهن:

شڪلي ورڇ	موضوعاتي ورڇ
(1) ٽُڪ	(1) تاريخي پهاڪا
(2) چند	(2) جڳهه بابت پهاڪا
(3) اَلنڪار (صنايع بدايع)	(3) سماج جو چِٽُ
	- ذاتين بابت
	- زالن بابت

(4) سماجي انصاف	(4) سکيا، گيان (جاڻ) ۽ ادب
	- تعليمي پهاڪا
	- نفسياتي پهاڪا
	- راجستاني ادب ۾ پهاڪا
(5) خيال، ويچار	(5) ڌرم يا مذهب ۽ زندگي
	- شَڪُن بابت ڌرم يا مذهب خلقيندڙ بابت پهاڪا
	- پڪين سان متعلق (نيڪ وقت سان تعلق رکندڙ)
	- عوام جي عقيدن بابت
	- زندگيءَ بابت
(6) آدم شماري	(6) ٻني ٻاري بابت
(7) فرد	(7) مِينهن بابت
	(8) ٻين موضوعن تي پهاڪا

ڊاڪٽر شِشي شيکر تِواري پنهنجي ڪتاب 'پوجپُري لوڪوڪِتيان' ۾ پهاڪن جي درجابنديءَ جا تي اصول يا بنياد ٻڌايا آهن، جيڪي هن ريت آهن:

- موضوع شيءَ موجبُ
- پرسنگ (ٻين سان ميل جول) موجب
- شڪل جي آڌار تي

پهاڪن جي اصولن بابت ماهرن جا جيڪي ٻه رايا اسين مٿي ڏسي آيا آهيون، اُنهن ۾ مشابهت نظر نه ٿي اچي. پهاڪن جي وسيع ايراضيءَ ۾ تفاوت هئڻ لازمي آهي، پر اِن هوندي ٻه ڊاڪٽر شِشِي شيکر تِواريءَ پنهنجي ڪتاب 'پوجيري لوڪو ڪِتيان' ۾ ڊاڪٽر سهل جي موضوع موجب ورڇ ڪرڻ کي سائنسي درجابندي چيو آهي. (ص 41)

ساڳي ئي صفحي تي ڊاڪٽر تِواري وري لکي ٿو ته: "شڪل جي آڌار تي پهاڪن جي درجابندي ناممڪن آهي. ڇاڪاڻ ته پهاڪن ۾

هڪ ئي هنڌ تي گهڻيئي عناصر اچي وڃن ٿا. گهڻو ڪري هرهڪ پهاڪي ۾ لئه، اَلنڪار (سينگار) ۽ لفظ جي طاقت جو مثال ملي ٿو. اِنهيءَ لاءِ پهاڪن جي شڪلي ورڇ ڪرڻ غيرسائنسي آهي، پر شڪلي اڀياس هميشه ڪارائتو آهي.

ڊاڪٽر شِشِي شيکر هڪ نئين اصول 'پرڪرڻ يا پرسنگ جي آڌار تي درجابنديءَ تي زور ڏنو آهي. سندس دليل آهي ته پهاڪن جو استعمال اُن جي ميلاپ ۾ مقصد سان گڏ ٿئي ٿو. اِنهيءَ لاءِ عام ماڻهوءَ کي متاثر ڪندڙ موضوعن جو اڀياس پهاڪن جي آڌار ڪري سگهون ٿا.

وِشوَناٿ دِنکرَ نَرَوَٽي 'پارتيبہ کهاوَت کوش' ۾ لکي ٿو ته پهاڪا پنهنجي وڏي تعداد ۽ خاص قسمن جي ڪارڻ، درجابنديءَ ۾ مشڪلاتون پيدا ڪن ٿا. ان ڪري پهاڪن جي درجابنديءَ لاءِ ڪوبہ سائنسي طريقي جي دعويٰ نه ٿو ڪري سگهي. انهيءَ لاءِ صحيح طريقو اِهو آهي ته ورڻ مالا موجب ئي پهاڪن کي گڏ ڪرڻ گهرجي.

منهنجي ويچار ۾ پهاڪن کي موضوع موجب الڳ الڳ حصن درجن ۾ رکڻ وقت اُن جي حاصل مطلب مقصد کي وڌيڪ اهميت ڏيڻ گهرجي. مثال طور:

- اٽو کاڌو ڪُوئي ته مار پئي گابي تي.

هن پهاڪي ۾ اسان جو مطلب ڪُوئي جي اٽي کائڻ ۽ گابي جي مار پوڻ سان بلڪل نه آهي، پر حقيقت ۾ اِن جو گهربل مطلب آهي ته ڏوهه هڪڙي ڪيو آهي، پر اُنهيءَ جي سزا وري ٻئي کي ملي آهي. هِن پهاڪي ۾ ڪُوئو ۽ گابو فقط مثال طور ڪنيا ويا آهن. ڪوئو علامت آهي، ڏوهاري شخص جي ۽ گابو علامت آهي بي ڏوهي يا بيگناهه ماڻهوءَ جي. ڪنهن گهر ۾ مالڪ جو جتي اٽو رکيو هو، اُتي ڪوئا گهڻا هئا. اُهي اٽو کائي وڃي، ٻرن ۾ لڪيا. اتفاق سان ٿوري وقت کان پوءِ اُتي هڪ گابو اچي پهتو ۽ ان ۾ باقي بچيل اٽو کائڻ جي ڪوشش ڪئي. پر اوڏي مهل اٽي جو مالڪ ۾ اچي پهتو. هُن ڏٺو ته اٽو کاڌو پيو آهي ۽ پرسان گابو بينو آهي. اِن ڪري هُن سمجهيو ته سندس

اتو انھيءَ گابي ئي ڪاڏو آھي. بس پوءِ تہ ڪاوڙ وچان ھو گابي تي لٺين جو وسڪارو ڪرڻ لڳو.

پھاڪن ڪي جدا جدا درجن ۾ رکڻ وقت ھن پھاڪي ڪي ڪُوئي يا گابي جي درجي ۾ رکڻ غلط ٿيندو. انھيءَ بدران پھاڪي جو حاصل مطلب ڪٽڻ گھرجي تہ "ڏوھ ھڪڙو ڪري ۽ سزا ٻئي ڪي ملي." پوءِ اِن مطلب وارا ٻيا ٻہ پھاڪا ان ساڳئي درجي ۾ رکبا. جيئن تہ:

- ڪٽيو ڪائي فقير، لٺيون جھلي پولڙو.
- ڪٽيو ڪائي ڪتيجا، ڏک جھلي ڏيٽس.
- ڪري ڪلوُ تہ پري للوُ.

ڪي پھاڪا اھڙا ٻہ آھن، جيڪي پرسنگ موجب لفظي معنيٰ ۾ ٻہ ڪٽي سگھجن ٿا، تہ انھن جي حاصل مطلب موجب ٻہ ڪٽي سگھجن ٿا. مثال طور: "اُٺ ٻيڙو، تڏھن ٻہ ٻہ ڪوانٽ لھي". اِن جو مطلب آھي تہ اُٺ ٻيڙو ٿي ويندو تہ ٻہ ٻن جوان اُٺن برابر آھي. يعني اُنھن جيترو ساڳيو ئي بار ڪٽي سگھندو. ھِتي اسين جڏھن اُٺن جي ڳالھہ پيا ڪريون ۽ اُنھن جون خاصيتون ٻڌايون، تڏھن اُن حوالي موجب لفظي معنيٰ ۾ ھيءُ پھاڪو ڪٽبو، پر جڏھن ڪنھن وڏيءَ عمر واري سياڻي ۽ تجربيڪار شخص جو بيان پيو ڪيو وڃي تہ پوءِ اُتي ھن پھاڪي جو استعمال معنيٰ موجب ڪٽبو. اُن ۾ ٻيڙي اُٺ جو مطلب ٿيندو "سياڻو، آزمودگار، تجربيڪار ماڻھو." ٻئي طرح ڪوانٽ جو مطلب ٿيندو "ننڍي عمر وارو، اڻ آزمودگار، ٻاراڻي سياڻ وارو ماڻھو." پھاڪن جي مجموعي ۾ جيڪڏھن ھن پھاڪي کي شامل ڪبو تہ اِھو جانورن جي درجي اندر 'اُٺ' جي ڪلاس ۾ ٻين پھاڪن سان گڏ رکبو، تہ ٻئي طرف "وڏن ۾ وڏو فن" موضوع جو مطلب ڏيندڙ پھاڪن ۾ ٻہ شامل ڪبو.

موضوع موجب پھاڪن جي ورھاست ڪرڻ ۾ اِھي مشڪلاتون ڏسي گھڻو ڪري سيني ٻولين ۾ ورڻ مالا (الف- ب) موجب پھاڪن جا مجموعا يا ڪوش تيار ڪرڻ جو طريقو وڌيڪ پسند ڪيو ويو آھي.

✡

4

سنڌي پھاڪن جو لسانياتي اڀياس

4.1 ٻوليءَ جي سرشتي ۾ پھاڪا:

آمريڪا جي مشھور لسانياتي ماھرن برنارڊ بلوخ ۽ جارج ايل ٽريجر ٻوليءَ جي وصف ھن ريت ڏني آھي:

"A language is a system of arbitrary vocal symbols by means of which a social group cooperates."•

يعني، ٻولي عام ماڻھن جي وھنوار تي ٻڌل ۽ اُچاريل آوازي علامتن جو ھڪ اھڙو سرشتو آھي، جنھن جي ذريعي ڪنھن لساني سماج ٻولي ڳالھائيندڙ سماج جا ماڻھو پاڻ ۾ وھنوار ڪن ٿا.

ھرھڪ ٻوليءَ جي بيھڪ ۾ مقرر سرشتو ھوندو آھي. اُن جا ٻہ طرف يا پاسا (aspects) آھن:

- اظھار وارو طرف (Expressional aspects)
- معنيٰ وارو طرف (Semantic aspects)

اسين آوازن جا اُچار ڪري پنھنجن ويچارن ۽ خواھشن جو اظھار ڪريون ٿا. اِھي آواز فقط علامتون يا نشانيون (symbols) آھن، جن جي ذريعي معنيٰ جو اظھار ڪجي ٿو. ٻوليءَ جي سرشتي ۾ ڪتب ايندڙ آوازن جو تعداد تمام گھڻو محدود ھوندو آھي، پر اُنھن آوازن مان جيڪي لفظ (Words)، لفظي ميڙ (Phrases)، اڻ پورا جملا (Clauses) ۽ جملا (Sentences) نھن ٿا، اُنھن جي ذريعي اسين بيشمار (Unlimited) ويچارن ۽ احساسن جو اظھار ڪري سگھون ٿا. ٻوليءَ جي اظھار واري

• Bernard Bloch & George L. Trager, Initalics 13, Munshiram Manoharlal, New Delhi, Indian Edition, 1972.

طرف جي ڇاڻ اسان کي اُنهيءَ جي آوازن جي سائنس ۽ ويڪرڻ مان پوندي آهي.

ڪوبہ شخص جڏهن ٻوليءَ ذريعي پنهنجا ويچار ظاهر ڪري ٿو، تڏهن هو سُڀاويڪ نموني پنهنجيءَ مرضيءَ موجب لفظن جي چونڊ ڪري ٿو. هُن تي استعمال وقت هو، اُنهيءَ ٻوليءَ جي ويڪرٽي (گرامر) سرشتي جي ڄاڻ نہ ڪري. جيڪڏهن هُن ائين ڪيو تہ ٻُڌندڙ متس ڏنولي ڪندا يا ڪلندا تہ ڪيس دُرست طريقي سان ڳالهائڻ نہ ٿو اچي يا محسوس ڪندا تہ هو غلطيون ٿو ڪري. مثال طور جيڪڏهن ڪنهن جي خواهش آهي تہ هوُ سنڌ گهمڻ وڃي، تہ هُن کي هو جدا جدا طريقن سان ظاهر ڪري سگهي ٿو. جيئن تہ:

- مان سنڌ وڃڻ چاهيان ٿو.
- منهنجي مرضي آهي تہ مان سنڌ گهمڻ وڃان.
- منهنجي ڏاڍي خواهش آهي تہ هڪ دفعو سنڌ گهمي اچان
- سنڌ گهمڻ جو موقعو مليم تہ ڏاڍو سنو.
- مان هڪ دفعو سنڌ ضرور گهمڻ ويندس.

اهي سيبئي جملا ويڪرڻ موجب دُرست آهن ۽ ڳالهائيندڙ جي دل جي تمنا کي ظاهر ڪن ٿا. لسانيات جي ماهرن اهڙن جملن کي "آزاد استعمال" (Free Expressions) چيو آهي، ڇاڪاڻ تہ اِنهن ۾ ڳالهائيندڙ کي آزادي آهي تہ هو پنهنجي خواهش کي ظاهر ڪرڻ لاءِ مرضيءَ مطابق لفظن جي چونڊ ڪري، اُنهن کي جدا جدا جملن ۾ ڪتب آڻي سگهي ٿو.

اهڙن آزاد استعمال وارن جملن جي پيٽ ۾ ٻوليءَ ۾ اسان کي ٻيا گهڻيئي استعمال انهيءَ قسم جا ملن ٿا، جن جي لساني بيهڪ يا ٻوليءَ جي ساخت مقرر ٿي ويئي آهي. مطلب تہ اُهي استعمال اُن ٻوليءَ ۾ نسل درنسل ڪنهن گهربل خواهش يا ويچار کي ظاهر ڪرڻ لاءِ 'رُوڙهہ' (رواج موجب مقرر شڪل اختيار ڪيل) ٿي ويا آهن. اُنهن ۾ لفظن جي چونڊ ڪرڻ يا جملي ۾ انهن کي مرضيءَ مطابق استعمال

ڪرڻ جي اجازت ڳالهائيندڙ کي نہ آهي. اِن قسم جي استعمالن کي ٻوليءَ جي ماهرن سُوتر پريوگ (قاعدي موجب مقرر ٿيل استعمال) يا Formulary usages or fossilized usages سڏيو آهي. جيئن تہ:

- انڊن ۾ ڪاٽو راجا
- سيرو ڪاڏو، پاتل ڦاٽي.
- ڪم لٽو، ڊِڪڻُ وسريو.

اِهي سنڌيءَ ۾ سُوتر پريوگن (قاعدي موجب مقرر ڪيل استعمال) جا مثال آهن. گهربل مطلب کي ظاهر ڪرڻ لاءِ هرڪو انهن کي اِن مقرر شڪل ۾ استعمال ڪندو آهي. مثال طور "انڊن ۾ ڪاٽو راجا" جو مطلب آهي، اڻ ڄاڻ ماڻهن ۾ ٿوري ڄاڻ رکندڙ شخص ۾ هوشيار ليکبو آهي. اِن خيال کي ظآهر ڪرڻ لاءِ جڏهن اسين اِهو استعمال ڪريون ٿا، تڏهن اُهي ئي ساڳيا لفظ ڪتب آڻبا. اسين جيڪڏهن اُن جي شڪل ۾ هيٺين طرح تبديل ڪنداسين تہ پوءِ اُن کي سُوتر پريوگ (قاعدي موجب مقرر ڪيل استعمال) نہ چئبو. ٻُڌندڙ سمجهي ويندا تہ ڳالهائيندڙ کي ٻوليءَ جي پُوري ڄاڻ نہ آهي.

- انڊن ۾ ڪاٽو راجا.
- انڊن ۾ هڪ- اڪيو بادشاهہ.
- نابين ۾ نور وارو سلطان.
- انڊن ۾ ڪاٽو راءُ

اِنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ فقط پهريون سُوتر پريوگ (قاعدي موجب مقرر ڪيل استعمال) آهي. پر باقي ٽيئي سٽون اِن شڪل ۾ تسليم ٿيل نہ آهن، چاهي اُنهن مان ساڳي ئي معنيٰ ظاهر ٿي رهي آهي. ساڳيءَ طرح 'سِيرو ڪاڏو، پاتل ڦاٽي' کي اسين بدلائي هن ريت استعمال نہ ڪري سگهنداسين:

- سيرو ڪائي پاتل ڦاڙي ڇڏي ڪيائين.
- حلوو ڪائي پاتل ڦاڙيائين.

انهيءَ طرح 'ڪم لٽو، ڊِڪڻ وسريو' ۾ 'ڊِڪڻ' جي بدران 'واڍو'،

'ڪاتِي' يا 'ترڪان' لفظ ڪتب نہ آڻي سگھبا. چاهي گھربل مطلب ۾ ڪوبہ فرق نہ ٿو اچي.

اندرا پنھنجين ساھيڙين کان اِھا ڳالھ ٻُڌي پاڻي پاڻي ٿي ويئي. ھن جملي ۾ 'پاڻي پاڻي ٿي وڃڻ' ھڪ سوتر پريوگ (قاعدي موجب مقرر ڪيل استعمال) آھي. ان ۾ 'پاڻي' لفظ جا ھم معنيٰ ٻيا لفظ وجھي جيڪڏھن چئون 'نير نير ٿي ويئي' يا 'آب آب ٿي ويئي' تہ اِھي سنڌي ٻوليءَ جي رواج موجب درست نہ چئبا، نہ ڪو اُنھن مان گھربل مطلب نڪرندو.

ساڳيءَ طرح "ھُوءَ گونگي گانءِ آھي." يعني ٿڌي مزاج خاموش رويي/ طبيعت واري آھي. اِتي جيڪڏھن اسين ھم معنيٰ لفظ وجھي چئون: "ھوءَ گونگي ڏڳي/ ڪُئون/ گابي آھي" تہ اُن مان گھربل معنيٰ ڪانہ ملندي ۽ اِھو جملو ٻوليءَ جي رواج موجب ليکبو.

4.1.2 سُوتر پريوگن (قاعدي موجب مقرر ڪيل استعمال) جا قسم:

لساني بيھڪ يا ٻوليءَ جي ساخت ۽ معنيٰ جي لحاظ کان سُوتر پريوگ (قاعدي موجب مقرر ڪيل استعمال) چئن قسمن جا آھن، جيڪي اڳتي ڏنل چارٽ ۾ ڏيکاريا ويا آھن:

سُوتر پريوگ يا قاعدي موجب مقرر ڪيل استعمال



(1) **چوٽي:**

اُھو سُوتر پريوگ جيڪو بيان ۾ الڳ استعمال ٿيندڙ ھڪ پورو جملو يا ايڪو آھي، ۽ پنھنجيءَ لفظي معنيٰ ۾ استعمال ٿئي ٿو، تنھن کي 'چوٽي' سڏجي ٿو. مثال طور:

- جڳھ نھرائڻ ۾ ٻہ سال لڳي ويس، پر اھڙي سھڻي عمارت اڏائي اٽائين جو ھر ڪو ڏسي واھ واھ ٿو ڪري. "دير پيا، دُرست ٿيا." ھتي 'دير پيا، دُرست ٿيا' ھڪ ايڪو آھي، جيڪو بيان ۾ الڳ ڪتب آندو ويو آھي، ۽ چيل ڳالھ جي پنيرائي ڪري ٿو. اِھو لفظي معنيٰ ۾ استعمال ٿيو آھي، اِن ڪري 'چوٽي' آھي. 'چوٽيءَ' جا ڪجھ ٻيا مثال ھن ريت آھن:
- لالچ بُري بلا آھي.
- جھڙي ڪرڻي، تھڙي پرڻي
- يار اُھو جو اؤڪيءَ ويل ڪم اچي.
- ڏياريءَ جو ڏيئو ڏٺو، ننڍو وڏو چيڙ مٺو.

(2) **پھاڪو:**

اُھو سُوتر پريوگ يا (قاعدي موجب مقرر ڪيل استعمال) جيڪو بيان ۾ ڪتب ايندڙ ھڪ پورو جملو يا جملن جو ايڪو آھي، ۽ لفظي معنيٰ بدران ٻوليءَ جي رواج موجب ٻي معنيٰ ڏئي ٿو، تنھن کي 'پھاڪو' چئجي ٿو. جيئن تہ:

پھرين مھاياري لڙائيءَ ۾ ھزارين ھندستاني سپاھي يورپ ۾ لڙندي شھيد ٿي ويا، پر سوپ جو شرف مليو برطانيا سرڪار ۽ اُنھن جي ساٿي ملڪن کي. "ٻري تيلُ، ڪامي وَتَ"، واھ ڙي ڏيئا واھ!"

مٿي ڏنل بيان ۾ "ٻري تيل، ڪامي وتِ، واھ ڙي ڏيئا واھ!" پھاڪو آھي، اھو ھڪ اھڙو ايڪو آھي، جيڪو بيان ۾ ڪيل ڳالھ جي پنيرائيءَ ۾ ڪتب آيو آھي. اِن جي بيان ۾ لفظي معنيٰ گھربل نہ آھي، پر اُن بدران اُن جو مطلب ڪٽبو جيڪو آھي تہ نقصان

ٿئي ھڪڙن جو يا قربانيون ڏيڻ ھڪڙا، پر ساراھ ٿئي ٻين جي. پھاڪن جا ڪجھ ٻيا مثال ڏسو:

- مينھن پنھنجي ڪارنھن ڏسي ڪانءِ ڳئون کي چوي ھل ڙي پُڇ ڪاري.
- گدڙ ڊاڪ نہ پُڄي، آکي ٿو ڪُٽا.
- پُڄي ڪانئس ڪونہ، لک لعنت گوڏن کي.
- ٻليءَ جي خواب ۾ ڇيڇڙا.
- ڪُتي جو پُڇ ٻارنھن مھينا نڙ ۾ وِجھُ تہ بہ ڏنگو جو ڏنگو.

(3) **ورجيس:**

اُھو سوتر پريوگ يا (قاعدي موجب مقرر ڪيل استعمال)، جيڪو بيان ۾ ڪنھن جملي جو حصو ٿي ڪتب ايندو آھي ۽ لفظي معنيٰ ۾ ئي استعمال ڪبو آھي، تنھن کي 'ورجيس' چئبو آھي.

دُشمن کي پري کان ايندو ڏسي ھُو ائين پڳو، جيئن کاريءَ ھينان کانُ. ھتي "ائين پڳو، جيئن کاريءَ ھينان کانءُ" اُھو سُوتر پريوگ (قاعدي موجب مقرر ڪيل استعمال) آھي، جنھن جي لفظي معنيٰ ئي جملي ۾ کپي ۽ اِھو جملي جو ھڪ حصو آھي. ورجيس جا ڪجھ لفظي ٻيا مثال ھن ريت آھن:

- اھڙو ڪُڇي جھڙي پت.
- اڇو جھڙو کير.
- چوڪر ٻاڪر، واڻيا وڪال، چور چڪار، گھٽو تٽو، پيلو جھڙو ھئڊ.

(4) **محاورو يا اصطلاح:**

اُھو سُوتر پريوگ يا مقرر فقرو جيڪو بيان ۾ ڪنھن جملي جو جزو ٿي ڪتب ايندو آھي ۽ لفظي معنيٰ بدران ٻوليءَ جي رواج موجب اُن جي ٻي معنيٰ ڪٽبي آھي، تنھن کي محاورو يا اصطلاح چئبو آھي. جيئن تہ:

جواب ڇونہ ٿو ڏين؟ وات ۾ مڱ پيا اٽيئي ڇا؟ ھتي "وات ۾ مڱ پوڻ" محاورو آھي، جنھن جو مطلب آھي: نہ ڪُڇڻ، چپ ٿي وڃڻ. محاورن جا ڪجھ ٻيا مثال ھن ريت آھن:

- دال نہ ڳرڻ. (پُڄي نہ سگھڻ)
- پيٽ تي لت ڏيڻ. (ڪنھن جي روزي کسڻ)
- کير کنڊ ٿي وڃڻ. (ميل ميلاپ ۾ رھڻ)
- ٻاھ ٿي وڃڻ. (غصي ۾ اچڻ)
- ھٿ ڏڳھا ھُئڻ. (پھچ وارو ھئڻ)

ھتي اسان کي اِن ڳالھ جو ڏيان رکڻ گھرجي تہ پھاڪو يا چوٽي ھڪ اھڙو ايڪو آھن، جيڪو وياڪرڻي بيھڪ جي لحاظ کان ھڪ جملو ھوندو آھي يا اُن ۾ ھڪ کان وڌيڪ جملا ھوندا آھن، جيئن تہ:

(**الف**) **ھڪ جملو:**

- ٻليءَ کي خواب ۾ ڇيڇڙا.
- آھ غريبان، قھر خدائي.
- يار اُھو جو اؤکي ويل ڪم اچي.
- بک ۾ بصر نہ منا

(**ب**) **ھڪ کان وڌيڪ جملا:**

- مينھن پنھنجي ڪارنھن ڏسي ڪانءِ ڳئون کي چوي ھل ڙي پڇ ڪاري.
- ڏڪڻ مينھن نہ وسڻا، جي وسي تہ ٻوڙي،
  ڪانئر ڏڪ نہ ھڏڻا، جي ھڏي تہ جھوري.

جيئن تہ پھاڪا ۽ چوٽيون ٻوليءَ جي بيھڪ جي لحاظ کان پورا جملا يا جملن جا ايڪا آھن، انھيءَ ڪري گھڻا ماڻھو اُنھن جي وچ ۾ فرق نہ رکندا آھن، پر جيڪڏھن معنيٰ جو باريڪ ڏيان رکجي تہ پوءِ ٻنھي جي وچ ۾ تفاوت مجڻو پوندو. چوٽي لفظي معنيٰ ۾ ڪتب ايندي آھي، پر پھاڪي جي ٻي معنيٰ گھربل ھوندي آھي.

4.1.3 پھاڪن جي لساني بيھڪ ۾ فرق:

اسان کي سنڌيءَ ۾ گھٽيئي پھاڪا ملن ٿا، جن جي لساني تخليق ۾ تفاوت آھي. جيئن تہ:

- لکيا لوھارن کي ٽپر تي ٽاندا.

(يا لِکيون لوھارن کي چڙن ۾ چڙنگون)

- ٻُڌيءَ ٻيڙيءَ جون ھريڙون بہ پليون.

(يا ٻُڌي ٻيڙي جو لوھُ بہ پلو)

- ٻيو سپ رھندو ھِتِ، نيڪي نيندين پاڻ سين.

(يا نيڪي نيندين پاڻ سين، ٻيو سپ رھندو ھِت)

- ڏاڍي جي لٺ کي بہ مٺا.

(يا ڏاڍي جي لٺ کي بہ مٺا، جيڏانھن ڦيرائي تيڏانھن سَنئين)

اھڙي قسم جي پھاڪن ۾ اسان کي اھو چوٽو پوندو تہ اھي پھاڪا ٻن يا ٻن کان وڌيڪ شڪلين ۾ مشھور آھن. زباني روايت ذريعي پھاڪن جو پرچار جڏھن جُدا جُدا ھنڌن تي ٿيو آھي تہ اُنھن مان ڪن جي لفظن ۾ ٿوري گھٽي تبديلي ٿي ويئي آھي.

4.1.4 پھاڪن جي عبارت:

پھاڪا لوڪ ادب جو ھڪ مکيہ حصو آھن. ادب جي سرجڻ ڪرڻ يا ويچارڻ جي اظھار جو ذريعو آھي- ٻولي. روزاني زندگيءَ ۾ ويچارن جي ڏي وٺ دؤران ڪنھن لساني سماج جا ماڻھو پاڻ ۾ گفتگو ڪندي جيڪا ٻولي ڪتب آڻين ٿا، اُھا ساڌارڻ يا عام رواجي ٻولي آھي. پر ليکڪ يا شاعر ادب ۾ جڏھن پنھنجين خواھشن جو اظھار ڪري ٿو، تڏھن ھو ٻوليءَ کي خوبصورت شڪل ڏي ٿو، اُن کي رَس، گُڻ ۽ النکارن سان سينگاري دلکش بڻائي ٿو ڇڏي. اِن ڪري سنسڪرت ۾ ادب يا شاعريءَ جي ٻوليءَ ۾، ماھرن، خوبصورت گھاڙيٽو ھئڻ بہ ضروري ڄاڻايو آھي. جيئن تہ:

(1) "ڪاويہ پرڪاش" جي ليکڪ آچاريہ مَمَٽِ شاعريءَ جي وصف ھن ريت ڏني آھي:

- پَدِ اڏوشؤ شبدارٿئو سُگُڻئو انلنرڪرتي پُنھ ڪواپ لفظ ۽ معنيٰ جي اُن ميلاپ کي شاعري چئجي ٿو، جيڪا بي عيب آھي، گُڻن سان پريل آھي ۽ عام النکارن سان سينگاريل ھوندي بہ ڪڏھن ڪڏھن بنا النکارن جي ھوندو آھي.

(2) "ساھتيہ درپڻ" جي رچيندڙ آچاريہ وِشوَناٿ شاعريءَ ۾ رس جي ھئڻ تي زور ڏيندي لکيو آھي:

- واکيم رساتمَکَمَ کاويَمَ

(رس پريل جملو شاعري ئي آھي)

(4) "رس گنگاڌر" جي ليکڪ آچاريہ جگنناٿ بہ شاعريءَ ۾ دلکشيءَ کي گھڻي اھميت ڏني آھي.

- رمڻِيا ارٿ پرتيپا دکھ شبدھ کاويَمُ

(خوبصورت معنيٰ جي سمجھاڻي ڏيندڙ لفظ شاعري آھي)

ٿوري ۾ چئجي تہ ادب يا شاعريءَ جي ٻوليءَ ۾ رَس، گُڻ، النکار خوبصورتي ۽ اثرائتي عبارت جو ھئڻ ضروري سمجھيو ويو آھي. پھاڪا لوڪ ادب جو ھڪ حصو ھئڻ ڪري، اُنھن ۾ ادب جون خاصيتون بہ سمايل آھن. پھاڪن ۾ اسان کي ٻوليءَ جي نرالي ھيئت واري شڪل ملي ٿي. اِن کي ڏيان ۾ رکي اسان کي پھاڪن جي ٻوليءَ جي شعرن کي علم جي اصولن موجب بہ اڀياس ڪرڻ گھرجي. اِن ۾ لفظن جي طاقت، چند، النکار، ٽُڪ، لئ وغيرہ شامل آھن. ھِن باب ۾ پھاڪن جي لساني تخليق ۽ عبارت جي لحاظ کان اڀياس ڪيو ويو آھي.

4.2 پھاڪن جي لساني تخليق:

لساني تخليق جي لحاظ کان پھاڪي ۾ گھٽ ۾ گھٽ ٻن لفظن جو ھئڻ ضروري آھي. جيئن تہ:

- پنھنجي سنھنجي

(پنھنجي شيءِ ھوندي آھي تہ اُن ۾ گھڻو سھنج ھوندو آھي، ڇاڪاڻ تہ ڪم پوڻ تي ٻئي اڳيان ھٿ نہ ٽنگڻو پوندو آھي).

- لاڙ ساڙ

(سنڌ جو لاڙ وارو حصو يعني ڏاکڻو پاڳو ساڙيندڙ آھي، گھٽو پريشان ڪندڙ آھي. اُتي پوسل ھئڻ ڪري مڇر گھٽا ٿيندا آھن.)

- قرض مرض.

(قرض ونڻ ھڪ وڏي بيماريءَ وانگر آھي. قرضدار ٻئي اڳيان پنھنجو مُنھن مٿي نہ ڪري سگھندو آھي.)

ٻئي طرف محاورا يا اصطلاح ھڪ لفظ وارا ٻہ ھوندا آھن. ڪنھن ھڪ لفظ جو ٻوليءَ جي رواج موجب بي معنيٰ ۾ استعمال ڪبو تہ اُن کي محاورو چئبو آھي. مثال طور:

گڏھ! ڏيان ڏي نہ تہ مار کائيندين.

ھِن جملي ۾ 'گڏھ' لفظ لفظي معنيٰ بدران پنھنجي بي معنيٰ 'مُورک، بيوقوف' ۾ ڪتب آيو آھي.

- ھُو ميريءَ تي مُئو تہ ھُن تي لکين رُپيا لُٽائي ڇڏيائين.

ھن جملي ۾ 'مُئو' فعل جي اصطلاحي معنيٰ آھي: فِدا ٿيڻ، موھت ٿيڻ، عاشق ٿيڻ.

پھاڪو چاھي ٻن لفظن جو ھجي تہ ٻہ ٻوليءَ ۾ مُروج استعمال ھئڻ ڪري اُھو پوري معنيٰ جو اظھار ڪندو آھي. ھتي پھاڪن جا جيڪي مثال ڏنا ويا آھن، اُنھن ۾ ڪِريا پَد يا فعل "آھي" جو لوپُ (غائب) ٿيل آھي. ھاڻي اچو تہ پھاڪن ۾ لفظن جي ترتيب تي ويچارُ ڪريون.

4.2.1 پھاڪن ۾ لفظن جي ترتيب:

پھاڪن ۾ لفظن جي ترتيب جا ٻہ قسم آھن:

(الف) وياڪرڻي ترتيب.

(ب) اَوِياڪرڻي ترتيب.

(الف) وياڪرڻي ترتيب:

سنڌي وياڪرڻ جي اصولن موجب عام طور جملي ۾ لفظن جي ترتيب ۾ پھرين ڪرتا (فاعل)، اُن کان پوءِ ڪرم (مفعول) ۽ آخر ۾

ڪِريا (فعل) جو استعمال ٿيندو آھي. جيئن تہ "موھن ڪتاب پڑھي ٿو" جملي ۾ 'موھن' ڪرتا (فاعل) آھي، 'ڪتاب' ڪرم (مفعول) آھي ۽ 'پڑھي ٿو' ڪِريا (فعل) آھي. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي تہ پھرين اديشيہ (مالڪ) ۽ اُن کانپوءِ وڌيہ (فرمانبردار) ھوندو آھي. سِنڌي پھاڪن ۾ اِن وياڪرڻي اصول موجب لفظن جو استعمال تمام گھٽ نظر اچي ٿو. اُن جو مکيہ ڪارڻ اھو آھي تہ پھاڪا ٻول چال جي ٻوليءَ ۾ روزاني زندگيءَ جي گفتگوءَ مان پيدا ٿيا آھن. ڳالھائڻ ٻولھائڻ ۾ لکيل وياڪرڻي ٻوليءَ جو استعمال گھٽ ھوندو آھي. ڳالھائيندڙ جنھن ڳالھہ تي وڌيڪ زور ڏيڻ چاھيندو آھي، اُنھيءَ کي ظاھر ڪندڙ لفظن کي جملي ۾ مکيہ جڳھہ ڏيندو آھي. ٻيو تہ سنڌيءَ ۾ جملي ۾ لفظن جي جڳھہ کي گھٽي اھميت نہ آھي. لفظ چاھي جملي ۾ اڳيان پٺيان يا وچ ۾ استعمال ٿين، اِن ھوندي ٻہ اُھي ورھايل ۽ ٻين ورھايل معنيٰ ذريعي جدا ۽ ٻين جُدا ٿيل معنائن ذريعي گھربل معنيٰ کي ظاھر ڪرڻ جي طاقت رکن ٿا.

وياڪرڻي ترتيب وارن ڪن پھاڪن جا مثال ھن ريت آھن:

- ابو گسي، ڏيءَ وَسي.

(ڏيتي ليتي ڪري، پيءُ جي ھڙ گسي ٿي ۽ ڏيءَ جو ساھرو گھر وسي ٿو.)

- اڄ جو ڪم سيان تي نہ وجھجي.

(جيڪو ڪم اڄ ڪرڻو آھي، اُھو سُستي ڪري سياڻي ڪرڻ لاءِ نہ روڪي رکجي.)

- اکر نہ ڪٽي، مَکرُ ڪُٽي.

(اڄ جي زماني ۾ علم وارو، لکيل پڙھيل ماڻھو نہ ٿو ڪٽي ڪائي، پر جيڪو مڪار يا حرفتي آھي، اُھو ڪامياب ٿئي ٿو.)

- پاڙو اَبو امان آھي.

((پاڙي وارن کي پنھنجي ماءُ پيءُ وانگر يعني وڏن مائٽن

جھڙي عزت ڏجي.)

- پنجئي آڱريون برابر نہ آھن.

(مطلب تہ سڀ ماڻھو ھڪجھڙا نہ آھن.)

- سکڻي ڪُني گھٽو اُيامي.

(ڪُنيءَ ۾ جيڪڏھن چانور گھٽ ھوندا تہ رڌڻ وقت اُن ۾ پاڻي گھٽو اپامندو.)

- ڪوري ڪڏ ڪٽي، پر پاڻ اُن ۾ پوي.

(ڪوري ڪپڙي اُٽڻ وقت جتي آڏاڻو رکندو آھي، اُتي آڏاڻي ھينان ڪڏ ڪوٽيندو آھي، جيئن پيرن سان آڏاڻو سولائيءَ سان ھلي سگھي ۽ پير پٽ سان نہ لڳن. مطلب تہ جيڪو ٻئي کي نقصان پھچائڻ چاھي ٿو، سو پھرين پاڻ خطا کائي ٿو.)

- ھٿُ مارائيندو آھي.

(ھٿُ ڪبو تہ سزا پوگڻي پوندي.)

(ب) اَوياکرڻي ترتيب:

سنڌيءَ ۾ گھڻا پھاڪا اُھي آھن، جن ۾ لفظن جي ترتيب وياکرڻ جي اصولن موجب نہ ھوندي آھي. اُن ۾ لفظن جو استعمال جملي ۾ پنھنجي مقرر جڳھ جي اڳيان يا پُنيان ھوندو آھي. اِن جا مکيہ ٻہ کارڻ آھن:

(1) ڪنھن لفظ تي وڌيڪ زور ڏيڻ.

(2) ٿُڪ ملائڻ ۽ لئہ پيدا ڪرڻ لاءِ لفظن جي ترتيب بدلائڻ.

اِنھن جا ڪجھ مثال ھن ريت آھن:

(1) **ڪنھن لفظ تي وڌيڪ زور ڏيڻ:**

- آھي تہ عيد نہ تہ روزو.

(پئسو يا شيءِ اتس تہ ائين ٿو اُڏائي، جڏ تہ عيد ٿو ملھائي، ۽ جي پئسو نہ اتس، تہ بُکون ٿو ڪڍي. ھتي 'ھئڻ' جي ڳالھہ تي زور ڏيڻ لاءِ 'آھي' فعل کي پھاڪي جي شروع

۾ رکيو ويو آھي.)

- آيا ميرَ، پڳا پير.

(ڏاڍا مڙس آيا تہ ھيٺا يا ڪمزور پڄي ويا. ھتي 'اڇڻ' ۽ 'پڄڻ' جي فعل تي زور ڏيڻ لاءِ فعلن کي فاعلن کان اڳ استعمال ڪيو ويو آھي.)

- اڻ گھُريو ماڻُ ٻہ پُٽ کي نہ ڏارائي.

(ھتي 'گھُرڻ' ۽ 'نہ گھُرڻ' جي ڳالھہ تي زور ڏيڻ لاءِ 'اَڻ گھُريو' لفظ کي پھاڪي جي شروع ۾ استعمال ڪيو ويو آھي. ماڻُ ٻہ پنھنجي ٻار کي تيستائين نہ ڏارائيندي آھي، جيستائين ھوُ روئي پنھنجي ٻُک جو اظھار نہ ڪندو آھي.)

- جھڙو لڳي واڻُ، تھڙي ڏجي پُڻ.

(ھتي فعل تي زور ڏيڻ لاءِ اُن کي مفعول جي اڳيان رکيو ويو آھي.)

(2) **ٿُڪ ملائڻ ۽ لئہ پيدا ڪرڻ لاءِ لفظن جي ترتيب بدلائڻ:**

- اوٽ پڙي موٽ ۾، ڪنوار پڙي گھوٽ ۾.

(ڪجھہ ڏٻو تہ اُن جي موٽ ۾، ڪجھہ ملندو ٻہ. اھو 'موٽ ۾' ۽ 'گھوٽ ۾' جي ٿُڪ ملائڻ لاءِ فعل 'پڙي' کي پھرين ڪتب آندو ويو آھي.)

- مينھن وسي ٻہ پھر، ڇنو وسي ڇھہ پھر.

(برسات وسي بند ٿي ويئي، پر پونگيءَ جي ڇت اڃا تائين ٽمي. معاملو ختم ٿيڻ کان پوءِ ٻہ جيڪو اُن جو ذڪر ڪري، تڏھن ائين چئبو آھي. ھن پھاڪي ۾ 'پھر' جي ٿُڪ ملائڻ لاءِ فعل کي اُن کان اڳ ڪتب آندو ويو آھي.)

4.2.2 پد لوپ (لفظن جو حذف ڪرڻ):

ٿور- اکرائي پھاڪن جي مکيہ خاصيت آھي. ان جو مطلب آھي تہ ٿورن لفظن جي استعمال سان گھٽو مطلب ظاھر ڪرڻ. ڳالھائڻ ٻولھائڻ ۾ ٻہ گھٽو ڪري ڪن لفظن جو استعمال نہ ڪرڻ سان ٻہ بيان

جي حوالي مان پورو مطلب ظاهر ٿي ويندو آهي. جيئن ته، اڇُ، ڪاءُ، ۾ اسين ڳالهائڻ ۾ فاعل جو استعمال نه ڪندا آهيون. "ممبئي ڪڏهن ويندا"؟ "مان سياڻي ممبئيءَ ويندس". اِن سڄي جملي چوڻ جي ضرورت نه آهي. فقط هڪ لفظ 'سياڻي' چوڻ سان ئي مڪالمي جي ذريعي سمورو مطلب ظاهر ٿئي ٿو. حقيقت ۾ ڏسجي ته روزاني ڳالهه ٻولهه جي ٻوليءَ ۾ اِن ريت ڳالهائڻ پاڻ وڌيڪ سُڀاويڪ آهي. ان ريت پهاڪا ٻه گهٽ ۾ گهٽ لفظن جو استعمال ڪرڻ سان گهٽي ۾ گهٽي معنيٰ جو اظهار ڪن ٿا.

پهاڪن ۾ جدا جدا لفظن جي حذف ڪرڻ جا ڪجهه مثال هن ريت آهن.

(الف) فاعل کي حذف ڪرڻ:

- چوندبيندي ٻير، وڃي پيا ککرين.

(هُو ٻير چوندبڻ لڳا، ٻير ته ڪين ملين، پر فقط ککرا هٿ لڳن).

- اُٺ نه پُڄي، ٻورن هٽي لتون.

(جت اُٺ تي مال جا پريل ٻورا رکي اُنهن تي پاڻ چڙهي وينو. اُٺ کي هڪلڻ يا تڪڙو هلائڻ لاءِ هُن کي لتون هٽڻ لڳو، پر سندس پير ته اُٺ تائين ڪين پهتا، هُو ٻورن کي ئي لتون هٽندو رهيو. جڏهن ڪو هڪ جا ساڻ ٻئي مان ڪڍي، تڏهن ائين چئبو آهي.)

- اڃا مينهون جهنگ ۾، ڏوئي ڏريائون رَڄ.

(مينهون اڃا جهنگ ۾ ئي آهن، ته ميهارن ڏانوَ صاف ڪري کير ڏُهڻ لاءِ تيار ڪري رکيا آهن. مطلب ته اڃا ڪم ۾ گهڻي دير پئي آهي، پر هو ان کان گهڻو اڳي ئي پيا تياريون ڪن. هتي 'ميهارن' يا 'هُنن' فاعل لفظ کي جملي ۾ حذف ڪيو آهي.)

- ويئي سِگُن کي، ڪن ٻه ڪپائي آئي

ڳئون يا مينهن ويئي، سگُن کي ٽيڪ ڪرائڻ، اُلٽو پنهنجا ڪن ٻه ڪپائي آئي.)

(ب) مفعول جو حذف ڪرڻ:

- انڊن آندو، ڪُتن کاڌو، ٻلن چٽيو.

(هتي "انڊن کاڌو آندو، ڪتن اُهو کاڌو يا ٻلن اُن کي چٽيو." هڪ پورو جملو آهي، پر پهاڪي ۾ مفعول ('کاڌو'، اُهو ۽ 'ان کي') ڪتب نه آندو ويو آهي.

- هڪڙي لٽي، سهسين پَٽي.

(ڏٽي سائين ڪنهن جي روزگار جي هڪڙي واٽ بند ڪري ته سهسين ٻيون واٽون کولي ٿو. هن پهاڪي ۾ "روزگار جي واٽ" مفعول ڪتب نه آيل آهي. نه ڪو فاعل جو استعمال ڪيو ويو آهي.)

- جي جَٽين، سي نپائين.

(جيڪي ٻارَ جٽين ٽيون، سي ئي اُنهن کي نپائين ٽيون. هتي 'ٻار' فاعل جو حذف ٽيل آهي.)

- هڻ ڏيءَ کي ته، سکي نُونهن.

(ڏڪ يا طعنو هڻُ ڏيءَ کي ته سکي نُونهن.)

- جو هٿُ ڪري، سو هٿُ پائي.

(جو هٿ ڪم ڪري، سو هٿ نتيجو پائي. هِتي 'ڪم' ۽ 'نتيجو' ڪجها مفعول آهن.)

- ڏي ته ڏيَئي، سَلو سائو ٽيئي.

(تون ڏنُ يا ڏان يا مدد ڏي، ته اڳلو شخص ٻه توکي ضرورت وقت مدد ڪندو. هتي 'ڏي' فعل جو مفعول ڪتب نه آندو ويو آهي.

(ج) فعل حذف ڪرڻ:

- پنهنجي سهنجي.

(پنهنجي شيءِ سهنج واري آهي.)

- سنسارُ مهاڃارُ.

(سنسار مهاڃار آهي)

- اڱينِ پاٽي، پوين ڇڪ.
(اڱين کي پاٽي ملندو، پوين کي ڇڪ ملندي.)
- انسان خطا جو گھر.
(انسان خطا جو گھر آھي.)
- ٻہ تہ ٻارنھن.
(ٻہ تہ ٻارنھن آھن.)
- جڏھون کا مينھن، تڏھون کيون ڇڪون.
(جڏھن مينھن پوندو، تڏھن ڇڪون ٿيندیون.)
- وڏن ۾ وڏي کلا.
(وڏن ۾ وڏو ھُنر ھوندو آھي.)
- انڊي پيھي، کُتي چٽي.
(انڊي پيھي ٿي، کتي چٽي ٿي.)
- ترت دان مھا پُڃ.
(ترت خيرات ڪرڻ سان وڏو ثواب ٿيندو آھي.)
- دل کوٽي، عُذر گھٽا.
(دل کوٽي آھي تہ، بھانا گھٽا آھن.)

(د) پھاڪن ۾ ٻين لفظن جو حذف:

پھاڪن ۾ تعداد ضمير، صفت، حرف جر، حرف جملو وغيره جو ٻہ حذف ٿي ويندو آھي. انھن جا ڪجھ مثال ھتي ڏجن ٿا. حذف ٿيل لفظن کي پھاڪن جي معنيٰ سمجھاڻيءَ ۾ ھينان ليڪ ڏيئي ڏيکاريو ويو آھي.

- پُڇٽا نہ منجھٽا.
(جي پُڇٽا، سي نہ منجھٽا. صفت جو حذف
- چُلھہ تي، سو دل تي.
(جيڪو چُلھہ تي ھوندو، سو دل تي ٿيندو. صفت 'جو' ۽ فعل 'ھوندو' جو حذف.
- ھُنرِ واري جو ھُنرِ، بي ھنرِ جي جندُ.
(ھُنر واري جو ھنر ٿيندو، ۽ بي ھنر جي جند ڳري ويندي. فعل حرف جملي "۽" جو حذف.

- ڪک چور، سو لک چور.
(جو اڄ ڪک جو چور آھي، سو سياڻي لکن جو مال چورائيندو صفت ۽ فعل صفتي جو حذف ڪيل.)
- بي سيڪا وينِي ڏيِي، بينِي ڏيُي اُٺِ.
(ھتي 'سيڪا' صفت جا موصوف يعني ڳئون، ردِ، مينھن وغيره ڪتب نہ آندا ويا آھن. ڏاڙ ٻين سيني ننڍن جانورن کي ويھي ڏُھندو آھي، پر اُنٽيءَ کي ڏُھڻ لاءِ ڪيس اُتي بيھڻو پوندو آھي.
- جھڙي نيت، تھڙي مُراد.
(جيڪو جھڙي نيت رکندو، تنھن کي تھڙي مراد ملندي يا اُجورو ملندو.)
- پريءَ ڇِني کان، پيري ڇنو ڇگو.
(پريءَ جي ڪري ڇِني کان، پيري جي ڪري ڇنو ڇگو. گھڻو وزن کڻي ماڻھو بيمار ٿئي، اِن کان ڇگو آھي تہ گھٽا پيرا ڪري ٿورو ٿورو سامان کڻي پھچائجي. اِن سان جيڪو ٽڪ ٿيندو اُھو ٿوريءَ دير کان پوءِ آرام ڪرڻ سان لھي ويندو.
- يُڳڙن کاڌي ھٽ ڏوتا ئي پيا آھن.
(يُڳڙن جي کاڌي سان ھٽ ڏوتائي پيا آھن. سنا ڪم ڪبا تہ اُن سان گلا ٿيڻ جو ڪوبہ امڪان نہ رھندو.)
- يُلي ٻاڻ آئِي، سابہ نہ يُلي.
(يُلي ڳئون، مينھن، وڇَ وغيره جيڪڏھن ٻڪي ٻڪي شام جو پنھنجي وٽاڻ تي ھلي آئي، تہ اُن کي يُليل نہ چئبو. ھِتي "يُلي" صفت آھي، اُنھيءَ جو موصوف ڪتب آندل نہ آھي.)
- ٿوري ڪٽئي، گھڻي برڪت.
(ٿوري ڪٽئي سان، گھڻي برڪت ٿئي ٿي.)

- ٿونڊ لڳي، ساهيڙي پڳي.

(ٿونڊ لڳي ۽ ساهڙي پڳي. ٿوري يا رواجي ڳالھ تي جيڪي دوستي ٽوڙي ڇڏين، تن لاءِ چئجي.)

- پاڻ مرندي، کھڙا سيڻ؟

(پاڻ مرندي کان پوءِ کھڙا سيڻ؟ جيڪڏھن ڪنھن کي پنھنجي جان جو خطرو آھي، يا جڏھن پنھنجا سيڻ سڃڻ ئي ڪنھن کي مارڻ لاءِ تيار ٿي وڃن، تہ پوءِ اُنھن جو کھڙو لحاظ رکبو؟)

- پنھنجي لاھي جنھن ھٿ ۾ ڪئي، تنھن کي ٻئي جي لاھيندي کھڙو ٻوڙ؟

(جنھن پنھنجي پڳ يا عزت لاھي ھٿ ۾ ڪئي، تنھن کي ٻئي جي آبروُ وڃندي دير نہ لڳندي. ھتي 'عزت' يا 'پڳ' لفظ ڳجھو آھي.)

- ڦڙي ڦڙي تلاءُ.

(ڦڙي ڦڙي سان تلاءُ نھي ٿو.)

- جنين ڪاڻ ڪيم لائي چائي، سي نہ ٿيم سورن پائي.

(جن لاءِ مون لائي چائي ڪئي يعني جھيڙو جڳھڙو يا ٻيا ڪوٽا ڪم ڪيا، اُھي پڻ سورن ۾ يعني تڪليف وقت منھنجا ساڻي نہ ٿيا.)

- جوَ ڊيري، گڏھُ رکپال.

(جَوَن جي ڊيري رکي آھي، تہ گڏھُ ان جو رکوالو ٿيو آھي.)

- جيڪا ڏاريان ٻکري، تنھن لھندا ڪن.

(جيڪا ٻکري ڏاريان ٿو، تنھن جا ڪن پيا لمن، يعني جيڪو ماڻھو پاڻ وٽ نوڪريءَ تي رکان ٿو، تنھن ۾ ھڪ نہ ٻيو عيب نظر اچي ٿو.)

- مائَ بکيو سپ ڪو، نائَ بکيو ڪو ڪونہ.

(نان جو بُکيو سپ ڪو، مائَ جو بُکيو ڪو ڪونہ.)

4.2.3 حالتن جون پراٽيون شڪليون:

سنڌيءَ ۾ اصطلاحن جون حالتون ناھڻ لاءِ حالتِ مفعولي (oblique or formative case) ۾ اسر جي پنيان حرف جر (post position) لڳائي اسر جو فعل يا جملي جي ٻين لفظن سان تعلق ڏيکاريو ويو آھي. جيئن تہ:

- ھٿ کي (حالت جري)
- ھٿ لاءِ (حالت سببي)
- ھٿ، سان، کان، مان، تان (حالت اپادان)
- ھٿ جو، جا، جي (حالتِ اضافت)
- ھٿ ۾، تي (حالت مڪاني)

اِن طريقي کان سواءِ سنڌيءَ ۾ پُراٽا جوڙ يا پچاڙيون (حرف جر جون نشانيون) بہ آھن، جيڪي اسر سان لڳائي اصطلاح ناھڻ کي ظاھر ڪبو آھي. اھڙا آڳاٽيون روپ پھاڪن ۾ ڇڳي تعداد ۾ ملن ٿا. حرف جر وارا جوڙ "آن، اَئون، اوُن، اَين" پھاڪي ناھڻ ۾ جدا جدا حرف جر جي معنيٰ ظاھر ڪندا آھن. ڳالھائڻ ٻولھائڻ ۾ بہ اِنھن جو استعمال ڪن. اسر عام جي لفظن سان ڪبو آھي. مثال طور:

- ھُو گھران آيو آھي.
- ھوُ ڳوٺ ويو آھي.
- مان ڳونئون آيو آھيان.
- ھوُ ٻارين ٻچين آيا آھن.
- ھيءَ ڳالھ ھنڌين ماڳين ڦھلجي وئي.

ھاڻوڪي ٻوليءَ ۾ اِنھن جو استعمال گھٽو گھٽجي ويو آھي. اِھو گھٽو ڪري محاورن ۽ پھاڪن ۾ ئي نظر اچي ٿو. جيئن تہ:

- ٿوري گِرھين گھٽو ڪائجي.

(ٿورن يعني ننڍن گِرھن سان، گھٽو ڪائڻ نيڪ آھي.)

- پُٽُ پيٽئون، نائي اکيَئون.

(پُٽ پيٽ مان ٿو ڄڻجي ۽ نائي اکين مان يعني اکين جي پريت مان پيدا ٿئي ٿو. مطلب تہ ٻئي برابر آھن.)

- پاڻ نہ پلي پوپرِي، لوڪان متيون ڏئي.

(پوپري پاڻ کي نٽي پلي يعني روڪي ۽ ماڻھن کي متيون ٽي ڏئي.)

- پرائي بدئوُن، ڪاڻ ڪپھ ڪونئرو.

(پراوَن بيدن تي يعني اُڻن تي ڪاڻ يعني ڳورو سامان لڏبو، تہ بہ سمجھبو تہ اُھو ڪپھ کان ڪونئرو آھي.)

- پرائي ڏُھلين، احمق نچي.

(پراوَن دھلن تي جيڪو نچي ٿو، اُھو احمق يعني بيوقوف آھي.)

- پنھنجي ڪکين، ڪوئي نہ لَکي.

(پنھنجي ڪکن ۾ يعني پنھنجي پونگي يا گھر ۾ ڪوئي نہ ٿو لَکي يا ڏسي. مطلب تہ پنھنجي گھر ۾ ماڻھو ڪيئن ٿو رھي يا ٻيا ڪيس ڇا چوندا، اِن جي ڪيس پرواھ نہ ھوندي آھي.)

- ھٿان پيئي نانڪا، در در ڏڪا ڪائي.

(نانڪ چوي ٿو تہ ھُن پنھنجي ھٿان ئي غلط ڪم ڪيو آھي تہ پوءِ ٻئي کي ھوءَ ڪھڙو ڏوھ ڏي؟ ھاڻي در در تي پئي ڏڪا ڪائي.)

- پيٽُ ٻہ ناھين چنتا ناھي.

(جنھن کي ڏٽي سائين ڪاڏو ڪائڻ لاءِ، ھڪ پيٽ ۽ ڪمائڻ لاءِ ٻہ ٻانھون ڏنيون آھن، تنھن کي پلا ڪھڑي ڳالھ جي ڳڻتي؟)

- ڪڏھن ھاري ھوس، اُڄ پيچان پيچي ڪونہ ٽئي.

(ڪڏھن مان سندن اڳواڻ ھوس، اڄ اُنھن ھمراھن يا ساٿين مان ڪوبہ منھنجو مددگار نٿو ٽئي.)

- جھڙو حال حبيبان، تھڙو پيش پِريُن.

(جھڙو اسان حبيبن جو حال آھي، ٺھڙو توھان پرين جي پيش ڪريون ٿا.)

- ڪنڌيئون پار، قنڌارئون پار.

(جيڪو درياھ جي ڪنڌيءَ کان پري، يعني ٻي ڪناري تي ٻيٻو آھي، سو قنڌار کان ٻہ پري آھي. مطلب تہ ٿوري دوري رکندڙ ڏينھون ڏينھن پري ٿي وڃي ٿو.)

- ڏِئي مٽيون، پر ڪنھن جي ھٿوُن.

(سيني کي ڏيڻ وارو ڏٽي آھي، پر اُھو ڪنھن جي ھٿان يعني ٻئي ڪنھن جي ذريعي ڏيئي ٿو.)

- راجا اکئين ڪِ ڪنين؟

(راجا نياءُ ڪندو اکين ڏٺي ڳالھ موجب، يا ڪنن سان ٻڌل ڳالھ موجب؟ مطلب تہ ٻُڌل ڳالھ تي اعتبار نہ ڪندو.)

- زالان ڏاوَڻ، مردان ڪاوَڻ.

(زالُن جو ڏاوڻ يعني سنان ڪرڻ يا وھنجڻ ۽ مردن جو ڪاوڻُ يعني ڪاڏو ڪائڻ. مطلب تہ زالن کي وھنجڻ ۾ گھڻي دير نہ لڳائڻ گھرجي ۽ مردن کي چستيءَ سان جلد ماني ڪائي تيار ٿيڻ گھرجي.)

- ستين لنگھٽين، ڪتو بہ حلال.

(ست ويلا بُک ڪاٽڻ کان پوءِ، جيڪڏھن ڪنھن ڪُتو ڪاڏو يعني منع ڪيل حرام جي شيءِ بہ ڪاڏي، تہ پوءِ اُھا بہ حلال سمجھڻ ڪپي. مطلب تہ بک ۾ ماڻھو پنھنجي جان بچائڻ لاءِ نيچ ڪم ڪرڻ کان بہ نہ ڪيبائيندو.)

- سَجن پيٽان وڍيا، وڍين پيٽان سڃا

(ڪڏھن ڪڏھن شريفن جا ڇاول ٻار نالائق ٿي پون ٿا تہ ڪڏھن بداخلاقن جو اولاد تمام سٺو ٿي پوي ٿو.)

- واتوُن خرار ڪاڃن، ٺَکوُن ڪٽو نہ ڪاڃي.

(وات سان يعني سُھائيندي نموني گھٽوئي ڪائي سگھبو، پر نڪ مان يعني اڻ سونھائيندي طريقي سان ٿورو بہ ڪائي نہ سگھبو.)

- نانءُ مردان، ڏن آوي جاوي.
(ناموس يا نالو مردن جو ڏنُ آھي، باقي ٻيو ڏن يا ناڻو تہ اڇڻو وڃڻو آھي.)
- مِروئان موت، ملوڪان شڪار.
(مِروُئن جي لاءِ موت آھي، پر ملوڪن جي لاءِ اِھو فقط شڪار آھي يا دل وندرائڻ لاءِ ھڪ راند آھي.)
- گھٽين زالين گھر نہ ھلي، گھٽين مردين ھر نہ ھلي.
(گھٽين زالن سان گھر نيڪ ھلي نہ سگھندو، ساڳيءَ طرح گھٽن مردن سان ٻني ٻاري جو ڪم بگڙندو.)
- انبان ٻور، ڪلالان لاھا.
(انبن جو ٻور گھٽو ٿئي ٿو، پر اُن مان آخر ۾ انب ٿورا لھن ٿا. ساڳيءَ طرح ڪلال جي ڪمائي گھٽي ٿي نظر اچي، پر اوڏر سوڏر ۾ ناس ٿي، باقي صافي ٿوري ٿي بچي.)
- پنِئين منگڻي گھر ھلي، تہ ڪُھِ اُڏاري واڻ.
(پنڻ مگڻ سان جيڪڏھن گھر ھلي ٿو تہ پوءِ اُڏاري جي واڻ ونڻ ڪُھِ پوي يعني پوءِ اُڏر سوڏر ونڻي ڇو گذر ڪجي؟)
- صلاحين شينھن ٻَجھن، ڪم ڪرھين نہ ٿئي.
(صلاحن ڪرڻ سان يعني اٽڪل يا مڻ محبت سان شينھن بہ پيجري ۾ ٻڌجي وڃن ٿا، پر اُھو ڪم جھيڙن سان نہ ٿي سگھندو.)
- گولاڙو ڳُئيان پَچي.
(گولاڙو ڳُئيان يعني ھينان کان پچڻ شروع ڪندو آھي.)
- جيڪي فِراقان، سو وِصالان نہ ٿئي.
(ورھ مان جيڪا پريم جي پيڙا يا تڙپ پيدا ٿئي ٿي، سا وصال يعني ميلاپ سان نہ ٿي ٿئي.)

4.2.4: فعلن ۽ ڪردتن جا پراٽا روپ:

- ڪرند، پسند، ڏِيند لھند.
(جيڪو ڪندين، سو پسندين؛ جيڪي ڏيندين سو لھندين.)
- سڃڻ ھُجن سنوان، مِرُون ڏيھہ ڏنگايون ڪن.
(ڏٺي سائين اسان سان سولو ھجي، يعني مھربان ھجي تہ پوءِ لوڪ پلي ڏِنگو ھَلي تہ بہ نقصان پھچائي نہ سگھندو.)
- ماءُ ڄڻيندي پُٽڑا، پاڳ نہ ڏيندي وندِ.
(ماءُ پٽ ڄڻيندي، پر انھن کي پاڳ وندي تہ ڏيندي. ھرھڪ جو نصيب تہ ڏٺي سائين ناھي ٿو. ھتي 'وندي' جو روپ 'وندِ' ڪتب آيو آھي.)
- نيچ نوڪري،اُتم ڪيتي، وڏنتُ واپار.
(نيچ نوڪري، اُتم ڪيتي، وڏندڙ واپار.)
- مُنگڻ ڏاندي، ڪارڙي ٽاندي،
مُنگ پچي، ڪارڙو مَچي،
مُنگ لُئو، ڪارڙو مُئو.
(ھتي 'لُٽڻ' مصدر جو ڪردنت (اسم مفعول) 'لُئو' پراٽي شڪل آھي.)

(ڪيولرام سلامت راءِ 'گل شڪر' ۾ اِن پھاڪي کي سمجھائيندي لکيو آھي تہ، "ڪارڙو، ھڪڙي ڪاري تر کان پڻ ننڍو جيت لاڙ واري خطِي ۾ ٽيندو آھي، ۽ ماڻھن کي چڪ پائي، جو مُنگڻ جي پوڪ ڄاپڻ وارن ڏاھاڻن ۾ ڄاپي، ۽ مُنگڻ جي لاباري ۾ ناس ٿي وڃي، تنھن جو حال ڏيکارڻ لاءِ سياڻن ھيءُ پھاڪو ڏنو آھي." (ص 217)

- ھٿان پَيئي نانڪان، در در ڌِڪا کاءِ.
(پنھنجن ھٿان جيڪو غلط ڪم ڪيو اٽائين تہ ھاڻ ھُو در در ڌڪا پيو کائي. ھتي 'کائي' فعل جي ننڍي شڪل 'کاءِ' آھي.)
- چني مُورون وننِي، ٻانيڻ ڪھڙو ڏوھ؟
(جنم پتري اصل جي وننِي يعني وِنڊيل آھي، خراب آھي،

ته پوءِ ٻانيءَ کي کھڙو ڏوھ ڏجي؟)

- جنين کاڻ مُياس، سي کُلھي کانڊي نہ ٽيا.
(جن کاڻ مان مُئس، سي کلھي کانڊي نہ ٽيا.
ھتي 'مُئس' جي جھوني شڪل مُياس' آھي.)
- رِڻي ۽ رائر جو، سڏ جنھين کي ھوءِ،
منجي اُتي جوءِ، وجي تنھن کي وِسري.
(رِڻ= قرض، رائر = راج ڪر، ڏِل، ٽئڪس. جنھن کي بازار جي قرض چُڪائڻ ۽ سرڪاري ڏِل چُڪائڻ لاءِ سڏ ٿئي ٿو، تنھن کي منجي (کٽ) تي پاڪر ۾ وينل جوءِ به ھڪدم وسري ويندي آھي.)
- ڇٽھو نہ وِسھو، وِسھو ته مُسھو.
(ڇٽن تي ويساھ نہ ڪريو، جي ويساھ ڪندا ته مُسجي ويندا. ھتي 'مُسجڻ' فعل جي 'مُسھو' شڪل پراٽو آھي.)
- سوٽي ھوءِ ساڻ، ته گڏھ گوھي نہ ڪري.
(سوٽي ھجي ساڻ، ته گڏھ گوھي نہ ڪري. 'ھُجي' جي پراٽي شڪل 'ھوءِ' آھي.)
- آسرُمَ لاھيج، سڃڻُ ٻاجھيندڙُ گھٽو.
(آسرو نہ لاھج، سڃڻ يعني ڏٽي سائين گھٽو رحيم آھي.)
- اک اُلٽي ڏار، وَنءُ اُلٽو عام سين.
(تون اُبتي اک ڏار، عام لوڪن کان ابتو وڃ. مطلب ته دنيا کان ڏيان ھٽائي ڏٽيءَ جي ڏيان ۾ گم ٿي.)
- وھم ورسایاس، نا ته پنھوُن آڻون پاڻ ھُئي.
(وھم جي ڪري پُلجي ويس، نہ ته پُنھون آڻون پاڻ ھُئس.)

ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽُرنپ جھوني سنڌيءَ ۾ 'ھئڻ' يا 'ھجڻ' فعل جون ٻہ شڪليون ڏنيون آھن.*

* Ernest Trump, A Grammar of Sindhi Language, Leipzig, 1872.

آئون ھُجان/ ھُئان	اسين ھُجون/ ھُئُون
تون ھُجين، ھُجين/ ھُئن، ھُئين	توَھين ھُجو/ ھُئو، ھو.
ھُو ھُجي/ ھُئِ، ھوءِ/ ھوئو	ھُو ھُجن/ ھُئن.

يعني: ھوءُ/ ھوئو ھاڻوڪي ٻول چال واري سنڌيءَ ۾ گھٽو ڪري، 'ھجڻ' مان نھيل شڪليون ڪتب اچن ٿيون، پر جھوني سنڌيءَ ۾ 'ھُئڻ' مان نھيل شڪلين جو وڌيڪ استعمال نظر اچي ٿو. شاھ جي ڪلام ۾ ٻہ 'ھئڻ' مان جوڙيل شڪلين جو وڌيڪ استعمال نظر اچي ٿو. سنڌي پھاڪن ۾ ٻہ اھڙيون آڪاٽيون شڪليون وڌيڪ ڪتب آيون آھن.

4.2.5: آوياڪرٽي (غير وياڪرٽي) جملا ناھڻ:

ڪن پھاڪن جي جملي جي بيھڪ نرالي ڍنگ جي آھي، جيڪا عام طور پھاڪن کان سواءِ ٻوليءَ ۾ ٻئي ھنڌ نظر نٿي اچي. اھڙن پھاڪن جا ڪجھ مثال ھن ريت آھن:

- آئون ٻہ ويندي پيڪي، مون ٻہ لھندي سڪ.
(ھتي ھاڻوڪي ٻوليءَ ۾ 'آئون ٻہ ويندیس پيڪي' چئبو آھي.)
- جنھن جي ھيڪار ڪيائين ڪُوڙي ٽي،
تنھن جي ٻيھار سچيءَ ساک نہ وِسھان.
(يعني: ھيڪار ڪَالھ ڪيائين، اُھا جنھن جي ڪوڙي ٽي، تنھن جي ٻيھار سچيءَ ساک تي ٻہ مان ويساھ نہ ڪريان. ھتي پھرئين بيھڪ ننڍي جملي جي بيھڪ نرالي آھي، جنھن ۾ "ڪَالھ" لفظ ڪتب نہ آيو آھي.)
- اُپ ڦاٽي کي ٻہ ڪڏھن اڇڙي پوي؟
(ڦاٽل اُپ کي ٻہ ڪڏھن اڇڙي پوي صفت موصوف جي پُنيان آيو آھي.)
- ويئي سِگُن کي، ڪن ٻہ ڪپائي آئي.
(ويئي سِگُن کي يعني سِگ ناھرائڻ لاءِ، پر ڪن ٻہ ڪپائي آئي.)

- ڪاٽي وِسُوڙي، چي مُڙس ويو اَڪِ ڪي.
(ڪاٽي اِن ويساھُ ۾ وينِي آھي تہ منھنجو مڙس منھنجي لاءِ اڪ خريد ڪرڻ لاءِ ويو آھي.)

4.2.6. پھاڪن ۾ جملن جا جدا جدا قسم:

نثر ۾ گھٽا پھاڪا بياني جملن جي شڪل ۾ ھوندا آھن. پر اسان کي اھڙا پھاڪا بہ ملن ٿا، جيڪي سوالي ۽ عجب اظھار ڪندڙ وغيرہ جملن جي صورت ۾ بہ آھن. ھتي ڪجھ مثال ڏجن ٿا:

(**الف**) **سادا بياني جملا** (Simple narrative sentences)

- پَتِ ٺَنھَن تي پاڻي آھي.
(عزت ٺَنھن تي پاڻي وانگر تِرکي ويندي آھي.)
- ڏيئڪو ڏَڻُ سِگھو وڌي.
(ڏيئرون جلدي وڌنديون آھن.)
- ڏٽي بہ سجاڻي ٿو سگ ڏي.
(جيڪو انسان جنھن لائق آھي، ڏٽي سائين اُن کي اوترو ڏئي ٿو.)
- دِلي دُور آھي.
(ڪم پورو ٿيڻ ۾ اجا گھڻو وقت آھي.)
- دولتمندن جا ڏاند بہ ويامن.
(ياڳ وارن کي ڪڏھن اھڙي ھنڌان بہ ملي وڃي ٿو، جتان ملڻ جي ڪابہ اُميد نہ ھوندي آھي.)
- جُڙيءَ کي جَسِ.
(جُڙيءَ کي جَسِ آھي، ڏٽي سائين جيڪي ڪري ٿو، ان تي شڪر ڪر.)

(**ب**) **عجب ظاھر ڪندڙ جملا** (Exclamatory sentences):

- عقل ري عذاب گھڻا، پسندين جندڙي!
(اڙي جند! عقل کان سواءِ گھڻا ڏک ڏسندين.)

- جيڪا جوڙيائين سان واھ واھ!
(ڏٽي سائين جيڪا جوڙي جوڙِي آھي، تنھن تي راضي رھجي.)
- ٻري تيل، ڪامي وٽ، واھ ڙي ڏيئا واھ!
(ٻري ٻيو تيل، ڪامي يعني جلي پئي وَتِ، ۽ ھرڪو شاباس ڏئي ٿو ڏيئي ڪي تہ واھ واھ! ڏيئو تہ سنو ٿو ٻري.)
- آپ نہ پالي، پالي ڏُون!
(پاڻ کي تہ پالي نٿو سگھي، اُھو ھليو آھي ٻين کي پالڻ.)

(**ج**) **سوالي جملا** (Interrogative sentences):

- آرسي ڙي آرسي، مون جھڙو ڪو ٻيو؟
(جيڪو سونھن ۾ پاڻ کي ڪنھن جھڙو نہ سمجھي، تنھن لاءِ ڇئبو آھي.)
- ڇڏڻ کان پوءِ اَڏڻُ ڪھڙو؟
(ڪنھن ڳالھ يا شيءِ کي ڇڏڻ کان پوءِ اُن جو ڏيان رکڻ مان ڪھڙو لاڀ؟)
- ھٿ جي ڪنگڻ کي آرسيءَ جو ڪھڙو ضرور؟
(جيڪا ڳالھ صاف ظاھر ھجي، اُن لاءِ ٻئي ڪنھن کان پُڇڻ جي ڪھڙي ضرورت؟)
- ٺَنھَن سان ڇَڇي تہ ڪاتي ڇو وِجھجي؟
(ٿوري ڳالھائڻ سان ڪم ٿئي تہ پوءِ اُن لاءِ زور زبردستيءَ کان ڇو ڪم وٺجي؟)
- گھوٽ ڪنوار راضي تہ ڇا ڪندو قاضي؟
(بہ ڇٽا پاڻ ۾ نھي ويا تہ پوءِ ٽئين کي وچ ۾ آڻڻ جي ڪھڙي ضورت؟)

(**د**) **گفتگو وارا جملا** (Conversational sentences):

- ڪڏ چئي، جيءُ سڏ.
(ڪڏ کي ھُن سڏ ڪيو تہ ھڪدم ڪڏ وراڻيو، "اَبا جيءُ! تنھنجي سڏُ تي مان حاضر آھيان." مطلب تہ ڪنھن ڪڏ ۾

ناڻو پُوري رکيو آهي تہ اُهو ضرورت وقت هڪدم ڪتب ايندو.)

- تون ڪير؟ چئي "سِکيو"

(تون ڪير آهين، هُن جواب ڏنو، "مان سِکيو آهيان". مطلب تہ ڪنهن جي پلائي ڪندي جيڪڏهن ڪنهن کي ڏوهہ اچي تہ هُو چوندو آهي تہ اڳتي لاءِ مان سِکيو آهيان.)

- ٻائي ٻير؟ ادائي سير.

(ٻائي ٻير ڪهڙي اگهہ تي ٿي وڪڻين؟ هُن جواب ڏنو، "پئسي جا ادائي سير" مطلب تہ شيءِ گندي يا خراب آهي.)

- اگهہُ ڪنهن وِڏو؟ چئي، "جنهن جي نہ سَري."

(ڪنهن شيءِ جي قيمت ڪنهن وڌائي؟ اِن تي هُن چيو، "جنهن جي اُن شيءِ کان سواءِ نہ سري سگهي." مطلب تہ ضرورت پوڻ تي ماڻهو مهانگي شيءِ بہ خريد ڪندو آهي.)

(چ) **حڪم وارا جملا** (Imperative sentences):

- ڏيئڙي سوکرِ، جو ڏُڻئہ ماءُ گهر.

(نونهنڙي سوکر، جو ڏنئہ سَسُ گهر.

- خرچ کاءُ، تہ ڏِئي شاهہ.

(دل کولي خيرات ڪر تہ پئسو سُنن ڪمن ۾ خرچ ڪر تہ ڏٽيءَ توکي پاڻ ئي ٻيو بہ ڏنُ ڏيندو.)

- پيءُ ڏيکارِيا شراڌ ڪر.

(جيڪڏهن پٽهين جيئرو آهي، تہ اُن کي وڻي اچي حاضر ڪر. جيڪڏهن مري ويو آهي تہ پوءِ سندس شراڌ (مري ويل مائٽن جي عزت ۾ برهمڻن کي سالياني بخشيش ڏيڻ جي رسم) ڪر. مطلب تہ ڳالهہ جي هڪ هيڪاڻي ڪر.)

(چ) **مرتب جملا** (Complex sentences):

- آپ سُکي تہ جڳ سُکي.

(جي پاڻ آسودو آهي تہ ڪيس سڄو جڳ آسودو نظر اچي ٿو.)

- آگرِ رکڻ ڏينس تہ سڄي ٻانهن ڳڙڪائي وجي.

(ڪنهن جي پلائي ڪر تہ هو اُن ناجزئز فائدو وٺي تنهن لاءِ چون.)

- چُلهہ تي، سو دل تي.

(جو چلهہ تي آهي، سو دل تي آهي.)

- چگا سي چئجن، جن جا پويان چگا.

(اُهي چگا ٿا چئجن، جن جو اولاد چگو آهي.)

- جٽ پڙهيو، الله اڙيو.

(اناڙيءَ علم حاصل ڪيو تہ، الله جي نالي جو غلط استعمال ڪندو.)

- جنهن جو کائجي، تنهن جو ڳائجي.

(جنهن مهرباني ڪئي آهي، تنهن جا ڳڻ ڳائجن.)

(ج) **مُرڪب جملا** (Compound Sentences):

- آڏيلو نہ ڏِئي، آڏيو ڏئي.

(جيڪو وقت تي ٿورو خرچ ڪري ڪم نہ ڪري، پر پوءِ اُن لاءِ گهڻو خرچ ڪرڻو پويس، تنهن لاءِ چئبو آهي.)

- جڏيندڙ جُٽا ۽ پرڏيندڙ مُنا.

(جن چوڪري جڏي سي تہ ڪيس پرڻائي جُٽي ويا، ۽ جيڪي ڪيس پرجڻ کان پوءِ پنهنجي گهر وٺي ويا، سي مُسجي ويا. خراب چوڪريءَ لاءِ چئبو آهي.)

- قِٽِ بُجو ڪَج، پر گهہ ذرو ڏج.

(جيڪو پنهنجي عزت جو خيال نہ رکي ۽ ٻئي اڳيان هٿ ٽنگي، تنهن لاءِ چئبو آهي.)

- وٽُ نہ ڪٽي، وٽُ جو ونڻ ڪٽي.
(شيءِ پاڻ ۾لي ملھائتي نہ ھجي، پر اُن جي پئڪنگ سھڻي آھي تہ اُھا شيءِ عوام ۾ پسند پوندي.)

4.2.7: شعر يا بيتن ۾ پھاڪا:

نثر ۾ جدا جدا جملن جي صورت ۾ پھاڪا گھڻي تعداد ۾ ملن ٿا، پر بيتن جي شڪل ۾ بہ ڇڪي تعداد ۾ پھاڪا ملن ٿا. اُنھن ۾ ٽُڪ ڪي ملائي سُر، تال ۽ لئ جو گڻ پھاڪن ۾ پيدا ڪيو ويندو آھي. اھڙن پھاڪن تي تفصيل سان ويچار ھيئت يا شاعريءَ جي اصولن ھيٺ ڪيو ويو آھي. ھتي اھڙن پھاڪن جا فقط ڪجھ مثال ڏجن ٿا:

- پُلاھ جھڙي پدمڻي، جي ھَڪي حاضر ھوءِ،
بوُسي وجھ پيٽ ۾، مَرُ پيٽ ڦاٽي پوءِ.
(سُنو لذيذ ڪاڏو ملڻ تي ماڻھو جڏھن ھيڇ ڪري ڪائيندو آھي ۽ پوءِ بيمار پوندو آھي، ان ڏانھن اشارو ڪندي ھيءُ پھاڪو چيل آھي.)
- ڪڏھن ڳاڙھو گھوٽ، ڪڏھن مڙھ مُقام ۾،
واريءَ سندو ڪوٽ، اڏي اڏبو ڪيترو.
(انسان ڪڏھن جوان ۽ سھڻو آھي تہ ڪڏھن اُن جو مڙھ مُقام ۾ پيو آھي. ھيءَ زندگي واريءَ جو ڪوٽ آھي، يعني فاني آھي. اُن کي انسان ڪيترو وقت قائم رکي سگھندو؟)
- ماڻھو سپ نہ سھڻا، پکي سپ نہ ھنج،
ڪنھن ڪنھن ماڻھو منجھہ، اچي بوءِ بھار جي.
(سپيئي ماڻھو سُنا ۽ سھڻا نہ ھوندا آھن. سپيئي پکي ھنج نہ ھوندا آھن. اھڙا ماڻھو تمام ٿورا آھن، جن مان بھار جي مند جي خوشبوءِ اچي ٿي.)
- جٽيءَ سُٽ پسايو، واڻئي وِڌس وَٽِي،
جٽيءَ ليکي واڻيو مُنو، واڻئي ليکي جٽي،
مُني اُھائي جٽي، مُني اُھائي جٽي.

(جٽي پاڻيءَ ۾ سُٽ پُسائي آلو ڪري واڻئي جي دُڪان تي وڪڻڻ لاءِ ڪڍي ويئي. واڻيو اِھا ڳالھہ سمجھي ويو. ھُن وري کوٽا وٽ ساھميءَ ۾ رکي سُٽ توريو. جنھن ڪري سُٽ جي تور گھٽجي ويئي. جٽي پنھنجي دل ۾ خوش ھُئي تہ مون واڻيئي کي نڳيو آھي. ٻئي طرف واڻيو خوش ھو تہ غلط وٽن جي خبر جٽيءَ کي ڪانہ پئي آھي. نتيجو اِھو نڪتو تہ اِن سودي ۾ نقصان جٽيءَ کي ئي پيو.)

4.2.8: پھاڪن ۾ ماڻھن جا نالا:

ھرھڪ سماج ۾ ٻار جي جمڻ تي مٽس نالو رکڻ جون جدا جدا ريتيون آھن. ھندوُ گھڻو ڪري جيوتش جي حساب موجب جنم جي ويلو وقت، گرھ گوچر، راسيون وغيرہ جاچي اُن موجب نالو رکندا آھن. سِک پنڻ وارا گروگرنٿ صاحب مان وچن ونڍي ٻار تي نالو رکندا آھن. ڪن حالتن ۾ عوامي عقيدو، پرم- سنسار بہ نالن جي بُنياد ۾ ھوندا آھن. جيئن تہ:

جنھن ڪٽنب ۾ ٻار نہ جمندو آھي ۽ پوءِ سِڪي جڏھن ٻار پيدا ٿئي ٿو تہ اُن تي اھڙي خواھش وارا نالا رکندا آھن (بچارام، بچومل، جيئندراءِ، دولھہ ڏنو وغيرہ). سِڪي لڏي ٻار کي بُري نظر کان بچائڻ لاءِ مٽس اٽوٽندڙ نالو رکڻ جي بہ روايت آھي. مثال طور: مِرچُومل، کوتارام، ڪوڏومل، غريب داس وغيرہ.

ٻار تي گھڻو ڪري اھڙو نالا رکڻ پسند ڪبو آھي، جنھن سان ھُن جي گُڻن، مزاج، بھادري وغيرہ جي ڄاڻ ملي. پھاڪن ۾ اھڙي قسم جي نالن جو استعمال مکيہ طور جن مقصدن سان ڪيو ويو آھي، اُھي مقصد ھن ريت آھن:

(1) تجنيس حرفي جي لاءِ نالا چونڊي ڪنھن احساس جو اظھار ڪرڻ.
(2) گڻن موجب رکيل نالن جو اظھار ڪرڻ.
(3) گڻن جي ابتڙ نالا ڪڍي طنز يا ٽوڪ ڪرڻ.
(4) خاص شخص جو نالو ڪڍي عام حقيقت ڄاڻائڻ.

(1) **تجنيس حرفي جي لاءِ نالا چونڊي ڪنهن احساس جو اظهار ڪرڻ:**

گهٽن پهاڪن ۾ اهڙا نالا ڪتب ايندا ويا آهن، جيڪي پهاڪي ۾، تجنيس حرفيءَ جي سونهن پيدا ڪن ٿا. اِن ڪري اُهي آسانيءَ سان ياد پوڻ ڪري عام ماڻهن ۾ جلدي عام ٿي وڃن ٿا.

- ڏيهه ڪري ڏياري ته هرِچندُ ڪري هولي.

(جڏهن ڪو ماڻهو عام رواج جي اُبتڙ هلت ڪري تڏهن چئبو آهي.)

- پهريائين پيٽ پنجوءَ جو، ٻار ٻچا سڀ پوءِ.

(ڪو خود مطلبي ماڻهو فقط پنهنجي ڳڻتي ڪري ۽ ويجهن پاتين جو به خيال نه رکي تڏهن چئبو آهي.)

- لکي لکانو، پڙهي اِلهانو.

(جڏهن ڪنهن جي لکڻي اهڙي خراب هجي جو ٻيو ڪوبه ماڻهو پڙهي نه سگهي، تڏهن چئبو آهي.)

- موتوُ مگيوئي نه آهي ته پُڇي پيئي ڪٽ ڪٽي وِجهان.
- پمن پرٽيوئي نه آهي ته پُڇي پئي ڪٽ ڪٽي وِجهان.

(انهن ٻنهي پهاڪن جو مطلب آهي ته ڪم جي ٽيڙ ۾ اجا گهڻي دير آهي، پر اُن لاءِ تيارين ڪرڻ ۾ اجائي تڪڙ پيئي ڪجي.)

- ڪيڏانهن مُنهن مريم جو، ڪيڏانهن الهيار.

(الهيار جو ٽنڊو هڪ طرف آهي ته مائي مريم اوڏانهن وڃڻ لاءِ اُبتي ڏس ۾ پيئي هلي.)

- پائي پُورو، ليکو پورو.

(جڏهن ڪو ماڻهو، دعوت وغيره ۾ ڪاڏي پيتي جو بلڪل پورو پورو حساب رکي، جو ڪجهه به زيان نه ٿئي، تڏهن چئبو آهي.)

(2) **گُڻن موجب رکيل نالن جو ذڪر ڪرڻ:**

- جتي وجي ياڄگان، اُتي لڳيس پاڄُ.

(پاڄ ونتي (پاڄ واري) جتي وجي ٽي، اُتي سندس پاڄ به ڪيس مدد ڪري ٿو.)

- لُڏڻ ٻائيءَ پگهرو ڪيو، چنڊيندي ڏينهن ويو.

(جڏهن ڪا عورت فئشن ۽ ناهه نوهه ۾ لڳي رهي ۽ فقط پنهنجا پيئي ڪپڑا ڏسي تڏهن چئبو آهي.)

- لچمي، ڪُليڻ ڏڪٽي.

(لچمي يعني ناڙو ڪُليڻن کي ڏڪي ٿو ڇڏي.)

- گنگا گئي گنگاداس، جمنا گئي جمناداس.

(گنگا ويو ته گنگا جو پُوجارو ٽي ويو ۽ جمنا ويو ته جمنا جو پوجاري ٻڌجي ويو. هي هندي ٻوليءَ جو پهاڪو سنڌيءَ ۾ به مشهور آهي.)

(3) **گڻن جي اُبتڙ نالا ڪٽي طنز يا ٽوڪ ڪرڻ:**

- لهي لوهه به ڪونه، نالو سون ٻائي.
- لينس لوڻ ڪٽا به نه، چئي منهنجو نالو سون ٻائي.

(آهي تمام غريب عورت، پر نالو اٽس سون ٻائي.)

- بدن ۾ دمُ نهيس ڪانه، نالو زوراور خان.

(جڏهن ڪنهن ڪمزور شخص جو نالو زوراور خان هجي.)

- جاڻي اکر به ڪونه، نالو محمد فاضل.

(جڏهن ڪنهن اٽپڙهيل جو نالو 'فاضل' هُجي.)

- اکيون چُنجهيون، نالو نيناونتي.

(اکين جي آهي چُنجهي ۽ نالو اٽس سندر نيٽن واري.)

(4) **خاص شخص جو نالو ڪٽي عام حقيقت ڄاڻائڻ:**

سنڌي لوڪ ڪهاڻين جي ڪردارن کي ڪٽي ڪافي پهاڪا سنڌيءَ ۾ مشهور آهن. اُنهن ۾ ڪردارن جو مثال ڏيئي ڪنهن عام سچائي يا حقيقت طرف اشارو ڪيل هوندو آهي. هتي اهڙن پهاڪن جا

ڪجھ مثال ڏجن ٿا. اِنھن لوڪ ڪھاڻين جو بيان ثقافتي اڀياس واري باب ۾ ڪيل آھي.

- دودو ڏوڙ، چنيسر چائي، ھن جي ڪسر ھُن ۾ آئي.

(دودو ۽ چنيسر بہ پائر ھئا، جن جي وچ ۾ راڄ تخت جي ڪري جنگ لڳي ھئي. اُن ڪري عوام بيزار ٿي ھي پھاڪو چيو. مطلب تہ جڏھن ٻئي حاڪم ھڪجھڙائي نڪما ھُجن، تڏھن ھي پھاڪو ڪتب آڻبو آھي.)

- اجا اُٺ ڪِين سسُئي.

(سسئي پيرين پنڌ پنھونءَ کي ڳولھڻ نڪتي، ھُوءَ برپٽ ۽ جبل جھاڳيندي رھي. ان تي شاھ لطيف چوي ٿو تہ: "سسئي اُنن تي ھجي تہ شايد پنھنجي منزل تي پھچي وجي. پيرين پنڌ پھچڻ تہ مشڪل اٿس." مطلب تہ ڪم نھايت ئي اوکو آھي.)

- ناھي راڻو راڄ ۾، تڏھن مومل ٿي ماندي.

(مومل راڻي جي لوڪ ڪھاڻيءَ تي بينل پھاڪو آھي. ڪنھن جو محبوب وٽس نہ ھجي ۽ ھوءَ بيقرار ٿي وجي، اِن تي اِھو پھاڪو چئجي.)

- دلوراءِ جي نگريءَ جيان، ناس ٿي ويندين.

(دلوراءِ نالي ھڪ ظالم راجا ٿي گذريو آھي. سندس ظلمن جي ڪري قدرتي ڏمر ٿيو، جنھن ۾ ھُن جي راڄداني ناس ٿي ويئي. اِن طرف اشارو آھي.)

4.2.9: پھاڪن ۾ انگن جو استعمال:

سنڌي پھاڪن ۾ انگ ڏيڪاريندڙ لفظن جي استعمال کي اسين ٽن پاڳن ۾ ورھائي سگھون ٿا:

(1) تجنيس حرفيءَ ۽ تڪُ ملائڻ لاءِ.

(2) ٻن شين جي وچ ۾ فرق ڏيکارڻ لاءِ.

(3) ھڪجھڙين ڳالھين کي ھڪ ھنڌ رکڻ لاءِ.

(1) **تجنيس حرفي ۽ تُڪ ملائڻ لاءِ:**

- چگھائيءَ کي چار، ڳٽي ھڏجن موچڑا.

(ڪنھن سان ڀلائي ڪجي ۽ موٽ ۾ ھوُ نقصان ڪري، تڏھن چئجي.)

- چئن پئسن جي چٽاپيٽي، پنجن پئسن جي ملھم- پٽي.

(ڪنھن ننڍڙي تماشي کان پوءِ، اُن پنيان وڌيڪ خرچ ڪرڻو پوي، تڏھن چون.)

- پنج گنج.

(پنج آھن تہ سيڪي آھي. جڻ اسان کي وڏو ئي خزانو مليو آھي.)

- نئين ڪنوار نَوَ ڏينھن، لٽي پٽي ڏھ ڏينھن.

(ساھُري گھر ۾ جڏھن ڪنوار داخل ٿئي ٿي، تڏھن نَوَن يا وڌ ۾ وڌ ڏھ ڏينھن سندس عزت ٿئي ٿي. اُن کان پوءِ ھوءَ ٻين وانگر گھر جي ڪمن ۾ لڳي وجي ٿي. ھتي تجنيس حرفي ۽ ٿُڪ ملائڻ جو استعمال ڪيل آھي.)

- ٻارنھين ڪوھين ٻولي ٻي.

(ٻارنھن ڪوھن جي فاصلي کان پوءِ ٻوليءَ ۾ ڪجھ فرق نظر اچي ٿو.)

(2) **ٻن شين جي وچ ۾ فرق ڏيکارڻ لاءِ:**

- ٻارنھن گدرا، تيرنھن لاڳدار.

(ٻارنھن گدرا آھن تہ تيرنھن جڻا ان جو حصو گھرندڙ آھن.)

- ھڪ لٽي، سھسين پٽي.

(ڏٽي سائين ھڪ وات بند ڪري ٿو تہ انسان لاءِ ٻيا ھزارين رستا کولي ٿو.)

- اڏيلي جي پگڙي، رُپيو ٻڏاٽي.

ڪِري پوي ڪُوھ ۾ تہ ٻہ رُپيا ڪيڏاٽي.

(ڪنهن خسيس شيءِ تي جڏهن گهٽو خرچ ڪرڻو پوي، تڏهن چون.)

- هڪ/ يڪ تندُرستي، هزار نعمت

(جيڪڏهن هڪ تندرستي ماڻهوءَ کي حاصل ٿيل آهي تہ پوءِ هزار نعمتون ملن ٿيون.)

- ويري هڪڙو بہ گهٽو، سڃڻ سوين بہ ٿورا.

(دشمن چاهي هڪ هُجي، تہ بہ ڪيس وڌيڪ ليک، پر سڃڻ يا دوست سوين هجن تہ بہ اُنهن جو تعداد گهٽ سمجهہ.)

- انڌو گهرُي الله کان هڪ اک،
- پر جي بہ مِلنس، تہ ٻيو ڇا ڪپيس.

(ڪو ماڻهو جي گهٽ ۾ گهٽ ضرورت جي شيءِ چاهي ٿو، پر جيڪڏهن ڪيس اُن کان وڌيڪ اُها شيءِ ملي ٿي، تڏهن هي پهاڪو چون.)

(3) **هڪجهڙين ڳالهين کي هڪ هنڌ رکڻ لاءِ:**

سُگهڙن جا جوڙيل اهڙي قسم جا گهٽيئي ٻول يا بيت ملن ٿا، جن ۾ هڪجهڙن گڻن واريون ڳالهيون هڪ هنڌ بيان ڪيون ويندیون آهن. اِهي انگن جي ڳڻپ موجب رکيل هوندیون آهن. اِن قسم جا ٻول پهاڪن جي شڪل ۾ مشهور ٿي ويا آهن. هتي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مرتب ڪيل ڪتاب "پرولیون، ڏِنون، معمائون ۽ ٻول" مان ڪجهہ مثال پيش ڪجن ٿا:

- نہ ڪو گهرُ نہ ڪوتڙُ، نہ ڪا گهرواري.

هڪ جٽي کي نند پياري.

(جنهن کي گهر نہ هجي ۽ نہ ڪا زال هجي، اُهو اڪيلو مُڙس پلي تہ پيو نندون ڪري.)

- چنل جُتي پير ۾، گهُرُ جُهرُ ڪئي جوءِ،

اِهي ٻئي نہ هوءِ.

(چنل جُتي ۽ زال جي ڪُرڪُر، اِهي ٻئي نہ هُجن تہ چگو آهي.)

- انڌو ۽ اڻ سُونهون ٻئي هڪ آچار،

(انڌو ۽ اڻ سُونهون ماڻهو ٻئي برابر سمجهو.)

- ڏيڻ، روئڻ، ڏيهہ ڇڏڻ، ٽيئي ٽول ڏُکيا،

سي قادر پنهنجي قدر سين، هيئين هيڻ رکيا.

- حاڪم، باهہ ۽ پاڻي، اِهي ٽيئي گهٽ نہ ڇاڻ.
- مِڪو ماڻهو، گونگو مينهن، بينل پاڻي، جُهڙ جو ڏينهن، اِهي چارئي بوڙين.

(مِڪو= اندر جو ڪوٽو، مِيسِڻو)

- نہ ڪَسيئي ڪماڻ، نہ پڙيئي جماڻ،

نہ ٽپيئي ڪُوها، نہ رَميئي جُوئا.

(ڪمان ڪشڻ (چڪڻ)، ضامن پوڻ، ڪوهہ ٽپڻ ۽ جوئا کيڏڻ، اِهي چارئي ڪم نہ ڪجن.)

- ڪاچ ڪٽورو، گيهہ گهڙو، موتي ۽ من،

پڳا وري نہ ٺهن، تن جو ڪجي جتن.

(شيشي جو پيالو، گيهہ جو گهڙو، موتي ۽ من، اهي چارئي پڳا تہ وري سڃا نہ ٿين. اِن ڪري اِنهن جئني جي سنيال ڪجي.)

- ڪوري، ڪُنير، ڪڪڙ ۽ ڪانءُ،

اُٺي مينهن جئني جو وجي هانءُ.

- ڪانين کي باهہ مان، مِرونءَ کي ماهہ مان،

بخيل کي مال مان، عالم کي علم مان،

سائل کي خيرات مان، پنجني ڏَءُ نہ ٽئي.

- اڪ ٻارڻ، جَوَ توَڙُ، ڪِر ڪِريو پِتارُ،

چُنجهي زال، ٽِمِڻو گهر، اِهي پنجئي آزار.

- هڪ انڌو، ٻيو پوڙهو، ٽيون ٻوڙو، چوٽون ٻار،

پنجون بيمار، اهي پنجئي بيمار.

- هڻُ، چڻُ، قڻُ، سرُ، سُوئرُ،

اهي پنجئي ٻڌا ٻلا.

- ڪٿر ڊڳي، چَڪِرُ گھوڙو، اُٺ نہ ڪٽي بار،
  ڪُتو وڃائي ٽانوءَ ڪي، نِھائينءَ اُگھاڙي نار،
  اھي پنجئي مارِ.

ان طرح سگھڙن جا سياٽپ پريا ٻيا ٻہ گھٽيئي ٻول آھن، جيڪي سمورا يا اُنھن جا ڪجھ بند پھاڪن وانگر لوڪن ۾ مشھور آھن. ھتي ڪجھ بند مثال طور ڏجن ٿا:

- اُٺ ڪي تہ لاٽو پلو، گھوڙي ڪي تہ داٽو پلو،
  مرد ڪي تہ ناٽو پلو، معشوق ڪي تہ ماٽو پلو.
- جيڏ جو آ مِينھن پلو، سياري سندو ڏينھن پلو،
  ننڍپڻ سندو نينھن پلو، پڇري ۾ آ شينھن پلو.
- ٻني سا جا ٻنين پلي، پوک سا جا پَنين پلي،
  گھوڙي سا جا ھَنين پلي، عورت سا جا ونين پلي.
- اڪ جي سؤٽي تي، پاٽيءَ جي ڦوٽي تي،
  دل جي ڪوٽي تي، قد جي ڇوٽي تي،
  پروسو نہ ڪجي.
- سون پرکجي ڪسوٽيءَ، رُپو پرکجي باھ،
  ماڻھو پرکجي، تڏھن، جڏھن بار مٿس اڇلاءِ.

ان قسم جي ٻولن ۾ ٻہ ڇاھي انگن جو استعمال نہ ٿيل آھي، تہ ٻہ ھڪجھڙن گڏن يا وصفن واريون ڳالھيون ھڪ ھنڌ رکيون ويون آھن.

4.2.10: پھاڪن ۾ پراڻن لفظن جو ذخيرو:

سنڌي پھاڪا صدين کان وٺي سيني بسيني زباني روايت موجب ھلندا ٿا اچن. اِھي ھڪ قسم جا "سُوتر پريوگ" (مقرر ڪيل قاعدي موجب استعمال) آھن، جن جي ويا‌ڪرٽي بيھڪ ۽ لفظن ۾ ڦيرگھير ڪانہ ٿي ٿئي. اِن ڪري گھٽيئي پراڻا ويا‌ڪرٽي شڪل ۽ لفظ ڇاھي عام ڳالھ ٻولھ واري سنڌيءَ ۾ واھپي مان نڪري ٿا وڃن، تہ ٻہ اُھي پھاڪن ۾ جيئن جو تيئن قائم رھندا آيا آھن.

اُھي سنڌي پھاڪا جن جو بنياد سنڌ جي ڪِن خاص ايراضين تي آھي، يا اُنھن ۾ اھڙين شين جا نالا آھن جيڪي فقط سنڌ ۾ پيدا ٿيون آھن، اُھي پارت جي سنڌي ٻوليءَ ۾ گھٽي قدر واھپي مان نڪري ويا آھن. مثال طور: بِڏِ، ڏُٽُ (جھنگلي گاھ)، گولاڙو، (ھڪ قسم جو قل)، ڪارڙو، (لاڙ ۾ مُگن جي فصل ۾ پيدا ٿيندڙ ننڍڙو ڪارو جيت) وغيره سان واسطو رکندڙ پھاڪا ھاڻي پارت جي سنڌيءَ ۾ ڪتب نہ ٿا اچن. ساڳيءَ طرح "گوُني سدا اوُنھي"، "چاندبيا چور شابراڻي شاھد"، "چٽي چَنيجن جي وجي پُرڻ تي پيئي". اھڙا پھاڪا ٻہ پارتي سنڌيءَ مان گم ٿي ويا آھن.

اسان پراڻن ويا‌ڪرٽي شڪيلن تي ھن کان اڳ ويچار ڪيو آھي. ھتي ورڻ مالا موجب اھڙن ڪن پراڻن سنڌي لفظن جا مثال ڏجن ٿا، جيڪي پھاڪن ۾ سلامت آھن، پر عام ڳالھائڻ ٻولھائڻ ۾ اُنھن جو استعمال بلڪل ختم ٿي ويو آھي يا گھٽي قدر گھٽجي ويو آھي.

اَھو = تِير، ڪانُ (سنسڪرت ۾ اِشُ)

- اَھو ٻہ ويو تہ سَھو ٻہ ويو.
  (تير ٻہ گم ٿي ويو تہ سھو ٻہ پڄي ويو)

آڪرو = مھانگو.

- ناٽو ڏجي آڪرو، تہ گيھُ ڇو ونجي ٻاڪرو.
  (اگھ وڌو ڏجي تہ ٻاڪري کير مان نھيل گيھ ڇو ونجي؟)

آگو = پرماتما، پڳوان، خدا، ڏٽي سائين.

- ڏس آگي جا اسرار، جو عيبدار اڳي ڪري.
  (ڏٽي سائين جا عجيب کيل ڏس، جو ھُو ڪڏھن ڪڏھن عيبدارن تي مھربان ٿي کين سيني ۾ اڳيان ٿو آڻي.)

آرھڙ= گرميءَ جي مُند، تپت، اونھارو.

- آرھڙ جي تپي ڏينھن، سانوڻ جي وسندي مينھن،
  سياري جي آڏي رات، شل نہ پوي ھنگوُ تات.
  (مطلب تہ بيان کيل وقتن تي ڪاکوس جو خيال ٿئي تہ

گھٽي پريشاني ٿيندي آھي.)

آھِري = آرسي.

- انڊي اڳيان آھِري، ڪر تئو ٽنگيو آھ.

(انڊي اڳيان آرسي ائين آھي، جيئن ٽنگيل تئو)

آھِرُ = جھنگلي ماڻھو، گھٽ ذات ماڻھو.

- آھرُ ڪٽي اوبٽي، رن وجائي رنبو.

(جھنگلي ماڻھو ٿورو ڪمائي اڇي ٿ سندس زال اُن کان وڌيڪ خرچي نقصان ڪري.)

آھُ = ڪُوھ جي پرسان پاڻي ڪنو ڪرڻ لاءِ ٺھيل حوض.

- جيڪي ڪوھ ۾ ھوندو، سو آھُ ۾ پوندو.

(ڪوھ ۾ جي منو پاڻي ھوندو ٿ حوض ۾ جانورن کي ب منو پاڻي ملندو. مطلب ٿ جھڙو ڪم/ عمل ڪبو، تھڙو ڦل ملندو.)

آھُرُ = ڊورن جي ڪاڏي لاءِ ٺھيل حوض.

- آھُرُ جي آسري، جھنگ نہ چُنائون.

ڊڳيون مِينھون جھنگ ۾ چرڻ ويون، پر اُتي پورو گاھ نہ کاڌائون، آسرو ھون ٿ وٽاڻ ۾ پھچڻ تي آھُر ۾ اِن کان وڌيڪ سنو چارو ملندو.)

اُماڙ/ اُماڙي = جلندڙ ڪاني.

- ڪتيءَ کي ڪنھن اُماڙ ڏنو ھو.

سا تارا ڏسي ٿي ڊني.

(ڪُتيءَ کي ڪنھن ٻرندڙ ٻُندي ڏيکاري ٿ ھوءَ باھ ڏسي پڃي ويئي. پوءِ ٿ رات جو تارن جي روشني ڏسي ب اُن کان پئي ڊني.)

اوجھ = اوجھري، پيٽ.

- ڦاڙھو جاتي کائي، تاتي اوجھ ڏئي.

(ڦاڙھو جھنگ ۾ جتي وجي کائي ٿو، اُتي ئي پوءِ ڦاسي شڪارين ھٿان مري ٿو.)

اوٽڻُ = مدد ڪرڻ، ڪم ڪرڻ، زمين کيڙڻ.

- جنھن اوٽيو، سو ارجن.

(جنھن ڪم جي شروعات ڪئي، سو ارجن* وانگر بھادر آھي.)

اوبٽي = سُٽ ڪتڻ جي ٽڪُلي.

- آھِر ڪٽي اوبٽي، رن وجائيس رنبو.

(مڙسن ٿورو ڪمائي ٿو اڇي ٿ سندس زال اُن کان وڌيڪ خرچي نقصان ٿي ڪري.)

اوھُ = شِيردان، ٽٽن ۾ اُھو حصو جتي کير ڪِنو ٿئي ٿو.

- ھر ڪنھن کي ٻئي جي مينھن جو اوھ وڏو نظر ايندو آھي.

(ھر ڪو ماڻھو پنھنجي شيءِ جي پيٽ ۾ ٻئي جي شيءِ کي سنو سمجھندو آھي ۽ چاھيندو آھي ٿ اُھا وٽس ھجي.)

ڪر = جڙ، سمجھو ٿ.

- انڊي اڳيان آھِري، ڪر تئو ٽنگيل آھي.

(انڊي اڳيان آرسي ائين آھي جڙ ٿ تئو ٽنگيل آھي. مطلب ٿ، اڻ جاڻ ماڻھوءَ کي اُن ڳالھ مان ڪوب لاپ نہ ٿيندو.)

ڪَرَھن = ڪَلھَ، جھيڙو، وِکاند.

- جاسين لال کٽي لڻ، تاسين ڪَرھَن وجي اجھامي.

(جيسين لال لڻ کٽي لڙڻ لاءِ پھچي تنھن کان اڳ جھڳڙو ئي ختم ٿي وجي.)

ڪَلِ = ھڪ قسم جو ڊگھو ۽ گھاٽو گاھُ.

- انڊي گھوڙي ڪل ۾.

(گھوڙي اڳي ئي انڊي آھي، وري وجي ڦاٽي ڪلِ ۾، اِھا ٻاھر نڪرڻ جي وات ڪِٽان ڳولي سگھندي؟)

ڪنوات = ٻن سالن جو ننڍو اُٺ، اُٺ جو سيکڙات ٻچو.

---

* ھندُن جي رزميہ منظوم مذھبي ڪتاب "مھاپارت" جو ھڪ ھڪ ڪردار، پنجن پانڊوَن ۾ ٽيون نمبر پاءُ.

- اُٺ ٻيو ته به ٻَہ ڪنوات لهي.
(اُٺ چاهي ٻيو ٿي وڃي ته به بن نوجوان انن جهڙو ٻوجهو ڏوهي سگهي ٿو.)

ڪاڌارو= وياج تي ونڻ.

- ڪڍي ڪاڌارا، ڏئي اُڌارا.
(جيڪو وياج تي ناڻو ونڻ ۽ بنا وياج ٻين کي اڌارو ڏئي، تنهن جو هاجو ٿيندو.)

ڪارڙو= سنڌ جي لاڙ واري پاڳي ۾ پيدا ٿيندڙ ننڍو ڪارو جيت.

- مُگن ڏاندي، ڪارڙي ٽاندي،
مُگ پچي، ڪارڙو مچي،
مُگ لُئو، ڪارڙو مُئو.
(منگن جي پوک ۾ ڪارڙو پيدا ٿيندو آهي. فصل لُٽڻ تي اُهو مري ويندو آهي.)

ڪانياري = ڪاڻي يا گهُرج واري، ڍڄڻي.

- ڪانياري ٻلي، ڪوئي جي جوءِ.
(ڍڄڻي ٻلي چاهي ڪُوئي کان ڏاڍي آهي، ته به ڍپ جي ڪري هُن جي جڙ زيردست ٻڌجي ٿي وڃي.)

ڪِنگِرُ = ڪنڪر جو ڪُپڑو.

- ڪِنگِرُ ۾ ڪَڪڑا، پڙي مبارڪ.
(ڪپهه پوکڻ لاءِ ڪِنگر ۾ پاڻي وجهي اُن ۾ ڪڪڑا پسائڻ لاءِ وڏا اٽس. اجا پوک ئي ڪانه ٿي آهي ته جوءِ کي چوي ٿو ته مان ڪپهه مان توکي پَڙي ڪهرائي ڏيندس.)

ڪيهو = ڪهڙو.

- جنهن جي ساهه ڪنئي ڪَلَ نه پوي،
تنهن کي سورُ ڪيهو سلجي؟
(جنهن کي ٻئي جو دک درد سجاڻڻ جي لياقت نه آهي، تنهن سان پنهنجي سورن جو ڪهڙو حال ڪجي؟)

ڪوهُ = چا.

- گهوٽ ڪنوار رازي ته ڪوهه ڪندا قاضي؟
(جڏهن ٻه ڏريون سرچي وڃن، تڏهن ٽئين جي وچ ۾ پوڻ جي ضرورت نه آهي.)

ختما = فوت ٿيل لاءِ قرآن شريف پڙهڻ.

- جهڙا روح، تهڙا ختما.
(جهڙي درجي جو ماڻهو مري وڃي ٿو، اُن لاءِ قرآن شريف جو اهڙو دؤر ٿئي ٿو.

ڪٿوري = ڪستوري.

- خون ڪٿوري ڳجها نه رهن.
(خون ۽ ڪٿوريءَ جي خوشبوءِ ڪڏهن به لڪي نه سگهن.)

ڪلو = جُتي، موچڙو.

- ڪٽ ڪلو ته ٿئي پلو.
(ڪنهن تي جُوتو ڪٽ يعني اُن سان سختي ڪر ته پوءِ تنهنجو پلو ٿيندو.)

ڪُهِ = ڪڏ ۾، ڪوهه ۾.

- پِنئي منگڻئي گهُر هلي ته ڪُهِ اُڌاري وات.
(آلسي يعني سُست ماڻهو محنت مزدوري ڪري ڪمائڻ ڪان نٽائي ٿو. هوُ چوي ٿو ته پنڻ سان جيڪڏهن منهنجو گذر ٿئي ٿو ته پوءِ اُڌارو ونڻ يا پني چو ڪاوان؟)

ڪيٽُ = ڪيترُ، ٻني (سنسڪرت- ڪشيتر)

- جي وسي چيٽ ته اَن نه ماپي ڪيٽُ.
(جيڪڏهن چيٽ ۾ برسات پوي ته ڪيت ۾ ايترو ان پيدا ٿئي جو اُهو ماپي نه سگهي.)

ڪودڙو = ڪوتو، گڏهه جو ٻچو.

- سهسين ڪري سينگار ته به ڪودڙيءَ پٽ ڪودڙو.
(ڪميڻو چاهي ڪيترو به هار سينگار ڪري ته به اشراف ڪين ليکبو.)

گام = وِک، قدم، مفاصلو.

- آمو، ڏھ گامو.

(انبن جو وڻ ڏھن ڏھن وکن تي پوکڻ گھرجي تہ جڏھن وڻ ٽيندو تہ ميوو گھٽو ٽيندو.)

گور = قبر.

- ميان گور لائق، بيبي سيج لائق.

(مڙس قبر ۾ پورجڻ تي وڃي پھتو آھي، پر سندس زال جوان آھي، سيج تي سمھڻ لائق آھي.)

گراس = گِرھُ، کاڌي جي ڪُٽي.

- جنھن ساس ڏِنو آھي، سو گراس بہ ڏيندو.

(ڏٺي سائين انسان کي پيدا ڪيو آھي تہ کيس روزي روٽي بہ ڏيندو.)

گُڀُ = گريُ، پيٽ ۾ ٻارُ.

- اگھ ۽ گُڀَ جي سُڌ الله کي.

(ڪنھن شيءِ جي قيمت وڌندي يا ڪِرندي، گرپ يعني حمل ۾ ٻار پٽ آھي يا ڌيءُ، ان جي خبر فقط الله کي آھي.)

چڑو = گھنڊٻڌي.

- ڏلھو چڑو، وڃي گھٽو.

(ڪوڪلي گھنڊٻڌي گھٽي زور سان وڄندي آھي، جنھن ۾ لياقت نہ آھي، سو وڏو ڏيڪ ڪندو آھي.)

گھگھيرو = اِتوُن ھٽندڙ، ٽيڪ نہ ھلندڙ جانور.

- گھگھيرو گھوڙو ۽ پيٽيرو ماڻھو مھل ۾ ڪم نہ اچڻ.

(اِتون ھٽندڙ گھوڙو ۽ پيٽ قوت تي رکيل نوڪري، ٻئي وقت تي ڪم نہ اچن.)

چُوٽو = پکين کي چُڳڻ لاءِ ڏنل داڻا، کاڌو.

- چوٽو نہ اوُٽو.

(چڳڻ يا کاڌي لاءِ اناج جي ڪڏھن بہ کوٽ نہ ٽيندي آھي.)

چيري = سَوَڙ، رَضائي.

- چيريءَ آھر پير ڊگھيرجي.

(سَوَڙ جي ڊيگھ مطابق پير ڊگھيرجن مطلب تہ آمدنيءَ موجب خرچ ڪجي.)

چائِي = مٽي، ڏوڙ.

- آزمائي کي آزمائي، سو چائي منھن ۾ پاٽي.

(جيڪو آزمايل ڳالھ کي وري وري آزمائيندو، تنھن جي منھن ۾ ڏوڙ پوندي.)

جال = گھٽو، وڏيڪ.

- ڪلر منجھان ڪين ٽئي، توڙي جال پيارينس جَرُ.

(ڪلر ۾ پوک لاءِ چاھي ڪيترو بہ گھٽو پاٽي وجھ، تہ بہ اُن ۾ ڪابہ پوک نہ ٽيندي.)

جِگُرُ = جھنگلي وڻ جو قسم.

- جگر ۽ جار اگھ مڙيئي ھِڪڙو.

(جَگُرُ ۽ جار، ٻئي جھنگلي وڻ آھن. جَگُرِ جا ڦل جاڳورا ۽ جار جا ڦل پيرُون آھن. جَگر جي ڪاٺي مضبوط ۽ جار جي ڪمزور ٽيندي آھي.)

جھارِ = پکي، پکين جو جُھنڊُ.

- جاڏي پوي جھارِ تاڏي ڳوڙھو نہ ھٽي.

(بَنيءَ ۾ جتي پکي وينا آھن، ھاري اُتي غُليل نہ ٽو ھٽي، پر ٻئي پاسي ٻيو ڳوڙھا اُڇلي. مطلب تہ صحيح طرف ڪوشش نہ ڪندڙ لاءِ ائين چئبو آھي.)

ٿُوئو = يُونگي جي چت اَڏڻ لاءِ سُڪل گاھ، پَکو.

- اَڏي کاڻُ پڏي ٿُوئو، وچ واري کي لڳي سُوئو.

(يُونگي جي اَڏاوت ۾ اندر تہ کاڻ ٽو ڪم ڪري، پر ٻاھران کاڻ تي رکيل گاھ ٽو نظر اچي. يُونگي جي سُونھن ڏسي وري تِياڪُڙ جلن ٿا.)

ٿوھُ = جھنگلي ول جو ڦل، ننڍڙي گدري جھڙو پر سواد ۾ ڪوڙو ٿئي.

- سُھٽا ٿوھَ پَٽن ۾ گھٽا.

(ٻاھران سونھن ڏسي اُن تي پنيلجي نہ وڃ. خبر ناھي تہ ھو اندر جو ڪيترو ڪارو ھجي.)

ٿوڙھو = نوڙي، رسي.

- ڪتو ۽ ڪُپاٽ ٿوڙھي ساڻُ ٽِپائجي،
ساڌ ۽ سُپاٽُ وھارجي وچ ۾.

(ڪتي ۽ ڪُپاٽ کي نوڙيءَ تان ٽپائي پڄائي ڪڍجي، پر ساڌ سنت ۽ سپوت پُٽ کي سڏي وچ ۾ وھارجي.)

ڍاءُ = ڊَپ، پَئُ.

- ڍِڃ تنھنجي ڍاءَ، جنھن جي وائيءَ ۾ وَر گھٽا.

(اُن شخص کان تون ڊپ ڪر، جيڪو ٺڳُ يا دوکيباز آھي.)

ڍِس = ڍِشا، طرف.

- ڍِس ڪاٽيءَ کان اک ڪاٽي چڱي.

(ڪنھن سان بي ايماني يا دوکو ڪجي، اُن کان بھتر آھي تہ پاڻ نقصان سَھجي.)

ڍُچَر= گھٽ ۽ خراب ڪائينڊڙ.

- ڍُچر گھوڙو ۽ سُچر زال، ٻئي ٻنِ پيا.

(گھٽ ۽ خراب گاھ ڪائينڊڙ گھوڙو ۽ گھٽو ڪائينڊڙ زال ٻئي نيڪ نہ آھن.)

ڍُٽُ = ٽر ۾ پيدا ٿيندڙ ھڪ قسم جو جھنگلي اناج.

- آٽين ۽ چاڙھين ڍُٽ ڍَھاڙي سومرا.

(اي سومرا، منھنجا مائٽ غريب آھن، اُھي روز جھنگلي اناج ڪَنو ڪن ۽ رڌي کائين.)

ڍينو = ڏاتوُري يا ڪپھ جي گُل جو ڪوپو.

- ڏاتُوري ڏاري جي ڪجي ڪار ڪماند جي،
تہ ۾ اصل انھي پار جو ڍينا ڍيڪاري.

(ڏاتورو ھڪ جھنگلي ۽ زھريلو ٻوٽو آھي، جيڪو جھنگ ۾ پاٽيھي پيدا ٿئي ٿو، پر جيڪڏھن ڪو ماڻھو اُن کي ڪمند جي پوک وانگر گڏ ڪري پاڻ ۽ پاڻي ڏئي، تہ ۾ منجھانئس ڦل اُھو ئي ساڳيو ڏاتوري جا ڍينا ئي نڪرندا. مطلب تہ ڪنھن نيچ ماڻھوءَ سان ڪيتري ۾ پلائي ڪر تہ ۾ ھُو پنھنجي ڪميڻائپ نہ ڇڏيندو.)

ڏوم = لنگھو.

- لک ڪٽيا ڏومڻي، جو ڏوم سلامت آيا.

(ڏومڻيءَ لک ڪٽيا، جو ھن جو مڙس ڏوم سھي سلامت موٽي گھر آيو. ڪمائي نہ ٿئي پر موڙي سلامت بچي، تڏھن چون.)

ڏَڪِيو = آسرو، سھارو، ڪنھن پير يا اوليا جو آستانو.

- تڪيا سي تڪيام، توڙي تڪيو ناھي ڪو.

(سي سھارا مون ڳولي جاچيا، پر ڏٺي سائين کان سواءِ ٻيو ڪوبہ بھتر سھارو نہ آھي.)

ڏَوڙِ = رات ڏينھن جو ڪاڏو، روزانو قوتُ.

- ڏَوڙ جي تڪرار سان سڏُ جنھن کي ھوءِ،
منجي اُتي جوءِ، وجي تنھن کي وسري.

(روزاني گذر لاءِ ۾ جيڪڏھن ڪنھن کي ٿورو ڪاڏو ۾ نہ ملي سگھندو تہ پوءِ منجي يعني تي گڏ وينل جوءِ ۾ ڪانئس وسري ويندي.)

ڏوھُ = مھرباني، ڪرپا.

- شُڪر ڪر سھي تہ توءِ سان ڏوھُ ٿئي.

(تون ڏٺيءَ جي رضا تي راضي رھُ تہ پوءِ ھميشہ ھُن جي مھر تو مٿان ٿيندي رھندي.)

ڏَئن = ندي، جبل تان وھي ايندڙ تيز برساتي ندي.

- نئن ۾ تکي، ڳُڙ ۾ منو.

(رندي ۽ تيز رفتار سان پيئي وهي، پر ڪُڙ ۽ منو آهي. سو ماڻهو مقصد جي حاصل ڪرڻ لاءِ تڪليفون سهي اُن تائين پهچي ٿو.)

نَڪَڻ = نڪشتر، تارا.

- ڪاٽيءَ جي وهاڻءَ ۾ نڪڻ گهٽا.

(عيبن واري يا ڪمزور انسان جي ڪم ٽيڙ ۾ گهٽيون رندڪون پونديون آهن.)

نائو = جنڊ اُگهڙ لاءِ ڪپڙي جو ٽڪرو.

- پٽُ پراڻو، ته ۽ ڪو جنڊ جو نائو.

(ريشمي ڪپڙو چاهي پراڻو ٿي وڃي ته ۽ جنڊ اگهڙ ۾ ڪتب نه آڻبو.)

نيوالو = گِرهُ.

- چاڪريءَ چورُ، نيوالي حاضر.

(ڪم مهل پڄي وڃي ۽ ڪاڏي مهل اچي حاضر ٿئي.)

پَئِ = مُڙس.

- پَريو مڙس پَئِ نه ڪجي، وجائجي نه وهي.

ڪٽڪن ۾ لابارا پوندا ته ماريو پوندو ڏهي.

(مطلب ته ڪنهن جوان چوڪريءَ کي ٻُڌي سان شادي نه ڪرڻ گهرجي، اُن سان سندس زندگي خراب ٿي ويندي.)

پَٽُ = درياهي ناريل جو اڌ ڪوپو.

- جيڏو پٽُ، تيڏي بکيا (خيرات).

(جيڏو پَٽُ هوندو، فقير کي خيرات ۽ اوتري ملندي.)

پَلِي = ان رکڻ جي جاءِ.

- ان پلي، ذات پلي.

(جنهن وٽ اَن جي پلي آهي، يعني جيڪو پئسي وارو آهي تنهن جي ذات ۽ اُوچي ليکجي ٿي. سڀ ڪيس مانُ ڏين تا.)

پَهِيرُ = ٻنيءَ چوڌاري اَن جي بچاءُ لاءِ لوڙهو يا گهيرو.

- پَهِيرُ چورُ ٿئي ته واهي ڪير وهي؟

(جيڪڏهن بچاءُ لاءِ نهيل لوڙهو ئي فصل کي نقصان پهچائي ته پوءِ ٻيو ڪير مددگار ٿيندو؟)

پارڻُ = پالڻ.

- پاڻ نه پاري، ڪُتا ڏاري.

(پاڻ کي پالي نه ٿو سگهي ۽ هليو آهي ڪتا پالڻ.)

پاهَڻُ = پٿر (سنسڪرت = پاشاڻ)

- پاهڻ ڪُونئرا هئا ته هُوند گدڙن کائي ڇڏيا.

(پٿر نرم هجن ها ته جيڪر گدڙن جهڙا گيدي جانور ۽ اُهي کائي ڇڏين ها.)

پاهوڙو = لِڏِ وغيره ڪٽڻ لاءِ ڪاٺ جي ڪوڏر.

- مڙس جو پاهوڙن سان ميڙي آڻڻ،

زال جو سُئيءَ سان ڪوٽي ڪيڻ.

(مُڙس گهٽوئي ڪمائي اچي ٿو ۽ سندس زال اُن کي ڪفايت سان خرچي ٿي.)

پِراچت = پرايشِچت، پڇتاءُ.

- پاپ جي مايا، پراچت جاءِ.

(پاپ، نڪِيءَ سان ڪمايل دولت پاپ جي پرايَشچت ڪرڻ ۾ ئي ناس ٿي ويندي آهي.)

پِندو = ٽوڪري.

- ڪُگر ڪُگر پندا اڙيا.

(پساري ڪُگر وڪڻڻ لاءِ پندي ۾ رکيو ته اُهو پندي کي چنبڙي ويو. پندو ڪُگرُ مان اڙجي ويو.)

پُٽائِڻُ = بدنام ڪرائڻ، گِلا ڪرائڻ.

- بچڙو ڪُتو، ڏني پُٽائي.

(بچڙو ڇتو ڪتو ٻين کي ڏاڙهيندو ته ٻيا ماڻهو ان ڪتي جي مالڪ کي گاريون ڏيندا.)

پيٽيرو= فقط پيٽ لاءِ ٿوري ڪاڌي تي ڪم ڪندڙ نوڪر.

- گھڳھيرو گھوڙو ۽ پيٽيرو ماڻھو،
مھل ۾ ڪم نہ اچن،

(اِتوُن ھٽندڙ گھوڙو ۽ پيٽ قوت تي ڪم ڪندڙ نوڪر وقت تي ڪم نہ اچن.)

قُلِھيرَ = رک، چار.

- قِلھير ۾ ٿو قوڪون ڏئي.

(رک ۾ ٿو باھ ٻارڻ لاءِ قوڪون ڏئي. مطلب تہ اھڙا ڪم ٿو ڪري، جن مان مقصد حاصل ڪونہ ٿيندو، اُلٽو نقصان ٿيندو.)

بُربَلا = ٽلھا، ڳوڙا.

- پراٽي ڳوٽري بُر بَلا ٽڪا.

(پراٽي ڳوٽريءَ ۾ جيڪڏھن ڳوڙا ۽ گھٽا سِڪا وجھبا تہ ضرور ڦاٽندي.)

بِگھُڙي = پوک جي لاءِ زمين ٽڪري.

- گھٽ پيٽاري بِگھڙي، ڪائي ويئي جھار.

(گھٽن جي پائيواريءَ وارو فصل ڪوبہ نہ سنياليندو، اُن کي پکي ڪائي ويندا.)

بھُون= گھٽو، وڌيڪ (سنسڪرت = بھُ.)

- اندر بِڈّ بھُون ٻاھر آٽڻُ اَن جو.

(اندر سادي جھنگلي گاھ جي پاڻن جو چورو آھي، باھر فقط ڪٽڪ جي اٽي جو آٽڻ لڳل آھي.)

ٻاروتا = ٻار جا ڪپڑا.

- ٻارُ ٻاروتڻ ۾ ئي پڌرو.

(ٻار سنو ٿيندو يا خراب، اِن جي ڄاڻ تڏھن پئجي ويندي آھي، جڏھن ھو پنھنجن ٻاراڻن ڪپڑن ۾ ڊڪيل ھوندو آھي.)

بِڈّ = لاڙ ۾ پيدا ٿيندڙ گاھ جي پاڙ، جيڪا ماڻھو ڏُڪر جي وقت پيھي کائين.

- اندر بِڈّ بھون ٻاھ آٽڻ ان جو.

(اندر تہ بِڈّ جو چورو آھي، پر فقط ڪٽڪ جي اٽي جو آٽڻ لڳل اٽس.)

پاڻُ = وڻاڻ، جاءِ.

- يُلي يُلي پاڻِ آئي، سا بہ نہ يُلي.

(ڳئون، مينھن وغيرہ، جيڪڏھن سڄو ڏينھن پٽڪي پٽڪي شام جو پنھنجي وڻاڻ تي پھچي وڃي تہ ان کي پٽڪيل نہ چئبو.)

مڌُ = شراب، مدِرا.

- مڌُ پيئڻ، ذات پرکڻ.

(ماڻھو شراب پيئڻ کان پوءِ جيڪي دِل ۾ اٽس سو بکي ٿو، اُن وقت سندس ذات ظاھر ٿي پوي ٿي.)

مَيو = مُھاڙو، مڇيون مارينڊ.

- جيڪي ڏُسي جارُ، سو جي ڏُسي مَيو تہ ڦاٽي مري.

(جار ۾ جيڪي مڇيون ڦاسن ٿيون، تن مان گھڻيون ڪِسڪي پڃي ٿيون وڃن، جيڪڏھن مھاڙو اُھو سڀ ڏُسي تہ جيڪر خوشيءَ وچان چريو ٿي پوي.)

منبُ = منترُ.

- جاڻي وڃونءَ جو منبُ بہ نہ،
ھٿ وجھي ٿو نانگن جي ٻرن ۾.

(مطلب تہ خطري جا ڪم ٿو ڪري، پر پنھنجي بچاءُ جو اُپاءُ نٿو جاڻي.)

مارنگُ = چُلھ تي دانگيءَ ھيٺان رکڻ لاءِ پِترُ.

- گھر جو پيرُ، چلھ جو مارنگُ.

(گھر جي وڏي ماڻھوءَ جو بہ قدر نہ ٿيندو آھي.)

مُھابو = لحاظ.

- مُلو مُئو، مُھابو لٿو.

(جيسين تائين مُلي وٽ ڇوڪرا پڙھن پيا، تيسين تائين ھُن جو لحاظ ڪن ٿا. مُلو مُئو تہ پوءِ ڇوڪرن اُستاد جو لحاظ ڪرڻ بہ ڇڏي ڏنو.)

مُھارو = سُھاڳ رات ماڻڻ لاءِ گھر ۾ ور- ونيءَ (زال مڙس) جو ڪمرو.

- آھاري وھنواري گھوٽ مُھاري، لڄا ڪري تہ ھاري.

(ڪائڻ پيئڻ، وھنوار ڪرڻ ۽ مُھاري ۾ جنھن لڄ شرم ڪيو، سو پنھنجو مقصد حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب نہ ٿيندو.)

رَڇُ = وڏو باسڻ (برتن/ ٽانءُ).

- اجا مينھون جھنگ ۾، ڏوئي ڏاريائون رَڇُ.

(مينھون اجا تائين جھنگ ۾ پيون چرن، تہ پنيان ميھارن ٽانءُ ڏوئي ڪيرُ ڏھڻ جي تياري شروع ڪري ڇڏي آھي.)

رڙا = سخت ڇٽا جيڪي رڌڻ تي بہ نہ ڳرن.

- رڙا ڪين رجھن، توڙي ٻارڻ ٻارن ٻُرا.

(ڇاھي تون ٻيٽيون ڪانيون ٻار تہ بہ رڙا نہ رجھندا. مطلب تہ خراب ماڻھوءَ کي سمجھائڻ تي بہ مٿس اثر نہ ٿيندو.)

رَنبو = گاھ ڪوٽڻ لاءِ اوزار.

- آھِرُ ڪٽي اوبٽي، رن وڃائي رنبو.

(اڻ ڄاڻ جھنگلي ماڻھو ٿورو ٿورو ڪمائي اڇي تہ سندس زال گھٽو خرچ ڪري نقصان ڪري.)

رائر= راجڪر، ڊل، ٽئڪس.

- رٽي ۽ رائر جو، سڌُ جنھن کي ھوءِ،
منجي اُتي جوءِ، وجي تنھن کي وسري.

(قرض ۽ ڊل جي ادا ڪرڻ لاءِ جنھن کي سڌ ٽئي ٿو، تنھن کان ڪٽ تي گڏ وينل پنھنجي جوءِ بہ وسري وڃي ٿي.)

رائِرو= راجا جو.

- رائِري گھران گيھُ، جھلجي پاند ۾.

(راجا جي گھران جيڪي خيرات ۾ ملي سو خوشيءَ سان قبولجي.)

رِڻو = قرض.

- رِين ۽ رائر جو سڌ جنھن کي ھوءِ،
منجي اُتي جوءِ، وجي تنھن کي وسري.

(قرض ۽ سرڪاري ٽئڪس جي ادا ڪرڻ لاءِ سڌ ٽيڻ تي ماڻھوءَ کان ڪٽ تي گڏ وينل پنھنجي جوءِ بہ وسري ويندي آھي.)

رينگٽ = نار جي ھلڻ جو آواز.

- وھي نہ وھي وٽ رينگٽ کي.

(نار جي ھلائڻ سان پاڻي وھي يا نہ وھي، پر نار جي ھلڻ جو آواز تہ پيو ٻڌجي.)

رُومي = جؤر ھٽائڻ کان پوءِ رت ڪيڻ لاءِ اوزار.

- رت ڏسي رُومي ھٽجي.

(جتي رت آھي اُتي رومي ھٽي اُھو ڪيجي، مطلب تہ جتان شيءِ ملڻ جو امڪان آھي، اُتي ڪوشش ڪجي.)

لاس = رسُ، گوشت جو ٻوڙ.

- پرائي آس ڪُني جي لاس.

(ٻئي جي آس تي ويھڻ سان ڪڏھن ڪم نہ ٿيندو.)

وَڇُ = وَڇڙو. (سنسڪرت = وتس).

- مَيھر مينھُن مان نڪتو، وڇِ ڪھڑي پارت؟

(ميھار جيڪڏھن مينھن کي ڇڏي نڪتو آھي، تہ پوءِ وڇُن جي سنيال لاءِ ڪھڑي پارت ڪندو؟)

وريام = وِير، بھادر.

- جاتي پُڄي نہ سگھجي، تاتي پڄڻ ڪم وريام جو.

(سياڻي ماڻھوءَ کي ڪپي ته، جيڪڏھن دشمن سان پُڄي نه ٿو سگھي ته پوءِ ھُن کان پڄي ڪنارو ڪري پُٺ تي ھليو وڃي.)

واھيرو = آڪيرو، گھونسلو.

- اُھي وڻ ۾ ويا، وھيرا ۾ ويا.

(اُھي وڻ ۾ ھليا ويا ته اُنھن تي ڏينھل پکين جا آڪيرا ۾ ناس ٿي ويا. مطلب ته اُھي سڀ ڏينھن گذري ويا.)

وِھُ = زھر، وِکُ. (سنسڪرت: وِش)

- وِھُ وڌجي، سو وِھُ مان کائي.

(جيڪي زھر وڌڻ ڏاڻ، سي اُن تي واپار مان ۾ ڪمائي کائين ٿا.)

وِيچائڻ = ويچار ڪرڻ، سوچڻ.

- اِياڻو چوي، سِياڻو ويچائي.

(نادان کا ڳالھ چوي ٿو ته سياڻي کي گھرجي ته اُن تي پوري طرح ويچار ڪري ويساھ ڪرڻ گھرجي.)

ويجُ = حڪيم، وئد.

- پنھنجي ڪَئي جو نه ڪو ويج نه ڪو طبيب.

(پنھنجي ھٿان جيڪا غلطي ٿئي ٿي، اُن کي ٻيو ڪوبه سڌاري نه ٿو سگھي.)

ويڻُ = وچن، ٻول.

- ننڍي واتان، وڏو ويڻ نه ڪيجي.

(مطلب ته ماڻھوءَ کي سنيالي ڳالھائڻ گھرجي، جيئن ٻين کي ڏک نه ٿئي.)

سنگڻُ = سنڪٽ، رُڪاوٽ.

- ڪاٽيءَ جي وِھانءَ ۾ سنگڻ گھٽا.

(ڪمزور يا وِڏ واري انسان جي ڪم پوري ٿيڻ ۾ گھٽي ئي رڪاوٽون پون ٿيون.)

سندو = جو.

- ڳالھين سنديون ڳالھيون، ٽڪي سندا موڻ.

(جيڪو ڳالھيون ڪري ٿو، اُن جو ڪم نٿو ٽئي، پر جيڪو ڪنھن ڪم لاءِ اڳواڻ پئسا ڪنا ڏئي ٿو، تنھن جو ڪم ٽئي ٿو.

ساھِ = زيورن جو سيٽ.

- اُھا ساھِ ئي گھوري، جا سِرُ ٽڪي.

(اُھي مڙيا ۽ زيور ئي ڪڏ پون، جن جي پائڻ ڪري جان کي خطرو ٽئي ٿو.)

سِياندري = ويجھي حد، ويجھي مٽي مائٽي.

- سوڙھي سِياندريءَ، وھنوار نه ڪجي.

(ويجھي مٽي مائٽي يا دوستيءَ ۾ وھنوار نه ڪجي، اُن مان ڪلفت ٽيڻ جو انديشو آھي.)

سيئن = سيما، حد، دنگ.

- سڀر سان سيئن ڪبي ڪيئن.

چوندو جيئن، ٽيندي تيئن.

(ڏاڍي سان زمين جي حد وغيره تي ڪيئن جھگڑو ڪبو؟ جيئن سڀل يعني ڏاڍو مڙس چوندو، تيئن فيصلو ٽيندو. مطلب ته ڏاڍي سان ھيئين واڻ ونڻ گھُرجي.)

سينگ = ڪمان، ڏنُش.

- صبر جنين جي سينگ، تير نه ڳُسي تن جو.

(جنھن صبر جو سھارو ورتو آھي، اُھي پنھنجي مقصد تي ضرور پھچندا.)

سُچرُ = گھٽو ڪائيندڙ.

- ڏُڃر گھوڙو، سُچر زال ٻئي ٻن ٽيا.

(گھٽ ۽ خراب گاھ ڪائيندڙ گھوڙو ۽ گھٽو ڪائيندڙ زال ٻئي ڪڏِ پون.)

سيڌائڻ = سِکڻ، نهارڻ.
- ستي ٿي سيڌائي، لُنبي ٿي کائي.
(شريف عورت پيئي پنهنجي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ سکي، ٻئي طرف ڪميڻي عورت پئي موجون ڪري.)

سيتِي = سان، گڏ.
- کيتي سِر سيتي.
(کيتي اُها سڀ ٿيندي آهي، جيڪا ماڻهو پاڻ پنهنجي محنت سان ڪندو.)

سيلهه = ڪنڌا.
- جي پوندا سوڙهين، سيلهه ۾ لڳندا تِن.
(جي اوکن رستن تي ويندا، تن کي ڪنڌا ۾ سهڻا پوندا.)

هَسُ = ڳچيءَ ۾ پائڻ جو ڌُلهو سونو زيور.
- اَن جو واپار هَسَ مان چلو، چلي مان هَسُ ڪري.
(ان جي واپار ۾ ڪڏهن گهٽو لاڀ ته ڪڏهن گهٽو گهاٽو ٿيندو آهي.)

هُرائي = هلڪڙائي، هلڪي حالت/ طبيعت.
- هر هر هُرائي، وڃڻ در دوستن جي.
(دوست وٽ ۽ هر گهڙيءَ نه وڃجي اِن ۾ هلڪائي آهي. هر هر ڪنهن وٽ وڃڻ سان بي عزتي ٿيندي آهي.

4.2.11 سنڌيءَ جي لهجن جا پهاڪا:

سنڌيءَ ۾ جدا جدا لهجا ڳالهايا وڃن ٿا. اُنهن مان وچولي سنڌيءَ جي ايتري قدر ارتقا ٿي ويئي، جو اُها تعليم ۽ ادب جي ميدان ۾ ڪتب اچڻ لڳي. انگريز سرڪار سنڌ تي 1843ع ۾ قبضو ڪرڻ کان پوءِ اِن علائقي جي انتظامي، سماجي ۽ ٻين ڳالهين بابت سڌارا ڪرڻ شروع ڪيا. سنڌي ٻولي جدا جدا لپين ۾ لڳي ويندي هئي، جن مان عربي سنڌي لپي ضروري سُڌارا ڪري، اُن کي پَڪي شڪل عطا ڪري، سرڪار اُن ۾ درسي ڪتاب ڇپائڻ شروع ڪيا. حڪومتي ڪاروبار

۾ ۽ فارسيءَ جي جاءِ تي سنڌي ٻوليءَ ۾ لکپڙهه ڪرڻ کي همٿايو ويو. جيئن ته درسي ڪتاب تيار ڪندڙ تعليمدان گهٽو ڪري وچولي سنڌ ۽ ساهتي ايراضيءَ جا هئا. اِن ڪري وچولي سنڌيءَ کي ادبي درجو حاصل ٿي ويو، پر ٻين لهجن جو زباني طور ته لاڳيتو استعمال هلندو پيو اچي. چاهي اُنهن کي لکيل ادب ۾ جاءِ نه ملي سگهي آهي.

پهاڪا زباني روايت ذريعي مشهور ٿيا آهن. اِن ڪري اُنهن ۾ وچولي سنڌيءَ سان گڏ ٻين لهجن جا پهاڪا ۽ اسان کي ملن ٿا. اُنهن ۾ خاص طور سرائڪي لهجي جا پهاڪا گهڻا آهن. اُتر سنڌ جي سرائيڪي لهجي ۾ صوفي درويشن پنهنجو ڪلام ۽ چيو آهي. اُن کان سواءِ ٺري (ڏاٽڪي) ۽ ڪچي لهجن جا ۽ گهڻي ئي پهاڪا سنڌ جي ٻين ايراضين ۾ مشهور ٿي ويا آهن. هتي سنڌ جي لهجن جي ڪجهه پهاڪن جا مثال پيش ڪجن ٿا:

(الف) سرائيڪي پهاڪا:

- ٻلي شير پڙهايا، قِر ٻلي ڪون کاوڻ آيا.
(ٻلي شينهن کي پڙهايو ته شينهن قري وري ٻليءَ کي کائڻ لاءِ آيو.)
- ماءُ ڄڻيسين ٻچڙي، وند نه ڏيسين پاڳ.
(ماءُ ٻچڙن کي جنم ڏيندي آهي، پر پاڳ ورهائي نه ڏيندي آهي. ان جو سنڌي روپ ۾ مشهور آهي: "ماءُ ڄڻندي پُٽڑا، پاڳ نه ڏيندي وند".)
- پاڻ نه پلي ڏُوجهيان متيان ڏيوي.
(پاڻ کي براين کان پري نٿو ڪري، پر ٻين کي ڪُڏا ڪم نه ڪرڻ جو نصيحتون ٿو ڪري.)
- شينهن نه ويڪيائي ويڪ ٻلاڙا،
چور نه ويڪيائي ويڪ سونارا.
(شينهن نه ڏٺو اٽئي ته ٻلو ڏس، چور نه ڏٺو اٽئي ته سونارو ڏس. سونارو پنهنجي ماءُ جي نڪ مان ۾ سون

چوري ڪري وڃندو آھي.)

- لُڇان چوران پت نہ ڪائي، توڙي ھوَن سڳي پائي.

(لُڇن ۽ چورن تي ذرو بہ ويساھ نہ ڪجي، چاھي ھو پنھنجا سڳا پائر ڇونہ ھجن.)

- مينھان اُنان دا ڪيھا ميلا، اوُ چرن جھنگ تي اوُ چرن ٻيلا.

(مينھن ۽ اُنن جو پاڻ ۾ ڪھڑو ميلاپ ٿي سگھندو؟ ھو چرن جھنگ ۾، تہ ھُو چرن ٻيلن ۾.)

- اپڻي گھوٽ تہ نشا ٿيويئي.

(پنھنجي گھاٽي ينگ گھوٽي پيءُ تہ نشو ٽِئيئي. مطلب تہ پنھنجي محنت ڪر.)

- اپڻا مال ھَئہ، روسان پي ڪاسان پي.

(پنھنجو مال آھي؛ چاھي اُھو سنو نہ آھي، اِن ڪري روئيندس بہ تہ ڪلندس بہ. ھڪڙي ماڻھوءَ پئي ڪچن بصرن سان ماني ڪاڌي. بصر تيز ھئڻ ڪري، اُن جي اکين مان پاڻي بہ پئي وھيو تہ ھُن ماني بہ پئي ڪاڌي. اِن تي اھو پھاڪو چيائين.)

- بي شرمي دي سيري ڪَنون ساڳ سرنھن دا چوڪا.

(بي شرم ٿي سيرو ڪائڻ ڪان چڱو آھي تہ پنھنجي گھر ۾ سادو سرنھن جو ساڳ ڪائجي.)

- قرندي گھرندي نامردان دي، مردان دي ھئہ اِڪ.

(نامرد پنھنجي ڳالھہ تان بار بار پيا قرندا آھن، پر مرد ھڪ ڳالھہ تي اٽل ھوندا آھن.)

(ب) ٿري لھجي جا پھاڪا:

- لنب مکڻ چنب

(لنب نالي گاھہ ڪائڻ سان ڍڳيون مکڻ جام ڏيندیون آھن.)

- ڪدڙن جا اوتارا، ڪنيارن جي گھر.

(ٿر ۾ ڪدڙا ڪنيارن جي گھر ۾ ٽڪندا آھن.)

- سنپت آھي برڪت.

(ٻڌي يا ايڪتا ۾ برڪت آھي.)

- وُنو تہ ٿر، نہ تہ بر.

(برسات پئي تہ ٿر ۾ سُڪار ٿيندو آھي، نہ تہ اُھو برپٽ آھي.)

- اونگھہ، آرسُ، اوباسي، تيني روڳ رِي ماسي.

(ننڊ، سُستي ۽ اوباسي، اِھي ٽيئي بيماريءَ جون ماسيون آھن.)

- پلو نہ پاڻيجو، پيڙي نہ رَکجي بوُئا.

اسَتِري نون انت نہ ڏيجي، تينين رکجي جوئا.

(نکو پاڻيجو پاڻ سان رھائڻ چڱو آھي، نکو پُڇيءَ کي پاڻ سان گڏ رھائجي. نکو زال کي پنھنجو مُنجھہ ڏجي، اِھي ٽيئي جدا رکجن تہ سُنو آھي.)

- جينو گھر گيھي نہ رَکِئي، پادورو ڪپاس،

ديئان گھر، بَھوُئان پيھر، اتني رکيئي وڻاس.

(جيڻ واري مھيني جو گيھہ، بَدي مھيني جي ڪپھہ، ڪنواري ڏيءَ گھر ۾ ۽ نونھن پنھنجي پيڪن ۾، اِھي چارئي پنھنجي گھر ۾ نہ رکجن، ڇاڪاڻ تہ اِن سان ڏڪ پيدا ٿئي ٿو.)

- رُوکا پوڄن، پُون پوڍ، ڪرھہ ڪميٽي نار،

چوٽا ميلي ڪپڑي، نرڳ نشانيون چار.

(اٽيو ڪاڌو، زمين تي سُمھڻ، جھيڙيڪار عورت ۽ ميرا ڪپڑا، اھي چارئي نرگ (دوزخ) جون نشانيون آھن).

- مينھن موران، بن ڪُونجران، آنبان ڏار سوُئان،

ويڙ سڃڻ، جنم پومي، وسرسي موُئان.

(مورن کي مينھن، ڪونجرن (ھاٿين يا ڪونجن) کي جھنگ، طوطن کي انبن جو ڏار، سڃڻ جو طعنو ۽ پنھنجو وطن، اِھي پنجئي مُئي کان پوءِ وسرن.)

- شاھ وچنُ، شينھڙ گمن، ڪيلو ڦري اِڪ وار،
ترِان تيل، ھمير ھنُ، چڙھي نہ ڏوجھي وار.
(شاھ جو وعدو، شينھڙ جو ويامڙ، ڪيلي جي وڻ ۾ ڦل لڳڻ ترِن مان تيل ڪيڍ ۽ ھمير (بادشاھ) جو ھڻ، اھي پنجئي ھڪ پيرو ٿين.)*

(ج) **ڪچي پھاڪا:**♥

- عقل وِراڻِي، تڏين اٽي چاڻِي جلين.
(جڏھن عقل ٿي وِرھايو، تڏھن ھُن اٽي- چاڻي يعني پرڻُ جھليو ھو. مطلب تہ بيوقوف آھي.)
- اڪ ڪاڻي ڪجي، پڙ ڏِس ڪاڻي نہ ڪجي.
(اڪ ڪاڻي پلي ٿئي، پر ڪنھن سان دوکو نہ ڪجي.)
- انڊي ڏري، ني ڪُتو کايہ.
(انڊي وينِي اَنُ پيھي ۽ اُھو ڪُتا وينا کائين.)
- انڊي جي موُن تين، انڊو نہ چاجي.
(انڊي جي مُنھن تي، ڪيس انڊو نہ چئجي.)
- انڊو ھنگي ني ڏونيہَ ڪي ڪوٽي ڪري.
(انڊو ھنگي ۽ بن کي ڪوٽي ڪري. پيٽيو: انڊو ھنگي ۾ سيڙائي.)
- آپ ڦاٽي، تڏين ٽِگڙو نہ اچي.
(اُپ ڦاٽي کي اڳڙي نہ لڳي.)
- ڪم، ڪم کي سِکايہ.
(ڪم، ڪم کي سيکاري ٿو.)
- ڪِڏان راجا يوج ني ڪِڏان گنگو تيلي؟
(ڪيڏانھن راجا يوج ۽ ڪيڏانھن گنگوُ تيلي؟)

* بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، "پرولين، ڏِنون، معمائون، بول"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، سنڌ، 1965ع.

♥ ڪاراڻي، ڏُليراءِ، 'سارٺ ڪچي ڪھيوَتو' گجرات راجيہ لوڪ ساھتيہ سميتي، احمد آباد، 1975ع.

- ڪُني اوٽنڊي، تہ پِنڊ جا ڪننا کينڊِي.
(ڪَني اُيامندي تہ پنھنجا ڪنا کائيندي.)
- ڪويَلين جي ڏلالي ۾ ڪارا ھات ٽيئين.
(ڪوئلن جي دلاليءَ ۾ ھٿ ڪارا ٿين.)

4.2.12: سنڌيءَ ۾ آڳاٽين ٻولين جا پھاڪا:

سنڌي، ھند- آريائي ٻولين جي ڪٽنب جي ٻولي آھي. اِن ڪري اُن کي سنسڪرت، پالي، پراڪرت ۽ اَپڀرنش ٻولين جا چگا ئي پھاڪا وراثت ۾ مليا آھن. ٻئي طرف ڏسجي تہ انين عيسوي صديءَ ۾ اسلام جو ڦھلاءُ سنڌ ۾ شروع ٿيو. 712ع ئي کان وٺي 1843ع تائين سنڌ جو ڳڇ حصو مسلمان حاڪمن جي ھٿ ھيٺ ھو. اِن ڪري اول عربيءَ ۽ پوءِ فارسيءَ جو سنڌي ٻوليءَ تي گھڻو اثر ٿيو. اِنھن سببن جي ڪري اِنھن ٻولين جا پھاڪا ھُوبھو ساڳِيءَ شڪل ۾ يا ڪي قدر بدليل شڪل ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ مروج ٿي ويا. ڪن حالتن ۾ اُھي ترجمي جي ذريعي سنڌي ماڻھن ۾ مشھور ٿي ويا. ھِتي اِنھن جا ڪجھ مثال پيش ڪجن ٿا:

(**الف**) **سنسڪرت:**

- يَتا راجا تَتا پرجا.
(جھڙو راجا، تھڙي پرجا (عوام)
- يٿا ديوا: تٿا پڪتا: (ساڳئي روپ ۾)
(جھڙا گرو تھڙا چيلا.)
- يٿا لاپ سنٿُشٽ. (ساڳئي روپ ۾)
(جيڪي ملي تنھن ۾ راضي رھجي.)
- شنن پرِتِ شانين ڪُريات. (ساڳئي روپ ۾)
(لُڇ سان لُڇُ ٿي ھلجي يا جھڙي سان تھڙو.)
- مُٽبي مُٽبي مِترِپِنا. (ساڳئي شڪل ۾)
(ھر دماغ ۾ پنھنجي پنھنجي سمجھ آھي. جيترا ماڻھو تيتريون ڳالھيون.)

- جَنني جنم ڀُومشچ سوَرگارڊ ۾ گرييَسي.
(ماءُ ۽ جنم يومي بهشت کان به وڌيڪ پياريون آهن.)

سنڌيءَ ۾ ٻيا ڪجھ پھاڪا اھڙا به ملن ٿا، جيڪي سنسڪرت جي ساڳين ويچار وارين چوٽين جو جڙ ترجمو آهن. اھڙين حالتن ۾ اِهو به ممڪن آهي ته ٻنهي ۾ تجربي جي هڪجھڙائيءَ جي ڪري هڪجھڙائي هجي. مثال طور:

- پُٽُ ڪُپُٽ ٿِئي، ماتا ڪُماتا نہ ٿئي.
(ڪُپترو جا ييت کَوَ چِدَپ ڪُماتا نہ يَوَتِ.)
- جھڙو اَن، تھڙو مَنُ.
(يادرشن پڪسيدُ انن بُڌھ يَوَتِ تادرشِي.)
- جتي وڻ ناهي، اُتي ڪانڊيرو به درخت.
(نِرَستپادَپي ديشي ايرَنڈو اَپ دُرُمايَتي.)
- آهاري وهنواري گھوڻُ مُهاري لَڄا ڪري ته هاري.
(آهاري وَيَوَهاري چَ تَيَڪتَلجھ سُکي يَويت.)
- واپار ۾ لڇميءَ جو واسو آهي.
(واپاري وستي/ ورڌتي لڪشميھَ)
- عادت مِٽي نہ عادتي، علت مُور نہ جاءِ.
(سوَياوو دُرتِڪِرم ھ.)
- مُنهن ڪُنئرائي ڪِٽا پٽائي.
(مردُھ ھِ پَرِ يوُيَتَي.)
- لڙن سپاهي، نانءُ سردار جو.
(سيناپَتئو يشو گنتا، نہ تہُ يوڌان ڪٽنچنھَ.)
- جھڙي ڪرٽي، تھڙي پرٽي.
(يٽا ڪرنت، تٽا پُنڪتي.)
- لکيو منجھ للات، قلم ڪياڙي نہ وهي.
(يٽُ چاترا نجيال پٽم، لِکن، تتم مارجنٽُ کو ڪشمھَ.)
- سنئين ڪانيءَ جو وادِو ويري.

(سرلاستتر چِدينتي ڪُبجا سِتشنَنتِ پادپاھ.)

- وڏو ياءُ پيءُ برابر.
(جيييشٹ ھَ پِترسمو پراتا.)
- تاڙي هڪ هٿ سان نہ وڄندي آهي.
(يٽئيڪين نہ هستينَ تالِڪھَ سنپر پَديَتي.)

سنسڪرت ٻوليءَ جي طرز تي سنڌيءَ ۾ ڪجھ پھاڪا ٺهيل آهن، جن ۾ سنسڪرت سنڌيءَ جو ميل نظر اچي ٿو:

- ڀڄ ڪلدار ڀڄ ڪلدارم،
ڀڄ ڪلدارم مُودِ متي.
(اڙي بيوقوف تون ڪلدار يعني ناڻي جي پوڄا ڪر.)
- ٽڪا ڏرمھ ٽڪا ڪرمھ ٽڪا ھِ پرمھَ پدھَ،
يَسيي گرهي ٽڪا ناسِت سَ اَيوَ ٽڪٽڪايَتي.
(ٽڪوئي ڏرم آهي، ٽڪوئي ڪرم آهي، ٽڪوئي اعليٰ عهدو آهي، جنهن جي گهر ۾ ٽڪو نہ آهي، سو خود پوءِ ٽڪ ٽڪ ڪري ٿو، يعني خالي برتن وانگر وڄي ٿو.)
- ٽُرڪن نہ مِتر جي مِتر ته دَگدگا.
(ٽُرڪ ڪڏھن به دوست نہ ٽيندو، جيڪڏھن دوست بڻيو به ته وقت تي دغا ڏيندو.)

(ب) پالي پراڪرت ـ اَپيرنش:

- وڏو سڪ آهي نيروڳي سرير،
- اِڪ تندرستي هزار نعمت.
(پالي: آرو گيموُ اِڄو پرمن چ لاين.)
- تاڙي هڪ هٿ سان نہ وڄندي آهي.
(پراڪرت: نہ هُ دِجَئ تالي دِيھَرِچ ائڪيٹ هٿيٹ. هي ديرگھاڪِش! هڪ هٿ سان تاڙي نہ وڄندي آهي.)
- انڌي جي هٿ ۾ ڏيئو ڏِيٹ مان ڪھڙو لاڀ.
- انڌي اڳيان آنهري ڪر تئو ٽنگيو آهي.

(پراکرت: جاينڊيَسيَہ دِيوو هَٽکَئو نِڦلو چڇَيوَ. جنمانڊ جي هٿ ۾ رکيل ڏيئو بيسود ئي آهي.)

- هٿ جي ڪنگڻ کي آرسي جو ڪھڙو ضرور؟

(اپيرنش: ڪَري ڪنڪڻ ڪِ آرسي دِيسئي؟ هٿ جي ڪنگڻ کي آرسي ۾ چو ڏسَجي؟)

- پاڻيءَ ولوڙڻ سان مکڻ نہ ملندو.

(اَپيرنش: ڪِن گِھہُ هوءِ وِرولِئي واڻِئي؟ چا گِھہُ ٿيندو پاڻيءَ ولوڙڻ سان؟)

(ج) **عربي ـ فارسي:**

- تکڙ ڪم شيطان جو.

(عربي: التعجيل عمل الشيطان.)

- ڪُتي جا ڏند، گڏھ جو ماس.

(عربي: انسان الكلاب لحم الحمار)

- ٻہ پائر ٿيون ليکو.

(فارسي: دو برادر سيوم حساب.)

- پنھنجي ڪَئي جو نکو ويج نکو طبيب.

(فارسي: خود كرد هُرا علاج نيست.)

- آھ غريبان، قھر خدائي.

(آھ غريبان، قھر خدائي.)

- ھڪ تندرستي ھزار نعمت.

(فارسي: يک تندرستي، هزار نعمت.)

- اٿو چي گھوباٿو.

(فارسي: سوال از آسمان، جواب از ريسمان. مطلب تہ سوال آسمان بابت تہ جواب نوڙيءَ بابت.)

- دِلي دوُر است.

(فارسيءَ ۾ ٻہ ساڳيو.)

- دراز رِيش، خضر يا ابليس.

(ڊگھي ڏاڙھي اٿس، درويش آهي يا شيطان آهي.)

- پيڇا نہ منجھٽا.

(فارسي = جوَينده يابنده.)

- انسان خطا جو گھر آهي.

(فارسي = انسان نسِيان.)

- عشق نہ شدُ، چٽي شدُ.

(عشق نہ ٿيو، پر چٽي ٿي. سنڌي ۽ فارسيءَ جو ميل.)

- ڏيل در گنبذ، آواز در فِس.

(جسم تہ وڏو اٿس، پر طاقت نہ اٿس. فارسي ۽ سنڌيءَ جو ميل.)

- زر بِسيار تہ عشق نٿھ پھ.

(پئسو آهي تہ پوءِ جلدي عشق ڪري سگھندين.)

- جيڪي اُسھيا سي وسريا.

(فارسي: از ديدھ دوُر، از دلِ دُور.)

- پِتين کي ٻہ ڪن آهن.

(فارسي: ديوار هموُ گوش دارد.)

- ھڪ ھٿ سان تاڙي نہ وڄندي آهي.

(فارسي: صدا از يک دست نمي آيَد.)

- نادان دوست کان دانا دُشمن چگو.

(فارسي: دشمن دانا ٻہ از دوست نادان.)

4.2.13: سنڌيءَ ۾ ٻين ٻولين جا پھاڪا:

جدا جدا ايراضين ۾ جيڪي ٻوليون ڳالھايون وڃن ٿيون، اُنھن جو ھڪبئي تي اثر پوڻ لازمي آهي. سنڌ جي پر وارين ايراضين مھاراشٽر، گُجرات، پنجاب، راجستان، بلوچستان جا ماڻھو ٻہ صدين کان وڌي سنڌ ۾ رھندا ھئا، نہ فقط ايترو پر اوپر ۾ آسام، بنگال ۽ ڏکڻ ۾ تامل نادو، ڪيرل، آنڌر ۽ ڪرٽاڪ جا رھاڪو ٻہ سنڌ ۾ سرڪاري نوڪرين ۽ واپار سانگي پيا ايندا ويندا ھئا. ساڳيءَ طرح سنڌي ٻولي ٻہ

ٻين پرڳڻن جي رھاڪُن سان لھ وچڑ ۾ پيئي ايندي ھئي. اِن ڪري ھاڻوڪين پارتي ٻولين وچ ۾ لفظن، محاورن ۽ پھاڪن جي ڏي وٺ ٻ فطري ڍنگ سان پيئي ٿيندي ھئي. سنڌ ۾ انگريزن جي حڪومت ٻ 1843ع کان 1947ع تائين ھئي، جنھن دؤر ۾ انگريزي ٻولي تھذيب ۽ ثقافت جو اثر ٻ سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌ واسين تي ٿيو. گھڻيئي انگريزي لفظ اسان جي ٻوليءَ جو حصو بڻجي ويا آھن. ساڳيءَ طرح گھڻيئي انگريزي پھاڪا ۽ محاورا سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمي جي صورت ۾ جذب ٿي ويا آھن.

ھاڻوڪين پارتي ٻولين ۾ ھندي ۽ اُردو جا ڪافي سارا پھاڪا سنڌيءَ ۾ ساڳيءَ صورت ۾ يا ڪي قدر بگڙيل صورت ۾ واھپي ۾ پيا اچن. انھن جي پيٽ ۾ ٻين ٻولين مان سنڌيءَ ۾ آيل پھاڪن جو تعداد گھڻو گھٽ آھي. ھتي اھڙن پھاڪن جا ڪجھ مثال پيش ڪجن ٿا:

(الف) ھندي پھاڪا:

- ايڪ پنٿ دو ڪاج.
- انڌيرنگري، چرپٽ راجا.
- ٽڪي سير پاڃي، ٽڪي سير کاجا.
- ناڪ ڪٽا تو ڪٽا پرگھي تو چَٽا.
  (سنڌيءَ موجب ھتي 'ناڪ' جو جنس مذڪر ۾ استعمال آھي.)
- سستا رووي بار بار، مھنگا رووي ايڪ بار.
- آج نقد ڪل اُڌار.
- سانچ کو آنچ نھين.
- دمڙي ڪي ھانڊي گئي، پر ڪُتي ڪي ذات پھچاني.
- اپنا ھٿا جگنناٿ.
- آپ ڀلا تو جگ ڀلا.
- اوُڏؤ! ڪرمن ڪي گتِ نياري.
- سچي ڪا بول بالا، جھوٽي ڪا مُنھ ڪالا.

- رام ڪري سب ڪام.
- رام سِمر، جگ لڙني دي.
- اَجگر ڪري نہ چاڪري، پنڇي ڪري نہ ڪام.
- داس ملوُڪا کھہ گئي، سب کي داتا رام.

(ب) اردو پھاڪا:

- ھمتِ مردان، مدد خدا.
- مُلا کي دوڙ مسجد تک.
- مدعي سُست، گواھ چُست.
- آئي تو روزي، گئي تو بلا.
- ٽُخمِ تاثير، صحتِ اثر.
- دل کي قضا دل جاني، کيا جاني قاضي.
- جلي توُ جلال توُ، آئي بلا کو ٽال توُ.
- يار وھي جو پيڙ ۾ ڪام آئي.
- يار زنده، صحبت باقي.
- زبان شيرين، مُلڪ شيرين، زبان ٽيڙھي مُلڪ بانڪا.
- دل لگا گدي سي تو، پري ڪيا چيز ھئ.
- ساري خدائي ايڪ طرف، جوروُ ڪا پائي ايڪ طرف.
- مفت ڪا شراب، قاضي کو يي حلال ھئ.
- اول طعام، بعد ۾ ڪلام

(ج) راجستاني پھاڪا:

- آج ھَمان، ڪل تَمان.
  (اڄ اسين، سياڻي توھين.)
- ڪرنتا سو پوگنتا، کودنتا سو پڙنتا.
  (جو ڪندو سو پوڳيندو، جو کوٽيندو سو پاڻ کڏ ۾ ڪرندو.)
- واڻيو لکي، پڙھي ڪرتار.
  (لکي لکانو، پڙھي خدا.)
- لوُٽيو باڻيو، جُونا خط جووي.

(ڪُٽو واڻيو جھونيون وھيون (بنديون) جانچي.)

- ساسرو سُک واسرو، پٽ چار ڏِنان رو آسرو.

(ساھرا سک جو ھنڌ (جتي سک ھجي) آھن، پر چئن ڏينھن کان وڌيڪ نہ رھجي.)

- ڏن ڪيتي، ڏِڪ چاڪري، ڏن ڏن بڇج ويوھار.

(ڪيتي ڪرڻ اُتم ڪم آھي، نوڪريءَ کي ڏِڪار آھي، پر اِنھن ٻنھي جي پيٽ ۾ واپارُ وڌيڪ لاياڻتو آھي.

- بَڪري دوُڌ تو دي، پٽ دي مينگٹا ڪرڪئي.

(ٻڪري ڪير ڏئي قولھڙين گاڏڙ.)

4.2.14: سنڌي ٻولي جو تقابلي اڀياس (Comparative study):

سنڌي ٻولي تي ٻين ٻولين جي اثر جو مختصر جائزو وٺندي اسان ڏٺو تہ سنڌيءَ ۾ ھڪ طرف قديم ٻولين (سنسڪرت، پالي، پراڪرت، اپڀرنش) جا ٻولي هوبھو ساڳي شڪل ۾ يا ترجمي جي شڪل ۾ ملن ٿا، تہ ٻئي طرف ھاڻوڪين پارتي ٻولين (ھندي، اردو، پنجابي، راجستاني، وغيره) جا ٻولي بہ ساڳي شڪل ۾ يا ڪي قدر بدليل شڪل ۾ عام ٿي ويا آھن. اِن مان صاف ظاھر آھي تہ سنڌ جي پر وارين ڪِن ٻولين جو اثر سنڌيءَ تي پيو آھي.

پارت جي ٻولين جو تفصيل سان ٽُلناتمڪ يعني مشابھتي (comparative) اڀياس ڪجي تہ معلوم ٿيندو تہ اُنھن ۾ گھٹي قدر ھڪجھڙائي آھي. اھا ھڪجھڙائي چاجي ڪري اچي ٿي؟ منھنجي ويچار ۾ اِن جا مکيہ ٽي ڪارڻ آھن:

- تاريخي ارتقا (اتھاسڪ وڪاس) ۾ ھڪجھڙائي.
- ٻولين جو ھڪ ٻئي تي اثر.
- روزاني زندگيءَ ۾ ساڳيا تجربا.

(1) تاريخي ارتقا ۾ ھڪجھڙائي:

ھاڻوڪيون ھند- آريائي ٻوليون پنھنجي پنھنجي علائقي جي اُنھن ويدڪ سنسڪرت (ويدن واري سنسڪرت) جي لھجن مان ڦُٽي

نڪتيون آھن، جن جي ڳالھ ٻولھ واري شڪل جي پُوري پوُري جاڻ حاصل ٿي نہ سگھي آھي، پر اِن چوڻ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آھي تہ سڀيئي رگ وید جي ٻوليءَ جي تمام نزديڪ ھيون. انھن تي پوءِ ادبي سنسڪرت (اُھا سنسڪرت جنھن ۾ ويدن کان پوءِ ادب آيو)، پالي، پراڪرت، اَپڀرنش جو ارتقا دؤران گھٹو اثر پيو. اِن ڪري ھاڻوڪين پارت جي ٻولين وراثت ۾ پراڻين ٻولين جا ڪافي ٻولي ڪيا. ھاڻوڪين پارتي ٻولين ۾ گھڻيئي ٻولي سنسڪرت جي سُياشتن فصيح زبانن، اخلاقي سخنن ۽ انصاف جي قاعدن (نيايہ سوُترن) جي بنياد تي ٺھيل آھن، جن جا مثال اڳتي ھلي ڏنا ويا آھن.

(2) ٻولين جو ھڪٻئي تي اثر:

وھنواري زندگيءَ ۾ جدا جدا ٻوليون ڳالھائيندڙ شخص ھڪ ٻئي سان رابطو رکن ٿا. ان ڪري ھڪ ٻوليءَ جا لفظ ۽ ٻولي فطري طرح ٻيءَ ٻوليءَ جا ڳالھائيندڙ اپنائن ٿا. ادبي تخليقن جي ترجمي ڪرڻ سان بہ لفظن، ٻولي ۽ خواھشن توڙي ويچارن جي ڏي وٺ الڳ الڳ ٻولين ۾ ٿئي ٿي. اِن ڪري ڪيترين ئي ٻولين جي ٻولي ۾ برابري يا ھڪجھڙائي نظر اچي ٿي.

(3) روزاني زندگيءَ ۾ ساڳيا تجربا:

جدا جدا ملڪن جي ٻولين ۾ بہ گھڻن ئي ٻولي ۾ ھڪجھڙائي ملي ٿي. مثال طور، انگريزي ٻوليءَ ۾ گھڻيئي ٻولي اھڙا آھن، جن جا ويچار هوبھو سنسڪرت ۽ پراڪرت جي ٻولي سان ملن ٿا. جيئن تہ:

(الف) سنسڪرت: شٹي شانُيمو سماچريت.

انگريزي: Tit for tat

سنڌي: جھڙي سان ٿيءُ تھڙو.

ھندي: جيسي ڪو تيسا.

(ب) سنسڪرت: شوھ ميوُرات اَديَھَ ڪپوتو وَرھَ.

(ڪل ڪي مور سي آج کا ڪبوتر ملي تو وہ بھتر ھئ.)

سنڌي: اڌ کي ڇڏي جيڪو سڄيءَ ڏانهن پڄي، تنهن جي اڌ ۾ وڃي.

انگريزي: A bird in hand is worth two in the bush.

(ج) اپيرنش: پُکُئ چٹيَندھ سارميئ.

(پُشپدنت کا مهاپُراڻ)

(چندرما کي طرف کُتي يونکتي هين تو يونکني دو)

انگريزي: The moon does not heed the barking dog

سنڌي: قلندرن پنيان کُتا پيا يؤنکن.

اهڙن پهاڪن کي ڏسي اِهو چوڻ نيڪ نہ ٿيندو تہ انگريزيءَ اِهي پهاڪا سنسڪرت- پراڪرت تان کنيا آهن. جُدا جُدا ملڪن جي ٻولين ۾ هڪجهڙن احساسن وارن پهاڪن جو بنياد انسان جي تجربي جي هڪجهڙائيءَ جي ڪري ٻہ آهي.

اِن طرح سنڌي پهاڪن جو تقابلي اڀياس ڪرڻ سان اسين پهاڪن کي اڳتي ڏنل ٽن نمونن ۾ ورهائي سگهون ٿا:

(1) خاص سنڌ جي سرزمين سان واسطو رکندڙ پهاڪا.

(2) پارتي روايتن وارا پهاڪا، جيڪي پارت جي هاڻوڪين ٻولين ۾ ساڳي معنيٰ ۾ ملن ٿا.

(3) عالمي (Universal) پهاڪا جيڪي دنيا جي جدا جدا ٻولين ۾ ساڳي معنيٰ ۾ ملن ٿا.

پوني (مهاراشٽر) جي عالم وِشوَنات نروَڻي پنهنجي تصنيف پارتيہ ڪهاوت سنگرھ" ۾ موضوع موجب پارت جي ٻولين جا سمان پاونا هڪجهڙن احساسن يا ويچارن وارا پهاڪا گڏ ڪري ڏنا آهن. اُن ۾ سنڌي پهاڪا ٻہ ڏنل آهن، هتي اُن مان ٻہ مثال پيش ڪجن ٿا:*

(1) سنڌي: انڌن ۾ ڪاڻو راجا.

(اڇاڻ ماڻهن جي وچ ۾ ٿوري جاڻ رکندڙ ٻہ عالم ليکيو وجي ٿو.)

* نروَڻي، وِشوَنات دِنکر، پارتيہ ڪهاوت سنگرھ (ٽن حصن ۾)، ترويڻي سنگم، پريات روڊ، پُڻي، (1985 — 1978).

جتي وڻ ناهي، اُتي ڪانڊيرو ٻہ درخت.

(جنهن ايراضيءَ ۾ وڻ ٽڻ پيدا نہ ٿا ٿين، اُتي ڪنڊن وارو ننڍو ٻوٽو ٻہ وڻ سمجهيو وجي ٿو.)

هندي: انڈون ۾ ڪانا راجا.

راجستاني: اُوجڙ گانوَ ۾ ايرنڊيو روَنکَ.

(اُوجڙ گانوَ (گاؤن) ۾ ايرنڊ هي پيڙ مانا جاتا هئ)

اُردو: سؤ نکٹو ۾ اِيک ناک والا نکوُ.

(سؤ چپٹي ناک والون کي بيچ ۾ اِيک نيک ناک والا آدمي يي سُندر کهلاتا هي.)

پنجابي: انِيان وچ ڪاٹا راجا.

(انڈون ۾ ڪاٹا راجا.)

ڪشميري: انُيَن منج ڪانيہ سوَندر.

(انڈي استريون ۾ ڪاني سندري.)

مراٹي: انڈليا گاييِنت لنگڑي گايہ پرڈان.

(انڈي ڈِگين ۾ لنگڑي گايہ پرڈان)

- اوساز گاوِي ايرنڈ بَلي.

(نرجن گانوَ ۾ ايرنڈ ڪا ورکش بڑا هي.)

گجراتي: انڈلا مان ڪاڻو راجِيو.

(انڈون ۾ ڪانا راجا.)

- اُجڙگام مان ايرنڈو پرڈان.

(اجاڑ گانوَ ۾ ايرنڈ ڪا پيڙ پرمُک هئ.)

بنگلا: انڈيري ديشي ڪانا راجا.

(انڈون کي ديش ۾ ڪانا راجا)

- نيئِ ديشي ايرنڈ گاچ، نيئي بني ڪٹاش باگهہ.

(بِنا ورکش کي پرديش ۾ ايرنڈ هي ورکش، بنا هِنس پشئون کي بن ۾ بلي هي شير هئ.)

اُڙيا: انڈ گانڪُ ايک اڪِيا راجا.

(انڈون کي گانوَ ۾ ايڪ آنڪ والا راجا.)
اوُ مئيڪُ توتوُواپن اُيرندوايو چسالڪن.
(گونگي کي سامني هَڪلا پي واڪپَٽ هي.)

تيلگو: گوولين اللو گودِدُگيدي دي شري مهالڪشمي.
(جهان گاءِ نہ هو، اُس گانوَ ۾ بانجھ پينس هي شري مهالڪشمي هئ.)

ملايالم: اُومرِل ڪوجن مهاواگمِي.
(گونگون کي بيچ هڪلا هي واڪُپَٽ هئ.)

ڪنڑ: ايليگرُ وِلد مَنيلِ مُدگرُوي مُدُ.
(جس گھر ۾ بچڑا نهين، وهان بوڑها بيل هي پيارا.)

سنسڪرت: نِرست يادپي ديشي ايرٹدو پي دُرمايَتي.
(جس ملڪ ۾ ايڪ پي پيڑ نهين هي، وهان ايرنڈ ڪا پيڑ پي بڑا ورڪش مانا جاتا هئ.)

(2) هندي: نلهو چَڑو وچي گھٹو.
(پورو (خالي) گھنڊ زور سان وڄندو آهي.)
ڪٹي ڪُني گھني اُيامي.
(جنهن ڪُنيءَ ۾ اَن گھٹ ۽ پاڻي وڌيڪ آهي اُن ۾ رڌڻ وقت پاڻي گھڻُ اُيامندو آهي.)

هندي: اڈجل گگري چُلڪت جاءِ،
يري گگريا چُپي جاءِ.
- ڪڑا ڪڑ باجي ٹوٹي بانس.

راجستاني: خالي باسڻ گھٹا ڪڑڪڑا وئِي.
(خالي برتن گھٹو ڪڑڪندا آهن.)
ٹوٹا چنا باجي گھٹا.
(پورو يا ڪوڪلو چَٹو رڌڻ تي گھٹو آواز ڪندو آهي.)

پنجابي: ڪھو ڪبير چُوچا گھَڻ بولي،
پريا هووي سو ڪب نہ ڈولي.

(ڪبير چوي ٹو تہ اڈ پريل ڈِلو گھٹو آواز ڪندو آهي، پر جيڪو ڪنا تار پاڻيءَ سان پريل هوندو آهي، اُن ۾ پاڻي چلڪندو نہ آهي.)

مَراٹي: ارد ڪُڑا ڪلسو هايسُلتا.
(اڈ پريل ڪلش (لوٹو) گھٹو آواز ڪندو آهي.)

گجراتي: آڈورو گھڑو چُلڪايَہ گھٹو.
(اڈُ پريل گھڑو چُلڪي گھٹو.)

بنگالي: اَلپَ جَلير تِ تو پُنٹِ، تار ايت ڦٹڦٹِ.
(ننديِ ۽ ڪوڑي ميچي تانگھي پاڻيءَ ۾ گھٹي ڦڑ ڦڑ ڪندي آهي.)

آسامي: پُنٹِ ماچر ڦرڦرٹِيي سار.
(ننديڑيءَ ميچيءَ جا نينگ ٹپا وڌيڪ.)

اوڑيا: ٹُچا مِٹيار شبد بيش.
(خالي مٹڪي جو آواز وڌيڪ.)

تامِل: ارئي ڪڑم تَلُ بُم.
(اڈ پريل مٹڪو چلڪي گھٹو.)

ڪنڑ: ٹُنبِدَ ڪوڑ ٹُلُ ڪُبُ دِيل.
(پريل گاگر چلڪندي ناهي.)

ملايالم: نرڪُٹم ٹُلُ مبُڪَ اِليا.
(پريل دلو چلڪندو ناهي.)

سنسڪرت: انگُٹمُ دَڪَماتريڻ شفري ڦُر ڦُرايتي.
(شفري ميچي ٹوري پاڻيءَ ۾ بہ گھٹو ڦڑ ڦڑ ڪندي آهي.)

- سنپورڻ ڪُميو نہ ڪروتِ شبدم،
ارڈو گھٹو گھوشمُپئيتِ نونم.
وِدوان ڪُلِينو نہ ڪروتِ، گرون،
گُٹئيروهينا بھُجلپَينت.

(پاڻيءَ سان پريل دلو آواز نہ ڪندو آھي، پر اڌ پريل دلو گھٽو آواز ڪندو آھي. خانداني عالم ڪڏھن بہ گھمنڊ نہ ڪندو آھي. بي ڳٽا ماڻھوءَ ئي وڌيڪ بڪواس ڪندا آھن.)

سنسڪرت سُھٽا سخن (نيتي سوُتر) اخلاقي نُڪتا ۽ پھاڪا:

ھن ڪان اڳ جيڪي بہ مثال ڏنا ويا آھن، انھن مان صاف ظاھر آھي تہ ھاڻوڪين پارتي ٻولين ۾ گھڻيئي اھڙا پھاڪا آھن، جن ۾ ھڪجھڙائي آھي. ڪن ٻولين ۾ ساڳئي ويچار يا احساس ڪي ميدان جي خاصيتن مطابق جدا جدا مثالن سان ظاھر ڪيو ويو آھي. پارت جي پھاڪن ۾ ھڪجھڙائيءَ جو مکيہ ڪارڻ اوائلي پارتي ادب آھي، جيڪو سنسڪرت، پالي، پراڪرت، اپيرنش ۾ لکيل آھي. دراوڙي ٻولين بہ اُنھن اوائلي ٻولين جي اثر ڪان آجيون نہ آھن. سنسڪرت ۾ چاڻڪيہ (چاڻڪ نالي مُني جي خاندا جي نيتي سوُترن، پُراڻن ۽ ڪٿا ساھتيہ جي فصيح زبان ۽ خوبصورت جملن جيڪي ھاڻوڪين پارتي زبانن نياءَ جي ويچارن جي بنياد تي گھڻيئي پھاڪا ٺھيا آھن، جيڪي ھاڻوڪين پارتي ٻولين ۾ عام ٿيا آھن. ھتي اِنھن جا ڪجھ مثال ڏجن ٿا:

(1) بيوقوف ڪان ڪنارو ڪجي (نيتي سُوتر) اخلاقياتي نُڪتا:

سنسڪرت: پَنڊتواپي ورن شترو، نہ مورکو ھِتڪارَڪھ.
(گھٽگھري بيوقوف ڪان عقلمند دشمن پلو.)

هندي: چَترُ تو بئري پلا، مورک پلا نہ ميت،
ساڌ کھي مت ڪرو مورک سي پيت.

اردو: نادان دوست سي دانا دشمن بھتر.

سنڌي: نادان دوست کان داناءُ دشمن پلو.

مراٹي: شھاڻياچا وھاوي چاکر، مورکاچا ھوئُو نہ ڏَني.
(مورک جو ڏڻي ٺيڻ کان سياڻي جو نوکر ٺيڻ بھتر آھي.)

گجراتي: مورک مِتر ڪرتا داناوَ دشمن سارو.
(بيوقوف دوست کان داناءُ دشمن سُنو.)

بنگلا: نادان دوستير چيپي دانا دشمن پالو.
(نادان دوست کان داناءُ دشمن پلو.)

آسامي: مورک پُتر تکئي نِربش ھووا پال.
(بيوقوف پٽ پيدا ٿئي اُن کان پلو آھي تہ ماڻھو بي اولاد ھجي.)

اُڙيا: مورکنارُ شُکِلا کاٺ سھسري گُڻي پَل.
(مورک ماڻھوءَ کان سُکل کاٺ ھزار دفعا پلو.)

(2) ناڻي جي تعريف (مھاودائي) ناڻي جي اھميت:

سنسڪرت:

- ارتسيہ پُرُشو داس ھَ.
(ماڻھو پئسي جو غلام آھي.)
- درووِيڙ سروي وشا ھَ.
(پئسي سان سِيِئي وس ۾ ڪري سگھجن ٿا.)
- يسياسِت وِتن س نر ھَ ڪُلين ھَ،
سَ پنڊِت ھَ سَ شرُتِمانَ گُڻگيھَ.
س ايوَ وکتا سَ چَ درشنِيَيھَ،
سَروي گُڻاھ ڪانچنم آشرنتي.
(جنھن ماڻھوءَ وٽ پئسو آھي، اُھو خانداني سمجھيو وڃي ٿو. اُن کي سپ پنڊت، پڙھيل، گڻوان، خوبصورت مقرر ۽ خوبصورت سمجھن ٿا. حقيقت ۾ اِھي سِيِئي گڻ دولت جي سھاري سان پيدا ٿي وجن ٿا.)

هندي:

- ڪوڙي نھين پاس تو ميلا لگي اُداس.
(پاڻ وٽ جي پيسو نہ آھي تہ ميلي جي رونق بہ اُداس نظر ٿي اچي.)
- گھر ۾ ناٽا، بِند پرٽيجئي کاٽا.
(گھر ۾ پئسو ھجي تہ کاٽي ڇوکري جي شادي ٿي وجي ٿي.)

- زر هڻ تو نر هڻ، نهين تو پنڇي بي پر هڻ.
(زرَ يعني پئسو آهي تہ ماڻهو زوردار ۽ طاقتور آهي، نہ تہ هُو پر کٽيل هڪ پکيءَ وانگر آهي.)
- دام ڪري سڀ ڪام.
(دنيا ۾ پئسو ئي سڀ ڪم ڪري سگهي ٿو.)
- مايا تيري تين نام، پرسو، پرسا، پرسرام.
(دولت تنهنجا تي نالا آهن. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ وٽ تون نہ آهين تہ هرڪو ڪيس 'پرسو' سڏي ٿو، پر جڏهن وٽس ڪجهہ دولت ڪني ٿئي تي تہ ڪيس 'پرسا، پرسا' ڪري ٿا پُڪارين، پر اُن کان وڌيڪ شاهوڪار ٿيڻ تي سڀيئي ماڻهو ان کي عزت ڏيئي 'پرسرام جِي' ڪري ڪوٺين ٿا.)
- باپ پلا نہ پئيبا، سب سي پلا رپئيا.
(نہ ڪو پيءُ، نہ ڪو پاءُ پلو آهي، سڀ کان پلو رپيو آهي.)
- گانڍ ۾ زر هڻ تو نر هڻ، نهين تو خر هي.
(جيڪڏهن ڳنڍ ۾ ناٽو آهي، تہ ماڻهو نر آهي، نہ تہ کر يعني گڏهہ آهي.)

سنڌي:

- هجيئي ڳنڍ ۾ ناٽو تہ گهُم خان لاڙڪاٽو.
- اُٽ ۽ ناٽو، ويهہ ۽ ناٽو.
ناٽي بنا نرُ ويڳاٽو.
- زر بسيار تہ عشق نهہ پهہ.
زر نيست تہ عشق پوُن پوُن.
- جن جي گنديءَ ۾ ناٽا،
تن جا چريا ۽ سياٽا.
- جيڪي ڪري ڪلدار، سو نہ ڪري ڪرتار.
- جيڪي ڪري ناٽو، سو نہ ڪري راٽو.

- پير عيسيٰ، پير موسيٰ، بڙا پير پئسا.
- پئسو ناهي پاس تہ جيرو آهي اُداس.
- شاهوڪار جو ٽِٽُ ۽ ڪستوري.
- لڇمي ڪلڇڙ ڏِکڻي.

پنجابي:

- او پلا مانس ڪئسا، جدي ڪول نئين پئسا.
(اُهو پلو ماڻهو ڪيئن ڇئبو، جنهن وٽ پيسو ناهي.)
- جس دِي ڪوني وچ داڻي، اُس دي يملي وِي سياڻي.
(جنهن جي ڪوڻيءَ ۾ داڻا يعني پئسا آهن، اُن جا چريا ۽ سياڻا مڃيا ٿا وڃن.)

مراٹي:

- جياچي کِشات سُرتِي، توچ منگلمُورتي.
(جنهن جي ڪيسي ۾ سورتي يعني ناٽو آهي، اهوئي خوبصورت آهي.)
- شري منتاچا کُترا، سگنيانچا لاڀڪا.
(شاهوڪار جو ڪتو سڀني جو لاڏلو.)
- هوڏان گانڍ سگلي اِ ڏُتات،
گريبا تونئُ پوليتا ڪوڻ؟
(وڏن ماڻهن جي گانڍ ڏوئڻ لاءِ ۽ سڀ تيار هوندا آهن، پر غريب جو منهن ڏوئڻ لاءِ ڪو ۽ تيار نہ ٿيندو آهي.)

گجراتي:

- گرٹنا گانگا شاهہ، ني وَگر گرٹنا گانگا.
(ڳنڍ ۾ ناٽو اٽس تہ سڀ ڪيس گانگاشاهہ ڇئي ٿا 'نمسڪار' ڪن، پر ڳنڍ خالي هئڻ تي هن کي 'گانگا' ڇئي سڏ ٿا ڪن.)
- پئسا هاٹ مان تو دوست ساٹ مان.
(پئسو هٽ ۾ آهي تہ دوست ۽ گڏ آهن.)
- پئسي آئي، پيسي ہائي، پيسي بِگرني نهين سگائي.

(پئسو آھي تہ ماءُ گڏ آھي، پيسو آھي تہ جاءِ گڏ آھي، پيسي بنا کوبہ رِشتو نہ آھي.)

سنسکرت جا سھٹا سُخن ۽ سنڌي پھاڪا:

ھاڻي سنسکرت سياشت (فصيح زبان) جي شلوکن جي ويچارن سان سمانتا (ھکجھڙائي) رکندڙ سنڌي پھاکن جا وڏيک مثال ھتي ڏجن ٿا:

(1) سنسکرت:

- ماتا کُپيَتِ کَنيائي سُنشا پوِتِ وِھلا.

(ماءُ کاوڙ کري ٿي پنھنجي ڏيءَ تي، تہ سندس ڌُنھن اھو ڏسي بيچئن ٿي وجي ٿي.)

سنڌي:

- ڏکُ ھڻ ڏيءَ کي تہ سکي ڌُنھن.

(2) سنسکرت:

- لالنادو وھوو دوشاھَ تاڏ ناد بَھَوو گُڻاھَ.

تسمات پُترن چ شين چ تاڏ ييت نَ ٹُ لالييت.

(گھڻو لاڏ پيار کرڻ سان گھڻيئي خرابيون پيدا ٿين ٿيون، ۽ مار ڏيڻ سان گھڻيئي گُڻ جنم ونن ٿا. اِن کري پُٽ ۽ شاگرد سان سختيءَ سان ورتاءُ کرڻ گھرجي، نکي کيس گھڻو لاڏ کرڻ گھرجي.)

سنڌي:

- اُستاد جي مار، ٻار جي سنوارِ.
- چڙيءَ جو صرفو کريو تہ ٻار کريو.
- پُٽ ٻٽيھ لکڻو، موچڙو چٽيھ لکڻو.

(3) سنسکرت:

- پِندي پِنڈي مترِيَنا، ٹُنڈي ٹُنڈي سَرَسوتِي.

ديشي ديشي اَنيياشا سيات، نانارتنا وسُنڌرا.

(ھرکنھن ۾ جدا جدا سوچ ٹئي ٿي ۽ ھرکنھن مُنھن ۾ الڳ الڳ ٻولي، جدا جدا ملکن ۾ الڳ الڳ ٻوليون آھن ۽ ڈرتيءَ ۾ بہ گھڻن ئي قسمن جا موتي آھن.)

- پِن رُڇرھِ لوکھَ.

(سنسار ۾ الڳ الڳ پسند وارا ماڻھو آھن.)

- نہ پَنچانگُليھَ سماھَ.

(پنجئي آڱريون برابر نہ آھن.)

- نئکو رشي ھَ يسيہ وَچ ھ پرماڻَ.

(ھک بہ رشي اھڙو نہ آھي جنھن جي سوچ ساڳي مجي وجي. يعني ھر کنھن رشيءَ جا ويچار الڳ الڳ آھن.

سنڌي:

- کوپڑيءَ کوپڑيءَ مت نياري.
- جٽي جٽي جو پنھنجو راڳُ.
- جيترا ماڻھو اوتريون ڳالھيون.
- پنجئي آڱريون برابر نہ آھن.
- آڱر آڱر جو سنڌو آھي.

(4) سنسکرت:

- پروپديشي پانڈِ تيَم.

(ٻين کي نصيحت کرڻ ۾ ھرکو عالم آھي.)

- پروپديش ويلايان شِشتاھ سروي پونتي وئي.

(ٻين کي درس ڏيڻ وقت سڀ عظيم بڻجي پوندا آھن.)

سنڌي:

- پاڻ نہ پلي پوپري،

لوکان متيون ڏِئي.

- پَر اُپديش کُشل بھُتيري.

(ٻئي کي نصيحت کرڻ سولو کم آھي.)

(5) سنسکرت:

- پُستکستا تہ يا وديا پرھستگتن ڈنم.

کاريکالي سَمُتپَني نَ سا وِديا نہ تد ڈنم.

(فقط کتاب ۾ رکيلُ جاڻ ۽ ٻئي وٽ رکيل دولت، اھي ٻئي کم جي وقت تي کتب نہ ٿا اچن.)

سنڌي:

- ناڙو سو جو ڳنڍ، واڙي سا جا ڪنڊ.

(ناڙو اُھو جو ڳنڍ ۾ هجي، واڙي ڪنڊ ڳالھ يا ٻول اُھي جي ياد ڪيل هجن ۽ استري يعني زال اُھا جا سنگ گڏ هجي.)

(6) سنسڪرت:

- پنڪوھِ نيسِ ڪِشپتَ هَ، ڪشيپتُ ھ پتِتِ مُورڌنِ.

(گپ جيڪڏھن آسمان ۾ اڇلائبي، تہ اُھا اڇلائيندڙ جي مُنھن تي ڪرندي.)

سنڌي:

- اُپ ۾ ٿُڪ اڇلائي، سو مُنھن ۾ پائي.

(7) سنسڪرت:

- نِرستپاڌِپي ديشي ايرنڈو اَپي ڏُمايَتي.

(جتي وڻ نہ آھن، اُتي هيرڻ جو وڻ ٻہ وڌو وڻ ليکجي ٿو.)

سنڌي:

- جتي وڻ ناھي، اُتي ڪانڈيرو ٻہ درخت.

(8) سنسڪرت:

- وياگھرن نئيوَ گجن نئيوَ، سينھن نيئوَ، چ نئيوَ چ.
- اجا پُترن بَلن ددياتَ، ديوو ڏُربَگلگھاتڪ ھَ.

(چيتي کي، ھاٿيءَ کي ۽ شينھن کي تہ ڪڏھن ٻہ قرباني ۾ نٿو ڏنو وڃي. ويچارو بَڪر قربان ٿئي ٿو. ديوتا پڻ ڏُڍي کي ڪُھن ٿا.)

سنڌي:

- ڏُڍي ڊور کي مڇر گھٽا.
- گدرو ڪِري ڪاتيءَ تي، تہ ٻہ گدري جوڪو،
ڪاتي ڪِري گدري تي، تہ ٻہ گدري جوڪو.

(9) سنسڪرت:

- وِناشڪالي وِپريتبُڌْ.

(تباھيءَ جي وقت ماڻھوءَ کي اُبتي مَتِ ايندي آھي.)

سنڌي:

- ڳوھ کي جڏھن ڪٽي ڪٽي،
تڏھن ڳولھي شڪارين جا گھر.
- دَشا ڦِري تہ بُڌي ٻہ ڦري وجي.

(خراب ستارن جي طرف اڇڻ تي ماڻھوءَ کي سمجھہ ٻہ اُبتي اڇي.)

(10) سنسڪرت:

- مَدُْ تِشنَتِ جِھواگي، ھرديي ٿُ ھلاھلم.

(دُشٽ يا نيچ جي زبان تي ماکي، پر دل ۾ پينکر زھر ھوندو آھي.)

سنڌي:

- وات ۾ ماکي، دل ۾ ڪاتي.
- مُنھن تہ موسيٰ جھڙو، سيرت شيطان.
- مُنھن جو منو، اندر جو ڪارو.
- اندر ڪارو ڪانءُ، ٻاھر ٻولي ھنج ٿي.

(11) سنسڪرت:

- پِبَنتي اُدڪن گاوو منڊوُڪيشُ رُوَتسُ اَپِ.

(ڏيڏرن جي تان تان ڪرڻ تي ٻہ گانيُون بي فڪر ٿي تلاءَ مان پاڻي پيئنديون آھن.)

سنڌي:

- قلندرن پنيان ڪتا پيا پوئنکن.
- فقير! تون پنھنجي راھہ وڃ، ڪتن کي پوئنکڻ ڏي.
- پلي ڪتا پيا پوئنکن، پر ھاٿي ھلي مستاني چال.

(12) سنسڪرت:

- اَرَڪِشتن تِشنتِ دئيور ڪِشتم.
سُرِڪشتن دئوَھتن وِنشيتِ.

(جنھن جو ڪوبہ رکوالو ناھي تنھنجو ڏٽي سائين سنياليندڙ آھي، پر جنھن کان ڏٽي سائين منھن موڙي ڇڏيو آھي، سو ڪيترو ٻہ پاڻ کي بچائي، تہ ٻہ ناس ٿي وجي ٿو.)

سنڌي:

- ڏٽي همراھ تہ ڪنھنجو ڊپ نہ ڊاڻُ.
- راڪي رام تہ ماري ڪير؟
- سڄڻ ھجن سنوان، مر ڏيھہ ڏنگايون ڪن.
- ڇا جي ڏنگا ڏير، منھنجو ڏينھن ڏنگومَ ٽئي.

چاڻڪيہ جا 'نيتي سُوتر' (اخلاقي قاعدا) ۽ سنڌي پھاڪا:

چندرگپت موريا جي گُرو آچاريہ وشٹوگُپت جو نالو ڪنھن نہ ٻڌو ھوندو؟ پارت جي تاريخ ۾ ھو 'چاڻڪيہ' ۽ 'ڪوٽليہ' جي نالن سان وڌيڪ مشھور آھي. ھُن پنھنجي ماھرانہ راڄنيتيءَ سان اُتر- اولھہ پارت تي حملو ڪندڙ يوناني سڪندر (اليگزينڈر) کي پارت جي ڏرتيءَ تان ھڪالي ڪڍيو ھو. ھن نند خاندان جو خاتمو ڪري پنھنجي شاگرد چندرگُپت کي پارت جو سمراٽ شھنشاھ بڻايو. چاڻڪيہ جو لکيل 'ارٿ شاستر' پارتي ادب جو انمول ڪتاب آھي، جنھن جي گھڻن ئي يورپي عالمن ٻہ ساراھ ڪئي آھي. 'ارٿ شاستر' ۽ 'راجنيتي شاستر' جو سارُ آھن. 'چاڻڪيہ سوُتر'.* اُنھن سُوترن جي آڌار تي ٿھيل پارت جي ھاڻوڪين ٻولين ۾ ڪافي پھاڪا ملن ٿا. ھتي ڪن سنڌي پھاڪن جا مثال ڏجن ٿا، جن جا ويچار چاڻڪيہ جي اُنھن 'سوترن' ۾ ظاھر ڪيل ويچارن سان ملن ٿا. اُھي ويچار اسان کي سنسڪرت جي ڪن چوٽين ۾ ٻہ نظر اچن ٿا.

(1) آيَسئي ھَ آيَسن چيديمر.
(لوھہ کي لوھہ سان ڪٽجي.)
- لوھہ کي لوھہ ڪٽيندو آھي.
- جھڙي سان ٽيءُ تھڙو.

(2) سوَيِاوو دُرتڪرم ھَ.
(سياوَ کي اورانگھڻ مشڪل آھي.)

* شري رام اوتار ودیا پاسکر، سمپارک / ايڊيٽر ۽ تعارف ڪرائيندڙ، چاڻڪيہ سُوتراڻِ، پرڪاشڪ منتري نيايہ پاون جموتوي (جمُوں ڪشمير)، 1958ع.

- عادت مٽي نہ عادتي، عِلت موُر نہ جاءِ.
اُٺ پَوي جي ڪٽڪ ۾ تہ ٻہ ڪندا چُڻ چُڻ ڪاءِ.
- ڪُتي جو پُڇ ٻارنھن مھينا نڙ ۾ وجھہ، تہ ٻہ ڏنگي جو ڏنگو.
- ڪنھن جو ٻہ سياڻُ بدلجڻو ناھي.

(3) شوو ميوراد اَديہ ڪپوتو ورم.
(سياڻي مورُ ملڻ جي اُميد کان اڃ جو ڪبوتر ھٽ ۾ ھئڻ بھتر آھي.)
- اڌ کي ڇڏي سڄي پنيان ڏُکي تنھن جو اڌ ٻہ وڃي.

(4) يَتّا بيجن تتا نِشپتِ.
(جھڙو ٻج تھڙو ڦلُ.
- جھڙو ٻج، تھڙو سَلو.
- ڪٽڪ پوڪبي تہ جوَ ڪين مِلندا.
- جھڙو ٻج وجھبو، تھڙو ڦل ملندو.

(5) اَناريہ سنبنڌت ورم آريہ شتُرتا.
(نيچ جي دوستيءَ کان بھتر آھي سڄن جي دشمني.)
- نادان دوست کان داناڻُ دشمن پلو.

(6) شوَھَ ڪاريہ ادَيہُ ڪُروِيت.
(سياڻي جو ڪم اڃ ڪجي.)
- اڃ جو ڪم سياڻي تي نہ وجھجي.

(7) اگِنداھاداپِ وشِشتّن واڪپَارُ شيَم.
(باھہ جي جلائڻ کان ٻہ تيز آھي زبان جي ڪوڙاڻ.)
- تلوار جي گھاڻُ کان ويڙن جو گھاڻُ تيز آھي.

(8) ڪشُڌارتو نَ ترڻن چرِت سنھہ ھَ.
(بکايل شينھن ٻہ گاھہ نہ کائيندو آھي.)
- شينھن بک مرندو پر گاھہ نہ چرندو.

(9) پلالم اپِ پردروين نہ ھَرڏويمر.
(ٻئي جي پلال يعني گاھہ ٻہ نہ چورائجي.)

- ڪڪ چورُ، سو لک چورُ.

(10) مورڪيشُ وِوادو نہ ڪرتويَهَ.

(نادان سان بحثُ نہ ڪجي.)

- مورڪ کي اُپديش•، جيءَ جو ڪليش.
- مورڪ کي گيانُ*، جيءُ جو زيان.
- چرين کي ڪي ٻيا سگ ٿين؟
- چرين ڪهڙا چِت، مئن ڪهڙا مامرا؟
- مورڪ ماڻهو، ٻہ گهر ٻار، ٻئي بَنُ ڍِجن.
- بي عقل کي بازار ۾ ڪٽي نہ وڃجي ساڻُ.

پهرين ڪٽائي پاڻ، پوءِ سارُ لهي سنگتي جي.

- جَڏُ پڙهيو الله اڙيو.
- ڪر چگائي جڏ سان، تہ ڦيري هٽيئي پڏ سان.

(11) ارٿوان سروَلوڪسيہ بَهُومت هہ.

(دولتمند پنهنجي دولت جي زور تي سپ هنڌ عزت پائي ٿو.)

- جيڪي ڪري ڪلدار، سونہ ڪري ڪرتار.
- دام ڪري سپ ڪام.
- جيڪي ڪري ناڻو، سو نہ ڪري راڻو.
- جن جي گهر داڻا، تن جا چريا ٻہ سياڻا.
- پير عيسيٰ، پير موسيٰ، بڙا پير پئسا.
- شاهوڪار جو تِڏُ ٻہ ڪستوري.
- سپ ڪو بيڻي جو يار آهي.

(12) دارِ ديمَ ڪلُ پَرَشسيہ جيتِوڏ مرڻم.

(غريبي انسان لاءِ جيئري ئي موتُ آهي.)

- غريبي زنده موت آهي.
- غريب جي جوءِ جڳ جي ياڃائي.

• اُپديش: نصيحت، ڪليش: ڏُک.

* گيان: ڄاڻ، سمجهاڻي.

- سُجن اباڻن ڏوُڙ مَرڪن ڏيئرون.
- غريب رکن روزا تہ ڏينهن ٻہ ٽين وڌّا.
- پنڊ کان مرڊ بهتر.

سنڌي ۽ انگريزي پهاڪا:

سنڌي ۽ انگريزي ٻولين جي پهاڪن جي پيٽ ڪندي اسان ڏٺو تہ هڪ طرف هاڻوڪين پارتي ٻولين ۾ هڪجهڙن ويچارن ۽ احساسن وارا پهاڪا ملن، تہ ٻئي طرف اُهي قديم پارتي ٻولين سان ٻہ هڪجهڙائي ڏيکارين ٿا. هتي اسين سنڌي پهاڪن سان ويچارن ۾ هڪجهڙائي رکندڙ انگريزي پهاڪن جا ڪجهہ مثال ڏيون ٿا. اِن مان ثابت ٿئي ٿو تہ دنيا جي جدا جدا ٻولين جي پهاڪن ۾ ٻہ گهڻن ئي هنڌن تي ويچارن جي هڪجهڙائيءَ جو اڀياس ڪري سگهجي ٿو. اِن جو مکيہ ڪارڻ آهي انسان جي سوچ ويچار، فڪر، ۽ تجربي ۾ هڪجهڙائي.

هتي سنڌي ۽ انگريزي پهاڪن ۾ هڪجهڙائيءَ جا مثال گهڻو ڪري روچي رام گجومل جي ڪتاب مان چونڊيا ويا آهن. هيءُ ڪتاب ٻن ڀاڱن ۾ ڇپيل آهي، پهرئين ڀاڱي ۾ سنڌي پهاڪن سان گڏ انگريزي هم معنيٰ پهاڪا ڏنل آهن، ٻئين ڀاڱي ۾ سنڌي ٻوليءَ جا خاص چونڊ پهاڪا فقط انگريزي عنوان سان گڏ ڏنل آهن. هن مجموعي ۾ ڪل اٺ سؤ سنڌي پهاڪا گڏ ڪيل آهن.

(1) اُ پ ۾ ٿڪ اڇلائي، سو منهن ۾ پائي.

- Who spits against the wind, spits in his own face.
- Spit not against heaven, it will fall back on the face.

(2) اٽو ڪاڏو ڪُئي، مار پئي گابي کي.

- The ox ate the corn and they beat the donkey for it.
- One doth the blame, another bears the shame.

(3) اپني گهوٽ تہ نشا ٽيويئي.

- Paddle your own canoe.

(4) اڇي ڀڳ ۾ پسُ، اندر مڙيئي اڇڙيون.

- All is not gold that glitters.
- A clean glove often hides a dirty hand.
- Judge not according to the appearance.

(5) اڌ کي ڇڏي جو سڃيءَ ڏي ڊوڙي، تنهن جو اڌ بہ وڃي.

- Catch not at the Shadow and loose the substance.
- Quit not certainty, for hope.
- A bird in hand is worth two in the bush.

(6) اُستاد جي مار، ٻار جي سنوار.

- Better the child cry, than the father sigh.
- Spare the rod and spoil the child.

(7) اُکِريُن ۾ جي متا وجهن، سي مُهِرينَ پرِ کيئن ڊجن؟

- Those who play with edge tools, must expect to cut themselves.
- Don't play with bears if you are afraid of being bitten.

(8) اڇياڙي تڏهن سَرهي، جڏهن پچاڙي سَرهي.

- All is well that ends well.
- Praise a fair day at night.

(9) اُهو کي ڪجي، جو مينهن وسندي ڪم اچي.

- Lay up something against a rainy day.
- Make hay while the sun shines.
- In a fine weather prepare for foul.

(10) ٻہ پائر ٽيون ليکو.

- Money has no blood relations.
- Make every bargain clear and plain, that none may afterwards complain.

(11) ٻہ تہ ٻارنهن.

- Union is strength.
- Three helping each other are as good as six.

(12) لَڙن سپاهي، نانءُ سردار جو.

- The blood of the solder makes the glory of the general.

(13) پٽين کي ٻہ ڪن آهن.

- Walls have ears.

(14) تاڙي هڪ هٿي ڪين وڄندي آهي.

- It takes two to make a quarrel.

(15) ترار جو ڦٽ ڇٽي وڃي، زبان جو ڦٽ نہ ڇٽي.
وڻو لهي وڃي، رڻو ڪين لهي.

- The tongue is not steel, but it cuts.
  Evil words cut worse than swords.
  Slander, whose edge is sharper than the sword.
  Whose tongue out venoms all the worms of nile. (Cymbeline)

(16) پاپ جو گهڙو پرجي پرجي نيٺ ڦاٽي.

- The mills of God grind slowly, but the grind exceedingly small.

(17) پير عيسيٰ، پير موسيٰ، وڏا پير پئسا.

- Money makes the mare go.
  Money is the God of world.

(18) جنهن جو بُٽ بچڑو، تنهن جو ميوو سنو نہ ٽئي.

- A wild goose never lay a tame egg.
- As the seed, so the sprout.

(19) جهڙو سنگ، تهڙو رنگ.
سنگ جو پرسنگُ

- Tell me the company you keep and I will tell you who you are.
- Bad company is the devil's net.

(20) ڪر ڇگّائي جٽ سان، ڦيري هٿي پٽ سان.

- Kindness is lost upon an un grateful man.
- To do good to the ungrateful is to throw rose water into the sea.
- Save the thief from the gallows and he will be the first to cut your throat.

(21) ڏاڍو سو گابو.

- Might is right.

(22) سَکٹي ڪُني گھٹو اُيامي.

- Empty vessel thunders much.

(23) ڪاٹي کي ڪاٹو نہ چئجي.

- Why call a spade, a spade.

(24) مرڻ مُھُورتُ نہ پڇي، پڇي تِتِ نہ وار.

- Death keeps no calander.

(25) همتِ مردان مددِ خدا.

- God helps those who help themselves.

سنڌي ٻوليءَ جي مشهور عالم مرزا قليچ بيگ "پهاڪن جي حڪمت" نالي هڪ ننڍڙو ڪتاب لکيو هو.* اهو "نئين سنڌي لائبريري" سيريز اندر جينمل پرسرام 1925ع ۾ حيدرآباد سنڌ مان ڇپائي پڌرو ڪيو. اُن ۾ قليچ بيگ دنيا جي مکيہ ٻولين جا چوند پهاڪا سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ڏنا آهن. اُن ڪتاب ۾ 600 کن پهاڪا ڏنل آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ هن قسم جو هيءَ پهريون مجموعو آهي. اِن جي اڀياس مان ظاهر ٿئي ٿو تہ الڳ الڳ مُلکن جي لهجن ۾ جيڪي پهاڪا آهن، اُنهن ۾ ڪيترين ئي ڳالهين ۾ ويچارن جي هڪجهڙائي آهي.

4.3: سنڌي پهاڪن جو شاعريءَ جي علم موجب اڀياس:

پهاڪا لوڪ ادب جو هڪ حصو آهن. اِن ڪري اُنهن ۾ ادب شاعريءَ جي خوبصورتي پاڻمرادو اچي وڃي ٿي. اِها خوبصورتي لفظن جي سگھ، النڪارن، چندن وغيره جي ذريعي پيدا ٿئي ٿي. ٻوليءَ جي ذريعي معنيٰ کي خوبصورت طريقي سان ظاهر ڪرڻ ۾ شيليءَ يا عبارت جا اِهي مکيہ جزا آهن. هتي ٿوري ۾ انهن تي ويچار ڪجي ٿو.

4.3.1. سنڌي پهاڪن ۾ شبد شڪتي (لفظن جي سگھ):

جڏهن اسين ڪجهہ ڳالهايون ٿا تہ اُن ۾ اُچار ڪيل لفظن جي ذريعي اسان ڪنهن اَرٿ يا معنيٰ جو اظهار ڪريون ٿا. اُن مان صاف

* مرزا قليچ بيگ، پهاڪن جي حڪمت، پبلشر جينمل پرسرام، نئين سنڌي لائبريري، حيدرآباد، سنڌ، 1925.

ظاهر آهي تہ ٻوليءَ يا ٻاشا ۾ لفظ ۽ معنيٰ جو گڏ هڻڻ تمام ضروري آهي. ادب ۾ تہ شبد هين لفظ کان سواءِ معنيٰ ۽ ارٿ هين شبد (معنيٰ کان سواءِ لفظ) جو تصور ئي نہ ٿو ڪري سگھجي. ان ڪري ڪن عالمن 'ساهتيہ' لفظ جي ويٽپتي (اشتقاق) ئي اِن ريت ڪئي آهي تہ جنهن ۾ لفظ ۽ معنيٰ جي گڏ هڻڻ جي حالت لازمي آهي. (سَهِتسيہ پاون ساهتيم). ساهتيہ ۾ "ستيم شِوم ۽ سُندرم" جو سنگم آهي. اُهو هِتڪاري (فائديمند) آهي. اِن ڪري اُن کي ساهتيہ چئجي ٿو. (س + هِت= فائديمند، هِت ڪارڪ= ڪلياڻڪاري).

بيان ۾ پرِسنگ موجب لفظ جي معنيٰ بدلجي ويندي آهي. مثال طور "ڏوبي گڏهہ تي ڪپڙن جي هڙ رکي ندي ڏانهن وڃي پيو." هن جملي ۾ 'گڏهہ' لفظ هڪ خاص جانور جو عڪس اسان جي ڏيان تي آڻي ٿو. پر جڏهن اسين ڪنهن شرارتي ڇوڪري کي چينيندي چئون، "گڏهہ! هي ڇا ڪُيئ؟ آرسي پيچي ڇڏيئ". تہ هن جملي ۾ 'گڏهہ' لفظ جو مطلب ڪٻو. بيوقوف، مورک.

پارتي ڪاويہ شاستر (شاعريءَ جي علم) جي اُستادن معنيٰ جا ٽي قسم ٻڌايا آهن. اُن موجب هُنن لفظن جا بہ ٽي قسم مڃيا آهن. جنهن لائقي جي ڪري لفظ ڪنهن معنيٰ جو اظهار ڪن ٿا، اُن کي شبد شڪتي يا لفظ جي سگھہ چئجي ٿو.

(1) **اظهار** (Expression):

هرهڪ لفظ جنهن طاقت ذريعي پنهنجي مکيہ معنيٰ کي ظاهر ڪري ٿو، تنهن کي 'ايڌا شڪتي' يا اظهار چئجي ٿو. اهڙي لفظ کي "واچڪ شبد" ۽ اُن جي معنيٰ کي "واچيارٿ" يا "اَيڌدييارٿ" چئبو آهي. سنڌيءَ ۾ اُن کي لفظي معنيٰ (Primary or literal meaning) چوندا آهن. جيئن تہ، ڪتاب، وڻ، پکي، زال، مرد، گھوڙو، گڏهہ، مينهن، گائون، وغيره لفظن جو اظهار ڪرڻ سان جنهن شيءِ پکيءَ، جانور شخص وغيره جو عڪس اسان جي دماغ ۾ پيدا ٿئي ٿو، اُهو اُن لفظ جو 'واچيارٿ' يا اکري معنيٰ آهي. ڪهڙو لفظ ڪهڙي معنيٰ جي اظهار

لاءِ ڪتب اچي ٿو، اُهو اُن لساني سماج ۾ لوڪچار موجب مقرر ٿي ويو آهي.

(2) **لکشٹا يا ڏَسُ**(Indication):

هرهڪ ٻوليءَ جي رواج موجب اُن ٻوليءَ جا گهڻيئي لفظ ٻي معنيٰ جي ڏسڻ لاءِ نمونا ٿي ويندا آهن. جيئن ته "گڏهه" لفظ بيان جي مفهوم موجب 'مورک، بيوقوف' معنيٰ ٻه ٿئي ٿي. "ٻگهلو"، 'ٻگهه پکي' کان سواءِ 'نڱ'، ڏوکيباز، مڪار جي معنيٰ ٻه ڏسي ٿو. مثال طور: "هو اٿيئي ٻهڪلو پڳٽُ. هن کان سنياڻي وهنوار ڪجان". هن جملي ۾ 'ٻگهلو' لفظ 'نڱ يا دوکيباز' مطلب طرف اشارو ڪري ٿو.

ڪوبه لفظُ جڏهن بيان ۾ پنهنجي لفظي معنيٰ بدران ٻي معنيٰ ڏسي ٿو، تڏهن لفظ جي جيڪا طاقت ڪم ڪري ٿي، اُن کي 'لکشٹا شڪتي' (Power of Indication) چئجي ٿو. اهڙي معنيٰ کي لکشيارت (Metaphorical or secondary meaning) چئبو آهي. اِن قسم جي معنيٰ ڏسيندڙ لفظ کي "لاکشٹک شبد" چئبو آهي.

(3) **تجويز يا اِشارو**(Suggestion):

بيان ۾ ڪنهن ڳالهه جي حوالي ۾ جڏهن گهربل معنيٰ استعاري ذريعي نه ٿي ملي، تڏهن اُن تائين پهچڻ لاءِ لفظ جي جيڪا طاقت ڪم ڪري ٿي، ان کي وينجنا شَڪتي (Power of Suggestion) چئبو آهي. اهڙي معنيٰ کي ٽوڪ يا اشارتي معنيٰ (Suggested meaning) چوندا آهن ۽ اِن قسم جي معنيٰ ڏيندڙ لفظ کي 'اشارتي لفظ' (Suggesting word) چئبو آهي. مثال طور: "هُن پنهنجي ٻانهن جي ٻل تي هيتري ترقي ڪئي آهي."

هن جملي ۾ هڪ معنيٰ ته اِها آهي ته هُن شخص پنهنجي محنت ۽ عزم، طاقت سان هيتري ترقي ڪئي آهي، پر جيڪڏهن حوالي ۾ ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ جو بيان آهي، جيڪو ڪنهن شاهوڪار گهر مان پرٽيو آهي ۽ پنهنجي ساهورن جي مدد سان هن ترقي ڪئي آهي ته پوءِ

چوندڙ جو اشارو اُن جملي جي ٻئي گهربل مطلب ڏانهن ٿيندو. اُن حالت ۾ 'ٻانهن' جو مطلب ٿيندو. زال، پتني.

اُهو ضروري نه آهي ته جملي ۾ ڪنهن لفظ جي آڏار تي ئي وينگيارَڻ (ٽوڪزني) حاصل ٿئي. ڪن حالتن ۾ ڳالهائڻ جو طريقو يا ڍنگ ۽ جنهن سان ڳالهائجي ٿو، اُن جي آڏار تي به ٻي معنيٰ طرف اشارو ٿيندو آهي. جيئن ته جڏهن ڪلاس ۾ ڪو ماستر مُشڪندي ڪنهن موڳي چوڪريءَ کي ٽوڪيندو چوي ٿو، "تون ته امتحان ۾ ضرور پهريون نمبر ايندين." ته هتي جنهن کي چيو ويو آهي. اُن مان سمجهبو ته ماستر جو مطلب آهي- "تون امتحان ۾ پاس نه ٿي سگهندين، پر جي پاس ٿيڻ به ته پوين نمبرن ۾ هوندين."

هڪ شخص ٻئي کي چيو، "تنهنجي مُنهن مان شيطاني پيئي جهلڪا ڏئي." ٻيو شخص به حاضر جواب هو. هُن هڪدم اڳلي کي چيو، "مون کي اِها خبر ڪانه هُئي ته مُنهنجو منهن ڪا آرسي آهي." هن گفتگوءَ جو آنند تڏهن ملندو جڏهن اِن مان اِشاري طور ملندڙ گهربل مطلب ڪٽون، جيڪو هن ريت آهي- "سچُ پچُ ته شيطان تون ئي آهين. پنهنجي بدمعاشيءَ جو عڪس منهنجي صورت ۾ پيو پسين."

اِن طرح ٽوڪزني جو گهڻو دارومدار بيان جي پرسنگ ۽ اُنهن جي حالتن تي به ٿئي ٿو، جن ۾ اُها ڳالهه چئي ويئي آهي.

چوٽيون جيڪي پنهنجي لفظي معنيٰ ۾ ڪتب اچن ٿيون، اُنهن ۾ 'اَپدا شڪتي'[3] ڪم ڪندي آهي. اُنهن ۾ سڌو سنواٽو بيان هوندو آهي، يا چئجي ته اُنهن ۾ اظهار جي خوبصورتي نه هوندي آهي. مثال طور: ترٹُ دانُ، مها پُڃُ (برڪت، خيرات معنيٰ وڏو ثواب).

- ڏُک بنا سُک ڪونهي.
- جهڙو ديس، تهڙو ويس.
- ڏياريءَ جو ڏيئو ڏنو، ننڍو وڏو چيڙ منو.

3. اَپدا شڪتي: لفظ جي قوت.

ٻئي طرف ڏسجي تہ پھاڪن ۾ اظھار جي خوبصورتي سمايل آھي. اُتي لکشڻا[4] يا وينجنا[5] ذريعي لفظي معنيٰ کي ڇڏي ٻيءَ گھربل معنيٰ کي ڏسين ٿا يا اُن طرف اِشارو ڪن ٿا. ڪجھ مثال ڏسو:

- ھِيانءَ تتي کان ڪُڙي تتي چگّي.

(ھن پھاڪي ۾ "ھِيانءَ تتي" جو مطلب آھي "اُھو ماڻھو جيڪو من ۾ ڏُکي پيو ٿئي." ٻئي طرف 'ڪُڙي تتي' جو مطلب آھي. "پنڌ ڪري يا محنت ڪري ڪم کي پورو ڪرڻ." اِن طرح پھاڪي جي واڌو معنيٰ (secondary meaning) آھي- ٻيو ڪو اوھان کي نقصان پيو پھچائي، اُن ڪري دل ئي دل ۾ ڏُکي ٿيڻ کان بھتر آھي تہ ھڪ دوڙ ڪري اھڙي ڪوشش ڪجي جيئن خرابيءَ کي روڪي سگھجي.)

- لڄُن تان لک قُربان.

(پنھنجي گھر جي عورتن جي عزت بچائڻ لاءِ لکين رپيا ۽ قربان ڪري ڇڏجن. ھتي 'لڄ' لفظ جو اظھار (Expression) آھي. 'شرم، حياءُ' ۽ اشارتاً ٻئي معنيٰ آھي 'عورت، زال'.

- عشق انڌو آھي.

('عشق' لفظ جو لکشيارٿ (ٻي معنيٰ) آھي. 'عاشق، عشق ڪندڙ'. عاشق ڪوبہ آڇو پيچو نہ ٿو سوچي. ھوُ جنھن تي فدا ٿئي ٿو اُن پنيان انڌن وانگر گھمي ٿو ۽ ڪيس لوڪ-لڄ جي پرواھ نٿي ٿئي.

- چلھُ تي سو دِل تي.

(ھتي 'چلھ' جو لکشيارٿ (ٻي معنيٰ) آھي گھر ۾ ھڪ چلھ وٽ گڏجي کائيندڙ پيئندڙ. 'دِل' جي ٻي معنيٰ آھي يادگيري. مطلب تہ جيڪي ھڪ گھر ۾ گڏ رھن ٿا، گڏجي ڪري کائن پيئن ٿا، سي ھميشہ ياد رھن ٿا. پر ٻئي طرف

4. لکشڻا: Metaphor

5. وينجنا: Satire. لفظ جي اُھا طاقت جنھن جي رواجي معنيٰ جي بدران خاص مطلب نڪري.

پري رھندڙ وسري ويندا آھن.)

جن پھاڪن ۾ فاعل، فعل وغيرہ ڏيکارينڊ لفظن جو لوپُ (حذف) ٿي وڃي ٿو، اُتي گھٽو ڪري استعاري يا اشاري سان اسان کي گھربل مطلبُ ملندو آھي. جيئن تہ:

- ھڻُ ڏيءَ کي تہ سِکي ڏُنھن.

(ھتي ڪرم 'ڏکُ/ طعنو' لفظ جو لوپُ (حذف ٿيل) آھي، جيڪو اشاري سان اسين سمجھون ٿا. گھربل مطلب آھي تہ تون ھڪ کي طعنو ھڻُ يا ٽوڪ تہ ٻيو پنھنجو پاڻ اُن مان سبق سکي ويندو.)

- ھاسي ڪَرھن جي ماسي.

(ڪل پوڳ ڪرڻ جھيڙي جي ڀيڻ آھي. اشاراتي معنيٰ آھي تہ اسان کي ڪنھن بہ ڏارئي سان ڪِل پوڳ نہ ڪرڻ گھرجي يا مٽس ڏنولي نہ ڪرڻ گھرجي. اِن سان جھيڙي ٿيڻ جو اِمڪان آھي.)

- ھٿ جن جا ھيئن پتڻ سي پھچن.

(ندي پار ڪري ٻئي ڪناري جي پتڻ تي اُھي پھچي سگھندا جن جا ھٿ ھيئن يعني ڪُليل، پئسي خرچڻ لاءِ تيار آھن.)

- سُورُ پوي ساٿيءَ کي تہ ڏنيجي گڏھُ.

(بدن ۾ سُور پيو ساٿيءَ کي يعني مڃيون وڪٽندڙ کي تہ ھُن ڏني ڏياريا پنھنجي گڏھُ کي. اشارتي معنيٰ آھي تہ ھڪ جا ساڻ ٻئي مان ٿو ڪڍي.)

- نئين ڪُنوار نوَ ڏينھن، لٽي پٽي ڏھ ڏينھن.

(ھتي نئين ڪنوار جو وينگيارٿ (اشارتي معنيٰ) آھي ڪا بہ نئين شيءِ يا گھر ۾ آيل ڪوبہ نئون ماڻھو. اُنھن جو

قدر يا مانُ ٿورا ڏينھن ٽئي ٿو. اُن کان پوءِ وري ٻين سمان اُن سان وھنوار ڪيو وڃي ٿو.

اِن طرح لڪشٽا (پھرين معنيٰ) ۽ وينجنا (ٻي معنيٰ) شڪتيءَ ذريعي پھاڪن ۾ اظھار جي نرالائي اچي ٽي. اِن ڪري روزاني عام گفتگوءَ واري ٻوليءَ جي پيٽ ۾ پھاڪن جي ٻوليءَ ۾ خوبصورتي ۽ اثر ٻہ پيدا ٽئي ٿو.

4.3.2. سنڌي پھاڪا ۽ النکار (صنايع بدايع):

'النکار' جو مطلب آھي: ڳھٽو، زيور، زيب زينت. شاعريءَ جي علم ۾ النکار يا صنايع بدايع اُن کي چئجي ٿو، جيڪي ٻوليءَ جي سونھن کي وڌائن ٿا. يعني ٻوليءَ ذريعي ڪيل اظھار کي سھٽو ۽ دلڪش بٽائين ٿا. صَنايعُ بدائع کي سنڌيءَ ۾ "رنگين زبان" (Figures of speech) ٻہ چوندا آھن.

صنايع بدايع يا سينگار ٻن قسمن جا آھن:

- شبد النکار (لفظي صنعتون)
- ارث النکار (معنوي صنعتون)

سنڌي پھاڪن ۾ اسان کي ٻنھي قسمن جون صنعتون يا صنايع ملن ٿا. ھتي اُنھن جا ڪجھ مثال ڏجن ٿا:

(الف) شبد النکار (لفظي صنعتون):

اِنھن ۾ لفظن ۽ آواز جي ذريعي اظھار جي خوبصورتي پيدا ڪئي ويندي آھي. لفظي خوبصورتيءَ جا مکيہ قسم ھيٺينءَ ريت آھن:

(1) تجنيس حرفي: جيڪڏھن جملي جي لفظن ۾ ھڪ يا گھٽيئي وينجن ھڪ کان وڌيڪ پيرا ھڪ ئي ترتيب سان اچن، تڏھن تجنيس حرفي پيدا ٿيندي آھي. ھن صنعت جو استعمال گھٽو ڪري سيني ٻولين جي پھاڪن ۾ ڄڄھي تعداد ۾ ملي ٿو. اِن جو سبب اِھو آھي تہ تجنيس حرفي جي ڪري پھاڪا جلدي ياد ٿي وڃن ٿا. سنڌي پھاڪن ۾ تجنيس حرفي گھٽو ڪتب آيو آھي، ڪجھ مثال ڏسو:

- اڪن کان ٿو انب گھُري ۽ ٻبرن کان ٻير.

(جنھن وٽان ڪجھ ملڻ جو آسرو نہ آھي، اُن ۾ ڪو آس رکي، تڏھن چئبو. ھتي 'ٻ' وينجن لفظ جي شروع ۾ ٻہ ٻيرا آيو آھي.)

- اٽو ٻاٽُ چي گھوباٽو.

(مان ڪريان اَٽي ۽ ٻاٽ جي ڳالھہ، تہ ٽُون سمجھين گھوباٽو يعني مُدگرُ يا ڏنڍو. ھتي لفظن جي آخر ۾ 'ٽ' وينجن جو دھراءُ ٽيو آھي.)

- ٻہ تہ ٻارنھن.

(ٻڌي ۾ طاقت آھي. ھتي 'ٻہ' وينجن جو دُھراءُ آھي.)

- سڳا سيئي سيڻ، پکا جِني اوڏڻا.

(جيڪي ويجھو ٿا رھن ۽ سُک دُک ۾ ڪتب ٿا اچن، سي ئي سڳا مائٽ آھن. ھتي 's' وينجن جو دُھراءُ آھي.)

(2) گھڻ معنائون سينگار: جڏھن ھڪ ئي لفظ رڳو ھڪ دفعو ڪتب اچي، پر اُن جا اصل ۾ ٻہ يا ٻن کان وڌيڪ مطلب نڪرن، تڏھن گھڻين معنائن وارو لفظ چئبو آھي.

جيئن تہ:

- رتيءَ جي رھاڻ، جيءُ اڙايمُ جَتَ سين. (شاھہ)

(رتيءَ جي رھاڻ لاءِ مُون پنھنجو جيءُ جت سان اڙائي ڇڏيو.)

ھتي 'رتي' لفظ جون ٻہ معنائون آھن: (1) پريم، ڪام (2) ٿورو وقت.

گرو چيلي جي سوال وارا ٻول پرولين وانگر مشھور آھن. اُنھن مان کي پھاڪن وانگر ٻہ استعمال ٿيندا آھن. اھڙن ٻولن ۾ گھڻين معنائن وارن لفظن جي صنعت ئي دوھي جو بنياد ھوندي آھي.

جيئن تہ:

- ڪرڙ وڻ نہ وڻي، اوڏُ نہ مِٺي چاءِ.

بيمار سُتي نہ پِيئي، ڪھو چيلا ڪِس ياءِ،

گروُجي پسي نهين.

(هتي پُسي لفظ جدا جدا معنيٰ ۾ ڪٽبو، تڏهن سوال جواب جو مطلب نڪرندو. ڪِرڙ جو وڻ نہ ٿو وڻي جو اُن ۾ پُسي (قل) ناهي. اوڏ مٽي نہ ٿو ڪٽي، چاڪاڻ جو مٽي پُسي (آلي، پئل) نہ آهي. بيمار سُتي نہ ٿو پئي چاڪاڻ تہ اُها پُسي (پاڻيءَ ۾ پُسيل) نہ آهي.)

(3) تجنيس تام: جيڪڏهن هڪ ئي لفظ يا لفظن جو ميڙ جدا جدا معنائن ۾ هڪ کان وڌيڪ دفعا ڪتب اچي، تڏهن تجنيس تام چئبو آهي. جيئن تہ:

- ڪَلِجُگُ آهي ڪلجُگ يا ڪرجُگ.

(هتي 'ڪل' لفظ جدا جدا معنائن ۾ ڪتب آيو آهي. (1) ڪلجُگُ هڪ يگُ يا دؤر جو نالو، (2) ڪَلَهَ، جهيڙو ڪرڻ (3) ڪلجُگُ اُهو دؤر آهي، جنهن ۾ ڪَلهه يعني جهيڙو يا فساد آهي. يا هيءُ اهڙو دؤر آهي، جنهن ۾ انسان جيڪي بہ بُرا ڪم ڪري ٿو، تن جي سزا پاڻ هتي ئي پوڳي وڃي ٿو.

- وَرَ ۾ ڪونهي وَرُ، ڏيرن ور وڏو ڪيو. (شاهه)

(منهنجي پريتم پُنهونءَ ۾ تہ ڪوبہ دوکو نہ آهي، پر ڏيرن مُون سان دولابُ يا دوکو ڪيو آهي.)

(4) لفظي ورجاءُ: ڪنهن ويچار يا پاونا کي وڌيڪ دِلڪش ۽ پُرُ اثر بڻائڻ لاءِ جيڪڏهن ڪنهن لفظ يا لفظي ميڙ جو بہ يا بن کان وڌيڪ دفعا دُهراءُ ڪجي تہ اُهو 'پُنرُ ڪت النڪار' هوندو آهي.

- گُگرُ گُگرُ پندا اَڙيا.

(پِندِيءَ ۾ گُگرُ رکيو هو تہ جتي ڪٿي اُهو پندِيءَ کي چنبڙي پيو. ويچاري پندي جڙ ڦاسي پيئي.)

- مَرسان مَرسان، پر دِيپ نہ چرسان.

(مرندي مري ويندس، پر دِيپ نہ چرندس.)

- ڏيري ڏيري ري مَنا، ڏيري سپ ڪُچ هو.

(هرڪو ڪم آهستي آهستي پنهنجي وقت تي ٿيندو آهي.)

- داڻي داڻي تي لکيل آهي کائڻ واري جو نانءُ.

(هرهڪ داڻي تي ڏاڻي سائين لکي چڏيو آهي تہ اُهو کير کائيندو.)

(ب) معنوي صنعتون:

انهن ۾ لفظن وسيلي جيڪو مفهوم يا معنيٰ جو اظهار ڪجي ٿو، اُن معنيٰ ۾ سونهن سمايل هوندي آهي. ارتا النڪار جا گهڻي ئي قسم آهن. اُنهن جا ڪجهه مثال هتي ڏجن ٿا:

(1) مماثلت يا هڪجهڙائي: مماثلت ۽ تشبيهہ بن شين جي وچ ۾ فرق هڻڻ تي بہ اُنهن جي هڪجهڙي معنيٰ جي ڪري پيٽ ڪرڻ کي مماثلت چئبو آهي.

- انڊو ۽ اٽسونهون، ٻئي هڪجهڙا.
- تلوار جي گهاءُ کان زبان جو گهاءُ وڌيڪ تيز آهي.

(ڪوڙا لفظ ڪَالهائڻ سان دل تي جيڪو زخم ٿئي ٿو، اُهو تلوار جي زخم کان بہ تکو آهي.)

- مرض اچي گهوڙي وانگي، وڃي جُونءَ وانگي.

(بيماري گهوڙي وانگر تيزيءَ سان ايندي آهي، پر جُونءَ وانگر آهستي آهستي ويندي آهي.)

(2) تشبيهہ ۽ استعارو: استعاري ۽ تشبيهہ جي وچ ۾ مشابہ جو بيان ڪرڻ (يعني ڪُجهي پيٽ ڪرڻ) کي استعارو چئبو آهي.

- پَتِ نُهن تي پاڻي آهي.
- برهمڻ جو وچن سورج جي ساک.
- غريب جي جوءِ، جڳ جي ڀاڃائي.
- گهر جو پير، چُلهه جو مارنگ.

(گهر جو پير چُلهه تي رکيل پٿرُ آهي.)

- سنسارُ مها جارُ
(سنسارُ وڏي مايا چارُ آهي.)

(3) تمثيل: فقرن ۾ فرق ڄاڻندي ۽ جڏهن اُن ۾ پيٽ کي ممڪن ڪجي، تڏهن تمثيل آهي. جيئن ته:

- انڌي اڳيان آرسي، ڪر تئو ٽنگيو آهي.
(انڌي اڳيان آرسي ٽنگڻ ائين آهي جڙ ته هُن جي اڳيان تئو ٽنگيو پيو آهي.)

(ب) مبالغو: جڏهن ڪنهن ڳالهه جو حد کان وڌيڪ وڌاءُ ڪري بيان ڪجي، تڏهن ان کي مبالغو چئبو آهي.

- چڪ ايندي ئي نڪُ ڪٽجي ويو.
(چڪ اڇڻ شرط ئي خراب ڳالهه ٿي يا نقصان ٿيو.)
- حجام کي ڏسندي ئي حجامت وڏي وجي.
(مطلب ته حجام کي ڏسڻ سان ماڻهوءَ کي ويچار اچي ٿو ته اڳو پوءِ پنهنجي حجامت ڪرائي ڇڏيان.)

(4) ٻٽا فقرا: جڏهن هڪ ئي سادي مقصد کي ٻن جدا شين لاءِ الڳ جملن ۾ بيان ڪجي، تڏهن آهي. جيئن ته:

- سسُ ري نہ ساهُرا، سالي‌ءَ ري نہ نِينهن.
چندِ ري نہ راتڙي، سج ري نہ ڏينهن.
(جهڙيءَ طرح چندِ کان سواءِ رات ۽ سج کان سواءِ ڏينهن نہ ٿو سونهي، تهڙيءَ طرح سَسُ کان سواءِ ساهُرا ۽ سالي‌ءَ کان سواءِ ساهُرن ۾ سِڪ پيار نہ هئڻ ڪري ساهُرا سهٽا نہ ٿا لڳن.)
- گهٽي زالين گهرُ نہ هلي، گهٽي مردين هَرُ نہ هلي.
- هَسٽو جوڳي، پڌِڻي نار، گدُو چوي هي ٻئي مار.
(چرچو گهبو ڪندڙ جوڳي ۽ پاڻ کي پڌائيندڙ عورت، اهي ٻئي نيڪ نہ آهن.)
- گدڙ ڊاک نہ پُڄي آکي ٿو ڪتا.
ناڇوُ ناچ نہ ڄاڻي آکي يُون سوڙهي.

(مطلب ته پاڻ ڪم نہ ڪري سگهن ۽ پوءِ ڏوهُ ٻين کي ڏين.)

- ڏکڻ مينهن نہ وسٽو، وسي ته ٻوڙي.
ڪانئر ڏڪُ نہ هٽٽو، هٽي ته جهوري.
(سنڌ ۾ ڏکڻ طرفان برسات نہ هوندي آهي. پر جي آئي ته تمام گهٽو نقصان ڪندي آهي. ساڳيءَ طرح ڪانئر ڏڪُ نہ هٽندو آهي. پر جي هنيائين ته تمام زور سان هٽندو آهي.)

(5) لڪل مختلف معنيٰ واري خوبي: جتي عام يا خاص جي هُن کان الڳ ڳالهه وسيلي حمايت ڪجي. جيئن ته:

- ذات جي پر نہ ڇُتي، ڪُتو ٽنگ ڪٽي مُتي.
(ساهوارو پنهنجي ذات جي مطابق ئي هلت ڪندو آهي. جيئن ڪتو هميشہ پنهنجي ٽنگ ڪٽي مُتندو آهي.)
- عادت نہ مِٽي عادتي، عِلت مورُ نہ جاءِ.
اُٺ پوي جي ڪٽڪ ۾، ته ٻہ ڪندا چُڻ چوڻ ڪاءِ.
(عادت ڪڏهن ٻہ نہ ويندي آهي. جيئن اُٺُ جي عادت ڪنڊن وارا ٻوٽا کائڻ جي آهي ته هُو ڪٽڪ جي ٻني ۾ چرندي ٻہ اُتي چُوندي چُوندي پيو کائيندو.)

(6) اڻ برابر پيٽ: جڏهن اهڙين ٻن ڳالهين کي گڏ بيان ڪجي جن جي وچ ۾ تعلق بي دليو، بي جوڙ آهي، اهڙو مفهوم جيڪو برابر نہ هجي. اُن جا ڪجهہ مثال ڏسو:

- ڪٽي راجا پوڄُ، ڪٽي گنگو تيلي.
(راجا پوجُ وڏو سخي ۽ سورهيہ هو ته گنگو تيلي هڪ عام ماڻهو. ٻنهي جي برابري ڪيئن ڪبي؟)
- ويئي سِگُنِ کي، ڪَن ٻہ ڪپائي آئي.
(ڳئون، مينهن وغيره ويئي پنهنجا سِگ گهڙائي سهٽا ڪرائڻ لاءِ، پر ماورڳو پنهنجا ڪن ٻہ ڪپائي آئي.)

(7) صنعت تضاد: ڪنهن ڳالهه جو اهڙو بيان ڪجي جو اُهو تڪراري لڳي، پر حقيقت ۾ اُن ۾ تضاد نہ هوندو آهي.

- پاڻ برابر دوست ناهي، پاڻ برابر دشمن ناهي.

(اوڪي وقت تي پاڻ ئي سات ڏئي ٿو، پر جيڪڏهن اُهو وڙهيو ته پوءِ جاني دشمن بڻجي پوي ٿو.)

- اُهائي زبان اُس ۾ وِهاري، اُهائي زبان چانوءَ ۾ وِهاري.

(ماڻهو جيڪڏهن ڪوڙُ ڳالهائيندو ته ڏُک پوڳيندو، پر جيڪڏهن منو ٻوليندو ته مانُ پائيندو.)

- باڪِري بڪرُ ڪائي، يا بڪرُ باڪريءَ کي ڪائي.

(ميوو وڪٽندڙ ميوي جي ڏنڈي مان ڪمائي ڪائي ٿو. پر ميوو خراب ٿيندو ته باڪري اُن جي نقصان ۾ ڪاڇي ويندو.)

(8) طنز ملامت: ڪنهن جي خلاف چوڻ يا ٽوڪڻ کي اهڙي طريقي سان چئجي جو اُهو اُن کي خراب نه لڳي.

- گوگو وڏو يا رام؟ چئي وڏو ته اُهو آهي، پر نانگن جي ديوتا کي سچي ڳالهه چئي ڪير رُسائي؟

(9) ٽوڪبازي: جڏهن غير موجود جو اهڙي ڍنگ سان بيان ڪجي، جو اُن سان موجود جي جاڻ پئجي وجي، تڏهن هيءَ صنعت آهي. هي صنعت گهڻن ئي پهاڪن ۾ ملي ٿي، ڇاڪاڻ ته پهاڪا اڪثر نه گهُربل ڳالهه جو بيان ڪري اُن ذريعي گهُربل مطلب کي ظاهر ڪندا آهن. جيئن ته:

- مينهن پنهنجي ڪارنهِن ڏسي ڪانءِ،
ڪُئون کي چوي هلُ ڙي پُڄ ڪاري.

(برو ماڻهو پنهنجون برائيون ڍِسي ڪونه ۽ بين ۾ ٽوري وڏ يا اُوڻائي ڍِسي به پيو کين ٽوڪي.)

- ٻري تيلُ ڪامي وٽ، واهه ڙي ڏيئا واهه!

(جلي ٿو تيل ۽ سڙي ٿي وٽ، پر هرڪو چوي ته واهه ڏيئو ته سنو ٿو ٻري. گهُربل معنيٰ آهي ته وڙهن يا مرن هڪڙا، پر نالو ٿئي ٻين جو.)

- سُڪن گڏُ آلا پرن.

(لڇُن سان گڏ هوندي، شريف به بدنام ٿي وڃن ٿا.)

- هڪ مياڻ ۾ ٻه ترارُون نه ماپن.

(ٻه طاقتور ماڻهو هڪ هنڌ نه رهي سگهندا.)

(10) متبادل ٻول: جڏهن سبب هڪ هنڌ هجي ۽ اُن جو ڪم اُتي نه ٿي ٻئي هنڌ ٿئي، اِن طرح ٻنهي جي گڏ هئڻ ۾ اختلاف محسوس ٿئي، پر اُهو سچ پچ نه هجي، تڏهن اُهو اسنگت النڪار (بي جوڙ سينگار) آهي.

- ڪائي وات، لڇائن اکيون.

(ڪاڏو ته وات ڪائي ٿو، پر لڇ اچي ٿي اکين کي ته جنهن جو ڪاڏو اٿم، اُن سان وفادار رهان.)

- سُور پوي ساڻيءَ کي، ڏنيجي گڏهُ.

(جنهن کي سُور ٿئي ٿو، اُن کي ڏنپ ڏجن ته هُن جو سُور لهي. پر هتي سُور ٿئي ٿو ساڻيءَ کي ته هو ڏنپ وري پنهنجي گڏهُ کي ٿو ڏياري.)

- اٽو ڪاڏو ڪُوئي، مار پيئي گابي تي.

(جيڪو ڏوهُ ڪري ته سزا اُن کي ملي، پر هتي اُبتي ڳالهه آهي. اٽو ڪُوئي ڪاڏو ته مار گابي کي ملي.)

- وڙهن شينهن، لتاڙجن ٻوڙا.

(شينهن جي لڙائيءَ ۾ ميدان تي گاهُ لتاڙجي ٿو.)

(11) اڳ ونڍ: جڏهن سبب نه هوندي به اُن جو ڪم ٿئي ٿو ته اُتي جهڙوڪر اڳ ونڍ آهي. جيئن ته:

- مسيت اڃا نهي ناهي ته فقيرن جي ڏُم لڳي ويئي آهي.

(مسجد نهڻ کان اڳُ ئي فقير اچي اتي ڪنا ٿيا آهن.)

- پُڻُ پرٽايو ئي ناهي ته پوءِ پُڄي ڪٽ ڪٽي وڃهان.

(مائيءَ جي پُڻُ جي اڃا تائين شادي نه ٿي آهي، پر هوءَ پيئي ٻين کان پُڄي ته گهوٽ ڪنوار لاءِ بسترو ڪٽي وڇايان؟)

- مينهن وسي ٻه پهر، چنو وسي ڇهه پهر.
(مينهن ٻه پهر وسي بند ٿي ويو آهي، پر اُن کان پوءِ ٻه جهوپڙي مان پاڻي پيبو ٽمي.)

(12) جيوت- روپ: بيجان شين جو جڏهن اِن ريت بيان ڪجي، جڙ اُهي ساهه واريون آهن، تڏهن جيوت- روپ آهي.

- مرڻ مُهورتُ نہ پڇي پڇي تت نہ وارُ.
(هتي موت جو ماڻهوءَ وانگر ذڪر ڪيل آهي. موت تاريخ يا ڏينهن پُڇي نہ ايندو آهي.)
- عشق انڌو آهي.
(عشق انڌي انسان وانگر آهي، جيڪو پنهنجو پلو ٻُرو نہ ٿو ڏسي سگهي.)
- جاءِ چوي جوڙائي ڏُسُ، شادي چوي ڪري ڏس.
(مطلب تہ جڳهه اڏائڻ ۾ شادي ڪرڻ ۾ پنهنجي اندازي کان وڌيڪ خرچ ٿي ويندو آهي.)
- پِتيُن کي ٻہ ڪَنَ آهن.
(نازڪ ڳالهيون زور سان نہ ڪجن.)
- هاسي ڪرهن جي ماسي.
(ڪل پوڳ ڪرڻ، جهيڙي جي پيڙ آهي.)

صنايع بدائع جي استعمال سان پهاڪن ۾ سونهن ۽ اثر پيدا ٿئي ٿو. انهن جو استعمال سهج سُياوَ پهاڪن ۾ نظر اچي ٿو. بولي‌ءَ جي انوکي اظهار يا معجزي جا گهڻي ئي نمونا آهن. اِن ڪري 'النكار شاستر' ۾ مختلف اُستادن ۽ ماهرن جيڪي النكار يا صنعتون ڄاڻايون آهن، اُنهن جو تعداد هڪ جيترو نہ آهي. هتي فقط پهاڪن ۾ انهن جي استعمال جا ڪجهه مثال ڏنا ويا آهن. هتي سيني انهن جو بيان ڪري انهن جي آڏار تي پهاڪن جي ورهاست ڪرڻ اسان جو مقصد نہ آهي.

4.3.3. سنڌي پهاڪن ۾ تُڪ:

پهاڪي ۾ تُڪ، ڪير ۾ ڪنڊ مثال آهي. جيئن ڪنڊ جو صحيح

مقدار ڪير کي وٽندڙ ۽ سوادي بڻائيندو آهي، تيئن تُڪ جو صحيح استعمال پهاڪي جي خوبصورتي وڌائيندو آهي. پهاڪن جي نهڻ ۾ تُڪ جي وڏي اهميت آهي. تُڪ سان پورو ٽيندڙ پهاڪو آسانيءَ سان ياد ٿئي ٿو ۽ ذهن ۾ گهڻي وقت تائين پنهنجو هنڌ ناهي ونڊي ٿو. جيڪڏهن پهاڪو وسري وڃي ٿو تہ تُڪ جي ڪري وري ياد اچڻ ۾ وڌيڪ دير نہ ٿي لڳي. تُڪ سان پورو ٽيڻ وارو پهاڪو، خشڪ نثري پهاڪي کان وڌيڪ دِلڪش ٿئي ٿو. اِنهيءَ سبب ڪري تُڪ وارا پهاڪا عام ماڻهن ۾ جلد مشهوري حاصل ڪن ٿا.

سنڌي پهاڪن ۾ تُڪ جون جيڪي مختلف صورتون ملن ٽيون. اُهي هن ريت آهن:

(1) **بن حصن ۾ ورهايل تُڪ وارا پهاڪا:**

تُڪ سان پورا ٽيڻ وارا پهاڪا گهڻي ياڳي بن حصن ۾ ورهايل هُجن ٿا ۽ اُنهن حصن جا اڪري لفظ تُڪ ۾ پورا ٽين ٿا. جيئن تہ:

- اک ڪيڻ سؤڪي، پر وجهڻُ اوڪي.
(ڪنهن کي نقصان پهچائڻ تہ سؤلو آهي، پر اُن کي وري نيڪ ڪرڻ اوڪو آهي.)
- عقلمند کي اِشارو، احمق کي ٺارو.
(سياڻي ماڻهوءَ لاءِ اِشارو ڪافي آهي، پر بيوقوف کي ٺارو يا چابُڪ هڻي هُن کان ڪم ونجي.)
- عقل بنا انڌو، پئسي بنا منڌو.
(عقل کان سواءِ ماڻهو انڌو آهي، پر پئسي کان سواءِ هُو منڌو يعني لنگڙو آهي.)
- پيٽ ۾ نہ جيسين روٽي، تيسين ڳالهه مڙئي کوٽي.
(جيسيتائين ماڻهوءَ کي کاڌو نہ مليو آهي، تيسيتائين هُو کوبہ ڪم نيڪ نموني سان نہ ڪري سگهندو.)
- بڻي تہ بڻي، نہ تہ دال روٽي گهڻي.
(ڳالهه بڻجي ويئي تہ سُڻي آهي، جي نہ بڻي تہ ٻہ حياتي

گذارڻ لاءِ گھُربل وسيلا ڪافي آھن.)

ڪي پھاڪا اھڙا ٻہ آھن، جيڪي ٻن حصن ۾ ورھايل ٿہ آھن پر اُنھن جي ٻنھي حصن ۾ شروعاتي ۽ آخري لفظ ساڳيءَ ٽُڪ وارا آھن. جيئن ٿہ:

- چوري نہ موري، موري ٿہ ٻہ گھوري.

(چوري ڪڏھن ٻہ فائديمند يا ڦل واري نہ آھي، پر جي ڦلُ ڏئي ٿہ ٻہ اُن کي گھوري ڇڏجي.)

ڪجھہ پھاڪا اھڙا ٻہ ملن ٿا، جن جي ٻنھي حصن جا آخري ٻہ ٻہ لفظ ساڳيءَ ٽُڪ وارا ھجن ٿا.

- اڳيان پائي پائي، پٺيان چائي چائي.

(مُنھن سامھُون ٿہ پاءُ پاءُ چوي ٿو، پر پٺيان گلا ڪري ٿو.)

ڪي پھاڪا اھڙا ھجن ٿا، جن جي ٻنھي حصن جا آخرين لفظ ساڳيا ئي ھجن ٿا. مثلاً:

- اڪ ڪاٽي ڪجي، پر ڏِس ڪاٽي نہ ڪجي.
- اڪيلو نہ ڪلندو سُونھي، نہ روئندو سُونھي.

ٽڪن جو لڳاتار وھڪرو:

ڪن پھاڪن ۾ لفظن ۽ جملن جا ٻنڌن (بندشون/ رڪاوٽ) ڪونہ ٿيندا آھن. اُنھن ۾ ٽُڪ پاڻيءَ جي وھڪري جيان لڳاتار ھوندي آھي، جنھن سبب ڪري پھاڪي ۾ لئہ پيدا ٿيندي آھي. جيئن ٿہ:

- اَٽي تي اٽو، نڪو ڪارو، نڪو ڪٽو.

(اٽي ۾ اٽو گڏبو ٿہ اُن جو سواد ساڳيو ئي رھندو. اُھو ڪٽو يا ڪارو نہ ٿيندو.)

- ابي چاڑھي، ادِي چاڑھي،
مون نہ چاڑھي ٿہ ڪنھن نہ چاڑھي.

(جيسيتائين مون پاڻ ڪمائي ڪري گھر نہ ھلايو آھي، تيسيتائين فقط ٻين جي ڪمائيءَ تي آسرو رکڻ، نيڪ نہ آھي.)

- اُٺُ کي لاٽو، گھوڙي کي داڻو.

(اُٺُ کي لاٽو ڪائڻ سنو لڳي ٿو، گھوڙي کي اناج ڪائڻ وٽي ٿو. مرد ناڻي سان سونھي ٿو ٿہ زال وري ماڻا ڪرڻ جي ڪري سونھي ٿي.)

ڪي پھاڪا اھڙا ٻہ ٽين ٽا جن کي حصن ۾ يا بندن (بيھڪن) ۾ ورھائي نہ ٿو سگھجي. اُنھن جي ھڪ ئي بند ۾ ٽُڪ وارا لفظ ھجن ٿا.

- آتم گھاتي مھاپاپي.

(آپگھات يا آتم ھتيا (خودڪشي) ڪندڙ مھاپاپي (وڏو گناھگار) آھي.)

- ڪيتي سر سيتي.

(ڪيتي اُھا آھي، جيڪا پنھنجي سر يعني پاڻ ڪجي.)

- ڪماليت کي زواليت.

(ھر ڪمال کان پوءِ زوال ھوندو آھي.)

(2) **ٽن حصن ۾ ورھايل ٽُڪ وارا پھاڪا:**

گھٽيئي پاھاڪا ٽن حصن يا بَندن ۾ ورھايل ھجن ٿا، جن ۾ ھرھڪ حصي جي آخرين لفظن جي ٽُڪ ملي ٿي. مثال طور:

- اُٺُ ٻہ ناٽو، ويھڙ ٻہ ناٽو، ناڻي بنا نڙ ويڳاڻو.

(زندگيءَ جي ھرھڪ قدم تي ناڻو يعني پئسي جي ضرورت آھي، اُن کان سواءِ ڪوبہ ماڻھو ويڳاڻو ٿي پوي ٿو.)

- پير عيسيٰ، پير موسيٰ، بڙا پير پئسا.

(عيسيٰ موسيٰ پيغمبر ٿي ويا آھن. پر ھن سنسار ۾ انھن کان بہ وڏو پير پئسو آھي.)

- آئون بہ راڻي، ٿُون بہ راڻي، تہ ڪير پريندو پاڻي؟

(ھرڪو پاڻ کي وڏو سمجھندو تہ ڪم ڪيرُ ڪندو؟)

- ھڪ پيرو جوڳي، ٻہ پيرا پوڳي، ٽي پيرا روڳي.

(سڄي ڏينھن ۾ ضروري حاجت لاءِ جيڪو ھڪ دفعو وڃي ٿو اُھو يوگي آھي، جيڪو ٻہ دفعا وڃي ٿو، اُھو پوڳي

يعني عياش آهي ۽ جيڪو ٽي پيرا وجي ٿو، اُن کي بيمار سمجهڻ کپي.)

- ڏوڙ پَکُليو ماءُ پرين،
ڏن پکُليو جوءِ پرين،
اڄي کپڙين سسُ پرين.
(متيءَ ۾ راند ڪري ڏوڙ سان پريل ٻار ماءُ کي وڻي ٿو. پئسي وارو مرد پنهنجي زال کي پيارو لڳي ٿو ۽ سُنا کپڙا پائيندڙ نائي سسُ کي سنو لڳندو آهي.)

(3) **چئن حصن ۾ ورهايل ٽُڪ وارا پهاڪا:**

گهڻن ئي پهاڪن جي بناوت چند جي چئن مصرعن يا سِٽن مثل ٿئي ٿي. هيٺ ڏنل پهاڪن ۾ پڻ چئن سِٽن وارا مثال ملن ٿا، جن جي سيني آخرين لفظن جي ٽُڪ پاڻ ۾ ملي ٿي. جيئن ته:

- پنهنجو گهر، ڪِن سان ڪري پرُ،
پرايو گهر، ٽُڪ اُجلي ڏرُ.
(پنهنجي گهر ۾ جيڪڏهن ڪو گندگي ڪري ٿو ته ڪيس ڪوبه چوڻ وارو نه آهي. پر پرائي گهر ۾ ماڻهو ٽُڪ اُجلينڊو ته به ڏجندو ته متان ڪو ڪيس ڏمڪائي.)
- ڏيئڙي سو ڪِر، جو ڏُنُئه ماءُ گهر.
ٽُونهڙي سو ڪر، جو ڏُنُئي سسُ گهر.
(هتي ڏيءَ کي چيل آهي ته تون پنهنجن پيڪن ۾ پنهنجي ماءُ جي گهر جي رواج موجب هلت ڪر. پر جڏهن پرڻجي ساهُري گهر وڃين ته پوءِ ساهُرن جي ريتين ۽ رسمن موجب هل.)
- ماءُ سا ماءُ، ٻيو سڀ دنيا جو واءُ،
ماسي نه ٿئي ماءُ، توڙي ڪڍي ڏُئي ساهه.
(دنيا ۾ ماءُ جهڙو امُلهه رشتو ٻيو ڪوبه نه آهي. ماسي به

جيڪڏهن پاڻ کي قربان ڪري ڇڏي، تڏهن به هوءَ ماءُ جي جاءِ نه وٺي سگهندي.)

- سِکي سِکي مڙس ڪيائين، ٻي جا ٻڌائين سڳي،
اڳي کاڌائين لوڙهه ميڃي، هاڻ لُڏڻ لڳي.
(سِکي سِکي هُن شادي ڪئي آهي ته پاڻ کي ناهه نوهه ۾ گهٽو وقت ٿي وڃائي. اڳي ته هوءَ غريب گهر ۾ پلي هُئي، پر هاڻي شاهوڪارن ۾ شادي ٿيڻ تي پوءِ پاڻ تي گهمنڊُ غرور.)

حصن جي اندر ٽُڪ ملائڻ:

سنڌيءَ ۾ کي پهاڪا اهڙا به ملن ٿا، جن جي چرڻ اندر ٽُڪ وارا لفظ سمايل هجن ٿا.

- گهٽين زالين گهر نه هلي، گهٽين مردين هر نه هلي.
(گهٽين زالن سان گهر جو گاڏو نه هلي سگهندو آهي ۽ گهٽن مردن سان ڪيتي نه ٿي سگهندي آهي. هتي 'گهر' ۽ 'هر' ۾ ٽُڪ سمايل آهي.)
- سؤڪيءَ پائي سيڪو، اوڪيءَ ٽُون آڏار.
(سُک ۾ سڀ ڪو ويجهو مائٽ ٻڌجي ٿو، پر اوڪيءَ ويل ڏٽي سائين ئي سهارو آهي.)
- اوٽ پڙي موٽ ۾، ڪنوار پڙي گهوٽ ۾.
(جيڪي ڏُنُئه ته موٽ ۾ توکي اوترو ئي مليو. ساڳيءَ طرح ڪنوار کي گهوٽ مليو ته وري گهوٽ کي ڪنوار ملي. اِن طرح ٻئي برابر ٿيا.)
- ڪُني ڦُرائجي، ٻني نه ڦُرائجي.
(دوستن سان گڏ ٻلي وندي ورهائي ويهي کائجي، پر جتان روزي روٽي ملي ٿي، اُن ۾ ٻئي سان حصيداري نه ڪجي.)
- زالان ڏاوڻُ، مردان ڪاوڻُ.
(زالن کي وهنجڻ گهٽو وقت نه لڳائڻ کپي ۽ مردن کي وري ڪاڏي پيتي ۾ اجائي ڏيگهه نه ڪرڻ کپي.)

ٽڪ ۽ انگ:

ڪن پھاڪن ۾ انگن جو استعمال فقط ٽُڪ ملائڻ لاءِ اچي ٿو.

جيئن تہ:

- آمو ڏھ گامو.

(انبن جا وڻ ڏھن ڏھن وِڪنِ تي يعني ھڪ ٻئي کان پري پري پوکجن تہ قلُ ڏيندا.)

- اسِي مت کسِي.

(اسِي سالن جي عمر ۾ ماڻھوءَ جي ذھني قوت گھٽجي ويندي آھي.)

- سانو تہ پانو.

(ست سالن جي عمر ۾ ٻہ مرد طاقتور ھوندو آھي.)

ٽڪ ۽ نالا:

ٽُڪ ملائڻ لاءِ ڪِن پھاڪن ۾ اسم خاص ٻہ ڪتب آندا ويا آھن.

مثال طور:

- جيڪي ڪري ناڻو، سو نہ ڪري راڻو.

(ٻئسي ۾ وڏي طاقت آھي، جيڪو ڪم ٻئسي جي معرفت ٿي سگھي ٿو، اُھو ڪم پوڻ تي راڻو يعني وڏو ماڻھو ٻہ نہ ڪري سگھندو.)

- ھُجيئي ڳُنڍ ۾ ناڻو، تہ گھُمُ خان لاڙڪاڻو.

(ڳُنڍ ۾ پئسو اٽيئي تہ پوءِ لاڙڪاڻو گھُمُ يعني عيش ۽ آرام جي زندگي گذار.)

ٽڪ ۽ حقيقت:

پھاڪا ماڻھن جي آزمودن تي ٻڌل ھجن ٿا، اِنھيءَ ڪري اُنھن ۾ حقيقت ھئڻ لازمي آھي، ۽ ٻئي پاسي ٽُڪ جي مدد سان پھاڪا وڌيڪ اثر پيدا ڪن ٿا. پھاڪن ۾ ٽُڪ ۽ حقيقت، ٻنھيءَ جي ساڳي اھميت آھي، پر جيڪڏھن ٽُڪ کي اھميت ڏيڻ سبب حقيقت جي قرباني ڪبي تہ رڳو ٽُڪ جي پروسي پھاڪا گھٽي وقت تائين زندھ

ڪونہ رھي سگھندا. اِنھيءَ لاءِ جن پھاڪن ۾ ٽُڪ ۽ حقيقت جي طاقت ساڳي ھجي ٿي، اُھي پھاڪا مشھور ٿي گھٽي وقت تائين عام ماڻھن ۾ عام ٿين ٿا. ٽُڪ ۽ حقيقت تي ٻڌل ڪجھ پھاڪن جا مثال ھن ريت آھن:

- ھاسي، ڪرھن جي ماسي.

(ڪل مسخري جھيڙي جي ماسي آھي، يعني اُن مان مسئلا ٿين ٿا؛ اِن ڪري مھل ڏسي ڪِل چرچو ڪجي.)

- ھڙ ٻہ گاسو، لوڪ ٻہ تماشو.

(ھڙ ٻہ گسي يعني خرچ ٻہ ٿئي ۽ ٻيا ماڻھو ٻہ پاڻ تان ڪلائجن. ٻہ پائر پاڻ ۾ وڙھي ڪورٽ تائين ٻہ ويا، جنھن ۾ سندن خرچ ٿيا ۽ پنھنجو مانُ ٻہ گھٽايائون.)

- ماءُ جٽيندي، پاڻ نہ ڳٽيندي.

(سڀ ڪنھن جو نصيب پنھنجو پنھنجو ٿيندو آھي. ماءُ پنھنجي ٻارن کي جنم تہ ڏي ٿي، پر اُنھن کي پاڻ ورھائي نہ ٿي ڏيئي سگھي.)

- پيءُ سندس پيھُون کُٽيوُن، ڏاڏي سندس ڏاڻا،

اڳي پُڇيائون ٿي ذات پات، ھاڻي پُڇن ٿا ناڻا.

(ھيءُ پھاڪو ٽُڪ ۽ حقيقت جو بھترين مثال آھي، جنھن ۾ ناڻو يعني پئسي جي وڏندڙ اھميت جي حقيقت پيش ڪيل آھي.)

4.3.4. سنڌي پھاڪا ۽ چند رچنا:

ساھت يا ادب جي رچنائن يعني تخليق کي مکيہ طور ٻن قسمن ۾ ورھايو ويو آھي، جيڪي آھن:

(1) گديَہ يا نثر (Prose)

(2) پديَہ يا نظم (Poetry)

پديَہ رچنا يعني Poetry ۾ چند کي گھٽي اھميت آھي. چندن جا جدا جدا قسم آھن، جيڪي ماترائن يا ورڻن جي ڳڻپ، ورام يا يتِ

(پابند ڪيل)، لئ (آواز جي لھڻ ۽ چڑھڻ) ۽ ٹُڪ وغيره جي اصولن سان بڌل يا پابند ھوندا آھن. چند جي ڪري نظم ۾ سنگيت جو ميناج پاڻ مرادو پيدا ٿي ويندو آھي. جنھن ڪري اُھو ٻُڌندڙن جي ذھن تي گھٹو اثر ڪندو آھي.

نثر ۾ چاھي چند رچنا تخليق جي پابندي نہ آھي، پر اُن ۾ لفظن جي چُونڊ، ورام ۽ لئ جي ذريعي موسيقيءَ جو ميناج پيدا ڪري سگھبو آھي. اھڙي رچنا کي لئ يلترنم وارو يا نظماٹو نثر (Rhythmic prose) چئبو آھي.

شاھ لطيف، سچل، سامیءَ وغيره شاعرن جي شاعريءَ جا يا اُنھن جون ٹُڪون اڪثر پھاڪن وانگر مشھور ٿي ويون آھن. اِن ڪري اُنھن ۾ چند جي پابندي بہ سمايل آھي. پر گھٹا پھاڪا روزمره جي تجربي جي پيدائش آھن. اِن ڪري اُنھن ۾ چند جي بندش رکيل نہ آھي. ھائو، سياويڪ طرح جيڪڏھن اُنھن ۾ موسيقي جي لئ ۽ ميناج اچي وڃي تہ اُھا ٻي ڳالھہ آھي. گھٹو ڪري پھاڪن ۾ تجنيس حرفي يا ٹُڪ لئ جو جزو مڪيہ ھوندو آھي. اِن ڪري پھاڪا جلدي ياد ٿي وڃن ٿا ۽ ذھن تي گھٹو اثر ڪن ٿا.

چند جي لحاظ کان پھاڪن کي چئن قسمن ۾ ورھائي سگھجي ٿو. چند ۾ ماترائن يا ورٹن جي ڳٹپ جو ڏيان رکبو آھي.

(1) چند ۾ بڌل پھاڪا (Proverbs in verses)
(2) لئ ۾ بڌل پھاڪا (Proverbs with rhythm)
(3) نظماٹي نثر وارا پھاڪا (Proverbs in Poetic prose)
(4) سادا چند بغير نثري پھاڪا (Simple prose utterances)

(1) چند ۾ بَڌل پھاڪا:

- ديسي سيٹ ڪجن، پرديسي کھڑا پرين،
لڏيو لاڏاٹو ڪيو، پنھنجي ديس وڃن. (شاھ)
(پنھنجي ديس وارن سان پريت ڪجي، پرديس پرين تي کھڑو اعتبار؟ ھو تہ پريم جو پيچ پائي، پوءِ لڏي پنھنجي

ديس ھليا ٿا وڃن.)

- وَڳر ڪيو وتن، پِرت نہ ڇنن پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن ماڻُھان ميٹُ گھٹو.
(پکين کي ڏسو تہ ھُو ڪيئن پاڻ ۾ وڳر ڪيو اُڏامن ٿا. ھُو ڪڏھن بہ پريم جي پيچ کي نہ ٿا ڇنن. ھنن ۾ تہ ماڻھن کان بہ وڌيڪ پاڻ ۾ سِڪ ۽ پريم آھي.)

- سامي سيُ ديدارُ، اٹيئي عجيبن جو،
ڏسي ٻُڌي پاڻ ٿو، ٻولي ٻولڻھار،
تِراکارُ آکارُ، ڏاري آيو جڳ ۾.
(سامي چوي ٿو تہ ھن دنيا ۾ جيڪي ڏسان ٿو سو سيُ ڏٹي سائين جو پسارو آھي. ھو پاڻ ئي ٻُڌي ٿو، ڏسي ٿو ۽ ٻولي ٿو. نراکار (بي شڪل) نرگڻ (بي صفات) ڏٹي سائين ھن جڳت ۾ آکاسر (مختلف روپ) اختيار ڪري انسان جي شڪل ۾ جنم ونڌي آيو آھي.)

- جٹيءَ سُٹُ پُسايو، واٹئي وِڌيسِ وٹي،
جٹيءَ ليکي واٹيو مُنو، واٹئي ليکي جٹي،
مُني سائي جٹي، تہ مُني سائي جٹي.
(جٹي سُٹُ پسائي واٹئي کي وکٹڻ ويئي تہ آلي سُٹ جي تور گھٹي ٹيندي. واٹيو وڌيڪ سياٹو ھو. ھُن وري ڪُوڙا وَٹ وجھي جٹيءَ کي تور ۾ نڳي ڇڏيو. نتيجو اِھو نڪتو جو ھن سودي ۾ جٹي نڳجي ويئي.)

- پٹس سندس پيھون ڪُٹيون، ڏاڏي سندس ڏاٹا،
اڳي پُڇيائون ٹي ذات پات، ھاٹي پڇن ٿا ناٹو.
(ھُن جو پيءُ پيھون ڪُٹيندو ھو ۽ ڏاڏو ڏاٹا ڪُٹيندو ھو. اڳي تہ ذات پات کي ڏيان ۾ رکي مِٹي مائٹي ڪئي ويندي ھئي، پر ھاٹي تہ ناٹو ٿا ڏِسن.)

- انڌير نگري چرپٹ راجا،

ٽکي سيرُ پاڃي، ٽکي سيرُ کاڃا.
(چرئي راجا جي راڄ ۾ انڌير آهي؛ پاڃي ۽ کاڃا ساڳئي اگهه تي پيا وکامن.)

- کلر ويري کوٽ جو، آهي مڇيءَ ويري ڄارُ،
مُڙس ويرياڻي ننڍڙي، زال ويري سينگار.
(کلر جي ڪري قلعي جون ديوارون ڪري پون ٿيون. مڇيءَ جو ويري آهي ڄارُ، جنهن ۾ هُو ڦاسي ٿي. مرد لاءِ ننڍ ڪرڻ ٺيڪ نہ آهي. زال گھٽو سينگار ڪري تہ اُهو بہ سنو نہ آهي.)
- ڏُک سُکن جي سُونهن، گھوريان سُک ڏُکن ري.
(زندگيءَ ۾ ڏکُ سُور سھڻ کان پوءِ ملندڙ سُکن جو قدر ٿئي ٿو. اِن ڪري اُهي سک مان ڇڏي ڏيان، جيڪي ڏکن کان سواءِ ملن ٿا.)

چندن يا بيتن جون ٽکون:

- اندر ٿُون اُجار، پنا پڙهندي کيترا؟
(ٿُون پنهنجي من کي صاف ڪر. ڏرم جون پوٿيُون (مذهبي ڪتاب) کيتريون پڙهندين؟)
- ڇاجي ڏنگا ڏير، منهنجو ڏينهُن ڏنگومَ ٿئي.
(جيڪڏهن ڏير خراب ٿيا تہ اُنهن مان مون کي ڪهڙو نقصان رسندو؟ شال منهنجي قسمت خراب نہ ٿئي.)
- جنين هڻُ هاريو، تنين جيتيو جڳ کي.
(جن غرور، کي وڃايو آهي، تن هِن سنسار تي سُوپ پاتي آهي.)
- پَتِت کي پاونُ سامي ڪيو ستگُروءَ.
(ستگروءَ (مُرشد) پنهنجي مهر جو هٿ ڏري پاپيءَ (گناهگار) کي بہ پوتر (پاڪ) ڪري ڇڏيو آهي.)

(2) **لئ ۾ بدل پھاڪا:**

اُنهن پھاڪن ۾ ٺُڪبندي هوندي آهي، پر لئ جو استعمال صاف نظر اچي ٿو. اِن جا ڪجھ مثال هن ريت آهن:

- سيد ۽ سپاهي، تنهن کان رکج يا الاهي.
(سيد ۽ سپاهي، ٻئي ويساھ جوڳا نہ آهن.)
- عامل نہ دوست، ڦڦڙ نہ گوشتُ.
(جھڙي طرح ڦڦڙ گوشت وانگر نہ کائبا آهن، تيئن سرڪاري ڪامورو بہ اوکيءَ ويل دوستي نہ نيائيندو آهي.)
- ڏکُ ھڻ ڏيءَ کي تہ سِکي نھن.
(پنهنجي ڏيءُ کي ڏمڪي ڏي تہ نھن پاڻيھي سِکي ويندي.)
- پرڻُ چوي ڏُونگھي کي، ھلُ ڙي ٽِڻنگا.
(پرڻ پنهنجا سوراخ ڏسي ڪونہ ٿو ۽ ڏُونگھي کي چوي ٿو تہ تو ۾ ٽي ٽنگ آهن.)

لئ جو ميناج پيدا ڪرڻ لاءِ پھاڪن ۾ گھڻو ڪري پابند ڪيل، تجنيس حرفي يا لفظن جي ڏُھرائڻ جو استعمال نظر اچي ٿو.

- آزمائي کي آزمائي، سو ڏوُڙ مُنهن ۾ پائي.
(پرکيل کي وري پرکبو تہ پاڻ کي ئي خراب ڪبو.)
- جھل رن کي تہ لَڏ پيئي وڃي،
جھل لَڏ کي تہ رن پيئي وڃي.
(ھڪ شيءِ کي سنيال تہ بي ھٽن مان نڪري وڃي.)
- آرسي ڙي آرسي، مُون جھڙو ڪو ٻيو؟
(جيڪو پاڻ کي سھڻو سمجھي ۽ رڳو ناھ نُوھ ۾ وقت وڃائي، اُن لاءِ چئبو آهي.)
- آيا مير، ڀڳا پير.
(زورآور ماڻھن جي اچڻ سان ڪمزور پڄي ڪنارو ڪن.)
- ٻرن کان ٿو ٻير گھُري.
(اُن ماڻھوءَ لاءِ چئجي جنهن مان ڪمُ سِڌ نہ ٿي سگھي.)

(3) **نظماٽي نثر وارا پهاڪا:**

- آءُ تہ پيٺ ڪرهن ڪريُون.
(جاڻي واڻي جيڪو جهڳڙو ڪرڻ چاهي تنهن لاءِ چئبو.)
- ابي چاڙهي، ادي چاڙهي، مون نہ چاڙهي، ڪنهن نہ چاڙهي.
(جيستائين مون خود ڪوشش ڪري نہ ڪمايو آهي، تيسيتائين ٻين جي ڪمائيءَ تي جيئڻ ۾ ڪهڙو لاڀ؟
- اٿو ڪاڏو ڪُوئي، مار پيئي گابي تي.
(ڏوهہ هڪ ڪيو، پر اُن جي سزا ٻئي کي پوڳٽي پيئي.)
- اُهي وڻ ٻہ ويا، واهيرا ٻہ ويا.
(اُهي وڻ ۽ اُنهن تي نهيل آکيرا ٻئي ختم ٿي ويا. مطلب تہ سنو سمو گذري ويو.)
- اڇي پگ مَ پسُ، اندر مڙيئي اڳڙيُون.
(ٻاهرين چمڪ دمڪ تي موُهت نہ ٿيءُ. اُن شيءِ جي اندر سادو مالُ آهي.)
- ٻري تيل، ڪامي وٽِ، واهہ! ڙي ڏيئا واهہ!
(قرباني ڏين هڪڙا، تہ نالو ٿئي ٻين جو.)

(4) **ٻنا چند يا سادا نثري پهاڪا:**

- وڏن ۾ وڏي ڪلا.
(بزرگن ۾ گهٽي سياڻپ هوندي آهي.)
- اُٺ پنيان گهنڊٽي.
(وڏي ڄمار واري سان ننڍي ڄمار واري چوڪري پرٽجي، تڏهن چون.)
- اڄ جو ڪم سياڻي تي نہ وجهجي.
(مطلب تہ سُستي ڇڏي هرڪو ڪم جلد ڪجي.)
- ڪچڻي نہ آهي جا ڪائي ونبي.
(مطلب تہ ڪچڻي ڪائڻ جهڙو سؤکو ڪم نہ آهي.)

- آگَرن ۾ٻني هٿ ڪارا.
(خراب ڪم ڪبو تہ بدنامي ٿيندي.)
- اَن جو مُنهُن جند ڏي.
(ماڻهو جتي روزي روٽي ڪمائي ٿو، اوڏانهن ئي ويندو.)
- انڌن ۾ ڪاڻو راجا.
(اڻ پڙهيلن ۾ ٿوري ڄاڻ وارو ٻہ وڏو ليکجي ٿو.)
- اِنسان خطا جو گهر آهي.
(اِنسان کان پُل چُڪ پيئي ٿيندي آهي. هُو مڪمل نہ آهي.)
- هڪ تندرستي، هزار نعمت.
(جيڪڏهن ماڻهو تندرست آهي تہ هُو دنيا جُون هزارين نعمتون ماڻي سگهي ٿو.)
- بچڙو ڪتو، ڏٽي پُٽائي.
(چتو يا پوڪندڙ ڪُتو ٻين کي ڏاڙهي پنهنجي مالڪ کي بدنام ڪندو آهي.)

✡

5

سنڌي پهاڪن جو سماجي ۽ ثقافتي اڀياس

5.1 سنڌ جا تاريخي پهاڪا:

آکاڻيون، قصا ۽ داستان لوڪ ادب جو حصو آهن، جن جو سلسلو پارت ۾ سيني بہ سيني نسل در نسل هلندو پيو اچي. پارت ۾ گاتائُن (ڪٿائن) جي روايت تمام جُهوني آهي. 'گاتا' سنسڪرت جو لفظ آهي، جنهن جو استعمال رگ وید ۽ برهمڻن گرنٿن (ڪتابن) ۾ بہ ملي ٿو. جيئن تہ، "سُوريا پدرمِدَوَاسو گاٿيئيتِ پَرِشڪرتَم."[6] (رگ وید، م. 10 . اَ. 7. سوُ 85، منتر 6)

جهوني وقت کان وٺي ڪنهن راجا، راڄ گهراڻي، شخص ۽ خاص جي اهر ڳالهہ عام ماڻهن کي ٻڌائڻ لاءِ گاتا جو استعمال ٿيندو پيو اچي. راجائن جي ڪردار جي ساراهہ ۾ پڻ گاتائون ڳايون ويندیون هيُون. تاريخي گاتائن جي روايت مهاپارت جي دؤر ۾ بہ نظر اچي ٿي. مهاپارت ۾ راجا دُشينت جي پُٽ پرت بابت انيڪ گاتائون ملن ٿيون.

'گاتا' لفظ جي سنڌيءَ ۾ شڪل بدلجي 'ڳاهہ' ٿي آهي. 'ڳاهہ' سنڌي شاعريءَ جو آڳاٽو نمونو آهي. هن لفظ جو لاڳاپو ڳائڻ سان آهي. ڏسجي تہ سنڌ جا تاريخي پهاڪا هڪ طرف سنڌ جا تواريخي، نيم تواريخي قصا، ڪهاڻيون ۽ گاتائون ئي تہ آهن، جن کي سنڌ جي چارڻن ياٽن، منگٽن ڳائي مشهوريءَ جي اوج تي پهچايو آهي.

هتي اها ڳالهہ چوڻ اجائي نہ ٿيندي تہ موضوع جي خيال کان گاتائن جو بنياد هميشہ حقيقتن تي ٻڌل ڪوبہ هوندو آهي. گاتائن ۾

6. ويدن واري دور ۾ هندو ڌرم موجب: "گهوڙي جي قرباني جي رسم".

جاڻ- اڻڄاڻ ۽ اُتساهہ سببان ڪي غيرحقيقي ڳالهيون ۽ ڏند- ڪٿائون پڻ سمائجي وڃن ٿيون. تنهنڪري هِتي تاريخي پهاڪن جي بنيادي ويچارن کي پوري ريت تاريخي سچائي سمجهي قبول نہ ڪرڻ ڪپي. ها! اها پڻ غور طلب ڳالهہ آهي تہ جن واردانن، شخصن، حالتن، هنڌن ماڳن جو بيان مُلڪ جي لِکيل تاريخ ۾ نہ ٿيو آهي، اُهي پهاڪن ۾ سلامت ملن ٿيون.

پهاڪا گذريل دؤر کي جاڻڻ، سمجهڻ لاءِ بهتر تحفا هوندا آهن. پهاڪن ۾ اها قوت هوندي آهي، جنهن جي معرفت اسين پنهنجي تاريخ کي سهڻي نموني سمجهي سگهون ٿا.

اسين تاريخي پهاڪن کي هت هينئين مکيہ حصن ۾ ورهائي اُنهن تي ويچار ڪنداسين:

(1) شخصن متعلق
(2) وارداتن متعلق
(3) نيم تاريخي لوڪ ڪٿائن متعلق
(4) آڳاٽين حالتن متعلق
(5) قديم پارت جي تاريخ متعلق

(1) شخصن متعلق:

تاريخ بابت جاڻ ڏيندڙ وسيلن ۾ شخصن جو خاص مقام ٿيندو آهي. مشهور عالم البرٽ آئنسٽائن پڻ چيو آهي تہ: "انسان جي زندگيءَ جي گاڏي هلائڻ لاءِ ملڪ بدران انسان جي پنهنجي خبرداري، عظمت ۽ تخليقي قوت (پنهنجي پاڻ مان ڦٽي نڪرندڙ قوت) کي ئي مان وڌيڪ ڪارائتو سمجهندو آهيان." تاريخي شخصيتن جي طاقت، جفاڪشي، تياڳ ۽ سخاوت عام ماڻهن لاءِ يادگار ۽ اُتساهہ ڏيندڙ ٿيندا آهن. اِنهن گڻن جي مدد سان ڪو شخص سماج ۾ گهڻي مشهوري حاصل ڪري ميل جو پٿر ٻڌجندو آهي. سنڌ ۾ پڻ ڪي اهڙا اعليٰ شخص آهن، جن سماج کي نئون رُخ ڏنو آهي ۽ پنهنجي بهترين وهنوار سببان هوُ سيني جي زبان تي چڙهي پهاڪي جي رُوپ ۾ روشن مينار جيان امر

ٿي بيٺا آهن. تاريخي پهاڪن ۾ شخصن سان واسطو رکندڙ پهاڪن جا ڪجهه مثال هن ريت آهن:

"جُهولي لال سائين، ٻيڙا ٻنين لائين".

اها سنڌيءَ ۾ هڪ مشهور چوٽي آهي. مطلب ته هي جهولي لال سائين، اسان جا ٻيڙا ڪنارن تي سلامت پهچائجانءِ. يعني اسان جي اوکيءَ ويل حفاظت ڪري اسان کي سڪل بٽائجانءِ.

سنڌ ۾ گهٽن ئي پهتل شخصن جو جنم ٿيو آهي، جن کي هندُن اوَتاري ماٺهو ۽ مسلمانن پير ڪري پوجيو آهي. وقت گذرڻ کان پوءِ اهڙن شخصيتن سان گهٽا ئي نيم تاريخي واقعا ۽ ڏند ڪٿائون جڙي ويون آهن. اهڙن کن پهتل شخصن ۾ اُڊيرولال، جنهن کي جهولي لال پڻ چيو ويو آهي، تنهن جو نالو پهرين نمبر تي اچي ٿو.

جهولي لال سنڌ جو الله لوڪ ٿي گذريو آهي، جنهن جي پوڄا هاڻي پڳوان جي روُپ ۾ ٿيندي آهي. جهولي لال سان جُڙيل هڪ ڏند ڪٿا موجب سنڌ جي هندن کي اتان جي مسلمان حاڪم مرخ شاهه جي ظلمن کان آزاد ڪرائڻ لاءِ هندو ڏرم جي حفاظت لاءِ هن اوُتاري انسان نصرپور ۾ سن 950ع (وڪرمي سنبت 1007) ۾ چيٽي چنڊ ڏينهن راءِ رتن چند ۽ ماءُ ديوڪيءَ جي گهر جنم ورتو.

هيءُ عظيم انسان ورڻ جو اَوَتار (پاٽيءَ جو پڳوان) ليکيو وڃي ٿو. اِن ڪري سنڌي هندُو درياشاهه جي رُوپ ۾ سندس پوڄا ڪندا آهن، بهراٽا[1] ڪيندا آهن ۽ چيڄ[7] وجهندا آهن. جهولي لال کي اڊيرو لال، لال صاحب، لال سائين، امر لال يا جندهه پير ڪري به سڏيندا آهن. جهولي لال جي استُتي (ساراهه) ۾ 'پنجڪڙا' (پنجن مصرعن تي ٻڌل ڇند) رچيا ويا آهن. سنڌي ناڪُرن امر لال جي جوت جڳائي "درياءَ پنٿ" شروع ڪيو ۽ ڪيترائي سنڌي هندو سندن چيلا آهن. هن پنٿ جي پوئلڳن کي "درياءَ پنٿي" چئجي ٿو. مسلمان پڻ مرخ شاهه جي

1. بهراٽا: ڏيئا ٻاري دريا ۾ اُن کي وهائڻ جي رسم ادا ڪرڻ.
7. چيڄ: سنڌي هِندُن جو لوڪ ناچ.

واقعي بعد اڊيري لال جي زنده پير يا خواجا خضر جي شڪل ۾ مجيندا آهن.

"وهڻ مُنديو ئي ناهي، دلُو پُڄي نار کي".

دلوُراءِ هڪ بداخلاق ۽ ذليل ذهنيت وارو حاڪم ٿي گذريو آهي. سر ايڇ. ايم. اليٽ "تاريخ طاهريءَ" جو حوالو ڏيندي پنهنجي ڪتاب "هسٽري آف سنڌ" واليوم-2 جي صفحي چوٽين ۽ پنجين تي لکي ٿو ته:

"الور ۽ محمد طوُر ڳوٺن جي درميان جيڪو به ملڪ هوندو هو، تنهن تي راجا دلوُراءِ راڄ ڪندو هو. هو وڏو ظالم ۽ زاني هو ۽ هرڪنهن رات ڪنهن نئين عورت سان هم بستر ٿيندو هو. جيڪي به سوداگر، هندستان کان سامان جا ٻيڙا پرائي، ديبل بندر ڏانهن ويندا هئا، تن کي لازمي طور الور کان لنگهڻو پوندو هو. دلوُراءِ، کانئن مال جي اڌ جيترو محصول ونندو هو، جنهن ڪري سوداگرن سان جنسي وَئل هوندو هو. آخرڪار هتان هڪڙو وڏو سوداگر اچي لنگهيو، جو محصول جي ڳاڻي پڳي خرچ جو ٻُڌي، تپرس ۾ پئجي ويو."

اِهو سوداگر ڪير هو ۽ ڪيڏانهن وڃي رهيو هو، تنهن بابت 'تحفة الڪرام' نالي ڪتاب جي صفحي 223 ۽ 224 تي لکيل آهي ته:

"هي عزت وارو ۽ ناليرو سوداگر سيف الملوڪ جي نالي سان مشهور هو ۽ ڪن ماڻهن جو خيال آهي ته هو اصل ۾ شهزادو هو، جو سوداگرن جي لباس ۾ بيت الله ڏانهن وڃي رهيو هو. هوُ هِن نالائق جي ڪارنامن کان بي خبر، اچي سندس ملڪ مان لنگهيو. ساٽس گڏ "بديع الجمال" نالي هڪ سهڻي زال به هئي."

محصول جي عملدارن، سيف الملوڪ جي نالي کي نهايت قيمتي ۽ بيش بها سمجهي، ڳرو سُنگ هڪ طرف رکايو ۽ ٻئي طرف وري سندس زال کي راجا جي محلات ۾ پهچائڻ جو ارادو ڪيو. جڏهن راجا ٻڌو ته سوداگر سان گڏ سندس زال، پري جمال، حُسن ۾ بيمثال ۽ باڪمال آهي تڏهن چتو ٿي پيو. هَوَسَ جو پوت سندس گردن

تي ايتري قدر ته سوار ٿيو، جو ويچاري سوداگر کي خوامخواھ ۾ تنگ کرڻ لڳو. آخر سوداگر عرض کيو ته تن ڏينھن جي مھلت ڏيو، جنھن بعد محصول ۽ بديع الجمال پيش ڪندس.

سيف الملوڪ، اِنھن ڏينھن ۾ ھڪ پاسي خالق اڪبر کي ستائڻ شروع کيو ۽ ٻئي پاسي وڏا وڏا ڪاريگر جيڪي سرنگ ھٽڻ ۽ جَبل ٽاڪڻ ۾ فرھاد جا استاد ھئا ۽ بند سڪندريءَ جھڙي ٻنڌ ٻڌڻ ۾ اٽگسُ ھئا، تِن کي ڪونائي، دل گھريا انعام اِڪرام ڏنائون. سوداگر جو مطلب ھو ته الور کان ھڪڙو مضبوط بندُ ٻڌايان، جنھن ڪري درياھُ پنھنجو رُخ ڦيرائي، بکر ڏانھن وھکرو ڪري. اُھي ڪاريگر، راتين جون راتيون جاڳي، ندي‌ءَ جو پيٽ ۽ ٻنڌ ٻَڌي چُڪا. ھڪ ئي رات ۾ درياھ پنھنجو اڳوٽو وھکرو ڦيرائي سيوھڻ ۽ لڪيءَ ڏانھن اھڙو زور شور سان وھڻ لڳو، جو خدا جي قدرت سان سوداگر سيف الملوڪ جا غوراب، ظالم دلوراءِ جي پرڳڻي کان نڪري ويا. صبح جو ظالم راجا ۽ سندس رعيت نند مان اُتي ڏسن ته مار! جتي پاڻي پئي وھيو، اُتي ھاڻي رڳو گپ لڳي پيئي آھي. اِھو ڏسي رعيت ۽ راجا حيران ٿي ويا.“

محمد صديق پيرزادي جي لکيل قلمي نسخي ”تاريخ سنڌ“ ۾ متئين روايت جي علاوه ھڪ ٻي روايت ٻه ڏنل آھي، جا سندس عبارت ۾ ڏجي ٿي:

”ھن بادشاھ (دلوراءِ) جي زال، تمام حُسن واري ھئي، جنھن جي حُسن جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ مشھوري ٿي ويئي. قنڌار جو ھڪ ھندو بادشاھ ھن جي حسن جي ھاڪ ٻُڌي، پرپٽ ئي ھُن تي عاشق ٿي پيو. اھو سامان سوداگر جو ڪٽي، ٻيڙا پرائي، روانو ٿيو ۽ اچي سنڌ پھتو. بادشاھ دلوُراءِ جي شھر ۾ اچي لنگر ڪيائين. بادشاھ جي سلام تي آيو. احوال ڏنائين ۽ ٻيا تحفا تحائف عجيب و غريب آندائين. ھُو بادشاھ وٽ گھڻو ايندو ويندو ھو. پاڻ ۾ دوستي ٿي وين، پر مخفي طرح مطلب جي ڳولھا پئي ڪيائين. ڪُجھا وکيل ۽ ڏُوتيون پئي

موڪليائين. آخرڪار راڻيءَ جواب ڏنو ته مون تي سخت بندش آھي، توسان ملڻ نه ٿيندو، مگر ڪا زمين مان ڪُجھي سُرنگھ ڪٽائي، اُنھيءَ مان ھلجي، باقي اُن کان سواءِ اڇڻ جو ڪو چارو ڪونه آھي. پوءِ اُنھيءَ سوداگر ڪوشش ورتي. اُنھيءَ بندر کان ڪُجُھي سُرنگھ، زمين مان کوٽائي، پڪين سِرن سان ونگُ ٻڌائي، پُختي ڪري گڇ ھٽائي، تيار ڪرايائين، جيڪا راڻيءَ جي ماڙيءَ ۾ اچي داخل ٿي. مُخفي دري نھرائي ڇڏيائين. ھڪ ڏينھن راڻي اُن دريءَ مان لنگھي، جھاز ۾ آئي. سوداگر بادشاھ جي دعوت ڪئي ھُئي، سو بادشاھ به اُتي آيو ھو. راڻيءَ بادشاھ جي مانيءَ تيار ڪئي. بادشاھ ۽ سوداگر گڏجي ڪري اُھا ماني کاڌي. اِن تي بادشاھ کي شڪ پيو ته اِھا ماني ته پنھنجي گھر جي مانيءَ جھڙي آھي. وري اجا دريءَ تي نظر ڪيائين ته اوچتو راڻيءَ تي نظر پيس. سوچڻ لڳو ته ھوءَ ھتي ڪيئن آئي؟ شايد ماڻھو، ماڻھن جھڙا آھن. پوءِ سوداگر کان پڇيائين ته، ”ھيءَ ڪير آھي؟“ سوداگر وراڻيو ته ”منھنجي زال آھي.“ بادشاھ چيس ته ”ھُن کي سڏ ڪرينس ته اسان سان اچي ڪري ماني کائي. تنھنجي ۽ اسان جي وچ ۾ ڪو فرق نه آھي.“ پوءِ لاچار ٿي سوداگر ھُن کي ڪوٺيو. راڻي اچي ويٺي، پر بادشاھ فڪر ۾ پئجي ويو ته ھيءَ ھتي ڪيئن آئي؟ ۽ ھاڻ اسان سان گڏ اچي ويٺي آھي. جيڪڏھن ھن سوداگر جي زال آھي، پر شڪل ته منھنجي راڻيءَ جھڙي ئي اٿس. بادشاھ پوءِ پنھنجيون پنج ئي آڳريون ڪنھن ٻوڙ ۾ ٻوڙي ڪري راڻيءَ جي ساڙھيءَ تي ائين نشان ڪري ڇڏيا جيئن ڪيس خبر نه پوي.

پوءِ جلد بادشاھ، ماني کائي روانو ٿيو ۽ راڻي به سُرنگھ جي رستي کان ٽِکي وجي، پنھنجي ماڙيءَ ۾ رئو مٿي ۽ پيرن تي پائي سمھي پيئي. بادشاھ به ٿوريءَ دير بعد اچي اُنھيءَ ماڙيءَ تي پھتو. درُ کولي ڏسي ته راڻي سمھي پيئي آھي ۽ سندس ساڙھيءَ تي رس جو نشان چٽو ٻيٺو آھي. بادشاھ موٽي شاھي دربار ۾ آيو. اميرن، وزيرن کي گھُرائي احوال ڪيائين. سيني صلاح ڏني ته، ”في الحال درياھ جي

اولهه ۽ اوير، چؤنڪي بيهاري وڃي، پوءِ هُن سوداگر کي نوڪرن سميت مارائي ڇڏجي.“

هوڏانهن راڻي اُتي، ساڙهي سنيالي ڏسي ته اُن تي ٻوڙ جا نشان بينا آهن. اُتان اُتي، خوف کان لاچار ٿي، سُرنگهه رستي تڪڙي وڃي بندر تي پهتي. اڃي سوداگر کي چيائين ته اڄ اسان جي حياتي پوري ٿي، جو بادشاهه کي سڀُ خبر پئجي ويئي آهي، جي ڪو رستو ٻچڻ جو ٿئي ته وسُ ڪر، نه ته فجر سان سيني کي ماريندا. پوءِ راڻيءَ، سوداگر ۽ سيني نوڪرن، سڄي رات ڏٽيءَ جي درٻار ۾ منٿون ڪيون ۽ ٻاڏايو. ڏٽي رحيم ڪريم آهي، جو ٻانهو، سندس در تي، دل سان زاري ڪري تنهنجي دُعا قبول ڪري ٿو. حڪمت مالڪ جيءَ سان، اُتان پرينءَ پر، هڪ واهرو پراڻو هو، تنهن ۾ درياهه وهي ويو. سوداگر جهاز ڪٽي ڇڏيو، جو ديبل بندر کان وڃي، سمنڊ جو رستو ونڊي، ايران کان هليو ويو. بادشاهه جا ماڻهو جڏهن بندر تي ويا ته ڏسن ته اُتي ته پڌر لڳو پيو آهي. اِن تي ڪنهن چيو:

”وهڻ مُنڊيو ئي ناهي، دلوُ پُڇي نار کي.“

بندر تي ڏٺائون ته هُتي هڪ سُرنگهه لڳي پيئي آهي. سُرنگهه جو رستو ونڊي هو سڀ اڃي ماڙيءَ تي پهتا. اِن کان پوءِ بادشاهه، شاهي درٻار ۾ اڃي چيو ته، ”سوداگر پرديسي هو، پر رعيت اسان جي هُن سان شامل هئي، جنهن اِهو ڪم ڪيو ته اُنهيءَ مان ڪو نمڪ حلال نه ٿيو جو اسان کي اِها خبر ڪٽي ڏئي ها. هاڻ تِن لاءِ ڪهڙي سزا مقرر ڪجي؟“ سيني صبر ڪيو.

بادشاهه چيو ته، ”اُنهيءَ لاءِ اِها سزا آهي، جو جيڪو به، اعليٰ يا ادنيٰ شادي ڪندو ته پهرينءَ رات، ڪنوار سان بادشاهه همبستر ٿيندو.“ اميرن، اُمرائن گهٽيون ئي منٿون، آزيون ڪيون، پر راجا قبول نه ڪيون. آخر اِهو ڪم هلندو آيو.

مٿي ڏنل ڏند ڪٿائون ڪِن تاريخي حقيقتن تي بينل آهن. اِهي حقيقتون آهن. اروڙ ۽ برهمڻ آباد جو ناسُ ٿيڻ ۽ سنڌوندي جو

رُخ بدلائڻ. راجا دلوراءِ جي باري ۾ سنڌ جي تاريخ گهٽي ياڳي خاموش آهي. فقط ايتري جاڻ پوي ٿي ته هُو سومرن جي حڪومت جي اوائلي دؤر ۾ هو ۽ پنهنجي ظلم توڙي عيش سببان ملڪ ۾ بدنام هو. سندس راڄ ۾ جنهن به چوڪريءَ جي شادي ٿيندي هُئي، اُن کي شاديءَ جي رات زبردستي پنهنجي محل ۾ گهُرائي ونندو هو. چوٽي مشهور آهي ته هُن جي ظلمن سبب دلوُراءِ جي نگري اروڙ ۽ برهمڻ آباد هميشه لاءِ زمين ۾ غرق ٿي ويا هئا. اڄ تائين به سنڌي ماڻهو ڪنهن کي پُٽ پاراتو ڏيندي چوندا آهن: ”دلوُراءِ جي نگريءَ وانگر ناس ٿي ويندين.“*

- ”بابرڪت شيخ پَنو، هڪ مئو ٻيو ٽنو.“

شيخ پٽي جي ڪرامت اهڙي آهي جو اُن جي اثر ڪري هڪ مري ويو ته ٻيو پيڃي ويو.

هن پهاڪي جو بنياد جنهن ڳالهه تي بينل آهي، اُها ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هن ريت ڏني آهي:

1351ع ۾ دهليءَ جو سلطان محمد بن تغلق سنڌ تي ڪاهي آيو، پر سن 752 هجري برابر 1351 عيسويءَ ۾ نٽي جي ٻاهران بيمار ٿي گذاري ويو. اُن بعد سلطان فيروز شاهه 1365 عيسويءَ ۾ نٽي تي چڙهائي ڪئي. تاريخ نويس سراج رفيق فارسيءَ ۾ لکيل پنهنجي ڪتاب ”تاريخ فيروزشاهي“ (1398ع) ۾ بيان ڪيو آهي ته جام تماچي ۽ جام بابينو چاليهه هزار پيادن ۽ ويهه هزار سوار فوجن سان فيروزشاهه جو مقابلو ڪيو. آخر فيروزشاهه، رسد ۽ گاهه جي گهٽتائيءَ ۽ گهوڙن ۾ وبا جي بيماري ڦهلجڻ ڪري، وڌيڪ لڙائي ڪرڻ کان توبهه پري واپس ڪوچ ڪري گجرات طرف هليو ويو. سنڌ جي ماڻهن اِنهن مصيبتن جي ٽرڻ کي پير پٽي جي مهر ۽ ڪرامت ڪري سمجهيو ۽ فيروزشاهه جي ڪوچ وقت هينيون جنگي نعرو

* سنديلو، عبدالڪريم، پهاڪن جي پاڙ، لاڙڪاڻو سنڌ، 1966ع، ص 148.

بلند ڪيو، جيڪو بقول همعصر سراج اَفيف جي، نٽي ۾ پھاڪي طور مشھور ٿي ويو.

"بابرڪت شيخ پَنو، ھڪ مئو ٻيو ٽنو".

پير پنو اُن دؤر جو صوفي درويش ٿي گذريو آھي، جنھن جي تُربت نٽي جي ڏکڻ ۾ ڇھن ڪوھن تي آھي. ھِن صوفي نہ فقط پنھنجي جيئري ڪرامتون ڏيکاريون، پر مرڻ بعد بہ سنڌ تان وقت بہ وقت مصيبتون ٽاريندو رھيو.

"سڃو قسيءَ سومرا، اڌ قسيءَ ٻيو لوڪ،
جھيٽي ٻارڻ جھوڪ، نہ تہ ليڙ پيائي لاٿُون ڪري."

يعني تہ جيڪڏھن اڌ قِٽ پيئي سڃي جھان تي، تہ سڃي قٽ سومرن تي، ڇو تہ سردار ٿيڻ جي باوجود سندن بَستين جي باھ سانجھيءَ ٽاڻي جھوڪ ويلي جھڪي ۽ جھيٽي ٿي وڃي ٿي. باقي ٻين وقتن تي لاٿون ڪري پيئي پري. ھن ڳاھ ۾ سانجھي ٽاڻي دونھان ڏکائڻ ۽ مڇ ڪرڻ جي آڳاٽي رسم ڏانھن اِشارو آھي، جنھن ڪري ھن کي تاريخي پھاڪي جي شڪل عام ماڻھن ڪتب آندو آھي.

ھن تاريخي پھاڪي ۾ سمايل رسم جي پٽيان جيڪو واقعو ملي ٿو، سو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ھن ريت بيان ڪيو آھي:

"سومرن کان اڳ سنڌ ۾ عرب حڪمران ھئا ۽ سخاوت عربن جي اجتماعي زندگيءَ جو عام جزو ھو. سانجھيءَ ٽاڻي قافلن جي جھوڪ وٽ باھين جا مڇ ڪري ڇڏيندا ھئا تہ ٻل مسافرن کي فائدو ٿئي. عرب اِسلامي دؤر ۾ سومرا غالباً سنڌ تي ڏکڻ- اوپر واري ايراضيءَ ۾ ڪچ سنڌ جي سرحد تي رھندڙ ھئا ۽ ھُو عربن جي حڪومت جي آخري دؤر ۾ عربن سان گڏيا ۽ ويجھا ٿيا. ٻيو تہ سومرن جون اصلي بستيون سنڌ جي ڏکڻ اوپر ايراضيءَ ۾ ھيون، جيڪي ايترو آباد ڪونہ ھيون. عربن سان گھٽو لھہ وچڑ ۾ اچڻ سببان سخاوت سندن زندگيءَ جو حصو پڻ بڻجي پيئي ھئي. پر جڏھن سومرا حڪمران ٿيا تہ عربن واري سخاوت سومرن وٽ ڪانہ بچي. اُھي باھين جا مڇ،

جيڪي اُن دؤر ۾ عربن ۽ ٻين پاڙيسري بستين مان جھوڪ ويلي لاٿون ڪري ٻاريندا ھئا، سي سومرن جي بستين ۾ جھڪا ۽ جھيٽا ٿي برڻ لڳاڻ. اِنھيءَ ڪري اُن دؤر جي ڪنھن چارڻ سومرن جي ھِن بيت ۾ گلا ڪئي. جنھن ڪري ھيءَ ڳالھہ تاريخي زنده پھاڪي جي شڪل ۾ مشھور ٿي بيٺي."

سنڌ جي تاريخ بابت چارڻن پاڻِن، ۽ پانن جيڪي ڳاھُون (سنسڪرت ۾ گاٿائون) راجائن جي سورھيائي ۽ سخاوت بابت ڳاتيون آھن، تن ۾ ڪجھہ ٿُز ويچار سمايل ھجڻ سبب اُھي پھاڪي جي شڪل ۾ پڻ ڪتب اچڻ لڳيون آھن.

سومرن جي پيٺ ۾ سما بادشاھہ سخا ۽ خير خيرات جي ڪري ديسان ديس مشھور ھئا. چارڻن پٽن، پانن سمن کي ڏاتار ڪري مجيو ۽ مشھور ڪيو. سمن مان جيڪي ڏھہ ڏاتار سڀ کان گھٽو مشھور ٿيا، سي آھن: لاکو ڦُولاٽي، جام ڪرن، جکرو اوڍاٽي، ھُٽند ٽڏياٽي، اوڍو جکراٽي، وڪيو ڏاتار، راءِ ڏياچ، سپڙُ چوٽاٽي، جسوڏن اڳرو ۽ جام وينجھو. پٽن پانن اِنھن ڏاتارن جي قصن ڪھاڻين کي ڳاھن ۾ ڳاتو جن مان کي پھاڪن جي شڪل ۾ پڻ مشھور ٿي بيٺا آھن.

"لاکي لک بخشيا، ڪرنُ بخشي ڪروڙ".

جام لاکي ۽ جام ڪرن جي سخا تمام مشھور ھُئي. ٻئي سخاوت ۾ ھڪٻئي کان اڳرا ھئا. ھن پھاڪي جي معنيٰ آھي، لاکي لک تہ ڪرن ڪروڙين رپيا دان ۾ ڏنا ھئا.

"جي مٿو مگڻ ناھِ کو، تان سمي ناھي سوڙ.
ڪرن جام ڪروڙ، چَٽي ڦُلن مُٺِ جيئن."

يعني سمو جام ڪرن پنھنجي ٻارھين مھيني واري جشن تي ڪروڙن جا ڪروڙ رپيا ڦُلن جي مُٺ وانگر چَٽي خيرات ۾ ڏيئي ڇڏيندو ھو. وٽس ايترا تہ سوالي ۽ محتاج ايندا ھئا جو اُنھن جو ڪو اٿو مٿو نہ ھو. اِن ھوندي بہ سمي جام ڪرن وٽ سوڙھہ محسوس نہ

ٿيندي هئي.[1]

جام لاکي جي وفات کان گهٽو وقت پوءِ ڪنهن سالڪ پُراڻ درياءَ کان پڇيو تہ:

"جهُو تون پراڻ، جُڳ ڇٽيهہ سنيرين،
توکي ڏٺا هاڻ، لاکي جهڙا پهيڙا؟

پُراڻ جواب ڏنو تہ:

"لاکا لک لنگهيا، اُنڍ ڪروڙيُون اَڻ،
هيمہ- هيڙائو هيڪڙو، جو وري نہ آيو مون وڃ."[2]

وڪيو ڏاتار: وڪيي ڏاتار کان سُمنگ نالي چارڻ اچي ڪُمُندائتا پيرُون گهُريا، جنهن تي وڪيي چيس تہ:

انبن لڳي ڪيري، جاريُن لڳي ڇڃ،
ورُ چارڻ ماڻ ڪر، جيسين اچي وَڃ.[8]

(ڪيري = ننڍڙيون انبڙيون؛ ڇڃ = پيرن جا ڪي ڇڳا ۽ ٿوڻر يعني اَڇا پيرُون ڪڇڙا آهن، تيسيتائين ترسُ، جيستائين پيرُن جي مند (وڃ) اچي.)

اونو جڪراٽي: جام اُڍي جو پُٽ جام جڪرو وڏو سخي هو، جنهن جي باري ۾ پٽائي صاحب پڙ چيو آهي تہ:

ڏمرجي تہ ڏي، پرچي تہ پڃ پري،
جُنگ جڪري ڪي، ٻئي چڳيون چِت ۾.[1]

سنڌ ۾ ماموئي فقيرن جا بيت پڙ سمن جي اوائلي دؤر جي واقعن جي لحاظ کان "نيم تاريخي" حيثيت رکن ٿا. ڏندڪٿا آهي تہ

1. جيٹلي مُرليڈر، ڈاڪٽر، سنڌي ساهتيہ جو اتهاس، صفحو، 37.
2. ايضاً
8. بلوچ، نبي بخش خان، ڈاڪٽر، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ، چاپو 1980ع، صفحو 170 ۽ 171.
1. بلوچ، نبي بخش خان، ڈاڪٽر، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ، صفحو 174 کان 176 تائين.

سما حاڪمن جي اوائلي دؤر ۾ جام تماچي بن جام خيرالدين جي دربار ۾ ست درويش آيا هئا، جيڪي سنڌ ۾ اڄ تائين ماموئي فقيرن جي نالي سان مشهور آهن. هرهڪ فقير سمن حاڪمن جي حڪومت ۽ سنڌ جي مستقبل بابت اڳڪٿي ڪندي هڪ هڪ بيت چيو هو. اهي بيت سنڌي عام عوام ۾ ايترو تہ مشهور ٿيا آهن، جو پهاڪن جي صورت ۾ پڻ ڪتب آندا ويندا آهن. جيئن تہ: "جڏهن ڪڏهن سنڌڙي توکي قنڌارؤن جوکو"، "ٻاروچاٽا ٻار، ٽڪي ٽي وڪامندا"، "ٻهہ، ميڃي ۽ لوڙهہ، سمي ويندا سوکڙي" وغيره سڀون اِنهن ستن بيتن مان ڪنيل آهن.

- "هاڪ وهي هاڪڙو، پڳي ٻڌ اروڙ،
ٻهہ، ميڃي ۽ لوڙهہ، سمي ويندا سوکڙي".
- "جِم ويجها ماڙُهُوئا! ننگر جي آڌار،
پُراٽا پرار، نوان اَڏجو نِجهُرا."

ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ويچار موجب، متي ڏنل بيتن جي مضمون کي سمجهڻ لاءِ تاريخي پس منظر کي سمجهڻ ضروري آهي.

اندازاً چوٽين صدي هجريءَ جي وچ ڌاري، اروڙ وٺان درياءَ جي رُخ ۾ ڦيرو آيو. جنهن سببان درياءَ جو مکيہ وهڪرو ڦري، بکر وٺان ۽ پوءِ هيٺ سيوهڻ ۽ ڏنڻي طرف کان وهڻ لڳو ۽ اڳئين مکيہ درياءَ هاڪڙي (اُيرندي ناري) ۾ پاٽي گهٽجڻ لڳو. اُن بعد ايندڙ ٽن سون سالن ۾ يعني 14 صدي عيسويءَ جي وچ ڌاري سجو درياءُ پلٽو کائي بکر ۽ سيوهڻ وٺان وهڻ لڳو ۽ هاڪڙي جي حيثيت فقط هڪ "ڦاٽ" جي وڃي رهي. اِنهيءَ ڪري هيٺ پُراڻ ۽ هاڪڙي ڊوري وارا گهٽا پٽ غيرآباد ٿي ويا ۽ ڏنڻي وارو پاسو وڌيڪ سرسبز ۽ آباد ٿيو. اِهوئي سبب هو جو سيوهڻ ۽ ڏنڻي طرف سمن زميندارن زور ورتو ۽ وڳهہ ڪوٽ، روپاهہ ڪوٽ ۽ عمرڪوٽ وارن سومرن جي مالي حالت ڪمزور ٿيڻ لڳي. سمن جي اُسرندڙ طاقت جي مقابلي ۾ سومرن جي پوئين حاڪم هميرپٽ دودي کي سلطان فيروزشاهہ تغلق جي

طرفان ملتان ۽ گجرات جي گورنرن مدد پئي ڪئي ۽ سنڌ جي سومرن جا گھٽگھرا پڻ اُنھن اُميدن تي پئي تڳيا، جيڪي اِنھن بيتن ۾ ظاھر ڪيل آھن. يعني تہ:

(الف) شال ھاڪڙو درياءَ وري ڇوٽ وھي. اروڙ واري ٻنڌ ڄاڻ تہ پڳي! پوءِ (نٽي- سيوھڻ طرف جي سمن يا سندن سردار) سمي ڏانھن ٻھہ، مڇي ۽ لوڙھ سوکڙي ٿي ويندا. (ڄاکاڻ جو درياھ ھاڪڙي واري وھکري مان سِير ڪري وھندو ۽ نٽي واري پاسي ايترو پاڻي ڪونہ ويندو جو اُتي ٻھہ، مڇي ۽ لوڙھ ٿين.)

(ب) اي ماڙُھوئا! (سمن جي نئين وسايل) نٽي شھر (جي شاھوڪاري ۽ رونق) جي آسري متان وڃي اُن طرف ويھو، جو اُتي پاڻي ٻہ ڪونہ ملندو. ھاڪڙو درياءَ ڄاڻ وري پرجي وھيو. اِنھيءَ ڪري ڇڳو ائين ٿيندو تہ) پُراڻ جي پريان وڃي پنھنجا نوان گھر اڏيو. جتي وري وڏيون آباديون ٿيندیون.

"لاکا لھراڻي لھر بحر جا سائين."

ھيءُ پھاڪو لاکي ڦُلاٽيءَ جي نالي پُنيان مشھور ٿيو آھي. ھو مشھور سخي ھو ۽ ڏکڻ سنڌ توڙي ڪڇ ۾ راڄ ڪندو ھو. سنڌ ۾ مھاڻا درياءَ ۾ ٻيڙي ھاکاڑ کان اڳ لاکي کي ياد ڪري اِھو پھاڪو چوندا آھن.

"آيا ميرہ، پڳا پير".

عبدالڪريم سنديلي ھن تاريخي پھاڪي کي ھيٺينءَ ريت سمجھايو آھي. (1) "جڏھن ڏاڍا اچن، تڏھن ھيٺا بيھي نہ سگھن."

سنڌ ۾ ڪلھوڙن جي صاحبي 1701ع کان 1782ع تائين ھلي. ڪلھوڙن کي 'ميان' ۽ 'پير' ٻہ ڪري سڏيندا ھئا، ڄاکاڻ تہ کين ڪيترائي مُريد ھئا. اجا تائين پير ميان شاھہ محمد عباسي (تعلقو قمبر، ضلعو لاڙڪاڻو) ۽ پير ميان الياس عباسي (تعلقو ڏوڪري، ضلعو لاڙڪاڻو) جي مقبرن تي سوين سالڪ رھن ٿا ۽ پنھنجون باسون باسيندا رھن ٿا.

جڏھن ڪلھوڙن جي حڪومت ڪمزور ٿي، تڏھن مير ٽالپور حاڪم ٿيا ۽ "پير" (ڪلھوڙا) پڇي ميدان ڇڏي ويا.

ھن ساڳئي پھاڪي جو بنياد انيس ڊبليو فئلن ھن ريت ڏنو آھي:

ميرڪي آني پير پاڳ جاتي ھين. بڙي ھُنرمند ڪي سامني چوٽي ڪي دال نھين گلتي. اِسڪي ڪٽا ھئہ ڪِ امروھہ ۾ شيخ مدد يا ميران جي نامڪ* ايڪ ويڪتي رھتا ٿا. وھہ بلڪل اشِڪشت ٿا. قِر پي اپني ڪو علم تسخير يا جيوتش ۾ نپُڻ بتاتا ٿا. ايڪ دِن ڪيت ۾ اُسي ايڪ ديپ ملا، جس ۾ ايڪ ساٹ چار بتيان جلتي ٿين. اُسي اپني گھر لي جا ڪر اُس ني جلايا، تو اُس ڪي سامتي چار جِن آڪر ڪڙي ھوگئي. اُنھين ديک ڪر وہ پئہ پيت ھوگيا اور ديپک ڪو بُجھاني ڪِي ڪوشش ڪرني لگا. ليڪن جن نھين ٽلي. بولي، ھمين ڪُچ ڪام بتائو. شيخ بدچلن ٿا. اُس ني جنوُن سي ايڪ خوبصورت عورت لاني ڪو ڪھا. جنون ني ٹُرت ويسا ھي ڪيا. ڪِنتو اُس عورت ڪي ساٹ شيخ ني جب دُراچار ڪرنا چاھا تو جنون ني بتايا ڪِ وي تب ھي اُس ڪِي بات مانينگي جب تڪ وہ صحيح راستي پر رھيگا. پر وہ اُس سُندري ڪو بار بار بُلاتا رھا. انت ۾ وہ بي قابُو ھو ڪر سُندري ڪي طرف بڙھا. تب جنون ني اُسي مار ڈالا. مرڪر وھہ بڙا پير ھوئا اور لوگون ڪي سِر آني لگا. اور يي بُھت سي پير ھوئي ھين. ليڪن جھان شيخ مددُو پھنچتا ھين، وھان دوسري پير نھر نھين پاتي. اِس شيخ مددو ڪي ايي يي اَمروھي ۾ درگاھہ بني ھئہ اور لوگ زيارت ڪرني اُس ڪي درگاھہ پر آتي ھين.[1]

"ميرن جي قِتي گھر مان."

ھيءَ چوٽي سنڌ جي آخرين مسلمان ميرن يا ٽالپرن طرف اِشارو ڪري ٿي. اُھي پاڻ ۾ پيا وڙھندا ھئا، جنھن جو فائدو ونڊي انگريز جنرل

* نامڪ: نالي. اَشڪشت: اڻ پڙھيل. نپڻ: ھوشيار. ديپ: ڏيئو. پئہ پيت: ڊِجي وڃڻ. سندري: حسينا.

1. فئلن، ھندستاني ڪھاوت ڪوش، نيشنل بُڪ ٽرسٽ، نئي دھلي.

سر چارلس نيپيئر 1843ع ۾ سنڌ تي قبضو ڪيو.

"ڪنن جي ڳالھين ميار بجار مارايو."

معنيٰ تہ سُس پُس يا لِڪ ڇپ جي ڳالھين مان خراب نتيجا نڪرن ٿا. جڏھن ميار بجار خان 1190 هجري مطابق سن 1777ع ۾ حج تان واپس آيو، تڏھن ڇئن هزارن بلوچن ۽ ٻين قومن ڪيس مجبور ڪيو تہ ميان غلام نبيءَ سان جنگ ڪجي، ڇاڪاڻ تہ هُن ميار بجار خان جي پيءُ ميار بھادرخان کي مارايو ھو. آخر عمرڪوٽ پرسان جنگ لڳي، جنھن ۾ ميان غلام نبي مارجي ويو ۽ سندس لاش حيدرآباد آندو ويو. ميار بجار سنڌ جي حڪومت پاڻ قبول نہ ڪئي ۽ اُن غلام نبيءَ جي پاءُ ميان عبدالنبي ڪلھوڙي کي اُتي جو حاڪم ڪيو.

ھينئر ميان عبدالنبيءَ کي، ميار بجار خان کان ھر وقت خوف رھندو ھو تہ مُبادا وجھ ونڻي ڪيس مارائي، ڇاڪاڻ تہ ميار بجار خان، وزير ھو ۽ صحيح معنيٰ ۾ حڪومت جو چرخو ئي پاڻ ھلائيندو ھو ۽ ميان عبدالنبي نالي ماتر ئي حاڪم ھو. تنھنڪري ميان صاحب کي اِھائي آنڊ مانڊ ھُئي تہ ڪنھن بہ طريقي سان ميار بجار خان جو انت آڻجي. آخر ھُن جوڌپور جي مھاراجا وجئ سنگھ کي عمرڪوٽ ڏيڻ جو واعدو ڪري، ميار بجار خان جو قتل ڪرائڻ تي ڪيس آماده ڪيو. مھاراجا وجئ سنگھ، بہ رانوڙ ھرناٿ سنگھ ۽ محڪم سنگھ، وڪيل بڻائي خط سان ميان عبدالنبيءَ طرف جوڌپور مان حيدرآباد لاءِ روانا ڪيا.

تاريخ سنڌ، جلد ششم (عهد ڪلھوڙا) حصہ دوم، غلام رسول "مھر" صفحي 790 کان 796 تائين اڳتي لکي ٿو تہ: "ٻن رانوڙن سان ٻيا بہ ڪي ماڻھو ھئا. اُھي ڪيترائي ڀيرا ميان صاحب ۽ ميار بجار سان الڳ الڳ مليا. ھڪ دفعي اُنھن ميار کي عرض ڪيو تہ اسان جي مھاراجا سان اِجھوئي ھينئر خط آيو آھي. اُن ۾ اھڙيون ڳالھيون لکيل آھن، جي اوھان کي اڪيلائيءَ ۾ ئي ٻڌائي سگھبيون. خط ۾ لکيل آھي تہ ميان عبدالنبي اوھان جي خلاف ڪيئي خط مھاراجا کي لکيا

آھن. مھاراجا جو خط ھنديءَ ۾ آھي. جيئن تہ اوھان مان ڪوبہ ھندي نہ ڄاڻندو آھي، تنھن ڪري اجازت ملي تہ اسان ئي خُلاصائيءَ ۾ ھيءُ خط پيش ڪريون. ميار صاحب سيني کي ٻاھر ڪڍيو ۽ فقط ھڪ ملازم ايسر کي پاڻ وٽ رکيائين. ھڪ وڪيل، ميار جي پرسان اچي ڪري خط پڙھڻ لڳو. پڙھندي پڙھندي دوکيبازيءَ سان چيائين تہ، ھي لفظ منھنجي سمجھ ۾ نٿا اچن. ائين چئي ھُن جھٽ ٻي وڪيل کي بہ گھرائي ورتو. اھڙيءَ طرح اُنھن ٻنھي ميار کي خط پڙھڻ ۾ رڌل رکي، اوچتو ئي اوچتو مٿس تلوارن جا وار ڪرڻ شروع ڪيا. جيتوڻيڪ ميار صاحب زخمي ٿي چڪو ھو، تہ بہ اڪيلي ئي ٻنھي کي ماري وڌائين.

"الله ڏيوَئي، ميان ڏيوَئي، صحبت نہ ڏيوَئي."[1]

معنيٰ انڪاري ٿيڻ، نابري وارڻ. چون ٿا تہ ڪلھوڙن جي وقت ۾، حڪومت طرفان چانڊڪا پرڳڻي جي ڪنھن حصي جو صحبت خان ڪاردار يعني مختيارڪار ھو. صحبت خان ايتري قدر بخيل (ڪنجوس) ھو جو ڪنھن کي بہ ماني ٽِڪيءَ جي صلاح نہ ڪندو ھو ۽ نہ وري ڪا خير خيرات ئي ڪندو ھو. ھڪ دفعي جي ڳالھ آھي تہ ھڪ فقير صحبت خان کان خيرات گھرڻ ويو. صحبت خان بيھڻ ئي ڪانہ ڏنس. فقير چا ڪيو جو وقت جي ميان صاحب (ڪلھوڙي حاڪم) ڏانھن خيرات لاءِ ويو. ميان صاحب فقير کي خيرات ڏيئي راضي ڪيو. فقير عرض ڪيو تہ، "سائين! اوھان جي خيرات اگھي، پر صحبت خان ڏي بہ بہ اکر لکي ڏيو تہ اُھو بہ مون مسڪين ٻچڙيوال جي مدد ڪري." ميان صاحب فقير کي صحبت خان ڏانھن ھڪ خط لکي ڏنو. جڏھن صحبت خان اھو خط پڙھيو، تڏھن بہ خيرات ڏيڻ کان پڙ ڪڍي وينو. چيائون، "الله ڏيوئي، ميان ڏيوئي، صحبت نہ ڏيوئي." يعني الله توکي ڏئي، ميان (ڪلھوڙو حاڪم) توکي ڏئي، پر مان صحبت توکي ڪجھ بہ نہ ڏيندس.

1. سنديلو عبدالڪريم، پھاڪن جي پاڙ، لاڙڪاڻو، 1966ع، ص 07.

"جمن چارڻ وارو سوال آھي."

سنڌ جي ضلعي خيرپورميرس ۾ جمن نالي ذات جو ھڪ چارڻ رھندو ھو. ھو نابين، مسڪين ۽ ڪمزور پڻ ھو. ھن کي اکين جي روشني ۽ ھڪ اولاد جي تمنا ھئي. پنھنجي ھن خواھش کي پوري ڪرڻ لاءِ ھو حضرت پيران پير علي رحمت جي مزار تي ڳائيندو ھو تہ، توکان مڱن، ھڪڙو پسر. آخرڪار ھڪ ڏينھن جُمن جي پڪار پير جي در تي قبول ٿي ۽ ڪيس آواز ٻڌڻ ۾ آيو تہ جيڪڏھن تون ھڪڙو سوال گھرندين تہ اھو پير جي در تي قبول پوندو. جمن ھي سوال ڪيو: "ماڻيءَ تي ڪُنھن، ڏُڌ ولوڙيندي ڏسان."

ھيءُ ھڪ وڏو سوال ھو، جنھن ۾ جمن جا سيبيئي مطلب اچي وجن ٿا. پھرين ڳالھہ تہ ھو پاڻ وري جوانيءَ ۾ پير رکي، بي ڳالھہ تہ ڪيس پٽ ٿئي، ٽين ڳالھہ تہ پٽ جي شادي ٿئي ۽ چوٿين ڳالھہ تہ پٽ جي زال يعني سندس نونھن ماڻيءَ تي چڙھي ڏڌ ولوڙي. ھنن چئن ڳالھين جو آڌار ھُن ھڪ سوال جي شڪل ۾ گھريو. انھيءَ ڪري عام ماڻھن ۾ اھو واقعو چوٽيءَ جي روپ ۾ مشھور ٿي ويو تہ، "جمن چارڻ وارو سوال آھي."

"چانديا مڱسي آھن."

معنيٰ، ھڙ ڪپَ ويري آھن. وڏا دشمن آھن. ھيءُ پھاڪو، چانڊڪا پرڳڻي جي پيدائش آھي، جنھن کي ھينئر لاڙڪاڻو ضلعو چون ٿا. چانديا ۽ مڱسي، ٻئي بلوچ قوم جا جابلو ماڻھو آھن ۽ ھڪ ٻئي سان دنگئي پلئي پڻ آھن.

ھڪ روايت مطابق، جڏھن چانڊڪا جاگير، ميان آدم شاھ (عباسي) ڪلھوڙي کي مغلن کان ملي، تڏھن سندس ڪارپرداز غيبي خان ھو. اُن وقت جھل رياست جو سردار زئي خان ھو، جنھن کي عام طرح مڱسي خان ڪري چوندا ھئا. جھل جو پرڳڻو پوءِ ميان شاھل محمد عباسيءَ ھٿ ڪيو، سو ٻہ چاندين جي مدد سان. ميان شاھل محمد عباسيءَ جي ڪاھ جو فقط اِھو سبب ھو جو مڱسي ميان جي فيصلن

موجب نہ ھلندو ھو. اِن کي ميان صاحب پنھنجي بيعزتي سمجھندو ھو. تڏھن ٻہ، چانديا توڙي مڱسي، ٻئي سندس مريد ٻہ ھئا. مڱسين کي اِنھيءَ تي منڀان لڳي تہ گھگھيرن (ساڳيو گھگھو ڏيکيندڙ ۽ ھم ذات يا بلوچن چاندين) ميان شاھل محمد جي چُرچ تي اسان تي چڙھائي ڪئي. جيتوڻيڪ مڱسي، ظاھر طور خاموش رھيا، پر اندروني طرح منصوبا سٹيندا رھيا تہ ڪھڙيءَ ريت ٻہ چاندين کان ويڑ ونجي. انھيءَ ڪري ٿوري تان پاڻ ۾ پيا اٽکندا ھئا.

سندن عداوت جو ٻيو سبب اھو معلوم ٿي سگھيو آھي تہ چانڊڪا جو ھڪ امير ماڻھو، جھل رياست مان ھڪ خاندااني چوڪري کڻي آيو. مڱسين وري ڏھہ چوڪريون آنديون. اِنھيءَ ڪري گويا جھنگ کي باھہ لڳي ويئي. ٻنھي جي وچ ۾ وڏو جھيڙو ٿيو، جنھن ۾ ايترا ماڻھو مئا جو ميدان ئي رت سان رڱجي ويو. اِنھيءَ واقعي کي تر جا ماڻھو "ماھوُ" سڏڻ لڳا. آخر ٻنھي ڌرين جو فيصلو، ميان شاھل محمد جي جرڳي ڏنو تہ، "ڏھہ چاندڪي ويڪ زھداني برابر شُدھہ". معنيٰ تہ چاندين جي ھڪ چوڪري مڱسين جي ڏھن چوڪرين برابر آھي.[1]

"جتي جتي کيجڙي، اُتي اتي گوگو چوھاڻ."

سنڌ ۾ راجستان جي علائقي جي شخصن متعلق پھاڪن جي دنيا ۾ گوگو چوھاڻ تمام گھڻو مشھور ٿي ويو آھي. سنڌيءَ ۾ مشھور ھي پھاڪو راجستاني ٻوليءَ ۾ ھن ريت ملي ٿو: "گانوَ گانوَ گوگو، ني گانوَ گانوَ کيجڙي". معنيٰ ڳوٺ ڳوٺ ۾ گوگو آھي ۽ ڳوٺ ڳوٺ مکيجڙيءَ (ڪنڊي جو وڻ) آھي، جيڪو ٿر ۽ راجستان ۾ عام آھي، جنھن ۾ سگريون ٿيندیون آھن.)

راجستان ۾ گوگو چوھاڻ جي پوجا ديوتا جي شڪل ۾ ٿيندي آھي. جنھن کي ٻہ نانگ ڏنگ ھڏندو آھي، تنھن کي گوگي جي نالي جو سڱڙو ٻڌبو آھي. گوگي جو استان (رھڻ جو ھنڌ) کيجڙي ڪنڊيءَ جي

1. سنديلو، عبدالڪريم، پھاڪن جي پاڙ، لاڙڪاڻو، 1966ع، صفحو 64.

وڃ جي پاڙ ۾ هوندو آهي. ڳوٺن ۾ جنهن به گهر ۾ نانگ نڪرندو آهي ته هُو گوگي کي ياد ڪري خير جا چندا هڻندو آهي. هو مينهن واري مهيني ۾، مينهن وسڻ کان پوءِ جنهن ڏينهن هر هلائڻ شروع ڪبو آهي ته گوگي جي نالي وارو نوَن ڳنڊيين وارو سَڳڙو جنهن کي "گوگو رکڙي" چئبو آهي، هر ۽ هاريءَ کي ٻڌبو آهي ۽ بار بار چئبو آهي: "هلي بالدي گوگو رکوالو."[2]

"رامديو جا چيلا ڊيڊ ۽ چمار."

مارواڙ علائقي ۾ رامديو نالي هڪ وڏو بهادر شخص ٿي گذريو آهي. ٻئروَ نالي هڪ ڪميٽي شخص کي مارڻ بعد رامديو چؤطرف مشهور ٿي ويو. هندو ۽ مسلمان سيئي هن کي "رامشاهه پير" يا "راماپير" جي نالي سان پوڄڻ لڳا. 1572ع ۾ رامديو مارواڙ علائقي جي روڙيچا ڳوٺ ۾ جيئري سماڌي (پاڻ دفن ٿيڻ) ورتي. تنهن کان پوءِ هو راماپير ديوتا طور مشهور ٿي ويو ۽ سندس نالي سان اڄ تائين ميلا ملاکڙا لڳندا آهن. هُن کي پوڄڻ وارن ماڻهن ۾ گهڙو ڪري هنڌُن جي گهٽ ذات جا شخص ايندا آهن. انهيءَ ڪري سنڌ ۾ اهو پهاڪو مشهور ٿيو ته، "رامديو جا چيلا ڊيڊ ۽ چمار" معنيٰ ته رامديو جا سيئي پڳٽ (چيلا يا مُريد) چمار يا ڊيڊ ئي آهن. راما پير جا پوڄاري، ساڌو پڻ چمار ٿيندا آهن. راماپير تي ڊاڪٽر سشيلا موٽواڻيءَ سنڌيءَ ۾ هڪ تحقيقي مقالو لکيو آهي، جنهن ۾ ڏيکاريل آهي ته سنڌ جي ٿرپارڪر ضلعي ۾ ۽ بين هنڌ پڻ راماپير جا گهڻيئي مندر آهن.

سنڌي ٻوليءَ ۾ شخصن سان متعلق پهاڪن ۾ گهڙو ڪري مردن جي نالن سان واسطو رکندڙ پهاڪا آهن. پر ڪجهه پهاڪا اهڙا به آهن، جيڪي زالن سان متعلق آهن. جيئن ته:

"پوپان ٻائيءَ جو راج آهي."

معنيٰ، انڌيرگردي، سينه زوريءَ جو زمانو آهي. سنڌيءَ جي

2. سهل، ڪنهيا لال، راجستاني ڪهاوتين، 1958ع، دهلي، صفحو 108.

لوڪ گيتن ۾ پوپان ٻائي سينه زوريءَ ۽ انڌير گردي جي علامت جي شڪل ۾ مشهوري حاصل ڪئي آهي. سنڌي لوڪ گيتن ۾ هڪ سِٽ مشهور آهي: "نڪر نوبر پاسي ڪريو، پوپان منهنجي نچي". معنيٰ ته ميدان صاف ڪري پوپان کي ڪلي جڳهه ڏيو ته هوءَ نچي پنهنجو جلوو ڏيکاري. پوپان ٻائيءَ جو نالو، نه رڳو سنڌ ۾ پر گجرات، مالوا، راجستان ۽ مڌيه پرديش ۾ به ساڳي شڪل ۾ مشهور آهي. راجستاني ٻوليءَ ۾ ساڳيو پهاڪو هن ريت ملي ٿو: "راج پوپانِ ٻائي رو، ليکو رائي رائي رو." ۽ "پوپان بائي پرگٽ هووئي، نُوي چلاوئي ريتِ."[1]

بانڪيداس گرنٿاولي (ٻيو پاڻُو) جي صفحي 20 تي لکيل آهي ته، "پوپان ٻائي هڪ ڪنير جي زال هئي، جيڪا ڪنبيلي راڄ جي جيپور نالي علائقي ۾ تمام گهڻي مشهور شخصيت هئي. سندس راڄ ۾ هرڪو فصل هڪ ئي اڳهه تي وڪامندو هو. هوءَ پنهنجي بد مزاجيءَ جي ڪري سوريءَ تي چاڙهي ويئي هئي. گڻپت لال جوشيءَ جي لکڻ موجب، پوپان ٻائي گجرات جي راڄ گهراڻي ۾ پيدا ٿي هئي. گجرات جا راجا پنهنجي فراخدليءَ سبب مشهور هئا. پوپان جي دل انهن سيني کان فراخ هئي، جنهن جو غلط فائدو سندس نوڪرن کنيو. نتيجي طور راجائن جي مانَ- مرتبي ۽ اوج ۾ گهٽتائي اچي ويئي. مڌيه پرديش جي لوڪ روايت ۾ پڻ پوپان ٻائيءَ کي ڪنير جي زال چيو ويو آهي، پر راجستان ۽ مڌيه پرديش جي پوپان سان تعلق رکندڙ ڪهاڻين ۾ تفاوت آهي.

(2) واردانن متعلق پهاڪا:

زندگيءَ ۾ واقعن ۽ واردانن جي پنهنجي اهميت آهي. زندگي وهندڙ پاڻيءَ مثل ٿئي ٿي. جيئن پاڻيءَ ۾ روڙا، پٽريون، پٿر، چيڪي مٽي، واري ۽ ٻيون ڪيتريون ئي رڪاوٽون اچن ٿيون، پر انهن جو ڪوبه اثر اصل وهندڙ پاڻيءَ تي نه ٿو ٿئي، ۽ اُهو لڳاتار وهندو ٿو

1. سهل، ڪنهيا لال، راجستاني ڪهاوتون، 1958ع، دهلي، صفحو 108.

رهي. ساڳيءَ ريت زندگيءَ جي هن وهڪري ۾ وارداتون ٽين ٽيون، پر هرڪو شخص ان مان پار پوي ٿو.

جهوني وقت کان وٺي عام زندگيءَ سان وابسته وقعن وارداتن جو ذکر سيني بسيني هلندو پيو اچي. پوءِ کي پارکو شخص اُنهن وارداتن کي سجاڻي اُنهن مان املهه موتي سجائي سهيڙي قلمبند ڪن ٿا ۽ پوءِ انهن جي آڌار تي وقت جي رفتار سان هلندي پهاڪن جي تعمير ٿئي ٿي.

هت رڳو اُنهن وارداتن سان واسطو رکندڙ پهاڪن جو ذکر ڪيو ويو آهي، جن جو بنياد ڪن تاريخي يا نيم تاريخي واقعن تي ٻڌل آهي ۽ جن جي باري ۾ ڪافي خاطريءَ سان چئي سگهجي ٿو ته اُهي ٽيل وارداتن وقت يا اُنهن کان ڪجهه وقت پوءِ ٺهيا هوندا. سنڌيءَ ۾ وارداتن سان واسطو رکندڙ پهاڪا هن ريت ملن ٿا:

"اهڙي جُٽ ڪيائينس، جهڙي ٻُرڙي ڪئي ٻارن سان."[1]

معنيٰ تمام گهڻي خراب هلت ڪرڻ. هڪ دفعي، برڙو (مسلمانن جي هڪ ذات) پنهنجي دوست جي گهر مهمان ٿي ويو. صبح ساڻ مهمان کي نيرڻ ڪرائي گهر جا ياتي پنهنجن ڪمن تي ويا ۽ مهمان کي چيائون ته ٻارن جي سنڀال ڪج. ايا اڏ ڪلاڪ مس گذريو ته ٻارن روئڻ شروع ڪيو. ويچاري مهمان، گهٽوئي پرچايو، پر هُو ماڻ ئي نه ڪن. جڏهن مهمان کان ڳالهه زور وٺي ويئي، تڏهن ٻارن کي ڪُنديءَ (اناج رکڻ جو هنڌ، کوڻي) ۾ وڃي وجهي ڇڏيائين. منجهند جو جڏهن گهر جا ياتي ڪم تان موٽيا، تڏهن مهمان کان ٻارن بابت پڇيائين. مهمان کيس ڪُنديءَ جو ڏس ڏنو. ٻارن سان ٽيل اهڙي اڻ-سُهائيندڙ ڳالهه کي ڏسي ڪنهن چيو ته، "اهڙي جٽ ڪيائينس، جهڙي برڙي ڪري ٻارن سان."

"اُهي ٿُنيا ئي مري ويا، جيڪي گهٽتا(گهيٽا) ڏيندا هئا."[2]

1. سنديلو، عبدالڪريم، پهاڪن جي پاڙ، 1966ع، لاڙڪاڻو، صفحو، 18.
2. سنديلو، عبدالڪريم، پهاڪن جي پاڙ، 1966ع، لاڙڪاڻو، صفحو، 18.

معنيٰ سُکي، فراخ دل شخصن جي تعداد ۾ ڪمي اچڻ. ٿُنيا، حضرت غوث بهاءُ الدين ذڪريا ملتانيءَ (566 کان 666 هجريءَ) جا مريد آهن، جيڪي پاڻ کي فقير سڏائين ٿا.

ملتان وارن بزرگن جا ڪيترائي خدا رسيده سنڌ ۾ ٿي گذريا آهن، جن مان ڪيترن تي زبردست ميلا لڳندا آهن. جيسلمير جي هندو راجا جو راجڪمار، حضرت غوث بهاءُالدين جي بيعت حاصل ڪري مسلمان ٿيو هو، جنهن کي روحاني فيض کان مالامال ڪري پوءِ حڪم ڏنائين ته سنڌ ۾ وڃي رَهه ۽ روحانيت جي تبليغ ڪَرِ. مخدوم عبدالله پراڻن هالن ۾ اچي رهيو ۽ وڏو فيض بخش بزرگ ٿي گذريو هو.

سنڌ ۾ غوث صاحب ۽ ان جي جائنشينن جا مقرر ڪيل ڪيترائي خليفا هئا. جيئن جام ڏاتار، سخي داد واهي، درويش سيهَڙو، مخدوم عبدالرحمان وغيره. ٿُنيا فقيرن مان به کي خليفا هوندا هئا، جيڪي ڳوٺ ڳوٺ مان مريدن کان گهيٽو وٺي پيرين پيادا مرشد سائين حضرت غوث بهاءُالدين ذڪريا ملتانيءَ جي درگاهه شريف تي ويندا هئا. اُنهن خليفن سان گڏ، هزارين ماڻهو به شامل هوندا هئا. محترم الله بخش تنيو فقير جي روايت موجب: 1920ع کان خليفن پيرين پيادو گهيٽن نيڻ جو رواج بند ڪيو. هينئر ته سنڌ مان پيرين پيادو ڪوبه ڪونه ويندو آهي. جنهن سڃڻ کي درگاهه شريف تي زيارت ڪرڻ جو شوق ٿئي، سو ريل تي چڙهي وڃي پنهنجو نذرانو ڏيئي ايندو آهي.

هينئر جيئن ته هرڪو پنهنجيءَ ۾ ئي پورو آهي، تنهنڪري اهڙو ڪوبه ٿُنيو فقير ڪونه آهي، جو پيرين پيادو گهيٽو ڏيئي اچي. ٿُنين جي اها حالت ڏسي ڪنهن اها سِٽ چئي ڏني، جيڪا آهستي آهستي پهاڪو بڻجي پيئي.

"چٽي چنيجن جي، وڃي پُرڻ تي پيئي."[1]

مطلب ته جڏهن هڪ جي مصيبت ٻئي تي اچي پئي، تڏهن ايئن چئبو آهي. چنيجا ۽ پُرڻ، موري تعلقي (ضلعي نوابشاهه) ۾ به ڳوٺ

1. سنديلو، عبدالڪريم، پهاڪن جي پاڙ، 1966ع، لاڙڪاڻو، صفحو، 66.

آھن، جيڪي ھڪ ٻئي جي آمھون سامھون آھن. چنيجن ۾ ھڪ ھندو سيٺ رھندو ھو، جنھن جي ڪن ماٺھن سان اٺٻٽ ٿي پيئي. اُنھن ماٺھن کي ھر وقت اھو خيال رھندو ھو تہ سيٺ جو سِرُ ڪٽجي. ھڪ دفعي سيٺ جي گھر ۾ ڏاڙو ھٽڻ ويا، پر رات جي اونداھيءَ ۾ رستو پلجي، وجي پُرڻ تي ڪڙڪيا. ڏاڙو تہ ھنيائون پر سندن مطلب پورو نہ ٿيو. انھيءَ واقعي کي ڏسي ڪنھن چئي ڏنو، "چٽي چنيجن جي، وجي پُرڻ تي پيئي."

"لاھي لنگھا ويھہ، آريجن مان آسرو،
پني پرائو ڏيھہُ، اچي ڪاءُ آريجن ۾."[1]

"آريجا" مسلمانن ۾ ھڪ ذات جو نالو آھي، جنھن جي اثر ھيٺ آريجا نالي سان ڳوٺ بہ آھي. ھيءُ ڳوٺ لاڑڪاڻي ضلعي جي ڏوڪري نالي تعلقي ۾ آھي. اُنھيءَ ڳوٺ ۾ مخدوم شھاب الدين نالي بزرگ، ڪلھوڙن جي آخرين دؤر ۾ رھندو ھو، جو پنھنجي وقت جو ڪامل ولي ھو. مخدوم صاحب غيرشرعي ڪمن جي اجازت ڪونہ ڏيندو ھو. ايتري قدر جو، آريجن ۾ شاديءَ تي بہ نہ ڏُھل وڄندو ھو ۽ نہ وري محفل ۾ ناچ وغيرہ ٿيندو ھو. ڳوٺ ۾ ھندُن جو بہ ھڪ ٽڪاڻو ھو، پر اُتي بہ نغارا ۽ ڏڪڙ وغيرہ نہ وڄايا ويندا ھئا.

اتفاق سان، اُتي ھڪ لنگھن جو گھر اچي ويئو، جن کي اھا حقيقت معلوم ڪانہ ھئي. ھنن رات جو شھنائيءَ ۽ ڏھلن جو آواز ڪيو. قدرت سان سندن شھنائي ۾ڄي پيئي ۽ ڏھل بہ ڦاٽي پيو. جڏھن ڪين ان قصي جي خبر پيئي، تڏھن اچي مخدوم صاحب کان معافي گھريائون. ان تي اُتي ويٺل ماٺھن مان ڪنھن مٿي ڏنل پھاڪو چئي ڏنو.

راھوجن ۾ رات، قادر ڪنھن جي نہ وجھي."[2]

سنڌ ۾ راھوجن جا ڪيترائي ڳوٺ آھن، پر ھيءَ پھاڪو تعلق رکي ٿو 'ڪچي' وارن راھوجن سان. مديجيءَ جي پرسان، ڪچي ۾

1. سنديلو، عبدالڪريم، پھاڪن جي پاڻ، 1966ع، لاڑڪاڻو، صفحو، 127.
2. سنديلو، عبدالڪريم، پھاڪن جي پاڻ، 1966ع، لاڑڪاڻو، صفحو، 97.

راھوجن جو ھڪ ڳوٺ آھي. ڪنھن وقت ۾ ھڪ سيد ان ڳوٺ ۾ وڃي نڪتو. ڪنھن سان بہ واقفيت نہ ھئڻ جي ڪري وڃي مسجد جو پاسو ورتائين. ڪائڻ لاءِ رات جو پٽرو پَٽُ مليس، تنھن ڪري سندس اندر نہ ٺريو. ان ڪان سواءِ ھڪ گرمي، ٻيو ھُبس ۽ ٽيون وري ڪچي جا مڇر. سڄي رات ھن لُڇندي گذاري. ھُو صبح جي نماز پڙھي جڏھن موڪلائڻ لڳو تہ جماعت جي ماٺھن چيس تہ قبلا مھرباني ڪري ھڪڙي ٻي رات بہ رھو. ان تي شاھ صاحب چئي ڏنو تہ: "اَبا، راھوجن ۾ رات، قادر ڪنھن جي نہ وجھي."

ڪن عالمن جو خيال آھي تہ اھو حقيقت ۾ شاھ عبداللطيف ھو، جو فقيرن سان گڏ راھوجن ۾ رھيو ۽ اُتي جي حالت ڏسي ھيءُ بيت چيائين:

راھوجن ۾ رات، قادر وجھي نہ ڪنھن جي،
رنون رب رلايون، آھر اڪلي واٽ،
پليجن ڪان پاٽ، پرجي آئي پت جي.

چون ٿا تہ راھوجن جي زالُن شاھ صاحب جي فقيرن سان چرچا ڪيا ھئا، ۽ شاھ صاحب جي ھڪ عقيدتمند، پليجن جو ڳوٺ مان پت جي پاٽ پرائي آندي ھئي. شاھ صاحب پنھنجي بيت ۾ اھڙي ئي وضاحت ڪئي آھي.

(3) نيم تاريخي لوڪ ڪٿائن متعلق پھاڪا:

سنڌ جي تاريخ جي اوائلي دور ۾ قصن ٻڌائڻ جو فن ڪافي اوج تي رسيل ھو. سنڌ جي چارڻن ۽ ميراثين، منگتن ۽ مڱٽھارن، ٻٽن ۽ پانن، لوڪ ڪٿائن ذريعي سنڌ جي سورھين جي عظمت، سخاوت ۽ عشقيہ داستانن کي مشھوري ڏني. ھنن شان سان قصي جي ڪن ياڳن کي موجود لفظن، پھاڪن، گفتن ۽ مثالن کي سازن جي مدد سان ڳائي پنھنجي فن جو ڪمال ڏيکاريو.

وقت گذرڻ سان گڏوگڏ قصن ڪھاڻين کي ٻڌڻ جو وقت پڻ گھٽجڻ لڳو، پر انھن ۾ سمايل سچائي، آزمودن جي اثر ھيٺ لوڪ

قصن، ڳاھن سان واسطو رکندڙ پھاکن جي جنم ٿيو. پھاکا ايترا تہ طاقتور ٿين ٿا، جن کي ڏسندي ئي خبر پوي ٿي تہ اُنھن جي اصل ۾ کھڙي کٿا آھي. گھٽو ڪري پھاکن جي بنياد ۾ ڪا نہ ڪا کٿا ضرور ھوندي آھي، جنھن جي اثر ڪري پھاکا عام ماڻھن جي ذھن ۾ اُڪرجي ويندا آھن.

سنڌي ادب ۾ گھڻن ئي قسمن جي قسمن جو ذڪر ملي ٿو. جيئن: عشق جا قصا، سورھيائيءَ جا قصا، اسماعيلي مَت جي پيرن جا قصا، ڏرمي قصا، سنڌوندي بابت ڪٿائون، وغيرہ، پر اھو ڪو ضروري نہ آھي تہ ھرڪنھن قصي مان پھاڪي جو جنم ٿيو ھجي. ھتي رڳو اُنھن لوڪ کھاڻين ۽ نيم تاريخي قصن جو ذڪر ڪبو، جن جو سڌو لاڳاپو پھاڪي جي بنياد سان آھي. سسئي پنھون، سھڻي ميھار، ليلا چنيسر، عمر مارئي، مومل راڻو ۽ نوري جام تماچي وغيرہ قصن مان ڪيترن ئي پھاکن جو جنم ٿيو آھي. جيئن تہ:

"اجا اٽ ڪين سسئي".

مطلب تہ جڏھن ڪو ڏکيو پنڌ يا مسئلو درپيش ايندو آھي ۽ ماڻھو تڙ تکڙ ۾ ڏُوکي پوندو آھي، تڏھن ائين چئبو آھي. ھن پھاڪي جي بنياد ۾ سنڌ جو مشھور قصو "سسئي پنھون" سمايل آھي. جڏھن پنھونءَ جا پائر سسئيءَ کي سُمھيل ڏسي رات جو چوريءَ سان پنھونءَ کي ڪڍي، ڪيچ ڏانھن روانا ٿيا ھئا، تڏھن ويچاري سسئي صبح جو اُٿي پريشان ۽ بي حواس حالت ۾ پنھور کي باھ ڏيئي اڪيلي، پيرن اگھاڙي پيدل ڏونگر ڏورڻ لڳي. ھڪ تہ لنبي مسافري ۽ ٻيو ڏکيو پنڌ. تڏھن بہ ويچاري پنھنجي پنھون کي پائڻ لاءِ پيرين پنڌ پڇندي ويئي، پر پنھور ۽ ڪيچ جي وچ ۾ گھڻو فاصلو ھو. رستي جي پٿرن، رڻ ۽ جھنگ کي پار ڪرڻ لاءِ اُٺ ڪپندا ھئا. پيرين پيادو ايتري مسافري ڪاڻ ڪري سگھبي ھئي، پر سسئيءَ تي پنھون جي عشق جو ايترو تہ گھڻو اثر ھو جو ھن اُنن جي اڇڻ جو بہ انتظار ڪونہ ڪيو ۽ پنھون کي ڳولھڻ پيرين پنڌ نڪري پيئي.

"ڏودو ڏوڙ چنيسر چائي."[1]

پونگر سومري کي ٻہ زالون ھُيون. پھرين زال لوھارڻ مان ھڪ پٽ چنيسر ۽ ھڪ ڌيءَ ٻاگھل. ٻيءَ زال سومريءَ (ڏاڏي پوتي) مان ڏودو ھوس. ڏودو ننڍو پٽ ھو. جڏھن پونگر مري ويو، تڏھن اميرن اُمرائن، وڏي پٽ چنيسر کي پگ ٻڌائي. چنيسر چيو تہ، "امان کان پُڇي اچان تہ پوءِ پگ ٻڌندس." اِھو چئي مجلس مان اُٺي ڪڙو ٿيو. امير اُمرائن چيو تہ جيڪو ايتري ڳالھہ تي ماءُ کان پڇڻ ويو آھي تہ ملڪ ڪيئن ھلائيندو؟ جنھن ڪري ڏودي کي پگ ٻڌي تخت تي وھاريائونس. چنيسر موٽي پيشمان ٿيو ۽ گھر وڃي وينو. پيٽس ٻاگھل رات ڏينھن طعنن سان تپائي ڏنس.

"اڳي ھيونسين ٻہ جڻيون، ھاڻي ٽُري ٽياسين ٽي،
چرخو چندن عاج جو، امان آڻي ڏي."

اھڙن طعنن چنيسر جي زندگي زھر ڪري وڌي. آخر ٻيو ڪو حيلو يا وسيلو نہ ڏسي، دھليءَ جي حاڪم علاءُالدين خلجيءَ ڏانھن ويو. محمد صديق پيرزادو "تاريخ سنڌ" قلمي نسخي جي صحفي 57 تي لکي ٿو: "خلجيءَ کي عرض ڪيائين: ھن چنيسر پنھنجي پيٽ ٻاگھل جو سگ توکي ڏيٹو ڪيو آھي، مگر منھنجو ننڍو پاءُ ڏودو اعتراض ٿو وڻي. .... بادشاھ سنڌ ڏي ايلچي موڪليو. جڏھن ايلچي وڃھ ڪوٽ ۾ آيو ۽ سومرن کي خبر پيئي، تڏھن سومرن قاصد جا ٻئي ڪن پٽي ڪڍيا. قاصد موٽي دھليءَ ويو. پنھنجي قاصد جو اھڙو حال ڏسي وڏو ڪٽڪ سنڌ تي چاڑھي موڪليو. جتان جتان اُھو لشڪر گذري رھيو ھو، اُتي جا ماڻھو پنھنجو گوٺ ڇڏي پڄي ٽي ويا. علاءُالدين جي ايڏي وڏي ڪٽڪ کي ڏسي عام چوٽي ٽي پيئي:

"ڪُتي پؤنڪندي، پَڇو نڪري پيس،
مري ويئي، پر لشڪر نہ ڪُتي."

1. سنديلو، عبدالڪريم، پھاکن جي پاڻ، لاڙڪاڻو، 1966ع، صفحو 86.

حملہ آور اُباوڙي ۽ اروڙ جون جنگيون ڪٽي سکر پھتا ۽ چاندڪا ڪان پوءِ، حيدرآباد مان ٽيندا وڃھ ڪوٽ پھتا. اُتي سخت جنگ لڳي. ميدان رت سان رڳجي ريٽو ٽي ويو. آخر دودي ۽ چنيسر جا پٽ ب مارجي ويا. جڏھن چنيسر جو پٽ ننگر (جو دودي جو نياڻو ھو) مئو تہ سُگھڙ چيو:

"ھيءُ ب شير شھيد ٿيو. سگھڙ ساران ورُ."

چنيسر ب ان جنگ ۾ خوب وڙھيو پر آخر ۾ قتل ٿي ويو. دودو، جنھن پھلوانيءَ سان علاؤالدين جي لشڪر ۾ ٽاڪوڙو وجھي ڏنو، تنھن لاءِ سگھڙ چوي ٿي تہ:

"ديمِيُن سان دودو لڙيو، گجي جيئن گجميرُ،
بيھي رھيو رڻ پونءِ ۾، مرد مثل ھي ميرُ."

نتيجو اھو نڪتو جو نہ چنيسر کي حڪومت ملي ۽ نہ ئي دودي جي حڪومت ھلي سگھي. اھو واقعو ڏسي ڪنھن چيو: "دودو ڏوڙ، چنيسر چائي."

"ٽانءُ ڪٽي ھڪڙو، نڪر پِجي گھٽن تي."[1]

مطلب تہ ڏوھہ ڪري ھڪڙو ۽ ان جي عيوض ۾ ٻين کي پوڳٽو پوي. قصو مشھور آھي تہ سسئيءَ جي مزار تي آيل ھر مسافر کي ب مانيون ۽ ھڪ ڪٽورو ڪير جو ملندو آھي. ھڪڙي دفعي ڪو آيل مسافر ڪير پيئڻ بعد ڪٽورو پاڻ سان ئي ڪٽي ويو. ان کان پوءِ روٽي تہ بادستور ملندي ھئي، پر ڪٽوري جي بدران نڪر جي پيالي ۾ ڪير ملڻ لڳو. انھيءَ تان ڪنھن سالڪ چيو آھي تہ، "ٽانءُ ڪٽي ھڪڙو، نڪر پِجي گھٽن تي."

"ڪُتيءَ کائوُ مجنون آھي."[1]

ھيءُ پھاڪو ليليٰ مجنونءَ جي مشھور قصي تي ٻڌل آھي. ھڪ

1. سنديلو، عبدالڪريم، پھاڪن جي پاڙ، لاڙڪاڻو، 1966ع، صفحو 36.
1. سنديلو، عبدالڪريم، پھاڪن جي پاڙ، لاڙڪاڻو، 1966ع، صفحو 130.

دفعي مجنونءَ ليليٰ جي گھر جي سامھون ھڪ وڻ ھيٺ اچي پنھنجو آستانو اڏيو ھو. ھو ھر وقت ليليٰ جي ياد ۾ مگن رھندو ھو. ڪيس نہ ننڊ، نہ آرام ۽ زھر مثل سپ قسم جو طعام. انھيءَ ڪري ھُو روزانو بدن ۾ ڪرندو رھيو. جڏھن ليليٰ کي اھا خبر پئي تہ مجنونءَ جو حال احوال جاڻڻ لاءِ ھڪ ٻانھيءَ کي موڪليائين. ھن موٽي اچي ليليٰ کي ٻڌايو تہ، "سائنڀ! مجنون ويچارو ڪري ڪندا ٿي ويو آھي. فقط تنھنجي نالي جي سھاري تي ئي جي رھيو آھي." مجنون جو اھو حال ٻُڌي ليليٰ جا تاڪ لڳي ويا. پوءِ تہ روزانو انھيءَ ٻانھيءَ جي ھٿان وٽو ڪُتيءَ جو مجنون ڏانھن موڪليندي ھئي تہ ھو ڪجھہ ڪائي ڪري آجو ٿئي، پر مجنون تہ ليليٰ جو پيارو ھو. ھن جو ڪُتيءَ سان ڪھڙو مطلب؟ ساڳئي ڳوٺ ۾ ھڪ چالاڪ فقير رھندو ھو، جنھن کي اِن قصي جي ڪُڙڪ پئجي ويئي. سو ھُن چا ڪيو جو اچي ٻئي وڻ ھيٺ پنھنجو ديرو ڇمائي ويٺو. ھُو جڏھن ڏسندو ھو تہ مجنون ڪٽي نہ ٽو ڪائي، تڏھن اُھو فقير ڪُتي کائي خالي وٽو ڇڏي ويندو ھو ۽ ٻانھي صبح جو اھو خالي وٽو ڪٽي ويندي ھئي. اھڙيءَ طرح ھو فقير تہ ڏنڊو مشٽنڊو ٿي ويو ۽ ٻئي طرف مجنون وڃي ھڏن جي مُٺ بچيو. ويتر مجنون جنھن وڻ ھيٺ ويھندو ھو، اُتان اُتي وڃي ٻئي وڻ ھيٺان ويٺو. ان کان پوءِ اُھو فقير وڃي مجنون جي جاءِ تي ويٺو، جنھن ڪري سندس بيگھي مچي ويئي. ڪجھہ وقت کان پوءِ ليليٰ خيال ڪيو تہ ھاٽي مجنونءَ کي ضرور رتُ ماسُ چڙھي ويو ھوندو. پڪ ڪرڻ لاءِ ھڪ ٻي ٻانھي اُتي موڪليائين. اُن نئين ٻانھيءَ وڻ ھيٺان مشٽنڊي فقير کي مجنون سمجھي ليليٰ کي چيو تہ، "مجنون تہ ڪل کان ڦاٽي ٽو." ليليٰ کي عجب لڳو تہ عاشق ماس چاڙھيندا ئي ڪونہ آھن، تہ ھيءُ قصو ڪيئن آھي؟ روزانو ڪٽي پھچائيندڙ ٻانھيءَ کي پڇيائين تہ، "اَڄ ھيءُ خالي وٽي ڪٽي وڃ ۽ مجنون کي منھنجو نالو وٺي چئُہ تہ پنھنجي خون سان ھيءُ وٽي پري ڏي." ٻانھيءَ مجنونءَ واري جاءِ تي ويٺل فقير کي وڃي چيو تہ، "ليليٰ جو حڪم آھي تہ ھيءُ وٽي پنھنجي رت سان پري ڏي". ان تي

هن فقير جواب ڏنو تہ، "مان ڪُتيءَ کائو مجنون آهيان، رت ڏيندڙ مجنون هُن ٻئي وڻ هيٺان وينو اٽيئي." اهو چئي اُهو فقير اُتي هليو ويو جو سمجهائين تہ آئينده جا مال چُٹا، چاکاڻ تہ ليليٰ کي حقيقت معلوم ٿي ويئي آهي.

"عمر وڃي وڃي مارئي وڃندو، ٿر نہ ڪونہ ٽيلهيندو."[1]

مارئيءَ وارا ماروُ ماڙهو ملير واري ايراضيءَ ۾ گذر ڪندا هئا. سندن ابا ڏاڏا گجرات جا ناڪر هئا، جي زماني جي گردش ڪري ملير ۾ آيا هئا. چون ٿا تہ مارئي پنهنجي حُسن ۽ لڇڻن ۾ نِجي سون هئي ۽ مُرڪ ۾ بجليءَ وارو اثر هوس جو دل کي ڏوئي اُجاري ٿو ڇڏي. بدن هڪ سڌي سنئين هاڻي ۽ عضوا حسين ۽ ملائم کاڻي. هڪ پاڪ دامن هئي. توڙي ملير ملڪ، برسات بعد هڪ گلزار ٿي ڏنو، پر هيءَ ڪٽيري ڪنوار اِيندي اُنهيءَ گلزار ۾ بہ هڪ لاثاني گل هئي. اهڙي حسين چوڪريءَ جي هاڪ ٻُڌي عمر سومرو بادشاهہ متس اڻ ڏنو عاشق ٿي ويو ۽ ملير ڳوٺ مان مارئيءَ کي زوريءَ کڻي ويو. تڏهن ڪن چيو تہ عمر ملير تي متان ٻيو بہ ظلم ڪري. اِن تي ڪنهن سياڻي چيو تہ عمر وڃي وڃي مارئي وڃندو، ٿر تہ ڪونہ ٽيلهيندو. هن کي مارئي ڪپندي هئي، سا پڃائي ويو. پوءِ ملير جي ٻين ماڻهن سان هن جو ڪهڙو مطلب ٽيندو؟

هتي ڏنل مثالن کان سواءِ کي ٻيا بہ لوڪ ڪٿائن سان واسطو رکندڙ پهاڪا سنڌيءَ ۾ ملن ٿا. اهڙا ڪجهہ پهاڪا هن ريت آهن:

(1) لکين ليلائون چنيسر جي راڄ ۾. (ليلا چنيسر)
(2) آڻين ۽ چاڑهين ڏُٺ ڏِهاڙي سومرا. (عمر مارئي)
(3) ويئيءَ وهاڻيءَ دودوي ناناڻا آيا. (دودو سومرو)
(4) ناهي راڻو راڄ ۾ تڏهن مومل ٿي ماندي. (مومل راڻو)
(5) ڏونگر ڪهڙو ڏوهہ، جي ڏينهن ڏنگو مَر ٽئي. (سسئي پنهون)

1. سنديلو، عبدالڪريم، پهاڪن جي پاڙ، لاڙڪاڻو، 1966ع، صفحو 112.

(6) پُڃن جي ميهارن کان، پڇي سو ميهار. (سهڻي ميهار)
(7) اهڙوئي الله جو پورهيتون پيش ڪري. (ليلا چنيسر)
(8) اندر جن جو اڏ، ڏونگر سي ڏورينديون. (سسئي پنهون)

سنڌيءَ ۾ نصيحت آميز ٻارن جي آکاڻين بہ گهڻن ئي پهاڪن کي جنم ڏنو آهي. مثال طور:

(1) گدڙ ڊاک نہ پُڄي، آکي ٿُو ڪٽا.
(2) اُها ڪڪڙ ئي مري ويئي جيڪا سونا آنا ڏيندي هئي.
(3) پاٽيءَ منجهہ جهوپڙا، مورک اُج مرن.
(4) سياڻو کاڻُ بہ ٽنگو قاسي.

سنڌي ادب ۾ اهڙا عام پهاڪا بہ ملن ٿا، جن جي بنياد ۾ عام مشهور آکاڻيون آهن. مثال طور:

(1) انوُد ڪسائيءَ واري ڪڏ.
(2) ايئن قاتو جيئن ٻلو قاتو مَٽ ۾.
(3) ايئن پڳو جيئن کاريءَ هينان کاڻُ.
(4) گهوٽڻ مهل گم هئا، چاٽڻ مهل چتا،
پيئڻ مهل ايئن آيا جيئن علي مراد جا ڪتا.

(4) **قديمي حالتن متعلق پهاڪا:**

سنڌيءَ ۾ ڪافي پهاڪا اهڙا ملن ٿا، جن جو بنياد آڳاٽي سنڌ جون حالتون آهن. هتي انهن جا ڪجهہ مثال ڏجن ٿا:

عيسويءَ سن 712 ۾ محمد بن قاسم جي اڳواڻيءَ هيٺ، عربن سنڌ جي گهڻي حصي تي قبضو ڪري ورتو. اِن طرح عربن جي حڪومت سان گڏوگڏ سنڌ ۾ اسلام مذهب جي بہ شروعات ٿي. سنڌي ٻوليءَ تي عربي ۽ فارسي ٻولين جو اثر پوڻ شروع ٿيو. عربي ٻولي مسلمانن جي مذهبي زبان آهي، تہ فارسي سڄي هندستان ۾ مسلمان حاڪمن جي دؤر ۾ سرڪاري ڪاروبار ۽ لکپڙهہ جي ٻولي بڻي. اِن اثر ڪري هندستان جا گهڻيئي رهاڪو، هندو توڙي مسلمان فارسي ٻوليءَ جو اڀياس ڪرڻ لڳا تہ جيئن سرڪار ۾ ڪين سنو عهدو ملي سگهي.

سنڌ جي گهٽن ئي رهاڪن ۾ اهائي وات ورتي. ان تي پهاڪو مشهور ٿيو. "پارسي، گهوڙي چاڙهسي". (يعني فارسي پڙهندين تہ گهوڙي تي چڙهي گهمندين). اهڙيءَ حالت ۾ جيڪڏهن ڪو پارسيءَ جو عالم سرڪاري نوڪري حاصل نہ ڪري سگهندو هو، تہ پوءِ ماڻهو عجب وچان چوندا هئا:

- پڙهي فارسي، وڪڻي تيل،
ڏسو هيءُ قسمت جو کيل.

سنڌ ۾ انگريزن جي حڪومت 1843ع ۾ شروع ٿي. ان کان پوءِ ۾ گهڻيئي سال سنڌ ۾ فارسي ٻوليءَ جو بول بالا هو. اِن ڪري اسان کي سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب تي فارسيءَ جو اثر نظر اچي ٿو.

لاڙڪاڻي شهر جو بنياد ڪيئن پيو. انهيءَ تي هيٺ ڏنل چوٽيءَ مان روشني پوي ٿي:

- هو قوم لاڙڪن جو هتڙي قديم ٽاٽو،
پيو نانءُ پوءِ ان تي لاڙڪ تان لاڙڪاڻو.

مطلب تہ سنڌ جي انهيءَ خطي ۾ لاڙڪ ذات جا مسلمان رهندا هئا، جنهن تان اِن شهر کي لاڙڪاڻو سڏيو ويو. ڪن عالمن جي ويچار موجب سنسڪرت ۾ جنهن لاٽڪ ذات جو بيان اچي ٿو، اُنهن مان ئي کي مسلمان بڻيا ۽ سندن نالي ۾ 'ٽ' جو اچار بدلجي 'ڙ' ٿيو.

ڪلهوڙن جي ايامڪاريءَ ۾ لاڙڪاڻي جو شهر گهڻو اوج تي پهتو. اِن تي سنڌيءَ ۾ هينيون چوٽيون مشهور ٿيون.

- هجيئي ناڻو تہ گهُم لاڙڪاڻو، نہ تہ وت ويڳاڻو.
- ڳنڍ ۾ ڪٽي تون ناڻو، گهُم خان لاڙڪاڻو.

سنڌ جي تاريخ جا ورق ورائبا تہ معلوم ٿيندو تہ آڳاٽي سنڌ تي گهڻو ڪري اُتر- اولهہ طرف کان حملا پئي ٿيا. ان تي پهاڪو مشهور ٿيو تہ:

- جڏهن ڪڏهن سنڌڙي، توکي قنڌارون جوکو.

اي سنڌ، تاريخ ۾ توتي وقت بوقت قنڌار کان حملا ٿيندا رهيا

آهن. افغانستان جي غزني شهر جو حاڪم ٻارهين عيسوي صديءَ ۾ هندستان تي ڪاهي آيو هو. هُو گجرات جي مشهور سومناٿ مندر کي لُٽي پوءِ سنڌ جي رستي کان واپس غزنيءَ ويو هو. وات تي هن سنڌ ۾ بہ قرلُٽ ڪئي هئي. ان کان پوءِ ارغون (1520- 1558ع) ۽ ترخان (1554- 1592ع) سنڌ تي ڪاهي آيا هئا. هُو بہ افغانستان جا رهاڪو هئا.

"سنڌ موچڙن سان سِڌي آهي". هن چوٽيءَ مان بہ ظاهر آهي تہ تاريخ ۾ ڏارين طاقتور حملي آورن گهڻيئي دفعا سنڌ تي حملا ڪري اُتي پنهنجي حڪومت برپا پئي ڪئي.

گذريل زماني جا سِڪا ۽ ماپا:

پارت جي آزاديءَ کان اڳ مسلمانن ۽ انگريزن جي حڪومت ۾ واپار ۾ جيڪي سڪا ۽ ماپا وهنوار ۾ ايندا هئا، اُهي اڄ ڪلهہ جي سڪن ۽ ماپ جي ايڪن کان الڳ قسم جا هئا. اِنهن جي آڏار تي جيڪي پهاڪا ٺهيا آهن، انهن مان بہ اُن زماني جي حالتن جي ڄاڻ پوي ٿي. هتي ڪجهہ مثال ڏجن ٿا:

- ڪسيري جي ڪُتي، ٽڪي جا ڪائي ٽُڪر.
- ٽڪي سير ياڄي، ٽڪي سير کاڄا.

آڳاٽي زماني ۾ 'ٽڪو' بن پيسن جي برابر هو ۽ ڪسيرو پائيءَ کان بہ ننڍو سڪو هو.

- ديوان جو دمُ، دمڙيءَ جي دال تي.

هن پهاڪي ۾ دمڙيءَ هڪ پراڻي سڪو هو، جيڪو پائيءَ کان بہ گهٽ هو.

- ڪوڙي حرام، بُجڪو حلال.

هن پهاڪي مان ڄاڻ پوي ٿي تہ 'ڪوڏي' (هنديءَ ۽ اردوءَ ۾ جنهن کي ڪوڙي چئبو آهي) بہ پراڻي زماني ۾ واپار ۾ ڏي وٺ لاءِ ڪم ايندي هئي.

- اڌا خرار مان چوٿائي مس پيڻي آهي. (چوٿاي 1/4)
- واتو خرار ڪاڇن، نڪُون ڪٽو نہ ڪاڇي. (خرار= 24 مڻ)

- اونڌيون پاتيون پاسيرا ٽويا.

مطلب تہ جيڪو ماپ يا تور ۾ نڱي ڪري، تنهن لاءِ اهو پھاڪو چون. هتي 'پاتي' ۽ 'ٽويو' جهوني زماني جا ماپا آهن، جن سان اَن ماپبو هو.

- انين آني پڱڙي، رپيو ٻڌاڻي.
ڪري پيئي کوھ ۾، ٻہ رپيا ڪياڻي.

جڏهن کو خسيس شيءِ کي حاصل ڪرڻ لاءِ گھڻو خرچ ڪري، تڏهن هيءُ پھاڪو ڪتب آڻبو آهي. انگريزن جي راج ۾ رپيو هڪ مڪيہ سڪو هو. ان ۾ سورنهن آنا هوندا هئا. هڪ آني ۾ چار پيسا ۽ هڪ پيسي ۾ ٽي پايون هوندیون هيون. ملڪ جي آزاديءَ کان پوءِ ناڻي جو نئون ڍھائي (ڊيسمل) سرشتو شروع ڪيو ويو. ان موجب رپئي ۾ 100 پيسا مقرر ڪيا هئا. اڄ تائين ناڻي جي ڳڻپ جو اهوئي سرشتو هلندڙ آهي.

پارت جي آڳاڻي تاريخ متعلق پھاڪا:

سنڌيءَ ۾ ڪجھ پھاڪا اهڙا ٻہ ملن ٿا، جن جو تعلق آڳاڻي پارت جي تاريخ سان آهي. جيئن تہ:

- رامايڻ جي ڪٿا پوري ٿي ويئي،
هُو اجا پيو پڇي تہ رام ڪير هو.
- لنڪا کي باھ لڳي، پولي جي پڇ کان.
- هنن جي گھر ۾ هميشہ مهاپارت لڳو پيو آهي.

مهاپارت جي مڪيہ ڪٿا پانڊوَن ۽ ڪوروَن جي لڙائيءَ سان واسطو رکي ٿي. ان کي مهاپارت جو مطلب ٿي ويو آهي "لڙائي، جهڳڙو، ڪلهہ".

ساڳيءَ طرح سنڌ کان ٻاهر ٻين علائقن جي مشهور ڪن تاريخي ماڻهن جي باري ۾ ٻہ سنڌيءَ ۾ پھاڪا ملن ٿا. جيئن تہ:

- ڪٽي راجا پوج، ڪٽي گنگوُ تيلي.

مطلب تہ ٻنهي ۾ تمام گھڻو تفاوت آهي. هيءُ پھاڪو پارت

جي گھڻين ئي ٻولين ۾ مشهور آهي. هن پھاڪي ۾ راجا پوج جي باري ۾ عالم سهمت نہ آهن تہ هتي ڪهڙي راجا پوج طرف اِشارو آهي. ان نالي سان الڳ الڳ دورن ۾ پنج ڇهہ راجائون ٿي گذريا آهن. ممڪن آهي تہ هن پھاڪي جو بنياد ڪنهن نيم تاريخي لوڪ ڪهاڻين تي ٻيٺل هجي. پاندارڪر انسٽيٽيوٽ پوني، مهاراشٽر جي مرهيات ڪيوريٽر پي. ڪي گوڙي انسٽيٽيوٽ جي لائبريريءَ مان سنسڪرت ٻولي ۾ لکيل هڪ دستخط هٿ ڪيو آهي. ان جو نالو آهي: 'وڪلپسُوتر'. اهو هٿ سان لکيل ڪتاب گوڙي جي انومان موجب ٿي سال کن اڳ جو لکيل آهي. ان ۾ راجا پوج ۽ گنگو تيليءَ جي باري ۾ هڪ لوڪ ڪهاڻي ڏنل آهي، جنهن جو واسطو هتي ڏنل پھاڪي سان ٿي سگھي ٿو[1]. هتي ٿوري ۾ ان سنسڪرت لوڪ ڪهاڻيءَ جو سنڌي ٻوليءَ ۾ اختصار ڏجي ٿو:

هڪڙو هو شاگرد. هُو ڏکڻ هندستان جي پرتِشٹانپور نالي شهر ۾ ويو ۽ اُتي هڪ عالم کي اُستاد ڪري هن وٽ ٽيهہ سال کن رهي سيني شاسترن جو اڀياس ڪيائين، پوءِ تہ پنهنجي جاڻ تي ايترو تہ گھمنڊ ٿيو جو پاڻ جهڙو ڪنهن کي سمجھندو ئي ڪونہ هو. هُو شاسترارٿ (علمي مناظري) ۾ ٻين عالمن کي جيتڻ لاءِ سفر تي نڪتو. هن ٻڌو هو تہ اُجين جي راجا پوج جي دربار ۾ گھڻيئي عالم آهن. اُتي پھچي هن سيني پنڊتن کي شاسترارٿ هارائي ڇڏيو. اِها حالت ڏسي راجا پوج کي ڏاڍو ڏک ٿيو. هُو پوءِ دل وندرائڻ لاءِ شڪار تي روانو ٿيو. واٽ تي ڏٺائين تہ گنگو نالي هڪ ڪاٽو تيلي آهي. هو هڪ هٿ سان گھاٽو پيو هلائي ۽ ٻئي هٿ سان تيل ڪڍي ڏاڍي خبرداريءَ سان مَٽنَ ۾ پيو وجهي. اهو تماشو ڏسي راجا عجب ۾ پئجي ويو ۽ ان تيليءَ کي ويجهو وڃي کيس چيائين تہ مان راجا پوج آهيان. منهنجي دربار ۾ هڪ ماهر آيل آهي. تون ان سان شاسترارٿ ڪندين؟ گنگو

1. پونا اوريئينٽل سٽر، واليوم 10، ن 1-2، 1945ع.

تيلي هڪدم هاڪار ڪئي، پوءِ راجا آڇر جي ڏينهن شاسترارٿ لاءِ رکيو ۽ گنگو تيليءَ کي وڻي اچي پاڻ وٽ رهايائين. دربار ۾ گهٽيئي عالم اچي ڪنا ٽيا. گنگو تيليءَ کي به سهٽا ويس وڳا پهرائي شان مان سان دربار ۾ وڻي آيا. هُن سان گڏ پنجاهه شاگرد به هئا. راجا پوڄ ڏڪڻ هندستان جي عالم کي حڪم ڏنو ته هن نئين آيل پنڊت کي شاسترارٿ ۾ جيتي ڏيکار. راجا جي اجازت ملڻ سان بحث شروع ٿيو. ڏڪڻ پارتي عالم هڪ آڳر مٿي ڪٽي گنگو تيليءَ ڏانهن اشارو ڪيو. اهو ڏسي گنگو تيليءَ به آڳريون ڪٽي عالم طرف اشارو ڪيو. اِن تي هُن عالم پنج ئي آڳريون ڦهلائي هٿ مٿي ڪٽي اشارو ڪيو. اُن جي موٿ ۾ گنگو تيليءَ وري ٿونشو ڏيکاريو. اها حالت ڏسي ڏڪڻ پارتي عالم گنگو تيليءَ جي پيرن تي ڪري پيو. هن کي چيائين، "تو منهنجو غرور چُور چُور ڪري ڇڏيو آهي، تون منهنجي سوالن جا بلڪل صحيح جواب ڏنا آهن."

راجا پوڄ ڏڪڻ پارتي عالم کان پڇيو ته مون کي اِن سڄي شاسترارٿ جي سمجهاڻي ڏي. اُن تي پارتي عالم پنهنجن سوالن جي سمجهاڻي ڏيندي ٻڌايو ته مون هڪ آڳر ڪٽي ڏيکاريو ته شِوَ هڪ ئي آهي، پر توهان جي عالم جواب ۾ به آڳريون ڪٽي ٻڌايون ته شِو سان گڏ شڪتي يعني پاروتي به آهي. اِن کان پوءِ مون پنج آڳريون ڪٽي چيو ته اِندريون (حواس) پنج آهن. ان جي جواب ۾ توهان جي عالم مُٺ ڏيکاري جواب ڏنو ته اندريون برابر پنج آهن، پر اُنهن جي سونهن تڏهن آهي، جڏهن اُنهن کي وس ۾ رکجي. انهيءَ مان ثابت آهي ته اوهان جو هيءُ ودوان تمام گيان وان (ڄاڻو) مها پنڊت آهي. ان ريت سمجهاڻي ڏيئي اُهو ڏڪڻ پارتي عالم راجا پوڄ کان اجازت وڻي پنهنجي شهر ڏانهن هليو ويو.

اُن بعد راجا پوڄ گنگو تيليءَ کان شاسترارٿ جي سمجهاڻي گهري. گنگو تيليءَ جواب ڏيندي چيو ته "هي مهاراج، هيءُ شخص ته ڪو بدتميز ٿي ڏٺو. هن هڪ آڳر ڪٽي مون کي اشارو ڪيو ته تون

ڪاڻو آهين. اِن تي مون ڪاوڙجي ٻئي آڳريون ڏيکاري چيومانس ته ٿُون پاڻ کي سمجهين ڇاڻو، مان تنهنجو ٻئي اکيون ڪڍي توکي انڌو ڪري ڇڏيندس. انهيءَ تي هن پنهنجو هٿ مٿي ڪٽي مون کي چماٽ هڻڻ جي ڏمڪي ڏني. مون وري موٿ ۾ ڪيس ٿونشو ڏيکاريو." گنگو تيليءَ جي اها سمجهاڻي ٻڌي راجا پوڄ ۽ سڀيئي درباري ڪلي ڪلي ڪيرا ٿي پيا. پوءِ ته راجا گنگو تيليءَ کي گهٽو ئي انعام ڏيئي ڪيس روانو ڪيو.

- مقدر جو سڪندر.

هيءُ پهاڪو به سنڌي، هندي، اردو، وغيره ٻولين ۾ مشهور آهي. ان جو مطلب آهي ته هُو تمام سني قسمت وارو آهي. هتي سڪندر لفظ راجا اليگزينڊر طرف اشارو ڪري ٿو. هو يونان جو مشهور بادشاهه هو. مهاراجا چندرگپت موريا جي ڏينهن ۾ هُو اُتر اولهه پارت جي ڪن حصن تي ڪاهي آيو هو، پر پنجاب ۽ سنڌ جي صوبن جي بهادرن هُن جو سخت مقابلو ڪيو. آخر هُو سنڌ مان عربي سمنڊ رستي پنهنجي ملڪ ڏانهن موٽندي بئبيلان ۾ گذر ڪري ويو، پر اڄ تائين اليگزينڊر يا سڪندر جو نالو عظيم بهادر شخص جي ناتي مشهور آهي.

5.2 قدرتي ماحول ۽ جاگرافيءَ متعلق پهاڪا:

جاگرافي هڪ وسيع معنيٰ وارو لفظ آهي. هن ۾ ڪنهن ملڪ، ڪنهن صوبي، ڪنهن شهر، ڪنهن ڳوٺ جا رڳو جبل، زمينون، نديون ۽ قدرتي حدون نه ٿيون اچن، پر اُن حد ۾ رهندڙ ماڻهو، اُتي جو قدرتي ماحول، وڻ ٽڻ، جانور، پکي وغيره به اچن ٿا.

قدرت ۽ انسان جو ساٿ تمام جهونو آهي. ايامن کان ٻئي پنهنجي جاڻ مطابق هڪ ٻئي کي ناهيندا ۽ ڌاهيندا اچن ٿا. انهيءَ ناهڻ ۽ ڌاهڻ جي عمل ۾ انسان ذات کي املهه تجربا حاصل ٿيا آهن. اِنهن تجربن جي آڌار تي پهاڪا نهن ٿا ۽ اُنهن پهاڪن جي وسيلي اسين جهوني تهذيب ثقافت، ۽ آڳاٽي ماحول جي جاڻ حاصل ڪري سگهون ٿا.

سنڌ جي رھاڪن کي ب شھرن مان، زمين مان، جبلن مان، جانورن پکين مان، وڻن- ٽڻن مان، پاڇين- ميون وغيره مان جھجھي تعداد ۾ تجربا مليا آھن. انھن تجربن ۽ آزمودن جي آڌار تي جيڪي پھاڪا ٺھيا آھن، تن مان سنڌين جي سماجي ۽ ثقافتي رُخ جي پروڙ پوي ٿي. سنڌي ٻوليءَ ۾ جاگرافيءَ سان واسطو رکندڙ جيڪي پھاڪا ملن ٿا، اُنھن جي جدا جدا قسمن جو ھتي مختصر جائزو پيش ڪجي ٿو:

آبھوا ۽ موسم:

آبھوا جي خيال کان سنڌ کي گرم صوبو چيو ويو آھي. ھتي برسات تمام گھٽ پوندي آھي. اُتر- اولھ پاسي جبل، اوپر پاسي راجستان جو ريگستان، جنھن جو ڪجھ پاسو سنڌ جي ٿرپارکر ۽ نوابشاھ توڙي خيرپور ضلعن جي اوپر ۾ ب اڇي وڃي ٿو، ڏکڻ اوپر ۾ سمنڊ ۽ ڪڇ جو رڻ، ۽ ڏکڻ- اولھ ۾ عربي سمنڊ يا سنڌوُ ساگر بيٺل آھي. ڏکڻ سنڌ ۾ سمنڊ سان ويجھڙائپ سبب ۽ ٻين حصن ۾ جبلن ۽ رڻ پٽ جي ڪري ھرھنڌ الڳ الڳ موسم جو اثر ٿيو آھي. اِن ڪري ھتي ھر قسم جي موسم ٿئي ٿي. فقط مھاراشٽر، گجرات ۽ پارت جي ڪن ٻين حصن وانگر سنڌ ۾ چؤماسي جي مند کانپ ٿي ٿئي. سنڌ جي وچ مان سنڌوندي وھي ٿي جيڪا ڪئلاش مانسروَر مان نڪري تبت، ليھ، لداخ جي پھاڙن مان لنگھندي اچي ڪراچيءَ وٽ عربي سمنڊ ۾ ملندي آھي. اِن ندين جي آسري تي ئي سنڌ آباد ٿي آھي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ موسم سان واسطو رکندڙ گھڻيئي پھاڪا ۽ چوٽيون آھن. انھن ۾ ڪجھ ھن ريت آھن:

"آڌھڙ جي تتي ڏينھن، ساوڻ جي وسندي مينھن،
سياري جي آڌيءَ رات، شل نہ پوي ھنگڻ تات."[1]

1. پڙھٽي: جيٺ ويساک جي تتي ڏينھن، پوھ مانگھ جي آڌيءَ رات، شال نہ پوي ڪڏھن ھنگڻ تات.

ھيءُ پھاڪو/ چوٽي تڏھن نھي آھي، جڏھن ماڻھن کي ڪاکوس لاءِ جھنگل ۾ وڃڻو پوندو ھو، پر ھِن چوٽيءَ جي آڌار تي اسان کي خبر پوي ٿي ته سنڌ ۾ آڌھڙ يا جيٺ جي مھيني ۾ ڏينھن گرم ٿيندا آھن ۽ ساوڻ يعني جولاءِ- آگسٽ جي مھينن ۾ ڪجھ برسات پوندي آھي. انھيءَ طرح سياري جي راتين ۾ ب اُتر سنڌ ۾ ڏاڍي ٺڏ پوندي آھي. اھڙي موسم ۾ ضروري حاجت لاءِ باھر نڪرڻ مشڪل ڪم ھو.

پوجپُريءَ ۾ انھيءَ سان ميل رکندڙ ھيءُ پھاڪو ملي ٿو:

- "جيٺ کو ڈُپھريا، پادو کو اَنھريا،
پوس کي پِن لھرا، اَپاگا ڪام ڪريلو."

مطلب ته جيٺ مھيني ۾ منجھند وقت، بدي ماھ جي رات اونداھيءَ ۾، پوھ ۾ صبح سوير، اپاڳو ماڻھو ئي ڪم ڪندو آھي.

"ڏکڻ مينھن نہ وسڻا، جي وسي ته ٻوڙي،
ڪانئر ڏکُ نہ ھٽڻا، جي ھٽي ته جھوري."

سنڌ ۾ گھٽو ڪري ڏکڻ- اولھ کان برسات نہ پوندي آھي. پر جي اِن طرف جي برسات پئي ته ٻوڙ ٻوڙان ڪري ڇڏيندي آھي.

- "وڻو ته ٿر، نہ ته برُ."

ٿرپارکر وارو گھٽو ضلعو واريءَ واريءَ آھي. ھِتي آبادي جو گھٽو دارومدار برسات تي آھي. ٿر ۾ جي برسات پيئي ته اُھو سڄو علائقو سکيو ستابو ۽ سھٽو بڻجي پوندو، نہ ته اُھو ريگستان ئي آھي.

- "وسي ته ڪوھُ، نہ ته روھُ."

ڪوھستان وارو سنڌ جو علائقو برسات ۾ سھٽو لڳندو آھي، نہ ته اُھو بُٺُ يعني سُڪل ملڪ آھي.

- "سياري ۾ سيءُ پوي، آڌھڙ ۾ آرايون،
سنڌ ٻنھي ۾ ڪونہ ڪو، ڪنھن کي ساراھيون؟"

سنڌ جي صوبي ۾، خاص طور سان اُتر سنڌ ۾ سردي ۽ گرمي ٻئي گھڻيون ٿيندیون آھن، جيڪي پريشان ڪندڙ آھن.

- "سياري جو سڄُ، ڪنُ پاڻُ ۾ ئي وڄي."

سياري جي وقت ۾ ڏينهن ننڍا ٿيندا آهن. اِنهن ڏينهن ۾ اوندھ جھٽ تي ويندي آهي ۽ جنهن ڪري ڪم گھٽ ٿيندو آهي.

- "واھ مالڪ تنهنجي مايا، ڪٽي ڏوپ ڪٽي ڇايا."

هن پھاڪي ۾ موسم، پرڪرتي يا قدرت جي خوبين جو بيان ڪيو ويو آهي. مطلب تہ ڪي سُکي تہ ڪي دُکي آهن.

- "وِلھ پيئي واڪا ڪري."

مطلب تہ تمام گھٽي ٿڌ آهي.

- "سوَڙ ڪٽي ٻاھر نڪرجي ۽
وِڇٽو ڪٽي اندر گھڙجي."

سنڌ ۾ هوليءَ کان پوءِ رات جو ٻاھر اگڻ ۾ سُمھبو ھو، پر پوءِ رات جو وڌيڪ ٿڌ پوڻ سبب مٹان سوَڙ وجھٽي پوندي هئي. ٻڌي ۾ سرءُ (پن ڇڻ) جي مُند ۾ رات جو اندر سمھبو ھو، جيتوڻيڪ اندر گرمي ٿيندي هئي ۽ مڇرن سبب تپاولي ٿيندي هئي. اِن ڪري وِڇٽو ڪٽي اندر سمھبو ھو. ان ڪري سنڌ ۾ اها چوٽي نھي:

- "ڦگڻ ڦُلاريو، راتيان سياروَ، ڏينهان اونھارو."

مطلب تہ ڦگڻ يعني مارچ جي مهيني ۾ رات جو ٿڌ محسوس ٿيندي آهي، پر ڏينهن جي وقت چڱي گرمي شروع تي ويندي آهي.

- "اُتِراڻُ اُتريو، اڌ سياروَ ڪُتريو."

اُتراڻ يا مَڪر سنڪرانت پوھ جي مهيني ۾ ٿيندو آهي. اِن ڏينهن تي تِر ۽ مُوري کاڌا ويندا آهن. سِنڌ ۾ اُن کان پوءِ سياري جي ٿڌ گھٽجڻ شروع تي ويندي آهي.

- "انبن ۾ ٻور، لڳن ۾ سوُر."

برسات کان پوءِ انبن جي وڻن ۾ ٻُور (گل) اچڻ شروع تي ويندا آهن، جيڪي گرميءَ جي اچڻ طرف اشارو ڪندا آهن ۽ پوءِ وڻن ۾ انبن جو ڦل ٿيندو آهي. ان پھاڪي جو اشارو موسم جي تبديل طرف آهي، جنهن ڪري انسان جي لڳن ۾ سُور بہ ٿيندو آهي.

- "ڏنو چيٽُ، پيو انبن ۾ ميٽ."

چيٽ جي مهيني کان پوءِ انبن ۾ رس ۽ مٹاس اچي ويندي آهي.

- "ڏياريءَ جو ڏيئو ڏنو، ننڍو وڏو چيڙُ منو."

چيڙُ رڳو ڏياريءَ جي ڏينهن ۾ ئي منو ٿيندو آهي. ٻين مُندن ۾ اِهو ڪوڙو هوندو آهي.

هڪ چڪائيندڙ جملو "جل هِي جيون هِئ" (پاڻي ئي زندگي آهي) ڪيترن ئي هنڌن تي لکيل نظر اچي ٿو. لڳ ڀڳ 505ع ۾ وراھ مِهر لکيو آهي تہ:

اِن طرح موسم سان واسطو رکندڙ گھٽيئي پھاڪا ملن ٿا. اھڙا ئي ڪجھ مثال هِن ريت آهن:

(1) ميوو سي مُندائتو مِنو.
(2) واءُ جبل اُڏائي ڇڏي، تنهن جي اڳيان ڪپھ چا آهي؟
(3) قدرت جي چَڪي، ڪنهن واچي ڏني.
(4) جي وسي چيٽُ تہ اَنُ نہ ماپي ڪيٽُ،
(5) جُھڙ جي اُس، انڌي جي ٽُڪ،
ماڻيلي ماءُ جي مُڪ، جتي لڳي اُتي سُڪ.
(6) سياري ۾ سيئي چگا، جن کي گھٽي باھ،
اونھاري ۾ سي ئي چگا، جن کي گھٽي ڇانھ.
(7) سردي پوڳيُن جي، گرمي روڳيُن جي.

(مطلب تہ سياري جي مند عياشيءَ لاءِ ۽ گرميءَ جي موسم بيمارن لاءِ نيڪ آهي.)

مينهن جي موسم:

زندگيءَ جي امُلھ شين ۾ برسات يعني پاڻي هڪ خاص عنصر آهي. نہ رڳو سڄي ڪائنات ۾ پر ماڻھوءَ جي پنهنجي جسم ۾ بہ ٿي حصا پاڻي آهي. اڄُ ڪالھ انساني زندگيءَ ۾ پاڻيءَ جي اهميت طرف ڏيان چڪائيندڙ جملا "جل هِي جيون آهي." ڪيترن ئي هنڌن تي لکيل نظر اچي ٿو. لڳ ڀڳ 505ع ۾ وراھ مِهر لکيو آهي تہ:

- "انن جگتھ ۾راڻاھ پرور ٽڪالسيہ چاننمايتم.
يَسمادتھ: پَريكشيَھَ پراورڻَكالھَ پريتنينَ."[1]
- وراھي سِھتا، 1 / 21

مطلب تہ اَنُ ئي ھن جڳَت جو ساھ آھي ۽ ھيءُ اَنُ برسات جي مند جي وس ۾ آھي. انھيءَ ڪري برسات کي ڏيان ۾ رکي ڪوشش ڪرڻ گھرجي.

پارت ملڪ ھڪ وڏو ملڪ آھي، جتي برسات الڳ الڳ وقت تي ۽ الڳ الڳ مقدار ۾ پوي ٿي. چيراپونجيءَ ۾ برسات سڀ کان وڌيڪ پوي ٿي تہ ٻئي طرف راجستان جي واريءَ واري علائقي ۾ سڀ کان گھٽ. مھاراشٽر ۾ برسات جھجھي تعداد ۾ پوندي آھي، تہ وري سنڌ پاڪستان ۾ برسات ڏاڍي گھٽ پوندي آھي. انھيءَ آڌار تي سنڌيءَ ۾ چوٽي مشھور آھي تہ، "مينھن ۽ مھمان، ٻئي ڪيترو وقت؟" يعني ٻئي ٿوري وقت لاءِ ھوندا آھن.

پارت ۾ مينھن سان لاڳاپو رکندڙ سائنس تمام پراڻي آھي. ھوا، بادل، آڪاش، بجلي، آندي، طوفان، سج، چنڊ وغيرہ جي مدد سان مينھن جي اچڻ جو اطلاع ملي ويندو آھي. ھاري ۽ ٻين ماڻھن جي اِنھن تجربن جي آڌار تي برسات بابت ڪيترا ئي پھاڪا نھيا آھن. سنڌي ٻوليءَ جي پھاڪن ۾ مينھن بابت گھٽ ويچار ڪيو ويو آھي، پر تڏھن بہ جيڪي پھاڪا ملن ٿا، انھن ۾ مکيہ ھيٺين ريت آھن:

- "مينھن وسي ٻہ پھر، چنو وسي ڇھ پھر."

مطلب تہ برسات جي وسڪاري کان پوءِ برسات بند ٿي وڃڻ بعد بہ جھوپڙين جي ڇت مان گھٽي وقت تائين پاڻي پيو ٽمندو رھندو آھي.

- "مولِ مينھن وساءِ، تہ ڪانئر چُنڻ ڪم ڪان."

يعني مينھن سائين جي وس ۾ آھي ۽ ڪمچور ۽ گوسڙو کيس التجا ڪن ٿا تہ ھُو مينھن وسائي تہ جيئن تيز برسات پوڻ سان ھوُ

1. ڈاڪٽر تيواري، پوڄپوري لوڪوڪِتيان، صفحو 71.

پنھنجن ڪمن تي وڃڻ ڪان بچي وڃن. ھتي اُنھن جو مقصد مينھن پوڻ ڪري ٻني ٻاري ۽ ٻين فائدن جو نہ ٿي ڪري، پاڻ ڪم ڪان بچڻ جو آھي.

برسات ڏٺي سائينءَ جي مرضيءَ سان پوي ٿي، ان ويچار کي ڏيکارينڈڙ پھاڪو راجستاني ٻوليءَ ۾ ھن ريت آھي:

- "ميھا تو تِيان برستِي، جيان راجي ھوسِي رام."

معنيٰ تہ مينھن تڏھن پوندو، جڏھن سائين جي مھر ٿيندي.

- "پوڪين تان ڪي پوڪ، جيسين پاڻي اٽيئي ٻار ۾."

يعني تہ ڪيتي پاڻيءَ تي دارومدار ڪري ٿي. پاڻي سُڪي وڃڻ بعد ڪيتي ڪانہ ٿي سگھندي. اِن ڪري جيسين ٻار ۾ پاڻي آھي، تيسين تون پوڪ ڪري لاءِ وڻ.

ڪڪر:

مينھن ۽ ڪڪرن جو پاڻ ۾ گھاٽو تعلق آھي. ڪڪر ئي مينھن ٻڌجي وسندا آھن. ڪڪر گجگوڙ ڪندا آھن ۽ اِنھن ۾ بجلي پيدا ٿيندي آھي. ڪڪرن جي رنگ ۾ اُنھن جي رُخ مان مينھن جو اندازو لڳائي سگھبو آھي. ڪڪر ڪارا، پورا، نيرا، گاڙھا ۽ ھئڊا ٿيندا آھن. جيڪڏھن ڪڪر ڪارا ھوندا تہ ڏڪائيندا ۽ جي پُورا ھوندا تہ پڪ پاڻي وسائيندا. اِن بابت پوڄپوري پھاڪي ۾ ھڪ سھڻو مثال آھي:

- "ڪَرِيا بادر جيءُ ڊراوَن، پِوُئر بادر پاڻي لاون."[1]

معنيٰ تہ ڪارا بادل ڏڪائيندا آھن ۽ پُورا بادل پاڻي وسائيندا آھن.

- "لال پِيئَر جب ھويہ آڪاس،
تب نا با برکا کي آس."[2]

يعني جڏھن آڪاش ۾ بادلن جو رنگ گاڙھو يا ھئڊو ھجي، تہ برسات پوڻ جي آس نہ ڪرڻ ڪپي.

- "گجي گجي نيٺ ڦاٽندو."

يعني: ڪڪر گجگوڙ ڪرڻ بعد پاڻيءَ جو وسڪارو بہ ڪندا.

1. ڈاڪٽر تيواري، پوڄپوري لوڪو ڪِيتيان، صفحو 72.
2. ايضاً

- "جيڪو گجي، سو وسي نہ ٿو."[3]

معنيٰ، گجگوڙ ڪرڻ وارا ڪڪر گھٽو ڪري پاڻيءَ جو وسڪارو نہ ڪندا آھن. انھيءَ ويچار کي ڏيکاريندڙ پھاڪو پوڄپوري بوليءَ ۾ ھن ريت آھي:

- "گرجي سو برسي نھين، برسي گھور اَنھار."

مطلب تہ گرجڻ وارا ڪڪر ڪونہ وسندا آھن. وسڻ وارا ڪڪر گھُپ انڌيرو ڪٽي ايندا آھن.

سج:

برسات جو اصل سبب آھي سج. سج جي تپت سان سمنڊ جو پاڻي ٻاڦ بڻجي مينھن جي شڪل ونندو آھي. پوڄپوريءَ ۾ انھيءَ تي ٻڌل ھڪ ٽُڙ پھاڪو ڏسو:

- "جَتنا تپِي، آوتني برسِي."

معنيٰ، سج جيترو تپندو، برسات اوتري ئي وڌيڪ ٿيندي.

سنڌي بوليءَ ۾ سج سان واسطو رکندڙ ڪجھ پھاڪا ھن ريت آھن:

(1) سج ٻہ پاڇا.

(2) برھمڻ جو وڃن، سورج جي ساکيا.

(3) سياري جو سجُ، ڪُڻُ پاڻُ ۾ ئي وڃي.

(4) سِر وڻي کان پوءِ سج اُڀري نہ اُڀري.

(5) سج لٽي کان پوءِ اوير ڪانھي.
ڦرئي کان پوَ پيئُ ڪانھي.

(6) سج ايڪ پر پاوين ڏُون، پيءُ دا بکت نہ پُٽا نوُن.

(7) سج جڻُ متانئس تو لھي چڙھي.

اويڙ

وڻ ٽڻ، ٻُوٽا، گاھ، ميوا، پاڄيون وغيره سنڌي پھاڪن ۾ بن شڪلين ۾ ڪتب آيا آھن. ھڪ تہ ساڳئي مطلب ۾ ۽ ٻيو تشبيھي

3. پڑھٽي: جو گجي، سو نہ وسي.

شڪل ۾. جتي ٻہ پھاڪن ۾ انھن جو ساڳئي معنيٰ ظاھري شڪل ۾ استعمال ٿيو آھي، اُتي اُنھن جي مختلف ڪارڳذارين تي ويچار ڪيو ويو آھي. پر جتي ونسپتي جو استعمال تشبيھہ، استعاري يا مثال جي طور ملي ٿو، اُتي اُن جي پھرين معنيٰ جي اھميت گھٽجي وڃي ٿي. ھتي ونسپتيءَ جي باريڪ جزن جو اڀياس بنھي صورتن ۾ ڪيو ويو آھي، ڇاڪاڻ تہ انسان ۽ ونسپتيءَ جي رشتي جي اِنھن بنھي صورتن جو ڪجھہ نہ ڪجھہ اثر پوي ٿو.

اَڪُ:

اڪ ھڪ زھريلو ننڍو جھنگلي وڻ آھي، جيڪو ڊيگھہ ۾ ڏاھن ٻارھن ڦُٽن جي اندر ھوندو آھي. اِن ۾ ننڍڙا اڇا گل ٿيندا آھن، جن کي "اڪ ڦلڙيون" چئبو آھي. اڪ ۾ انبڙيءَ جي شڪل جا ننڍڙا ڦَل ٻہ پيدا ٿيندا آھن، جن کي اڪ ٽِٽِڙا سڏبو آھي. اُنھن مان ڪپھہ وانگر نرم تاندورا نڪرندا آھن. اڪ جي نرم ٽاري ۽ گلن کي پٽڻ سان ڪير وانگر اڇو رس نڪرندو آھي، جنھن کي "اڪ جو ڪير" چئبو آھي. اُھو جيڪڏھن اکين ۾ لڳي وڃي تہ اکين جي جوت ھلي وڃڻ جو گھٽو امڪان ٿيندو آھي. پھاڪن ۾ "اڪ" جو مطلب گھٽو ڪري نقصان ڪندڙ شيءِ، مورک، نيچ انسان وغيره ڪنيو ويو آھي.

- "اڪ آمو نہ ٿئي، توڙي ڦُٽِي ڪري ڦرُ."

اڪ جو وڻ جڏھن ڦٽي ڦَل ڏيندو تہ اڪ ٽِٽِڙا ئي ڏيندو، ان مان منن انبن جي اميد رکڻ اجائي ڳالھہ آھي. مطلب تہ نيچ انسان کيتري ٻہ ڪوشش ڪرڻ کان پوءِ ٻہ پنھنجو سياڻُ متائي نيڪ نہ بڻجي سگھندو.

- "اڪ ۾ آمو لڳو آھي!"

معنيٰ اچرج واري ڳالھہ ٿيڻ. ڪنھن اٽڪيٽي يا ناممڪن واقعي جي ٿي پوڻ تي ايئن چئبو آھي. ٻين بولين ۾ ٻہ انھيءَ مطلب کي ڏيکاريندڙ پھاڪا ملن ٿا. جيئن تہ:

(الف) آڪ ۾ آم ڦَلا. (ھندي)

(ب) آڪ ۾ آنبو نيپجِيو. (راجستاني)

(ج) اڪ وِچ انب قُلِيا. (پنجابي)

- " اڪن كان آمان گھُري، ٻَٻُرن كان ٻير."

جھڙيءَ طرح اڪ جي وڻ مان انب جھڙو مِنو ۽ سوادي ميوو نہ ملي سگھندو، تھڙيءَ طرح ٻبر مان ٻير نہ ملي سگھندا. معنيٰ، جنھن ماڻھوءَ مان ڪم ٿيڻ جو آسرو ڪونھي، تڏھن ٻہ ڪوئي ماڻھو اُن مان ڪم ٿيڻ جو آسرو رکي، تڏھن ايئن چئبو آھي.

- "اڪيلو وڻ ٻہ ڪانھِرو توڙي ياري ھوءِ."

ڪنھن ميدان تي چاھي ڪيڏو ٻہ وڏو وڻ ھجي، پر جيڪڏھن اُھي اڪيلو آھي تہ ڪمزور لکيو ويندو. چاکاڻ تہ اُھو وڻ طوفان يا واچوڙي جي سَڌ سھي نہ سگھندو. مطلب تہ انسان کي ٻين جو ساٿ ھئڻ ضروري آھي. اُن سان دلي طاقت وڌي ٿي.

- انسان جو ناماچارُ، وڻ جي پاڇي آچارُ.

(آچار= وانگر) جيئن وڻ جو پاڇو پيو قِرندو آھي، تيئن ماڻھوءَ جو جَسُ (ناموس) ٻہ پيو قِرندو آھي.

- اندر بِڏ ٻھُون، ٻاھر آڻُ اَن جو.

بِڏ لاڙ جي علائقي ۾ پيدا ٿيندڙ ھڪ گاھ جي پاڙ آھي، جنھن کي ماڻھو ڏڪر ۾ اناج نہ ملڻ ڪري، پيھي انو ڪري کائيندا آھن، پر بِڏجي اَني کي چاھي ڪٽڪ جي اَنڻُ جو آڻُ لڳائجي، تڏھن ٻہ اَن جو سواد نہ قرندو.

- سھٽا ٽوھ پٽن ۾ گھٽا.

ٽوھ ھڪ جھنگلي قل آھي، جيڪو ٻاھران سھٽو ۽ اندران ڪوڙو ظاھر ھوندو آھي. ھي ڏسڻ ۾ گدري کان ٻہ خوبصورت ٿيندو آھي. معنيٰ تہ ٻاھران جيڪو سنو ۽ سھٽو ھجي، پر اندر ۾ برو ھجي، اُن لاءِ ائين چئبو آھي.

- لنبُ، مکڻ چنبُ.

ٿر ۾ لنب نالي گاھ پيدا ٿئي ٿو. اُھو گاھ جڏھن کير ڏيندڙ

چوپايو مال کائيندو آھي، تہ اُنھن جي ڏنل کير مان جھجھي تعداد ۾ مکڻ ملندو آھي.

- ليي لوٽڪ ٻہ کانہ، سَڏُن مريڙي جون.

لوٽڪ ۽ مريڙو ساڳ جا قسم ٿيندا آھن جن ۾ لوٽڪ ھلڪي قسم جو ساڳ ليکيو ويندو آھي. جڏھن کو ماڻھو پاڻ کان وڏي حيثيت واري سان ريس ڪري، تڏھن ايئن چئبو آھي.

- ميوو سڀ کو مُندائتو منو.

ڪوبہ قُل پنھنجي مند يعني موسم ۾ ئي منو ٿيندو آھي. جيئن تہ چيڙ رڳو ڏياريءَ جي موسم ۾ ئي مِنا ٿيندا آھن. يعني سڀ ڪم پنھنجي وقت تي ڪرڻ سان ئي سڏل ٿيندا آھن. مطلب تہ ھرڪا شيءِ پنھنجي وقت موجب سڀني ۽ سھٽي لڳندي آھي.

- ملڪ ۾ ڏيڍ ڪجور، ميان سُمھن باغ ۾.

سنڌ ۾ ڪجور يعني ڪارڪون وڏي تعداد ۾ ٿيندیون آھن. وڏيري کي ٻہ ٽي ڪجور جا وڻ آھن، پر انھن ھينان سمھي پاڻ کي وڏو زميندار ٿو سمجھي.

- انب مان ڪريو، ٻير ۾ پيو.

مطلب تہ ننڍي تکليف مان نڪري وڏي تکليف ۾ ڦاسڻ. انھيءَ ويچار تي ھنديءَ ۾ ھيءُ پھاڪو آھي "آسمان سي گري، ڪجور ۾ اٽڪي."

- انبن جون سِڪون انبڑين مان کين لھن.

وڏن ۾ جو پريَم آھي، سو ننڍين ۾ نہ آھي.

- انبن سندو ساءُ، اڪ ٽٽوُنئڙن مان نہ اچي.

انب ۽ اڪ ٽِنوڙا شڪل ۾ ساڳيا آھن، پر ٻنھي جي سواد ۾ گھڻو فرق آھي. مطلب تہ ھرھڪ جو سواد ۽ سُياءُ الڳ الڳ ھوندو آھي.

- انبان ٻور، ڪلالان لاھا.

انب جي وڻ ۾ پھرين ٻور جھجھو نظر ايندو آھي، پر اُھو ھوا

۾ گھٽي تعداد ۾ چڙجي ويندو آھي ۽ ڦل تمام گھٽ ملندا آھن. ساڳيءَ طرح ڪلال جي ڪمائي ڏسڻ ۾ گھٽي ايندي آھي، پر اوڏر سوڏر ۾ ختم ٿي باقي وجي ٿوري بچندي آھي.

- پلي سيري کان بہ پلي، سيري ۾ نہ ساءُ،
  پلي گوڏا کوڙي کاءُ.

پلي ڏڏڙيءَ جي ٻوٽيءَ جو گاھ آھي، جيڪو کاڌي ۾ لذيذ ٿيندو آھي.

- جڏ بکيو موري کائي، موري بک گھٽي ري لائي.

موري دير سان ھضم ٿيندي آھي، پر ٻئي کاڌي سان گڏ کائڻ سان بک وڌائيندي آھي.

- ماءُ موري، پيءُ بصر، ڏيءَ داناءُ گل زعفران.

مطلب تہ گھٽ گھراٽي جو ٿي ڪري وڏو تڪبر ڪرڻ.

- کاتي ڪِري گدري تي، تہ گدري جوکو.
  گدرو ڪِري کاتيءَ تي، تہ بہ گدري جوکو.

يعني طاقتور يا وڏي ماڻھوءَ کي کوبہ ڏوھ ڪونہ ڏيندو آھي. سيڻ چُڪ ڪري تہ گمائشتو جوابدار ۽ جي گمائشتو چُڪ ڪري تہ بہ ھو پنھنجي چُڪ لاءِ پاڻ ئي جوابدار آھي.

- ڦٽلُ گدرو، پِترنِ نِمتارت.

مطلب تہ بيڪار شيءِ کي ڏرمائو خيراتي ڪمن ۾ ڏيئي ڇڏڻ.

- چوندبيندي ٻير وجي پيا ککرئين.
  معنيٰ گھٽي سياٽپ نہ ڪرڻ گھرجي.

- وڻجن ٻير، کائن ڊاکون،
  تن گھرن جون کھڙيون ساکون.

معنيٰ ڪمائي گھٽ ۽ خرچ وڌيڪ ڪرڻ وارو شخص ھميشہ مشڪلات ۾ پئجي ويندو آھي.

- واڳڻ کنھن کي وائي، کنھن کي پيٽي.

واڳڻ کائڻ سان ڪِن کي وائي بادي ٿي پوي تہ ٻين ڪِن کي اھي تمام لذيذ ۽ پاءِ پوندڙ لڳندا آھن.

- بک ۾ بصر بہ منا.
  بک ۾ ڪوڙي يا اڻ وٽندڙ شيءِ بہ منہ لڳندي آھي.

- ماکي نہ مناڻ، ليمون نہ کتاڻ.

ماکي آھي منہ، پر اُن ۾ جيڪي گڻ ٿيندا آھن، اُھي کنڊ يا گڙ ۾ نہ ٿيندا آھن. ان ڪري ماکيءَ کي مناڻ ڪري نہ ليکبو آھي. ساڳيءَ طرح ليمون بہ کٽو ٿيندو آھي، پر اُن ۾ جيڪي گڻ آھن، اُھي ٻين کٽين شين ۾ نہ ھوندا آھن. ان ڪري ليمون کتاڻ ۾ نہ ڳڻيو ويندو آھي.

- جتي ماکي اُتي مک.
  لاپ واري شيءِ تي ھرکو مڙي ايندو آھي.

- عقل جو امير! ڇئيمانس ميٽي، آندائين کوتمير.

ميٽي ۽ کوتمير سائي ڀاڄيءَ جا بہ الڳ قسم آھن. انھيءَ پھاڪي جو اشارو اُبتي ھلت يا غلط ڪم ڪندڙ شخص طرف آھي، جيڪو پاڻ کي وڏيڪ سياڻو سمجھي ٿو. مطلب تہ ھن جو لاڳاپو اھڙي ماڻھوءَ سان آھي، جنھن کي ڇئجي ھڪ ڪم جو، پر ھُو چيل ڪم ڇڏي ٻيو ڪو ڪم ڪري اچي.

انھيءَ ويچار تي ھينيان پھاڪا پڻ ملن ٿا:

(1) اکبر جو مقبر.
(2) اتي جو گھوٻاٽو.
(3) عقل نو اوتتمير، منگاوي ياجي، ني لئي آوِيو کوٽ مير. (گجراتي)
(4) اکلانچي امير، سانگيتلي ميٽي، آٽلي کوٽمير. (مراني)

- اکين لونگ لڳا جعفر ويا وسري.
  نوان دوست ٿيا تہ جھونا وسري ويا.

- اجاڻ لاءِ جھڙي مصري تھڙي قٽڪي.

بي عقل لاءِ چگا مَنا سي ھڪ جھڙا. ھندي ٻوليءَ ۾ اھڙي ويچار کي ڏيکاڙيندڙ پھاڪو ھن ريت ملي ٿو. "بندر کيا جاني ادرک کا سواد".

شھرن ۽ جائين متعلق پھاڪا:

سنڌيءَ ۾ جدا جدا شھرن ۽ جاين، ندين ۽ طبعي حالتن سان واسطو رکندڙ پھاڪا ب چگي تعداد ۾ ملن ٿا. اُنھن جا کجھ مثال ھتي ڏجن ٿا.

سنڌ بابت پھاڪا:

- سنڌُوندي آھي پُورالي ندي.

مطلب ت سنڌوندیءَ جو وھکرو ھرسال کن ھنڌن تي پيو ڦرندو گھرندو آھي. ان کري کيترا ڳوٺ ڪڏھن ٻوڏ ۾ تباھ ٿي وڃن ت ڪڏھن ندیءَ جي پري ھٽي وڃڻ کري ويران ٿي وڃن. ان کري سنڌوندیءَ کي پُورالي يا پاڳل ندي چيو ويو آھي.

- گُوُني سدا اونھي.

سنڌوندیءَ مان نکرندڙ ھک واھ جو نالو آھي 'گوني'. اُھو لاڙ ۾ ھک خاص جاءِ تي ھميشہ پاڻيءَ سان پريو پيو ھوندو آھي. جنھن تي ھيءَ چوٽي نھي آھي.

- لاڙُ آھي ساڙُ.

لاڙ يعني بدين کان ھيٺ ڏکڻ سنڌ وارو پاڳو. اُھو پوسل ۽ ميڙن جي آزار کري مشھور آھي.

- ميڙ منگھڻ کارڙا، ماک ٿي ماري،
ھکڙو وڇوڙو وطن جو، ٻيو سرکو ٿو ساڙي.

ھن چوٽيءَ ۾ پراڻي زماني ۾ ڪراچيءَ جي ايراضيءَ جو بيان کيل آھي. ان وقت اھو ھک ننڍو ڳوٺ ھو، جتي ميڙ، منگھڻ ۽ ٻيا جيت تمام گھٽا ھئا ۽ سِر توڙي پوسل جو ب گھڻو آزار ھو.

- حيدرآباد، ھيرآباد، ڪندين گھٽا ڏينھن ياد.

آزاديءَ کان اڳ ھيرآباد (سنڌ) پنھنجيءَ رونق کري گھڻو مشھور ھو. ان ۾ ب ھيرآباد واري ڪالوني سُنھن ۽ فيشن پرستيءَ کري سڃيءَ سنڌ ۾ مشھور ھئي.

- چانديءَ جو رڀيو ٽر ۾ ويو ت مُنو، ٽيو زمين حوالي.

پراڻي زماني ۾ ٽر جا ماڻھو پنھنجو ناڻو گھڻو کري زمين ۾ پوري رکندا ھئا. ان تي اِھا چوٽي مشھور آھي.

- ونو ت ٽر نہ ت بر.

مطلب ت برسات پيئي ت ٽر جي ايراضي سرسبز ۽ رونق واري ٿي پوندي آھي، پر جي برسات ب ٿي سال نہ وسي ت پوءِ اھا ويران ٿي ويندي آھي.

- کارونجھر روزُ سوا سيرُ سونُ ڏئي.

پارکر واري ايراضيءَ ۾ کارونجھر نالي ٽکري آھي. ان ۾ گھڻيئي قيمتي شيون، جڙيون ٻوٽيون پيدا ٿين ٽيون. ان تي اھا چوٽي نھي.

- ڪوٽ ت اَمرڪوٽ، ٻيون سڀ ڪوٽڙيون.

ڪنھن زماني ۾ اَمرڪوٽ (جنھن کي عمرڪوٽ ب چوندا آھن) سو تمام مضبوط قلعو ھو. ان تي ھيءَ چوٽي نھي آھي.

- ھي خدا، جي تو سيوھڻ ناھيو آھي،
ت پوءِ دوزخ چو ناھيُئِ؟

مطلب ت سيوھڻ (سنڌ) ۾ گرمي تمام گھڻي ٿيندي آھي. اِن کري اُن کي دوزخ جي آزارن برابر ليکيو ويو آھي.

سنڌ کان ٻاھر جي علائقن متعلق پھاڪا:

سنڌيءَ ۾ اھڙا پھاڪا ب گھڻيئي ملن ٿا، جن جو واسطو سنڌ کان ٻاھر جي علائقن سان آھي. انھن جا کجھ مثال ھن ريت آھن:

- انڌن وجي ملتان لڌو آھي.

آزاديءَ کان اڳ ڪراچيءَ کان وٺي ملتان تائين ھک شاھي سڙڪ ھئي، جنھن تي ھيءُ چوٽي نھي آھي. ھاڻي ت ٻيا ب رستا نھي ويا آھن، جيڪي سنڌ کي پنجاب سان ڳنڍين ٿا.

- دليءَ جو لڏون کائيندين ت ب پڇتائيندين،
جي نہ کائيندين ت ب پڇتائيندين.

هيءَ چوٽي ڌهليءَ جي ڳوٺن طرف اشارو ڪري ٿي.

- جيڪي ويا جاوا، سي ٽيا ساوا.

هيءُ پهاڪو اُن زماني جو آهي، جڏهن سنڌ جا گهٽا ماڻهو انڊونيشيا ۾ جڪارتا، جاوا، سوماترا ۽ ملايا جهڙن ٻين شهرن ۾ پنهنجي روزگار لاءِ ويندا هئا. اُتي هوُ واپار ۾ گهٽو ناٽو ڪمائي شاهوڪار بڻجي ويا.

- جو سُک پنهنجي دواري، سونءَ بلخ نه بخاري.

اتر سنڌ خاص طور شڪارپور جا واپاري افغانستان، ايران، روس وغيره ملڪن ۾ واپار لاءِ ويندا هئا، پر هنن محسوس ڪيو ته چاهي ٻاهر اسين ڪيترو به گهٽو ناٽو ڪمايون ته به سنڌ ۾ پنهنجي گهر ۾ رهڻ جيترو سُک ٻاهر ملي نه سگهندو.

جدا جدا شهرن ۽ علائقن جي رهاڪن بابت پڻ اسان کي ڪجهه پهاڪا ملن ٿا، جيئن ته:

- پنجابي ايڪ ته پاوين ڏوُن، پنجابي ڏوُن ته جهڳائي جهوُن.

مطلب ته جيڪڏهن توکي هڪ پنجابي گڏجي ته ڪيس ٻن جي برابر سمجهه، پر جيڪڏهن تنهنجو واسطو ٻن پنجابين سان پوي ٿو ته پوءِ سمجهه ته هو تنهنجو گهر ئي لٽي ويندا.

- لاڙ جو پڙهيو، سري جو ڍڳو.

مطلب ته ڏکڻ سنڌ جو رهاڪو ڪيترو به گهٽو چونه پڙهي، پر هُو اتر سنڌ جي ڍڳن جي برابر آهي. هيءَ چوٽي لاڙ جي رهاڪن جي اُچارن ۽ رهڻي ڪهڻيءَ طرف اشارو ڪري ٿي.

- ڍءُ جهلي هڪ پاڻو، ٻي مينهن.

اُتر سنڌ ۾ پاڻا ذات جا جين واپاري رهندا هئا. هو چاهي تمام گهٽا شاهوڪار هئا، ته به پنهنجي ناٽي جو ڏيکاءُ نه ڪندا هئا.

- چريو سيوهاڻي، پٽر ڍوئي گهر ڏي.

سيوهڻ جا رهاڪو چاهي ڪيتري به گهٽي ترقي ڪن، ته به هو سادگيءَ سان زندگي گذارينداهئا. اِن تي هيءُ پهاڪو نهيو آهي. ڪي ماڻهو هن پهاڪي ۾ چُريو سيوهاڻي به ڪتب آڻيندا آهن، جيڪو درست نه ٿو لڳي.

5.3 جانور، پکي ۽ جيت جڻيا:

ايامن کان اِنسان ذات جو لاڳاپو الڳ الڳ جانورن سان رهيو آهي. تاريخي روايتن موجب ڪنهن زماني ۾ اِنسان پاڻ به جانورن وانگر جهنگلن ۾ رهندو هو. پاڻ کان هيٺن ۽ ڪمزور جانورن جو شڪار ڪري اُنهن جي ڪچي گوشت تي گذر ڪندو هو. ٽڏ ۽ برسات کان بچڻ لاءِ ٻين جانورن وانگر پنهنجو منهن ٽنگن جي وچ ۾ لڪائي ڪنهن وڻ يا ڏڙي جي آڙ ۾ لِڪي وڃي سمهندو هو. جيڪي جانور اِنسان کان وڌيڪ طاقتور ۽ درندا هئا، اُنهن کان پاڻ کي بچائڻ لاءِ جبلن جي عفائن يا ڪوڪلن وٽن ۾ لِڪي پوندو هو. پر ڏسجي ٿو ته قدرت جي طرفان اِنسان جي مٿان ڪو راز هو جو ڪيس عقل ۽ ذهن ٻين جانورن کان ڪافي ڪثر ۾ عطا ٿيل هو. ٻي خاص وصف جيڪا اِنسان ذات کي مليل هُئي ۽ جيڪا اڄا به منجهس قائم آهي ۽ جنهن سبب هو آهستي آهستي ترقي ڪندو جهنگلي حالت مان نڪري اڇي اڇوٽي اوج واري حالت کي رسيو آهي سا هيءَ آهي ته هُو هميشه هڪ ئي نموني گذر ڪرڻ مان ڪڪ ٿي پوندو آهي. مثال طور، ساڳين شين، ڪپڙن، ڪاڌي وغيره کي هو پسند نه ڪندو آهي. ڪيس پنهنجن حالتن ۾ سڌارو ۽ بدلاءُ آڻڻ جي هميشه ڳڻتي رهندي آهي. ائين چئي سگهجي ٿو ته اِنسان هميشه ترقي ڪري اڄا به وڌيڪ سڻي مقام تي پهچڻ جي ڪوشش ۾ لڳو پيو هوندو آهي، اِن ڪري ئي هُو ٻين سيني ساهه وارن کان اوچي درجي تي پهچي ويو آهي.

زمانو گذرندو ويو ۽ اِنسان انهيءَ فطري وصف سبب هڪ ئي جهنگلي جانور وانگر فقط شڪار تي گذران ڪرڻ مان اڇي خفي ٿيو. جهنگل ۽ ٻيلن ۾ شڪار پڻيان قِرڻ سبب ڪيس وٽن ٻوٽن ۽ پنن کان

سواءِ گُل ۽ ميوا ۾ نظر آيا جي انسان ڏنا تہ فقط ڪڏھن ڪڏھن پيدا ٿين ٿا. آخر انھن کي چڪي ڏنائين، جن مان کيس ڪُجھ رسُ ۽ سواد معلوم ٿيو تہ پوءِ ھو اُنھن جو واھپو ۾ ڪرڻ لڳو، آخر نتيجو اِھو نڪتو جو فقط گوشت تي گذران ڪرڻ سان گڏ سندس لاڙو پوک طرف پڻ ٿيو.

اھڙيءَ طرح زمانا گذرندا رھيا ۽ انسان پنھنجي ترقيءَ جي راھ تي اڳتي وڌندو رھيو. فطرت جي اصولن سان پڻ سندس واقفيت وڌندي ھلي. اِنھن اصولن جي آزمودي مان ڏنائين تہ گرمي ۽ سرديءَ جي موسمن بدلجڻ تي وڻن ۽ ٻوٽن ۾ نوان پن ۽ ميوا ٿين ٿا. جيڪي ميوا زمين تي ڪِرن ٿا يا پاڻ جيڪي ميوا کائي اِنھن جو اندريون سخت ۽ بي سوادي حصو، ھُو کائي نہ سگھيو ۽ زمين تي ڦٽو ڪري ڇڏيائين تہ اُن مان وقت گذرڻ تي نئون ٻوٽو نڪتو ۽ وڏي ڪري ساڳيو ئي ميوو يا ڦلُ ڏيڻ لڳو. اِھو ۾ کيس معلوم ٿيو تہ جتي برسات جو پاڻي ڪنو ٿو ٽئي يا قدرتي ڍنڍن، ڍورن، يا ندين مان پاڻي اُتل کائي اڇي زمين تي ٻينو تہ اُتي گاھ ۽ ٻوٽا پيدا ٿي ويا. اھڙن قدرت جي آزمودن مان سندس ھوش ۽ حوصلو کافي وڌيا ۽ موسم جي تبديلي ۽ ان مان پيدا ٿيندڙ اثرن جي ۾ کيس جاڻ پيئي. ائين ڪندي ڪندي آخر انسان کي ٻني ٻاري جي چگي جاڻ ٿي ويئي. ان کان پوءِ ھو پنھنجي کاڌي لاءِ گوشت کان سواءِ ميون، ڦلن ۽ اناج جو استعمال ۾ ڪرڻ لڳو.

ٻني ٻاري جي ھنر جي ھٿ اڇڻ تي سندس آزمودي ۾ ھڪ نئون باب کُلي ويو. پوک ڪندي کيس اِھو محسوس ٿيو تہ اِھو ڪمُ سندس اڪيلي سِر ڪرڻ وقت کان ٻاھر آھي. کيتيءَ جي ڪم ۾ کيس مدد جي ضرورت محسوس ٿيڻ لڳي. ڪجھ وقت گذرندي ۽ ويچار ڪندي انسان جي نظر اھڙن جانورن تي پيئي، جن کي ھو ماري کائي ويندو ھو ۽ اُھي جانور ھن کان پُڇي نہ سگھندا ھئا. آخر اُنھن جانورن کي جيئرو ڦاسائڻ جو تدارڪُ ڪرڻو پيس، جنھن لاءِ ھن کي الڳ الڳ

ڪرڻو پيو. جانورن کي ڦاسائي ۽ وري انھن کان پنھنجي ضرورت موجب ڪم ونڻ لاءِ ۾ تدبيرون ڪرڻيون پيس. آخرڪار پنھنجيءَ سمجھ، آزمودي ۽ حڪمتِ عمليءَ سان اُنھن جانورن مان اُھي نرم ۽ نازڪ ھنڌ معلوم ڪري ورتائين، جن تي ٿورو ئي زور ڏيڻ سان جانورن کي آسانيءَ سان قبضي ۾ ڪري پنھنجيءَ گھرج موجب ھلائي ڪم ونڻ ٿي سگھيو. جيئن تہ ڏاند کي ڏوريءَ جي نٽ نڪ ۾ ھنيائين. اُٺ کي ۾ نڪ ۾ مھار ۽ ناکيلي وڌائين. گھوڙي ۽ گڏھ کي وات ۾ لغام وِڌائين. اھڙيءَ طرح ھُن پنھنجي کيتيءَ جي ڪم ۾ جانورن کي استعمال ڪري ڏيکائي ڪم کي سولو بنايو.

اِنسان جيڪي جانور پاڻ وٽ پاليا، اُنھن مان ۾ کيس گھڻي پروڙ پيئي. کير، مکڻ ۽ ڏُڌ جي خبر پيئي. نہ فقط پاليل جانورن بابت اِنسان کي آزمودو حاصل ٿيو، پر جھنگلي جانور وقتي پوک کي کائيندا يا ٻي طرح نقصان رسائيندا ھئا، اُنھن کي ھڪالي ۾جائڻ لاءِ باھ ٻارڻ، پاڻي ۾ريل ڪڍُن ۾ ڦاسائڻ يا ڪڍھن ڪڍھن وڏو آواز ۾ ڪرڻ لڳو، جنھن لاءِ ٻکر يا ردِ جھڙي جانور جا پورا سگ وڃائي شورُ مَچائڻو پوندو ھوس. انھيءَ آڌار تي چوٽي نھي "ڏنڊ وڃي، بلا پڃي." اڄوڪي زماني ۾ جڏھن ماڪڙ اڇي فصل جو نقصان ڪندي آھي تہ وري ھاري ڌُھِل، ڏٻا وغيره وڃائي، شور غُل ڪري، ماڪڙ کي ۾جائڻ جي ڪندا آھن. وقتي جي جھنگلي جانورن مان ڪو جانور ڦاسي يا مري پوي تہ اُن جي گل، چربي، گوشت يا ھڏين مان ڪھڙو ڪم ونجي، کيس اِھا ۾ سُڌ پيئي. مطلب تہ جيئن وقت گذرندو ويو، تيئن اِنسان ۾ جانورن بابت پنھنجي آزمودن جي آڌار تي پنھنجي جاڻ ۾ واڌارو ڪندو ويو. پنھنجي وسيع ۽ پوري آزمودي مان ھو ھاڻي سمجھي ٿي سگھيو تہ ڪھڙا جانور سمجھو ۽ ڪھڙا جانور موڳا آھن. ڪھڙا جانور ساڻس وفادار يا پروسي جھڙا آھن. ڪھڙا جانور پنھنجو ڪم سنئون ستو يا ٿوري اشاري تي ڪري سگھن ٿا ۽ ڪھڙن جانورن کي وس ۾ ڪرڻ لاءِ لٽِ يا چابُڪ جو استعمال ڪرڻ گھرجي. قصو

ڪوتاھ تہ اسان کي جانورن جي ھر پھلو، شڪل، شبيھ، رنگ ڍنگ، ڪاڏي خوراڪ، عادتن، خصلتن خواھ اُنھن جي آوازن ۽ اونائڙ جي ايتري قدر چٽي ڄاڻ پئجي ويئي جو مزاجاً اِنھن آزمودن کي اِنسان بنسبت پنھنجي ٻوليءَ ۾ ڪتب آٽڻ لڳو. مثلاً ڪنھن ماڻھوءَ جو ھينيون چپ وڏو ۽ لڙڪندو ڏسي ڪنھن شخص جي وات مان ھي اکر نڪتا- "چپُ تہ ڏسوس، اُٺ وانگر پيو لڙڪيس،" کو چوڪرو راند ڪندي مھل مِٽيءَ ۾ پئي ليٽڙيو. اُن لاءِ ڪنھن چيو تہ "گڏھ وانگر پيو مِٽيءَ ۾ ليٽڙي." ٻن ماڻھن کي پاڻ ۾ جوش سان وڙھندو ڏسي ڪنھن چئي ڏنو "ھي تہ ڪُتن وانگر ھڪبئي جو ماس پيا چنن". اِھي اکر اھڙا تہ نج ۽ موزُون ثابت ٿيا جو ساڳين حالتن ھيٺ وري وري ڪتب اچڻ لڳا. آھستي آھستي اھڙن اکرن يا جملن محاورن جي شڪل اختيار ورتي. وقت بوقت ڪيترا ٻيا ٻہ موزون اصطلاح جانورن سان پيٽ وارا وري ساڳي طور ڪم اچڻ سبب ڦري پھاڪا، چوٽيون، مثال، مُشابھتون وغيره تي پيا ۽ آخر چگي طرح ٻوليءَ ۾ شامل تي ويا.

نہ فقط جانور ٻوليءَ تي اثرانداز ٿيا ۽ اُن ۾ پنھنجي لاءِ جاءِ حاصل ڪيائون، پر اُنھن جا پالينڈ يا اُنھن سان خاص تعلق رکندڙ ٻہ ٻوليءَ ۾ اثر نما ٿيا. اُنن جا جت، ڏاند کي گھاٽي ۾ وھائيندڙ چاڪي يا ٻکريءَ کي ذبح ڪري گوشت وڪٽندڙ ڪاسائي ۽ رِڍن ۽ ٻکرين جا ڏڻ چاريندڙ ريڍار يا ٻکرار وغيره ٻہ شمار ۾ آيا. اھڙن ماڻھن جي ڪارڪردگي ۽ خصلتن تي پڻ ڪيترا محاورا، چوٽيون وغيره چيا ويا. مثلاً اُنن جو جت ڪوتاھ بي عقليءَ جو نشان ٻڌيو. ڪاسائي وري سنگدلي ۽ بيرحميءَ جو مثال ٻڌيو.

جانورن ۽ اُنھن سان تعلق رکندڙ مُحاورا، پھاڪا، چوٽيون وغيره ۽ رواجي چالوُ پھاڪا وغيره گڏجي اسان جي ٻوليءَ ۾ چگو خاصو ذخيرو ٻڌيا آھن. ھِن مقالي ۾ اِھا ڪوشش جاري رکي ويئي آھي تہ اُنھن پھاڪن وغيره بابت جاچ ڪري معلومات حاصل ڪجي تہ اُھي ڪيئن ۽ ڪھڑين حالتن جي ھيٺ چالو ٿيا يا اُھي ڪنھن تاريخي يا ٻئي

ڪنھن مکيہ گھٽنا يا واقعي تي ٻڌل آھن. مطلب تہ اُنھن پھاڪن جي پيڙھ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش کي نظرانداز ڪونہ ڪيو ويو آھي. پر "سچ ٻہ پاڇا آھي". "ڪمالیت جي پنيان زوالیت". ھلي اچي انسان جو اُھو سُڀاءُ جو ڪيس ساڳيءَ حالت تي راضي رھڻ نہ ٿو ڏئي، تنھن ڪيس جانورن کان ڪم ونڻ ۾ ٻہ بيزار ڪري ڇڏيو.

جانور نہ فقط ٻوليءَ جي پھاڪن وغيره ۾ جائگير آھن، پر ٻين ڪيترن ئي قسمن جي تصنيفن ۾ ٻہ ڪين دخل حاصل آھي. مثال طور درسگاھن ڈانھن نظر ڪجي تہ شروعاتي سبقن ۾ الف- ب سيکارڻ لاءِ شڪلين ۽ تصويرن جو سھارو ورتو ٿو وڃي. ننڍڙن معصومن کي الف- ب جا حرف رُکا ياد ڪرائي نہ ٿا سگھجن، پر اُنھن حرفن کي ڪنھن شڪل يا صورت جي ٽيڪ ڏيڻي تي پوي. ٻاراڻي ڪلاس ۾ پھريون اکر 'الف' چڏي جي، اڳتي ھلبو تہ بي- بلا، بي- ٻکري، پي- پلو، پي- پولڙو نظر ايندا. اجا ٻہ اڳتي وڌبو تہ رڇُ، سانڻُ، گڏھُ، ڳيرو، شينھنُ وغيره پڻ ملندا. شڪلين ۾، خاص طور سان جانورن جي شڪلين ۾ جو ضرور اِنھيءَ سبب ٿو پوي جو ٻارن جي سمجھ بلڪل ڪچي آھي ۽ ڪين پنھنجي ھئڻ جي ڪابہ ٻُوجھ يا سمڪ ڪانھي، جنھن سبب ھو ٻاھرين دُنيا ۾ ھلندڙ چلندڙ جانورن يا راندين کان متاثر ٿين ٿا. انھيءَ ڪري گھڻو ڪري، ھر ٻوليءَ جي الف- بي جا حرف ڪين تصويرن رستي ياد ڪرائڻ آسان ٿين ٿا. ٻار تصوير ڏسي ڪري اُن جانور جو نالو ٻُڌي شروعاتي حرفن کي سولائيءَ سان ياد ڪري سگھندا آھن.

ٻاراڻي درجي کان پوءِ ٻارن کي ننڍيون ۽ ھلڪيون آکاڻيون ٻڌائي سبق پڙھايا وڃن ٿا. اُنھن ۾ پڻ جانورن ۽ پکين واتان نصيحت پريا نُڪتا چوايا وڃن ٿا، جيڪي ٻارن ۾ دلچسپي پيدا ڪن. ھنن قسمن جي سبقن ۾ ماکيءَ جي مناس، ماکوڙي، ڏينيو ۽ ٻين جانورن جو ذڪر اچي ٿو. ھِن ڏس ۾ "ايسپ جون آکاڻيون"، دنيا پر ۾ مشھور آھن، جن ۾ گھڻو ڪري ھر قسم جي جانور جو ذڪر اچي ٿو. پارت ۾ "پنج تنتر" نالي ڪتاب گھڻو مشھور آھي. "ھتوپديش" ٻہ جانورن جي

آکاڻين سان پريل آهي. اِنهيءَ کان علاوه ٻارن لاءِ مختلف کامِڪس ۽ فلمون ب مشهور آهن، جن ۾ جانورن ۽ پکين جو جوڳو استعمال ڪيو ويو آهي. اڄ ڪلهه ٽي- وي ڊزني لئنڊ، موگلي، اسپائيڊر مئن وغيره گهڻي ئي پروگرام آهن، جن ۾ ڪيترن ئي جانورن جو استعمال ڪري ٻارن لاءِ آکاڻيون ناهيون ويون آهن.

ٻارن جي زبان سڀاجهڙي، ٻاتڙي ۽ مٺي ٿئي. انهيءَ سبب ٻارن لاءِ شاعري وغيره ۾ ٻارن جي ڏاڻءُ جي ٻاتي ٻوليءَ جو ب استعمال ڪيو ويو آهي ۽ اُتي ڪيترن ئي جانورن جو ب استعمال ڪيو ويو آهي ۽ اُتي ڪيترن ئي جانورن جو ذڪر ب اڇي ٿو. جيئن ت:

(1) ٽنڊڻي ڙي ٽنڊڻي، اسين ٿُنهنجا ماڻهو، چٻيندا سين ڏاڙهون.
هيءَ ڪڙ ڪڙ ڪهڙي، ستن پائرن جهڙي،
ست ئي پائر در تي، منهنجي ٻيڙي تڙ تي.

(2) پئسو لڏم پٽ تان، پئسي ورتم گاهُ،
گاهه ڏنم گانءِ کي، گانءِ ڏنم کيرُ،
کير ڏنم امان کي، امان ڏنو لولو،
لولو ڏنمِ ڪانوَ کي، ڪان ڏنو ڪنيُ،
ڪنيُ ڏنم ڪمانگار کي، ڪمانگار ڏنو تيرُ،
تير ڏنم راجا کي، راجا ڏنو گهوڙو،
چڙهي گهُمان، چڙهي گهمان،
چندن ڦٽاڪو، جيئي منهنجو ڪاڪو.

(3) ڪُونج ٻائي، ڪُونج ٻائي،
ناناڻي گهرِ مينهن وِيائي،
لوٽو پريو کير جو،
ڏُڪُ تون ت ڏُڪُ مان.

(4) ننڍڙي ٻار کي چيڙائڻ لاءِ چوندا آهن:
"ٽانئون ڙي ٽانئون، توکي پيٽ ۾ بلائون،
توکي ڪُنيءَ ۾ رڌائون، توکي وٽيءَ ۾ وِڌائون."

اِن طرح دنيا جي ٻولين ۾ پرولين، ڳجهارتون وغيره ملن ٿيون، اُنهن مان ڪِن ۾ جانورن جو ذڪر ب اڇي ٿو. پرولي ۾ يا ت جانور جو نالو ڪم آيل هوندو آهي يا وري پرولي جو جواب ڪو جانور هوندو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ب اهڙي قسم جون ڪُجهه پرولين ملن ٿيون.

جيتوڻيڪ منهنجو اڀياس هتي پڪن تائين محدود آهي، پر جانورن جو ذڪر پرولين ۾ ب ملي ٿو. اِنهيءَ ڳالهه جي پٺيراڻي ڪرڻ لاءِ ڪجهه مثال هن ريت آهن:

- هيتري تِر جيتري، راجا جي پڳ لاهي. (جُونءَ)
- سوڙهيءَ ڳليءَ ۾ نانگ نچي. (سُٽڻ جي اُبداڻي ۾ اڳڻُ)
- هڪڙا اچن ٻيا وڃن (ڏينيوءَ جو مانارو.)

سنسڪرت ٻوليءَ ۾ ب شاگردن لاءِ عام سِکيا ڏيندڙ هڪ شلوڪ ملي ٿو، جنهن ۾ ب جانورن جي خوبيءَ جو ذڪر ڪيل آهي:

- ڪاڪ چيشٽا بڪو ڏيا نر، شوان نِدرا تٿيئوَ چَ،
الپاهار- گرهتيا گؤ، ايتي وديارتي- لڪشٽا.

مطلب ت ڪانوَ جهڙي تيز نظر هجيس، ڏيان ٻگهه پکيءَ جهڙو، نند ڪُتي جهڙي، ڪاڏو بلڪل ٿورو ۽ گهر ڪان پريان رهي، اِهي پنج ئي لڇڻ ڪنهن ب شاگرد يا وديارتيءَ ۾ هئڻ گهرجن.

سنڌي ٻوليءَ جي شاعرن پنهنجي نظم ۾ جانورن، پکين وغيره کي نظرانداز ڪونه ڪيو آهي. شاهه عبداللطيف جهڙي چوٽيءَ جي شاعر پنهنجي سُرن ۾ اُٺ کي خوب ڪم ۾ آندو آهي ۽ گهوڙي کي گهوٽن سان شريڪ ڪري ڪين اعليٰ درجي تي رسايو آهي. نانگ جون وصفون شاهه صاحب ڏار ڏار پيش ڪيون آهن. سُر مومل راڻي ۾ نانگ جي ڪاري رنگ ۽ ڏيگهه کي مومل جي ساهيڙين جي سُونهن جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

گلبدن جون، گُجريون ارم اوڀِيائون،
چوٽا تيل ڦُليل سان واسينگ ويڙهيائون. (سُر مومل راڻو)

نانگ جي ٻي وصف، جا اوگڻ آهي، هن ريت پيش ڪيل آهي:

- سنها پاڻ مَ سَپ، وِياءَ واسينگن جا،
جنهين جي جهڙپ، جُنگن کي جوکو ٿئي.

هڪ ٻئي هنڌ تي شاهه صاحب چيو آهي:

- عشقُ ڪارو نانگُ، خبر ڪاڏن کي پوي.

ٻيو مثالُ ينوَر جو ونو. هِن ۾ ٻہ ڪاري رنگ هڻڻ ۽ گلن مان واس ونڻ جي خصلت آهي. سندس ڪاري رنگ کي شاهه ڀٽائي مجازاً هيئن ٿو ڪتب آڻي:

- نين سکيلا سُپرين، ينوَر پِروُن پالا.

آخوند گل محمد پنهنجي "ديوان" ۾ ينور جي اِها صفت ٿو ٻڌائي جا هر اِنسان ۾ هڻڻ گهرجي، يعني ينورُ گُل جي ٻاهِرئين ڏيک ويک يا رنگ تي نہ ٿو موهجي وڃي، پر گل اندر جيڪا حقيقي سرهاڻ آهي، تنهن جي پڻيان قِري ٿو. گلُ جيڪڏهن ڪاغذ جو هوندو ۽ سهڻي ڪاريگري ٻہ هُجيس، پر ينوَرو اِنهيءَ تي کين ايندو. هڪ سنڌي شاعر اهڙي گُل بابت چوي ٿو:

- گُل هجي ڪاغذ جُڙيل توڻي هُجيس ٿُڪ سهڻي،
اهڙي بي بُوءِ گل کي ڪٽي، تنهن کي سُنگهڻ ناهي روا.

شاعريءَ کان نظر هٽائي جي مذهبي روايتن يا ڏرمي ڏندڪٿائن ڏانهن ٿو ڏسجي تہ انهن ۾ ٻہ جانورن ۽ پکين جو خاصو ذڪر ملي ٿو. 'مٿالاجي' تہ اهڙين روايتن سان پري پيئي آهي. هِندن ۾ ڳئون هڪ اهڙو جانور آهي جو پُوجا لائق سمجهيو وڃي ٿو. گجرات ۾ هندو گهٽو ڪري ڳئون جو پُڇ جهلي پنهنجي مُنهن تي گهمائيندا آهن. اهڙيءَ طرح اُتر پرديش جا رهواسي ڳئون جي چيٽي کي سُڳنڌ سمجهي پنهنجي گهر ۾ ان جو ليپو لڳائيندا آهن.

هندو مِٿڪ شاستر (ڏندڪٿائي ڪتاب) موجب ديوتائن لاءِ سندن سواريءَ لاءِ الڳ الڳ جانور يا پکي مقرر ٿيل آهن. جيئن تہ وشٽو پڳوان لاءِ گرڙ پکي، شِو لاءِ ڍڳو، سرسوتي ديويءَ لاءِ هنسُ، لڪشميءَ لاءِ اُلوُ، گڻيش لاءِ ڪوئو، وغيره.

حضرت ابراهيم جنهن پهرين ڪعبو شريف جوڙيو، تنهن تي جڏهن ٻاهريان حملو ڪري آيا تہ ابابيل پکين پنهنجي چهنب ۾ ننڍا پٿر يا نِڪريون پري دشمن مٿان وسايا، جنهن سبب هو شڪست کائي موٽي ويا.

جيوتش وديا يا علم نجوم جو آسمان جي ستارن ۽ اُنهن جي هلچل سان واسطو آهي. جيوتش موجب جيڪي راشيون (گرهه) مقرر ٿيل آهن. انهن سان ڪيترين جو لاڳاپو جانورن سان آهي. جيئن تہ، ميش، ورش، ڪرڪ، سِنهِ، ورشچڪ، مڪر، مينَ. اِهو مجيو وجي ٿو تہ ٻار جنهن راس جو هوندو، اُن راس جي جانور جا گُڻ ٻہ ٻار ۾ پڻ موجود هوندا.

هندو ڏرم جي روايت موجب جڏهن ڪو ٻار پيدا ٿيندو آهي تہ ان جو نالو رکڻ لاءِ ان ٻار جي پيدا ٿيڻ وقت تي آڪاش (آسمان) ۾ جيڪو نڪٽ هوندو آهي، انهيءَ آڌار تي ٻار جي نالي جو پهريون اکر ڪڍيو ويندو آهي. پيدا ٿيل ٻار جي راسِ اُها مجي ويندي آهي، جنهن راسِ ۾ چند ٻار جي پيدا ٿيڻ جي وقت تي بينل هجي. راسيُن جي آڌار تي ئي ٻار جي فطرت جو اندازو لڳايو ويندو آهي. اهڙيءَ ريت، شاديءَ جي وقت تي ٻہ چوڪريءَ ۽ چوڪريءَ جي راسين (گرهن) جو پاڻ ۾ ميلاپ ڪري اهڙو اندازو لڳايو ويندو آهي تہ اُنهن جو اڳتي وقت سنو گذرندو يا نہ. جهڙيءَ طرح ٻہ جانور پاڻ ۾ مخالف ٿيندا آهن، اهڙيءَ طرح راسيون ٻہ پاڻ ۾ مخالف ٿيندیون آهن. هندو ڏرم ۾ اهو مجيو ويندو آهي تہ جيڪڏهن ٻن مخالف راسين واري چوڪري ۽ چوڪريءَ جي شادي پاڻ ۾ ڪئي وجي تہ اُهي پنهنجي زندگيءَ ۾ سُکي نہ رهي سگهندا آهن.

جهڙيءَ ريت هندو ڏرم ۾ ماڻهن کي راسين موجب الڳ ورگ (قسم) ڏيئي ڪري ڪنهن جانور جي اهميت سان ان جو لاڳاپو ڪيو ويو آهي، انهيءَ طرح چين ۽ جاپان ۾ هرهڪ سال کي ڪنهن جانور جي پڻيان شمار ڪيو ويو آهي. اِن لاءِ ٻارنهن جانورن جو آڌار مجيو ويو آهي.

(1) ڪتو (2) سوئرُ
(3) ڪوئو (4) ڏاندُ
(5) چيتو (6) سهو
(7) ڊريگن يا ازدها (8) نانگُ
(9) گهوڙو (10) رِڍ
(11) پولڙو (12) ڪُڪڙ يا مرغو

سال 1994ع ڪتي وارو سال هو، 1995ع سوئر وارو سال ۽ ان بعد ڪُوئي وارو سال ٿي گذريو. اهڙيءَ ريت ڪُڪڙ واري سال تي ٻارنهن سالن جو هڪ چڪر پورو ٿيندو ۽ وري نئون ڦيرو ڪُتي جي سال سان شروع ٿيندو. انهن ملڪن جي ماڻهن ۾ اهو ويساهه آهي ته جنهن سال ۾ ڪو ٻار پيدا ٿيندو، اُن ۾ انهيءَ جانور واريون خصلتون هونديون. مثال طور جيڪو سن 1994ع ۾ پيدا ٿيو هوندو، ان ۾ ڪُتي واريون عادتون هونديون ۽ هو پنهنجي ڪٽنب، مالڪ ۽ دوستن سان وفادار هوندو. سال 1995ع ڪي سوئر جو سال مڃي، هانگ ڪانگ جي سرڪار ٽپال جي ٽڪلين تي سوئر جي شڪل ڇپائي هئي.

ٻوليءَ ۾ جانورن جي هستي ايجا تائين ٻه اڇي دنگ نه ٿي ڪري، پر ايجا ڪجهه اڳيرو پنهنجو اثر رکي ٿي. انساني اوائلي تاريخ ڏانهن ڏسجي ٿو ته جڏهن انسان ڪجهه سُڌاري جي حد تي پهتا ته هو پاڻ ۾ گڏجي ڪري هڪ ئي گهر ۾ پاڙي ۾ رهڻ لڳا. آدمشماريءَ جي وڌڻ تي اُنهن پاڙن مان وڌا قبيلا نهيا. اهڙيءَ ريت قبيلن جي آدم ۾ واڌ ٿيڻ سان ذاتيون نهيون ۽ قومن جي ارتقا ٿي. هن وقت سنڌ ۾ مسلمانن جون ٻه مکيه قومون ليکجن ٿيون: هڪڙا بلوچ ۽ ٻيا سمات. بلوچن جا پاڙا ۽ قبيلا سمورا پنهنجي وڏن جي پنيان سڏجن ٿا. هڪ ڪتاب "اقوامِ بلوچان" سيد باز محمد شاهه جو لکيل آهي، جنهن مان هن ڏِس ۾ گهڻي خبر پوي ٿي. سماڻن بابت ڪو اهڙو پروسي جهڙو ڪتاب يا لکاوٽ ڪانه ٿي ڏسجي، جنهن مان پاڙن، قبيلن وغيره جي ڄاڻ پوي.

ڏسجي ٿو ته سنڌ جا اصل رهاڪو گهڻي انداز ۾ سما ۽ سومرا هئا، جيڪي سيبيئي اسلام جي دائري ۾ داخل ٿيا ۽ اُنهن اڄ تائين پنهنجي ذات قائم رکي آهي. سماڻن جون ڪي ذاتيون وري اهڙيون آهن، جن جا نالا جانورن جي پنيان ٻڌل آهن. مثال طور: ڪيهر، ٻٻر، واگهه، شير وغيره. پنجاب ۽ سرحد وارن علائقن ۾ ذات جا شير پاؤ ۽ شيرموز ملن ٿا. اِنهن ۾ ڪي چِترا (ڪشترا) ۽ ڪي شِڪرا ٻه آهن. گجرات جا ڪي مسلمان ذات جا گانگ آهن. سنڌ ۾ هڪ ذات سيال ٻه آهي، جيڪي پنجاب جي علائقي سيالڪوٽ سان واسطو رکن ٿا. مرزا قليچ بيگ صاحب پنهنجي "سنڌي لغات قديميءَ" ۾ سيارڙا جي معنيٰ لکي آهي: مِروُن، سيارُ، سيالُ، شِگالُ، گدڙُ. ائين ممڪن ٿي سگهي ٿو ته سيال ذات وارن تي اِهي نالو هن جانور پنيان رکيو ويو هجي.

سنڌ جي هندُن ۾ هڪ ذات 'گدڙ' آهي، جيڪا ٻيراٽيءَ جي ڳوٺ ۽ ان جي آس پاس جي علائقي ۾ ملي ٿي. اِنهي ذات وارن هندُن جو چوڻ آهي ته سندن ڪي وڏا هڪ دفعي شڪار ڪرڻ لاءِ گهران تيار ٿي نڪتا، سڄو ڏينهن هليا، پر ڪين ڪو شڪار هٿ ڪونه آيو. آخر هڪ گدڙ ڏٺائون ۽ انهيءَ جو شڪار ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا. ٻين ماڻهن کي جڏهن هن ڳالهه جي خبر پيئي ته انهن شڪار ڪندڙن جي 'گدڙ' ڇيڙ ڪري رکيائين جا پوءِ قِري سندن ذات جو نالو ٿي ويئي. ڪيئن ٻه هجي پر اهو ته ممڪن آهي ته 'گدڙ' يا 'سيال' ذات ساڳئي جانور جي نالي تي ٻيڻل آهن.

ٻوليءَ ۾ جانورن جي نالن جا ڇڳا ئي مثال ملن ٿا، پر اِنهيءَ کان ٻه وڌيڪ ماڻهن جي نالن ۾ ٻه جانورن جو اثر ملي ٿو. جيئن ته: شير سِنهه، هاٿيراماٽي، گجيندر، گجانند، شيرعلي، ڏاندومل وغيره.

سنڌي هندُن ۾ ذات کي 'نُک' چوندا آهن. ڪجهه نُکون پڻ جانورن جي نالن پنيان ٻڌل آهن. مثال طور: مينڌا، گابا، ڳيرا (پنجاب ۾ يرا). هندُن ۾ ڪي برهمڻ ٻه آهن، جيڪي عجيب و غريب ذاتين جا آهن. جهڙوڪ ڪانپاڙ، گاڏهي، پُڄرت وغيره. هنن ۾ هڪ ذات ڪوُئا چندا ٻه

آھي جا سچ پچ عجيب ڏسجي ٿي. ذات جا ڪُوئا ته ٿين ٿا، پر وري چندا، ھڪ عجيب ڳالھ آھي.

گڏھ جي ٻچي کي کودو، کوتو يا کودڙو ٻه چوندا آھن. ھندي ٻوليءَ ۾ اھي نالو عام يا رواجي آھي، پر سنڌ ۾ اھو نالو ڪنھن خاص مطلب سان رکيو ويندو آھي. جڏھن ڪنھن خاندان ۾ پيدا ٿيندڙ ٻار جلد مري ويندا آھن ته اُنھن جا مائٽ نئين ڄاول ٻار جو نالو 'کودڙو' رکندا آھن، يعني اھو نالو اھڙو آھي، جنھن کي پيار جي نظر وچان ڏسي نه ٿو سگھجي ۽ مائٽن ۾ ڇڻ ته اھو ٻار پيار جي نظر کان محروم رکيو ٿو وڃي. اھڙيءَ طرح ڏنو ويو آھي ته ڪيترن ئي ٻارن جي مرڻ بعد اھڙي نالي وارو ٻار جيئرو ٿو رھي. مطلب ته ٻار مان پيار ۽ موھ جي نظر ھٽائي ويئي ته ٻار بچي پيو. ٻيا ٻه اھڙائي ڪجھ نالا آھن. ڪوڙو، مِرچُو، ڪتُو وغيره.

جانورن کان علاوه پکين تي ٻه انسان نالو رکن ٿا. پکين مان باز نالو ماڻھن تي رکيو وڃي ٿو. جيئن ته باز محمد شاھ، شھباز خان، شاھ بازراڻي وغيره. طوطي تي ٻه ڪجھ نالا ٻڌڻ ۾ اچن ٿا، جيئن ته طوطو خان، طوطومل. پراڻي زماني جي زالن ۾ 'طوطِي' نالو ٻه ڪڏھن ڪڏھن ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. انسانن ۾ ڪيترائي نالا اھڙا آھن، جيڪي سِڌو ئي پکين جي آڏار تي رکيل آھن، جيئن ته: مورخان، ڊيل، ڪونج، مٺنا، ڪويَل، وغيره.

ڪيترن جانورن ۽ پکين کي ڪن ملڪن جي قومي نشان ٿيڻ جو شرف حاصل آھي. مثال طور: انگلينڊ جي نشاني شير آھي ۽ انڊونيشيا ۽ آمريڪا جو قومي پکي وڏو باز آھي. ٽائيليند وارن ھاٿيءَ کي، روس ۾ ريڇ، فرانس وارن ڪُڪُڙ ۽ آسٽريليا ۾ ڪنگروءَ کي پنھنجو قومي نشان ٺاھيو آھي. ڪراچي ميونسپل وارن پنھنجي نشانيءَ ۾ اُٺ کي شامل ڪيو آھي، جيڪو سنڌ ۾ ڪمائتو ۽ اصُل رھاڪو جانور مڃيو ويو آھي.

آمريڪا ۾ فقط ٻه سياسي پارٽيون آھن: ھڪ ڊيموڪريٽڪ ۽

ٻي آھي ريپبلڪن پارٽي. اِنھن ٻنھي پارٽين جون پنھنجيون الڳ الڳ نشانيون آھن. ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ گڏھ کي پنھنجي نشاني ڪري رکيو آھي ۽ ريپبلڪن پارٽيءَ جي نشاني وري ھاٿي آھي. اھي نشانيون اٽويھين عيسوي صديءَ ۾ مقرر ٿيون ھيون ۽ اڄا ٻه موجود آھن.

پارت ۾ اڄا ٻه دستوري علم جي ڪمي آھي. اِنھيءَ سبب جڏھن چوندن جو موقعو اچي ٿو ته قدرتي طور اِھو سوال اُٿي ٿو ته اٽڙھيل ووٽ ڏيندڙن کي ڪيئن اميدوارن جي ڄاڻ ڪرائجي، ڇاڪاڻ ته ھو اميدوارن جا نالا پڙھي نه نٽا سگھن. انھيءَ ڪري چوندن ۾ بينل اميدوارن جي نالن سان گڏ انھن جون ڪجھ نشانيون ٻه رکيون وڃن ٿيون، جيڪي گھٽو ڪري جانورن يا شين سان واسطو رکن ٿيون. جيئن ته ڳئون، گھوڙو، لالٽين، سائيڪل، ڪنوَل جو گل، ھٿ جو نشان، وغيره. اھڙين نشانين جي رکڻ جو مکيه مقصد آھي ته جيڪي اڻ پڙھيل ووٽ ڏيندڙ آھن. اُھي اميدوارن يا انھيءَ جي پارٽيءَ جي نشان سان کيس سجاڻي ڪري سندس نالي اڳيان نشان لڳائي پنھنجو ووٽ ڏيئي سگھن.

پارت ۾ آزاديءَ بعد شروعاتي چوندن وقت ڪانگريس پارٽيءَ پنھنجي اميدوارن جي لاءِ ٻن ڍڳن جي نشاني مقرر ڪئي، جيڪي ھر ۾ جوٽيل ھئا. انھيءَ وقت ۾ پارت ۾ ايتري ترقي ڪانه ٿيل ھئي ۽ گھٽو ڪري ماڻھو ڪيتيءَ جي آڏار تي ئي گڏارو ڪندا ھئا. ھارين جو ملڪ ھڻڻ ڪري اھڙي نشان جو فائدو ڪانگريس پارٽيءَ کي پھتو ۽ ماڻھن جھجھي تعداد ۾ ڪانگريس کي ووٽ ڏنا. ٻي اليڪشن ۾ ٻه ڪانگريس پارٽيءَ وارن پنھنجي لاءِ ساڳي ئي نشاني گھُري، پر مخالف ڌُر وارن ٻه زور لڳايو ته اِھا نشاني اُنھن جي پارٽيءَ کي ملي. آخر فيصلو ڪري اھا نشاني خارج ڪئي ويئي. اُن کان پوءِ ڪانگريس پارٽيءَ کي ڳئون جو نشان مليو، جيڪا پنھنجي وَڇڙي (گابي) سان بينل ھئي. پارت ۾ ڳئون جي ھندو ڌرم جي خيال کان ھڪ وڏي حيثيت آھي ۽ انھيءَ جو فائدو ڪانگريس پارٽيءَ کي ٻه مليو.

اھڙيءَ ريت اھا ڳالھ ظاھر آھي تہ جانورن جو استعمال نہ رڳو نالا رکڻ ۾، يا ٻوليءَ جي ڪم آڻڻ ۾ بلڪ سياسي طور سان بہ ٿئي ٿو. اڄ ڪالھ بہ پارٽ جون مختلف پارٽيون پنھنجي سياسي نشان جي لاءِ جانورن جي چونڊ ڪن ٿيون. جيئن تہ شِوسينا پارٽي شينھن کي، بھوجَن سماجوادي پارٽيءَ ھاٿيءَ کي چونڊيو آھي. ھاٿي جانورن جي نشانيءَ جو استعمال نہ رڳو سياسي پارٽيون ڪن ٿيون، بلڪ ڪيترا واپاري بہ پنھنجي سامان وڪڻڻ لاءِ جانورن جي شڪلين جو استعمال ڪن ٿا.

آخر ۾ حالتن جو جائزو ونڊبو تہ معلوم ٿيندو تہ انسان ذات ۽ جانورن جي وچ ۾ جيڪي تعلق ھو، سو ھن وقت اھڙو گھاٽو ۽ گھرو ڪونھي، جيڪو ماضي ۾ ھو. پر ساڳئي ئي وقت اھو بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ جانورن ڏانھن سندس ھلت چلت ۽ نوع جي طرز ۾ ڪافي بھتري ٿي آھي. انسان جڏھن وحشي حالت مان نڪري ماڻھپي جي راھ تي آيو ۽ ٻني ٻاري تي بہ پاڙڻ لڳو تہ جانورن سان سندس رشتو بہ وڌندو ويو. ماڻھوءَ جو سُڀاءُ جيڪو پھرين جھنگلي، ڇِتو ۽ درندو ھو، سو پڻ آھستي آھستي تبديلي ڪندو نرم ۽ منو ٿيندو ويو.

زماني جي گردش ۽ اُنھن مان پيدا ٿيندڙ نتيجن جو اثر اسان جي سنڌي ٻوليءَ تي بہ ٿيو آھي. جانورن سان واھپو گھٽ ٿي وڃڻ سبب اُنھن تي ٻڌل پھاڪا، چوٽيون، مشابھتون وغيرہ پڻ گھٽ ڪتب اچن ٿا. اھو بہ ممڪن آھي تہ وقت گذرڻ سان اِھي بہ گذري وڃن يعني استعمال ٿيڻ بند ٿي وڃن.

ھن موضوع تي بحث ڪرڻ جو اھو بہ ڪارڻ آھي تہ جيتري قدر ٿي سگھي اوتري قدر اھڙن پھاڪن جا مثال ھِتي ھڪ جڳھ تي گڏ ڪجن. جيئن تہ اِھي سنڌي ٻولي ڳالھائيندڙن کي ماضيءَ ۾ ڪيل ڪم ۽ رواجن جي جھلڪ پيش ڪري سگھن ۽ اھا ڄاڻ ٿي سگھي تہ ڪنھن وقت ۾ ٻوليءَ ۾ اھي پھاڪا ڪيتري اھميت رکندا ھئا. زندگيءَ جي اوائلي دؤر جي آزمودن کي ئي خزاني وانگر سانڍي رکڻ ۾ پھاڪا

ادب جو ھڪ حصو آھن.

اسان جي ٻوليءَ جي لغت تمام وسيع ٿي ويئي آھي. سبب صاف آھي تہ ورھاڱي بعد سنڌي ڳالھائيندڙ دنيا جي ڪُنڊ ڪُڙڇ ۾ ڦھلجي وسجي ويا. نتيجي ۾ مڪاني ٻولين جا لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ اچڻ لڳا. اھا صورتحال ڪنھن بہ ٻوليءَ لاءِ خوشگوار آھي، پر گڏوگڏ مختلف ٻولين جي اثر ھيٺ اچڻ سان سنڌ جي سنڌي ۽ پارٽ جي سنڌي ٻوليءَ ۾ فاصلو وڌي رھيو آھي، جيڪو خوشگوار آھي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ پھاڪا، چوٽيون، اصطلاح، ورجيسون ايتريون آھن، جو انھن جو ڇيڙو ڪونھي. انھيءَ آڌار تي ممڪن آھي تہ جانورن، پکين تي ٻڌل پھاڪا وغيرہ سمورا ھتي پيش نہ ڪري سگھجن.

پھاڪن ۾ جانورن، پکين ۽ جيت جڻين جو بيان بن قسمن ۾ ٿيل آھي. پھرئين قسم جي پھاڪن ۾ جانورن، پکين ۽ جيتن جي جنم، ارتقا ۽ رھٽي ڪھٽيءَ تي روشني وڌي ويئي آھي ۽ ٻئي قسم جي پھاڪن ۾ جانورن، پکين ۽ جيتن جو استعمال ڪنھن ڳالھ کي چٽو ڪرڻ، خوبصورت بڻائڻ يا مثال ڏيڻ لاءِ ڪيو ويو آھي.

پھاڪن سان واسطو رکندڙ جانورن پکين ۽ جيتن کي ھينئين ريت ورھائي سگھجي ٿو:

جانور:

(1) ڪير ڏيندڙ: مينھن، ڳئون، ٻڪري، ردِ وغيرہ.
(2) ڪم ڪندڙ: اُٺ، گھوڙو، گڏھ وغيرہ.
(3) ننڍا: سھو، ڪوئو، ڳوھ، سانڍو، نوريئڙو وغيرہ.
(4) جھنگلي: شينھن، ھاٿي، سوئر، بگھڙ، گدڙ وغيرہ.
(5) گھرُو: ڪتو، ٻلي وغيرہ.
(6) پاڻي وارا: مڇي، واگھو، ڏيڏر، ڪڇئون وغيرہ.

پکي:

(1) شھري: جھرڪي، ڪانءُ، مور، طوطو، ڪُڪُڙ، تِتر وغيرہ.
(2) جھنگلي: ڪُونج، ھنجُ (ھنسُ)، بازُ، سِرڙ، ڳِڄھ وغيرہ.

ٻيا جيت جڙيا ۽ نانگ بلائون:

(1) زهريلا: وڇون، نانگ.

(2) گھورو جيت: ڪوريئڙو، ٽِنڊڻ.

(3) رت پياڪ: جؤر، مُنگھڻ، جونئن، چچڑا وغيره.

(4) اڏامندڙ: مک، پنيوَرو، پتنگ، مڪڙُ وغيره.

جانورن، پکين ۽ جيتن سان تعلق رکندڙ عام پھاڪا:

ڪيرُ ڏيندڙ جانور

مينھن:

مينھن ٽلھي متاري ۽ عام طور ڪاري رنگ جي ھوندي آھي. ھنديءَ ۾ پھاڪو آھي "ٻُڌي گھٽي ٻھُو پوجن کايہ" يعني گھٽي ڪاڌي ڪائڻ سان عقل گھٽ ٿئي ٿو. اِھوئي سبب نظر ٿو اچي جنھن جي ڪري مينھن موڪي، اَٽاسي ۽ سُست ھوندي آھي. ھيءُ جانور مڪيہ طرح ٻن قسمن جو آھي. ھڪ آفريقا وارو ۽ ٻيو ايشيا کنڊ جو. ڪي مينھون پوري رنگ جون ٻہ ھونديون آھن. مينھن جي نر کي سانُ يا پاڏو چئبو آھي. مينھن جي نر ٻچي کي ڪونھون ۽ مادي ٻچي کي وچ چوندا آھن. مينھون ڏاريندڙ يا پالينڊڙ کي ميھار يا ميھر سڏين. مينھن سان واسطو رکندڙ مڪيہ پھاڪا ۽ چوٽيون ھن ريت آھن:

- ڏيءُ جھلي ھڪ مينھن، ٻيو جھلي پاڙو.

ڳئون ۽ ٻڪري جيڪڏھن گھٽو ڪاڏو ڪائين تہ اُنھن کي آڦري ٿي پوندي آھي. پوءِ اُنھن جا مالڪ کين تيل پيارين ۽ ڪُٽيل ڪارا مرچ وغيره کارائين، جيئن کين ڇڪون اچن ۽ پيٽ مان واءُ نڪري وڃي، پر مينھن چاھي گھٽو ڪاڏو کائي تہ ٻہ اُن کي آڦري کائہ ٿئي. ھن پھاڪي ۾ پاڙا جينِن جي ھڪ ذات آھي، جيڪي سنڌ ۾ ٻہ رھندا ھئا. ھو چاھي ڪيترا ٻہ شاھوڪار ٿي وڃن، تہ ٻہ پنھنجي ڏن دولت جو ڏيکُ ڪونہ ڪن. ھميشہ سادا سُودا رھن. اِنھيءَ تي ھيءُ پھاڪو ٺھيو آھي، جنھن جو مطلب آھي تہ جيئن مينھن ڏيءُ جھلي وڃي ٿي، تيئن پاڙا ٻہ

ڏن دولت جو ڏيءُ جھلي وجن ٿا. ھُنن کي ناڻي جو غرور ڪونہ ٿو ٿئي، نہ ڪو ھو اُن جو ڏيک ڪن ٿا.

- مينھن ڏائي ھوري ھلي، رِڍ ڏائي ٽينگ ڏئي.

ھن پھاڪي جو مطلب ٻہ اِھو آھي تہ ست پيڑھياتو يعني خانداني شاھوڪار ماڻھو کيتري ٻہ دولت ڪمائيندو تہ ٻہ غرور يا ڏيک نہ ڪندو، پر ٻئي طرف پوءِ- ڏائي اِنسان کي جي چگّي دولت ملي تہ ھو رڍ وانگر پيو ٽينگ ٽپا ڏيندو ۽ غرور ڪندو. وقتي ھو ٻين جي بي عزتي ڪرڻ کان ٻہ ڪونہ ڪيھائيندو.

- مينھن پنھنجي ڪارنھن ڏسي ڪانہ،
ڳئون کي چوي ھل ڙِي پُڇ ڪاري.

مطلب تہ نيچ ماڻھو جيڪو سڃو عيبن سان پريو پيو آھي، اُھو پنھنجا عيب ڏسي ڪونہ، پر ٻئي ۾ ٿوري ٻہ گھٽتائي ڏسندو تہ ڪيس پيو توڪيندو. ھن پھاڪي سان پيٽيو: "پرڻُ چوي ڏونگھي کي، ھل ڙِي تِڻُنگا".

- نوَن ميھارن مينھيون ڏاريون، ڪٽا لاھي دونھيون ٻاريون.

مڇرن کان بچڻ لاءِ ميھار چوڏاڙ، چيٽا، ڪانيون وغيره ٻاري دونھون ڪندا آھن تہ جيئن مڇر مينھن کي تنگ نہ ڪن. ڪو اڻ آزمودگار ماڻھو، دونھون ڪرڻ لاءِ جيڪڏھن پنھنجا ڪٽا جلائي ٿو تہ اِھا بيوقوفي چئبي. مطلب تہ جنھن ماڻھوءَ کي ڪنھن ڏنڏي يا واپار جي پوري ڄاڻ نہ آھي، اِن ھوندي ٻہ ھوُ اُن واپار ۾ داخل ٿئي ٿو تہ نقصان پائيندو.

- ميھار مينھن مان نڪتو تہ وڇُن کھڙي پارت.

ڪنھن مينھن جي مالڪ ميھار کي نوڪري مان ڪڍي ڇڏيو تہ اھو ميھار ٻئي نئين ميھار کي پيو عرض ڪري تہ ادا انھن وڇن جي پارت اٽيئي. انھن جي چگّيءَ طرح سنيال ڪجانءِ. ھيءُ پھاڪو تڏھن چئبو آھي، جڏھن ڪنھن ماڻھوءَ جو ڪنھن ڳالھہ سان واسطو ٿُئي وجي، تہ ٻہ پيو اُن باري ۾ سوچي ۽ فڪر ڪري. مطلب تہ جيڪا ڳالھہ ڇڏي ڏني تہ پوءِ ان جي باري ۾ سوچڻ نہ ڪپي.

- مري نہ ميھار، تہ وڳُ ولھوئي نہ ٽئي.

جيڪڏھن ميھار مري نہ پوي ھا تہ پوءِ ھُن جون مينھون رولو ٽي ٻڌندیون نہ رھن ھا. ھيءَ پھاڪو اُتي ڪم آڌبو آھي، جتي ڪو ماڻھو گذاري وڃي تہ ھُن کان پوءِ سندس ٻار آواراگردي ڪن ۾ ٻڌندا رھن. اِن حالت طرف ھن پھاڪي ۾ ڏيان ڇڪايو ويو آھي:

- مينھون رھيون جھنگ ۾ ڏوئي ڏريائون رڇ.

مطلب تہ مينھون اڃا جھنگ ۾ پيون گاھ چَرن، ھُو وَڌاڙ تي اَچا واپس نہ آيون آھن، تہ اُنھن کان گھٽو اڳ سندس مالڪ پيو بَرتن صاف ڪري تہ مُنھنجون مينھون ڇاڙ آيون، جن لاءِ چَارو تِيار ڪَريان. جڏھن ڪو ماڻھو وقت کان گھٽو اڳ پيو ڪنھن ڳالھہ جو سوچ ويچار ڪندو آھي، تڏھن ھيءُ پھاڪو چئبو آھي.

- مينھن تہ سيڪو پالي، پر ڪرو ڪو ٽينھن پالي.

مينھن جي پالڙ ۾ گھڻي محنت گھرجي. شوق سان ڪو ماڻھو مينھون خريد ڪري پر انھن جي سارسنڀال نہ ڪري سگھي، تڏھن ھيءُ پھاڪو چون. ھِتي ٽينھن جو مطلب آھي: خدمت ڪرڻ، سارسنڀال ڪرڻ.

- وڙھن سانَ، لتاڙجن ٻوڙا.

مطلب تہ ڏاڍن مُڙسن جي لڙائيءَ ۾ ڪمزورن کي نقصان رسي ٿو.

- اُنان مينھان دا ڪيھا ميلا، اوُچرن پَٽ اوُچرن ٻيلا.

مطلب تہ اُٽن ۽ مينھن جي پاڙ ۾ برابري يا سات نہ ھلي سگھندو. اُٽ ميدان تي پيل لاٽو ڪائن ٿا تہ مينھون ٻيلن ۾ وڃي گاھ چرن ٽيون. ھيءُ پھاڪو اُتي ڪم ايندو آھي، جتي ڏنڏي واپار ۾ ٻن اھڙن شخصن کي گڏ ڪم ڪرڻو پوندو آھي، جيڪي پاڙ ۾ نھي نہ سگھندا آھن.

- وَڇ ڪُڏندي ڪِلي آھر.

مينھن يا ڳئون جي ٻچي کي جي ننڍي نوڙي ٻڌبي تہ ھُو گھٽا ٽينگ ٽپا نہ ڏيئي سگھندو، پر جيڪڏھن نوڙي ڏِڳھي آھي تہ ان موجب وڏي دائري ۾ پيو گھمندو ۽ ٽپا ڏيندو. مطلب تہ ھرڪو پنھنجي اثر،

رسوخ يا ڪنھن وڏي ماڻھوءَ سان پھچ ھڻڻ مطابق ڪڏي ٿو يا ناز ڪري ٿو.

- جاڳندن جون وڃون، سُتلن جا ڪُونھان.

جيڪي ماڻھو محنتي ۽ خبردار آھن، اُنھن جون مينھون وڃون ڇٽين ٽيون، جيڪي وڏيون تي ڪير ڏين ٽيون ۽ ٻار ڇٽين ٽيون. اِن سان اُنھن جي مالڪ کي گھٽو لاڀ ٿئي ٿو، ٻئي طرف جيڪي سُست آھن، اُنھن جون مينھون فقط ڪونھان يعني نرٻار ڇٽين ٽيون. اُھي وڏا تي فقط بار ڍوئڻ يا گاڏي ڪاھڻ جي ڪم اچن ٿا. مطلب تہ سُست ماڻھوءَ کي گھٽو لاڀ نصيب نہ ٿو ٽئي.

ڳئون ۽ ڏاند:

ڳئون کي ھندوُ ڳئوُ ماتا ٻہ چوندا آھن. پر ڏاند کي سنڌيءَ ۾ ڍڳو، ٻيل ۽ بلد ٻہ چون. ڳئون جي نر ٻچي کي گابو ۽ مادي ٻچي کي گابي چئجي ٿو. اِنھن سان واسطو رکندڙ سنڌي محاورن ۽ پھاڪن جا ڪجھہ مثال ھن ريت آھن:

- ڍڳو يا ڏاند ھئڻ.

مطلب تہ عمر ۾ وڏو ھئڻ تي ٻہ عقل جي گھٽتائي ھئڻ طرف اشارو ڪيو ويو آھي.

- وھُو ڍڳو يا چاڪيءَ جو ڏاند ھئڻ.

مطلب تہ گھٽو ڪم ڪندڙ يا وھندڙ ھئڻ.

- وھُو ڍڳي تي مار.

مطلب تہ جيڪو گھٽو ڪم ڪري تنھن کان ئي گھٽو ڪم ونڻ.

- ڏاند ڏُھڻُ.

يعني ڪنجوس مان ٻہ پئسا ھٽ ڪرڻ.

- بختاورن جا ڏاند ٻہ ويامن،
پر بدبخت جي ڳئون ٻہ نہ ويامي.

يعني جيڪي نصيب وارا آھن اُنھن کي گھٽو فائدو رسي ٿو.
پر نياڳن ماڻھن کي نقصان ئي نقصان پھچي ٿو.

- ڪرم ھيٺ ڪيتي ڪري، بلد مري يا ٽوٽا پڙي.

مطلب تہ بدنصيب انسان کي نقصان مٽان نقصان پھچي ٿو.

- ڏبري ڏاند (ڍور) کي مَچر بہ گھٽا.

يعني ڪمزور انسان کي وڌيڪ تڪليفون ملن ٿيون.

- ڏاند چڙھي ٿو ڏڪ ڏسي.

يعني / سُک ۽ اَمن ھوندي بہ پاڻ کي ڏکي ٿو سمجھي.

- ھوُ نال نہ نيندا، ھيءَ ڏاند چڙھندي.

مطلب تہ ھُو ڪيس پاڻ سان وڃي وڃڻ بہ نٿا چاھين، ۽ ٻئي طرف ھيءَ پيئي انگل ڪري تہ مان ڏاند تي چڙھي ھُنن سان سفر ڪندس.

- ڏاڍو سو گابو.

يعني سمرٿ کو نھين دوش گُسائين. يا جس کي لاڻي اُس کي پينس. (ڏاڍي ماڻھوءَ جو ڪو ڏوھ ناھي يا جنھن جي لٺ، اُن جي مينھن)

- اٽو کاڌو ڪوئي تہ مار پيئي گابي تي.

مطلب تہ ڏوھ ھڪڙي ڪيو پر سزا ٻئي کي ملي.

ٻکري:

سنڌيءَ ۾ ٻکريءَ تي نھيل پھاڪن ۽ چوٽين جا مثال ھن ريت آھن:

- ھرڪا ٻکري پنھنجي پائي ٽنگبي.

ھرڪنھن کي پنھنجي عملن جو نتيجو پوڳٽو پوندو.

- ٻکريءَ کي ساس جي، ڪاسائيءَ کي ماس جي.

ٻکريءَ جو ساھ ٿو نڪري، پر ڪاسائيءَ کي تہ رڳو ٻکريءَ جي گوشت سان واسطو آھي. پيٽيو: مروان موت، ملوڪان شڪار.

- جيڪا ڏاريان ٻکري، تنھن لمندا ڪن.

يعني بدنصيب ماڻھو جنھن ڏنڊي ۾ ھٿ وجھي، اُن ۾ ھُن کي نقصان ٿئي.

- ناڙو ڏجي آڪرو، گيھہُ چو ونجي ٻاڪرو؟

يعني جيڪڏھن ڪو وڏي قيمت ڏيڻ لاءِ تيار آھي تہ پوءِ ھو ٻکريءَ جي ڪير مان نھيل گيھہ چو ونندو؟ (ڪُئون يا مينھن جي ڪير مان نھيل گيھہ سڀي جنس جو ھوندو آھي.)

- ٻُڌي ٻکري بہ در تي ڪانھيس.

يعني ايترو تہ غريب آھي، جو سندس در تي ڪن ڪپيل ٻکري بہ ڪانھي.

- ٻکري ڪير ڏئي ڦولڙين گاڏُر.

يعني ٻکريءَ کي جڏھن ڏھبو آھي تہ ھو اُن وقت ڦولڙيون بہ ضرور ڪيرائيندي آھي. اُنھن مان ڪجھہ ڪير جي برتن ۾ بہ ڪرڻ جو اِمڪان ھوندو آھي. جڏھن ڪو ماڻھو پلائيءَ جو ڪم ڪري ڪنھن کي خيرات ۾ ڪُجھہ ڏئي، پر اُن کي ٽوڪون بہ ھٽي يا گھٽ وڌ ڳالھائي، تڏھن ھيءُ پھاڪو ڪتب ايندو آھي.

- ٻکري جنھن وٽ سان ٻڌجي، سو وٽ چَري.

مطلب تہ جتي ڪنھن شخص کي سھارو ملي، اُن کي ئي اُھو نقصان پھچائي تڏھن ھيءُ پھاڪو چون.

- اُٺ چري ٻٽيھہ تہ ٻکري چري ڇٽيھہ.

يعني ٻکري کي اڄ نہ تہ سياڻي ڪاسائي مارڻ لاءِ ڪٽي ويندو. ھُن جو موت ڪاسائيءَ جي ھٿان ضرور ٽيٽو آھي. جڏھن ڪو ماڻھو کي خطري جا ڪم ڪندو ھجي تہ اُن کي اَڄ نہ تہ سياڻي نقصان ٽيڻ جو گھٽو اِمڪان ھوندو آھي.

ردِ ۽ گھيٽو:

ننڍي چوپائي مال ۾ جيتوڻيڪ ردِون ۽ ٻکريون گڏ شمار

ڪيون وجن ٿيون، پر ٻڪريءَ جي پيٽ ۾ رڍ هڪ موڳي ۽ سست جانور آهي. عام طور ماڻهو رڍن جا ڏڻ رکندا آهن، ڇاڪاڻ ته اُنهن جا وار يا اُن وکرو ڪندا آهن. رڍ ڪير ڏيندي آهي، جنهن مان مکڻ ۽ ڪيبو آهي. ڪي ماڻهو رڍ جو ڪير نہ واپرائيندا آهن، ڇاڪاڻ ته اُنهن جي ويچار ۾ ريڍو ڪير پيئڻ سان بدن ۾ خارش ۽ ملو پيدا ٿئي ٿو. اِن جو ٻيو سبب اهو ٻہ آهي ته رڍ جو پيشاب سندس ٽٽن تي ڪرندو آهي.

رڍ جي نر کي گهيٽو چوندا آهن، ۽ سندس ٻچي کي گهيٽو. هلکي سلکي رڍ کي ڪُوکي ٻہ چون. ٽلهي ۽ متاري رڍ کي دُمبو چوندا آهن. اِنهن تي ٺهيل ڪجهہ پهاڪا ۽ محاورا هن ريت آهن:

- رڍ جهڙو مُڙس آهي.

يعني گيدي ۽ ڍڇو آهي.

- رڍون مڙيئي ٻوٽ ڪاريون.

يعني سپيئي هڪجهڙا آهن. منجهن ڪوبہ فرق نہ آهي.

- رڍن اڳيان رباب وڄائيندي ورهہ ٽيا.

مطلب ته ڪنهن شخص کي گهڻو ئي سمجهائجي، پر مٿس ڪوبہ اثر نہ ٿئي، تڏهن هيءُ پهاڪو چئبو آهي.

- ڏرُ ريڍو سِسي ٻاکري.

پيٽيو: آڏا تيتر آڏا بٽير. مطلب ته اٽڪهڪندڙ بيهڪ طرف اشارو ڪيو ويو آهي.

- گهيٽو ڏاريم اُن لاءِ، هٿان چري کپهہ.

مطلب ته جنهن کي پاڻ وٽ سهارو ڏجي ته اُهو ئي نقصان پهچائي.

- رڍ ٿئي سستي ته هرکو پڇ کڻي ڏسيس.

يعني گهٽ قيمت واري شيءِ جو قدر ڪونہ ٿيندو آهي.

- هو ويڙهو گهيٽو آهي.

مطلب ته جهيڙاکو سُياڻو جو اِنسان آهي.

- رن پُٽُ ريڍارُ، ڪانَ هٽي بُندِ ۾.

يعني جيڪو اِنسان بُندِ يعني سُڪل وڻ ۾ پيو تير هٽندو ته اُن سان ڪوبہ مطلب حاصل ڪونہ ٿيندو. اهڙي شخص کي بيوقوف سڏبو آهي. جڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي حيثيت کان وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي تڏهن ٻہ هيءُ پهاڪو چوندا آهن.

ڪم ايندڙ جانور:

اُٺُ:

سنڌ ۾ اُٺُ تمام ڪارائتو جانور آهي. آڳاٽي وقت ۾ سنڌ جو واپار آس پاس وارن ٻين ملڪن سان گهڻو ڪري اُٺن ذريعي ٿيندو هو. واپاري اُٺن تي مال ڏوئي قافلا ناهي راجستان، پنجاب، بلوچستان، افغانستان، ايران وغيره تائين واپار ڪرڻ ويندا هئا. اُٺن جي خاصيت اِها آهي ته اُهي ريگستاني علائقن ۾ ٻہ آرام سان گهٽيئي ڪوهہ مسافري ڪري سگهندا آهن. اُنهن کي پاڻيءَ جي گهُرج ٻہ گهٽ هوندي آهي. اُٺن جا مکيہ ٻہ قسم آهن. لاڏُ اُٺ جيڪي مال ڏوئڻ جي ڪم اَچن ۽ مَهري اُٺ جيڪي سواريءَ جي ڪم اچن. اُٺ جي ٻي خوبي اِها آهي ته گهوڙي وانگر اُن جي خدمت ڪرڻي نہ پوندي آهي. منزل آئي ته مالڪ اُن کي ڏانوَڻ ٻڌي جهنگ ۾ ڇڏي ڏيندا. اِن حالت ۾ هو گهڻو پري پڇي ڪونہ ويندو ۽ ميدان ۾ هيڏانهن هوڏانهن پيو چرندو. اُٺ کي مالڪ ٽورو ڪُڙ ۽ لوڻ کارائيندا آهن ته هُن جي مسافريءَ جو ٽڪ لهي ويندو آهي. اِن ڪري اردوءَ ۾ هڪ چوٽي آهي: "اُونٽ فرشتي کي ذات هئہ". اُٺ جي مادي کي اُٽِ، اُٽِڻي يا ڏاچي چون. اُٺ جي ٻچي کي عام طور تودُو يا ڪوانٽ چئبو آهي. هِتي اُٺ تي ٺهيل ڪُجهہ پهاڪا ۽ چوٽيون ڏجن ٿا:

- اُٺ واري اَوجهري اَتس.

مطلب ته پيٽوڙي يا گهڻو ڪائيندڙ آهي. اُٺ جي اوجهري ٻين جانورن جي اوجهريءَ کان وڏي ٿيندي آهي. اِن ڪري هو ريگستان جي

سفر ۾ بن ٽن ڏينھن جو کاڏو پاڻي ڪنو ڪري رکندو آھي.

- اُٺ جي لاھيءَ کي بہ لعنت، تہ چاڑھيءَ کي بہ لعنت.

مطلب تہ اُٺُ چاھي اُتاھينءَ تي مٿي ھلي يا پھاڙيءَ تان ھيٺ لھي، ٻنھي حالتن ۾ اُن جي سوار کي گھٽي تڪليف ٿيندي آھي. ساڳيءَ طرح اُٺ جي ويھڻ ۽ اُٺڻ ۾، ھلڻ يا ڊوڙڻ ۾ بہ سوار کي گھٽا جھوٻا ايندا آھن. اِن تي ھيءَ چوٽي نھي آھي:

- جيڏا اُٺ، تيڏا لوڏا.

مطلب تہ ماڻھو جيترا گھٽا ڏنڏا ڪندو اُوترائي ڪيس جوکم کڻڻا پوندا.

- اُٺ پوڙو ٿيو تہ بہ مُنڊ نہ سکيو.

ھيءَ چوٽي اِن حقيقت تي نھي آھي تہ اُٺ جڏھن پيشاب ڪندو آھي تہ اُھو ھن جي پيٽ ۽ ٽنگن تي پيو ڪرندو آھي.

- اھڙي مار کاڏئين جھڙي اُٺ کاڏِي پتڻ تي.

مطلب تہ اُٺ پاڻيءَ کان گھٽو ٿھندو آھي. اِن ڪري جيڪڏھن جَتُ ھن کي ندي پار ڪرڻ لاءِ ٻيڙيءَ تي چاڙھڻ جي ڪوشش ڪندو آھي تہ اُٺ پيو پُنتي سُڪيءَ طرف ڇڪندو آھي. جنھن ڪري جت ھن کي وڌيڪ مار ڏيندو آھي.

- اُٺ سَکڻو بہ روئي تہ پريو بہ روئي.

اُٺ تي چاھي گھٽو بار رکجي يا ٿورو رکجي، ھو ٻنھي حالتن ۾ پيو ڪُرکندو آھي. اِن سان ملندڙ ھڪ ٻيو پھاڪو آھي. اُٺ جي وات ۾ لوڻ وجھ تہ بہ رڙي، ڪنڊ وجھ تہ بہ رڙي. ھيءُ پھاڪو اُن ماڻھو لاءِ ڪتب ايندو آھي، جيڪو مليل شيءِ تي شُڪُر نہ ڪندو آھي. ھوندي سوندي پيو شڪايتون ڪندو آھي.

- اُٺ پنيان گھنڊٽي.

ڪنھن قداور ماڻھوءَ سان ڪو نندي قد وارو گڏ ھجي تڏھن چئجي. مطلب تہ بي- ميل جوڙي آھي.

- اُٺ جي وات ۾ جار جي بانس.

اُٺ جار جي وڻ جا پن گھٽي ڇاھ سان کائيندو آھي. اِن ڪري اُن جي بوءِ ھُن جي وات ۾ رھجي ويندي آھي. ڪابہ ڳالھہ لکائڻ تي بہ لکي نہ سگھي، اُن لاءِ ايئن چئبو آھي. پيٽيو: چور کي داڙھي ۾ تِنَکا. ساڳيءَ طرح سنڌيءَ ۾ اِن مطلب کي ظاھر ڪرڻ لاءِ چون. چور جي ڏاڙھيءَ ۾ کنيُ/ ککڑ.

- اُٺ جي چوري پکي ۾ کين لِکي.

ڪنھن اُٺ چورايو تہ اُن کي نندي جھوپڙيءَ ۾ نہ لکائي سگھندو. مطلب تہ وڏي چوري لکائڻ مشڪل آھي.

- پوڙھو اُٺ بہ ڪوانڙ لھي.

مطلب تہ آزمودگار ماڻھو ٻن سيکڙاتن کان وڌيڪ آھي.

- اُٺن جا بار بہ کي گڏھ کڻن؟

يعني اُٺ تمام گھٽو بار (ڇھ ست مڻ) کڻي سگھندو آھي. ايترو وزن گڏھ نہ کڻندو آھي.

- اُٺ تان وِڇڻي لٽي تہ بہ اُٺ ٿيو ھلکو.

مطلب تہ اُٺ گھٽو بار ڏوئڻ تي ھريل آھي. اِن ڪري اُن تان جيڪڏھن ڪجھ وزن گھٽايو ويو تہ آرام پيو محسوس ڪندو.

- ڏاڇي ھٽي ڏھ تہ توڏو ھٽي تيرنھن.

اُنٽي جيڪڏھن ڏھ ڪوھ ڊوڙي ٿي تہ اُن جو ٻچو يعني توڏو يا ڪوانڙ تيرنھن ڪوھ ڊوڙي ويندو. جڏھن نندا وڏن کان اڳتي نڪري وڃن تڏھن چئجي.

- اُٺ نہ پُڄي، ھٽي ٻورَن لتون.

اُٺ تي وينل سوارُ جڏھن ڪجائي يا پاڪڙي ۾ وينو ھوندو آھي تہ ھوُ اُٺ کي تيز ھلکلڻ لاءِ جيڪڏھن اُن کي لتون ھڻندو آھي تہ اُھي اُٺ تائين پھچي نہ سگھنديون آھن. اُھي فقط اُنھن ڳوٽين کي لڳنديون

آهن جن ۾ مال پري اُٺ جي مٿان رکيو ويو آهي. هن پهاڪي جو مطلب آهي ته ڪو ماڻهو جڏهن ڪنهن ڏاڍي مڙس سان پڄي نه سگهندو آهي ته پوءِ ڪمزورن يا ننڍن کي ڏمڪائي پنهنجو غصو ظاهر ڪندو آهي.

- اَجا اُٺ ڪِدن سَسُئي.

مطلب ته سسئي جڏهن پنهوٺ جي ڳولها ۾ ريگستان ۽ جبلن ۾ پئي پٽڪي ته هوءَ پنهنجي منزل تي پهچي نه سگهي ۽ رات تي ئي مري ويئي. اِن تي ڪنهن چيو ته جيڪڏهن اُٺ تي سوار هجي ها ته پوءِ پنهنجي منزل تي پهچي سگهي ها. هيءُ پهاڪو سسئي پنهون جي لوڪ ڪهاڻيءَ تي ٻڌل آهي. هن جو ٻيو مطلب اِهو ٻه آهي ته ڪمزور اِنسان کي جيڪڏهن مدد ملي ته پوءِ هوُ ڪامياب ٿيندو.

- جڏهن ٻورا تي سبيا ته اُٺن تڏهن ئي پئي رنو.

مطلب ته ڪنهن ڪم جي تياري ٿيندي ڏسي مزدور ماڻهو سوچيندو آهي ته اِهو ڪم هاڻي هُن جي مٿان ئي پوندو.

- ڏسجي ته اُٺ کڻڻي پاسي ٿو ويهي؟

مطلب ته اِن جو اندازو ڪرڻ مشڪل آهي ته نقصان ڪيترو ٿيندو ۽ ڪنهن جو ٿيندو. هن پهاڪي جو بنياد اِن واقعي سان آهي ته اُٺ جي مٿان ٻورن ۾ ٽاڪُئون سامان رکيل هو. عام طور بينل اُٺ جڏهن زمين تي ويهندو آهي ته پهرين هڪ پاسي جُهڪي پوءِ زمين تي ستو ٿي ويهندو آهي. اِن ڪري هُن جي مٿان رکيل سامان جي پڄي پوڻ جو گهڻو امڪان هوندو آهي. اهڙي حالت ۾ اُٺ جي مالڪ لاءِ اِهو سوچڻ مشڪل آهي ته اُٺ اول کڻڻي پاسي جُهڪندو. جنهن ٻه پاسي هُو جهڪندو ته اُن طرف جو سامان زمين سان ٽڪرائجي پڄي پوندو آهي. پيٽيو: "ديڪئي اُونٽ ڪِس ڪروٽ بينتا هئہ."

گهوڙو:

سيني وهٽن ۾ گهوڙي جي سواري شاندار ليکي ويئي آهي. اُٺ جي پيٺ ۾ گهوڙي جي وڏيڪ خدمت ڪرڻي پوي ٿي ۽ اُن کي

کاڏو پيتو ٻه سڀني جنس جو ۽ گهڻو ڪپي. گهوڙي سان واسطو رکندڙ ڪجهه پهاڪا هن ريت آهن:

- ٽٽنوءَ کي ٽارو، تازيءَ کي اِشارو.

ٽٽون يا خچر چابُڪ هڻڻ سان تيز هلندا آهن، پر تازي نسل جا گهوڙا اِشاري ڪرڻ سان ئي تيز رفتار سان ڊوڙندا آهن. مطلب ته سياڻو ماڻهو اِشاري سان ئي سمجهي ويندو آهي ۽ ٻيڪ ڪم ڪندو آهي. پيٽيو: "گهوڙي کو لات، آدمي کو بات". يا "عاقلان را اِشارا کافي اَست". مطلب ته سمجهدار کي اِشارو ڪافي آهي.

- اَنڊي گهوڙي ڪَلَ ۾.

ڪل يعني نديءَ جي ڪناري تي پيدا ٿيندڙ هڪ قسم جو گاهُ آهي. جيڪڏهن گهوڙي اَنڊي آهي ته اُها بنا سوچ ويچار جي اڳتي هلندي ويندي ۽ وڃي گاهه ۾ ڦاسندي.

- گهوڙو ۽ گهرُ ڏُور؟

جيڪڏهن تو وٽ گهوڙو آهي ته پوءِ گهر پهچڻ ۾ ڪيتري ديري لڳندي؟

- گهوڙا ۽ پَٽُ، مُلا ۽ پِٽُ،
هوُ ڪشيا تان رسيا، هُو نِيان تان چٽُ.

گهوڙي جو لغام ڇڪي اُن کي هلڻ جو اِشارو ڪريو ته هو تيز رفتار سان ڊوڙي وڃي منزل تي پهچائيندو. ساڳيءَ طرح مُلا کي پٽ کائڻ جي دعوت ڏيو ته هوُ هڪدم سمورو پِٽُ کائي ختم ڪندو.

- مرض اَچي گهوڙي وانگر، وڃي جونئن وانگر.

مطلب ته ڪنهن سنيال نه ڪئي ۽ بيمار ٿي پيو ته اُهو جهٽ ڏهي پوندو. يعني بيماري گهوڙي وانگر تيزيءَ سان اچي ماڻهوءَ کي جلد ڪمزور ڪري ڇڏي ٿي. پر اُها جونئن جي رفتار سان آهستي آهستي وڃي ٿي. مطلب ته بيمار ٿيڻ تي ماڻهو دارون ڪرڻ سان آهستي آهستي ٻيڪ ٿي سگهندو آهي.

- پاڻ پِني، گھوڙا گِنھي.

ھو پاڻ تہ غريب آھي، پر سَدَوُن ڪري ٿو گھوڙا خريد ڪرڻ جون. مطلب تہ پنھنجيءَ حيثيت کان وڌيڪ حاصل ڪرڻ جي اُميد ڪري ٿو. پيٽيو: "ليپس لوٽڪ بہ ڪانہ، سَدَوُن ڪري مريري جون." يا "پائي ناھي پلي، مارئي جي مُڇ پيئي ھلي". ھنديءَ ۾ اِنھيءَ مطلب کي ڏيکارينڊ پھاڪو ھن ريت آھي: "گھر ۾ نھين داني، اَما چلي پُناني."

- فارسي، گھوڙي چاڙھسي.

تون فارسي سکُ تہ پوءِ توکي سُڻي نوڪري ملندي. عملدارن وانگر گھوڙي تي چڙھي گھمندين. ھيءُ اُن زماني جو پھاڪو آھي، جڏھن مسلمان حاڪمن جي راڄ ۾ فارسي ٻوليءَ جو بول بالا ھو ۽ سمورو سرڪاري ڪاروبار فارسيءَ ۾ ھلندو ھو.

- ڏُڇرُ گھوڙو ۽ سُڇر زال، ٻئي بَنِ ڏجن.

مطلب تہ جيڪڏھن گھوڙو چگّيءَ طرح گاھ ۽ چارو نہ ٿو کائي تہ اُھو ڪمزور ٿي پوندو. جيڪڏھن ڪنھن گھر ۾ زال گھٽو ڪاڏو کائيندڙ يا پيٽوڙي آھي تہ اُھا بہ اَڻ وٽندڙ ڳالھہ آھي.

گڏھ:

اُٺ ۽ گھوڙي وانگر گڏھُ بہ بار ڍوئڻ لاءِ گھٽو ڪم ايندو آھي. ڪٽي ڪٽي گڏھن کي گاڏيءَ ۾ ٻڌي بہ بار ڍوئڻ ۾ ڪم آڻيندا آھن. اِن ڪري سنڌيءَ ۾ "گڏھ گاڏو" ھڪ محاورو نھي پيو آھي. اِن جو مطلب آھي. تمام آھستي ھلندڙ گاڏي. بيوقوف يا مورک ماڻھوءَ جي پيٺ اَڪثر گڏھ سان ڪئي ويندي آھي. گڏھ کي گرُ يا خرُ[1] بہ چئبو آھي. جنھن تان گرُمغز يا ڪردماغ لفظ نھيا آھن. اِنھن جي معنيٰ آھي: بيوقوف، مغرور، ھوڏي. گڏھِ جي مادييءَ کي گڏھ ۽ اُن جي ٻچي کي ڪودڙو چئبو آھي. گڏھ تي نھيل ڪجھ پھاڪا ھن ريت آھن:

1. فارسي ٻوليءَ ۾ خر جي معنيٰ ئي گڏھ آھي. سَھي کي خرگوش بہ انھيءَ ڪري چوندا آھن جو سندس ڪن گڏھ جي ڪَنن جھڙا وڏا ھوندا آھن.

- جَوَ ڍيري گڏھُ رکپال.

يعني گڏھ کي جيڪڏھن جوَنِ جي ڍير جي سنڀال لاءِ رکبو تہ اُھي سلامت نہ بچندا. چاکاڻ تہ گڏھُ جَوَ کائڻ کان رھي نہ سگھندو. ساڳيءَ طرح اھڙي ماڻھوءَ کي سنڀالڻ جو ڪو ڪم ڏجي جيڪو ھو پاڻ ھڙپ ڪرڻ چاھي ٿو تہ اُن مال جي سنڀال نيڪ طرح سان نہ ٿي سگھندي.

- سَھَسين ڪري سينگار تہ بہ ڪودڙِيءَ پُڇ ڪودڙو.

مطلب تہ جيڪو بدصورت آھي، اُھو ڪيترو بہ ھار سينگار ڪندو تہ اُھو سھٽو ڪونہ ٿي سگھندو. پيٽيو: "گڏا ڏوني سي پي بَڇڙا نھين ھوتا." يا "ڪوا ھويہ نہ اُوجلا، سؤ من صابن لائہ".

- گڏھ مٽان گلاب ھاريندي حيف ٿيو.

مطلب تہ گڏھ کي ڪيترو بہ گلاب جي پاڻيءَ سان ڏوئجي تہ اُن جو ڪوبہ فائدو ڪونھي. ساڳيءَ طرح نيچ اِنسان سان ڪيتري بہ پلائي ڪرِ تہ بہ ھوُ بي شڪر ئي رھندو.

- گڏھ پنھنجي سانوٽي ھينگڻ ۾ وجائي.

سانوڻ جي مھيني ۾ برسات پوڻ ڪري گھٽو گاھ ٿيندو آھي، پر گڏھ ھينگڻ ڏيڻ ۾ ئي پنھنجو وقت وجائيندو آھي ۽ گاھ کائڻ جو لاپ نہ ونندو آھي.

- پنھنجيءَ گتيءَ پئُ گڏھ کي پيرين.

يعني ڪنھن بيوقوف يا بدمعاش اِنسان ۾ جيڪڏھن ڪو ڪم اَٽڪندو آھي تہ مجبوريءَ سببان ھُن جي خوشامند ڪرٽي پوندي آھي.

- گڏھ چا جاڻڻِ گِيھرن مان.

جيڪڏھن ڪنھن نالائق ماڻھوءَ کي سُڻي شيءِ ڏبي تہ اُن جو قدر نہ ٿيندو.

- سور پوي ساڻيءَ کي، ڏنيجي گڏھُ.

ساڻيءَ کي سورُ ٿيو تہ ھُن پنھنجي گڏھ کي ڏني ڏياريا. مطلب

ته تڪليف ھڪڙي کي ٿئي ته سزا ٻئي کي ملي، پيٽيو: "ڏوبي کا بس نہ چلي تو گڏي کا کان کاٹي".

- تون ٻہ رئيس، آئون ٻہ رئيس، ته گڏھ ڪير ھڪليندو؟

مطلب ته جيڪڏھن ھرڪو پاڻ کي وڏو ماڻھو سمجھندو ته پوءِ رواجي ڪم ٻہ پورو ٿي نہ سگھندو. پيٽيو: "آئون ٻہ راڻي، تون ٻہ راڻي، ته ڪير پري پاڻي؟"

- سؤٽي ھجي ساڻ ته گڏھُ گوھي نہ ڪري.

يعني مار کائڻ سان گڏھ ٻہ سڏو ٿي بار ڏوئڻ جو ڪم ڪندو.

- ٽڍِ ۾ گڏھَ جا آٽر ٻہ چگّا.

مطلب ته ضرورت پوڻ تي گھٽ درجي جي شيءِ ٻہ واپرائڻي پوي ٿي. پيٽيو: "ٻُک ۾ بصر ٻہ مِنا".

ننڍا جانور:

نوريئڙو (گلھري)، نورُ (نيولا)، سھو (خرگوش)، ڪُوئو، ڳوھ، سانڍو، اِھي ننڍا جانور يا ساھوارا آھن. اِنھن تي ٻہ سنڌيءَ ۾ ڪجھ پھاڪا ٺھيل آھن. اُنھن مان ڪِن تي ٺھيل پھاڪا ھن ريت آھن:

- نوريئڙي وانگر سڄو ڏينھن پيو وٽن تي ٽپا ڏئي.

ڪو ماڻھو گھڻو پٽڪندو رھي يا لھُ ڇڙھُ ڪري تنھن لاءِ اھا چوٽي ڪتب ايندي آھي.

- ڪاتِري نہ ڪڙڪاءِ نوريئڙو جاڳِئي ٿو.

جڏھن ڪو ماڻھو پھري سجاڳ ھجي ۽ ھن جو دشمن ڪيس نقصان رسائڻ جي ڪوشش ڪري، تڏھن چئبو آھي. ھيءُ پھاڪو ھڪ آکاڻيءَ تي بينل آھي. ھڪ ڏائڻ ڪنھن نوريئري کي لالچائي پنھنجي گھر ونڊي آئي. اڌ رات جو ھُو ڪاتي کڻي نوريئڙي کي ماري کائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي، پر ٻئي طرف نوريئڙو ٻہ سمجھي ويو ته ھيءَ ڏائڻ مون کي کائڻ چاھي ٿي. ان ڪري ھُو سڄي رات نہ سمھيو. پوءِ صبح جي وقت وڃھ ونڊي پڄي ويو.

- سھي ٽنگون ٽي، چوٽين نھي ئي کانہ.

مطلب ته جڏھن ڪو چوري ڪري ۽ پوءِ اھا قبول نہ ڪري تڏھن ھيءُ پھاڪو ڪتب ايندو آھي. ڪنھن ماڻھوءَ شڪار ۾ ھڪ سھو ماريو ۽ اُھو گھر آڻي پنھنجي بورچيءَ کي ڏنائين ته اھو پچائي ڪڍي اڇ. بورچي سھو پچائڻ لڳو، پر ڪيس اھو ايترو ته پسند آيو جو اُن جي ھڪ ٽنگ پاڻ کائي ويو ۽ باقي سھو آڻي پنھنجي مالڪ اڳيان رکيائين. مالڪ جڏھن ڏٺو ته ھن کي فقط ٽي ٽنگون آھن ته ھُن بورچيءَ کان پڇيو ته باقي ھڪ ٽنگ ڪيڏانھن ويئي؟ اُن تي بورچيءَ جواب ڏنو ته سائين، سھو مندو ھو. ھُڻ کي فقط ٽي ٽنگون ھيون. اھڙيءَ طرح پنھنجي ضد تي قائم رھيو، پر پنھنجي چوري قبول نہ ڪيائين.

- ڪوئي لڏي ھئڌ ڳڙي، چي مان ٻہ پساري.

مطلب ته ڪنھن کي ٺوري شيءِ ملي ۽ اُن تي غرور ڪري تڏھن چئجي.

- ٽڪريءَ کي سورُ ٽيا ته جائي ڪُئي.

مطلب ته گھڻي محنت ڪرڻ کان پوءِ جڏھن رواجي نتيجو نڪري يا ٺورو ڦُلُ ملي تڏھن چئبو آھي. پيٽيو: "کودا پھاڙ، نڪلي چُھيا، وہ پي مري ھوُئي."

- اٽو کاڏو ڪُوئي ته مارُ پيئي گابي تي.

مطلب ته ڏوھُ ڪو ھڪ ڪري ۽ مار ٻئي تي پوي، تڏھن ھيءُ پھاڪو ڪتب ايندو آھي.

- ھوا ھوندي ته ڪوئي جي ٻِر ۾ ٻہ لڳندي.

مطلب ته ھوا جي جھُوٽي کي روڪي نہ ٺو سگھجي.

- ڳوھ کي ڪُٽي ڪڍي ته ڳولھي شِڪارين جا گھر.

پيٽيو: "جب گيدڙ ڪِي موت آتي ھئ تو وھ شھر ڪِي طرف پاگتا ھئ."

- هوُ ساندي وانگر پيو رنگ مٽائي.
پيٽيو- "گرگٽ ڪِي طرح رنگ بدلتا هئ."

- ڳوهه ڦاٽي ڏوءَ ۾.
يعني قلعي جي پٽ تي چڙهڻ لاءِ ماٽهو ڳوهه جو استعمال ڪندا آهن.
ان طرح ڳوهه ماٽهن کي مٿي قلعي جي ديوار تي پهُچائڻ ۾ ئي ٻيئي ڳهندي آهي.

جهنگلي جانور:

جهنگلي جانورن تي سنڌيءَ ۾ ڪافي پهاڪا ملن ٿا، جن ۾ ڪجهه پهاڪا هن ريت آهن:

شينهن:

- شينهن ۽ ٻڪري هڪ گهاٽ تي پاڻي ٿا پيئن.
شينهن هڪ خطرناڪ جانور آهي. اُهو ٻڪريءَ جهڙن ڪمزور جانورن جو شڪار ڪري اُنهن کي ماري کائي ڇڏيندو آهي، پر جيڪڏهن ڪنهن ندي‌ءَ جي گهاٽ تي شينهن ۽ ٻڪري گڏ پاڻي پيئن ته چئبو ته اُتي تمام گهٽو امن جو ماحول آهي. ايتري قدر جو شينهن جو تشدد ڪرڻ وارو سياڻ ختم ٿي ويندو آهي ۽ ٻڪري ٻه اُنهيءَ کان نه ٿي ڊڄي.

- ٻه شينهن ٻيلي ۾ نه ماپن.
مطلب ته ٻه طاقتور ماٽهو هڪ ئي هنڌ نه رهي سگهندا.

- وڙهن شينهن، لتاڙجن ٻوڙا.
مطلب ته ٻن طاقتور ماٽهن جي لڙائيءَ ۾ ڪمزورن کي نقصان پهچي ٿو.

- سُتل شينهن کي آڳر نه ڏجي.
يعني ڪنهن طاقتور سان ڇاٽي ٻجهي ڪوٺس نه ڪجي.

- سالا شينهن کي ٻه پيارا آهن.
يعني ماٽهو ڪيترو ٻه پُرتشدد ۽ طاقتور ڇونه هجي، پر هُو پنهنجن مائٽن کي ضرور پيار ڪري ٿو.

- شير نه ڏيکيا، ڏيک ٻلاڙا؛ چور نه ڏيکيا، ڏيک سونارا.
يعني جيڪڏهن تو شينهن کي نه ڏنو آهي ته ٻليءَ کي ڏس.
ٻنهي جي شڪل ۽ صورت هڪجهڙي هوندي آهي. جيڪڏهن تو ڪنهن چور کي نه ڏنو آهي ته سوناري کي ڏس. هو گراهڪ جي سون مان ڪجهه نه ڪجهه چوري ضرور ڪندو آهي.

- شيرن جا مُنهن ڏوتا ئي پيا آهن.
مطلب ته طاقتور يا وڏي عهدي واري شخص جي ڪير ٻه گهٽتائي ظاهر نه ڪندو آهي.

هاٿي:

هاٿي سيني جانورن ۾ قداور ۽ ٽلهو متارو جانور هوندو آهي، هن کي ماٽهو بار ڏوئڻ جي ڪم ٻه آڻيندا آهن. هاٿيءَ تي ڪجهه پهاڪا هن ريت آهن:

- مئل هاٿي ٻه سوا لک لهي.
هيءَ چوٽي اِن ڪري نهي آهي جو هاٿيءَ جي مرڻ کان پوءِ هُن جا ڏند ۽ هڏا عام طور ڪم ايندا آهن. جنهن مان سُهڻيون قيمتي شيون، مورتيون ۽ مجسما وغيره ناهيا ويندا آهن.

- انڌو هاٿي، لشڪر جو زيان.
ڪنهن فوج ۾ جيڪڏهن ڪو هاٿي انڌو آهي، ته پوءِ هيڏانهن هوڏانهن پيو ڀڄندو ۽ ڀُڪندو. اِن حالت ۾ هو پنهنجي ئي طرف واري لشڪر کي نقصان پهچائيندو آهي.

- هاٿيءَ جا ڏند ڏسڻ جا هڪڙا ۽ کائڻ جا ٻيا.
هاٿيءَ جا ٻه ڏند ٻاهر نڪتل هوندا آهن، جيڪي نظر پيا ايندا آهن. انهن سان هو کائڻ جو ڪم نه ڪندو آهي. پر کائڻ لاءِ هو وات ۾

اندر جيڪي ڏاڻون آهن، اُهي ڪتب آڻيندو آهي. ڪو ماڻهو ٻاهران هڪڙو وهنوار ڪري ۽ اندريان هن جي ذهن ۾ ٻي ڳالهه هجي، تنهن لاءِ هيءُ پهاڪو چئبو.

- هاٿيءَ کي مڙ، ڪوليءَ کي ڪڙ.

مطلب ته ڏڻي سائين گهٽو ڪائيندڙ ۽ تمام گهٽ ڪائيندڙ جاندارن لاءِ اناج مُيسر ڪري ڇڏيو آهي.

- هاٿيءَ جو ڪنُ، پِپر جو پنُ،
انسان جو منُ، بَيهڻ جا ڪين آهن.

مطلب ته اهي سڀ ڇنڇل آهن ۽ هميشه پيا لڏندا آهن. انسان کي به جيترو گهٽو ملندس اوترو وڌيڪ پائڻ جي آس ڪندو.

سوُئر:

سوئر کي سنڌيءَ ۾ مروُن به چوندا آهن. هن کي تمام گندو جانور ليکيو ويو آهي، جيڪو گند ۽ ڪرفتي به کائيندو آهي. اِن ڪري عام طور اُن جو گوشت کائڻ سنو نه مڃيو ويندو آهي. مسلمان اِن جانور کي پليت يعني غليظ ۽ حرام ڪري ليکيندا آهن. اِن تي ڪجهه چوٽيون هن ريت آهن:

- هندوُ کي گانءِ ۽ مسلمان کي سوئر.

مطلب ته هندو گانءِ کي پوتر جانور سمجهي هُن جي پوڄا ڪندا آهن ۽ ڪيس ڪٹيون ماتا چوندا آهن. اِن ڪري ڪٹون جو گوشت کائڻ پاپ سمجهندا آهن. ٻئي طرف مسلمان سوُئر کي ناپاڪ مڃي ان جو گوشت نه کائيندا آهن.

- سوُئر وانگر ڪنڌ ۾ ڪِلي اٽس.

سوئر پنهنجو ڪنڌ ڦيرائي نه سگهندو آهي. گهٽو ڪري پنهنجي ڪچي سڌي رکندو آهي. اِن طرح جيڪو ماڻهو مغرور هجي يا تڪبر ڪندو آهي، تنهن جي پيٺ ۾ سوئر سان ڪندا آهن.

بگھڙ:

اهو جانور بدني بيهڪ ۾ ڪُتي سان وڌيڪ مشابهت رکندڙ آهي. سنڌ ۾ ڪوهستان واري علائقي ۾ بگھڙ گهٽا هوندا آهن. هو ماڻهوءَ کي اڪيلو ڏسي اُن جي مٿان حملو ڪندا آهن. بگھڙ جي مادي‌ءَ کي بگھاڙي چئبو آهي.

- بگھڙ کائي ته به وات ڳاڙهو، نه کائي ته به وات ڳاڙهو.

هيءُ چوٽي اِن حقيقت طرف ڏيان ڇڪائي ٿي ته بگھڙ جو وات چپ ۽ وات جو اندريون حصو هميشه ڳاڙهو هوندا آهن.

- بگھڙ جي حوالي رڍون ڇڏڻ.

مطلب ته ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ کي سنڀال جو ڪم ڏيڻ جيڪو اُن شيءِ کي گهٽو چاهيندڙ هجي. اِن ڪري اُن سان هميشه خطرو هوندو آهي. پيٽيو: "جَوِ ڏيري، گڏهه رکپال." رڍن جي ڏڻ ۾ جي بگھڙ هوندو ته اُهو وجهه وٺي هڪ هڪ رڍ کي ضرور ماري کائيندو.

- بگھڙُ ڙي بگھڙُ واري کارِ ڪئي اَتس.

مطلب ته هوُ بلڪل ڪوڙو آهي. متسِ ويساهه ڪرڻ نه گهرجي. هيءُ پهاڪو ٻارن جي هڪ آکاڻيءَ تي ٺهيل آهي. هڪ ڇوڪرو جهنگ ۾ وڃي زور زور سان واڪا ڪرڻ لڳو ته بگھڙ ڙي بگھڙ. مون کي بچايو. اِن تي ڳوناڻا لنيون ڪٹي هُن جي بچاءُ لاءِ جهنگ طرف ڊوڙي ويا. اُن تي اُن ڇوڪري ڪِلي چين ته مون فقط اوهان جو آزمودو ٿي ورتو ته اوهان مون کي بچائڻ لاءِ اچو ٿا يا نه؟ اِن طرح اُن نينگر ٻه ٽي دفعا ساڳيءَ طرح ڪُوڙا واڪا ڪيا. پر هڪ دفعي سچ پچ هڪ بگھڙ اُن ڇوڪري وٽ اچي پهتو ۽ هن تي حملو ڪيائين. اِن تي ڇوڪر گهٽي ئي واڪا ڪيا، پر ڳوناڻن سمجهيو ته هُو اڳي وانگر ڪوڙا واڪا پيو ڪري. اِن طرح بگھڙ هُن ڇوڪر کي ماري کائي ڇڏيو.

گدڙُ:

گدڙ به ڪُتي جي قد جو هڪ جهنگلي جانور آهي، جيڪو تمام

گيدي ۽ ڊڇڻو هوندو آهي. هو گھٽو ڪري ڪنهن ڳوٺ يا بستيءَ جي ويجهو رهندو آهي. رات جي وقت وجهه وٽي بستيءَ مان مرغيون، سها، ۽ ٻيا ننڍا جانور ماري کائڻ لاءِ کڻي ويندو آهي. گيدي ماڻهن جي پيٽ گھٽو ڪري گدڙ سان ڪئي ويندي آهي. گدڙ تي بينل ڪجهه پھاڪا هن ريت آهن:

- گدڙ ڊاک نہ پڃي آکي ٿُو کنا.

ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪوشش ڪرڻ کان پوءِ به گھربل شيءِ ملي نہ سگھي تہ پوءِ هُو چوندو آهي تہ اِها سڻي ناهي. اِن ڪري مون کي نہ کپي. هيءُ پھاڪو هڪ ٻاراڻي آکاڻيءَ تي ٽهيل آهي. هڪ باغ ۾ گدڙ ڊاک جا ڇڳا منهه ۾ لٽڪندا ڏٺا. هُن جي دل ٿي تہ اُنهن مان ڪجهه ڇڻي ڪري ڊاک کائجي. گدڙ گھڻي ڪوشش ڪئي ۽ ٽپا ڏنا، پر هُو ڊاک تائين پهچي نہ سگھيو. نيٺ ٽڪجي پيو. پوءِ چوڻ لڳو تہ اِها ڊاک کٽي آهي، مون کي کانہ کپي. ايئن چئي نااُميد ٿي هُتان هليو ويو.

- سنڌ گدڙن کانہ اڏي آهي.

مطلب تہ سنڌ تي حملا ڪندڙ ايترا طاقتور هئا، جن سان سنڌي ماڻهو پڃي نہ سگھيا.

- گدڙ ڀيڪي ڏيڻ.

يعني ڪوڙي ڏمڪي ڏيڻ. جنهن سان ٻئي ماڻهوءَ تي ڪوبہ اثر نہ ٿئي.

- گدڙ جي گُونهن ۾ ڪم پيو تہ وڃي ٽڪر تي هنگي.

پيٽيو: "گدڙ وانگر ڳُئي چڪي تي رکڻ."

- گدڙ کي ڪُٽي کٽي تہ ڳوٺ طرف پڃي.

گدڙ ڳوٺ طرف يا وسنديءَ ۾ ويندو تہ ماڻهو اُن کي لٽيون هٽي ماري ڇڏيندا. ڇاڪاڻ تہ هو وسنديءَ مان اڪثر ننڍا جانور لِڪ چوري کٽي وڃي کائيندو آهي.

- گدڙ جيڪڏهن گدڙ جي ڪُڪ نہ اونائي تہ ڪوڙهيو ٿي مري.

هيءُ پھاڪو هِن حقيقت تي ٻڌل آهي تہ جيڪڏهن هڪڙي گدڙ ڪوڪڻ شروع ڪيو تہ ٻيا ٻہ اونائي اُن جو ساٿ ڏيندا آهن. اِن طرح ڪو ماڻهو جيڪڏهن ڪنهن خراب ڪم ۾ هڪ ٻئي کي ساٿ ڏين، تڏهن هيءُ پھاڪو ڪتب آڻبو آهي.

باندر يا پولڙو:

باندر عام طور تي جهنگلي جانورن ۾ شمار ڪيو ويندو آهي. پر اُهو شهرن ۽ وسندين ۾ ٻہ ڪاڏي جي ڳولا ۾ هليو ايندو آهي ۽ گھرن ۾ گھڙي کاڏو کڻي ويندو آهي. باندر پنهنجي چنچلتا جي ڪري گھڻا مشهور آهن. اُنهن جا الڳ الڳ قسم آهن. ننڍن باندرن کي مداري پالي اُنهن کان ناچ ڪرائي روزي روٽي ڪمائيندا آهن. باندر نقل ڪرڻ ۾ ٻہ گھڻا هوشيار آهن. اِنهن کي سنڌيءَ ۾ پولڙو يا پولو ٻہ چئبو آهي ۽ ماديءَ کي باندري يا پولڙي سڏبو آهي. جسماني بيهڪ جي خيال کان باندر اِنسان ذات جي وڌيڪ ويجها آهن. اُهي پنهنجي ٻن پويُن ٽنگن تي ماڻهن وانگر بيهي ڪري هلي سگھن ٿا. اِن تي ڊاروَن جو نظريو مشهور آهي تہ اِنسان جو ارتقا جانورن مان ٿيو آهي. باندر تي ڪجهه پھاڪا هن ريت آهن:

- پولڙن کي ٻہ پنهنجون زالون پياريون آهن.

مطلب تہ هرڪو ماڻهو پنهنجي زال کي پيار ڪندو آهي.

- باندر چا ڄاڻي اَدرڪ جو سوادُ.

اَدرڪ جي استعمال سان پاڄي يا ٻيو کاڏو لذيذ ٿئي ٿو. اَدرڪ صحت لاءِ ٻہ سڻي شيءِ آهي، جو اُها وائي سور کي ماري ڇڏيندي آهي. اهڙي سوادي شيءِ جي باندر کي ڪهڙي پرک؟

- پولي جي ڳچيءَ ۾ موتين جو هار.

يعني موتين جي مالا جيڪڏهن باندر کي پارائجي تہ اُن جو قدر هن کي ڪونہ ٿيندو، هو مالا کي ڇڻي ڏاڙا الڳ ڪري ڦٽا ڪري ڇڏيندو.

- لنبون جهلي پولڙو، ڪٽيو ڪائي فقير.

مطلب تہ مداري پولڙي کي نچائڻ مهل لڻ جو اِشارو ڪري يا ڪيس ماري نچائيندو آهي. اِن طرح مار تہ ويچاري پولڙي تي پوندي آهي، پر تماشائي باندر جو ناچ ڏسي پئسا مداريءَ کي ڏيندا آهن. جڏهن هڪ جي محنت جو لاڀ ڪو ٻيو کڻي وڃي، تڏهن هيءُ پهاڪو چئبو آهي.

هرڻ ۽ ڦاڙهو:

هرڻ پنهنجي چنچل طبع ۽ ڊُڪڻ جي تيز رفتار جي ڪري مشهور آهي. ادب ۾ هرڻيءَ جي اکين جي خوبصوتيءَ جي گهڻي ساراهہ ڪيل آهي. مرگهنيَني يعني هرڻ وانگر چنچل ۽ سندر اکين واري ناري يا نايڪا جو ذڪر پارتي ادب ۾ گهڻو ملي ٿو. هرڻ جي ئي ذات جو ۽ قد ۾ ڪي قدر ڊگهو ٻيو جانور آهي. ڦاڙهو، جنهن کي ٻارنهن سِڱ (بارهہ سينگا) ٻہ چوَن. اِنهن جانورن تي ڪجهہ پهاڪا هن ريت آهن:

- هرڻي اڳي ئي نچڻي، ويتر پيس گهنڊڻي.

يعني هرڻيءَ چنچل سُڀاوَ جي آهي. هوُ گهڻو ڪري پيئي نينگ ٽپا ڏيندي آهي. اُن کي جيڪڏهن ڳچيءَ ۾ گهنڊڻي ٻڌبي تہ اُن جو وڃڻ جي آواز تي هُو وڌيڪ ٽپا ڏيندي آهي. ڪو ماڻهو اڳي ئي شرارتي ۽ شيطان هجي ۽ وري ڪيس ڪنهن ٻئي جي هُشي ملي وڃي تہ هُو پوءِ اڃا ٻہ وڌيڪ شرارتي ٿيندو.

- ڦاڙهو جِتي ڪائي تِتي اوجهہ ڏِئي.

هيءُ جانور گهڻو ڪائيندڙ ۽ لالچي آهي. جيڪڏهن ڪٽي گهڻو ڪاڏو ملي ويس تہ پوءِ اُهو سمورو ڪائي آڦرجي پوندو. ايتري قدر جو اُتي ئي مري ويندو.

- ڏسون تہ هوُ ڪهڙا ڦاڙها ٿو ماري.

هيءُ پهاڪو گهڻو ڪري اهڙي شخص کي ٽوڪ وڃان چئبو آهي، جيڪو ڪم ڪري سگهڻ جي طاقت نہ رکندو آهي، پر اِن هوندي

ٻہ هو ٻڌاڪ پيو هڻندو آهي تہ مان وڌّا ۽ مشڪل ڪم ٻہ پورا ڪري سگهندو آهيان.

گهرُو جانور

گهڻائي ماڻهو کي جانور پنهنجن گهرن ۾ شوق وڃان پاليندا آهن. اُنهن ۾ ڪتو ۽ ٻلي مکيہ آهن. ڪتو پنهنجي وفاداريءَ ڪري مشهور آهي. هوُ هر وقت گهر جي چوڪيداري ٻہ ڪندو رهي ٿو. ساڳيءَ طرح ٻلي ٻہ وندر جو ذريعو آهي ۽ اُن کي گهر ۾ پالڻ سان ڪوُئن جو آزار نہ ٿيندو آهي. اِنهن جانورن کي پالڻ جو گهڻو رواج يورپي ملڪن ۾ آهي. برفاني ملڪن ۾ هڪ ذات جا ڪتا برف ۾ دٻجي ويل اِنسانن کي ٻہ ڳولي لهڻ جي طاقت رکندا آهن. ساڳيءَ طرح ڪتن ۾ سنگهڻ جي ٻہ غير رواجي طاقت هوندي آهي، جنهن ڪري پوليس ڪاتي وارا اِنهن ڪتن کي پالي، اُنهن کان ڏوهارين کي ڳولهي ڪيڻ جو ٻہ ڪم وٺندا آهن. هتي انهن جانورن بابت ڪجهہ سنڌي پهاڪا ڏجن ٿا:

ڪتو:

- ڪتو ٻہ ڪاڏو، ڪُڪِ ٻہ نہ پري.

يعني غلط ۽ ڏوهہ جو ڪم ٻہ ڪيو، پر ڪجهہ ٻہ فائدو نہ ٿيو.

- ستين لنگهڻي ڪُتو حلال.

يعني جيڪڏهن ڪو اِنسان بک وِگهي مرندو هجي تہ لاچاري حالت ۾ جيئڻ لاءِ جيڪڏهن هُن ڪتو ڪاڏو تہ ڪيس اِهو ڏوهہ معاف آهي. عام طور ڪتي جو گوشت ڪاڏي جي ڪم نہ ايندو آهي. پيٽيو: "لاچار کي ڪهڙو آچار؟"

- ڪارو منهن ڪتي جو، رب اوتري جي اوتري.

ڪنهن دانگيءَ ۾ رب پيئي هئي. ڪتو اُها ڪائڻ لاءِ اُتي آيو، پر دانگيءَ جو منهن سوڙهو هو. اِن ڪري ڪتو رب ڪائي نہ سگهيو. ٻئي

طرف دانگيءَ تي لڳل ڪاراڻ سان ڪتي جو منهن ڪارو ٿي ويو. مطلب ته ڪوشش ڪرڻ ڪان پوءِ به ڪو ڪامياب نه ٿئي ۽ اُلٽو ڪيس نقصان ٿئي، تڏهن هيءُ پهاڪو چئبو آهي.

- ڪتو ڇا ڄاڻي ڪٽِڪ جي مانيءَ مان؟

مطلب ته ڪنهن گهٽ ذات واري کي جيڪڏهن ڪا سُڻي شيءِ ڏجي ته اُهو اُن جو قدر نه ڪندو. پيٽيو: "گڏهه ڇا ڄاڻن گيهرن مان"؟

- ڪتي جو پُڇ ٻارنهن مهينا نڙ ۾ وجهُ ته به ڏنگي جو ڏنگو.

- ڏوبيءَ جو ڪتو نه گهر جو نه گهاٽ جو.

جيڪو ماڻهو سيني طرفن کان بيڪار ثابت ٿئي، تنهن لاءِ چئجي.

- تکڙي کُتي انڌا گُلر جڻي.

مطلب ته جيڪو ڪنهن ڪم ۾ تکڙ ڪري ٿو، ته اُن جو نتيجو سنو نه نڪري. اِن ڪري هر ڳالهه ۾ ڏيرج کان ڪم وٺجي.

- ڪتو ڪُڙم جو ويري.

مطلب ته هڪ پاڙي جو ڪتو ٻئي پاڙي واري يا ڏارئي ڪتي کي پيو پونکندو آهي. جيڪو ماڻهو پنهنجي ذات پائين يا مائِٽن سان پيو وڙهي، تنهن لاءِ هيءُ پهاڪو ڪتب آڻبو آهي.

- ڪوڙهيو ڪُتو ڪنهڻ کان نه رهي.

مطلب ته بُرو اِنسان پنهنجي عادت موجب برو ڪم ڪرڻ کان باز نه ايندو.

- بُڇڙو ڪُتو ڏٽي پٽائي.

جيڪو ڪتو ايندڙ ويندڙ ماڻهوءَ کي پيو پونکندو آهي ته اُهي ماڻهو اُنهيءَ چتي ڪتي جي مالڪ کي پٽيندا آهن، جنهن ڪيس پاليو آهي.

- ڪُتو به اُن کي ڏاڙهي ته جُتيون به اُن کي لڳن.

يعني چتو ڪتو جنهن کي چڪ پائيندو آهي ته ٻيا ماڻهو اُنهيءَ چڪ واري هنڌ تي جتيون هڻندا آهن ته جيئن اُن جو زهر نه ڦهلجي.

جنهن ماڻهوءَ اڳي ئي پوڳيو آهي، تنهن کي وري وڌيڪ پوڳڻو پوي. تڏهن هيءُ پهاڪو چئجي.

- قلندرن پُنيان ڪتا پيا پوڻکندا آهن.

فقير جڏهن رستي تان لنگهندا آهن ته کين ڪتا پونکندا آهن، پر هوُ ڪتن طرف ڪوبه ڌيان نه ڏيندا آهن. جيڪو ماڻهو ٻين بُرن اِنسانن جي پرواهه نه ڪري، اُنهن لاءِ چئجي.

- ستي لڪڙيُن کان موٽي ته ڪتن هاب ٿئي.

مطلب ته ستي چڪيا (باهه) ۾ پاڻ کي جلائڻ کان سواءِ جيڪڏهن واپس هلي اَچي ته اُن جي سڃي سماج ۾ بدنامي ٿيندي آهي. هِن پهاڪي جو بنياد 'ستيءَ جي رسم' تي ٻڌل آهي. اڄ ڪالهه اِهو رواج گهٽي قدر بند ٿي چڪو آهي.

- ڪُتيءَ کي ڪنهن اُماڙي ڏيکاري ته اُها تارا ڏسي ٿي ڏني.

هتي اُماڙي جو مطلب آهي جلندڙ ڪاني. ڪنهن ماڻهو جلندڙ ڪانيءَ سان ڪتيءَ تي حملو ڪيو ته هوءَ باهه جي گرمائش ۽ روشنيءَ کي ڏسي پڇي ويئي. پوءِ اُن کي روشنيءَ سان ايترو ته ڊپ لڳو جو آسمان ۾ تارا ڏسي ٻه ڀڄي پئي ويئي. پيٽيو: "ڏوڏ کا جلا چاڇ پي ڦوڪ ڪر پيتا هئ."

ٻلي:

گهٽن ئي گهَرن ۾ ٻلين کي پاليو ويندو آهي، چاڪاڻ ته اُها گهروارن کي ڪوئن جي آزار کان بچائيندي آهي. مطلب ته جنهن گهر ۾ ٻلي هوندي ته ڪوئا اُن گهر مان پڇي ويندا آهن. ٻلين جي نر کي ٻِلو چئبو آهي. ٻلين تي ڪجهه پهاڪا هن ريت آهن:

- سؤ ڪوئا کائي ٻلي هلي حج تي.

هن پهاڪي جو بنياد ٻارن جي هڪ آکاڻيءَ تي ٻڌل آهي. هڪ ٻُڌي ٻلي ڪوئن سان گڏ حج ڪرڻ ويئي، پر پنهنجي عادت موجب اُها ڪوئن کي ماري کائيندي پئي ويئي. ساڳيءَ طرح ڪو برو اِنسان

جڏھن نيڪ ٻڌجڻ جو بھانو ڪري ۽ وري برا ڪم ڪندو رھي، تڏھن ھيءُ پھاڪو چئجي.

- ٻليءَ کي خواب ۾ ڇيڇڑ.

ٻليءَ کي ڇڇر کائڻ ۾ گھڻو مزو ايندو آھي. اِن ڪري جيڪڏھن ڪنھن ھنڌ ڇيڇڑ نہ ھُجن، پر ٻلي پنھنجي ذھن ۾ اھو سمجھي تہ اِتي ڇيڇڑ ملندا. اِن ڳالھ طرف ھِن ۾ اِشارو ڪيل آھي. ساڳيءَ طرح ڪو ماڻھو تصور ۾ اھڑي ڳالھ سوچي جيڪا اُتي آھي ئي ڪانہ، تڏھن ھيءُ پھاڪو ڪتب اچي.

- ڇڪو ڇنو ٻليءَ جي پاڳين.

مطلب تہ ڇڪي ۾ ڪا ڪاڏي جي شيءِ رکي ھئي. ٻلي گھڻيئي ٽپا ڏنا تہ اُھا شيءِ ڪاوان. پر ھو ڇڪي تائين پھچي نہ سگھي. اِتفاق سان ڇڪي جي نوڙي ٽُٽي پيئي ۽ ڇڪو اچي پَٽ تي ڪريو. پوءِ تہ ٻليءَ اُن ۾ رکيل دِل پسند شيءِ کائي ڍُٺ ڪيو. جڏھن ڪنھن اِنسان کي ڪا شيءِ ملڻ جي اُميد نہ ھجي، پر اُھا اوچتو ڪنھن سبب ڪري ڪيس ملي وڃي، تڏھن چئجي.

- ڪانياري ٻِلي ڪُوئي جي جوءِ.

يعني ڍڇي ٻلي ڪُوئي کان ٻہ پئي ڍڇندي آھي.

- ٻلي شير پڑھايا، قير ٻلي ڪوُن کاوَڻ آيا.

ٻليءَ شينھن کي شڪار ڪرڻ سيکاريو، پر ڪيس وڻ تي چڑھڻ نہ سيکاريائين. شينھن جڏھن سِکي ويو تہ ھُن ٻليءَ تي حملو ڪيو. اِن تي ٻلي ھڪ دم ٽپ ڏيئي وڻ تي چڑھي ويئي. شينھن ويچارو ڏسندو ئي رھجي ويو. ڪو اِنسان جڏھن ٻئي کي ڪجھ سيکاري ۽ موت ۾ اُھو ٻيو اِنسان ڪيس نقصان پھچائڻ جي ڪوشش ڪري تڏھن ھيءُ پھاڪو چئبو آھي.

- انڌن آندو، ٻِلن چٽيو.

انڌا کاڏو کائي آيا. ھوُ جڏھن کائڻ ويٺا تہ کي ٻلا ٻہ اُتي اچي

پھتا. اُھي ٻہ اُن کاڏي مان کائڻ لڳا. پر انڌن کي اِنھيءَ جي ڄاڻ نہ پيئي. جڏھن ھڪ جي محنت جو فائدو ڪو ٻيو کڻي وڃي، تڏھن چئجي.

- نانارکي ٻلي آھي.

مطلب تہ نانارِي جي دُڪان تي وينل ٻلي آھي، جيڪا اُتي ٽيندڑ نڪ نڪِ جي آواز تي ھِري ويئي آھي. اھڑيءَ طرح ڪو ماڻھو ڪنھن ڳالھ تي ھِري وڃي اُن لاءِ ھيءُ پھاڪو آھي.

- پھرئين ئي ڏينھن ٻلي مارجي.

مطلب تہ شروعات ۾ ئي پنھنجو روعب ڏيکارجي تہ پوءِ ٻيا ماڻھو ھميشہ ھُن کان ڊڄندا رھندا ۽ ھُن جو حڪم مڃيندا. ھن پھاڪي جو بنيادُ ھڪ آکاڻيءَ تي ٻيٺل آھي. ڪنھن ماڻھوءَ شادي ڪئي ۽ پھرينءَ رات جو ئي ھن ڪوڙ ڪري پرسان لنگھندڑ ڪنھن ٻليءَ کي اھڑو تہ زور سان ڏنڊو ھنيو جو اُھا ٻلي اُتي جو اُتي مري ويئي. اِن واقعي کي ڏسي سندس زال تمام ڊڄي ويئي. ھُن سمجھيو تہ منھنجو گھوٽ تمام غصي وارو آھي. پوءِ اُھا سڃي عمر پنھنجي گھوٽ جي ڇئي ۾ رھندي ھئي.

- منھنجي ٻِلي مون کي ميائون.

پيٽيو: "ميري بلي اور مُجھ سي هي ميائون". مطلب جنھن شخص کي ڪنھن سيکاريو آھي، اُھو سکڻ کان پوءِ اُن شخص سان ئي وڙھڻ اچي، تڏھن چئجي.

- ٻلي کائيندي کين ساري، ھنگندي ساري.

مطلب تہ ٻلي کائڻ وقت لالچ ڪري گھڻو کاڏو کائي ويندي آھي. پوءِ کيس جڏھن دست لڳندا آھن، تڏھن گھڻو کائڻ تي پڇتائيندي آھي.

پاڻيءَ جا جانور:

گھڻي اھڑا ساھوارا آھن، جيڪي پاڻيءَ ۾ رھن ٿا، اُتي ئي سڃي زندگي گذارين ٿا ۽ اُتي ئي مري وڃن ٿا. اُنھن تي نھيل پھاڪن

جا ڪجھ مثال ھن ريت آھن:

مڇيون:

- ھڪ ڳندي مڇي سڄي تلاءَ کي ڳندو ڪري ڇڏيندي آھي.

مطلب تہ جيڪڏھن ھڪ ماڻھو خراب آھي تہ ھوءُ پنھنجن سيني ساڻين کي بہ بدنام ڪري ڇڏي ٿو.

- رُپئي پَلو سھانگو، پئسي پلو مھانگو.

يعني جيڪڏھن ماڻھوءَ وٽ ڳڻپ ۾ ناڻو آھي تہ پوءِ مھانگي شيءِ بہ خريد ڪرڻ ۾ ڪيس رُڪاوٽ نہ ايندي. پر جيڪڏھن وٽس پئسا نہ آھن تہ سستي شيءِ بہ ڪيس مھانگي لڳندي.

- ڪني مڇي ڪانھي جا رکئي خراب ٿي ويندي.

مطلب تہ ڪا شيءِ ماڻھو پاڻ وٽ سانڍي رکي ۽ وقت تي اُن جو لاپ ونڊي تڏھن چئجي.

- جن کاڏا پلنِ جا پيٽارا تن جا ھينڙا ويچارا.

مطلب تہ جن شاھوڪاريءَ جي وقت سنو مال ڪاڏو آھي، اُنھن کي ٿوري بہ مصيبت اچڻ تي گھٽي پريشاني محسوس ٿيندي آھي.

- مڇي بازار لڳي پيئي آھي.

مطلب تہ تمام گھٽو گوڙ لڳل آھي.

- مڇيءَ موتُ، ميئي شڪار.

مھاڻا تہ شڪار ڪري مڇيون ماري گذران ڪن ٿا، پر ٻئي طرف اِھو مڇين جي لاءِ، موت ثابت ٿئي ٿو. پيٽيو: "مرُوئان مؤت، ملوڪان شِڪار".

- جيڪي ڏسي ڇار، سو جي ڏسي مھاڻو، تہ ڦاٽي مري.

مطلب تہ ندين يا سمنڊ ۾ مڇيون ڦاسائڻ لاءِ جڏھن مھاڻو ڇار وجھي ٿو تہ اُن ۾ گھڻيئي مڇيون ڦاسي وڃن ٿيون، پر جڏھن ھُو ڇار کي ڇڪي ٻاھر ڪڍي ٿو، تڏھن ان جي سوراخن مان گھڻيئي ننڍيون مڇيون کسڪي ٻاھر نڪري وڃن ٿيون.

- پلو سيري کان بہ پلو، سيري ۾ نہ ساءُ،
پلو گوڏا کوڙي کاءُ.

سنڌ جي علائقي ۾ سنڌوندين ۾ پيدا ٿيندڙ پلو تمام سوادي ٿيندو آھي. اُن جي ساراھ ۾ ھيءَ چوٽي نھيل آھي.

- مڇيءَ کي ٿو ترڻ سيکاري.

يعني جيڪو ماڻھو ڄائي ڄم کان ونئي فطري طرح ھنر يا فن ڄاڻي ٿو، ان کي وڌيڪ ٻيو ڇا سيکاربو؟

واگھُو (واڱُوُن):

- واگھوءَ جي وات ۾ پيو آھي.

مطلب تہ سڄو ڏينھن پيو وھي ۽ محنت ڪري.

- رھي ٿو درياءَ جي ڪپ تي ۽ رکي ٿو واگھن سان ويڙ.

يعني زوراور ۽ ڏاڍي ماڻھو جي پڙ ۾ رھي، ان سان جيڪڏھن دشمني ڪبي تہ اُن مان پاڻ کي ئي نقصان رسندو. پيٽيو: "جل ۾ رھہ ڪر مگر سي بئر."

- منگر مڇ جا آنسوُن آھن.

مطلب تہ ڪوڙو ڏُک ظاھر ڪرڻ.

ڏيڏرُ:

- ڪوھ جي ڏيڏري ڪَڇي پيئي اُپ.

يعني ڪوھ جي ننڍي دائري ۾ رھندڙ ڏيڏري جيڪڏھن آسمان ڏانھن نھارينديِ تہ ان کي اُپ جو فقط ٿورو ئي حصو نظر ايندو، پر ھوءَ ايئن ٿي سمجھي تہ اُپ جو دائرو ايترو ئي آھي، جيترو اُن کي نظر اچي ٿو، پر اِھا حقيقت نہ آھي. ساڳيءَ طرح ٿوري ڄاڻ رکندڙ جيڪڏھن پاڻ کي عظيم عالم سمجھي تہ اُھو بہ ڪوھ جي ڏيڏر وانگر آھي. ھن پھاڪي جو بنياد سنسڪرت جي سماس "ڪُوپَ- مَڈُوکَ" (ڪوھ جو ڏيڏر) تي بيٺل آھي.

ڪَيُئون:

- ڪيُئون جي چال اٽس.

يعني ڪيڻئون تمام ڏيمي چال سان هلندو آهي. ڪو ماڻهو جيڪڏهن تمام آهستي هلي يا ڊرو ڪم ڪري، تڏهن ڪيس ٽوڪ وچان ايئن چوندا آهن.

- ڪُميءَ وانگر پيو پاڻيءَ ۾ تڙڳي.

مطلب ته ڪو ماڻهو جڏهن گهٽو وقت نديءَ يا تلاءَ ۾ پيو تري تڏهن ڪيس چوندا آهن.

پکي

پکي ٻن قسمن جا آهن: هڪڙا شهري (جيئن ته طوطو، ڪبوتر) ۽ ٻيا جهنگلي (جيئن ته باز، ڪُجهه، اُلو يا چبرو.) ڪن شهري پکين کي ماڻهو شوق وچان پالي گهر ۾ پنجري ۾ بند ڪري رکندا آهن. پکين تي به گهڻي ئي پهاڪا نهيل آهن. اُنهن مان ڪجهه چوند پهاڪا هتي ڏجن ٿا.

- هنجن سان ريس ڪري اُڏاڻي ڇڙي.
ڇٽو هئس ڇُهنب ۾ سو به پيُس ڪَري.

جڏهن ڪو ماڻهو پاڻ کان وڌن سان ريس ڪري ته کيس نقصان رسندو. اهڙن شخصن لاءِ هيءُ پهاڪو چيل آهي.

- اَب پڇتائي ڪيا هوت، جب چڙيان چُگ گئين کيت.

مطلب ته ڪا ڪَالهه جڏهن هٿن مان نڪري وجي ۽ اُن کي سُڌاري نه سگهجي، تڏهن هيءُ پهاڪو ڪتب آڻبو آهي.

- سياڻو ڪانءُ ٻه ٽنگو ڦاسي.

جڏهن ڪو ماڻهو گهڻي سياڻپ ڏيکاري ۽ پوءِ اُلٽو ڦاسي پوي تڏهن هيءُ پهاڪو ڪتب ايندو آهي.

- ڪانءَ کي لُڙ ۾ مزو.

يعني هڪڙو ڪانءُ ڪان ڪان ڪندو ته ٻيا ڪانءُ ٻه ساڳيو سُرُ ڪيڏندا آهن. اِن حالت تي هي چوٽي ٺهي آهي.

- جهڙا ڪانگ تهڙا ٻچا.

مطلب ته جهڙو خاندان هوندو تهڙو ئي اولاد پيدا ٿيندو.

- مور سڀ مري ويا باقي رهيا ڪانگ.

جڏهن سنت (صوفي بزرگ) ماڻهو ۽ سُنا ماڻهو ڪنهن هنڌن هليا وجن ۽ اُتي باقي چور ۽ ٺگ وجي بچن، تڏهن چئجي.

- ڏاهو ڪانءُ، گوُنهن ڪائي.

پيٽيو: "سيانا ڪوئا گوُهه ڪائي". مطلب ته ڪو گهٽي سياڻپ ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪري ۽ پوءِ ڪيس نقصان رسي تڏهن چئجي.

- چورن مٽان مور پيا، اَڌ ورهائي ڪٽي ويا.

جڏهن چورن جي چوريءَ مان ٻيا ڪي سياڻا حصو ڪٽي پڄي وجن، تڏهن چئجي.

- مور گهٽي ئي سُنو، پر سندس پير ڏٺگا.

مور هڪ سهڻو پکي هوندو آهي، پر هن جا پير ڏٺگا يا ٽيڏا هوندا آهن. اِن حقيقت تي اِها چوٽي ٺهي آهي. مطلب ته جڏهن ڪو ماڻهو سڄو ڪم سُنو ڪري پر اُن ۾ ڪا ننڍڙي گهٽتائي رهجي وجي، تڏهن چئجي.

- جنگل ۾ مور ناچا ڪس ني ديکا؟

مطلب ته ماڻهو سُنسان يا اڪيلي هنڌ تي رهي ڪري ڪيترا به سٺا ڪم ڇونه ڪري، پر هن جو قدر ڪرڻ وارا اُتي موجود نه آهن ته پوءِ هُن ماڻهوءَ کي جَسُ نه ملندو.

- گهر جي مرغي دال برابر.

يعني پنهنجي گهر جي ماڻهوءَ جو ڪو قدر نه ٿيندو آهي، چاهي

هو ڪيترو به پھتل شخص ڇونہ هجي. پيٽيو: "گھر ڪا جوڳي جوڳيڙا، آن گانوَ ڪا سِڌ." ۽ "گھر جو پير، چلھ جو مارنگُ".

- ڪُڪَڙ ڪوريءَ جو پر نانءُ وڌيري جو.

ڳوٺن ۾ وڌيري يا زميندار تماشي لاءِ ڪُڪڙ وڙھائيندا آھن. هو ڪُڪُڙ ٻين کان گھُرائي اُنھن کي وڙھائيندا آھن، جنھن ۾ گھٽو ڪري ڪيترا ڪُڪُڙ زخمي ٿي پوندا آھن. اِن قسم جي لڙائيءَ ۾ جنھن زميندار جو ڪُڪُڙ ڪٽندو آھي، اَن جي واھ واھ ٿيندي آھي. اِن حالت تي هيءُ پھاڪو ٺھيو آھي. "پيٽيو: "لڙي سپاھي، نام سردار ڪا."

- ڪُڪُڙ پھرين يا آنا.

مطلب تہ اجايو بحث ڪرڻ. جنھن ڳالھ جو ڪڏھن به فيصلو نہ ڪري سگھجي. جيئن تہ پھرين ڪُڪُڙ پيدا ٿي يا پھرين آنا ٿيا، اِن ڳالھ جو فيصلو ڪرڻ اَڄ به مشڪل آھي. رواجي طور سان ڪُڪَڙ آنا ڏيندي آھي، جنھن مان ٻيا ڪُڪُڙ ۽ ڪُڪڙيون پيدا ٿيندیون آھن، پر سوال اِھو آھي تہ پھرين آنو ڪيئن ٿيو يا پھرين ڪُڪِڙ ڪڏھن ٿي؟ بنا ڪنھن نتيجي تي پھچڻ وارو اِھو بحث اجايو آھي.

- مرغو ٻانگ نہ ڏيندو تہ ڇا صبح نہ ٿيندو؟

مطلب تہ پريات يا اَسُر جو وقت پنھنجي قدرتي نموني سان ٿيندو آھي. اُن جو مرغي جي ٻانگ ڏيڻ سان ڪوبہ واسطو نہ آھي. جڏھن ڪو ماڻھو پاڻ کي وڏو سمجھي ايئن چئي تہ هن کان سواءِ ڪو ڪم نہ ٿي سگھندو، پر حقيقت ۾ هُن جو ڪوبہ وجود نہ هجي، تڏھن هيءُ پھاڪو ڪتب آڻبو آھي.

- ٻُڌيو طوطو به ڪڏھن رام رام پڙھيو؟

مطلب تہ جيڪو ننڍي هوندي نہ سکندو، سو وڏو ٿي سِکي نہ سگھندو.

- تِتِر ڏيکاري پتر ڏيڻ.

يعني ڪنھن کي سؤدي يا واپار ۾ نڦڻ. سني شيءَ ڏيکاري

ڪيس خراب شيءِ ڏين تا.

- اڌ تِترُ اڌ بٽير.

يعني الڳ الڳ قسم جي بناوٽ هئڻ. پيٽيو: "ڏڙ ريڍو، سِسي ٻاکري."

- ماڻھو مڙيئي نہ سھڙا، پکي مڙيئي نہ هنج،
ڪنھن ڪنھن ماڻھوءَ منجھہ، اچي بوءِ بھار جي.

يعني سيئي ماڻھو سُھِڻا ۽ سُني سُياوَ وارا نہ هوندا آھن. سيئي پکي هنجن وانگر سھڻا نہ هوندا آھن. اھڙا ماڻھو تمام ورلي آھن جن مان بھار جي خوشبو ايندي آھي. مطلب تہ گڻوان (گڻن وارا) ٿورا هوندا آھن. پيٽيو: "آدمي آدمي اَنتر، ڪوئي هيرا ڪوئي ڪنکر".

- سِرڻ جي آکيري مان آنا لاھي ٿو اُچي.

مطلب تہ اھڙو هوشيار آھي، جو مشڪل ڪم به سني طرح پورو ڪري ٿو وٺي.

- سِرڻ جي آکيري ۾ ماس ڪٽي؟

مطلب تہ سِرڻ شڪار ڪري پنھنجي آکيري ۾ آڻي اُن جو گوشت کائيندي آھي. هو ڪجھہ به بچائي نہ رکندي آھي. هيءُ پھاڪو اُن ماڻھوءَ طرف چئبو آھي، جيڪو ڪجھہ به بچائي نہ رکندو آھي ۽ سڀ پيسو عيش عشرت ۾ ختم ڪري ڇڏيندو آھي.

- ايئن اُچي مِڙيا آھن، جيئن ڳڇھون ڏُونڊ ٿي.

يعني جيئن ڪنھن مُئل جانور جي لاش تي ڳڇھون اچي ڪنيون ٿيندیون آھن تيئن اچي ماڻھو ڪنا ٿيا آھن.

- ٿيٽيھر واري ٽين ٽين لڳي پيئي آھي.

مطلب تہ جيڪو ماڻھو گھٽيون ٻٽاکون هڻي، پر ڪجھہ به ڪم ڪري نہ ڏيکاري، تنھن لاءِ چئبو آھي.

ٻيا جيت جٽيا ۽ نانگ بلائون

گھٽن ئي قسمن جا ٻيا جيت جٽيا ھوندا آھن. ڪي زھريلا، جيئن تہ وڇون ۽ نانگ بلائون؛ ٻيا رت پياڪ، جيئن تہ مُنگھڻُ، جؤر، مڇر، جونئن، وغيرہ. ٽئين قسم جا جيت اُڏامندڙ ٻہ ھوندا آھن. مثال طور: مکِ، پتنگو، پؤنر، مڪڙ، پوپٽ. انھن تي ٿھيل ڪجھ پھاڪا ھيٺ ڏجن ٿا:

- ڄاڻي وڇوءَ منڊُ ٻہ ڪونہ،
  ھٿُ وجھي ٿو نانگن جي ٻر ۾.

يعني ھن ڪي وڇوءَ جي زھر لاھَڻ جو منتر ٻہ ڪونہ ٿو اچي ۽ نانگن ڪي قاسائڻ جي ڪوشش پيو ڪري. جڏھن ڪنھن ماڻھوءَ ڪي ننڍي ڪم ڪرڻ جو ٻہ علم نہ ھجي ۽ ھوُ وڏا ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري، تڏھن ايئن چئجي.

- وڇون وانگر ھرڪنھن کي پيو ڏنگي.

مطلب تہ ھن جو سياڻ اھڙو آھي جو سينءِ کي پيو ستائي. وڇوءَ جي ڪنھن سان ٻہ دشمني نہ ھوندي آھي، پر ھن جي عادت اھڙي آھي جو جيڪا ٻہ شيءِ ھن جي ويجھي ھوندي، تنھن کي پيو ڏنگ ھڻندو.

- ٻہ مُنھين بلا آھي.

مطلب تہ تمام خطرناڪ اِنسان آھي.

- نانگ نڪري ويو، ليڪو پيو ڪُٽجي.

مطلب تہ ڳالھہ ختم ٿي ويئي، ھاڻي فقط اُن جي پچار پيئي ھلي.

- نانگن کي پيو کير پياري.

يعني دشمن کي پيو پالي. جڏھن ڪو ماڻھو اھڙي ماڻھوءَ سان دوستي رکي، جيڪو ھن کي نقصان پھچائيندو آھي، تڏھن ھيءُ پھاڪو ڪتب آڻيو آھي.

- نانگُ ٻہ مري، لٺ ٻہ نہ ڀڃي.

يعني دشمن ٻہ ناس ٿئي، پر پاڻ کي ڪوبہ نقصان نہ رَسي.

- سپُ نہ ماري، سپ جو سراپ ماري.

ڪنھن کي چاھي نانگ چڪ نہ ٻہ پاتو پر ھو ڊپ وچان سمجھي تہ نانگ ھُن کي چڪ پاتو آھي ۽ اِنھيءَ ڊپ جي ڪري مري وڃي. اِن حالت تي ھيءُ پھاڪو بينل آھي.

- ڪوريئڙو پنھنجي ئي ڄار ۾ ڦاسندو آھي.

مطلب تہ ڪو ماڻھو اھڙا گھٽا ڪم ڪري جو اُنھن مان نڪرڻ ھُن جي لاءِ مشڪل ٿي پوي، تڏھن ايئن چئجي.

- يَتِ جو ٽِنڊِڻُ آھي.

يعني اھڙو ماڻھو آھي جو ھڪ ھنڌ وينو آھي، ڪيس دنيا جو آزمودو گھٽ آھي.

- اَنِين پيڙھي اُڻُ ۽ ماڪوڙو ماسات.

مطلب تہ جيڪڏھن ڪِنِ ماڻھن جي پاڻ ۾ مٽي مائٽي جاڇبي تہ ڪِٽي نہ ڪٽي سندن رشتو ضرور ملي ويندو.

- جؤر وانگر چنبڙي پيو آھي.

جؤر کي ھنديءَ ۾ "جونڪ" چوندا آھن. ھو ماڻھو رت پيئڻ وقت ماڻھوءَ کي ايترو تہ پُختو چنبڙندي آھي جو مري ٻہ ويندي پر نہ ڇڏيندي.

- ڇڇڙ ٿي لڳو آھي.

ڇڇڙ ھڪ ٿنڊو جيت آھي، جيڪو جانورن کي چنبڙي اُنھن جو رت پيئندو آھي. اُن کي زور سان ڇڪبو آھي تہ ٻہ نہ ڇڏيندو آھي.

- گنجي جي مٽي ۾ نہ ڪا جونءَ نہ ڪا ليک.

مطلب تہ جيڪڏھن ڪنھن جي مٽي تي وار نہ آھن تہ پوءِ ھن کي جونءَ يا ليک جي شڪايت نہ ٿيندي. يعني جڏھن ڪو بنيادي مسئلو ئي نہ آھي تہ پوءِ اُن جي فڪر ڪرڻ بيڪار آھي.

- ککر (ڏينيو) ۾ ٿو کلو ھٽي.

ککر جي ماناري تي ٿو پِتر اُجلي. يعني جاٽي واٽي مصيبت ۾ پوڻ جا ڪم ٿو ڪري.

- جِتي ماکي تِتي مکِ.

يعني جتي ڪا منهنجي شيءِ هوندي اُتي مکيون ضرور ايندیون. جتي ڪنهن ڪم ڪرڻ سان فائدو ملڻ جي اُميد هوندي آهي، اُتي سڀ ماڻهو اچي ڪٺا ٿي ويندا.

جانورن، پکين ۽ جيتن سان تعلق رکندڙ عام پھاڪا:

آخر ۾ هتي ڪجھ اھڙن پھاڪن جا مثال ڏجن ٿا جن جو واسطو ڪنهن خاص جانور يا ساهواري سان نہ آهي، پر اُهي اِنهي گروھ ۾ شامل ڪري سگھجن ٿا. جيئن تہ:

- ڏڻ تہ ڏڻي، نہ تہ وِکڻُ ڪٽي.

يعني ڏِڳين مينهن جو جيڪڏھن ڏڻ آهي تہ اُن جي سنڀال ۾ ڪرٽي پوندي. نہ تہ سندن مالڪ کي نقصان ٿيڻ جو اِمڪان هوندو آهي.

- ڏڏو ڪير ٽُٽين نہ پوي.

جيئن ڏِڳين يا مينهن جو ڏڏل ڪير واپس ٽٽن ۾ نہ پوندو آهي، تيئن زبان مان نڪتل ڪوڙ لفظ وري واپس نہ ٿيندو.

- ڏُبري ڏور کي مچر گھٽا.

يعني ڪمزور ماڻهوءَ کي بيماريون وڌيڪ ٿين ٿيون.

- ڏُبري ڏور جو ڏڻي سويل ئي پلاٽي.

يعني جيڪو ماڻهو ڪمزور جانور تي سواري ڪري رهيو آهي، تنهن کي گھُرجي تہ هو اوندھ ٿيڻ کان اڳ ئي پنهنجو سفر سوير شروع ڪري.

- جيڪو چَري سو نہ مري.

جيڪو جانور چگيءَ طرح گاھ وغيره کائي ٿو، اُهو هميشہ تندرست رهندو. يعني کائڻ پيئڻ ۾ شرم نہ ڪرڻ کپي.

- ماريءَ جي گھر ھڏن جو ڍير.

شڪاري پکين، جانورن وغيره کي ماري پنهنجي گھر ڪٽي ايندو آهي. هو جانورن جي ڪل لاهي وڪڻندو آهي ۽ اُنهن جو گوشت ۽ کائي يا وڪڻي ڇڏيندو آهي. باقي هڏن جو ڍير وجي وٽس بچندو آهي.

- جو چُڳي سو ٺڳي.

يعني جيڪو پکي چُڳي چگيءَ طرح پيٽ پري ٿو، اُهو گھٽو وقت جيئي ٿو.

هتي ڏنل مثالن مان صاف ظاهر آهي تہ اِنسان پنهنجي زندگيءَ ۾ جانورن، پکين، جيتن وغيره جي وهنوار مان ۽ آزمودو ونڊي گھٽي ئي پھاڪا، چوٽيون، محاورا وغيره ناهيا آهن. اُنهن جو هُن ادب ۾ سھڻي نموني استعمال ڪيو آهي. اِن قسم جا پھاڪا جيڪڏھن اسين تفصيل طور ڪٺا ڪريون تہ هڪڙو وڏو ادبي ذخيرو نھي پوي.

5.4 ڪيتي ٻاڙيءَ، پوک ۽ آناج متعلق پھاڪا:

اِنسان باندرن واري دؤر مان گذري، جڏھن سمجھ ۽ عقل وارو ٻڌيو، تڏھن کان سندس لاڳاپو کيتيءَ سان رهيو آهي. شروع شروع ۾ هوُ قدرتي طور سان پيدا ٿيل ڦل. ڦول، ميوا، گاھ وغيره. واهپي ۾ آڻيندو هو. آهستي آهستي اِنسان کي زمين ۾ پوکيل شين جي ڄاڻ پيئي ۽ گڏوگڏ جانورن جي خوبين کان ۽ واقف ٿيو. اِن کان پوءِ هو جانورن جي مدد سان کيتي ڪرڻ لڳو. لوھ جي اوزارن کي ۽ استعمال ۾ آڻڻ لڳو. انيڪ فصلن جي ڄاڻ ٿيڻ لڳي. زمين ۽ موسم جي باري ۾ آزمودا ٿيڻ لڳس. آهستي آهستي کيتي ۽ پوک جو ڪم ماڻهن لاءِ هڪ خاص ڪم ٿي ويو ۽ اُنهن جي جيئڻ جو آڌار پِڻ ٻڌيو. هڪ خاندان جا سڀيئي ڀاتي اِن ڪم ۾ شريڪ ٿي ويا. وقت گذرندو ويو، اِنسان کي کيتيءَ بابت آزمودا ٿيندا ويا ۽ اُنهن جي آڌار تي پھاڪن جو جنم ۽ ٿيندو ويو. اهي سڀيئي ڳالهيون ننڍي ڪنڊ جي تاريخ سان پڻ لاڳو ٿين ٿيون. اَڄ ڏينهن تائين هتي جيڪا

جھوني ۾ جھوني تھذيب ملي ٿي سا آھي سنڌو تھذيب يا ھڑاپا جي تھذيب. ھي تھذيب سنڌوندیءَ جي ڪناري تي وڌي ۽ ويجھي. اِنھيءَ آڌار تي جيڪڏھن چئجي تہ سنڌ جي رھاڪن سيني ڪان پھرين ڪيتي ٻاڙيءَ جي ھنر جي ايجاد ڪئي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو. گھٽن ئي عالمن پنھنجن ويچارن ۾ پڌرو ڪيو آھي تہ سنڌ جي رھاڪُن ڪي ڪٽڪ، چانور ۽ ٻئي قسم جي اَناج ۽ ميوي جي ڪيتيءَ جي ھنر جي ڄاڻ حاصل ھئي. نہ رڳو ايترو، سنڌو ماڻريءَ ۾ 'موئن جو دڙو' ۽ ھڑاپا نالي ھنڌ تي اَناج رکڻ لاءِ وڏا وڏا گدام ٻہ ملیا آھن. چوڻ جو مطلب آھي تہ پارت سنڌو ماڻري جي تھذيب واري وقت کان ونی ھڪ ڪيتيءَ وارو ملڪ رھيو آھي. پارت ۾ ھر ڏھن سالن ۾ ٿيندڙ آدمشماريءَ جي ڳڻپ موجب اجا تائين ٻہ پارت جا ستر سيڪڙو ماڻھو ڪيتي ٻاڙي (ٻني ٻارو) ڪندا اھن. پارت جي مذھبي ڪتابن ۾ ٻہ ڪيتيءَ جي اھميت، عظمت جي ڳالھہ ڪئي ويئي آھي. "پاراشر سمرتيءَ" ۾ چيل آھي تہ:

- ڪرشيرنتمو ڏرمونَ لَپيت ڪرشِتو انيت ھَ،
نہ سُڪن ڪرشتو انيَتر يدي ڏرميڙ ڪرشت.

(5 . 185)

مطلب تہ ڪيتيءَ جي برابر ٻيو ڪو ڏرم (فرض) نہ آھي ۽ اُنھيءَ وانگر فائدي وارو ٻيو ڪوبہ ڏنڌو نہ آھي. جيڪڏھن ڏرم مطابق ڪيتي ٻاڙي ڪئي وجي تہ انھيءَ کان وڌيڪ خوشيءَ واري ٻي ڪابہ ڳالھہ ڪانھي.

'پاراشر سنھتا' ۾ انسان جي زندگيءَ ڪيتي، اناج ۽ ڪيتي ڪندڙ ھارين جي ضرورت تي ھڪ ھنڌ چيل آھي تہ:

- سُورٹرؤ پيَما ٹِڪيوَ سنئيرپ پوُرِتا،
تٹاپ پرار ٹينتييوَ ڪرشڪان پڪتترشٹيا.

يعني سون، چاندي، ماڻڪ، موتي، ڪپڑا وغيره ھوندي بہ ماڻھن کي ڪاڌي جي شين لاءِ ھارين کي عرض ڪرڻو پوندو آھي.

جيئن پارت جي ٻين صوبن ۾ ڪيتيءَ بابت پھاڪا مشھور آھن، تيئن سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ ڪيتيءَ سان لاڳاپو رکندڙ گھڻيئي پھاڪا ملن ٿا. ڪيتيءَ بابت جيڪي بہ آزمودا ماڻھن کي ٿيا، اُھي پھاڪن جي شڪل ۾ بہ محفوظ آھن. اِھو ئي سبب آھي جو زراعت ۽ جيوتش علم نجوم جي ڄاڻ بغير بہ پھاڪن جي مدد سان ساڌارڻ عام ھاريءَ کي ڪيتيءَ بابت گھڻين ئي ڳالھين جي ڄاڻ ملي وجي ٿي. جيڪو ھاري سڪيا جي نالي تي 'الف' اکر جي ڄاڻ بہ نہ ٿو رکي، ڪيس ڪيتي بابت پھاڪا زباني ياد ھجن ٿا. اھڑيءَ ريت ھُو پھاڪن ۾ لکل ڪيتي بابت آزمودن مان فائدو کڻي ٿو. عام ڳالھہ ٻولھہ ٻولي ننڍن ننڍن گفتن ۾ ھئڻ ڪري پھاڪا ھرڪنھن کي سولائيءَ سان ياد ٿي وجن ٿا.

سنڌي پھاڪن ۾ ڪيتيءَ جو ذڪر وڏي تعداد ۽ مختلف موضوعن ھيٺ ٿيو آھي. اوائلي دؤر کان ئي 'ڪيتي' لفظ ۾ ھاري، ڪيتيءَ جا اوزار ۽ ڪيتيءَ جي ڪمن جيئن تہ جوٽ، پوک، گُڈ، ڪٽاڻي، ٻِجُ، ڇٽڻ وغيره جو اظھار ٿيندو رھيو آھي. ڪيتيءَ بابت پَھاڪن کي ھيٺين ريت ورھائي سگھجي ٿو:

(1) ڪيتيءَ جي اھميت
(2) ڪيتيءَ جو طريقو
(3) زمين جا قسم
(4) ھاري
(5) ڪيتيءَ ۾ مددگار جانور
(6) ڪيتيءَ ۾ مددگار اوزار
(7) ڪيتيءَ ۾ مددگار ٻيون شيون.
(8) فصل ۽ اَناج.

ڪيتيءَ جي اھميت:

صدين کان ڪيتي ھن ملڪ جي روزي روٽيءَ جو ھڪ مکيہ ذريعو رھي آھي. ھارين ھن ماڻڪ موتي ڏيندڙ ڏرتيءَ تي ھر ھلائي اَناج کي دعا ۽ پيار جي شڪل ۾ حاصل ڪيو آھي. ھيءُ اناج ئي انسانن جي کاڌي

جي وڌي ضرورت کي پورو ڪري ٿو. سنسڪرت ۾ ڪيتيءَ بابت چيل آهي تہ:

- ڪرشِن ڪروتِ، ايڪن دوي ڪروتِ.

مطلب تہ ڪيتي ڪرڻ وارا ڏرتيءَ ۾ هڪ ٻج کي پوکي، اُن کي وڌائي اناج جي ٻِن يا گھڻن ئي داڻن ۾ پيدا ڪن ٿا.

ڪيتيءَ جي اهميت کي پوڄپوري ٻوليءَ جي هڪ پهاڪي ۾ هن ريت ڏيکاريو ويو آهي:

- اُتم کيتي، مڌيم بان، نِکِد چاڪري، بيک نِدان.

يعني اِنسان جي زندگيءَ ۾ سڀني کان سُٺو ڪم کيتي ڪرڻ آهي. اُن کان پوءِ واپار ڪرڻ آهي. اِنسان کي چاڪري يا نوڪري نہ ڪرڻ گھرجي ۽ بيک يا پنڻ تہ صفا ڪِريلُ ڪمُ آهي.

سنڌي پهاڪن ۾ ڪيتيءَ جي اهميت هن ريت نظر اچي ٿي:

- اُتم کيتي، وڏندڙ واپار، نيچ نوڪري، پنڻ بيڪار.[9]

کيتي آهي پگھر ۽ پورهئي جو ڪم، پر اِهو سڀ کان سٺو آهي. واپار ڪرڻ سان ماڻھو شاهوڪار ٿئي ٿو. نوڪري آهي غلامي ۽ پنهنجو نصيب وڪڻڻ. پنڻ سڀ کان بيڪار ۽ بي- عزتيءَ وارو ڪم آهي.

- کيتي سِر سيتي.

کيتي مالِڪ جي نظرداريءَ هيٺ ئي فائديمند آهي. ٻئي جي پروسي تي کيتيءَ جو ڪم ڪرڻ سان نقصان ٿيندو آهي. کيتي پاڻ ئي ڪرڻ گھرجي ۽ اُن مان ٻئي ڪنهن تي پروسو ڪري هن کي حصو نہ ڏيڻ گھرجي. پيٽيو: "کيتي ڏٽِيا سيتي". (راجستاني)

9. ڪٽي ڪٽي هيءُ پهاڪو هيٺين ريت ٻہ پڙهيو ويندو آهي:
- اُتم کيتي، وڏندڙ واپار، نيچ نوڪري، پنڻ بيڪار.
ساڳئي مطلب طرف اشارو ڪندڙ ٻي چوٽي آهي:
- ڏن کيتي، ڏِڪ چاڪري.
پر ڪِٽي ڪِٽي هن ڳالھ جي مخالفت ٻہ ملي ٿي. جيئن تہ:
- ڪرمهين کيتي ڪري، بَلَدَ مري يا ٽوٽا پڙي.

مٿي ڏنل ٻنهي پهاڪن بابت عبدالڪريم سنديلو پنهنجي ڪتاب 'پهاڪن جي پاڙ' ۾ ڪهاڻي هن ريت ڏني آهي:

چون ٿا تہ هِڪڙي زميندار کي ڪا پٿر جي پٽي هٿ اچي ويئي، جنهن تي اِها عبارت نقش ٿيل هئي: 'اُتم کيتي، وڏندڙ واپار، نيچ نوڪري، پنڻ بيڪار'. آزمائش ڪڍڻ ٻہ پوک جي نظرداري نہ ڪيائين. اُلٽو هو عيش عشرت ۾ وقت گذارڻ لڳو. ايهو ٻہ نہ ڏٺائين تہ پوک ۾ پورو پاڻ آهي يا نہ ۽ پورو پاڻي ملي ٿو يا نہ؟ نتيجو اِهو نِڪِتو جو هو وڏي نقصان هيٺ اچي ويو. پنهنجو اِهو حال ڏسي هُن پٿر کي غصي وچان زور سان زمين تي ڦٽو ڪيو. هُن سمجهيو تہ پٿر تي لکيل کيتيءَ بابت ڳالھ غلط آهي. پر تڏهن هُن زميندار جي نظر پٿر جي ٻئي پاسي تي پيئي، جيڪو هُن پهرين نہ ڏٺو هو. اُتي لکيل هو: 'کيتي سر سيتي'. اِهو لفظ پڙهي اُهو زميندار ڏاڍو ڦڪو ٿيو ۽ پنهنجي عيش عشرت کان هڪدم باز آيو ۽ چوڻ لڳو تہ "ڏوھ منهنجو آهي ۽ نہ ڪي هُن پٿر جو."

- ڪُني ڦُرائجي، ٻني نہ ڦرائجي.

مطلب تہ واپار ۾ دوستيءَ جو لحاظ نہ رکڻ کپي. هڪ ٻئي کي کارائڻ پيارڻ ۾ ڪمي نہ ڪجي، پر جيڪڏهن کيتي ٻاڙيءَ جو سوال هجي تہ شرم نہ ڪرڻ گھرجي.

- اَن پَلي، ذات پلي.[1]

کيتيءَ کي وڏي اهميت عطا ٿيل آهي. آڳاٽي زماني ۾ جن وٽ اَن سان پريل پَلي هوندي هئي، تِن کي شاهوڪار ۽ اوچي نسل جو ليکيو ويندو هو.

- ڪرم هِيڻ کيتي ڪري، بلد مري يا ٽوٽا پڙي.

کيتي ڪرڻ سڀ ڪم آهي، پر اِهو ڪم ماڻھوءَ جي محنت کان سواءِ ٻين قدرتي ڳالھين تي ٻہ ٻيڻل آهي. جيئن تہ زمين جي خاصيت،

1. پَلي: اَنُ رکڻ جي جڳھ، جيڪا ٽوئن ۽ پِڇرِن سان ناهي ويندي آهي.

برسات، کيتي ڪرڻ واري زمين جي ايراضي موسم وغيره. ماڻھو پنھنجي کيتن ۾ محنت ڪري پوک ڪندو آھي، پر جيڪڏھن وقت تي ضرورت موجب برسات نہ پيئي، يا فصل کي ڪي قدر جيت لڳي وڃن، ٻوڏ اچڻ سان فصل برباد ٿي وڃي وغيره اھڙا ڪيترائي سبب ٿي سگھن ٿا، جنھن ڪري فصل برباد ٿي سگھي ٿو. اِن ڪري کيتيءَ ۾ لاپ ملڻ ۽ ماڻھوءَ جي ڪم يا قسمت تي بينل آھي. پر کيتي ڪندڙن لاءِ اِھو نقصان برداشت ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪو رستو نہ ھجي ۽ اُنھن کي وري ٻئي دفعي ۽ کيتي ڪرڻي پوي، تڏھن ايئن چئجي. بدنصيب ماڻھو کيتي ڪري تہ ڪڏھن ھُن جو ڏاند مري وڃي تہ ڪڏھن فصل سنو نہ ٽيڻ ڪري کيس نقصان رسندو آھي.

- چڙيون چُگي وڃن کيت، پوءِ پڇتائي چا ڪبو؟

ھيءُ پھاڪو گھڻين ئي ٻولين ۾ ملي ٿو. ھن ۾ نصيحت ڏنل آھي تہ وقت ۽ موقعي کي ڪڏھن وڃائڻ نہ ڪپي ۽ کيتيءَ تي يعني ٻنيءَ تي، ھميشہ نظرداري رکڻ ڪپي. اِنھيءَ لاءِ کو اُپاءُ ڪري جھڙِکِيُن کان پنھنجي کيتي. کي بچائي رکڻ لاءِ پھرين کو بندوبست ڪري رکجي. پيٽيو: "اَب پڇتائي کيا ھوت جب چڙيان چُگ گئي کيت."

کيتيءَ جو طريقو:

ھرھڪ ڪم کي ڪرڻ جو ڪونہ کو طريقو ھوندو آھي. جيڪڏھن صحيح طريقي سان ڪم ڪبو تہ اُن ۾ فائدو ٿيندو، پر جيڪڏھن اُھوئي ڪم غلط طريقي سان ڪبو تہ ڪرڻ واري کي اُن ۾ نقصان رسندو. وقت گذرندي کيتي ڪرڻ جي طريقن ۾ بہ ڦيرو اچي ويو آھي. سائنسي طريقي سان ۽ نوَن اوزارن جي مدد سان کيتي ڪرڻ ڪري فصل گھڻو پيدا ٿيڻ لڳو آھي. ھينئن سنڌي پھاڪن ۾ کيتي ڪرڻ جي طريقن تي روشني پوي ٿي:

- پوکين تان کي پوک، جيسين پاڻي اٽيئي ٻار ۾.

مطلب تہ پاڻي سُکي وڃڻ بعد پوک ڪانہ ٿي سگھندي آھي. اِن ڪري وقت سر ڪم ڪري ڇڏڻ گھرجي. ٻي معنيٰ آھي تہ اِنسان کي پنھنجي جوانيءَ ۾ ئي سُنا ڪم ڪري ڇڏڻ گھرجن. ٻُڌاپي ۾ ڪجھ ڪري سگھڻ جي قوت نہ ھوندي آھي.

- پوکجي ڪَٽو، تہ ٿي پوي گھٽو.

کيتيءَ يا فصل جو سڃو دارومدار ٻج تي ھوندو آھي. ھڪ ٻج مان ئي گھٽو اَنُ پيدا ٿي سگھندو آھي. اِن ڪري سنو فصل حاصل ڪرڻ لاءِ سني قسم جو ٻج پوکڻ تمام ضروري آھي. ھيءُ پھاڪو کيتي جي ڪم ۾ برڪت ٽيڻ جي ڳالھ طرف بہ اِشارو ڪري ٿو.

- ڪٽڪ ڪڍي ٻُھ کي ڏجي باھ.

ڪٽڪ جڏھن پچي تيار ٿي ويندي آھي تہ سنگن مان اَنُ کي چنڊي الڳ ڪبو آھي، پوءِ جيڪا ٻُھُ (يعني ٿُھُ) نڪرندي آھي اُن کي باھ لڳائي ناس ڪري ڇڏبو آھي. ايئن نہ ڪرڻ سان ٻُھ ھوا ۾ اُڏامي ماڻھن ۽ ماحول کي نقصان پھچائيندي آھي. ڪڏھن ڪڏھن ٻھُ کي چيڪي مٽيءَ ۾ ملائي پتين تي پلاسٽر ڪرڻ جي ڪم ۾ بہ آڻبو آھي.

- جوَ پوکي ڪٽڪ کانہ لُٽبي.

کيتي ڪرڻ جو ھڪ مکيہ اصول آھي تہ جيڪو ٻج پوکبو، تھڙو ئي قَلُ ملندو. جوَ پوکڻ سان جوَ ئي ملندا، ڪٽڪ کانہ ملندي. اِنھيءَ ڳالھ تي ڪجھ ٻيا پھاڪا ھن ريت آھن: "جھڙو وڻ، تھڙو قڻُ". ۽ "جنھن جو بُڻُ بُڇڙو، تنھن جو ميوو منو نہ ٽئي."

- موتيو اُتي مارِ، جتي پاڻي ھُجي تارِ.

ھيءُ پھاڪو کيتي ڪرڻ جي طريقي کي ٻڌائي ٿو. موتيو چانورن جو ھڪ اھڙو قسم آھي، جيڪو گھٽي پاڻيءَ ۾ پوکبو آھي. اِنھيءَ پھاڪي مان اسان کي ڄاڻ ملي ٿي تہ موتيو ڪٽي پوکڻ گھرجي.

- جوڳي رمتو پلو، پاڻي وھندو پلو.

اھڙي جوڳيءَ کي عزت ۽ مانُ وڌيڪ ملندو آھي، جيڪو گھمندو رھي ٿو ۽ ھڪ ئي ھنڌ تي گھٽا ڏينھن نہ ٿو رھي. اھڙيءَ ريت کيتي لاءِ بہ وھندڙ پاڻي وڌيڪ سنو ھوندو آھي، بنسبت بينل پاڻيءَ جي، جاکاڙ تہ بينل پاڻي گندو، ڪِنو ۽ مڇرن سان پريل ھوندو آھي.

زمين جا قسم

زمين جدا جدا قسمن جي مٽيءَ واري ٿيندي آھي. ڪٽي ڪاري مٽيءَ واري زمين آھي تہ ڪٽي ڳاڙھي مٽيءَ جي. ڪٽي چيڪي مٽي آھي تہ ڪٽي واريءَ واري. ڪنھن مٽيءَ ۾ پوک سٺي ٿيندي آھي تہ ڪنھن ۾ خراب. اِنھيءَ ڳالھہ جي پنيرائي ھي پھاڪا ڪن ٿا:

- يُونءِ پيُونءِ جا پنھنجا پاڳ.

مطلب تہ ھرھڪ قسم جي زمين جي پوک الڳ الڳ ٿيندي آھي. اِنھيءَ ڳالھہ جو ھڪ ٻيو مثال ڏسو: "زمين کري، تہ اک کري."

- ڪلر منجھان کين ٿئي، توڙي جال پيارينس جَرُ.

ڪاري زمين جو ھڪ قسم آھي، جنھن کي سنڌيءَ ۾ 'ڪلر' ۽ ھندي ۾ 'اُوسر' چوندا آھن. اھڙي زمين کيتيءَ لاءِ بيڪار ۽ گھٽ قسم جي ليکبي آھي. ڪلراني زمين تي گھٽو پاڻي ڏيئي محنت بہ ڪجي، تڏھن بہ اُن ۾ سَلو کين اُپرندو. اِن پھاڪي کي ھن ريت بہ چون- "ڪلر مان کين ٿئي توڙي جال ڏجيس جرُ". ھن پھاڪي جي لِڪل معنيٰ آھي تہ نڪمي ماڻھوءَ جي ڪٽي ڪيتري بہ خوشامد يا خدمت ڪجي تہ بہ اُن مان ڪوبہ ڪم نہ نڪري سگھندو آھي. ھنديءَ جي ھن چوٽي ۾ بہ کاري زمين يا اُوسر کي گھٽِ قسم جي زمين ڏيکاريو ويو آھي. "اوُسري کي ديوي، ڪودو کي اچت." يعني اوسر جي ديويءَ جو سمان 'ڪودو' قسم جي چانورن سان ڪيو ويندو آھي، جيڪي گھٽ قسم واري درجي جا چانور ھوندا آھن.[1]

- ڪلر ٻاريئہ کان کا کيئہ جُٹ جوئر سان.

1. ڈاڪٽر تيواري، پوڄپري لوڪوڪِتيان، صفحو 132.

يعني ڪلراني زمين ۾ جوئر جي پوک ڪئي تہ اُن مان ڪوبہ فصل ڪونہ لٹو. اُلٹو جوئر جو ٻج بہ اجايو ۽ بيڪار ٿي ويو.

ھاري

محنت ڪش ھاريءَ جي زمين مان سون پيدا ٿيندو آھي. صاحب بٹجي گھمڻ ڦرڻ وارو يا آلسي ڪمچور ھاري ڪڏھن بہ کيتي کين ڪري سگھندو. کيتي ڪرڻ ۾ سخت محنت جي ضرورت آھي. ھاريءَ جي سامھون مختلف مسئلا اچن ٿا. ھن کي جوٽ، پوک، ڪٽاٽي، گُڈ سان گڏوگڏ پنھنجي فصل جي سنيال پڻ ڪرڻي پوي ٿي. کيتي پنھنجي سِر ڪرڻ مان ئي فائدو رسائيندي آھي نہ تہ ٻيڙي ٻوڙيندي آھي. اِن بابت پوڄپوري ۾ ھڪ پھاڪو ڏسو:

- جي ھر جوڙي کيتي اوکر، اوَرُ نا تہ جيکر تيکر.

مطلب تہ ٻني انھيءَ جي ٿئي ٿي جيڪو ھر ھلائي ٿو، نہ تہ وري اھيڙي غيري جي ٿي پوندي.

سنڌيءَ ۾ ھاريءَ سان لاڳاپو رکندڙ ڪجھہ پھاڪا ھن ريت آھن:

- ھاريءَ جو مُنھن ٻنيءَ ڏانھن.

ھاريءَ کي ھميشہ پنھنجي کيتيءَ جو خيال رکڻ گھرجي.

- جنھن ھاريءَ جي گھر آھي داڻو،
  سو سيني جو آھي راڻو.

مطلب تہ جيڪو ھاري محنت کري گھٽو فصل پيدا کندو، ان کي سيني ھنڌ مانَ ۽ عزت ملندي آھي.

کيتيءَ ۾ مددگار جانور

آڳاٽي زماني ۾ کيتي ڪرڻ لاءِ گھٽن ئي جانورن جو استعمال ڪيو ويندو ھو، جيئن تہ ڏاند، ڍڳو، اُٺ، سانُ وغيرہ. وقت گذرندي کيتي ڪرڻ لاءِ مشينن جي ضرورت ٿي ۽ اُنھن جي مدد سان کيتي ڪرڻ ۾ سولائي پڻ ٿيڻ لڳي آھي، پر ايا تائين بہ کيترن ئي ڳوٺن ۾ جانورن جو استعمال کيتيءَ ڪرڻ لاءِ ڪيو وجي ٿو. کيتيءَ ۾ کارائتو

هئڻ سبب مذهبي ڪتابن ۾ ڏاند جي پوڄا ڪئي ويئي آهي. سنڌو ماڙيءَ جي تهذيب جي چنڊيچاڻ ڪندي وقت اُتي جي کوٽائيءَ ۾ ڏاندن جي هئڻ جي ثابتي ملي ٿي. "پاراشر سمرتيءَ" ۾ چيو ويو آهي ته ڏاندن پاران پيدا ڪيل اناج تي سموري دنيا پلجي ٿي. ان ڪري ڏاند هن دنيا ۾ ڏرم جو ظاهر روپ آهي:

- اُڪشاڻو ويڌسا سرشٹاهَ سَسَيَسَيو تپادنا يَہ چَہ،
تئرُ تپادِ تسَسيين سَروَميت دِوَ ڏاريتي.
(پاراشر سمرتي 48 .5)

برهما ڏاند کي اپايو ته هو کيتيءَ ۾ اناج پيدا ڪرڻ ۾ مدد ڪري. انهيءَ پاران پيدا ڪيل اناج سان هيءَ سڄي دنيا جيئي ٿي.

- ورش ايوَ تتو رڪشيہ هَ پالنيِيَشچَ سوردا.
ڏرمو ايم پُوتلي ساڪشاد برهمڻا هو وَتارِت هَ.
(پاراشر سمرتي 48. 5)

اِن ڪري اوهين ڏاند جي حفاظت ڪريو، انهن جي سدائين سارسنيال ڪريو. ڏاند هن ڏرتيءَ تي عين ڏرم جو روپ آهي. هن کي برهما اوتار جي روپ ۾ ڏرتيءَ تي موڪليو آهي.

سنڌيءَ ۾ ہ ڏاند کي محنت ڪش جانور سڏيو ويو آهي. انهيءَ ڪري سنڌيءَ ۾ 'وهو ڍڳو' (محنتي ڏاند) يا 'چاڪيءَ جو ڏاند' ہ چوندا آهن. کيتي ڪرڻ وارن کي ڏاند خريد ڪرڻ وقت تمام گهڻو ڏيان رکڻ گهرجي. چاڪاڻ ته سنا ۽ طاقتور ڏاند ئي سني پوک ڏيڻ ۾ مددگار ثابت ٿين ٿا. ڪمزور جانور کيتيءَ جهڙي محنت واري ڪم ۾ پريشاني پيدا ڪندا آهن. سنڌ ۾ چوٽي آهي:

- ڏُبري ڍور کي مچر گهڻا.

يعني جيڪو ڪمزور آهي، اُن کي بيماريون ہ وڌيڪ لڳن ٿيون.

- گڏهن سان هر هلن ته ڏاند چو رڪجن؟

جيڪڏهن کيتي ڪرڻ لاءِ گڏهه کي هر ۾ جوتي سگهجي ها ته پوءِ هاري ڏاند نہ پالين ها.

کيتيءَ ۾ جانور جي اهميت ڪنهن کان ہ لڪل ڪانهي. انهيءَ تي چيل آهي ته:

- سون جي رتيءَ کان رت جي رتي چگي.

هِن چوٽيءَ ۾ سون کان ہ وڌيڪ ملهائتي شيءِ 'پَشوُ سمپتي' يعني جانورن کي ٻڌايو ويو آهي.

- ڏڻُ ته ڏڻي، نہ ته وڪڻ ڪٹي.

چوپايو مال اثيئي ته اُن جي صحيح طريقي سان سنيال ۽ پالنا ڪر؛ جيڪڏهن ايئن نہ ٿو ڪري سگهجي ته انهن جانورن کي وڪڻي ڇڏجي.

- چاڪيءَ ڏاند وجايو، گهمي گهاڻو آيو.

چاڪي يعني گهاڻي مان تيل ڪندڙ جو ڏاند گم ٿي ويو، پر اُهو ڏاند گهاڻي جي چوڌاري ڦرڻ تي هِري ويو هو، اِن ڪري اُهو ڏاند رُلي پِني وري واپس پنهنجي گهاڻي تي اچي پهتو.

اُٹ ڪم ڪندڙ جانور ليکيو آهي. ڪنهن وقت ۾ اُٹ سنڌ جي رهاڪن واسطي وڏي اهيمت وارو جانور هو. بار ڪڍڻ لاءِ اُٹ هڪ طاقتور جانور آهي. کيتيءَ ۾ هر هلائڻ ۽ کوهه مان پاڻي ڪيڍڻ ۾ ہ اُٹ مددگار ثابت ٿئي ٿو. ان تي چيل آهي ته:

- اُٹ ٻُيو، ته ہ ہ ڪوانڙ لهي.

مطلب ته اٹ طاقتور هوندو آهي ۽ هو ٻُيو هوندي ہ ہن ڪوانڙن يعني جوان اُنن کان ہ وڌيڪ ڪارائتو ثابت ٿئي ٿو.

کيتيءَ ۾ مددگار اوزار:

هارين جي مالي حالت جي جاڻ اُنهن پاران استعمال ڪندڙ اوزارن مان ہ ٿيندي آهي. هاريءَ کي هر گهڻا آهن؟ ڪوڏرون گهڻيون آهن. کيتيءَ جا ٻيا اوزار ڪيترا اٿس؟ اِنهن ڳالهين جي گهڻي اهميت ٿئي ٿي. تقريباً هڪ ايکڙ زمين جي کيتي هڪ هر جي کيتي چئبو آهي. انهيءَ آڌار تي هڪ هر جي کيتي هاريءَ کي حيران ڪندڙ آهي،

بن هرن جي کيتي ڪام چلائو (گذران) آهي، ٽن هرن جي کيتي نيڪ ناڪ ليکبي آهي ۽ جيڪڏهن چئن هرن جي کيتي هجي تہ واهہ واهہ. اهڙي کيتي راجائي سڪ پوڳڻ جهڙي آهي. انهيءَ ڳالهہ تي راجستانيءَ ۾ هينئين ريت پهاڪو چيل آهي:

- ايڪ هَل هتيا، دو هَل ڪاج،
  تين هَل کيتي، چار هَل راج.[1]

سنڌيءَ ۾ هر جي اهيمت کي هن ريت ٻُڌايو ويو آهي:

- گهٽي زالين گهر نہ هلي، گهٽي مردين هرُ نہ هلي.

مطلب تہ گهر ۾ جيڪڏهن ڪنهن مرد کي گهٽيون زالون آهن تہ اُن جي گهر ۾ هميشہ جهڳڙو لڳو پيو هوندو. ساڳيءَ ريت کيتيءَ ۾ هر هلائڻ جي جوابداري جيڪڏهن گهٽن هارين مٿان هوندي تہ پوءِ اهو ڪم سنو نہ ٿي سگهندو. هرڪو ايئن سمجهندو تہ جيڪڏهن اڄ مان کيتيءَ تي نہ پهتس تہ ڪو ٻيو هر هلائيندو. ان طرح ڪوبہ ڪم نہ ڪندو ۽ کيتي نہ ٿي سگهندي.

- جِتي هرُ تِتي گهر، جِتي ماني تِتي ماڳ.

يعني جتي کيتي ۽ روٽي هجي گهر اُتي ئي ناهڻ گهرجي، نہ تہ فائدو پورو نہ ملندو.

- جيترو هرُ، اوترو قرُ.

زمين کي جيترو چگيءَ طرح سان هر سان کيڙبو، اوترو فصل سنو ٿيندو ۽ گهٽو اناج ملندو.

کيتيءَ ۾ مددگار ٻيون شيون

پاڻ يعني ڪاڌ کيتيءَ لاءِ هڪ اهم شيءِ آهي. اِن جي بنا اناج سني نموني پيدا نہ ٿيندو آهي. جيڪو هاري پاڻ جي اهميت کي سجاڻي، اُن جو استعمال پنهنجي کيتيءَ ۾ ڪري ٿو، انهيءَ کي کيتيءَ مان گهٽو فائدو ملي ٿو. پاڻ بابت سنڌيءَ ۾ ڪجهہ پهاڪا هن ريت آهن:

1. ڈاڪٽر سهل، راجستاني ڪهاوتون، صفحو 232.

- پاڻُ سدا جواڻُ.

يعني پاڻ جي مدد سان کيت ۾ هميشہ پنهنجي من پسند جي فصل کي حاصل ڪري سگهجي ٿو.

- پاڻ تہ کيتي، نہ تہ ڪوري ريتي.

مطلب تہ پاڻ وجهڻ سان زمين ۾ فصل سنو ٿيندو آهي. زمين تي ڪٽي ڪيتري بہ محنت ڪجي، پر پاڻ نہ وجهبو تہ فصل سنو نہ ملندو. زمين جي پيداوار وڌائڻ لاءِ ۽ سنو فصل لاهڻ لاءِ صحيح نموني سان پاڻ جو استعمال ڪرڻ ضروري آهي. پيٽيو: "کات پڙئي تو کيت، نهين تو کوڙو ريت."[1]

جيئن سنو فصل حاصل ڪرڻ لاءِ سنو پاڻ استعمال ڪرڻ ضروري آهي، تيئن سهڻي ميوي ۽ سني فصل لاءِ سني قسم جي ٻج جو هجڻ ضروري آهي. ٻج کي اسين بنياد چئي سگهون ٿا، جيڪڏهن بنياد سنو نہ هوندو تہ فصل چا سنو ٿيندو؟ انهيءَ تي چيل آهي تہ:

- جهڙو ٻج، تهڙو قر.
- جهڙو ٻج پوک، تهڙو قرُ ٿئي.
- جنهن جو بُڻُ بيڙو، تنهن جو ميوو منو نہ ٿئي.
- جنهن جو بد بنياد، تنهن جو ميوو برباد.

کيتيءَ ۾ مددگار شين ۾ پاڻ، ٻج سان گڏوگڏ پاڻيءَ جي پڻ وڏي اهميت آهي:

- ٻني اُها راڻي، جنهن جي مٿان پاڻي.

معنيٰ جنهن کيت ۾ پاڻي جهجهو ملندو، اُتي پوک بہ اعليٰ درجي جي ٿيندي آهي.

فصل ۽ اناج:

پارت ۾ فصلن جا گهڻيئي قسم آهن. اُنهن جي ورهاست پوکڻ ۽ ڪٽائيءَ جي وقت تي ٻڌل آهي. مِينهن کان سياري جي وقت

1. ڈاڪٽر سهل، راجستاني ڪهاوتين، صفحو 233.

تائين 'خريف' نالي فصل ٿيندو آهي. بهار جي موسم کان اڳنهاري تائين 'ربيع' نالي فصل هوندو آهي. خريف جي فصل ۾ جانور وڌيڪ پيدا ٿيندا آهن. ربيع جي وقت ۾ ڪڪڙ، جَوَ، چڻا وغيره وڌيڪ ٿين ٿا. ڪڪڙ جي ڳڻپ خاص فصلن ۾ ٿيندي آهي. ڪڪڙ کي اناج ۾ 'سرووتم' يعني سڀني کان اعليٰ چيو ويو آهي ۽ اُن کي مختلف نموني سان ڪم ۾ آڻبو آهي. ڪڪڙ ۾ طاقت بہ گهڻي ٿيندي آهي. اُن بابت سنڌيءَ ۾ چوٽي آهي تہ:

- ڪڪڙ گري تہ ڏڪ ڪري، جوئر ڪري تہ ڪاڻي ڪري.
- ڪتو چا جاڻي ڪڪڙ جي مانيءَ مان.

ڪڪڙ سڀني اناجن ۾ اعليٰ آهي. انهيءَ جو سواد ڪُتي جهڙي رواجي جانور کي نہ ايندو. پيٽيو: "بندر کيا جاني ادرک کا سواد؟" (هندي)

اَن زندگيءَ لاءِ تمام ضروري شيءِ آهي، جيڪڏهن ڪائڻ لاءِ اَنُ نہ ٿو ملي تہ ماڻهو بک جي حالت ۾ ديوانو بڻجي غلط راهہ تي هلي وڃي ٿو. اِن ڪري سنسڪرت ۾ چيل آهي: "انہ هـ وئي برهم". يعني ان يا اناج برهم (اُپائڌهار جو) جو روپ آهي. سنڌيءَ جي لهجي سرائيڪيءَ ۾ چوٽي ملي ٿي:

- پيٽ نہ پڙيئان روٽيئان، سيپي گلان کوٽيئان.

هن چوٽيءَ ۾ زندگيءَ جي هڪ وڏي سچائي لکل آهي تہ جيسين پيٽ نہ پربو، تيسين ٻيون سڀيئي ڳالهيون اجايون لڳنديون آهن. انهيءَ لاءِ هندي ٻوليءَ ۾ چيل آهي: "پيُوکي پجن نہ هوءِ گوپالا".

- ماني منجهند تائين، چانور چاڻُٽ تائين.

ڪڪڙ، جوئر ۽ ٻاجهريءَ جي نهيل ماني دير سان هضم ٿيندي آهي ۽ هيءُ طاقت ڏيندڙ آهي، پر چانور جلدي هضم ٿي ويندا آهن ۽ اِن ڪري بک بہ جلدي لڳندي آهي.

ڪڪڙ ۽ چانورن کان پوءِ اناج ۾ چڻن جي گهڻي اهميت آهي. ان مان ٻگڙا (بنيءَ ۾ ٻُگل چڻا) ۽ چڻن جي دال بڻجندي آهي. چڻن سان وسطو رکندڙ ڪجهہ پھاڪا هن ريت آهن:

- چڻا ٽِٽ گهڻا، مٽر ماڻ ئي نہ ڪن.

مطلب تہ چڻن ۽ مٽرن جي کائڻ سان جسم کي طاقت ملندي آهي، پر اُهي دير سان هضم ٿيندا آهن. اِنهن کي کائڻ سان پيٽ ۾ واءُ يا گئس بہ پيدا ٿيندي آهي.

- ٻگڙن کاڌي هٿ ڏوتائي پيا آهن.

ٻگڙا کائڻ سان ماڻهن جا هٿ خراب نہ ٿيندا آهن. ان ڪري ماڻهو سفر ۾ کائڻ لاءِ انهن جو استعمال ڪندا آهن.

- واهہ ڙي دال! تنهنجي ڪجي ڪهڙي ڳالهہ.

دال سستي آهي، جيڪڏهن کي وڌيڪ مهمان اچي وڃن تہ دال ۾ پاڻي وجهي ان کي وڌائجي تہ بہ اها سوادي لڳندي آهي.

- دال، ٻچن پال.

دال اهڙي شيءِ آهي، جيڪا غريب غربو رڌي پنهنجي سڄي ڪٽنب کي پالي سگهن ٿا.

- اَنُ ديوتا ڏڪندو اچي.

مطلب تہ اناج جو بي مانو نہ ڪرڻ گهرجي. کاڌي لاءِ جيڪو ملي صبر ڪري اهو کائي ڇڏڻ گهرجي.

- سِنڌُ ڪڻ تي يا ٽڻ تي.

سنڌي ماڻهن کي گذاري لاءِ بہ مکيہ ذريعا آهن. کيتي ٻاڙي ۽ چوپايو مالُ.

5.5 سماجي سرشتي ۾ حالتن متعلق پھاڪا:

سنڌي پھاڪن ۾ سماج جو چِتُ:

پھاڪو سماج جو آئينو آهي، جوتہ سماج ۾ جيڪو ڪجهہ ڪوڙ سچ قبول پوي ٿو. سو ئي پھاڪي جي شڪل ۾ عام ٿئي ٿو.

جيڪڏھن ڪو شخص ڪنھن ٻ ملڪ، صوبي ڳوٺ جي سماجي زندگيءَ بابت ڪجھ ڄاڻڻ چاھي ٿو تہ اُن لاءِ گھربل ايراضيءَ جي پھاڪن جو اڀياس ڪرڻ تمام ضروري آھي. گھُربل ايراضيءَ ۾ ڪھڙين ذاتين جا ماڻھو رھن ٿا؟ ھُتي ڏنڏا ڪھڙا ٿين ٿا ۽ اُنھن مان ڪھڙا ڏنڏا سُنا ۽ ڪھڙا گھٽ معيار وارا ليکبا آھن؟ ماڻھن جي مالي حالت ڪھڙي آھي؟ اُنھن جا ويچار ڪھڙا آھن؟ انھيءَ ايراضيءَ جو سماجي سرشتو ڪھڙو آھي؟ پيءُ، ماءُ، ياءُ، پيٽ ۽ مٽن مائٽن جو ڪھڙو درجو آھي؟ زالن جي سماج ۾ ڪيتري عزت ڪئي وڃي ٿي ۽ سماج ۾ زال ۽ مرد جو رشتو ڪيتري قدر محبت ڀريو آھي؟ اُنھن جا اصول ڪيتري معيار وارا آھن؟ اِنھن سيني بابت ڄاڻ جيتري اسان کي پھاڪن معرفت حاصل ٿئي ٿي. ايتري ٻئي ڪنھن ذريعي مان حاصل نٿي ٿئي.

اِھو سچ آھي تہ اخلاقيات جي بناوت ملڪ جي وقت، ھلندڙ ماحول، تعليم، ابن ڏاڏن جو اخلاق ۽ وھنوار تي ئي دارومدار رکندي آھي. انھن اثرن جي مدد سان ئي اسان کي سماجي حالت جي پروڙ پوي ٿي.

سنڌ جو سماجي ۽ ثقافتي ڇٹُ پسڻ لاءِ پھاڪن کي مختلف حصن ۾ ورھائي انھن جو ڇيد ھن ريت پيس ڪجي ٿو:

(1) ڏرم موجب ذاتين تي ٻڌل پھاڪا:

مذھب جي آڌار تي ڀارت جي سماج کي مکيہ طور سان ڇھن گروھن ۾ ورھائي سگھجي ٿو، جيڪي آھن: ھندو، مسلمان، سک، عيسائي، ٻوڌي ۽ جين. ھندو ۽ مسلمانن ۾ ٻيون ننڍيون ۽ وڏيون ذاتيون ٻ گھٽي ئي آھن. سنڌيءَ ۾ ھندن ۽ مسلمانن سان واسطو رکندڙ پھاڪن جو وڏو تعداد ملي ٿو، پر سکن، عيسائين ۽ ٻين مذھبن تي سنڌيءَ پھاڪا نہ جي برابر آھن. مذھب جي آڌار تي سنڌيءَ ۾ ڪجھ پھاڪا ملن ٿا، جيڪي ھن ريت آھن:

ھندو:

ھتي ھندو ڏرم يا مذھب سان اسان جو مطلب آھي تہ سناتن ويدڪ ڏرم، جيڪو وید، پُراڻ ۽ منوُ سمرتي وغيره گرنٿن (مذھبي ڪتابن) تي ٻيڻل آھي ۽ ھن جي اندر سڀ ننڍا وڏا پنٿِ يا فرقا ٻ شامل آھن.

- ھندُو آھن ھُوند تي.

يعني ھندُو گھٽو ڪري سُڪيا ۽ ستابا آھن.

- ھندُو ھندوءَ جو سالو، ھندُو ھندوءَ جو پيٽوِيو.

مطلب تہ ھندو گھٽو ڪري پنھنجي ڏرم (مذھب) ۽ ذات ۾ ئي شاديون ڪرڻ پسند ڪن ٿا.

- ھندو گانءِ، مسلمان سوئر.

ھندو ڳئون کي ماءُ ڪري پوڄيندا آھن ۽ اُن جو گوشت کائڻ وڏو گناھ سمجھندا آھن. ساڳيءَ طرح مسلمان سوئر کي ناپاڪ جانور مڃي اُن جو گوشت کائڻ حرام سمجھندا آھن.

- واڻيو اڏي ڪُڏُ مٽان ڪُڏُ،

ڇٹ اڏي ..... مٽان .....

مطلب تہ ھندُو خاص ڪري واڻئي کي جيڪڏھن پيسو ٽيندو آھي تہ ھو پنھنجي جاءِ ۾ پيسو لڳائي اُن کي وڏو ڪندو آھي. پر جڏھن مسلمان کي پيسو وڌيڪ ھوندو آھي تہ ھو گھٽيون شاديون ڪندو آھي.

- ھندو ۽ مسلمان، ٻئي پوٽا ھڪ ڏاڏي جا.

پارت ۾ گھٽا مسلمان، ھندن مان ڏرم بدلائي پوءِ مسلمان ٿيا ھئا، اِن ڪري ٻنھي جا اصل نسل قديم زماني ۾ گھٽو ڪري ھڪ ئي ھئا.

مسلمان:

اسلام جي پوئلڳن کي مسلمان چيو ويو آھي. سنڌ صوبي ۾ اُنھن جو تعداد تمام گھٽو آھي. مسلمانن ۾ اُنھن جيان وڏي ۽ پيڇيدو ذات پات جو سرشتو ڪونھي، پر تڏھن ٻ پيغمبر سان رشتي ۽ پاڪيزگيءَ جي آڌار تي ڪي گروھ ٻڌجي ويا آھن. اُنھن ۾ سيد پاڻ کي

محمد صلي الله عليہ وسلم جي نسل مان مجيندا آھن. ان ڪري اُھي پاڻ کي مسلمانن ۾ اعليٰ ۽ معتبر سمجھن ٿا.

مسلمانن کي پڻ سماجي سطح تي ھيٺين گروھن ۾ وڌي سگھجي ٿو: شيخ، سيد، مُغل، پٹاڻ ۽ ٻيا پيشيور ماڻھو (ڪوري، حجام، درزي وغيرہ). مسلمانن ۾ ذات جو سرشتو لڇڪٽو آھي. انھيءَ ڪري گھٽ ذات جو مسلمان پڻ مالي حالت ۽ سُنن ڪمن جي بدولت اوچي درجي کي حاصل ڪري سگھندو آھي. مسلمان چاھي ڪھڑي ٻہ درجي جو چونہ ھجي، پر سنڌ جا ھندو مسلمانن کي "جٹ" چوندا ھئا، جنھن جي معنيٰ آھي اٽپڙھيل ۽ بيوقوف. 1947ع ۾ ھندستان جي ورھاڱي وقت سنڌ ۾ 25 سيڪڙو ھندو ۽ 75 سيڪڙو مسلمان ۽ ٻين مذھب جا مجيندڙ ھئا. سنڌ ۾ مسلمانن جي گھٽي تعداد سبب ھتي جي رھٽي ڪرٽي، پوشاڪ، ڪاڌي پيتي وغيرہ تي انھن جو عڪس ھيٺين پھاڪن ۾ نظر اچي ٿو:

- گھر ڄائي، گھر ۾ ئي ڏجي.

مسلمانن ۾ شاديون پنھنجن مائٽن ۽ ويجھن عزيزن ۾ ٿيندیون آھن. انھن ۾ اِھو رواج آھي تہ پنھنجي ڏيءَ جي شادي ھو پنھنجن ئي مٽن مائٽن ۾ ڪندا آھن. ٻين ذاتين ۾ شادي ڪرڻ جو رواج مسلمانن ۾ گھٽو ڪري ڪونھي. راجستاني ٻوليءَ ۾ انھيءَ رواج طرف اشارو ڪندي ھيءُ پھاڪو ملي ٿو "گھر ڄائي نڑِ پَرگھر ڪيوُن جاڻ دئي؟ ڪا ڪئي جائي، پَر گھر جايہ تو دوزخ پايَہ."

- اڌ اڳڻ ۾ ساھُرا تہ اڌ اڳڻ ۾ پيڪا.

مطلب تہ ويجھن مائٽن ۾ شادي ھڻڻ ڪري ڏيءَ جا ساھُرا ۽ پيڪا مائٽ ھڪ ئي گھر ۾ آھن.

- ميان جي ڊوڙ مسيت تائين.

(مطلب تہ گھٽ پھچ وارو ماڻھو آھي.)

- اُھائي شاديءَ واري ٽنگ مٽان.

(يعني پنھنجي ڄاڻھ کي ڪنھن ٻہ قيمت تي مٽي رکڻ.)

- خانَ جي خاني، مانيءَ ۾ معلوم ٿئي.
- ميان مُٹ جيڏو، ڏاڙھي ھٿ جيڏي.
- ميان جي مَڏي، ٻہ ڏنڊڻ ٽين تڏي.
- چانديا چور، شاھِراٹي شاھد.
- ميمڙ وڃي مڪي، تہ ٻہ سندس وٽ ڪوٽا.

جَٹَ:

- ڇٹھو نہ وِسھو، وِسھو تہ مُسھو.
- جٹ جي ڄمار، اَڌائي ڪٹا.
- جٹ جي دمڙي ڇني چمڙي، واٽئي جو سؤ ڪونھي ٻؤ.
- جٹ ٻُڪيو موري کائي، موري بک گھٽيڙي لائي.
- جٹ ملوڪ تہ ٻہ گلمِ جو زيانُ
- جٹ ۽ ليکو، اڻ ٽيٽي ڳالھہ آھي.
- جَٹُ جو پُٹُ، اُٹُ جو مُٹِ، جيئن وڏنِ تيئن اُبتا.
- جٹ کي ٽِڪِرِ ۾ تاندو.
- جٹُ ۽ قُٹُ ٻئي ٻڌا ٻلا.
- ڪِر پلائي جَٹَ سان، قيري ھٽيئي پَٽِ سان.

قاضي:

مسلمان جج يعني فيصلو ڪندڙ کي قاضي چوندا آھن.

- قاضي رشوت تي راضي.
- قاضي ڄاڻي، قيامت ڄاڻي.
- قاضيءَ گڏھ ھارايو پوَن تان.

ملو:

- نئون ملو زور سان ٻانگ ڏيندو آھي.
- مُلي جي جنگ مسيت سان.
- مُلو چور، ٻانگو شاھد.
- مُلو مئو، مھابو ويو.
- مُلو، مجاورُ، ڪانءُ، تنھين اڪِ ھِڪڙي.

(ملو پيو واجھائيندو تہ ڪو ماڻھو مري تہ ڪيس ڪجھ ملي، ساڳيءَ طرح ڪانءُ ۽ مجاور بہ ٻئي جو مال پيو تڪيندو آھي.)

پير:

- پير پلو يا ويساھُ پلو؟

مطلب تہ وڏي ڳالھ آھي ويساھ. يعني وشواس جي، پوءِ پير ڪٽي ڪھڙو بہ ھجي. ھڪ دفعي ڪنھن ماڻھو رستي جي پرسان پنھنجي پياري ڪُتي جي قبر ناھي. اڻ واقف لنگھندڙ اُن کي ڪنھن اوليا جي قبر سمجھي اُتي پَڙ يعني چادر وجھندا ويندا ھئا، پر جن کي خبر ھئي سي تہ ڪِلندا ھئا. اِن ڪري چوندا آھن تہ پير وڏو يا ويساھ وڏو؟

- پير کي ڪم نڪاءَ سان.
- پير کي ڪٽن مجاور.
- پيرن جو پٽيل ۽ مائٽن جو ڏڪيل،
- ڪڏھن بہ نہ ٽانءُ پائي.
- پير عيسيٰ، پير موسيٰ، بڙا پير پئسا.

ذات پات جي سرشتي موجب مختلف ذاتين تي ٻڌل پھاڪا:

ھتان جي سماج جي برپا ٿيڻ ۾ اُن جي اوسر ۾ ورڻ ويوَستا يعني چئن ورڻن جي سڀ کان گھڻي اھميت رھي آھي. پارت جي رگ ويد واري وقت جي آخرين دؤر کان ورڻ ويوستا (ذات پات جو قانون) جو رواج ھلندو پيو اچي. ھرھڪ صوبي جي سماجي زندگيءَ تي ذات پات جي سرشتي جي گھري ڇاپ ملي ٿي ۽ ڪابہ ايراضي اھڙي حالت کان آزاد ڪانھي. ويدن جي دؤر کان ئي ذات پات جي سرشتي مطابق مکيہ طور سان چار ذاتيون ناھيون ويون آھن: برھمڻ، ڪشتري، وئش ۽ شُودر. انھن کان پوءِ ھرھڪ ايراضيءَ ۾ مکيہ ذاتين ۾ الڳ الڳ انيڪ اُنھن جون شاخون يا ننڍيون ذاتيون ٿيون. جيتوڻيڪ پارت جي سيني ڳوٺن ۽ تعلقن ۾ انيڪ ذاتين جا ماڻھو گڏجي رھن ٿا، پر ھرھڪ جي

رھٽي ڪرٽي ۽ روزاني زندگيءَ ۾ گھٽو تفاوت ملي ٿو. اُنھيءَ تفاوت جي بنياد تي الڳ الڳ ذاتين جي خوبين، حالتن ۽ ڪمزورين جي جاڻ اسان کي پھاڪن ۾ ملي ٿي. جيئن تہ گھڻن ئي راجستاني پھاڪن ۾ ھڪ ئي ھنڌ الڳ الڳ ذاتين جو تقابلي تفصيل بہ ملي ٿو. ساڳيءَ طرح سنڌيءَ ۾ بہ ھڪ ئي پھاڪي ۾ ھندو، مسلمان يا ٻيون ذاتيون بہ شامل ڪيون ويون آھن. مثال طور:

- باتان ريجھئِي باڻيو، راگان سوُن راجپوت.
  بامڻ ريجھئِي لاڏوان، باڪل ريجھئِي پوُت.

واڻيو ڳالھين ٻولھين مان ريجھي ٿو. راجپوت راڳ سنگيت سان خوش ٿئي ٿو. برھمڻ لڏُون ۽ ڪاڏو ملڻ تي خوش ٿئي ٿو.

- بامڻ نائي ڪوڪرا جات ديک گُرلايَ.

مطلب تہ برھمڻ، نائي ۽ ڪتا، پنھنجي ذات وارن کي ڏسي ڪتن وانگر ھڪ ٻئي تي ڏند شيڪندا آھن يا پاڻ ۾ وڙھندا آھن.

پھاڪن جي مدد سان سنڌ ۾ ذاتين جي وھنوار، رھٽي ڪھڻي ۽ اُنھن جي زندگيءَ جي جھلڪ ھتي ڏجي ٿي:

برھمڻ:

آڳاٽي وقت کان پارت جي سماجي سرشتي ۾ برھمڻ جي ذات سڀني ذاتين ۾ اُوچي مڃي ويئي آھي، پر وقت گذرندي جيئن تيئن سماج جي سوچ ويچار، وھنوار ۽ رھٽي ڪرٽيءَ ۾ ڦيرو ايندو ويو، تيئن ذات بابت ويساھ ۽ مڃتائن ۾ بہ تبديلي ايندي ويئي. جھوني دؤر ۾ جيڪي مڃتا ۽ عزت برھمڻ کي حاصل ھئي سا اڄ ڪانھي. اڄ ڪلھ جي زماني ۾ سچو مانُ سمانُ تہ ھڪ طرف رھيو، پر برھمڻ تي طنز جا تير اُڇليا ويندا آھن. سنڌ جي سرحدن سان لڳل راجستان جي صوبي ۾ برھمڻ واسطي ھڪ پھاڪو ملي ٿو، ان ۾ چيل آھي تہ برھمڻن کي سڻ ورھين تائين عقل ڪونہ ھوندو آھي ۽ تنھن کان پوءِ

هُو مري ويندو آهي.[1]

- ٻامڻ نئ ساڻ برس تائين سُڌ آوَئِي ڪونيا ار پاڇي جا مرئي.

سنڌ ۾ بہ براهمڻ جي عقل بابت هن ريت پهاڪو ملي ٿو:

- ٻانيڻ جي متِ ٿوري، گنُو ٻيڇ ڪي لينِي گهوڙِي.

مطلب تہ واپار يا وهنوار جي خيال کان برهمڻ ۾ ٿورو عقل هوندو آهي، جنهن ڪري هو فائدي جو ڪم ڇڏي نقصان وارو ڪم ڪندا آهن:

- برهمڻ جو وچن، سُورج جي ساک.

سنڌيءَ ۾ براهمڻ تي ڪجهہ پهاڪا ملن ٿا، جيڪي هن ريت آهن:

- برهمڻ جي هٿ ۾ سون جو ڪٽورو آهي.
- برهمڻ جو من، پيپر جون پن،
  هاٿيءَ جو ڪنُ، سدائين ڀيو لڏي.

مطلب تہ اهي سڀ چنچل (لڏندا) آهن.

- شراڌ پُنا، ٻانيڻن چاڑهيا ڪُنا، تہ ڪانوَ ويهي رُنا.
- ٻانيڻ کي ٻانيڻ مليو، پوُرب جنم جو سَنسڪار.

راجستاني ٻوليءَ ۾ ساڳيو مطلب ڏيکاريندڙ هيءُ پهاڪو ملي ٿو:

- ٻامڻ سي ٻامڻ مليو، پوربلا جنم کا سنسڪار،
  دئڻ لئڻ نئي، ڪُڇ نهين، نمسڪار هي نمسڪار.

- برهمڻ جو من سيري ۾.
  پيٽيو: "برهمڻ هَ پوجن پريَہ": (سنسڪرت)

- ٻانيڻ چاڑهيو ڪُنو، ڪانوَن ويهي رُنو.
- ٻانيڻن ٻکري، پاڙي جي ڦڪِ ڙي.

1. ڈاڪٽر سهل، راجستاني ڪهاوتين، صفحو 135.

ڪتري:

ڈرم شاسترن (يعني هندُن جي مذهبي ڪتابن) جي مطابق برهمڻن کان پوءِ سماج ۾ ٻيو درجو راجا جو آهي. ويدڪ دؤر ۾ اهي "راجنيہ" ۽ پوءِ "ڪشتريہ" يا ڪتريءَ جي نالي سان مشهور ٿيا. جيئن برهمڻن کي ڈرم موجب تعليم ڈيڻ جو ڪم هو، تيئن ڪشترين کي ملڪ ۽ عوام جي حفاظت جو ڪم ڈنو ويو هو. اُتر پارت وارن علائقن ۾ اُنهن کي راجپوت ۽ آنڌر پرديش ۾ انهن کي 'راجُو' چيو ويو آهي. راجپوت پنهنجي بهادريءَ لاءِ مشهور آهن. هو پنهنجي ماتر پوميءَ (مادرِ وطن) لاءِ پنهنجو ڪنڌ ڪپائڻ کان بہ ڪونہ ڪيڻائيندا آهن. راجستان جي هڪ پهاڪي موجب راجپوتن جي ذات ئي زمين آهي. سنسڪرت جي هڪ مشهور پهاڪي 'ٻتا راجا تتا پرجا' جو مطلب آهي تہ راجا جنهن رستي تي هلندو يعني پنهنجي هلت ۽ وهنوار رکندو، تہ ان جي ملڪ جي رعيت بہ ساڳِي ريت هلندي. ڪشترين تي ڪجهہ پهاڪا هن ريت آهن:

- جهڙو راجا، تهڙي پرجا.

- راجپوتي ذات آهي ڈنڊي وانگر، پَڇي پر جُهڪي کانہ.

يعني راجپوت مري ويندو، پر ٻئي جي اڳيان پنهنجو سِرُ نہ جُهڪائيندو.

- راچ نہ ڈجن مگيا، مگيا ڈجن ڈاند.

- سنتوشي راجائون ناس ٿي وجن ٿا.

مطلب تہ راجا هميشہ پنهنجي راچ کي وَڌائڻ چاهيندو آهي.

وئش (واٽيو) :

چئن ورڻن (ذاتين) ۾ ورهايل پارتي سماج ۾ وئش يا واٽئي جو ٽيون درجو آهي. "ائترييَہ برهمڻ" نالي گرنٿ ۾ واٽئي کي وَل ڈيڻ وارو ۽ زورآوريون سهڻ وارو چيو ويو آهي. پارت جي سماج ۾ اِها ذات

واپاري، وئش، پائيبند، بنيا وغيره نالن سان سڃاتي ويندي آهي. جيئن برهمڻ جو ڪم سِکيا ڏيڻ ۽ ڪتريءَ جو ڪم پنهنجي ملڪ ۽ عوام جي حفاظت ڪرڻ هو، اُنهيءَ طرح واڻئي جو ڪم واپار ڪري پنهنجي ملڪ ۽ سماج جي مالي حالت کي مضبوط ڪرڻ هو.

جيتوڻيڪ سنڌي سماج ۾ برهمڻ ۽ ڪتري بہ آهن، پر اُنهن ۾ واڻين جو تعداد تمام گهڻو آهي. سنڌي سماج گهڻو ڪري واپاري سماج جي شڪل ۾ سڃاتو ويندو آهي. جهوني وقت ۾ بہ سنڌي واپاري ٻين ملڪن جيئن تہ جاوا، سوماترا، افغانستان وغيره ملڪن ۾ وڃي واپار ڪري ايندا هئا. سنڌي واپاري، جيڪي پاڻيءَ جي رستي وڃي ٻين ملڪن ۾ واپار ڪندا هئا، انهن کي "سنڌ ورڪي" چيو ويو آهي. واپار ۾ سنڌي واڻين جو گهڻو نالو آهي ۽ هو ٻين ملڪن سان واپار ڪرڻ ۾ پنهنجو خاص مقام بہ رکندا آهن. انهيءَ ڳالهہ طرف اشارو ڪندڙ هيءُ پھاڪو ملي ٿو: "جيڪي ويا جاوا، سي ٿيا ساوا". مطلب تہ جيڪي واپاري جاوا وڃي پنهنجو مال وڪڻي ايندا هئا، انهن کي سنو لاءِ ملندو هو.

سنڌ جي ذاتين تي ٻڌل پھاڪن ۾ واڻين بابت پھاڪن جو تعداد تمام گهڻو آهي. هيٺ ڏنل پھاڪن مان اُنهن پھاڪن مان اُنهن جي خوبين ۽ گهٽتاين تي جهجهي روشني پوي ٿي:

- واڻيو مطلب جو يار، ڪم پوڻ تي ڪري پيار.
- واڻيو وياج ۾، سڳي ڏيءَ مان بہ نہ ٽري.
- واڻيو پئسي جو پُٽ آهي.
- لِکي واڻيو پڙهي ڪرتارُ.
- واڻيو بينو آهي تہ وينو آهي.

جيڪڏهن وينو آهي تہ سمهيو پيو آهي.

۽ جي سمهيو پيو آهي تہ آهي ئي ڪونہ.

اها چوٽي سنڌي سماج جي واڻئي جي ڊڄڻي سياڻ يا مزاج طرف اشارو ڪري چوي ٿي تہ لڙائيءَ جي ميدان ۾ واڻين تي پروسو نہ ٿو ڪري سگهجي.

- واڻيو آهي اَٽي جو ڏيئو.

گهر ۾ ڪائنس ڪوئا ۽ ٻاهر ڪائينس ڪانوَ.

- چار چور چوراسي واڻيا،

هڪڙي هڪڙي ايڪويهہ تاڻيا.

مطلب تہ واڻيا دل جا ڪمزور هوندا آهن.

- پري ٻيڙيءَ ۾ واڻيو ڇڪو.
- اُنان والي ڪدِنِ دِوالي. ڇڪوئان والي وڏي.
- چٻڻو واڻيو، سِمٽي دٻي،

ٻنهين کي پري الله.

- واڻئي جا وٽ بہ ڪوٽا، تہ ٽٽ بہ ڪوٽا.
- واندو واڻيو وَهيون سنيالي.
- واپاري تہ نرم، راجا تہ گرمُ، استري تہ شرم.
- واڻيو پنج نہ سهي، پنجاهہ سهي.
- واپاري ٻيچتا پلا، جُواري ڪيلتا پلا.
- واڻيو موُر نہ ساري، وياج ساري.
- نڪمڻو واڻيو پِتر پوري.
- واڻيو وڙهي وَيسيءَ سان.

مطلب تہ ڪاڏي پيتي ۾ ڪنجوسي پيو ڪري.

شودر (پوئتي پيل ذاتيون):

ويدڪ ڏرم گرنٿن (ويدن جي ڏرمي ڪتابن) جي آڌار تي پارت جي سماج کي الڳ الڳ ورڻن يا ذات پات ۾ ورهايو ويو آهي. اُنهن سيني جي ڪمن ۽ زندگيءَ جي طريقہء ڪار ۾ گهڻو فرق آهي. انسانن ۾ بہ هڪجهڙائي ڪانهي. انهيءَ ڏس ۾ شودرن ۽ ٻين ٿن يعني برهمڻ، ڪترين ۽ وئشن جي وچ ۾ وڏو فاصلو رکيو ويو آهي ۽ چيو ويو آهي تہ شودر ذات جو ڪن يا عملن ۾ رڳو ٿنهي ذاتين جي ماڻهن جي خدمت ڪرڻ آهي. انهيءَ ريت، چئن ذاتين ۾ ورهايل پارت جي سماج

۾ شودرن جو چوٿون درجو يا جڳھ مڃي ويئي آھي. "ايترين برھمڻ" نالي ڏرمي ڪتاب موجب شودر انھن ٽنھي ذاتين جي مرضيءَ سان شودر کي سماج مان ڪڍي سگھبو ھو ۽ ھُڻ کي مرضيءَ موجب سزا پڻ ڏيئي سگھبي ھئي.

شودر ذات جي اندر گھڻي ئي اڇوت ذاتيون شامل ڪيل آھن: جيئن تہ: ڍيڍ، چمار، موچي، ڀنگي، ميگھواڙ، ڪاسائي، پيل، وغيرہ. انھن سان واسطو رکندڙ پھاڪا ذاتين جي اندر ڏنا ويا آھن.

ڏنڊي ۽ پيشيور جاتين تي ٻڌل پھاڪا

پارت جي سماج ۾ مکيہ چئن ذاتين کان سواءِ الڳ الڳ ڪمن يا ڏنڊن تي گذران ڪرڻ وارين ذاتين جو ٻہ گھڻو تعداد ملي ٿو. جيئن تہ: ڪوري، ڪنير، تيلي، ڏوبي، موچي، لوھار، سونارا، حجام وغيرہ.

اِھي سڀيئي پارت جي سماج جو ھڪ حصو آھن. ڏنڊي جي مطابق الڳ الڳ ڪم ڪرڻ وارن تي ٻہ گھڻيئي پھاڪا ملن ٿا، جن جي آڌار تي پارت جي ثقافتي ۽ سماجي ڏانچي تي گھڻي روشني وجھي سگھجي ٿي:

ڪوري يا ڀُلاھو:

سنڌ ۾ ڪوري ذات جا ماڻھو گھڻي وقت کان رھندا پيا اچن. انھن تي ٺھيل ڪجھ پھاڪا ھتي ڏجن ٿا:

- اُڻندو اُھائي جا ڪوريءَ جي من ۾.

يعني ڪوري آڌاڻي تي جڏھن ڪپڙو اُڻي ٿو تہ اُن وقت ان جي تاجي پيٽي ۾ ڏاڪڻ جو حساب اھڙي نموني رکي ٿو، جو رٽيل ڊزائين نھي سگھي. ڪي ماڻھو ھن پھاڪي جو استعمال ڏٽيءَ سان ٻہ لڳائي ڪندا آھن. اِن موجب چئبو تہ بندو چاھي ڪيترو ٻہ سوچي، پر ٿيندو اُھو ئي جيڪو ڏٽيءَ جي من ۾ آھي.

ڪورين جو مکيہ ڏنڊو ڪپڙو اُڻڻ ۽ ان کي وڪڻڻ آھي. ھي سادا سودا ۽ گھٽ پڙھيل ذات جا ماڻھو ھوندا آھن. ھنن جي سادي

وھنوار ۽ پراڻي ھلت چلت کي لوڪ ڪٿائن ۽ پھاڪن ۾ جوڳو مقام مليل آھي. جيئن تہ:

- ڪوري، مت ٿوري.

يعني ڪوري گھٽ عقل وارا ۽ سادا ماڻھو ھوندا آھن.

- ڪوري ڪڏ ڪوٽي، پاڻ ئي اُن ۾ پوي.

ڪوري جنھن ھنڌ آڌاڻو يا ڪرگھو رکندو آھي، اُن جي ھيٺان ننڍي ڪڏ ٻہ کوٽيندو آھي. پيرن سان ھوُ ڪرگھو ھلائيندو آھي ۽ ھٿن سان ڪپڙي جي اُڻت کي ٻہ ٽيڪ ڪندو ويندو آھي. پيرن جي جاءِ ھيٺان ڪڏ ھوندي آھي، جيئن ڪرگھو ٽيڪ ھلائي سگھجي. ھِن پھاڪي جو ٻيو مطلب ٻہ آھي تہ جيڪو ماڻھو ٻين لاءِ ڪڏون کوٽي ٿو، اُھو پھرين پاڻ اُن ڪڏ ۾ ڪري ٿو.

- ڪوري چا ڄاڻي ڪباب مان؟

مطلب تہ ڪوريءَ کي عزت ڏيڻ سان ڪوبہ فائدو ڪونھي. ھوُ مانَ ۽ عزت ۽ سُنن ڪاڏن مان سمجھڻ وارو نہ آھي.

- سُٹُ نہ ڪَپھہِ، ڪورينَ ۾ لٽيون ڏُکا.

بنا ڪنھن ڪارڻ جي پاڻ ۾ ڪي ڏُريون وڙھن تہ ائين چون.

- ڪُوري ھڻُ نڙو تہ ٽئي نہ دڙو.

يعني اُڻڻ وقت ڏاڪڻ کي نڙو ھڻي سِڌو رکبو تہ ڳنڍ نہ ٽيندو.

ڪنير:

ڪُنيرن جي ذات محنت ڪش ۽ ھُنر وارن ماڻھن جي آھي. انھن جو ڪم ڪچي مٽيءَ کي پچائي، سھڻن برتنن ۽ مٽيءَ جي راندين کي ناھڻ جو آھي. ھي گھرن ۾ ۽ انسان جي روزاني زندگيءَ ۾ ڪم اچڻ واريون مٽيءَ جون گھڻيون شيون ناھيندا آھن. جيئن تہ ڏيئا، تغاريون، جانورن جي ڪاڏي کي رکڻ لاءِ وڏا برتن، ڪوندين، جھوپڙين تي لڳڻ وارا ڪپر وغيرہ. ڪُنيرن سان واسطو رکندڙ ڪجھ پھاڪا ھن

ريت آھن:

- ڪُنير ڪُنيرڻِ سان پُڄي نہ سگھي،
  تہ گڏھ جا ڪن مروڙي.
- ڪُنير جي گھر ۾ڳلُ دِلو.

تيلي:

تيلِي گھاٽي مان تيلُ ڪڍڻ جو ڪم ڪندا آھن. ھي ٻين ٻہ ڪجھ شين جي واپار ڪندا آھن. انھيءَ ڪري اُنھن جي مالي حالت ٻين ڏنڏوڙي ذاتين کان وڌيڪ سُڌي آھي. ڇاڪاڻ تہ تيليءَ جو لاڳاپو تيل سان آھي، اِنھيءَ ڪري تيل تي ٻڌل پھاڪن جو ذڪر ڪجي ٿو:

- تيليءَ جو تيل ٻري، مشعلچيءَ جي گاند سڙي.
- ذات ٻہ تيلِي، سينڊ ٻہ ميلي.
- تيل سڙي تہ ٿئي گِيھہ، گيھہ سڙي تہ ٿئي وِھہ.

سنڌ ۾ ڄاڻيي جي ڪوڙي تيل ۾ مصالحا وجھي ساڙبو آھي ۽ پوءِ اُن تيل ۾ پڪوڑا وغيره ناھيا ويندا آھن. اھڙي تيل ۾ نھيل پڪوڑا ٻيون شيون وڌيڪ لذيذ ۽ طاقتور ھونديون آھن.

راجستاني ٻوليءَ ۾ تيليءَ بابت ھي پھاڪا ڏِسو:

- گھر ئي گھاٽي، تيلِي رُوکو ڪيون ڪاوئي؟

تيليءَ جي پنھنجي گھر ۾ ئي گھاٽو آھي، پوءِ ھو رُکي ماني ڇو کائي؟

- تيلي رو بيل، سؤ سؤ ڪوس چلي، پڻ بنڻئي ڪو بنڻئي.

يعني تيليءَ جو ڏاند گھاٽي جي چوڌاري پيو ڦرندو آھي.

ڏوبي:

ڏوٻين جي ذات محنت ڪش ذاتين ۾ مجي ويندي آھي. ھنن جو ڪم ميرن ڪپڙن کي ڏوئڻ جو آھي. ڏوٻين جو واسطو سماج جي ھر ڪنھن ننڍي ۽ وڏي طبقي وارن ماڻھن سان پوي ٿو. ھن پيشي سان لاڳاپو رکندڙ ڪجھ پھاڪا ھن ريت آھن:

- ڏوٻيءَ جي گھر آيا چور، ھُو نہ ڦُريو، ڦُريا اور.

مطلب تہ ڏوٻيءَ جي گھر چوري ٿيڻ تي ھُن کي ڪوبہ نقصان نہ رسندو، پر ٻئي طرف جيڪي ڪپڙن جا اصلي مالڪ آھن، انھن کي ئي ڪپڙن جي چوري ٿيڻ تي نقصان پھچندو.

- ڏوٻي ڏوئي، ڏاڙي روئي.

ھيءُ پھاڪو پراڻن يا سڙيل ڪپڙن کي ڏوٻيءَ پاران ڏوئڻ طرف اشارو ڪري ٿو. اھڙن ڪپڙن جي ڦاٽي وڃڻ جو گھڻو امڪان ھوندو آھي، جنھن ڪري اُنھن جي مالڪ کي نقصان ٿئي ٿو.

- ڏوٻيءَ جو ڪُتو، نہ گھر جو نہ گھاٽ جو.

ڏوٻيءَ جو ڪُتو جيڪڏھن گھر ۾ ھوندو تہ ھر اڇڻ واري گراھڪ کي ڏاڙھيندو ۽ جيڪڏھن ھُو گھاٽ تي ھوندو تہ ڏوتل ڪپڙن کي خراب ڪري نقصان ڪندو. جڏھن ڪو ماڻھو ٻنھي ڏُرين طرفان ڏڪاريو وڃي تہ انھيءَ لاءِ ڇئبو آھي.

- ڏوٻيءَ جي گھران ويئي ڇوُ؟

يعني ٻئي کي ٿيندڙ نقصان جو ڏوٻيءَ کي ڪوبہ خيال نہ ٿو رھي. ڪپڙن ڏوئڻ وقت پٿر تي انھن کي سڻڻ تي ھو اڪثر 'ڇوُ ڇوُ' جو آواز ڪندو آھي. جي ڪپڑا ڦاٽي يا چوري ٿيا تہ ڏوٻيءَ جي گھران فقط 'ڇُو ڇوُ' ويندي.

موچي:

موچيءَ جو ڏنڏو ڪرڻ وارا ماڻھو جُوتن ۽ چنپلن کي ناھڻ جو ڪم ڪندا آھن. شروع شروع ۾ ماڻھو ڪاڻ کي لسو ڪري اُن جون چاڪڙيون ناھي پنھنجن پيرن ۾ پائيندا ھئا، پر پوءِ چمڙي ۽ ربڙ جي ايجاد ٿيڻ تي ڪاڻ جي بدران چمڙي جا جوتا ۽ ربڙ جا چنپل ڪم اڇڻ لڳا آھن. موچين بابت سنڌيءَ ۾ ڪجھ پھاڪا ملن ٿا، جيڪي ھينئن ريت آھن:

- موچيءَ جا گھڙيا، موچيءَ جي منھن ۾.
  پنھنجي ڪَئي جو قلُ پاڻ يوڳڻ تي ائين چون.

- موچيءَ جي رمبي حلال ۾ وهي ته حرام ۾ بہ وهي.

مطلب تہ موچي حرام ۽ حلال جي جانور جي چمڙي مان ڪمائي ٿو.

لوهار:

لوهار لوهہ جي ڪم ڪرڻ ۾ ماهر هوندا آهن. هن ڏنڊي وارا ماڻهو لوهہ سان ناهڻ واريون گهٽيئي شيون ناهيندا آهن، جيڪي عام ماڻهن جي روزاني زندگيءَ ۾ ڪم اچن ٿيون. جيئن تہ: چاقو، ڪپ، تسلا، توا، ڪوڏر، لوهہ جي چاٽي وغيره. آڳاٽي زماني ۾ لوهار جو مکيہ ڪم ڪترين لاءِ هٿيار ناهڻ بہ هوندو هو، جن ۾ هُو تلوارون، نيزا، ڀالا، ڍالون وغيره ناهيندا هئا. لوهار ۾ هڪ ذات گاڙِيِيا لوهار جي آهي، جيڪي اڄ تائين بہ پنهجو هڪ هنڌ نِڪاڻو ناهي ڪونہ رهندا آهن. هِن ذات جا ماڻهو پاڻ کي راجستان جي هڪ مشهور راجا مهاراڻا پرتاپ جي نسل جا مجيندا آهن. راڻا پرتاپ جڏهن مغلن سان لڙائيءَ ۾ چتور جو قلعو پنهنجي هٿان وڃايو، تڏهن هُو جهنگ ۾ وڃي رهيو. هُن قسم ڪاڏو تہ جيستائين چتور واپس نہ ورتو اَٿم تيسيتائين مان محلن ۾ نہ رهندسُ. هُن کان اڳ سندس گهٽي ئي سپاهي بہ جهنگن، بنين ۾ رهڻ لڳا. ان روايت موجب گاڙِيِيا لوهار بہ راڻا پرتاپ سان گڏ رهڻ لڳا. هُو فوج جي لاءِ هٿيار وغيره بہ ناهيندا هئا. وقت گذرندي راڻا پرتاپ چتور جو قلعو وري فتح ڪيو ۽ پنهنجي محل ۾ رهڻ لڳو. پر سندس فوج جا لوهار سپاهي وري قلعي اندر نہ ويا. اُن زماني کان ونڊي هنن پنهنجو گهر نہ ناهيو آهي. هي بيل گاڏيءَ ۾ پنهنجي گذران جوڳو سامان پاڻ سان کڻندا آهن ۽ سڄي زندگي رستن جي پرسان فٽپاٿن تي گاڏيون بيهاري، اُتي ڪُڀيون، توا ۽ بيو لوهہ جو سامان ناهي ۽ وڪڻي پنهنجو گُذر ڪندا آهن.

سنڌيءَ ۾ لوهارن بابت ڪجهہ پهاڪا هن ريت آهن:

- لِڪِيا لوهارن کي ڏَنگُن ۾ ڏاندا.

يا

- لکيون لوهارن کي چڏنِ ۾ چٽگون.

مطلب تہ لوهارن جي قسمت ۾ ئي ڏاندا ۽ چٽگون لکيل آهن. هي پهاڪو اِن طرف اشارو ڪري ٿو تہ لوهار باهہ ٻارڻ لاءِ جڏهن ڏمڻي هلائيندا آهن، تڏهن باهہ مان چٽنگون اُڏامنديون آهن، جيڪي اڪثر کين ڏنگن ۾ پيون لڳنديون آهن. اُن حقيقت تي هڪ چوٽي ڏهي آهي.

- لوهہ ڄاڻي، لوهار ڄاڻي.

يعني بن ماڻهن جي ڳالهہ جي وچ ۾ ڏئين ماڻهوءَ جو ڪم ناهي. لوهار لوهہ مان ڇاڏو ناهڻ چاهي، ان جي ڪيس ئي خبر هوندي آهي. ٻيو ماڻهو اُن جو اندازو نہ ڪري سگهندو. پيڏيو: "اُٽندو اُهائي جا هوندي ڪوريءَ جي من ۾."

- لوهہ ڪپي لوهہ کي.

(پنهنجا پنهنجن جا ويري آهن.)

- سوناري جا سؤ ڏڪ، لوهار جو هڪ ڏڪ.

پيڏيو: "سئو سنار کي، ايڪ لوهار کي." (هندي)

سونارو:

دُنيا جي قيمتي شين ۾ سُون بہ هڪ آهي. سون کي گهڙي، اُنهن جا سهڻا ڳهہ ڳڻا ۽ زيور ناهڻ جو اعليٰ هُنر سونارن جو آهي. سون جا زيور زالن کي تمام گهڻو موهيندا آهن. سونارن کي سماج ۾ شڪ جي نظر سان ڏٺو ويندو آهي، ڇاڪاڻ تہ اِها ڳالهہ مڃيل آهي تہ سونارو پنهنجين سڳن مائڻن جي سون مان بہ رَتي ڪڻُ سون جو ڪڍي وٺندا آهن.

سنڌيءَ ۾ سونارن سان واسطو رکندڙ ڪجهہ پهاڪا هيٺينءَ ريت آهن:

- سون کي ڪهڙي ڪسُ؟

سُڃي شيءِ جي قيمت يا مُلهہ تمام گهڻو هوندو آهي. اُنهيءَ کي رکڻ ۾ ڪوبہ نقصان ڪونہ ٿيندو آهي.

- سون سَؤ ورهائين بہ سوايو.

يعني سچي ۽ ماڻهوءَ جو قدرُ ڪڏهن بہ گهٽبو ناهي.

- سون کان گهڙائٽي مهانگي.

ڪنهن شيءِ جي اصل قيمت کان جڏهن اُنهيءَ مان ٻيون شيون ناهڻ تي وڌيڪ خرچ اچي، تڏهن چون:

- سؤ نار، هڪ سونار.

مطلب ته جيڪڏهن سؤ زالن جي چالاڪيءَ کي پاڻ ۾ گڏ ڪجي ته اُها هڪ سوناري جي چالاڪيءَ جي برابر هوندي.

- سونارو ماڻُ جي نٽ مان بہ نہ ٽري.

سماج ۾ اِها ڳالهہ مڃيل آهي ته سونارو سون گهڙڻ مهل اُن مان ڪُجهہ سون ضرور ڪڍي وٺندو آهي. پنهنجيءَ ماڻُ جي سون مان بہ چوري ڪرڻ کان نہ ٽرندو آهي.

- شير نہ ڏيکيا ڏيک ٻلاڙا، چور نہ ڏيکيا ڏيک سونارا.

هن پهاڪي ۾ سوناري جي برابري چور سان ڪئي ويئي آهي. پيٽيو: "جاڻ جنوائي پاڻيجو رئيباري سُنار، ڪدئي نہ هوسين آپٽا ڪر دئيکو ويوهار."

حجامُ:

جيئن ڏوٻي سماج جي هرهڪ طبقي جي ويجهو ٿين ٿا، ساڳيءَ طرح حجام جو بہ هرقسم جي ماڻهن سان گهرو تعلق هوندو آهي. حجام جي ذات سماج ۾ ننڍي درجي تي ليکي ويندي آهي. پر سماج ۾ ڪيترائي ڏرمي، مذهبي ۽ ثقافتي موقعا اهڙا آهن، جن ۾ حجام جي ضرورت پوندي آهي. حجام ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ تيز، چالاڪ پر زبان جا مِٺا هوندا آهن. پوڄپوريءَ ۾ حجام تي ٻڌل هيءُ پهاڪو حجام جي اُنهيءَ گڻ طرف اشارو ڪري ٿو:

- ڇرائين ۾ ڪَڻُوا، مَنَئِي ۾ نئوُڻا.

مطلب ته جيئن جهرڪين ۾ ڪاڻُ سيني ۾ تيز ۽ چالاڪ سمجهيو ويندو آهي، تيئن ماڻهن ۾ نائي يعني حجام سيني ۾ چالاڪ مڃيو ويندو آهي.

سنڌيءَ ۾ حجام تي ڪجهہ پهاڪن جا مثال ڏسو:

- حجم ۽ پاڪي، چگ نہ بچندي باقي.

مطلب ته جيڪڏهن ڪنهن نالائق کي ڪا اختياري ملندي ته پوءِ هُو سڄي خلق لاءِ آزار بڻجي ويندو آهي.

- حجامڙو حرامڙو.

حجامن جو سُياڻُ هڪ ٻئي جي گلا ڪرڻ ۾ ڪُوڙ ڳالهائڻ جو ٽيندو آهي. هُو حجامت ڪندي مهل پيا ڳالهيون ڪندا ۽ پنهنجن گراهڪن سان ڪُوڙ پَچ ڪري هڪٻئي جي گلا غيبت ڪندا. پنهنجي اُنهيءَ عادت جي ڪري حجامن جي ذات پروسي جي قابل نہ سمجهي ويندي آهي.

- هلڪڙي ذات حجام جي، ٽڪر کي ٽينگنو.

مطلب ته حجام هلڪي ذات جا آهن. هو جتي ويندا اُتي ڪجهہ نہ ڪجهہ نقصان ڪندا آهن يا گلائون ڪري ماڻهن ۾ جهڳڙا ڪرائيندا آهن.

جسماني اوڻائيءَ يا وڌ متعلق پهاڪا

سنڌيءَ ۾ ڪجهہ اهڙا بہ پهاڪا ملن ٿا، جيڪي ماڻهن جي جسماني اوڻاين (جيئن ته ڪدڙو، انڍو، ڪاڻو، گونگو وغيره) سان لاڳاپو رکن ٿا. هِتي اُنهن جا ڪجهہ مثال پيش ڪجن ٿا.

ڪِڙو:

سائينءَ جي مهر نرالي آهي. آدم ذات ۾ هن دنيا ۾ ٽن قسمن جا ساهوارا ملن ٿا. هڪڙا آهن مذڪر ٻيا آهن مؤنث ٽيان آهن. وچڙا، جن کي سنڌيءَ ۾ ڪدڙو ڪري سڏبو آهي. اُنهن کي سماج ۾ قدرت جو ڏمر سمجهيو ويندو آهي ۽ هي سماجي طبقي کان ٻاهر جي زندگي گذارينداآهن. مطلب ته سماج ۾ اُنهن کي ڪابہ حيثيت نہ ڏني ويندي آهي. هڪ رواج موجب ڪِڙن جي مرڻ بعد هُن جا ٻيا ڪِڙا ساڻي سندس لاش کي گِهِلي ڪڍي ويندا آهن ۽ هُن جي جسم تي جوُتن جو

وسڪارو ڪري ڪڇيون گاريون ۽ ڏيندا ويندا آهن. هِن رواج پنيان سوچ آهي ته ائين ڪرڻ سان شال هُو ٻيو جنم وري ڪڏڻي جي شڪل ۾ نہ وڃي، پر ٻئي طرف شادي مرادي ۽ تي ۽ ٻار، خاص طور سان پُٽ جي پيدا ٿيڻ تي ڪڏڻن جو گهر ۾ اچي ناچ گاني ڪرڻ کي هڪ سنو سوڻُ مڃيو ويندو آهي. اهو ۽ رواج ڏنو ويو آهي ته ڪڏڻي جي مري وڃڻ تي هُن کي ٻيا ڪڏڙا اڌ رات ۾ گهِلي وڃي نديءَ ۾ ڪيس ٻُوڙيندا آهن.

سنڌيءَ ۾ ڪڏڻن بابت ڪجهہ پهاڪا هن ريت آهن:

- هيڄڙي ڪوُن ٻار ڄميا، چم چم کي مار ستيا.
- ڪڏڻي جي ڪمائي ڏاڙهي مُڇ جي صفائيءَ ۾ خرچ ٿي وئي.
- ڪِڏڻن ۽ ڪڏهن قافلا لُٽيا.
- ڪڏڻن جا اوتارا، ڪُنيرن جي گهر.

انڌو:

جن شخصن کي اکين ۾ نُور نہ هوندو آهي يا روشني نہ هوندي آهي، تن کي انڌو، نابين ۽ سُورداس ڪري سڏبو آهي. آدم ذات ۾ اِها جساماني ڪمي گهٽو ڪري ڄائي ڄم کان هوندي آهي. ٻيو ته ڪڏهن ڏڪ لڳڻ ڪري، وڏي عمر ٿيڻ بعد ۽ اکين جي روشني وڃي سگهندي آهي، جنهن ڪري ماڻهو ڏسڻ کان لاچار ٿي ويندو آهي. مردن کي 'انڌو' ۽ زالن کي 'انڌي' چيو ويندو آهي. ڪجهہ وقت اڳ تائين انڌن کي سماج جي مٿان ٻوجهہ سمجهيو ويندو هو، پر هاڻي انهن کي ۽ خاص طور سان پڙهائي ڪجهہ هُنر سيکاريا ويندا آهن، جيئن ته: هي سماج جي لاءِ ڪجهہ ڪم ڪري پنهنجو گُذر بسر ڪري سگهجن. اهڙي خاص تعليم حاصل ڪرڻ بعد، اکين ۾ روشني نہ هوندي ۽ هُو پنهنجي هُنر جي مدد سان گهٽي ئي شيون ناهي سگهندا آهن. پڙهڻ جي لاءِ انڌا پنهنجي آڱرين جي ڇهاءُ جو استعمال ڪندا آهن. اُنهن جي لاءِ ڪتاب هڪ خاص لِپيءَ ۾ تيار ڪيا ويندا آهن، جنهن کي 'بريل لِپي' چئبو

آهي. انهيءَ طرح سان انڌا ۽ اڄ ڪلهہ محنت ڪري سماج ۾ پنهنجي الڳ سڃاڻپ ناهي رهيا آهن.

انڌن بابت سنڌيءَ ۾ ڪجهہ پهاڪا هن ريت آهن:

- انڌو ۽ اٽسوُنهون ٻئي هڪ آچار.
- انڌا رکن روزا ته ڏينهن ۽ ٽين وڌا.
- اسي ڳُڻ انڌي ۾، سو سترِ ڪاڻو،
  مُلهہُ ڏيئي ناڻو، مارائجي مندي کي.
- انڌن وهانوَ مندا نچن، ٽنڊا پائين ڦيريون.
- انڌو دوزخي، ٻوڙو بهشتي.
- انڌي ۽ جنڊُ، واري ۽ پنڊُ.
- انڌي جهڙي ساهرين، تهڙي پيڪي.
- انڌن ۾ ڪاڻو راجا.
- انڌي هنگي ۽ سيڙائي.
- انڌي جي جوءِ جو واهي اللهُ.
- انڌي جي جوءِ جڳ جي ياڄائي.

ڪاڻو:

جنهن شخص جي رڳو هڪ ئي اک ۾ نُورُ هجي، تنهن کي ڪاڻو چئبو آهي. پهاڪن جي دنيا ۾ ڪاڻن کي خراب سوڻ مڃيو ويو آهي:

- ڪاڻيءَ جي وهانوَ ۾ سنڪٽ گهٽا.
- ڪاڻي کي ڪاڻو نہ چئجي.
- اِيڪ اکِيا مها بَلي.
- ڪاڻا سوامي نمسڪار. چي بابلو وڙهڻ جا پار.
- ڪاڻي وِسوُڙي جي مُڙسُي ويو اک کي.

ڳنجو:

جن شخصن کي مٿي تي وار نہ هجن، اُنهن کي 'ڳنجو' يا 'ٽوڙهو' چئبو آهي. اِنهن تي ڪجهہ پهاڪا هن ريت آهن:

- گنجو وينو ميٺُ مِلائي، وار نہ اٽس چاکي لائي؟
- ٿوڙهي ۾ هلي آهي ڳوٺ ٻڌڻ.
- گنجي ڇُٽي جُونئن کان.
- گنجي جي متي ۾ نہ جونءَ نہ ليک.
- گنجو کنهڻ کان نہ رهي.

ٻندرو (جامڙو):

جسماني بناوت جي خيال کان جيڪو انسانُ رواجي قد بُت جو نہ هئڻ ڪري گهٽ ڊگهو هجي تہ هُن کي 'ٻندرو' چئبو آهي. سماج ۾ اهڙا شخص پنهنجي جسماني بناوت جي ڪمزوريءَ جي ڪري 'مسخرن' جو ڪم ڪرڻ تي مجبور ٿيندا آهن. اِنهن تي ڪجهہ پهاڪا هِن ريت آهن:

- ٻندرو ٻڌي سندرو، تہ الله ۾ نہ پُڄيس.
- ڊگهو بيوقوف، ٻندرو شيطان.

ٻوڙو:

جيڪو شخص ٻُڌي نہ سگهي يا تمام گهٽ ٻُڌي اُن کي 'ٻوڙو' چئبو آهي. هِن تي ڪجهہ پهاڪا ڏسو:

- ٻوڙو ڪِلي ۾ پيرا.
- ٻوڙو ٻڌي ۾ دفعا، ٽيڏو پسي ٽي دفعا.

گونگو:

جنهن شخص کي ڳالهائڻ جي قوت نہ هوندي آهي، اَن کي 'گونگو' چيو ويو آهي. اهڙا شخص ڳالهائڻ لاءِ پنهنجي زبان جو استعمال نہ ڪري سگهندا آهن ۽ اِشارن مان پنهنجي ڳالهہ کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اُنهن تي بدل ڪجهہ پهاڪا هِن ريت آهن:

- گونگن جو ڳائڻُ ۽ ٻُوڙن جو ٻُڌڻ.
  مطلب تہ اڻ ٽيٽي ڳالهہ آهي.

- گونگي جو اِشارو گونگو ئي سمجهي.
  يعني ساڳئي خيال وارا ماڻهو پاڻ ۾ نهڪندا آهن.
- گونگو کائي ڳُڙُ، مُشڪي ڪُشڪي کين ڪي.

جيئن گونگو ڳُڙ کي کائي، اُن جي سواد جي باري ۾ ٻين کي ٻڌائي ڪونہ سگهندو آهي، ساڳيءَ طرح جيئن اِنسان ڏٺي سائين جو ديدار ڪيو آهي، اُهو پنهنجي زبان سان کانہ ٻڌائي سگهندو آهي تہ ڏٺي سائين جي ديدار مان کيس ڪهڙو سُکون مليو آهي. مطلب تہ روحاني سُکون بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي.

تقابلي پهاڪا

هتي هنڌُو ڏرم موجب گروهن ذات پات جي سرشتي موجب گروهن، ڏنڌي موجب گروهن ۽ ٻين ذاتين سان گڏوگڏ جسماني اُوٽاين ۽ وهنوار موجب گروهن تي بدل ڪجهہ پهاڪن جو اڀياس ڪيو ويو آهي. اِنهن پهاڪن ۾ گهٽو ڪري سڀيئي اهڙا پهاڪا آهن، جيڪي ڪنهن هڪ ذات سان واسطو رکن ٿا، پر پهاڪن جي دنيا ۾ اهڙا ڪيترائي مثال ملن ٿا، جن ۾ هڪ کان وڌيڪ ذاتين جو بيان ڪيل آهي ۽ ٻنهي جي خاصيتن، گهٽتاين، اوٽائين وغيره تي روشني وڌي ويئي آهي. اهڙن ڪجهہ پهاڪن جا مثال هتي ڏجن ٿا:

- شيخ پُٺُ شيطان جو، نہ هندوءَ جو نہ مسلمان جو.
- ۾ ٻروچ، ٻارنهن ڪُتا، تہ ۾ ٻروچ ٽِکا.
- سيد ۽ سپاهي، تن کان رکج يا الاهي.
- جٽ جي دمڙي ڇني چمڙي، واٽئي جو سؤ ڪونهي ٻؤ.
- جٽُ، ڦُٽُ، پٽُ ۽ تٽُ چارئي ٻڌا ٻلا.
- ڪاتورو وڙهي قلم سان، جٽُ وڙهي ڏُکي سان.
- ڪاريگر جي ڪاريگري، جٽ جي جمار.
- ٻڌي ٻڌائي واٽيو، ٻڌي بگاڙي جٽُ.
- منهن مُلا جو، اکيون چور جون.
- منهن ۾ مُلو، دِل ۾ ڪاسائي.

- تيليءَ جو تيلُ ٻري، مشالچيءَ جي گانڌ سڙي.
- شير نہ ڏيکيا ڏيک ٻلاڙا.
  چور نہ ڏيکيا ڏيک سونارا.
- ٻوڙو ٻُڏي ٻہ دفعا، ٽيڏو پسي تي دفعا.

سرڪاري عملدار

سنڌ جي هندن ۾ عامل ۽ پائيبند فرقن جو بنياد ڪلهوڙن (1700ع کان 1783ع) جي زماني ۾ پيو. سرڪاري هندو عملدارن ۽ مسلمانن کي عامل سڏيو ويو ۽ واپار ڪندڙ هندُن کي پائيبند ڪوٺيو ويو. آهستي آهستي اهي ٻئي پنهنجي وهنوار سبب عوام ۾ مشهور ٽيندا ويا، پر ٻئي طرف پنهنجي وهنوار ۾ علحدگيءَ سبب 'پائيبند' ۽ 'عامل' هڪٻئي کان پري ٻہ ٽيندا ويا.

سماج جي هرهڪ گروهہ ۾ سرڪاري عملدارن بابت مختلف رايا ملن ٿا. سرڪاري عملدارن بابت الڳ الڳ قسمن جي ٽيل آزمودن مان هيٺين پهاڪن جو جنم ٽيو آهي:

- عاملُ نہ دوست، ڦڦڙ نہ گوشت.

عامل يعني سرڪاري عملدار کي پنهنجي عهدي جو فخر هوندو آهي. ان ڪري هُو پنهنجو ٻہ دوست نہ هوندو آهي. ساڳيءَ طرح ڦڦڙن کي ٻہ گوشت ڪري نہ سمجهيو ويندو آهي. مطلب تہ عاملن مان ڪڏهن ٻہ اِها اُميد نہ رکجي تہ هو اوکي ويل دوستن وانگر وهنوار ڪري ڪنهن جي ڪم اچي سگهندا. اهڙيءَ طرح ڦڦڙ ٻہ ڪڏهن ڪاڏي جي ڪم نہ ايندا آهن.

- حَڪيمين ۽ حاڪمين شال نہ ڪو تات پوي.

بيماريءَ ۾ ڪو ڊاڪٽرن جي ورُ چڙهيو يا ڪِن سرڪاري عملدارن ۾ ڪنهن جو ڪم پيو تہ سمجهجي تہ هو ڦاٽو. انهيءَ لاءِ چيو ويو آهي تہ حاڪم يعني عملدار ۽ حڪيم يعني ۾ ڊاڪٽر ڪنهن جو ڪم نہ ڦاسي.

- حاڪم جي ياري ٻہ آگر ٽاڪ، ٻي سيُ واري.

يعني وڏن ماڻهن جي دوستيءَ تي ڪو ڀروسو ڪونهي. وقت پوڻ تي هوُ ڪڏهن ٻہ ڪم نہ ايندا آهن.

- آفيسر جي ياري، ڪاري ۾ ڪاري.

مطلب تہ آفيسر سان دوستي ڪرڻ تي ڪڏهن ٻہ مِٺ محبت جو رشتو نہ ٻڌجي سگهندو، ڇاڪاڻ تہ آفيسر کي پنهنجي عهدي جو غرور ٽيندو آهي ۽ پنهنجي نوڪريءَ کي بچائڻ خاطر هُو ٻين تي مصيبت اچڻ تي ڪڏهن ٻہ کين ڪم نہ ايندو آهي.

- عاملُ مُئو ٻہ نہ اورانگهجي.

مطلب تہ سرڪاري عملدارن جي خلاف ڪڏهن ٻہ نہ وڃجي. سرڪاري طاقت ساڻ هئڻ ڪري هُو عام ماڻهن کي ڪڏهن ٻہ نقصان پهچائي سگهن ٿا.

- آفيسر جو اڳ ۽ گهوڙي جي پُٺ ڪڏهن نہ ونجي.

مطلب تہ جهڙيءَ ريت گهوڙي جي پُٺ ونڻ تي هُن جي لَتَ لڳڻ جو انديشو هوندو آهي، ساڳيءَ طرح آفيسر جي خلاف وڃڻ تي نقصان ٽيڻ جو امڪان هوندو آهي. پيٽيو: "افسر ڪئي اگاڙي اؤر گدها کي پچاڙي نہ آوئيڪ چاهي" (اوَڌي) ۽ "گهوڙا ڪِي پچاڙي ائور حاڪم کي اگاڙي نا جائي ڪي". (پوڄپُوري).

- ڪاموري جي مڌي، ٻہ ڏنڊڻ ٽئين تڌي.
- ديوان جو دم دمڙيءَ جي دال تي.
- سپاهيءَ جهڙو يارُ، ٻيو دشمن نہ ڏار.
- سيد ۽ سپاهيءَ، تن کان رکج يا الاهي.
- ڪامورو معنيٰ ماکوڙو، جي چَنبڙيو تہ مُئي ٻہ نہ ڇڏي.

گڏيل ڪٽنب ۽ رشتيدارن متعلق پهاڪا

ڪنهن ٻہ گروهہ يا ذات يا جاتيءَ جي (سماجي) ۽ ثقافتي پهاڪن جو اڀياس ڪرڻ لاءِ سيني کان پهرين سماجي سرشتي کي جاچڻ،

سمجھڻ نهايت ضروري ٿيندو آهي. سماجي سرشتي ۾ گڏيل ڪٽنب، رشتيدار، (جيئن ته پيءُ، ماءُ، پُٽُ، ڌيءَ، ياءُ، پيٽ، پاڃائي، نائي، چاچو، چاچي، مامو، مامي، ڏاڏو، ڏاڏي، نانو، نائي، ماسڙ، ماسي، وغيره) جهڙا گهڻيئي رشتا اچن ٿا. سماجي سرشتي جي بناوت سمجھڻ کان پوءِ سندن وچ ۾ وهنوار، مِٺ محبت، مان- مريادا، وغيره جي رنگ ڍنگ جي چنڊچاڻ ڪرڻ سان ئي ڪنهن گروهه يا ذات بابت اُنهيءَ سان پروڙ پوي ٿي.

سماجي سرشتي جو ننڍي ۾ ننڍي ايڪو آهي، ڪٽنب يا پريوار. آڪاڻي دؤر ۾ پارتي ڪٽنب جو مطلب هڪ گڏيل ڪٽنب هو، جنهن جي معنيٰ آهي ته پائرن، چاچن، سؤٽن ۽ پائٽين جي وچ ۾ ويجهو تعلق هئڻ ۽ هُو سپيئي گهڻو ڪري هڪ ئي گهر ۾ يا وري گهرن جي ميڙ ۾ هڪ ئي هنڌ تي ساڳئي ڪٽنب جي پاتين وانگر رهندا هئا. يورپيءَ ۽ سئمينٽڪ (سامي نسل) ڪٽنبن جيان هتي به ڪٽنب پيءُ جي نسل جو آهي. پيءُ ئي گهر جو مکي (وڏو) ۽ گڏيل ملڪيت جو بندوبست ڪندڙ هوندو هو. لڳ ڀڳ پارت جي سيني صوبن ۾ نسل جو نالو ۽ ملڪيت جو حق پيءُ جي نالي تي هلندو آهي. پر ڏکڻ پارت جي ڪجهه صوبن جيئن ته ڪيرل ۾ ڪٽنب جو سرشتو ماءُ جي نالي سان هلڻ جي روايت آهي. پيءُ جي نسل واري روايت ۾ جتي ملڪيت جو حق پيءُ کان پُٽ وٽ ۽ وري ان جي پٽ وٽ ويندو آهي، ساڳيءَ طرح ماءُ جي نالي پويان نسل جي روايت ۾ ملڪيت جو حق ماءُ کان ڌيءَ وٽ ۽ پوءِ وري هُن جي ڌيءَ کي ملندو آهي. هن روايت موجب ڪٽنب جي وڏِي ماءُ هوندي آهي ۽ انهيءَ جي نالي تي ڪٽنب هلندو آهي.

آڪاڻي پارت جي ڪٽنب ۾ ماءُ- پيءُ، ٻار- ٻچا، ڏوهٽا- پوٽا، چاچا ۽ سندن ٻارن سان گڏ مرد جي پاسي جا مختلف رشتيدار به شامل هئا. هن ميڙ ۾ گود ورتل ٻار به شامل ٿي سگهندا هئا ۽ جيڪڏهن گهريلو نوڪر ۽ خدمتگار غريب نه هجن ته اُهي پڻ شامل ٿي ويندا هئا. هن کان

سواءِ برهمڻ ڪٽنب ۾ انيڪ شاگردن لاءِ به جڳهه هوندي هئي جيڪي گهر جي مُکيءَ جي سايي هيٺ ڏِگهي وقت تائين تعليم جو اڀياس ڪندا هئا ۽ ڪٽنب جي پاتين وانگر ئي سماج ۾ مانُ پائيندا هئا. اهڙيءَ طرح عام طور تي آڪاڻي دؤر جي نُهنُ- زال سماج ۾ جتي چوڪرين جي شادي اُنهن جي ننڍي عمر ۾ ئي ڪئي ويندي هئي، ڪٽنب ۾ گهڻن ئي پاتين جي هئڻ ڪري هڪ وڏو ميڙ بڻجي پوندو هو. اهڙيءَ طرح رڳو هڪ شخص کي نه بلڪ سڄي ڪٽنب کي سماجي سرشتي جو هڪ ايڪو سمجهيو ويندو، پر اهڙي ايڪي ۾ ننڍن ننڍن رشتن ناتن جي ڪا اهميت ڪانه هوندي هئي. مثلاً پُٽ پنهنجي پيءُ جي سيني زالن کي بنا ڪنهن فرق جي "ماتا" چوندو هو ۽ پائرن ۽ سؤٽن ۾ فرق چٽو نه هوندو هو. آهستي آهستي وقت گذرندي جدا جدا سببن ڪري هنڌُن ۾ هڪ ڪان وڌيڪ زالن جو رواج گهٽجندو ويو ۽ سماج ۾ ڪٽنب ۾ به گهڻو فرق اچي ويو. اڄ ڪالهه جي الڳ الڳ حالتن ڪري هڪ ئي ڪٽنب جي پاتين کي پنهنجي روزگار خاطر الڳ الڳ هنڌن تي وڃي رهڻو ٿو پوي، جنهن ڪري آڪاڻي زماني جي گڏيل ڪٽنب جي شڪل هاڻي گهٽ نظر اچي ٿي.

ڪٽنب يا پريوار کي ناهڻ جا جيڪي خاص سبب آهن، اهي آهن: شادي ۽ جنم. اِنهن بنهي سببن جي ڪري ڪنهن به ڪٽنب جا پاتي هڪ ٻئي سان مختلف رشتن ۾ ڳنڍجن ٿا. ڪٽنب جي اِنهن مختلف پاتين ۽ رشتن بابت چيل ويچارن کي پهاڪن ۾ سمجهائڻ لاءِ هيٺين ريت اڀياس ڪجي ٿو:

ڪٽنب متعلق پهاڪا:

- ڪڙم قبيلي کان شال ڪو ڪتو به ڏار نه ٿئي.

مطلب ته پنهنجي ڪٽنب کان الڳ ٿيڻ تي ڏاڍو ڏک ٿيندو آهي. اِن کي اِها خواهش ڪئي ويئي آهي ته پنهنجي ڪٽنب کان ڪوبه الڳ نه ٿئي.

- ڪڙم کان سواءِ ڪتو به نه سونهي.

پنهنجي ڪٽنب سان رشتو ڦٽائڻ نه ڪپي، چوتہ برادريءَ کان الڳ ٿيڻ تي ماڻهوءَ جي بچڑي حالت ٿي ويندي آهي.

- رت هميشہ دانگي ڏي ورندو آهي.

مطلب تہ عزيزن يا مائٽن جي هڪ ٻئي سان همدردي ٿئي ٿي.

- ڪٽنب ننڍو، سُک وڏو.
- پرائو پنهنجو نہ ٿئي، توڑي ڦُري ڏينس گهر.
- جي چلهہ تي سي دل تي.
- پنهنجا نيٺ ٻہ پنهنجا.

گڏيل ڪٽنب بابت راجستاني ٻوليءَ ۾ هيءُ پهاڪو ڏسو:

- ٻندي پار لک کي ڪُلي بيکر جاءِ.

مطلب تہ گهر جا سپ پاتي جي ڪٽنب ۾ گڏ رهن ٿا تہ اُنهن جي مائ مريادا زندهہ رهي ٿي. پر پاتين جي الڳ ٿي وڃڻ تي اهڑي ڪٽنب جي عزت گهٽجي ويندي آهي.

ڪٽنبي زندگيءَ ۾ وهنوار متعلق پهاڪا:

- سڃڻ هجن ساڻ، تہ جهنگ اندر ٻہ سوني ڪاڻ.

مطلب تہ جيڪڏهن گهر جا پنهنجا پاتي ساڻ هجن تہ جهنگل ۾ ٻہ ڪُل و گلزار ٿي ويندا آهن.

- سڃڻ سان سوڙهہ پلي.
- گهر وينو گهُران، اگڻ آئي نہ سهان.
- پنهنجن سان ويرَ، پراوَن سان ميڙ.
- شريڪت ۾ مريڪت ڇا جي؟
- ٻہ پائر ٿيون ليکو.
- پِت پيئي، وٽِ پيئي.
- جَيسلمير جيسلمير، گهر سان ويرَ، پر سان ميڙ.

پنهنجو گهر:

- پيو پرُ، ويو پنهنجو گهر.

مطلب تہ پنهنجي گهريلو معاملن ۾ ٻين پراوَن کي شامل نہ ڪرڻ گهرجي. اِن سان پنهنجي گهر ۾ فِتنت ٿيندي آهي.

- پنهنجو گهر داتا جو درُ.
- پنهنجو گهر هنگي پَر، پرائو گهر، ٽُڪ اُجلي ڏُرُ.
- پنهنجي گهر ۾ ٻلي ٻہ شينهن آهي.
- جهنگ جو تتو گهر نٰري، گهر جو تتو ڪٽي نہ نٰري.
- گهر ۾ گهر، ٻُڏي وجي مر.
- پنهنجي گهر جهڙي ڪا ٻي بادشاهي؟
- گهر جو ڪِن گهر ۾ ئي ڏوئجي.

مٽ مائٽ ۽ رشتيدار:

مٽن مائٽن بابت سنڌ ۾ جيڪي پهاڪا ملن ٿا، اُنهن ۾ بن قسمن جا پهاڪا آهن: (1) وقت تي يا اوڪي ويل پنهنجا مٽ مائٽ يا رشتيدار ئي ڪم ايندا آهن. جيئن تہ، رتُ وِنگو تہ ٻہ دانگيءَ ڏي وري. (2) اچوڪي زماني ۾ اهڑو ماحول ٻڌيو آهي، جو مصيبت وقت پنهنجا ٻہ پراوا ٿي وڃن ٿا. مثال طور:

- مِٽن ڇڏيون مائٽيون، سڳن ڇڏيو ساءُ،
  اهڑو ڪو لڳو واءُ، جو پنهنجا پراوا ٿيا.
- سِر تي آئي، ڪونهي پائي.
- لنگهيا پَٽ، وِسريا مِٽ.

هڪ ڪُٽنب جا پاتي:

آڳاٽي دؤر کان وٺي پارتي سماج ۾ هڪ ڪٽنب گهڻو ڪري ڪنهن وڏي مرد جي هٿ هيٺ رهندو آيو آهي. اِن ڪري ڪٽنب ۾ ڏاڏي ۽ پيءُ کي مکيہ درجو حاصل ٿيل آهي. پيءُ تي سڃي ڪٽنب کي سنيالڻ ۽ پالڻ جي جوابداري آهي. اِن تي چيل آهي، "سنت اُهو جو گهاءُ

سھي، پيءُ اُھو جو بارُ سھي". جيستائين پيءَ حيات آھي، تيستائين بارُ بي فڪر آھن. اِن ڪري چيل آھي، "بابي جي بھار آھي." پر جيئن ئي پُٽ وڏو ٿئي ٿو ۽ ڪمائڻ لائق بڻجي ٿو تہ ھُو چاھي ٿو تہ مان پنھنجي محنت ۽ ھوشياريءَ سان ڪمايان ۽ پنھنجي پيرن تي بيھان. اِن تي ڪجھ چوٽيون آھن:

- باپ جي ڪٽيءَ ۽ آپ جي ڪٽيءَ ۾ وڏو سنڌو.
- بابا جي گھر گھوڙا، مون کي کھڙا ٿورا.
- ابي جو ڏنو نہ پري، رب جو ڏنو پري.

پارتي سماج ۾ ڪٽنب جي سرشتي ۾ پُٽ ۽ ڌيءَ جي وچ ۾ وڏو تفاوت اڃي ويو آھي. عام طور ھرڪو ماڻھو چاھي ٿو تہ مون کي پٽ ھجي. پٽ جي اھميت تي ڪجھ پھاڪا ڏسو:

- پُٽُ پُٽيتيءَ سندو، ڏھاڙي بہ ھٽ وڏي.
- پُٽُ جائو تہ مون جٽيو، ڌيءَ جائي تہ تو جٽي.
- پٽ وڏيو تہ سونُ وڏيو، ڌيءَ وڏي تہ سُئڙي لڳي.
- ڪاڻائو پُٽُ ڪاڻو بہ پلو.
- پُٽ وٽي ڪٽيءَ وارو، نُھن وٽي لڌيءَ واري.
- ڏُرو پُڪليو ماءُ پرين، ڏن پُڪليو جوءِ پرين،
  اڃي ڪپڑين سَسُ پرين.

ويدن واري زماني کان وني پارتي سماج ۾ اھا خواھش رھندي آئي آھي تہ پُٽ ڪي جنم ڏيڻ سان ماڻھو 'پِتر ترڻ' کان آزاد ٿئي ٿو. مطلب تہ پُٽ پنھنجن ابن ڏاڏن کي 'پِنڊ دان' (وڏن پنيان خيرات) ڪري ڪين مطمئن ڪري ٿو. پُٽ جي ذريعي نسل جي روايت بہ ھلندي رھي ٿي. اِن تي چيل آھي، "پُٽ جائي کان پوءِ پُنِ پڙي ٿئي ٿي." پُٽ وڏو ٿي ڪمائي پنھنجي ڪٽنب جي پالنا ۾ بہ مدد ڪري ٿو. اِن ڪري ڪيس جڙ تہ ڪٽنب جو سھارو ليڪيو ويو آھي. ٻئي طرف پارتي سماج ۾ ڌيءَ جي جنم کي گھٽي قدر پسند نہ ڪيو ويو آھي. اُن جو ڪارڻ ڪي سماجي ڪُرسمون بہ آھن. اِنھن ۾ ڏيتي ليتي يا ڏاج جي رسم مکيہ

آھي. پيءُ پنھنجي ڌيءَ کي شاديءَ ۾ ڏاج ڏيڻ لاءِ قرض کڻڻ کان بہ نہ ٿو ڪيڻائي. اِن تي چوٽي آھي، "ابو گسي، ڌيءَ وسي." پر ڌيءَ جي شاديءَ کان پوءِ پڻ ھو پريشانين کان آجو نہ ٿو ٿئي. جيڪڏھن ھو پنھنجي ڌيءَ کي ڏِڻ وار (وڏن ڏھاڙن) تي ڪجھ سوکڙيون يا مِنايون وغيرہ نہ ٿو موڪلي تہ ڌيءَ جي ساھورن ۾ گِلا ٿئي ٿي:

- سُجي اَبي جائي، ڇڄ ڇندبيندي آئي.
- سُجن اباڻن ڏوُڙ مرڪن ڏيئرون.

اِن ڪري چوڪريءَ جا ماءُ پيءُ وس پڄندي پنھنجن سيڻن کي يعني ڌيءَ جي ساھورن کي خوش رکڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.

- سيڻ آھن نيڻ.
- سيڻن جا ڳالھائين نيڻ، نہ کي ڏَند.
- سيڻپو، ويڻپو، ويرپو.

اھڙيءَ حالت ۾ ماءُ پيءُ پنھنجي ڌيءَ کي ھميشہ اھا نصيحت ڏين ٿا تہ تون شادي بعد ساھورن جي پيت تي ھلُ ۽ اُنھن کي خوش رک.

- ڏيئڙي سوکڙِ، جا ڏِڻئہ ماءُ گھر،
  نُھنڙي سوکَڙِ، جا ڏَڻئہ سَسِ گھرِ.

سلجھي چوڪري پنھنجي وس آھر اِھائي ڪوشش ڪندي آھي تہ ھوءَ پنھنجي سني ھلت چلت مان ساھورن کي خوش رکي. ان سان نہ فقط ھُن جي، پر سندس پيڪن جي بہ نيڪنامي ٿيندي:

- نوُنھن آھي ہن گھرن جو ڏيئو،
  پيڪا بہ ناري تہ ساھرا بہ ناري.

پر ڪن حالتن ۾ جڏھن چوڪريءَ کي پنھنجن ساھرن ۾ تڪليفون سھڻيون پون ٿيون، تڏھن ھوءَ لاچار ٿي چوي ٿي:

- ساھرُا آھُرا ٻاھرا ڪندا،
- جو پاسو ورائي، چپ چپ ڪندا.

ڌيءَ جا پيڪا مائٽ بہ اھو سپ مِنو ڪري پوڳين ٿا. ھُو

سمجھن ٿا تہ جيڪڏھن سيٽن سان چپ پياسين تہ پوءِ جھجڪ ڪري سڪ سواءِ ٻيو ڪو نتيجو نہ نڪرندو:

- جن کي ڏنيونسين ڇايون،
  تن سان کھڙا سينا ساھيون.
- ڏني ڇائي، تہ ڇُٽي وائي.
- جتي وڃاياسين وار، اتي کھڙا پار.

ساھرن جي اِنھن ڏُکن سُورن کي ڏيان ۾ رکندي ڪڏھن ڪڏھن ڪي چوڪريون اھو چاھين ٿيون تہ اھڙي گھر ۾ شادي ٿئي، جتي سسُ سَھُرو نہ ھجن. مطلب تہ چوڪري پاڻ ۽ سندس گھوٽ ھجي:

- ڀڳوان تنھنجو ٿورو، مڙس ڏجانئيم چورو.

ان ۾ شڪ ناھي تہ پارت جي ھندو سماج ۾ ڏيءَ کي نياڻي ۽ ديويءَ جو روپ سمجھيو وجي ٿو. ان تي چوٽيون آھن:

- ڏيءَ گھر جي لڇمي آھي.
- نامُراد پٽ کان ڏيءَ ٻہ ڇڳي.
- ڪپوت پٽ کان سپوت ڏيءَ ڀلي.
- پيئِيءَ ليئِيءَ ڏيءَ ڪم اچي.

پر ان سان گڏي ماءُ پيءُ اھو ٻہ سوچين ٿا تہ "ڏيئرون پرائو ڌن آھن." يعني کين شادي ڪرائي ساھورن ۾ موڪلڻو آھي. اھا خواھش پارتي سماج ۾ آڳاٽي وقت کان وٺي ھلندي پيئي اچي. "ايي گيانَ شاڪُنتلم" ۾ ڪوي ڪالياس 'شڪنتلا' لاءِ چيو آھي، "ارٿو ھِ ڪنيا پرڪِيِيَ ايوَ" يعني ڏيءَ پرائو ڌن آھي، جنھن کي اسان امانت طور سنياليون ٿا.

انھيءَ قديمي خواھش ۾ اڄ ڪالھ جي زماني ۾ گھڻو فرق اچي ويو آھي. ھاڻي چوڪريون ٻہ سماج جي جدا جدا ميدانن ۾ چوڪرن سان ڪلھو ڪلھي ۾ ملائي ڪم ڪري رھيون آھن، نہ فقط ايترو، پر ڪيترين ڳالھين ۾ اُھي مردن کان ٻہ اڳتي نڪري ويون آھن. اڄ ڪالھ جي سماج ۾ ناريءَ جو ڪردار پاڻ وڌيڪ اھم ليکيو وجي ٿو.

گڏيل ڪٽنب ۾ ڏيراڻيُن جي وچ ۾ رشتو گھڻو ڪري سِڪ پريم وارو نہ رھيو آھي. اِن جي جھلڪ اسان کي گھڻيُن ئي چوٽين ۾ ملي ٿي:

- ڪِني ڪِني، پر ڏيراڻيءَ نہ ڏني.
- ڏيراڻيون، توڙ جون ويرياڻيون.
- ڪُھِ پيو ڏيرپو، جنھن وجايو پيٽپو.
- ڏيھُ چوي، ڏيراڻي نہ چوي.
- جرُ نئينس، جيڏي نئينس، پر ڏيراڻي نہ نئينس.

ڪٽنبي زندگي ۽ رشتن ناتن متعلق چوٽيون سنڌيءَ ۾ گھڻي تعداد ۾ ملن ٿيون. اُنھن سيني کي جيڪڏھن ھِتي ڏبو تہ وڏو ڪتاب ٺھي ويندو. اِن ڪري ھتي فقط ڪجھ ٻيون چونڊ چوَٽيون ڏجن ٿيون:

- پُٽ وڏي پيءُ جي ڪرمن ڪري،
  ڪيتي وڏي پنھنجي ڪرمن ڪري.
- پرائي پُٽ کان پھاڄ جو پُٽ ٻہ پلو.
- پٽ کي مار سان، ڏيءَ کي پيار سان سُڌارجي.
- سِڪي- لڏو پُٽُ چريو يا چُتوُ.
- پُٽُ ڪُپُٽُ پينگھي ۾ ئي پڏرو.
- پُٽ ٿي گذار تہ سگھوئي پيءُ ٿين.
- پُٽُ ٻٽيھ لڇڻو، موڇڙو چٽيھ لڇڻو.

ننڍڙا ٻار

- ننڍڙو ٻار، مُڇ جو وارُ، جيڏانھن وارِ تيڏانھن وري.
- ٻار ٻاروتن ۾ ئي پڏرو.
- ٻارُ ۽ ڪُتو، لڏپلاڻ ۾ خوش.
- چوکر چتيءَ ذات جا، يوُن يوُن ڪن ٻڳت ۾.
- اَنگلي ٻار گھر جي سونھن.
- ٻار اک کان پري ٿيو تہ ڪريو.

- ٻار ڇُريو تہ گهر ڦُريو.
- ٻار ٻار ٿي ڇُٽندو.

ٻائر

- ٻائر ڪوٽ جا ڪُنگر، پُٽ گهر جي سُونهن،
  وينا ڪن وِروُنهن، ڏَجِئُ ڏَوران ئي ڏَري.
- ٻہ ٻائر، ٽيون ليکو.
- ٻائرن ٻاگا لهڻا.
- ٻاءُ مِٽ، ٻاجائي ساهيڙي.
- ٻاءُ آهي ٻاءُ، پر جي ٽِئي ويري تہ ڪڍي ساهُ.
- ٻائر وڙهيا ٻہ ويري نہ ڇڏجن.
- ڏُکو ڪٽجي ٻاءُ لڳ، شاهدي ڏَجي الله لڳ.

نائي (جاتو، نياڻو)

- پٽ پيٽئون، نائي اکيئون.
- جاتا اُبتا ڏاتا، هِتي ڪائِي اُڦڙاتا، هُتي وڃي ڦاتا.
- جاتي وڻُ هڪڙو، جاتي وَڻ ٽيهہ،
  شال نہ جمي ڏيءَ، جا ڏَجي پرائي پُٽ ڪي.
- نائي آهي ڪائي، پيو هر هر ڇُپي.
- ڏيءَ پيڪي گهر جي ڏَائڻ، نائي ساهري گهر جو ڪتو.

<u>پيٽيو، هيٺ ڏنل پهاڪا:</u>

- جاماتا دشمو گرهہ. (نائي ڏَهُون گرهہ آهي.)
- دؤر جوانئي ڦول برابر، گانوَ جوانئي آدو،
  گهر جوانئي گڏي برابر، من آوئي جيوُن لادؤ.
  (راجستاني)

ٻڌي جي شادي

- پريو مڙس پئي نہ ڪجي، وجائجي نہ وهي،
  ڪٽڪن ۾ لابارا پوندا، تہ ماريو پوندو ڌهي.

- مڙس پوڙهو، زال جوان،
- تنهن کي جاٽج ڪک جو ڪانُ.

ناري جاتي (عورت ذات) متعلق پهاڪا:

پارت جي سماج ۾ ناريءَ کي عام طور سان گهٽو مانُ ڏنو ويو آهي. پر ڪي چوٽيون اهڙيون ٻہ آهن، جن ۾ ڪيس نندیو ٻہ ويو آهي. سنڌيءَ ۾ اسان کي ٻنهي قسمن جون چوٽيون ملن ٿيون.

ماءُ

- بي مُندو ٻهارُ، ملي ماتا جي گود ۾.
- ماءُ سا ماءُ، ٻيو سپ دنيا جو واءُ،
  ماسي ٿئي نہ ماءُ، توڙي ڪڍي ڏَئي ساهہ.
- ماءَ ماريندي، پر مارائيندي ڪانہ.
- ماءُ ڏَسي پيٽ، زال ڏَسي ڪيسا.
- ماءُ ڇٽيندي پٽڑا، پاڳ نہ ڏَيندي وندر.
- ماءُ جي دل مکڻُ، اولاد جي دل ڪنڊُ.
- اٽگهريو ماءُ ٻہ ٻار کي نہ ڏارائي.

ماٽيلي ماءُ

- ماٽيلي ماءُ، اُس جو تاءُ، ڪڍي ٻارن جو ساهُ.
- اونهاري جي لُڪ، ماٽيلي ماءُ جي مُڪ،
  انڌي جي ٽڪُ، جاتي لاڳي تاتي سُڪ.

سَسُ ۽ نُنهن

- سس جا سؤ ڏَينهن، تہ نُهن جو ٻہ هڪ ڏَينهن.
- سس ري نہ ساهُرا، سالي‌ءَ ري نہ نينهن،
  چنڊ ري نہ راتڙي، سج ري نہ ڏَينهن.
- نُنهن آهي ٻن گهرن جي ڏَيئو،
  پيڪا ٻہ ناري تہ ساهرا ٻہ ناري.
- نُنهن سيڪو ٻئي جي ساراهي،

ڏيءَ سي کو پنھنجي.
- ڏکُ ھڻُ ڏيءَ کي تہ سِکي نُھن.
- پُڄي نہ تي پيءَ سان پٽي تي پيڪا.
- ڀڳيءَ ٻانھن جا نہ ساھُرا نہ پيڪا.

سالو ۽ سالي

- سالا شينھن کي ٻہ پيارا آھن.
- سالا پِتِ جا آلا.

جيڪڏھن سالو پنھنجي پيٽويي جي گھر اچي رھيو تہ ان مان ڪلھہ پيدا ٿيندي ۽ ھوُ پيٽ جي گھر کي نقصان رسائيندو. پيٽيو: گھر ۾ سالا، ديوار ۾ آلا. (ھندي)

- سالا کائين، ساليون کائين، واھہ مارئي جي ڪٽي،
  پائر کائين، پينرون کائين، پيئي مارئي تي چٽي.
- سالي، آڏي گھر والي.

زال ۽ مڙس

- زالون پولڙن کي ٻہ پياريون آھن.
- روٽي تہ موٽي، زال تہ چوٽي، ينگ تہ گھوٽي.
- نِڪرُ ونجي تہ ٿوکي ونجي،
  جوءِ ونجي تہ ڳولھي ونجي.
- نئين ڪنوار نَوَ ڏينھن، لٽي پٽي ڏھہ ڏينھن.
- لوڪ ليکي چري کري، مڙس ليکي حُور،
  جٽي ڏنائينس پٽڑا، لھي ويس سُور.
- پتي پتني ھڪ گاڏيءَ جا ٻہ ڦيٽا آھن.

شادي:

- جاءِ چوي جوڙائي ڏس، شادي چوي وڃائي ڏس.
- قرضن جا ڪوٽ ڪٽي، چوٽ چاڙھيائين چُلھا،
  ڄاڄي ماڄي کائي ھليا، اُتس آئي ڳِلا.

سنڌيءَ ۾ پُٽ جي شاديءَ بابت ٻہ ڪجھہ پھاڪا ملن ٿا. اِنھن ۾ ڪٽنب جي وھنوار تي ٻہ ڪجھہ روشني پوي ٿي:

- انگ اڙيو، چوڪرو ڪريو.
- پُٽ پرڻيو، معنيٰ پر نِيو.
- جائو پُٽ، لٽي سِڪ، پرڻيو پُٽ، پيئي پِڪ.
- پُٽ تہ تيسين جيسين جوءِ نہ ملي اٽس،
  پر ڏيءَ ھميشہ ڏيءَ آھي.
- مڳيو تہ اڙيو، پرڻيو تہ پيو ڪاٺ،
  ماٺھو ڪريو ماڻ، مُڙس ٻہ ويو تہ پئسا ٻہ ويا.
- مڳيو تہ ويو ملڪ ڪان،
  پرڻيو تہ ويو ماءُ پيءُ ڪان،
  ڄائس ٻار تہ ويو پاڻ ڪان.

سنڌيءَ ۾ وڏي عمر ۾ شادي ڪرڻ کي سُنو نہ ليکيو ويو آھي. ان تي ڪجھہ پھاڪا ھِن ريت آھن:

- اڇي ڏاڙھي، اٿو خراب.
- پيريءَ جي شادي آھي خيراتي ڪوھہ ڪوٽڙ.
- پيريءَ جي شادي آھي مساڻ سان شادي.
- پريو مڙس پيءُ نہ ڪجي، وڃائجي نہ وھي،
  ڪٽڪن ۾ لابارا پوندا، تہ ماريو پوندو ڍھي.
- ميان گور لائق، بيبي سيج لائق. (گور=قبر)
- مڙس پوڙھو، زال جوان،
  تنھن کي ڄاڄ ڪک جو ڪانُ.

ڪنھن عورت جي جيڪڏھن وڏي عمر ۾ شادي ٿئي ٿي تہ اُن تي ھڪ چوٽي آھي:

- سِکي سڪي مڙس ڪيائون، ٻي جا ٻڌائون سڃي،
  اڳي ڪاڌائون تي لوڙھہ ميڇي، ھاٽي لُڏڻ لڳي.

ڪو مرد جيڪڏھن ھڪ کان وڌيڪ شاديون ڪري ٿو يعني جنھن جي گھر ۾ پھاڄون آھن تہ اِن ريت کي سُھٽو نہ ليکيو ويو آھي. اِن تي چوٽي آھي:

- ٻِن ونين جو ورُ، تَنھن جو مساٽن ۾ گھر.

پھاڄ جي رشتي تي ڪجھ چوٽيون ھن ريت آھن:

- پھاڄ خاطر وِھُ ٽي ڪائي.
- اٽسرنديءَ پھاڄ پيڪي.
- پرائي پُٽ کان پھاڄ جو پُٽ پلو.

سنڌيءَ سماج ۾ ڪنووٽيءَ جي رسم بہ موجود آھي. اِن مطابق جنھن گھر ۾ ڏيءَ جي شادي ڪجي ٿي، انھيءَ گھر مان وري پنھنجي پُٽ لاءِ ڇوڪري ورتي ويندي آھي. اِنھيءَ رسم کي 'بدي جي رسم' بہ چوندا آھن. گھٽوڪري نيات، برادري ۾ سوڙھ ھئڻ جي ڪري ماڻھو ڪنووٽيءَ جي شادي قبول ڪندا آھن. عام طور ان کي سنو نہ ليکيو ويندو آھي. ان تي چوٽي آھي:

- ڪنووَٽي، وھ جي وٽي.

ڏاڏاٽا ۽ ناناٽا:

- ڪائي پي ڏوھٽا، ڪونبا ڏاڏي پوٽا.
- ڏوھٽا وڏندي جا ويري.
- ناناٽن جي اڳيان ڏاڏاٽا ٽا ساراھِين.
- نانيِ رڌڻ واري، ڏوھٽا کائڻ وارا.
- نانيِ نورُي، جتي ڪٽي پُوري.
- ڏوھٽي ٽي نانيءَ کي سمھڻ سيکاري.
- ناناٽي گھر وڃان، ٽکر نوبر پَڃان.
- ماءُ مُئي کان پوءِ وڃ مَ ناناٽي،
  نہ مامو مِٽ ڪري، نہ مامي سُڃاڻي.
- ماما پنھنجا مامیون پرايون،
- اُپ مان نڪتيون سونيون سرايون.

ناري:

پارتي سماج ۾ جِتي ناري کي پوڄڻ لائق ۽ ديوي سمان ليکيو ويو آھي، اُتي ٻئي طرف ھُن جي گھٽتائي يا گلا ۾ بہ گھٽيئي چوٽيون ملن ٿيون. سنڌيءَ ۾ بہ اھڙيون چوٽيون گھٽيئي آھن. مثال طور:

- عورت جو عقل ڏائي ڪُڑيءَ ۾،
  سانجھيءَ کان پوءِ اُھو بہ گُم.
- جوءِ پير جي جُتي آھي.
- عورت کي نڪُ نہ ھجي تہ گوُنھُن کائي.
- زر، زمين، زن، ٽيئي جھڳڑي جو گھرُ.
- زر، زمين، جورُو، ھٿان مَ ڇڏِ.
  متان ٻيو مالڪ ڪنِ.
- ڊور، گنوار، شوُدر، پَشوُ، ناري (شودرن جي عورت)
  يہ سب تاڙن کي اَڌِڪاري.
- تِريا چَرت جاني نہ کوءِ، ڪُسم مارکي ستي ھوءِ.
- رنُن ربُ رلايو، تہ ڏاڙھيُن کھڑا ڏوھُ؟
- مرد رُلي تہ ڪُلي، رن رُلي تہ ڇُلي.
- رن زال آھي اُگھاڙي ڪُني برابر.
- زال ذات کي اُتندي بہ موچڙو، ويھندي بہ موچڙو.
- ڪلالُ، دلالُ ۽ ڪجري، اھي ٽيئي پئسي جا يار.

ناريءَ بابت اِھو سوچ جو انداز پارتي ادب ۾ آڳاٽي دؤر کان ونيِ ھلندو آيو آھي. مثال طور، سنسڪرت ادب ۾ جتي عورت لاءِ چيو ويو آھي: "يتر ناريَستُ پوُجينتي، رَمَنتي تتر ديوتاھَ." (جتي ناريءَ جي پوڄا ٽئي ٿي، اُتي ديوتائن جو نواس ٽئي ٿو.) پر ٻئي طرف اِھو بہ چيو ويو آھي تہ ناري ئي جي سھاري آھي. ھُن کي جيئڻ لاءِ ھميشہ ڪنھن مرد جو سھارو ڪپي:

- پتا رڪشتِ ڪؤماري، پَرتا رڪشتِ يؤوَن،
  پُترو رڪشتِ وارڌڪيي، نہ اِستري سواتنتريم اَرھتِ.

چوڪري جڏهن ڪنواري يا اڻ پرٽيل آهي، تڏهن پيءُ سندس سنيال ڪري ٿو ۽ جڏهن هُن جي شادي ٿي وڃي ٿي ته پوءِ هُن جو مڙس سندس سنيال ڪري ٿو. جڏهن هوءَ ٻُڌي ٿي وڃي ٿي ته پوءِ پُٽ سندس سنيال ڪري ٿو. اِن طرح پارتي سماج ۾ ناريءَ کي ڪڏهن به آزادي نه ٿي ملي. هوءَ هميشہ ٻئي جي سهاري پنهنجي زندگي گذاري ٿي.

پاڙو ۽ پاڙيسري:

ڪٽنب کان پوءِ سماج ۾ پاڙي ۽ پاڙي وارن کي به گهڻي اهميت ڏني ويئي آهي. اِن تي ڪجهہ چوٽيون هن ريت آهن:

- سؤ ڏيئي پاڙو ونجي، سؤ ڏيئي پاڙو ڇڏجي.
- پاڙو ابو امان آهي.
- پاڙو نبين کي به پيارو.

5.6 ڈرم ۽ زندگيءَ متعلق پهاڪا

عام لوڪن جي ڈرم (مذهب)، ايشور (پالٹهار) جي هستيءَ ۽ زندگيءَ ۾ وهنوار متعلق گهڻيئي پهاڪا ملن ٿا. اِن ۾ شڪ نه آهي ته اِنهن ۾ گهڻيون مجتائون ۽ اعتقاد (Folk beliefs) ڈرمي گرنٿن (Religions books) ۽ شاسترن ۾ بيان ڪيل فڪري رُخن کان متاثر ٿيل آهن. پر اُنهن سان گڏ لوڪن جا تجربا به اهڙن پهاڪن جو بنياد آهن. هِتي اهڙن موضوعن سان واسطو رکندڙ چونڊ پهاڪا ڏجن ٿا.

ايشور يا ڈٺي سائينءَ متعلق پهاڪا:

سيني بولين ۾ ايشور يا پرماتما ڈٺي سائين جي هستيءَ ۾ ويساهہ يا يقين رکندڙ پهاڪا ملن ٿا. درشن شاسترن يعني فلسفيانہ ڪتابن ۾ 'چار واڪ' ۽ ڪن بين فلسفين پرماتما جي هستيءَ کي قبول نه ڪيو آهي. ساڳيءَ طرح سوچ ويچار ۽ غور فڪر جي ارتقا ڪري ڪيترائي ماڻهو ناستڪ (پهريان الله جي هستي کان انڪاري) بڻيا آهن. هوُ خلقڻهار کي نه ٿا مڃين، پر پهاڪن جي دنيا ۾ سنڌيءَ ۾ ناستڪ (الله جي هستي کان انڪاري) ويچار ڏاريئن وارو هڪ به

پهاڪو مون کي نظر نه آيو آهي. عام لوڪن جو اُپائڻهار ۾ مڪمل يقين آهي. هتي ڪجهہ پهاڪا اِن باري ۾ پيش ڪجن ٿا:

- ڪَڻ ڪَڻ ۾ پڳوان آهي.
- جيڏانهن ڪريان پرڪ، تيڏانهن صاحب سامُهُون.
- ڪِوليءَ کي ڪَڻُ، هاٿي کي منُ.
- سِر سِر رزقُ سنباهي ناڪُر.
- عيبن کان آجو هڪُ الله.
- راکي رام نه ماري ڪؤن؟
- الله ڏئي، بندو سهي.
- پڳوان جڏهن ڏئي نه چپر ڦاڙي به ڏئي.
- پڳوان جي گهر دير آهي، پر انڌير ناهي.
- پڳوان جي پاٽي تي راضي رهجي.
- واڳ ڏٽيءَ جي وس، آئون ڪا پاڻ وهيٽي.

اِن ۾ شڪ ناهي ته پرماتما (اُپائڻهار) جي هستيءَ جو مڪيہ ڪارڻ انسان جي دل جي خواهش آهي. اِن ڪري ئي انسان پٽرن ۾، مورتين ۾ ۽ سيني هنڌن تي ايشور جي هستيءَ جو انيو (تجربو) ڪري ٿو. اِن تي هڪ سنسڪرت شلوڪ ۾ چيل آهي:

- نہ ڪاشني وديتي ديوو، نہ شِلايان نہ مرٽميي،
  پاوي هِ وِديَتي ديوستسمات پاوو هِ ڪارٽم.

مطلب ته پرماتما ڪاٺ، پٿر، مٽيءَ جي مورتيءَ ۾ نه آهي، پر اُهو انسان جي من جي پاونا (خواهش يا احساس) شرڌا (عقيدت) ۾ نه آهي، پر انسان جي من جي پاونا يعني احساس، شرڌا يعني عقيدت ۾ رهي ٿو. انهيءَ ويچار کي ظاهر ڪندڙ هي پهاڪا ڏسو:

- سچي دل تي صاحب راضي.
- ڪاشي ڪا ڪنکر، وه پي شنکر.
- مانِئي تو ديوَ، نهين پينت کو ليوَ (راجستاني)
- مائلا تَرَ ديوَ، ناهين تر دگڙ. (مراٹي)

- مانَ ت ديوَ، نا تہ پٿر. (پوڄپوري)
- جاڪِي رهي ياونا جئسي، پريو مورت ديکي تِنِ تئسي.

قسمت يا پاڳ ۾ ويساھ:

سنسڪرت جي درشن گرنٿن يعني فلسفانہ ڪتابن ۾ پاڳيواد يا پاڳ ۾ يقين رکڻ واري نظريي کي بہ گھڻن مڃيو آھي. اِن جو تمام گھڻو اثر پارت جي سماج تي پيو آھي. پوُروَ جنمن جي ڪرمن (گذريل جنمن جي عملن) جو قلُ انسان کي ھن جنم ۾ پوڳڻو پوي ٿو. چوراسي لک جوٽين (جنمن) جو چڪر آھي، جنھن مان آتما کي لنگھڻو پوي ٿو. ھُو چاھي ڪيتري بہ ڪوشش ڪري تہ بہ پاڳ يا تقدير ۾ جيڪو لکيل آھي، تنھن کي مٽائي نہ سگھندو. ھر ٻوليءَ جي پھاڪن ۾ اِنھن پاونائن (احساس) وارا گھڻيئي پھاڪا ملن ٿا. ھتي سنڌي پھاڪن جا ڪجھ مثال ڏسو:

- سپ ان جَلَ جي اختيار آھي.
- تقدير اڳيان ڪھڑي تدبير؟
- جيڪي ھوندو پاڳ ۾، سو وھي پوندو پاڳ ۾.
- ڪنھن جي پاڳَ سان ڪا ريس؟
- روپ روئي، ڪرم ڪائي.
- سونھن سِڪي، سَنت ڪائي.
- لکيو منجھ للاٽ، قلم ڪياڙي نہ وھي.
- ڪرم ھِيڻ ڪيتي ڪري، بلد مري يا ٽوٽا پڙي.
- ياوِي وڏي ٻلوان، ڪنھن تان ڪين ٽري.
- ڪرم ۾ لکيا ڪنڪر، تہ پوءِ چا ڪري شِو شنڪر.
- چا جي ڊِنگا ڏير، منھنجو ڏينھن ڊِنگومَ ٿئي.
- پاڳ ڏئي پيڙو تہ دال مان سيرو.
- پاڳ ڏئي دپ تہ دال مان رپ.
- ڪرمن جو قل سپ کي پوڳڻو آھي.

- بختاورن جا ڊِگا بہ وِيامن،
  ڪمبختن جون ڊِگيون بہ نہ ويامن.

پاڳ يا مقدر ۾ اٽڪل ويساھ ھوندي پڻ پھاڪن ۾ انسان کي اھا بہ صلاح ڏني ويئي آھي تہ ھُو پاڳ تي نہ ياڙي، پر ڪنھن بہ ڪم کي پورو ڪرڻ لاءِ اُدم ضرور ڪري. اِن تي ڪجھ پھاڪا ڏسو:

- اُدم کي پر آھن.
- آپ نہ مريئي، سرڳ نہ جائيي.
- اپني گھوت تہ نشا ٽيويئي.

دنيا چئن ڏينھن جو چٽڪو:

شنڪر آچاريہ جي ويدانت مَت جو پارتي سماج جي سوچ ويچار تي گھڻو اثر آھي. اِن موجب ھن سنسار کي نَشور يعني ناسُ ٽيندڙ ليکيو ويو آھي. ھيءَ دنيا مايا جو کيل آھي. اِنھن ويچارن تي ڪجھ پھاڪا ھن ريت آھن:

- ڪوڏر ۽ ڪاني، آھي سر سپ ڪنھين.
- ڪڏھن ڳاڙھو گھوت، ڪڏھن مڙھ مقام ۾.
- واري سندو ڪوٽ، اڏي اڏبو ڪيترو.
- ماڪ جي قطري جيان، زندگي ٽي انسان جي.
- گھوڙن ۽ گھوٽن جيئڻ ٽورا ڏينھڙا.

ڌن دولت جي اھميت:

سماج جو اقتصادي سرشتو جيڪڏھن مضبوط آھي تہ اُھو سماج ترقي ڪندو، اُن جا ماڻھو سُکي زندگي گذاري سگھندا. اِن ڪري آڳاٽي وقت کان ونڊي عوام ڌن يا ناڻي جي ھئڻ کي تمام گھڻي اھميت ڏني آھي، جيڪو شاھوڪار آھي، اُھو سماج ۾ طاقتور بہ ٻڌجي وڃي ٿو. غريب ۽ گھُرجائو ماڻھو سندس در تي وڃي پنھنجو ھٿ ٽنگين ٿا ۽ ھُن جي خوشامد بہ ڪن ٿا. سنڌيءَ ۾ ٻين ٻولين وانگر ناڻي جي اھميت بابت گھڻيئي پھاڪا ملن ٿا. سماج ۾ ناڻي جي ڪيتري اھميت ۽ ضرورت آھي، اِن باري ۾ ڪجھ پھاڪا ڏسو:

- اُٺُ ب ناٽو، ويھُ ب ناٽو، ناٽي بنا نرُ ويڳاٽو.
- پير عيسيٰ، پير موسيٰ، بڙا پير پئسا.
- شاھوڪار جو ٽِٽُ ب ڪستوري.
- پيءُ سندس پيھون ڪُٽيون، ڏاڏي سندس ڏاٽا،
  اڳي پُڄيائون ٽي ذات پات، ھاٽي پُڄن ٽا ناٽا.
- ناٽو نر ب چُتو ڪري.
- ناٽو سو جو ڳنڍِ، واٽي سا جا ڪنڌ.
- ڏن وجي ڏن ڏي.
- زر بسيار ت عشق نھ پھ، زر نيست ت عشق پُون پُون.
- جيڪو ڪري ناٽو، سو نہ ڪري راٽو.
- جيڪو ڪري ڪلدار، سو نہ ڪري ڪرتار.
- شاھوڪاري ہار، چريو يا چُتو.
- لڇمي، ڪُليڙ ڊڪٽي.
- شاھوڪار جو سالو ب سي ڪو سڏائي،
  غريب جو پيٽوِيو ب ڪونہ سڏائي.
- دولت نھن کان ماسُ وڇوڙي.

سيني پارتي ٻولين ۾ ناٽي جي اھميت جي باري ۾ ججھي تعداد ۾ پھاڪا ملن ٿا. سنسڪرت ٻولي ب اِن کان بچيل نہ آھي:

- يَسياسِتَ وِتن سَ نرھَ ڪُلِين ھَ،
  سَ پنڊِت ھَ سَ شرُتِ مان گُٽگيَ ھ.
  س ايوَ وَڪتا سَ چَ درشنِيِيَ،
  سروي گُٽاھَ ڪانچنماشترينتي.

مطلب ت جنھن وٽ ناٽو آھي، اُھو ماٽھو خانداني آھي، اُھو پنڊت، ويدن جو ڄاڻو ۽ گُٽوانُ آھي. اُھوئي سُنو ڳالھائيندڙ ۽ خوبصورت آھي. سپيئي گُڻ سون جو سھارو ونن ٿا.

- ٽڪا ڏرم ٽڪا ڪرم، ٽڪا ھي پرم ٽَپَ ھ،
  يَسيہ گيھي ٽڪا ناسِتَ، سَ نرھَ ٽڪٽڪايَتي.

يعني ٽڪو ئي ڏرم آھي، ٽڪوئي ڪرم آھي، ٽڪو ئي وڏي ۾ وڏو تپسيا (عبادت) آھي. جنھن گھر ۾ ٽڪو ناھي، اُھو ماٽھو کوکلو آھي ۽ خالي ڊبي وانگر کڙ کڙ ڪندو آھي. مطلب ت ٽڪي يعني ناٽي جي بنا ماٽھوءَ جي پنھنجي سماج ۾ ڪابہ اھميت نہ آھي.

ٻئي طرف زندگيءَ ۾ انسان اِھو ب محسوس ڪيو آھي ت پئسو ئي سڀ ڪجھ نہ آھي. اِن ڪري پئسي جي موھ ۾ ڦاسي اُن کي پنھنجو ايمان ۽ ڏرم وڃائڻ نہ ڪپي. اھڙن ويچارن تي ڪجھ پھاڪا ڏسو:

- مايا اڇٽي وڇٽي آھي.
- مايا اڇي ت انڌو ڪري، وڃي ت چيلھ پڇي.
- مايا ڇَلِڪي آھي.
- پاپ ڪِي مايا پراڇِت جايہ.
- نانءُ مردان، ڏنَ آوي جاوي.
- ناڙا گھوريا سِرن تان، سِر گھوريا شرمن تان.
- پيسو آھي ڏوڙ، ڏوڙ پيسي جي مُنھن ۾.

لوڪ ۾ وھنوار ۽ اخلاقي قول:

زندگيءَ ۾ انسان پنھنجي شخصي تجربن مان گھڙيئي ڳالھيون سِکي ٿو ت زندگي ڪيئن گذارجي، زندگيءَ ۾ ٻين سان ھلت چلت ۽ وھنوار ڪيئن ڪجي. اِن تي گھڙيئي چوٽيون ملن ٿيون، جيڪي قولن وانگر عام آھن. اُنھن جا ھتي ڪجھ مثال ڏجن ٿا:

- انسان خطا جو گھر آھي.
- سچ ت بينو نچُ.
- جھڙي ڪرڻي تھڙي پرڻي.
- ب ت ٻارھن.
- ڏاڍي جي لٺِ کي ب متا.
- انسان ڪڏھن پَريءَ ۾ ت ڪڏھن پاکُر ۾.
- سچ ب پاچا.

- انسان کي زندگيءَ ۾ سک ۽ ڏک، ٻئي ملن ٿا.
- واٽيو پنج نہ سهي، پنجاهه سهي.
- واٽيو مور نہ ساري، وياج ساري.
- وياجُ نہ ڏسي ڏينهن نہ رات.
- وِياجُ سُورتي گهوڙو آهي.
- اڄ روکڙ، سياڻي اوڌر.
- ٿورئي ڪٽئي گهٽي برڪت.
- قرض جهڙو ٻيو مرض ئي ناهي.
- قرض ڪوڙهه جو ٽِڪو آهي.
- پوءِ ڏائي کان قرض نہ ڪڍجي، توڙي لک لٽائي.
- پَتِ نَهن تي پاڻي آهي.
- ٻاليتو نہ ماليتو.
- جهڙو اَنُ، تهڙو منُ.
- اڄ جو ڪم سياڻي تي نہ وجهجي.
- منُ نہ ٿيو مسلمان، ڪلمو پڙهيو تہ چا ٿيو.
- اندر ڏوتو ناهي، ڏوئي ٿو ڏاڻا.
- زبان شيرين، ملڪگيري.
- ڪچيءَ ڪنا نہ وريا تہ پڪيءَ چا ورندا؟
- ڪمُ، ڪمَ کي سيکاري.
- سنگُ تاري ڪُسنگُ ٻوڙي.
- نَهن سان ڇڄي تہ ڪاتي ڇو هڻجي؟
- سوڙهي سِياندريءَ وهنوار نہ ڪجي.
- صبرُ جِنين جي سير، تير نہ گُسي تِن جو.

5.7 ٻين موضوعن تي چوندِ پهاڪا

هتي جن مکُيہ موضوعن تي پهاڪا ڏنا ويا آهن، اُنهن کان سواءِ ٻيا بہ گهٽي ئي ننڍا ننڍا نُڪتا آهن، جن تي پهاڪا- چوٽيون چيل آهن. هتي انهن جا ڪجهه مثال پيش ڪجن ٿا.

ٻولي ۽ سِکيا

- ٻارهين ڪوهين ٻولي ٻي.
- لاڙ جو پڙهيو، سِري جو ڏِگو.
(لاڙ يعني ڏکڻ سنڌ جو پڙهيل ماڻهو سِري يعني اُتر سنڌ جي ڏِگي جي برابر آهي.)
- واٽڪا اکر ٻُٽا، سُڪا تہ پڙهڻ کان چُٽا.
- جهڙي سڻِ، تهڙيون ٿي ويهُون.
- سنڌي ٻوليءَ کي بہ وڙ آهن.
(مطلب تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترن ئي جملن جون بہ- بہ، ٿي- ٿي معنائون نڪرنديون آهن.)
- لِکي لکانو، واچي خدانو.
- لِکي لالوُ، واچي واٽوُ.
- مُغلن آئي فارسي وسري وڃي.
- بارهين ڪوهين ٻولي ڦِري، ڦري واهڻ جي وات،
ڏينهن گذرئي وار ڦِرن، ڦِري نہ عادتيءَ آت.
- پَڙهي فارسي، وڪٽي ڪڻُ تيل،
ڏسو هِي قسمت جو کيل.
- فارسي، گهوڙي چاڙهسي.
- عالمُ اُهو جو عامل هجي.
يعني جيڪي پَڙهي لکي ٿو، اُن تي عمل بہ ڪري.
- لکندين پڙهندين تہ ٿيندين نواب،
رُلندين پِنندين تہ ٿيندين خراب.
- وِديا ڪنڌِ، ناڻو ڳنڍِ، استري سنگِ.

صحت يا تندرستي:

- اڪِ ڦڻُ ٻَڌڻُ، ليسُ تپُ لنگهڻُ.
- اگهي شاهوڪار کان سگهو غريب پلو.
- يَڪ تندرستي، هزار نعمت.

- ننڍا ڪاوي، گرم ناهوي، آڏ ڪوس پر جنگل جاوي،
  اُس ڪي دمڙي ويديہ نہ ڪاوي.
- ڪاڪر مُوتئي سووئي وام، اُس ڪو ڪيي نہ وئد سي ڪام.
- سگهو ڪائي اَنُ، اگهو ڪائي ڏنُ.
- واتُ آهي اڏُ حڪيمُ.
- وات تہ آهي مُئِي، نہ تہ آهي پُئِي.
- مرض اچي گهوڙي وانگر، وجي جوُئن وانگر.
- مَنُ دُرست، تہ تنُ دُرست.
- پيٽ صاف، بيماري معاف.
- نيم نانَ، صحت جان.
- نيم حڪيم، خطره جان.
- حڪيم جو يار، سدائين بيمار.
- ڪائي هنگايو، سو نہ ڏايو.
- ڪائي هنگايو، سپ ڪجهہ وجايو.
- گهٽِ ڪائڻ ۽ غم ڪائڻ، ٻئي ٻلا.
- ٿوري گرهين گهڻو ڪائجي.

جيوتش يا علم نجوم ۾ يقين

- جينو، سُک نہ وينو.
- جيڻي، سک نہ ويڻي.
  (يعني جيڻ جي مهيني ۾ جاول ٻار پنهنجي زندگيءَ ۾
  گهڻا لاها چاڙها ڏسندو آهي.)
- ٻُڌِ سِڌِ.
  (ٻڌر وار يعني اربع ڏينهن تي ڪيل ڪم پورو ٿيندو آهي).
- پير ۾ چنجر اٽس.
  (مطلب تہ هُو ڀڻڪندو ٿو رهي.)
- چوٿون چندرما اٽس.

  (يعني پاڻ ۾ ويڑ پاڻ اٽبٽت اٽن).
- جنهن جي ڇاتيءَ تي نہ وار، تنهن تي ناهي اعتبار.

هندن جي اخلاقيات ۽ ريتون*

- ڪُڙ جيرو ڪائي، پُٽن ماڻُ نتُ ويائي.
- ڇڪ مُنجهي تہ سج ڏي نهارجي.
- ڇُٽو ڇڪوُن ڏيئي، لنگهيو لڪ سيئي.
- آڳون آڳون ڪري هاڻي، وار ڪُٽا اٽس ماڻهين.
- ڪُتو بہ ان کي ڏاڙهي تہ موچڑا بہ اُن کي لڳن.
- سَتي نہ چڙهي ڏاڳهہ تہ ٽئي ڪتن هاب.
- لاڪا لهراڻي لهر بحر جا سائين.
- جوتِ ٻري، ٽِڪرُ ٽري.
- سنجها جا سائين، ٻيڑا ٻني لائين.
- جَلُ پيو، پاپ ويو.
- برهمڻ جو وچنُ، سورج جي ساک.
- پيءُ ڏيڪاريا شراڌ ڪر.
- جَجَمانَ ڪٺ تي تہ برهمڻ ٺٺ تي.
- مردو سرگ وڃي يا نرڪ وڃي، برهمڻ جو ٺڪو گڙو.
- مُئي جو ڏيئو ڏهہ ڏينهن.
- برهمڻ کي سونو ڪٽورو هٿ ۾ آهي.
- ٻانيڻ ٻانهن لاءِ محتاج.
- ويئي ٽِتِ ٻانيڻ بہ نہ واچي.

اڃڪٽيون:

- هاڪ وهندو هاڪڙو پڃندي ٻنڌ اروڙ،
  ٻهہ ميڃي ۽ لوڙهہ سمي ويندا سوڪڙي.

* هت ڏنل پهاڪن/ چوٽين جو پس منظر گهڻو ڪري هندو ڌرم ۽ اُن جي مجيندڙن جي باري ۾ آهي.

- ستانوي ست چوڑسي، انانوي هٽتار،
نوانوي نر جاڳندا، سؤ پوي جيڪار.

ڪِل مذاق ۽ چيڑائڻُ:

هر ٻوليءَ ۾ ڪجھ اھڑيون چوٽيون ملن ٿيون، جن ۾ ڪو گھرُو مطلب نہ ھوندو آھي. اِنھن جو مقصد فقط ڪنھن سان ڪِل مسخري ڪرڻ يا ڪنھن کي چيڑائڻ ھوندو آھي. سنڌيءَ ۾ اِن قسم جون ڪجھ چوٽيون ھن ريت آھن:

- ڪاٺا سوامي نمسڪار! چي لڑائيءَ جا ڪي ٻيا پار.
- ايڪ اڪيا، مھابلي.
- شيرو ٻلو شاھ جو، نہ پيءُ جو نہ ماءُ جو.
- گنجو وينو ميٺُ مڑائي، وار نہ اٽس چاکي لائي،
ھٿ پري ٿو ڳُئيءَ کي لائي.
- خيرپوري نيت بري، ھٿ ۾ قرآن ڪچ ۾ ڇُري.
- بندرو شيطان آھي.
- بندرو ٻَڌي سندرو تہ الله ٻہ نہ پُڄيس.
- حيدرآبادي مُڱ سوادي، ڪِن ڪُتين سان شادي.
- شڪارپوري نيت بُري، مڱائين ھڪڑي تہ پرٽائين ٻي.
- ٻٽيھ منڊ منڊي ۾، اسيءَ ۾ ڪاٽو،
جڏھن گنجو ساماٽو، تڏھن مڑني ڪٽي ماڻ ڪئي.
- لوُلي ڇُٽي ڪتڻ کان نچڻ لڳس ٻار.

5.8 ادبي چوٽيون:

عام طور پھاڪن جو جنم روزاني زندگيءَ ۾ ڪتب ايندڙ ڳالھ ٻولھ جي ٻوليءَ مان ٿيندو آھي، پر اُن سان گڏ اھو ٻہ ڏنو ويو آھي تہ ڪن حالتن ۾ مشھور شاعرن جون ڪي ٽُڪون يا پد ٻہ عوام ۾ ايتري قدر مروج ٿي وڃن ٿا، جو اُھي گفتگوءَ ۾ پھاڪن ۽ چوٽين جي شڪل ۾ استعمال ڪيا وڃن ٿا. اُنھن کي اسان ادبي يا ساھتيڪ چوٽيون سڏي سگھون ٿا. عام چوٽين کان اِھي ان ڳالھ ۾ الڳ آھن،

جو اُنھن جي رچيندڙ شاعرن جي اسان کي ڄاڻ آھي. وقت گذرندي جيڪڏھن اُنھن جي رچيندڙن جي ڄاڻ نہ رھي تہ پوءِ اھي پڻ ٻين عام پھاڪن ۽ چوٽين جي قطار ۾ داخل ٿي ويندیون. اُنھن ادبي چوٽين جا ڪجھ مثال ھن ريت آھن:

شاھ لطيف جي ڪلام مان ڪجھ ٽُڪون (مصرعون):

- اکر پڑھ الف جو، ٻيا ورق سڀ وسار.
- اندر تون اُجار، پنا پڑھندين ڪيترا.
- تتيءَ ٽڏيءَ کاھ، ڪانھي ويل ويھڻ جي.
- پاڻي مٽي جھُوپڑا، مورک اُڄ مرن.
- پڑاڏو سوئي سڏ، ورُ وائي جو جي لھين.
- جي ليلائي نہ لھين، تہ پڻ ليلائج.
- ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي کھڑا پرين.
- ڏات ناھي ذات تي، جو وھي سو لھي.
- ڏک سکن جي سونھن، گھوريا سک ڏکن ري.
- ڪي اوڏائي ڏور، ڪي ڏور ٻہ اوڏا سپرين.
- نِمي گمي نھار، ڏمر وڏو ڏک.
- مينھن منداڻتا وسڻا، سدا وسين تون.
- واجھائي وطن کي، ساري ڏيان ساھ.

ساميءَ جي سلوڪن مان ٽُڪون:

- اَوِديا ڀُلائي، وڏو جيءُ ڀرم ۾.
- ستگُر جھڑو شاھُ، ڪونہ ڏنوسين ڪاٿھين.
- پانھجو پاڻ رُلي، ٿو چوراسيءَ ۾ جيءُ ھِي.
- گھر ۾ رام رھي، مورک ڪولھي دھ- دِسا.
- عشق عقل آھن، ٻئي پَرَ پکيءَ جا.

ھنديءَ جا سنت ڪَوي:

- اجگر ڪري نہ چاکري، پنچي ڪري نہ ڪام،
- داس ملوُڪا کھہ گئي، سب ڪري داتا رام. (ملوڪداس)

- ڪبيرا ڪڙا بازار ۾ لِئي لُڪاني هات،
  جو گهر ڦونڪي آپنا، چلي هماري ساٿ. (ڪبير)
- پراڌين سپني سُک ناهين. (تُلسي)
- پر پُتا پائِي، ڪاهِ مَدَ ناهين. (تُلسي)
- بِن مانگي موتي مِلي، مانگي مِلي نہ پيک. (رحيم)
- بڙا هوُئا تو ڪيا هوُئا، جئسي پيڙ کجُور،
  پنڌي ڪو چايا نهين، ڦل لاگي اتِ دور. (رحيم)
- گُرو گوبند دوئوُ ڪڙي، ڪا ڪئي لاگون پاين،
  بَلِهاري گُرو آپڻو، گوبند دِيو مِلايَ. (ڪبير)
- ماٽي ڪهي ڪُمهاري سي، تون ڪيا روندي موهن،
  اِڪ دن ايسا آئيَگا، مين روندونگي تايَ. (ڪبير)
- جات نہ پوُڇوُ ساڌ ڪي، پُوچ ليجئي گيان. (ڪبير)

پچاڙي:

هتي سنڌي پهاڪن جو ٻوليءَ جي تخليق، شاعريءَ جي علم جي اصولن، تهذيب ۽ ثقافت جي لحاظ کان اڀياس ڪيو ويو آهي. پهاڪا عوام جي تجربن مان پيدا ٿيا آهن. اِهو تجربو ٻه اُن قسم جو آهي، جيڪو عام روزاني وهنواري زندگيءَ ۾ حاصل ڪن ٿا. اِن ڪري سنڌي پهاڪن ۾ سنڌي عوام جي آزمودن جو عڪس آسانيءَ سان پسي سگهجي ٿو. سنڌ جي تاريخ ۾ ته فقط بادشاهن ۽ شهنشاهن جي ڪارنامن جو، جنگين ۽ لڙاين جو ۽ ٻين اهم واقعن جو ڇڻ ملي ٿو پر پهاڪن ۾ اسان کي عام ماڻهن جي زندگيءَ جي جهلڪ نظر اچي ٿي. جيئن ته پهاڪا عوام جي شخصي آزمودن جي پيدائش آهن، اِن ڪري اُنهن ۾ تضاد يا تڪراري ويچار ٻه ملن ٿا.

پهاڪا زباني طور پيڙهي در پيڙهي هلندا آيا آهن ۽ اسان کي وراثت ۾ حاصل ٿيا آهن. اِن ڪري اِهو فطري آهي ته وقت گذرندي گهٽيئي پهاڪا گم ٿي ويا هجن. هن وقت سنڌيءَ ۾ چوٽين جو جيڪو وڏي ۾ وڏو مجموعو آهي (سنڌي پهاڪا ۽ محاورا: مرليڌر جيٺلي)

تنهن ۾ ٻه ڏهن هزارن کان وڌيڪ پهاڪا قلمبند ٿيل آهن. اُنهن جي اڀياس کانپوءِ ٻه اسان کي وقت بوقت ڪي اهڙا پهاڪا ٻڌڻ ۾ ايندا آهن، جيڪي اسان لاءِ نوان هوندا آهن. اِن جو هڪ ڪارڻ اهو ٻه آهي ته ڪي اهڙا پهاڪا آهن، جن جو پرچار سنڌ جي ڪِن خاص علائقن تائين محدود آهي. ڳوناڻن ۾ مروج گهٽيئي اهڙا پهاڪا ملن ٿا، جيڪي شهري سنڌين جا ٻڌل نہ هوندا آهن. اِن حقيقت کي ڌيان ۾ رکندي اسين چئي سگهون ٿا ته ڪنهن ٻه ٻوليءَ جي پهاڪن جو چاهي ڪيترو ٻه وڏو مجموعو چپائجي، ته ٻه ان کي سؤ سيڪڙو مڪمل مجموعو نہ سڏي سگهبو. پر اِن ڳالهه ۾ ذرو ٻه شڪ نہ آهي ته اڄ ڪالهه جي دؤر ۾ هرهڪ لساني سماج ۾ پهاڪن جو استعمال گهٽي قدر گهٽ ٿي ويو آهي. نوان پهاڪا ٻه تمام گهٽ ٿا ٺهن. ممڪن آهي ته: "جئ جوان، جئ ڪسان"، "ڇوٽا پريوار، سُکي پريوار" جهڙا ٻول جيڪي تازو هڪ نعري جي صورت ۾ پيدا ٿيا آهن، سي وقت گذرندي پهاڪا ٻڌجي وڃن. پر هر ٻوليءَ ۾ پهاڪن جو گهٽو تعداد اُهو آهي، جنهن جو جنم ڇگو آڳاٽي دور ۾ ٿيو هو. اِن ڪري اُنهن ۾ اسان کي ڪنهن ٻوليءَ جي سماج ۽ ميدان جي آڳاٽي دور جي تصوير ملي ٿي.

اِنهن حقيقتن کي ڌيان ۾ رکي اسان کي سنڌي ٻولي ۽ اُن جي لهجن ۾ مرُوج پهاڪن جو وڏو مجموعو تيار ڪري چپائڻ گهرجي، نہ ته پارت جي موجوده حالتن ۾ وڏي ڄمار جي سنڌين جي هلئي وڃڻ پڇاڻا اسان جا گهٽا پهاڪا ٻه هميشہ لاءِ زماني جي دز ۾ لٽجي گم ٿي ويندا.

✡

چونڊ مددي ڪتاب

سنڌي

- الانا، غلام علي، *لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ*، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 1977ع.
- اصغر، غلام، *سنڌي ڪٿمڻڙا (اصطلاح)*، حيدرآباد سنڌ، 1956ع.
- آڏواڻي، ڪيولرام سلامتراءِ، *گلشڪر*، گورنمينٽ بڪ ڊيپو، ڪراچي، 1905ع.
- آڏواڻي، پيرومل مهرچند، *گلقند (ٻہ پاڳا)*، حيدرآباد سنڌ، 1928ع.
- آڏواڻي، پيرومل مهرچند، *پھاڪن جي پيڙھ*، حيدرآباد سنڌ، 1925ع.
- آشا، ديال، *سنڌي شعر جي تاريخ*، اَنجلي پرڪاش، اُلھاس نگر، 1984ع.
- ڪشناڻي، سنتداس پُنھون مل، *سنڌي پھاڪا ۽ محاورا ڪوش*، (ايڊيٽر: جيٺلي مرليڏر)، پي. وي ڪشناڻي ٽرسٽ، پوني، 1993ع.
- ڪلناڻي، ڪوڙومل چندن مل، *سنڌي پھاڪا*، ڪراچي، 1889ع.
- ڪلاڻي، لڪمي، ايڊيٽر: *سنڌي ڪچي لوڪ سنسڪرتي*، اِنڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، آدي پُور، ڪچ، 1996ع.
- جڙياسنگھاڻي، ستارام داس سائل، *دُرنِ جي دٻلي (پھاڪا ۽ چوٽيون)*، احمد آباد، 1982ع.
- جڙيا سنگھاڻي، ستارام داس سائل، *ماٺڪ موتي (محاورا ۽ ورجيسيون)*، احمد آباد، 1982ع.
- جيٺلي، مرليڏر ڪشنچند، *سنڌي لوڪ سنسڪرتي، رھاڻ*، راجستان سنڌي اڪيڊمي، 1992ع.
- جيٺلي، مرليڏر ڪشنچند، *سنڌي پھاڪا ۽ محاورا: ھڪ اڀياس*، ڪشناڻي ٽرسٽ، پٽي، 1993ع.

- جيٺلي، مرليڏر ڪشنچند، *سنڌي ساھتيہ جو اِتھاس*، سنڌو سماج، دھلي 1972ع.
- جيٺلي، مرليڏر ڪشنچند، *ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ، (سنڌي ٻوليءَ جون لپيون)*، دھلي، 1999ع.
- ٽالپر، الله بخش، *پھاڪن جي پيڙھ*، حيدرآباد سنڌ، 1969ع.
- ڏانڊا، موروملچيتن داس، *پھاڪن جي سوغات*، جئ پور، 2000ع.
- پڳٽ، گھنشيام داس رامن داس، *سنڌي ٻوليءَ جي سونھن (سنڌي اصطلاح)*، حيدرآباد سنڌ، 1910ع.
- پارتي، نارايڻ، *سنڌي لوڪ گيتن ۾ سماجڪ پسمنظر*، الھاس نگر، 1991ع.
- پارتي، نارايڻ، *سنڌي لوڪ ساھت*، سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن، اُلھاس نگر، 1998ع.
- مٽلاڻي، ٻلديو، (سن) *سنڌي لوڪ ادب*، ڊپارٽمينٽ آف سنڌي، ممبئي يونيورسٽي، ممبئي 1998ع.
- مٽلاڻي، ٻلديو، (سن) *سنڌي ٻوليءَ جا ھزار سال*، ڊپارٽمينٽ آف سنڌي، ممبئي يونيورسٽي، ممبئي، 2000ع.
- مرزا قليچ بيگ، *پھاڪن جي حڪمت*، حيدرآباد سنڌ، 1928ع.
- لالواڻي ڄينو، *سنڌي فوڪ لور*، احمد آباد، 2000ع.
- لالواڻي ڄينو، *ٻنيءَ جو سنڌي لوڪ ادب*، احمد آباد، 1992ع.
- سنديلو، عبدالڪريم، *اصطلاحن جي اصليت*، لاڙڪاٽو سنڌ، 1987ع.
- سنديلو، عبدالڪريم، *پھاڪن جي پاڻ*، لاڙڪاٽو، سنڌ، 1966ع.
- سنديلو، عبدالڪريم، *لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو*، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو، 1986ع
- ھاٿيراماڻي، تيرٿ داس پيسومل، پھاڪن جي پاٻوھ، ممبئي، 1973ع.

هندي:

- ڪنُموري، ويرا وينڪٽ لڪشمي، نرسنھ راوَ، *تيلگو اور هندي لوڪِيڪتِيان*، پارتيبه پاشا سنستان، ميسور، 1975ع.
- گپت، اوم پرڪاش، *محاورا ميمانسا*، بِهار راشٽر پاشا پريشد، پٽنا، 1960ع.
- گپت، ڪرشنانند، (سن) *هندستاني ڪهاوت ڪوش* (فئلنڪرت ڪوش ڪا هندي انواد)، نيشنل بُڪ ٽرسٽ، نئي دهلي، 1968ع.
- تيواري، پولاناٿ، (سن) *برهد هندي محاورا ڪوش* (دِوتيبه سنسڪرڻ)، ساهتيه سهڪار، دهلي، 1993ع.
- تيواري، پولاناٿ، (سن) *برهد هندي لوڪوڪِت ڪوش*، شبدڪار، ترڪمان گيٽ، دهلي، 1985ع.
- تيواري، ششِي شيکر، پوجپُوري لوڪوڪِتيان، بهار راشٽر پاشا پريشد، پٽنا، 1970ع.
- دڪشٹامورتي، اين. ايس. *هندي اور تيلُگوُ ڪهاوتون* ڪا ٹُلناتمڪ اڌيَين، مئسور، 1966ع.
- نروَٹي، وِشوَناٿ دِنڪر، پارتيبهَ ڪهاوت ڪوش (ٽن حصن ۾)، ترويٹي سنگم، پريات رودِ، پوني، 1978ع، 1979ع، 1983ع.
- مشر، پوَنيشوَرناٿ ۽ مشر وڪرماڊِتيهَ، *ڪهاوت ڪوش (پوجپوري ڪهاوتين)*، بِهار راشٽرياشا پريشد، پٽنا، 1965ع.
- ورما جئ نارايڻ، *هرياڻوي لوڪوڪتيان*: شاستريهَ وشليشڻ، آدرش ساهتيه پرڪاشن، دهلي 1972ع.
- شرما، ڪرشڻچند، *ڪؤروي، واڪ پڌتِ اور لوڪوڪت ڪوش*، امِت پرڪاشن، غازي آباد، 1970ع.
- شرما شوپارام، ورگيڪرت هندي لوڪوڪِت ڪوش، تڪششلا پرڪاشن، نئي دهلي، 1983ع.
- ستيندر، *لوڪ ساهتيه وگيان*، شِولال اگروال اينڈ ڪمپني، آگرا، 1979ع.

- سهل، ڪنهيالال، *راجستاني ڪهاوتين*، بنگال هندي منڈل، ڪلڪتا، 1960ع.
- سهل، ڪنهيالال، *راجستاني ڪهاوتين: ايڪ اڌيين*، پارتيبهَ ساهتيه مندر، نئي دهلي، 1958ع.

اُردو:

- آغاسڪر، يونس، اُردو ڪهاوتين اور اُن ڪي سماجي و لساني پهلو، مادرن پبلشنگ هائوس، نئي دهلي، 1988ع.
- قمر رئيس (سن) *اردو ۾ لوڪ ادب*، سيمانت پرڪاشن، نئي دهلي، 1990ع.

مراٹي:

- داتي، يَشونت رامڪرشڻ اينڈ ڪروي، چنتامڻ گڻيش، مهاراشٽر، واڪسنپردايه ڪوش، (بن پاگن ۾)، مهاراشٽر ڪوش منڈل، پُٹي، 1942ع.

گجراتي:

- ڪاراڻي، ڏُليرايه، *ڪچي ڪهيوَتو*، گجرات راجيه لوڪ ساهتيه سميتي، احمد آباد 1976ع.
- شاهه، آشارام دليچند، *گجراتي ڪهيوَت سنگرهه*، سَستون ساهتيه ورڌڪ ڪاريالهَ، ممبئي، 1954ع.

✡